تاريخي مادیت

Historical Materialism

An outline of Marxist Theory of Society

ولادليسلاف کيلي

ماتوي کوائيزون

سنڌيڪار

ملوک لُنڊ

پيڪاڪ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

تاريخي مادیت

Historical Materialism

An outline of Marxist Theory of Society

لیکک

ولادليسلاف كيلي

ماتوي كوائيزون

سنڌيڪار

ملوك لُنڊ

پيڪاڪ

پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب:	**تاريخي مادیت**
ليکڪ:	ولادليسلاف ڪيلي ۽ ماتوي ڪوائيزون
سنڌيڪار:	ملوڪ لُند
ڇاپو پهريون:	جون 2016ع
تعداد:	1000 ڪاپيون
ڪمپوزر:	سيد آفاق شاهه ۽ محمد اقبال
لي آئوٽ / ٽائيٽل:	ظفر آفتاب ابڙو
ڇاپائيندڙ:	پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي
سهڪار:	سيف الملوڪ پبليڪيشن، ڇاڻو شاهه آباد، دادو، سنڌ
رابطي لاءِ:	0346-3972282, 0346-7403399
قيمت:	**600 روپيا**

ISBN # 978-969-9543-24-1

Book:	*Tarikhi Madiyat (Historical Materialism)*
Author:	*Valdaf Kily and Mative Kovozaine*
Translator:	*Malook Lund*
Edition First:	*June 2016*
Quantity:	*1000 copies*
Composer:	*Syed Aafaq Shah and M. Iqbal Abro*
Title:	*Zafar Aftab Abro*
Price:	*Rs. 600*
Collaboration :	*Saifulmaluk Publication, Shano Shahabad Dadu*
Published by:	*Peacock Printers & Publishers, Karachi*

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ بڪ هائوس

404 رفيق سينٽر، ويجهو زينب مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي.

فون نمبر: 021 35682020, 021 35680607

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

- ادار پاران 5
- هن ڪتاب بابت 7

1. باب پهريون: سماجياتي ادراڪ جون خصوصيتون ۽ مشڪلاتون 9
2. باب ٻيو: سماجياتي تحقيق جي فلسفي جا لازمي شرط 35
3. باب ٽيون: سماجي نظام 52
4. باب چوٿون: عالمي تاريخ جي خارجي منطق 94
5. باب پنجون: سماج ۽ ثقافت 152
6. باب ڇهون: تاريخي عمل جا محرڪ 177
7. باب ستون: سماج جي سياسي تنظيم: ڏانچو ۽ حرڪت 218
8. باب اٺون: تاريخي عمل جو روحاني پهلو 263
9. باب نائون: سماج ۽ شخصيت 329
10. باب ڏهون: سماجي ترقي 361

اداري پاران

هن ڪتاب ۾ "تاريخي مادیت" جي حوالي سان سماج جي سڀني پهلوئن جو سائنسي ۽ تنقيدي نقطہ نگاہ کان پرپور انداز ۾ تجزيو ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ اهو موضوع تمام پراڻو آهي، تاريخ جي مختلف دورن ۾ مفڪرن پنهنجي انداز ۾ ان جي تشريح ڪئي آهي. اٽويهين صدي جي آغاز ۾، مارڪس برطانيا جي سرمائيدارانہ ڪردار کي سامهون رکي، ڪتاب "سرمايو" لکي، ان دور جو سائنسي انداز ۾ تجزيو ڪيو هو. اهو بحث پوءِ وڌندو رهيو. جيڪو ويهين صدي جي وچ تائين، پنهنجي جوهر ۾ جلويدار ٿيو ۽ مارڪس کي پنهنجي نظرئي تي ٻيهر نظر وجهندي، "تاريخي مادیت" جو مڪمل ۽ پرپور جائزو پيش ڪرڻو پيو.

حقيقت ۾ گهرائي سان ڏٺو وڃي تہ مارڪس جيڪو سماج جو سائنسي انداز ۾ تجزيو ڪيو ۽ جيڪي نوس حقيقتون سامهون آنديون، تاريخي مادیت سندس ان فلسفي جو هڪ بنيادي جزو آهي، جنهن جو مرڪزي نقطو پيداوار ۽ ان جا وسيلا آهن. جن آڌار سماجَ ترقيون ڪن ٿا ۽ ٻين سماجن تي اثرانداز ٻہ ٿين ٿا. اهي پيداواري وسيلا ئي آهن، جيڪي مجموعي طور انسانن کي متحرڪ ڪن ٿا. وسيلن جي جهجهائي ڦهلاءَ جو سبب بڻجي ٿي. نون سماجن ۾ ان جي اثرن ڪري سماجي قدرن، ٻولي ۽ سوچ جي ڌارا ۾ تبديليون اچن ٿيون. نوان لفظ ۽ اصطلاح مروج ٿين ٿا. اسان جي سوسائٽي ۾ ان جو بهتر مثال ٽيليڪميونيڪيشن آهن. اڄ ٻهراڙي جي ٻار کي ٻہ سمارٽ فون استعمال ڪرڻ اچي ٿي تہ ان سان گڏ، هو انٽرنيٽ وسيلي پنهنجي مطلب جون شيون ڳولي وڃي ٿو. پيداواري ذريعن جي ترقي جي تقاضا آهي تہ محنت ڪرڻ واري وٽ نہ صرف عملي تجربو هجي، بلڪ جديد دور سان هم آهنگ فني ڄاڻ ٻہ هجي. هن وقت اسان جو آبادگار هڪ ايڪڙ مان 30-40 من روايتي پيداوار حاصل ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ جيڪي ملڪ ٽيڪنالاجيءَ جو درست استعمال ڪن ٿا، اُهي 150

مڙ اپت حاصل ڪري رهيا آهن، ايڏا وڏيڪ اپت حاصل ڪن ٿا.

تاريخي مادين تي صحيح معنيٰ ۾ لينن جو تصور سڀني کان وڏيڪ بهتر لڳي ٿو. هن چيو هو ته "سماجي بيهڪ ۾ مادين جو تصور ئي دانائيءَ جو بلند ترين اظهار آهي"

هن وقت به جيڪي نوجوان سائنسي سوچ رکن ٿا، ۽ سماج کي تاريخ سان ملائي مطالعو ڪرڻ گهرن ٿا، انهن لاءِ هي ڪتاب "ڪيميا" ثابت ٿيندو.

اداري، مانواري محقق ۽ مترجم سائين ملوڪ لنڊ جو ٿورائتو آهي، جنهن وڏي اورچائي سان پنهنجو نور نچوڙي هن قسم جو ڪتاب تيار ڪيو آهي، اميد ته اسان جا پڙهندڙ سندس جذبي جو قدر ڪندا.

ڪتاب جي پروفن ۽ ايڊيٽنگ جو ڪم سجاڻ نيڪڪن: ثناءُ الله سومري ۽ جاويد بوزدار جي حوالي ڪيو ويو هو. جن پنهنجين ذميوارين کي سڻي نموني نياپو آهي.

اداري کي پڙهندڙن جي راين جو اوسيئڙو رهندو.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

چيئرمين

پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس

هن ڪتاب بابت

موجوده ڪتاب ۾ سماج جي باري ۾ مارڪسي نظرئي جا بنيادي خيال پيش ڪيا ويا آهن. مصنفن مارڪسي نظرئي جي تشريح جديد معاشري جي ارتقا ۽ عالمي انقلابي عمل جي مسئلن کي پيش نظر رکي ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ سماجي سائنس جا چند نوان سوال به شامل آهن جيڪي هاڻوڪن سالن ۾ مارڪسي فلسفي ۾ زير بحث رهيا آهن ۽ جن تي تحقيق ٿي.

پنهنجي ڏانچي ۽ نوعيت جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب انوکو ۽ نئون آهي. ان ۾ هي موضوع شامل آهن. سماجي ادراڪ جون خصوصيتون ۽ مشڪلاتون، سماجي تحقيق جي فلسفي جا لازمي شرط، سماجي معاشي تشڪيلن جي ساخت ۽ ارتقا، عالمي تاريخ جي خارجي منطق، طبقا ۽ طبقاتي جدوجهد جو مارڪسي نظريو، رياست ۽ انقلاب، سماجي شعور جي ترقيءَ جون خصوصيتون ۽ ان جي ساخت، فرد ۽ معاشري جو باهمي تعلق ڪتاب جي آخر ۾ جيڪو باب آهي ان ۾ سماج جي ترقي (هڪ واحد سالم عمل جي حيثيت سان) جي ادراڪ جي مارڪسي اصول جا تفصيل ڏنا ويا آهن.

موجوده ڪتاب انهن ماڻهن لاءِ لاياڻتو ٿيندو جيڪي ڪنهن تعصب جي بغير مادين جي نقطئ نظر سان تاريخ جي علم جو جوهر سمجهڻ گهرن ٿا.

ولاديسلاف ڪيلي فلسفي جو ڊاڪٽر، پروفيسر، سوويت سائنس اڪيڈمي جي تحت فلسفي جي انسٽيٽيوٽ ۾ تاريخي مادين جي شعبي جو صدر رهيو آهي. ولاديسلاف ڪيلي 1920ع ۾ پيدا ٿيو. هو ماسڪو يونيورسٽي جي فلسفي جي شعبي مان فارغ التحصيل ٿيو. 1947ع کان 1963ع تائين اتي فلسفي جي تعليم ڏني. 1963ع کان پوءِ سوويت سائنس اڪيڈمي تحت فلسفي جي انسٽيٽيوٽ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. فلسفي ۾

پروفيسر ڪيلي جي خاص دلچسپيءَ جو موضوع تاريخي مادیت جي نظرئي جا مسئلا ۽ سماجي شعور جي تحقيق جا مسئلا آهن. هن جا تر ڪان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن مان ٻہ پروفيسر ڪوائزون سان گڏجي لکيا آهن. اهي آهن "سماجي شعور جون صورتون" 1959ع ۽ "تاريخي مادیت" (ليڪچرن جو ڪورس) مجموعو جنهن جو پهريون ايڊيشن 1962ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو نئين سر ترتيب ڏيئي 1969ع ۾ شايع ڪيو ويو.

ماتوي ڪوائزون- فلسفي جو ڊاڪٽر، ماسڪو يونيورسٽي جو پروفيسر 1913ع ۾ پيدا ٿيو. هو فلسفي، تاريخ ۽ ادب جي انسٽيٽيوٽ جي فلسفي جي شعبي مان فارغ التحصيل ٿيو.

پروفيسر ڪوائزون پنهنجي سائنسي تحقيق ۾ خاص توجهہ تاريخي مادیت جي مسئلن ۽ مارڪسي فلسفي جي تاريخ تي ڏنو. سندس تقريباً ستر تصنيفون شايع ٿي چڪيون آهن.

باب پهريون

سماجي ادراڪ جون خصوصيتون ۽ مشڪلاتون

ماڻهو سماج ۾ رهڻ ۽ ڪم نه ٿا ڪن بلڪ ان جو علم به حاصل ڪن ٿا، بلڪل ايئن جيئن اهي پنهنجي اردگرد جي فطرت جو علم حاصل ڪن ٿا. سماج جو اِدراڪ انسان جي صرف پنهنجي قريبي سماجي ماحول کي احساسن ذريعي سمجهڻ تائين محدود نه هوندو آهي، بلڪ دراصل اهو سموري سماجي زندگيءَ جي ڳولا آهي. انساني سماج اهڙي منجهيل شيءِ آهي جيڪو ماڻهن ۽ فطرت جي باهمي عمل ۽ ماڻهو ماڻهوءَ جي ڳڏيل عمل سان پيدا ٿئي ٿو ماڻهو ان جو عمل ۽ ان جا لاڳاپا اها سماجي حقيقت آهي جنهن جو سماجي ادراڪ سان سڌو سنئون تعلق آهي.

سماج مڪان تي ڦهليل آهي ۽ تاريخي زماني کان اڳ ۾ به ماڻهو ڏرتيءَ تي آباد هئا ۽ برادرين ۽ قبيلن وانگر لڳ ڀڳ هڪ ٻئي کان الڳ مڪاني گروهن تي مشتمل هئا، جن بعد ۾ نشو نما پائي قوميتن جي صورت ورتي ۽ جن وري رياستن جي شڪل اختيار ڪئي. سماج جو وجود زمان ۽ مُعَيَنُ تاريخ ۾ به آهي. انفرادي انساني وحدتن ۽ انهن جي درميان تعلقات جي تاريخ مان ئي انسانيت يا سماج جي تاريخ نهي ٿي ته وري سماجي ادراڪ، انساني تاريخ جو ان جي سمورن مڪر ۽ فريبن سميت ادراڪ آهي.

صرف سائنس ئي مجموعي طور تي سماج ۽ ان جي تاريخ جي پيماني تي انسانن جي سرگرمي ۽ انهن جي لاڳاپن جي جوهر جو ادراڪ ڪرڻ جي قابل آهي. هر ادراڪ وانگر سماج جي سائنسي ادراڪ جي ابتدا حقيقتن ۽ واقعن جي بيان سان ٿئي ٿي، پر حقيقتون سائنس جو مواد هونديون آهن، نه ڪي بذات خود سائنس. سائنس ڪليات کان اتان شروع ٿئي ٿي جتي قوانين دريافت ٿين ٿا ۽ حقيقتن جي معتبر تشريح ڪندي

نظريو ظاهر ٿئي ٿو. ان جو اطلاق سماجي ادراڪ تي ٿيندو وڃي ته ان جو مقصد اهو ٿيندو ته انسانن جي عمل ۽ انهن جي باهمي تعلقات جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نظرئي کي ڏيکارڻو پوندو ته انسان تاريخ جي تخليق جهڙيءَ طرح ڪن ٿا، ايئن ڇو ٿا ڪن؟ ڪنهن ٻني نموني ڇونه ٿا ڪن. پر ڇا اهو ممڪن آهي؟ آخر ماڻهو آزاد آهن، اهي چاهين ته عمل جو ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪن. اڪثر حالتن ۾ انسان ان جي وضاحت نه ٿو ڪري سگهي ته هن هڪ جهڙو عمل ڇو ڪيو. ٻيءَ طرح ڇونه. ته پوءِ اسان انسانن جي عمل جي ڪيئن چند چاڻ ڪريون. خاص طور تي جڏهن معاملو ڪروڙن تائين پهچي ٿو؟ تاريخ جي سلسلي ۾ انساني سرگرمين جي سائنسي تشريح ڪرڻ واقعي انتهائي ڏکيو نظرياتي ڪم آهي. ڇا اهو ڪري سگهجي ٿو؟ نوڪانٽين(۱) وانگر بعض فيلسوفن جو خيال آهي ته ايئن نه ٿو ٿي سگهي ڇو ته سندن عقيدو آهي ته سائنس صرف فطرت جي مظهرن ۽ عوامل جي وضاحت ڪرڻ ۾ پنهنجي صلاحيت جو ثبوت ڏنو آهي پر تاريخي عمل، سماج ۽ ماڻهن جي سرگرمي سائنسي تشريح جي وس ۾ ناهي. نيمڪري نئون ڪانٽي ريڪرٽ لکي ٿو ته: "طبعي ۽ تاريخي سائنسن جيڪي تصور معين ڪن ٿيون تن ۾ هميشه بنيادي منطقي هجڻ گهرجي (2)

اهو ڪو بغير سوچيل سمجهيل جملو ڪونهي، بلڪ هڪ مخصوص نقطهء نظر آهي. ريڪرٽ، ونڊيلباند ۽ بادين مڪتب خيال جي بين نمائندن طبعي سائنس ۽ سماجي سائنس جي وچ ۾ ان بنياد تي حد فاصل ڪيڙي ڇڏي آهي ته فطرت جي برعڪس سماج جي اندر سمورا مظهر انفرادي ۽ بي مثال هجن ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو طبيعي علم آزادي سان

---

۱. جديد ڪانٽ ازم يورجوا فلسفي جو هڪ رجحان آهي جيڪو اوڻويهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ نمودار ٿيو. جنهن جو مقصد ممتاز جرمن مفڪر امانوئل ڪانٽ (1724-1804ع) جي افڪار کي نرڻي ڏيارن ۽ ان جي اصلاح ڪرڻ هو. جيتري قدر سرمائيدارانه معاشري جي نون سماجي ۽ نظرياتي ضرورتن تي ان جي اطلاق جو تعلق آهي. نوڪانٽزم جي شمار رجحان ۽ تحريڪ فڪر شامل آهن. هڪ ڪاپي ڏر جو فڪر به آهي (19ع صدي جي آخر ۾ ۽ 20ع صديءَ جي ابتدا ۾) جنهن تاريخ جي مختلف پهلوئن تي زور ڏنو آهي.

2 . .Heinrich Rickert Die Grezen der Nature wisent

گڏ عام قائدو (ڪُليو) ناهڻ جو طريقو (Generalizing method) استعمال ڪن ٿا. ان جي ٻيٽ ۾ تاريخي علم منفرد ڪرڻ جي طريقي (Individualizing method) کي ڪم ۾ آڻڻ کان علاوه ٻيو ڪجهه نه ٿا ڪري سگهن. اول الذڪر فطرت جا اندروني قوانين ۽ ان جا محرڪ دريافت ڪن ٿا (تنهنڪري انهن کي homothetic چيو وڃي ٿو) ۽ فطرتي عوامل جي راهن جي وضاحت ۽ اڳڪٿي ڪندا آهن. انهن جي مقابلي ۾ آخر الذڪر کي تز تاريخ جا منفرد ۽ بي مثال واقعات بيان ڪرڻ تائين محدود رهڻو پوي ٿو. نوان ڪانٽي سماجي سائنسن کي تصوري رسم الخطي يا بيانيه (Ideographic) چوندا آهن ۽ ايجاتائين سماجي سائنس تي ان خيال جي ڇاپ موجود آهي. سماجي ادراڪ (شعور) جي امڪانن جي باري ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي ايجاتائين شڪ آهي. پر ان جي برعڪس ٻين، سماجي سائنس جي ادراڪي صلاحيتن ۽ رسائي جي قوت تي عدم اعتماد جي خلاف تعجب ايتري قدر جو ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. بهرحال، هتي جذبات خارج ازبحث آهن، جنهن شيءِ جي پڙتال ڪرڻ جي ضرورت آهي سا آهي معاملي جو جوهر. ڇا واقعي سماج کان فطرت جا ۽ سماجي ادراڪ کان طبيعي سائنسن جي جديد ڪانٽ پرستانه تقابل کي قبول ڪرڻ گهرجي؟ جيئن ته حقيقت ۾ سماج فطرت کان مختلف آهي ان مان اهو تاثر پيدا ٿي سگهي ٿو ته متئين بيان ڪيل خيال ۾ ڪجهه سچائي آهي. ليڪن اها ڳالهه ڏيان ۾ رکڻي پوندي ته سائنس ۾ تڪڙو حسياتي عمل، اسان جي معاملي ۾ سماج ۽ فطرت جو ظاهري فرق تمام گهٽ اهميت رکي ٿو. نيٺ ڏرتيءَ جي گولي بابت هاڻي هيءَ ڳالهه صريحاً ميڃي وئي آهي ته اها گول آهي ،اڳي گذريل زماني ۾ ان تي اعتراض واريو ويندو هو ڇو ته بظاهر جيڪو نظر ايندو هو، سو ان جي منافي هو. لهٰذا سماج ۽ فطرت جي ظاهري فرق کي جديد ڪانٽي خيال جي حمايت ۾ معقول دليل طور قبول نه ٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري اسان جو پهريون ڪم اهو پتو لڳائڻ اهي ته سماجي ادراڪ جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن ۽ ان کي ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش آهن. تنهن کان پوءِ اسان اهو ڏسنداسين ته انهن مشڪلاتن کي ختم ڪرڻ ۾ سماجي سائنس ڇا ڪيو آهي.

فطرت جي برعڪس سماجي زندگي جي خصوصيتن کي ۽ نتيجي ۾ سماجي ادراڪ جي مشڪلات کي جامع صورت ۾ هنن لفظن ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

پهريون، فطرت ۾ جيڪا به شيءِ ظاهر ٿئي ٿي تنهن جا فطرتي سبب هوندا آهن. فطرت ۾ جيڪي قوتون هڪ ٻئي تي عمل ڪن ٿيون سي انڌيون ۽ پنهنجي روءِ سُوءِ هونديون آهن. مثال طور ڪنهن وٽ تي ڪِنوڙ ڪري ٿي، تيز هوا سان شعلا پڙڪي اٿن ٿا، باهه سان جهنگ جا وڻ سڙي رک ٿي وڃن ٿا، رک زمين کي زرخيز بڻائي ڇڏي ٿي وغيره وغيرهه، ۽ اهو سڀ فطري سببن ۽ نتيجن جي اڻ ڪُٽ سلسلي جي صورت ۾ ٿئي ٿو جنهن جو سبب بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ سائنسي تجزيو ۽ تشريح ڪري سگهجي ٿي. اهو ڪنهن طئي ٿيل مقصد يا شعور يا ارادي جي تابع نه ٿو ٿئي.

انساني سماج جو معاملو ڪجهه ٻيو آهي. ان ۾ جيڪو ڪجهه به واقع ٿئي ٿو، سو ماڻهن جي سرگرمي ۽ ان جي گڏيل عمل جو نتيجو هوندو آهي. ليڪن انسان باشعور هستي آهي ۽ انهن مان هر هڪ جيڪو ڪجهه به ڪري ٿو سو ڪنهن نه ڪنهن طرح اڳ ۾ دماغ مان ئي گذري ٿو. انسان جذبي، غور و فڪر يا بدترين حالت ۾ دل جي اُمنگ جي زيراثر ئي عمل ڪري ٿو. جيڪڏهن ايئن آهي ته پوءِ قدرتي تاثر اهو هوندو ته فطرت وانگر سماج جو سائنسي تجزيو ڪرڻ ناممڪن آهي. سچ پچ ته انهن سمورن خيالن، نظرين، خواهشن، تمنائن، جذبات ۽ دل جي اُمنگن جو حساب لڳائڻ واقعي ناممڪن آهي، جيڪي ماڻهن کي عمل جي ترغيب ڏين ٿا ۽ ايئن سماجي نتيجا پيدا ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ مشهور فرانسيسي فيلسوف پال دي هولباخ لکي ٿو ته انهن خوفناڪ هلچلن ۾ جيڪي ڪڏهن ڪڏهن سياسي سماجن جا بنياد لوڏي وجهن ٿيون ۽ جن جي بدولت اڪثر سلطنتون تباهه ٿي ويندیون آهن، تباهه ڪرڻ وارن يا تباهه ٿيندڙن جي حيثيت سان انقلاب لاءِ حصو وٺڻ وارن عالمن جو هڪ به عمل هڪ به لفظ هڪ به خيال هڪ به دل جي امنگ هڪ به جذبو اهڙو ڪونهي هوندو جيڪو ان اخلاقيءَ ڪن ۾ انهن ماڻهن جي حيثيت جي مطابق بي خطا انهن نتيجن جي اسباب وانگر ڪم ڪندو هجي، جيڪي ان کي پيدا ڪرڻا

آهن. اهو هڪ اهڙي ذهن تي چڱيءَ طرح چٽو ٿي ويندو جيڪو انقلاب ۾ حصو ونڊ وارن ذهنن ۽ جسمن جي سموري عمل ۽ رد عمل کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي صلاحيت رکي ٿو.(3)

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته هولباغ غلطي تي آهي. مادي ذرڙن جي گڏيل عمل سان بند ڪندي به ماهر طبيعيات سمورن نتيجن جي بلڪل صحيح صحيح اڳڪٿي ڪري ڪان انڪار ڪندا آهن پوته سندن گڏيل عمل ۾ اتفاق ۽ لزوم ٻئي شامل هجن ٿا ۽ جيڪڏهن سماج تي بحث ڪيو وڃي ته اهو ڪم عملي ۽ نظرياتي ٻنهي پهلوئن کان ناممڪن آهي، صرف ان لاءِ نه، ته فطرت وانگر سماج ۾ به اتفاق جي ڪار فرمائي هجي ٿي ۽ هر سماجي عمل ۾ بي انتها مختلف قسم جا رابطا، تعلقات، گڏيل عمل ۽ عناصر موجود ۽ عمل پيرا ۽ هڪ ٻئي سان سلهاڙيل هوندا آهن بلڪ ان لاءِ ته شعور، ارادا، جذبات وغيره به اثرانداز ٿين ٿا. تنهنڪري سماج جي ادراڪ کان خاص تقاضائون ڪيون وڃن ٿيون. سماجي مظهر جي ادراڪ جي سلسلي ۾ جنهن شيءِ کي ڏيان ۾ رکڻ جي ضرورت آهي سا اها آهي ته حقيقت ۽ ذهن ۾ داخل پهريائين کان فرض ڪيو ويندو آهي."(4) سماجي ادراڪ جي خاص خصوصيت ۽ ڏکيائي ان ۾ ئي آهي ۽ اها ڏکيائي صرف خارجي ۽ داخلي جي درميان لاڳاپي جو مسئلو حل ڪري ئي دور ڪري سگهجي ٿي.

ٻيو، فطرت ۾ ورجاءُ هر هنڌ ٿئي ٿو. هر روز اوير ۾ سج ايري ٿو، هر موسم بهار ۾ وڻ سرسبز ۽ شاداب ٿين ٿا، مادي جسم گرم ڪرڻ سان ڦهلجن ٿا، هر زنده شيءِ پيدا ٿئي ٿي، زنده رهي ٿي ۽ مري وڃي ٿي. جيتوڻيڪ فطرت ۾ ورجاءُ ۾ مطلق يڪسانيت ڪانهي هوندي پر به مختلف عوامل ۽ مظهرن ۾ ورجاءُ هجڻ واري عناصر جو مشاهدو نسبتاً آسان آهي. فطري مظهر ۾ ورجاءُ ڪرڻ وارن عنصرن جو مطالعو، توڙي فطرتي حالت ۾ ڪيو وڃي يا تجربيگاهه ۾، دير سوير انهن قانونن جي انڪشاف ۾ مدد ڏئي ٿو جن جي فطرت تي حڪمراني هجي ٿي. آخر قانون اهو ئي آهي جيڪو مظهر ۾

3 Paula. Holdback, System de la nature and de loix da money Physique ET du monde moral, London, 1774 P 56.

4. مارڪس "58-1957ع جا معاشياتي ۽ فلسفيانه مسودا (ديباچو)

ڪُلي، لازمي، پائيدار ۽ بار بار ٿئي ٿو.

انساني سماج جو معاملو الڳ آهي. هتي تُنھ عوامل ۽ تاريخي واقعا انتهائي منفرد هوندا آهن ۽ انهن جو ڪڏهن به ڪٽي ورجاءُ ڪونہ ٿو ٿئي. ڪوبہ تاريخي واقعو وٺو ڪٽي اهي يونانين ۽ ايرانين جي درميان جنگيون هجن يا سڪندر اعظم جي مهم، فرانس ۾ عظيم بورجوا انقلاب هجي يا روس ۾ عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب، ٻي عالمي جنگ هجي يا سامراج جي بينڪيتي نظام جي تباهي، اهي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي الڳ الڳ ٻي مثال واقعا آهن ۽ پنهنجي تُنھ شڪل ۾ ڪڏهن به ورجاءُ نہ ٿا ڪن. تہ پوءِ ڇا ان مان اهو نتيجو ڪڍيو وڃي تہ سماج جا ڪي قانون ئي ڪونهن، سماج تي ورجاءُ جي عام سائنسي اصول جو اطلاق نہ ٿو ٿئي ۽ سماجي سائنس نالي جي ڪا شيءِ ٿي ئي نہ ٿي سگهي. ليڪن ان انوکي پٽي کي مطلق نہ سمجهڻ گهرجي. آخر سماجي زندگيءَ ۾ بہ ڪوڙ ساريں ڳالهيون جو تڪرار ٿيندو رهي ٿو ماٺهو پيدا ٿين ٿا، مختلف شيون سکن ٿا، ڪم ڪن ٿا، گهر آباد ڪن ٿا، دوستن سان ملن جلن ٿا، پنهنجي لاءِ مختلف مقصد مقرر ڪن ٿا وغيرهہ. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انفرادي ضلعن، علائقن، ملڪن، قومن ۽ رياستن جي تُنھ تاريخ جون خصوصيتون، حالاتِ زندگي ۽ طريقن جي سموريں رنگينين جي باوجود جيڪڏهن سماجي زندگيءَ کي وڏيڪ ويجهڙائي کان ڏٺو وڃي تہ اهڙو گهٽو ڪجهہ نظر ايندو جيڪو ڪلياتي ۽ بار بار ٿيڻ وارو هجي ٿو تہ سماجي سائنس جا امڪان هرگز ايترا اونداها ۽ مايوس ڪندڙ ڪونهن. هتي اصل نُقطو ڪُلي ۽ انفرادي جي درميان تعلق جو آهي، جيئن ان جو اطلاق تاريخ تي ڪيو وڃي ٿو.

وڏيڪ ستارن جي نظامن جي ارتقا، تمام ننڍڙي ڪائنات ۾ حرڪت، ارضياتي عوامل، نباتات ۽ حيوانات جي ارتقا، يعني فطرت ۾ حرڪت (چرپر) ۽ ترقيءَ جون سموريون صورتون نسبتا پائيدار حالتن ۾ هجن ٿيون جنهن سان امتياز اندازي ۽ پيمائش جو موقعو ملي ٿو.

اها ڳالهہ سماج ۾ ناهي هوندي تہ پوءِ ان جو تجزيو ڪيئن شروع ڪجي؟

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته انساني سماج جي تاريخ مسلسل حرڪت جي حالت ۾ آهي. لکين ڪروڙين مرد ۽ عورتون زندگي گذارين ٿيون ۽ ڪم ڪن ٿيون گهر آباد ڪن ٿيون ۽ ٻارن کي تاتي وڏو ڪن ٿيون، شهر تعمير ڪن ٿيون، راند روند ۾ حصو وٺن ٿيون، دوستيون رکن ٿيون، وڙهن. جهگڙن ٿيون، نيون زمينون آباد ڪن ٿيون وغيرهه. اهي آهن اهي انتهائي نوع بنوع عناصر جن سان انساني تاريخ جو پورو تاڃي پيٽو تيار ٿئي ٿو. موت ۽ پيدائش سان انسانيت جي سمنڊ جي مسلسل تجديد نئين سر شروعات ٿيندي رهي ٿي، هتي هر شيءِ مسلسل بدلجندي رهي ٿي ۽ بظاهر ائين ٿو معلوم ٿئي ته ان سيلاب کي روڪڻ ۽ شين کي چنڊي چاٽي ڏار ڪرڻ جو ڪو امڪان ڪونهي. ان جي برعڪس ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته تاريخ ۾ مسلسل ارتقا بلڪل ڪانه ٿي ٿئي. هر فرد جو لاڳاپو هڪ مخصوص ثقافت سان هجي ٿو، جنهن مان ان جي ذهن ۽ سرگرمين جي تشڪيل ٿئي ٿي ۽ جيڪا نسبتاً صدين بلڪ هزارن سالن تائين بدلجندي رهي ٿي ۽ هر ثقافت ايتري نرالي هوندي آهي جو ارتقا جي هڪ مشترڪ راهه متعين ڪرڻ جي غرض سان ثقافتن جي هڪ ٻئي سان پيٽ بيسود آهي. اهو علم الانسان جي انهن ماهرن جو خيال آهي جن جو تعلق "ثقافتي علم الانسان" جي مڪتب سان آهي، اهي ماهر قديم ماڻهن جي روزمره جي زندگي ۽ اهڙين ثقافتن جو مطالعو ڪن ٿا جيڪي انتهائي پائيدار آهن ۽ جن ۾ تبديليءَ جي گنجائش گهٽ آهي.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته انساني سماج ۾ مسلسل حرڪت ۽ پائيداري ٻئي شامل آهن ۽ تاريخي عمل جا هي ٻه پهلو مختلف عالمي نظرين ۾ هڪ طرفي طور تي منعڪس ٿين ٿا. هتي سائنس جي آڏو سماجي تشڪيلن کي نمايان ڪرڻ جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو جن مان اهو ممڪن ٿئي ٿو ته تاريخ کي بغير بگاڙڻ جي دورن ۾ ورهايو ويڃي ۽ تاريخي واقعن جي ميلاپ ۾ بار بار ٿيندڙ ۽ پائدار عناصر جي سُڌ پئجي سگهي.

آخر ۾، تز طبعي سائنسي علم جو مافيه عام طور تي سماجي صبتن جي مختلف مفادن کي منعڪس نه ٿو ڪري. اهو ئي سبب آهي جو طبيعي ۽ زميني علمن جو طبقاتي ڪردار نه ٿو هجي. اهو سچ آهي ته انسان کي

تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا اڻ وٽندڙ مثال به ملن ٿا جهڙوڪ ڪليسائي عدالت ۾ گليلو تي ڪيس يا جيوردانو برونو کي جيئري ساڙيو وڃڻ. پر اصل ڪتو اهو آهي ته ان وقت انهن عالمن جي ايجادن جي عملي اهميت جو ماڻهن کي رتيءَ برابر به خيال ڪونه هو. پر اهي ان وقت رائج مذهبي خيالن جي خلاف هيون.

ٻي تاريخي مثال ثابت ڪن ٿا ته طبعي سائنسن جي فراهم ڪيل معلومات جي حڪمت پري توجيه تي ۽ فلسفيانه مقصدن واسطي سائنسي دريافتن مان اخذ ڪيل نتيجن تي طبقاتي مفاد پنهنجو اثر وجهن ٿا.

خود اسان جي زماني ۾ مذهب تمام گهڻو هوشيار ٿي ويو آهي ۽ بادري وڏي واڪي ان کان وڌيڪ کو مطالبو نه ٿا ڪن ته سائنس اهو خدا جي حوالي ڪري ڇڏي جيڪو خدا جو آهي. مطلب اهو ٿيو ته سائنس کي مذهبي خيالن تي نڪته چيني نه ڪرڻ گهرجي.

طبيعيات، ڪيميا، رياضيات، سائبرنيٽڪس، حياتيات ۽ طب ۾ جيڪي شاندار ڪاميابون حاصل ٿيون آهن، تن طبيعي سائنسن کي هر جديد سماج جو "پسنديده" بنائي ڇڏيو آهي، توڙي جو هر هنڌ اهي يڪسان موثر طريقي سان يا هڪ اهڙي سماجي مقصد جي لاءِ استعمال نه ٿيون ڪيون وڃن.

سماج جي ادراڪ جو معاملو مختلف آهي. تضاد رکڻ وارن سماجن ۾ مروج نظام، ان جي تبديلي ۽ تحفظ جي باري ۾ ماڻهن جا مختلف رجحان، ايتري قدر جو متضاد خيال هوندا آهن جو ته انهن ۾ شاهوڪار ۽ سکڻا متواتر طبقا جيڪي استحصال ڪن ٿا ۽ جن جو استحصال ڪيو وڃي ٿو، ظالم ۽ مظلوم، آقا ۽ نوڪر موجود هجن ٿا. ڪي ماڻهو اهڙي نظام کي مفيد سمجهندا آهن ۽ ان جي تحفظ ۽ استحڪام سان سندن مفاد وابسته هوندا آهن. ٻيا ماڻهو ان کان نفرت ڪندا آهن ۽ ان مان پنهنجو چوٽڪارو چاهيندا آهن. اول الذڪر جي لاءِ اهڙو نظام نعمت آهي ليڪن آخر الذڪر جي لاءِ لعنت، سماجي مظهرن جي پنهنجي تخميني ۽ تجزئي مان ماڻهو جيڪي نتيجا اخذ ڪندا آهن تن تي سندن مفادن جو گهرو اثر هوندو آهي. پر سماجي مظهرن جي سلسلي ۾ جيڪڏهن غيرجانبداريءَ

ڪان ڪم نہ ورتو ويڃي ها تہ اهو تاثر ٿي سگهي ٿو تہ ان جو خارجي مطالعو نہ ٿو ڪري سگهجي تہ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ڇا سماج جي سائنس ۾ اهو ممڪن آهي تہ خارجي صداقت هجي، تنهن کي سائنس چئي سگهجي يا بس اها صرف ان لائق بڻائي ٿي تہ تاريخ جي واقعن جي درجي بندي ڪري سگهجي ۽ ڪنهن نصب العين، نيڪي يا بدي، انصاف يا هم آهنگي جي ساهميءَ تي انهن کي توري سگهجي؟ اسان جو هن مهل تائين جو مشاهدو اهو آهي تہ طبيعيات ۽ رياضيات جهڙيون طبيعي سائنسون عام طور تي سمورن ملڪن ۾ جن ۾ مختلف سماجي نظام رکڻ وارا ملڪ بہ شامل آهن، قبول ڪيون وڃن ٿيون ۽ انهن جو اطلاق ڪيو وڃي ٿو (ڪٿي اهي مختلف طبقن سان مختلف مقصدن جي لاءِ ٿيندو هجي). پر فلسفي، عمرانيات، تاريخ ۽ سياسي معاشيات جهڙين سماجي سائنسن جي باري ۾ اهو نہ ٿو چئي سگهجي. ان مان هڪ ٻيو مسئلو پيدا ٿئي ٿو. اهو آهي سماجي سائنسن ۾ طبقاتي روح ۽ خارجيت جي درميان رشتا، پارٽي روح ۽ صداقت جي درميان رشتي جو مسئلو. هيٺ اسين ان تي تفصيل سان بحث ڪنداسين.

اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي تہ سماج ادراڪ جي موضوع جي حيثيت سان گهٽي حد تائين فطرت کان مختلف آهي ۽ هتي نظرياتي فڪر جي آڏو مشڪلات جي ديوار ڪڙي ٿي وڃي ٿي.

ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سماجي سائنسن جي نمودار ٿيڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۾ ايترو زياده وقت ۽ پيچيده ڪوششون ڇو صرف ٿيون، جيتوڻيڪ ماڻهو هميشہ انهن تڪليفن کان آگاهہ نہ رهيا ۽ انهن جو تسليم ڪيو وڃڻ بذات خود سائنس جو ڪمال آهي.

تحريري تاريخ جي هزارن سالن جي دوران سماجي ادراڪ جي ارتقا ٿي ۽ جن سمتن ۾ سماج جو علم گڏ ٿيندو رهيو ان جي ئي بنياد تي آهستي آهستي ان جون شاخون ڦٽنديون رهيون ۽ ان اهو بنياد فراهم ڪري ڏنو جن تي سماجي سائنس جا منفرد بنيادي شعبا قائم ٿيا. سائنس جو پهريون قدم انهن تاريخي واقعن جو اجتماع، انتخاب ۽ بيان هو جيڪي ماڻهن جي حافظي ۾ محفوظ رهڻ جي لائق هئا. انهن تاريخ جي سائنس کي

جنم ڏنو جيڪا بتدريج شاخ در شاخ ٿيندي وئي ۽ جيڪا هاڻي تاريخي علم جي هڪ سالم شاخ بنجي وئي آهي.

سياسي، قانوني، تدريسي، جمالياتي، لساني، معاشي ۽ ٻين علمن جي ضرورت حڪومت، عدل جا انتظام، سفارتي ۽ فوجي سرگرمين، تعليم، فنون، رسم الخط جي ارتقا ۽ معيشت جي وڌندڙ پيچيدگي جي تقاضائن مان پيدا ٿي. ان سائنس جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ڪيو جيڪي سماج جو مجموعي طور نه بلڪ صرف ان جي مختلف عناصر، مخصوص مظهرن ۽ سماجي زندگيءَ جي عوامل جو مطالعو ڪن ٿيون. اهي سائنسون جن جو ڪم سماج جي ڪنهن خاص تز حصن يا پهلوئن جو مطالعو ڪرڻ آهي، سي عام طور تي مخصوص يا تُز سماجي سائنسون چيون وڃن ٿيون."

آخر ۾، تاريخي علم جي ارتقا ۽ سماجي زندگيءَ جي انفرادي پهلوئن جي مطالعي سان گڏوگڏ اهڙا تصور به ايريا جن سماج ۽ ان جي تاريخ جو سالم نقطئ نظر پيش ڪيو. هي سماجي ادراڪ جو هڪ ضروري عنصر آهي ڇو ته ڪوبه واحد تز سماجي سائنس سڄي سماج جو احاطو نه ٿي ڪري سگهي. انساني تاريخ جي اهڙي قسم جي تصور جي ضرورت سمورن تز سائنسن کي ٿئي ٿي ڇو ته ان ۾ انهن کي هڪ نقطئ آغاز ۽ نظرياتي بنياد ملي وڃي ٿو. تنهنڪري ان ج معقول وجهه آهي ته ماضي ۾ ڪيئي ممتاز تاريخدانن، فيلسوفن ۽ عمرانيات جي ماهرن سماجي زندگيءَ کي مجموعي طور تي سمجهڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي ۽ ڇا جي لاءِ انهن تاريخي علم جي نوعيت، تاريخ جي معنيٰ، زندگيءَ ۾انسان جي گهرج ۽ سماج جي تقدير جي متعلق سوالن جا جواب ڏيڻ چاهيا. اهو نقطئ نظر اڳ ۾ئي ڏاهپ وارو آهي ان ڪري جو ڪائنات جو ۽ ان ۾ انسان جي مقام جي مجموعي تصور جو هڪ حصو آهي. ڏاهپ (فلسفو) هڪ اهڙي مخصوص سائنس آهي جيڪا ٻين سمورن طبيعي ۽ سماجي سائنسن کان ان لحاظ کان مختلف آهي ته اها ڪائنات کي ۽ ڪائنات جي طرفان انسان جي روين کي انتهائي عام مقولن ۽ انتهائي عام قوانين جي ذريعي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي ٿي. هي ڪائنات ڇا آهي. جنهن جو حضرت انسان به هڪ حصو آهن؟ شين ۽ مظهرن جي وسيع رنگا رنگي جي "اصل"

(Originality) ڇا آهي؟ ڇا ڪائنات کي ڪنهن مافوق الفطرت طاقت تخليق ڪيو آهي يا اها هميشہ ڪان موجود آهي ۽ خود پنهنجي انهن قوانين تحت ارتقا جون منزلون طئي ڪري رهي آهي جن کي ڪنهن تخليق نہ ڪيو؟ اهي ان ئي بنيادي سوال جا باضابطہ پهلو آهن جن جو جواب ڏيڻ جي بغير ڪائنات جو مربوط نظريو مرتب ڪرڻ ناممڪن آهي. فلسفي جو بنيادي سوال هي آهي تہ ڪهڙي شيءِ مقدم آهي، مادي يا روحاني. ڪيترن ئي ڪثير گوناگون فلسفيانہ مڪتب خيال ۽ رجحانن کي ٻن خاص جماعتن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مادیت جي صِف جيڪا مادي کي مقدم مڃي ٿي ۽ تصوريت جي صف جيڪا روحاني تصور (الاهي) کي اول سمجهي ٿي. ان جي ئي مطابق هر صف دنيا جي ادراڪ جو پنهنجو پنهنجو نظريو مرتب ڪيو. مادیت پسندن جو چوڻ آهي تہ انسان کي حواص ۽ تصورات جن جي ذريعي ادراڪ ٿئي ٿو مادي جا ئي عڪس آهن. تصوريت پسندن جو خيال آهي تہ ادراڪ يا تہ ڪائنات جي تصوري (الاهي) جوهر جو اظهار آهي يا انسان جو پنهنجو ناهيل علم آهي. مادیت جو نقطۂ نظر سائنسدانن جي رهبري ڪائنات جي اهڙي تصور ڏانهن ڪري ٿو جيئن اها آهي ۽ تہ سائنسن جي بنياد تي عالمي نقطۂ نظر مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. تصوريت پرستي جو نقطۂ نظر بنيادي طور تي ڪائنات جو بگڙيل تصور پيش ڪري ٿو. سائنسن تي پنهنجا خاڪا عائد ڪري ٿو جنهن سان ان جي ترقي رڪجي ٿي ۽ سچي علم ڏانهن قدم سست ٿي وڃن ٿا. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ تصوريت پرست فيلسوفن علم جي ترقيءَ ۾ ڪو مفيد حصو نہ ورتو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اهڙو خيال جاهلانا ۽ بي ڊولو هوندو. ان سوال کي تاريخي لحاظ کان ڏسڻ جي ضرورت آهي. فلسفيانہ علم جي ترقي مادیت جي بنياد تي ۽ تصوريت جي نقطۂ نظر جي حدن ۾، ٻنهي صفن جي درميان ڇڪتاڻ ۽ خيالات جي ٽڪراءَ سان ٿي آهي. هڪ بي ڳالهہ جنهن کي ياد رکڻ جي ضرورت آهي اِها آهي تہ خود مادیت جو هڪ اهم پهلو انتهائي ڪمزور هو. اهو مابعد الطبيعياتي هو. اها مادیت ارتقا ۽ تبديليءَ جي روشني ۾ ڪائنات کي سمجهن کان قاصر هُئي. هڪ طرف اها انساني تصورن جي مادي نوعيت ۽

مادي مافيها جي باري ۾ صحيح خيالَ پيش ڪندي هئي ته ٻئي طرف انهن کي، ٻڌل، جَڪڙيل، ساڪن ۽ غير منتغير تصور ڪندي هئي. مابعد الطبيعياتي مادیت پسندن جو خيال هو ته انسان جو شعور مادي جو مجهول عڪس آهي. اهي ان جو فعال ڪردار نه ڏسي سگهيا. هوڏانهن تصوريت پرست جيڪي اردگرد جي دنيا جي انقلاب کي روح ۽ شعور جي تخليقي عمل جو نتيجو سمجهندا هئا. دراصل شعور جيَ فعال پهلو جي تفصيلات جي تشريح ڪرڻ ۾ مصروف هئا. اهو هيگل هو جنهن فڪر جي نظرئي ۽ تصورن جي عالمگير لچڪ ۽ حرڪت پذيري يعني تصورن جو سڀ ڪان مڪمل تاجي پيٽو تيار ڪيو. بلڪل باشعور طور تي هن جدليات جي توضيع اهڙين نظريہ قوانين جي صورت ۾ ڪئي، جيڪي روح جي ارتقا کي متعين ڪن ٿا ۽ ان سلسلي ۾ هن اصل مادي ڪائنات جي جدليات کي وڏي ڏاهپ سان سمجهي ورتو. مارڪس ۽ اينگلس، هيگل جي فلسفي تي تنقيد ڪري ۽ ان جون خاميون ختم ڪري مادي جدليات مرتب ڪئي. ان مان مادیت بلند ٿي ڪيفيت جي لحاظ کان نئين سطح تائين پهتي ۽ جدلياتي بڻي. پنهنجي ان صورت ۾ مادیت سائنسي تحقيق جي لاءِ واقعي فلاسفيانہ ۽ نظرياتي بنياد ۽ تصوريت جي خلاف جدوجهد ۾ هڪ ڪارگر جذبو فراهم ڪيو.

جدلياتي مادیت جي ڪوجنا جو تعلق فلسفي ۾ هڪ فعال سماجي هستيءَ جي حيثيت سان انسان جي شموليت سان بہ آهي جيڪو پنهنجي عمل سان دنيا کي بدلائي رهيو آهي. عمل ۽ سڀ ڪان وڏي ڪري مادي پيداواري سرگرميءَ جي تجزئي خارج ۾ موجود حقيقت جي تصور کي انساني فڪر جي فعال پهلو سان جوڙڻ ۾ مدد ڏني. انساني عمل جو صحيح تصور ئي ادراڪ جي سائنسي نظرئي ۽ علم جي پوري تاريخ ۾ جي لاءِ نقطئہ آغاز جو ڪم ڏئي ٿو.

اسان اصل موضوع کان ٿورو هٽي بنيادي فلسفيانہ تصورات جي ميدان ۾ ان ڪري داخل ٿياسين ته اسان جو بعد جو بيان وڌيڪ واضح ٿي سگهي ۽ ته هاڻي اسين انهن تصورن کي هر هر استعمال ڪنداسين. هي اهڙو موضوع آهي جنهن ۾ فلسفيانہ اصطلاحن کان پاسو نہ ٿو ڪري سگهجي.

آخر فلسفي ۾ اهي سمورا سماجي نظريا شامل آهن جيڪي مجموعي طور تي سماج سان بحث ڪن ٿا ۽ ان جي مصنفن جا ابتدائي فلسفيانہ اصول خود انهن نظرين جي جوهر تي پنهنجا نقش ڇڏين ٿا ۽ ان سمت تي بہ جنهن ۾ مختلف مسئلا حل ڪيا ويندا آهن. سماجي ارتقا جي مارڪسي نظرئي، تاريخي ماديت (تاريخ جو مادي نقطئ نظر) جو بہ فلسفيانہ ڪردار آهي.

اهڙي طرح سماجي ادراڪ جي تاريخ ۾ هي عناصر شامل آهن. پهريائين، تاريخي سائنسن جي ارتقا ٻيو، تُز سماجي سائنس جي ارتقا، ٽيون، اهڙا ڪُلي خيال پيدا ڪرڻ جون لاڳيتيون ڪوششون جن سان بحيثيت مجموعي پوري تاريخي عمل جو امتزاجي تصور قائم ٿئي. هتي اسان جو سڀ کان زياده سروڪار سماجي سائنسي جي ٿئين بنيادي عنصر سان آهي.

فلسفيانہ تاريخي نظريا بيشمار آهن حالانڪہ خارجي صداقت صرف هڪڙي آهي تہ قدرتي طور تي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا هڪ اهڙو نظريو مرتب ڪرڻ ممڪن آهي جيڪو حقيقت سان هڪجهڙائي رکي؟ ڇا شايد اهو سمجهڻ وڌيڪ آسان ڪونهي تہ هر عام نظريو بس ان جي مصنف جي داخلي فلسفيانہ رويي جو اظهار يا مخصوص ذهني ساخت جو اظهار آهي؟ ڇا انسانيت ايتري پختي ٿي چڪي آهي جو اها پنهنجي سماجي هستيءَ جي لڪل معنائن کي سمجهي سگهي؟

اچو تہ انهن سوالن جا مختصر جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون. ظاهر آهي تہ جيڪڏهن سماجي نظريو سماج جي نسبت مفڪر جي فلسفيانہ خيالن جي فقط توسيع آهي تہ اهو قياس حق بجانب آهي اهو تاريخي حقيقت سان مطابقت نہ ٿو رکي، بلڪ ان جي برعڪس هڪ مُعَيَنُ چوڪٹ ۾ تاريخي حقيقت کي زوري وجهڻ جي ڪوشش آهي. هڪ سائنسي سماجي نظرئي جي تخليق جي لاءِ ضروري آهي تہ سماج جي اهم خصوصيتن ۽ ان جي پنهنجي نوعيت تي بہ جامع طور تي ڏيان ڏنو وڃي. ان تقاضا کي مختصر لفظن ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو. هڪ عام سماجي نظرئي کي نہ صرف فلسفيانہ بلڪ فلسفيانہ سماجي ٿيڻ گهرجي جنهن مان

ظاهر ٿئي ته اهو فلسفي جي دائري ۾ آهي ۽ صرف فلسفيانہ ادراڪ بلڪ سماجي ادراڪ جي نظام ۾ به شامل آهي. سماجي سائنس جي نظام جو ٽيون عنصر، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي عمرانياتي علم جو اهو ئي شعبو آهي. سماج جي خالص فلسفيانہ تصورن مان فلسفيانہ عمراني تصورن ۾ عبور جيڪو 19 هين صديءَ ۾ شروع ٿي چڪو هو سماجي ادراڪ جي ارتقا ۾ هڪ وڏو قدم هو. ان مان ظاهر ٿيو ته انساني فڪر تاريخي عمل جي زياده صحيح بصيرت حاصل ڪرڻ طرف وڌيو آهي، اهڙي بصيرت ڏانهن جيڪا سماج جي اهم خصوصيتن، سماجي حقيقتن جي غور ويچار تي ٻڌل آهي.

هتي اچي اسان جو مقابلو پنهنجي نقادن سان ٿئي ٿو. اهي چون ٿا ته ايترو وسيع سماجي نظريو جيڪو پوري سماجي حقيقت تي حاوي هجي، ناممڪن آهي، ڇو ته ان کي بيشمار حقيقتن کي سميٽڻ جي ضرورت آهي، ۽ اجا تائين عام نظريو قائم ڪرڻ جي لاءِ سماج جو پوري تفصيل سان ڪافي مطالعو ڪيو ويو آهي. اڄ به اسين اهڙا اعتراض عمرانيات جي ڪن ماهرن کان ٻڌون ٿا، ان سوال جي خصوصيت سان جانچ پڙتال ڪرڻ جي ضرورت آهي. بلاشڪ اهو صحيح آهي ته جيڪو نظريو حقيقتن کي نظرانداز ڪندو سو سَنڌ ٿي ويندو. پر ڇا اهو چوڻ درست آهي ته تاريخي ۽ بين سماجي سائنسن جي عظيم ترقيءَ اجا تائين عام نظريو مرتب ڪرڻ لاءِ ڪافي مواد فراهم نہ ڪيو آهي؟ ته پوءِ اها تنقيد ڪهڙي ان کي سمجهڻ جي لاءِ اسان کي سوال جي جڙ تائين پهچڻ گهرجي.

اوڻوهين صديءَ جي وچ ۾ آگسٽ ڪومت اهو ثابت ڪيو ته خيالي فلسفيانہ تاريخي تاويلون بيڪار آهن ۽ اهو تجويز ڪيو ته عمرانيات کي بحيثيت سماجي سائنس جي قائم ڪيو وڃي جيڪو فلسفي جي رشتن کان بلڪل آزاد هجي ۽ طبيعي سائنس جي مطابق تجربي واقعات تي پروسو ڪري. ليڪن خود ڪومت اهڙي سائنس تخليق نہ ڪري سگهيو. اهو عام طور تي تسليم ڪيو وڃي ٿو ته: "ڪومت عمرانيات کي نالو ۽ منصوبو عطا ڪيو، ان جي تبليغ به ڪئي پر عملي جامو نہ پهرايو".(5)

5. Modern Sociological Theory in Continuity and change. Edited by Howand Baker and Alvin Boskhft, New York, 1957, P-7

عمرانيات مان فلسفي کي هٽائڻ جي نالي تي هن رڳو پنهنجو ثبوتيت جو فلسفو مڙهي ڇڏيو. ان کانپوءِ ان جي ارتقا تي جن بورجوا ماهر عمرانيات اثر وڌو تن ۾ هربرٽ اسپينسر، ايميل ڊورڪ هيم، ماڪس ويبر ۽ ولفريڊو ۽ پاريتو قابل ذڪر آهن.

اها عمرانيات جنهن جو بنياد ڪومت، اسپينسر وغيره وڌو هو ۽ جيڪا ثبوتيت جي فلسفي جي بنياد تي پروان چڙهي، جنهن جو رخ نظريه، مارڪسزم جي خلاف آهي، عام طور تي "روايتي" چيو ويو آهي تو. پر بعد ۾ اهو عيان ٿي ويو ته نه صرف تاريخ جو تصوريت پرست فلسفو جنهن تي ڪومت تنقيد ڪئي هئي بلڪ خود ان جي نظرياتي عمرانيات خيالي جستجو جو نتيجو هئي، تنهنڪري ان جي عملي اهميت نه هجڻ جي برابر آهي. عمرانيات کي اهڙي سائنس جي حيثيت سان قائم ڪرڻ جي ڪوشش، جنهن جي عملي اهميت هجي، فلسفه عمليت کان ڪافي متاثر آهي عمرانيات جي آمريڪي ماهرن کي ان تي مائل ڪيو آهي ته هڪ بورجوا تجربي عمرانيات جي تخليق ڪن جيڪا ويهين صديءَ جي تقريباً پوري پهرئين اڌ ۾ وسيع حلقن ۾ قبول ڪئي وئي. ان علي الاعلان نظرئي کي نظر انداز ڪيو ۽ سڄو ڌيان تز سماجي تحقيق جي طريقن ۽ ٽيڪنڪ تي ۽ عمرانياتي تصورن جو خاص گروهه وضع ڪرڻ ۾ مرڪوز ڪيو جيئن "سماجي فعل"، "سماجي تبديلي"، "گروهه"، "ترسيل"، (روانو ڪرڻ)، "تصادم" "مطابقت پذيري"، "جذب پذيري" ۽ "اجتماعي رويا" وغيرهه. تجربي تحقيق وڌي تيزيءَ سان ترقي ڪئي، تحقيق لاءِ خاص ساز سامان تيار ڪيو ويو. مرڪزي ادارا قائم ٿيا، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ان جا شعبا کوليا ويا. عمرانيات کي هڪ تجربي سائنس قرار ڏنو ويو جنهن جو ڪم انسانن جي "سماجي رويي" جو مطالعو ڪرڻ هو ۽ هاڻي هر ماهر عمرانيات جي لاءِ هڪ نظام اڏڻ هڪ مڪتبهٔ فڪر جو خالق بنجڻ جو فيشن ختم ٿي ويو.

ان جي باوجود جو تجربي جي تحقيق جي وسيع پئماني جي باعث محدود ڪاميابيون ٿيون ۽ باوجود ان جي ته ڪجهه تصنيفون ڪامياب رهيون جهڙوڪ تامس ۽ زنا نيسڪي جو "يورپ ۽ آمريڪا ۾ پولستاني

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪسان"، پارڪ ۽ برگيس جو "علم عمرانيات جي تمهيد"، رابرٽ ۽ هيلين لنڊ جو "مڊل ٽائون" ۽ يلٽن ميو جو مشهور معروف "هاٿورن تجربات" ۽ استوفر گروپ جا "آمريڪي فوج جا مطالعا"، پنجين ڏهاڪي ۾ ڪن ماهر عمرانيات ايتري قدر جو غير مارڪسين به تجربي عمرانيات جون خاميون ٻڌائڻ ۽ ان تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ان جو سبب هو تجربي تحقيق جا قليل عملي نتيجا ۽ ان جي نظرياتي ڪمزوري. سماجي سائنس جي ترقيءَ جي منطق ان اصليت کي وائکو ڪري ڇڏيو ته جيئرن جاڳندن واقعن کان ڪتجي خيالي تاويلون، مثال طور مڪروهه تجربيت جيڪا سماج جي نظرياتي نقطئه نظر جي برعڪس پيش ڪئي وئي، سائنسي عمرانيات جي تخليق ۾ ناڪام رهيون. "جيڪڏهن پراٿو سماجي نظريو تصديق شده مشاهدن تي ٻڌل نه هجڻ جي باعث بي بنياد هو ته نظرئي جي رهنمائي جي بغير واقعن جي تحقيق بي مقصد آهي ۽ نظرئي جي ذريعي مربوط ڪرڻ کان سواءِ واقعن کي گڏ ڪرڻ بي معنيٰ آهي."(6)

تنهنڪري بورجوا عمرانيات جي دنيا ۾ ان جي ڪافي ۽ واضح ضرورت محسوس ڪئي ويڻ لڳي ته سماجي تحقيق ۽ "سماجي سائنس" کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ گهرجي ۽ هي ان جو بالاواسطه ثبوت آهي ته تجربي تحقيق ۽ عمرانيات جي سائنس کي هڪ سمجهڻ جو ڪو به حقيقي بنياد ڪونهي. ان ضرورت کي آمريڪي ماهر عمرانيات ميرٽون پنهنجي ڪتاب "سماجي نظريو ۽ سماجي ڍانچو" (1949ع) ۾ چٽو چٽو پيش ڪيو آهي.

"اهو سماجي نظريه دان جيڪو لکير جو فقير جيڪو خالص خيالن جي عرش معليٰ ۾ پرواز ڪري رهيو آهي جن کي دنياوي حقيقتن گدلو نه ڪيو آهي ايترو ئي تيزي سان دقيانوس ٿيندو پيو وڃي جيترو سماجي محقق جو لکير جو فقير جيڪو سوالنامي ۽ پينسل سان مسلح، بي تعلق، بي معنيٰ انگن اکرن جي پويان ڊوڙندو رهي ٿو."

اڄڪلهه بورجوا عمرانيات ۾ اهڙا ڪيترائي هڪجهڙا تصور آهن جيڪي عمراني سائنس هجڻ جي دعوا ڪن ٿا. اولهه جا عمرانيات جا ماهر اعلان ڪري رهيا آهن ته هاڻي اهي خيالي خاڪن ڏانهن موٽڻ نه ٿا گهرن.

6. ساڳيو ص- 23

عمرانيات جي ارتقا جي سلسلي ۾ جيڪو تجربو ٿيو سو آخرڪار بلڪل بي فائدو ثابت ڪونہ ٿيو. هاڻي ان ۾ گهٽائي زور ڏيئي رهيا آهن تہ عمرانياتي نظرئي جو بنياد تجرباتي معلومات تي هجڻ گهرجي. ان منزل تي بنيادي تضاد کي اهو چئي لِڪايو ويجي ٿو تہ عام عمراني نظريو قائم ڪرڻ جي لاءِ ايترا تائين ضرورت کان گهٽ معلومات آهن، تنهنڪري في الحال ضرورت ان جي آهي تہ خاص ڪُلين تائين ۽ وچ ڙو نظريو جوڙڻ تائين پنهنجو پاڻ کي محدود رکيو وڃي ۽ عام عمراني نظريو قائم ڪرڻ کي ايستائين مهمل ڪيو وڃي جيستائين جو ڪافي ڄاڻ ضرورت مطابق گڏ نہ ٿي وڃي ۽ جيستائين اسان وسيع تر ڪُلين تائين نہ پهچي وڃون. ان مسئلي جي حل جي سلسلي ۾ اولهہ ۾ ٽالڪوٽ پارسنز جي ترڪيبي ڪار منفي جي مڪتب سان وڏيون اميدون وابستہ ڪيون ويون. پي عالمي جنگ کانپوءِ اولهہ ۾ ڪار منصبي کي عام طور تي وسيع حلقن ۾ "عمرانياتي فڪر جو بنياد" سمجهيو وڃڻ لڳو هو.

عمرانيات ۾ ترڪيبي ڪار منصبي جو مڪتب سماجي مظهرن کي مربوط سماجي جسم جي ڄانچي جي اندر ان جي مقام ۽ ان جسم سان گڏ استحڪام رکڻ جي ڪار منصبي جي نقطئہ نظر سان ڏسي ٿو. هو انهن سببن کي جن جي ڪري سماج جا مختلف ساختي عنصر پاڻ ۾ جڙيل رهن ٿا ۽ انهن جي ارتقا جي قوانين ۽ قومن ٻنهي کي ڏيکارڻ ۾ ناڪام آهي. اهو ئي سبب آهي جو وڏ ڪان وڏ ترڪيبي ڪار منصبي جي نقطئہ نظر کي عام نظرئي جي هڪ عنصر جي حيثيت سان شامل ڪري سگهجي ٿو. پر نظرئي کي ان حد تائين محدود نہ ٿو ڪري سگهجي، اسان ڏسون ٿا تہ نہ تہ ڪومت، جنهن کي روايتي طور تي بورجوا عمرانيات جو باني سمجهيو وڃي ٿو ۽ نہ هن جي جانشينن اهڙو عام عمرانياتي نظريو واضح ڪيو جنهن سماجي زندگيءَ جي سائنسي تصور جي لاءِ راهہ هموار ڪئي هجي. اهي مارڪس ۽ اينگلس ئي هئا جن اوڻويهين صديءَ جي وچ ۾ سائنسي عمرانيات جو صحيح بنياد وڌو.

مارڪس، جيڪو فلسفيانہ عمراني نظريو تخليق ڪيو سو تاريخي ماديت جي نالي سان مشهور آهي. ان مجموعي طور تي تاريخي عمل

جي جوهر کي سائنسي طريقي سان سمجهڻ جي راهه کولي ۽ جيڪو سيني سماجي سائنسن جو ضروري نظرياتي بنياد ثابت ٿيو جنهن جي گهٽي وقت کان ضرورت هئي. ان نظرئي کي واضح ڪرڻ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته تاريخي اعتبار کان سماجي ادراڪ ايترو ڪافي مواد جمع ڪري چڪو آهي جو هڪ عام سماجي نظريو مرتب ڪري سگهجي بيشڪ ان جي مڪمل مفهوم ۾ نه، ان لاءِ جو نظريو عام طور تي اهڙي سطح تي مشڪل سان پهچي سگهي ٿو. بلڪ عام اصولن جي شڪل ۾. ان جو مطلب اهو ٿيو ته انسانيت خود آگاهي جي لاءِ تيار ٿي وئي آهي. ان نظرئي کي مرتب ڪرڻ جو تجربو ثابت ڪري ٿو ته بورجوا نظريه دان سائنسي عمراني نظريو قائم ڪرڻ کان ان ڪري لاچار رهيا جو انهن وٽ واقعي تجرباتي مواد جي ڪمي هئي. بلڪ اهو ان ڪري جو هن جي طبقاتي تصور ۽ سندن محدود معاشي ضرورتن انهن تي پابنديون عائد ڪري رکيون هيون.

ڪهڙي به سائنس هجي، ۽ ان ۾ سماجي سائنس به شامل آهي، صرف ان وقت نمودار ٿئي ٿي ۽ ترقي ڪري ٿي جڏهن ٿُڙ سماجي حالتن جا پيدا ڪيل امڪان ۽ شديد معاشي ضرورتون موجود هجن.

هر تاريخي دور نه صرف فطرت بلڪ سماج جو به علم حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل مُعَيَنُ امڪان پيدا ڪيا. مثال طور سرمائيداري کان پهرين ۽ ان جي ابتدائي منزلن ۾ به اهو امڪان ته انسان فطرت ۽ پنهنجي سماجي رشتن جو سائنسي علم حاصل ڪري تمام گهٽو محدود هو. پر پوءِ جيئن جيئن سرمائيداريءَ ترقي ڪئي، سماجي زندگي جون مادي حالتون ان سطح تي پهچي پختيون ٿي ويون جو مجموعي طور تي تاريخي عمل کي سائنسي طريقي سان سمجهڻ هڪ عملي امڪان بڻجي ويو. اهي امڪان آهن ڇا؟

جيئن جيئن سرمائيداري وڌي ٿي انفرادي ملڪن ۽ ماڻهن جي هڪ ٻئي کان عليحدگي غائب ٿيڻ لڳي ٿي. ان ڪري جو اهي هڪ اهڙي گڏيل عمل ۾ شريڪ ٿي وڃن ٿا جن ۾ جديد قومون ايرن ٽيون ۽ پاڻ ۾ مختلف قسم جا رابطا قائم ڪن ٿيون. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته انسان جي تاريخ گڏيل آهي جنهن ۾ هر قوم تاريخي پيشقدمي ۾ قانون تحت ڪيترن ئي منزلن مان گذري ٿي. هاڻي ان جا وڏا موقعا موجود آهن ته

مختلف قومن جي تاريخن جي پيٽ ڪئي ويجي، مختلف ملڪن جي معاشي ۽ سياسي نظامن ۾ ڪُلي يا عام اصول معلوم ڪيا ويجن ۽ سماجي تعلقات ۾ قانون جو پابند تڪرار (Repitition) ڳوليو ويجي. اينگلس پنهنجي تصنيف "اينٽي ڊيورنگ" ۾ لکي ٿو تہ جديد مادیت تاريخ کي "انساني ارتقا جي عمل وانگر ڏسي ٿي ۽ ان جي ڏميواري آهي تہ ان جي حرڪت جا قوانين دريافت ڪري."

سرمائيداري ڏانهن هن عبور پنهنجي همراهيءَ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ طوفاني انقلابي تبديليون آنديون. ان تاريخ جي ميدان ۾ اهڙيون سگهاريون سماجي قوتون لاٿيون جن جي تضادن ۽ جدوجهد ترت سماجي مسئلا حل ڪيا. اها ان جدوجهد جي هڪ اهم خصوصيت هئي. وچئين دور ۾ جدوجهد بنيادي طور تي مذهب جي جهنڊي هيٺ ڪئي وئي صليبي جنگيون، ڪافرانہ خيال، پروٽيسٽنٽ اصلاح دين وغيرهہ. ان سان ان جا اصلي اسباب ڍڪلائجي ويا. پر پوءِ جڏهن بورجوا انقلابن ۾ هارين زمين جي لاءِ جدوجهد ڪئي تہ سرمائيداري نظام غريب ۽ امير جي وچ ۾، حاصل ڪندڙ ۽ حاصل نہ ڪندڙ جي درميان ٽڪر سماجي تصادمن جي معاشي بنياد کي واضح ڪري ڇڏيو ۽ ان ڳالهہ قدرتي طور تي انسانن کي آماده ڪيو تہ اهي تاريخي ارتقا جي اسباب کي سماج جي معيشت ۾ تلاش ڪن.

محنت جي وسيع سماجي ورڇ ۽ پيداوار جي مختلف شاخن جي درميان مضبوط رشتن جي قيام (صنعت، زراعت وغيرهہ) مادي پيداوار جي ارتقا جو ان جي مخصوص شڪلين جو لحاظ ڪئي بغير تجزئي جا لازمي شرط پيدا ڪيا.

تنهنڪري انسانن جي حالات زندگي ۾ انقلاب پيدا ڪري سرمائيداريءَ اهڙا لازمي خارجي شرط پيدا ڪري ڇڏيا جن سان تاريخي عمل جي جوهر جي تهہ تائين پهچڻ ۽ انهن جي بنياد جو علم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي. سرمائيداريءَ جي ارتقا نہ صرف سماجي ادراڪ جي لاءِ نيون راهون کولي ڇڏيون بلڪ سماج جي سائنس مرتب ڪرڻ جي سماجي ضرورت بہ پيدا ڪئي.

سرمائيداري جيئن جيئن وڌي ٿي، ان جا تضاد وڌيڪ واضح ۽

شديد ٿيندا وڃن ٿا. مقابلي بازيءِ پيداوار ۾ انارڪزم، بار بار ايندڙ بحران، سماجي ءِ قومي ظلم ءِ ٻيا تڪراري تضاد جيڪي سرمائيداري جو اڻ ٽٽ (لازمي) حصو آهن، اهي سماج کي ان تڪڙي ڏميواري سان درپيش اچن ٿا تہ انهن تضادن کي حل ڪرڻ واسطي ذريعا تلاش ڪيا وڃن. سرمائيداري نظام ۾ پيداوار ان سطح تائين پهچي وڃي ٿي جڏهن مجموعي طور تي پوري سماج جي پئماني تي ان جي باشعور نگراني ءِ انتظام جي ضرورت سامهون اچي ٿي. هي سوال اڳ ۾ موجود ڪنهن سماج ۾ پيدا ڪونہ ٿيو. ليڪن سرمائيدارانہ نظام ۾، پيداواري ذريعن ۾ نجي ملڪيت جي تسلط جي حالت ۾ ثابت قدمي سان اهڙي نگراني ناممڪن آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ پهريائين، نئون سماجي نظام جنهن جو بنياد سماجي ملڪيت هجي ءِ ٻيو، سائنس. جهڙيءَ طرح طبيعي سائنس انسانن کي فطرت جون زبردست قوتون استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڏني اهڙيءَ طرح سماجي سائنس بہ کين سماجي ارتقا جي زبردست قوتن کي مطيع ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي ءِ ايئن ئي ٽيڙ گهرجي. جيئن تہ سماج ۾ سماجي تضاد ختم ڪرڻ جي شديد ضرورت پيدا ٿئي ٿي تنهنڪري اهڙي سائنس جي ضرورت بہ پيدا ٿئي ٿي جيڪا انهن تضادن جو علم ءِ انهن کي ختم ڪرڻ جا طريقا فراهم ڪري سگهي. حقيقت ۾ نئين سماجي نظام جو ان وقت تائين تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي جيستائين جو اها انسان جي ترقي ءِ آزاديءَ جي خاطر سمورن سماجي عوامل کي مُعَيَنُ ڪرڻ ءِ انهن کي سماج جي معقول ءِ باشعور ڪنٽرول ۾ رکڻ جي لاءِ نظرياتي بنياد جي طور تي سماجي سائنس کان ڪم نہ ونڊي. اِهي آهن اُهي سماجي ضرورتون جن جي بنياد تي تاريخي مادیت جنم ونڊي ٿي ءِ پروان چڙهي ٿي.

تنهنڪري سرمائيدارانہ سماج جي ارتقا ءِ ان جي تضادن جي وڌندڙ شدت تاريخ جي سائنسي نقطئہ نظر جو امڪان ءِ ضرورت پيدا ڪئي. مارڪس ءِ اينگلس جو شاندار ڪارنامو اهو آهي تہ هنن پراڻا روايتي خيال ترڪ ڪيا ءِ اهي قوانين دريافت ڪيا جن تحت سماج جي ارتقا ٿئي ٿي. داخليت پسند اهڙن قوانين جي وجود جا منڪر آهن. مارڪس ءِ اينگلس تاريخ جو سائنسي مادي نظريو واضح ڪيو ءِ پنهنجي

دور جي پيش ڪيل مسئلن کي حل ڪيو.

سماجي علم جي ارتقا، جنهن تي اسين مختصر بحث ڪري چڪا آهيون ۽ تاريخ جي مادي تشريح جي معنائن ۾ ان جو ڪُليو ناهڻ ۾ اسان کي ان سوال جو جواب ڏيڻ ۾ مدد ملي ٿي ته ڇا سماجي علم کي طبيعي سائنس جي برخلاف بيهارڻ درست آهي، جيئن نوان ڪانٽي ڪندا هئا.

اهو صحيح آهي ته سماج فطرت کان واقعي مختلف آهي پر گڏوگڏ اهو فطرت جو ئي حصو آهي. فطرت ۽ سماج جي درميان فرق ۽ هڪجهڙائي ٻئي موجود آهن. ان مان بن غلطين جو امڪان ٿئي ٿو. فطرت ۽ سماج کي هڪ سمجهڻ جو جيئن هربرٽ اسپينسر، سماجي ڊارون پرستن ۽ ٻين ط يعي سائنسدانن ڪيو يا هڪ سائنس کي ٻيءَ کان الڳ رکڻ جو، جيئن نون ڪانٽين ڪيو. ۽ ان جي ئي مطابق طبيعي ۽ سماجي سائنسن جي درميان امتيازن کي ختم ڪري ڇڏڻ جو ("سماجي طبيعيات"، "سماجي ڊارون ازم"، "توانائيت" وغيرهه) يا انهن سائنسن کي هڪ ٻئي جي خلاف بيهارڻ جو. ظاهر آهي ته اهي ٻئي خيال هڪ طرفي آهن. سماجي زندگيءَ ڏانهن جدلياتي مادي نقطئ نظر اهو ڏيکارڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ته فطرت ۽ سماج ٻنهي جا عمل ۽ ارتقا خارجي قوانين تحت آهن ۽ جنهن حد تائين سماجي سائنس انهن قوانين کي پنهنجي ادراڪ ۾ ونيٰ ٿي اها تاريخي عمل کي فقط بيان ڪرڻ تي اڪتفا ڪانه ٿي ڪري، اها ان جي تشريح به ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري سمورا سائنس ۽ سيني کان وڌي ڪري فلسفو جيڪو هر ارتقا جي عام قوانين جو مطالعو ڪري ٿو ۽ سائنسون جيڪي ڪنهن به مادي ساخت، رياضيات، سائبرينٽڪس وغيره جي عام خصوصيتن ۽ قوانين جو مطالعو ڪن ٿيون، سماجي مظهرن جي ادراڪ جي سلسلي ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

گڏوگڏ جيئن ته سماج فطرت کان مختلف آهي تنهنڪري انهن قوانين ۽ نتيجن جو جيڪي فطرت جي عوامل جون خصوصيتون ظاهر ڪن ٿا تن جو سماجي زندگيءَ تي اطلاق ناروا آهي. سماج جون پنهنجون ضابطگيون هونديون آهن جن جو ادراڪ سماجي سائنسن جو اولين ڪم آهي.

تاريخي ماديت تصوريت تي غالب اچڻ جي عظيم تنقيدي ڪوشش جي بغير ظهور ۾ نه پئي اچي سگهي، جيڪا ابتدائي سماجي سائنس تي چانيل هئي ۽ نه فلسفي، تاريخ، معاشيات ۽ مجموعي طور تي سماجي فڪر جي ارتقا جي دوران قيمتي عناصر جي تحفظ ۽ تنقيدي استعمال جي بغير تاريخي ماديت جي وجود جو تصور ڪري سگهجي ٿيو. گڏوگڏ تاريخي ماديت صداقت ۽ مفاد جي ضد کي به حل ڪيو.

ڪنهن شيءِ کي تبديل ڪرڻ لاءِ انسان کي ان جو علم هجڻ گهرجي. پنهنجي عمل جي ذريعي انسان نه صرف انهن شين کي بدلائي ٿو جيڪي هن جي سرگرمين جو موضوع هونديون آهن بلڪ هو پنهنجي مقصدن، خواهشن ۽ مفادن کي به استعمال ۾ آڻي ٿو تنهنڪري انساني سرگرمي ۾ خارجي علم، ضرورتون ۽ مفاد سيئي گڏجي وڃن ٿا. ليڪن جن طريقن سان اهي گڏجن ٿا اهي مختلف تي سگهن ٿا، چو ته ماڻهن جا مفاد هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته متضاد هجن ٿا. سماجي ادراڪ ۾ مفادن جي اختلاف ۽ خاص طور تي طبقاتي مفادن جي اختلاف مان اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي جڏهن هر نقطئ نظر هڪ ٻئي جي برعڪس هجي ٿو، جنهن جي ڪري واقعن جي هڪ ئي زمري جون مختلف تاويلون ڪيون وينديون آهن. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته پوءِ اسين سچو علم ڪيئن حاصل ڪريون؟ ڇا سماج ۽ طبقن کان بلند ٿي ۽ انسانن جي جدوجهد، انهن جي مفادن جا جهڳڙا ۽ جذبن جي طوفانن کان متاهون ٿي ڄائزو ونڊ ڪانپوءِ اهو ڪري سگهجي ٿو؟ پر تجربو ثابت ڪري ٿو ته ائين نه ٿو ٿي سگهي ۽ متاهون ئي جائزو ونڊ جو نقطئ نظر رڳو خواب ۽ خيال آهي. حقيقت ۾ نظرياتي تقاضائون ٻڌائين ٿيون ته اهڙي سماجي تحقيق جنهن جو رخ ٿُڙ، سماجي يا طبقاتي مفادن ڏانهن نه ٿو هجي ۽ جنهن جي رهبري ميزان قدر(7)

7. مظهرن جا قدر "شيون" خيال وغيره آهن جن سان انسان پنهنجي مادي ۽ روحاني سرگرمين ۾ گهيريل هجي ٿو جن جو هن جي لاءِ مخصوص مطلب هوندو آهي ۽ جيڪا ان جي مفادن ۽ ضرورتن جي مدعا آهي. ميزان قدر اهو معيار آهي جيڪو خارجي دنيا ۾ مظهرن ۽ مادي ۽ روحاني سرگرمين جي نتيجن ڏانهن فرد، سماجي گروهه، طبقن، سماج جو مثبت يا منفي رويو متعين ڪري ٿو. ميزان قدر ادراڪ، عام طور تي تخليقي سرگرمي ۽ انسان جي سماجي رويي جي سلسلي ۾ رهبري جو ڪم ڪري ٿو.

نہ ٿي ڪري اها ناممڪن ۽ بي تُڪي هوندي آهي. آخر خود سماجي علم سيني کان وڌي ڪري انساني سرگرمي جي لاءِ ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي جو سماجي علم جي سچائي جو مسئلو مختلف بنيادن تي حل ڪيو ويچي ٿو. خود سماج جي اندر هڪ اهڙو سماجي طبقو، سماجي قوت دريافت ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪو سماجي حقيقت جي خارجي علم جي بغير ڪامياب سان سرگرم نہ ٿو ٿي سگهي. يعني هڪ اهڙي قوت جنهن جو مفاد ان علم سان وابسته آهي. جڏهن ائين ٿئي ٿو تہ علم ۽ مفاد هڪ ٻئي جي مطابق هوندا آهن تہ جيئن مفاد سچي علم جي حصول جي ڪوشش جي ذريعي ظاهر ٿين. پر جڏهن اهي هڪ ٻئي جي متضاد هجن ٿا تہ پوءِ سائنس جي جاءِ خيالي افسانا، خوش فهميون ۽ بگڙيل تصور ونندا آهن. مفاد زبردست قوت هجن ٿا، تنهنڪري جيڪڏهن "انگن جي علم جون بديهيات اهي ڀالهيون جن ۾ غور ۽ فڪر جي ضرورت نہ هجي، پڌريون ۽ چٽيون ڀالهيون (سنڌيڪار) ۽ اصول ڪن خاص مفادن جي خلاف هجن ها تہ ماڻهو انهن جي بہ تردید ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها.

اها حقيقت تسليم ڪرڻ تہ سماجي نظريي جو فلاڻي يا فلاڻي سماجي گروهہ يا طبقي جي مفادن سان تعلق آهي، پارٽي رويي جي نالي سان مشهور آهي. مارڪسي سماجي سائنس مزدور طبقي جي مفادن جي لاءِ پورهيتن کي استحصال کان نجات ڏيارڻ ۽ سماج کي اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي دڳ تي لڳائڻ خاطر علي الاعلان پنهنجو رويو جوڙي ٿي. اها ڀالهہ مارڪسي سما جي سائنس کي پارٽي روح معمور ڪري ٿي ۽ پورهيت عوام، جي حقيقي جدوجهد کي صرف اهڙيءَ طرح وڌائي سگهي ٿي تہ حقيقت، قوتن جي توازن، موجود تضادن ۽ ارتقا جي رجحانن جي خارجي تصوير ڪشي ڪري، جڏهن ايئن ڪيو ويچي ٿو، جڏهن ان سائنس جو عملي سرگرمين تي اطلاق ڪيو ويچي ٿو، ان جو مطلب ماڻهن جي سرگرمين جي دائري کان ٻاهر آهي، ان جو مطلب عوام طبقن ۽ سماجي گروهن جي جدوجهد آهي تہ ان جو مقصد اهو ٿو ٿئي تہ جدوجهد جي نتيجن جي ان جي مقصد سان هڪجهڙائي پيدا ڪئي ويچي. پرولتاريہ جي جدوجهد سان قريبي ۽ اٽوٽ رشتي جي ڪري سماجي سائنس ۽ پوري جو پورو مارڪسي

نقطئه نظر سائنسي، انقلابي ۽ تنقيدي ٿي وڃي ٿو. اهڙي سائنس جيڪا مستقبل سان لاڳاپيل آهي. سماجي سائنس صرف ان ئي وقت ماضيءَ جي تشريح، حال جو تجزيو ۽ مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ جي صلاحيت رکي سگهي ٿي، جڏهن اها سماجي ارتقا جو خارجي قانون دريافت ڪري ونڊي. مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ مان اسان جو مطلب بلاشڪ مستقبل ۾ ٿيندڙ ٽُز واقعا ٻڌائڻ ناهي بلڪ سماجي ارتقا ۾ فقط عام رجحان جي نشاندهي ڪرڻ آهي ۽ انسان هڪ پيرو فطري تاريخي قانون دريافت ڪري ونڊي ته پوءِ هو ان کي بدلائڻ يا ختم ڪرڻ ۾ بيوس هوندو. پر اهو نئين جي پيدائش جو درد گهٽائي سگهي ٿو. ان ۾ ئي سماجي سائنس جي زبردست اهميت پوشيده آهي.

جڏهن ڪو سماجي نظريو ڪهڙي به طريقي سان پنهنجو رشتو مراعات يافته سماجي گروهن يا طبقن جي خود غرضانه مفادن سان جوڙي ونڊي ٿو جيڪي سماج تي پنهنجي مرضيءَ کي مسلط ڪرڻ ۽ سماجي ترقيءَ جي رفتار کي سست ڪرڻ گهرن ٿا ته جيئن سندس اهي مُراعات برقرار رهن جن جو سرچشمو هن جو حسب نسب، دولت ۽ طاقت آهي ته سماجي نظريو لازمي طور تي اهڙو رويو اختيار ڪري ٿو جنهن جي ڪري حقيقت جي خارجي اعتبار کان عڪاسي نه ٿي ڪري سگهجي ۽ جيڪو لازمي طور تي انَ کي غلط بياني جي راهه تي ونڊي وڃي ٿو. ان حالت ۾ "پارٽي" رويي جو ٽڪَرُ سائنسي روح سان ٿئي ٿو. خارجي علم حاصل ڪرڻ جي راهه ۾ رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون ۽ نتيجو چا ٿو نڪري فرضي قصن جي پرمار. ڪوگيلمان جي نالي پنهنجي هڪ خط مورخ 11 جولاءِ 1968ع ۾ مارڪس ان مسئلي جو خلاصو هيئن پيش ڪيو. "جيڪڏهن باهمي ربط ذهن نشين ڪيو وڃي ته موجوده صورتحال جي عملاً ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ان جي مستقل ضرورتن تي پورو نظرياتي عقيدو ڏيڻ ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري هتي اهو قطعي حڪمران طبقن جي مفاد ۾ آهي ته اهي ان بي معنيٰ پريشاني کي دائمي بڻائين."

لفظ خارجيت ۽ خارجيت پرستيءَ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اول الذڪر لفظ سائنسي علم کي اجاگر ڪرڻ

لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ آخرالذڪر ڪي سماجي زندگيءَ جو علم حاصل ڪرڻ ۾ نظريہ دان جي "غير جانبدار" رويي جي خاصيت بيان ڪري ٿو. جيڪو سماجي منظر جي شاهد جو بظاهر خارجي ۽ بي غرض رويو آهي. لينن خارجيت پرستيءَ تي شدت سان تنقيد ڪئي ۽ ان ڪي پارٽي رويي جي ڏيکيل شڪل قرار ڏنو. بورجوا نظريہ دان وڏي واڪي پارٽي رويو اختيار ڪرڻ ڪي اڪثر مفيد نہ ٿا سمجهن، تنهنڪري پنهنجي نظرياتي توجيهن ۽ حڪمران طبقي جي خود غرضانہ مفادن جي درميان تعلق ڪي لڪائين ٿا. اهڙين صورتن ۾ خارجيت پرست رويو اختيار ڪرڻ، چاهي سٺو هجي يا نہ هجي، بيحد موزون هجي ٿو.

جيئن تہ هي دور بينل تماشائين جي مجهول رويي جو ڪونهي بلڪ ترقي پسند قوتن جي سماجي زندگي ۾ سرگرم شرڪت جو آهي جيڪو سماجي مظهرن ۽ عوامل جي بنيادي پهلوئن جي خارجي علم جي راهہ کولي ٿو. سماجي سائنس ۾ اهو پارٽي رويي کان انڪار ڪونهي بلڪ سائنسي خارجيت ۽ پارٽي رويي جي وچ ۾ هم آهنگيءَ جي هڪ ڪوشش آهي جيڪا سائنس ڪي سماجي حقيقت جو ادراڪ ڪرڻ ۽ ان ۾ تبديلي آڻڻ جو هڪ مؤثر حربو بڻائي ٿي.

پڙهندڙ پڇي سگهي ٿو تہ هن ڪتاب جا مصنف ان ڪي ڇو اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ سماجي سائنس کي هڪ خاص رويو اختيار ڪرڻ ۽ عمل سان رشتو جوڙڻ وغيره جي ضرورت آهي؟ سماجي نظريا، سماجي سائنس جي مافيها کي بيان ڪرڻ کان علاوه ان تي زور ڏيڻ تہ اهو بہ سائنسي آهي، ڇو ضروري آهي؟ آخر لفظ علم سائنس خود پنهنجو مفهوم سمجهائي ٿو. مثال طبعيات جي نصابي ڪتابن ۾ صرف ان ئي سائنس جي باري ۾ بيان هوندو آهي، ان کي ڌهرايو نہ ٿو وڃي تہ اهو سائنسي آهي. مقداري ميڪانيت (Quantum Mechanics) جي باري ۾ تحريرون ڪڏهن بہ اهو بحث نہ ٿيون ڪن تہ صرف ان جا پيش ڪيل حل "سائنسي" آهن. ضرب جو ڪوڙو بس زباني ياد ڪيو ويندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ انهن سوالن جو تعلق نفس موضوع سان آهي ۽ ان جي جواب جو سرچشمو سماجي سائنس جا اهي مخصوص عمل آهن جن جو قريبي تعلق

انسانن جي سماجي ۽ سياسي سرگرمين سان آهي. سماجي سائنس ۾ هميشہ خيالن ۽ مفادن جو ٽڪرُ هجي ٿو جنهن جي بدولت علم جي بنياد تي جيڪو محڪم يقين حاصل ٿئي ٿو تنهنجي اهميت رڳو انفرادي نہ ٿي هجي بلڪہ اهو وڏي سماجي اهميت جو حامل هوندو آهي. سماجي سائنس جي دعوائن ۽ نتيجن جي صحت تي انسان جو يقين ان جو سماجي رجحان متعين ڪندو آهي. سماجي نظرئي جي اثر جو انحصار ان جي مجيندڙن جي تعداد تي هجي ٿو، ۽ جيڪڏهن ان نظرئي جي چوڌاري گهٽن ماڻهن کي جمع ڪرڻ آهي تہ پوءِ ان کي خارجي طور تي پيش ڪري ۽ ٻين تصورن سان ان جي پيٽ ڪري ئي ماڻهن کي ان جو قائل ڪرڻ گهرجي تہ اهو صحيح آهي. نظرئي جي حق ۾ جيتوڻيڪ فيصلائتو ڪونهي تہ هڪ اهم دليل انهن مقصدن جو جن جي هو خدمت ڪري ٿو، انهن مفادن جو جن سان اهو لاڳاپيل آهي ۽ جن ڏانهن ان جو رجحان آهي تنهن جو تعين ڪري ٿو.

سماجي ارتقا جو مارڪسي نظريو انهن سمورن سوالن جو سڌو سنئون جواب ڏئي ٿو. اهو هڪ نئين سوشلسٽ سماج جي تعمير جي نسب العين جي خدمت ڪري ٿو. اهو مزدور طبقي ۽ سمورن پورهيت ۽ استحصال ٿيندڙ ماڻهن جي مفادن سان سلهاڙيل آهي ۽ انسان دوستيءَ جي قدرن (Values) تي ٻڌل آهي، يعني آخرڪار اهو انسانيت جي مفادن سان واڳيل آهي. انسان پنهنجي سرگرمين ۾، ڪم ۾ پنهنجو جوهر ظاهر ڪري ٿو. مارڪسي نظرئي جو اهو انسان دوست مقصد آهي تہ وحشيانہ حالتون ختم ٿين، انسان جي پنهنجي جوهر کان اجنبيت ختم ٿئي، محنت کي نجات ملي ۽ پورهيت عوام کي خوشحالي نصيب ٿئي. سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي جي جنرل سيڪريٽري ليونيد ايليچ برزنيف جي ذهن ۾ اهو ئي نظريو هو جڏهن هن سوويت ڪميونسٹ پارٽيءَ جي 24 ڪانگريس ۾ اهو چيو هو تہ "سڄي دنيا ۾ اشتراڪي نسب العين جي مڪمل ڪامراني اٽٽر آهي ۽ اسين ان ڪاميابيءَ جي لاءِ ۽ پورهيتن جي خوشحاليءَ جي لاءِ جدوجهد ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏينداسين."

باب ٻيو
سماجي تحقيق جا لازمي فلسفيانہ شرط

اسين اِهو ثابت ڪري چڪا آهيون تہ سماج جي واقعي صحيح سائنسي ۽ جامع ادراڪ جي لاءِ ضروري آهي تہ خود ان ادراڪ ۾ عام سماجي نظريو شامل هجي. پر ان ۾ هميشہ اهو خطرو رهي ٿو تہ نظرئي ڪي هڪ اهڙي خيالي منصوبي ۾ تبديل نہ ڪيو وڃي جنهن جو تاريخ سان تعلق نہ هجي، جيڪو تز تاريخي حقيقت تي ٻڌل هجي ۽ جنهن جو نتيجو اهڙن خيالي تصورن جي صورت ۾ نڪري جيڪي منطقي اعتبار کان مربوط ۽ دلچسپ تہ هجن پر تاريخ جي اصل راهہ کان لا تعلق.

اهو ئي سبب آهي جو سماج جي مارڪسي نظرئي جي وضاحت ڪرڻ وقت اسان کي بلڪل ابتدا کان ئي ان تي زور ڏيڻ گهرجي تہ ان جو مقصد بنيادي طور تي تاريخ جي مطالعي ۾ رهنمائي ڪرڻ آهي، نہ ڪي تاريخ جي راهہ کي ترتيب ڏيڻ. اهو ڪنهن بہ لحاظ کان جادو جي لٺ ڪانهي جنهن سان تاريخ جي سمورن رازن جي مطالعي جي ضرورت باقي نہ رهي. تاريخي ماديت اها دعويٰ نہ ٿي ڪري تہ اها فلاڻي ملڪ ۾ فلاڻي عهد جي تاريخ جي توجيهہ ڪري ٿي. اها سماج جي ارتقا جي عام قوانين جو مطالعو ڪري ٿي ۽ عام رهنما اصول مرتب ڪري ٿي جن جو اطلاق الڳ الڳ ملڪن ۾ مختلف طريقي سان ڪيو وڃي ٿو. مثلاً ان جو اطلاق برطانيہ کان فرانس ۾، فرانس کان رياست هاءِ متحده آمريڪا ۾، سرمائيدار ملڪ کان اشتراڪي ملڪ ۾ ۽ صنعت يافتہ ملڪ کان ترقي پذير ملڪ ۾ مختلف هوندو ڇو تہ انهن مان هر ملڪ ۾ يا ملڪن جي گروهن ۾ تز حالتن ۽ تاريخ جي پنهنجي پوري راهہ مخصوص آهي.

تاريخي ماديت مارڪس ازم جي پوري تصور جو هڪ بنيادي جزو آهي ۽ ان جي عام فلسفيانہ نقطئ نظر سان وابستہ آهي. ليڪن ان ۾

فلسفيانہ اصول سماجي نظرئي جي اصطلاحن ۾ بيان ڪيا ويندا آهن. اهي بہ سماجي تحقيق جا لازمي شرط آهن.

اسان انهن اصولن ڏانهن ڏيان ان ڪري ڇڪائي رهيا آهيون تہ عام سماجي نظريو جنهن جو بنياد انهن اصولن تي هجي، سماجي زندگيءَ جي تحقيق جي لاءِ هڪ سائنسي طريقي جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو.

سماج جي مارڪسي نظرئي جو هڪ اهم ترين اصول جيڪو ان جو روح آهي ۽ جيڪو ان کي ماضي ۽ حال جي مختلف سماجي فلسفيانہ تصورن کان افضل ڪري ٿو سو مادييت جو اصول آهي. يعني سماجي زندگيءَ جو مادي تصور.

تاريخ جي وساطت سان مادييت جو مطلب آهي اهو تسليم ڪرڻ تہ سماج جي مادي زندگي، سڀ کان پهرين مادي پيداوار جو سماجي عمل سماجي زندگيءَ جو رڳو هڪ ضروري عنصر ڪونهي بلڪ انهن سمورن سماجي مظهرن جي گڏيل عمل جو مادي بنياد آهي جنهن مان آخرڪار روحاني دنيا ۽ سماجي زندگيءَ جون سموريون ٻيون صورتون مُعَيَنُ ٿين ٿيون.

تاريخ ۾ مادييت جي تصور جي باري ۾ مختلف خيال رهيا آهن. هڪ گروهہ ان کي تسليم ڪري ٿو ٻيو گروهہ سمجهي ٿو تہ اهو هڪ اهڙو نامعقول خيال آهي جنهن سان سائنس کي ڪو فائدو نہ ٿو پهچي. ٽئين جي راءِ ۾ اهو تصور سڀني سماجي نظرين ۾ موجود آهي ۽ چوٽون ان کي بلڪل رد ڪري ڇڏي ٿو. ان سلسلي ۾ لينن جو تصور سڀني کان وڌيڪ صحيح هيو. هن تاريخ ۾ مادييت جي اصول جو صحيح جائزو پيش ڪيو. هن جيو تہ عمرانيات ۾ مادييت جو تصور ئي دانائي جو بلندترين اظهار آهي.

جهڙيءَ طرح فطرت جي مظهرن جي ديومالائي ۽ مذهبي، "تشريحن" کي رد ڪرڻ ۽ اڳتي وڌي ان جي مطالعي مان طبيعي سائنس جو منطقي شرط مهيا ٿيو. ائين انساني يا مافوق الانساني شعور جي نتيجي جي طور تي تاريخ جي وضاحت ڪرڻ جي ڪوششن کي ختم ڪرڻ ۽ مادييت ڏانهن عبور ڪرڻ سماج جي اندر ٽيندڙ عوامل کي خارجي ۽ سائنسي فهم حاصل ڪرڻ جو لازمي شرط ۽ بنياد آهي. ليڪن هتي مادييت کي ٽُز روپ ۾ تصورن جي اهڙي نظام جي ذريعي پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ ان

جو اظهار ٿي سگهي

آخر اهڙن تصورن کي مرتب ڪرڻ ۾ جن سان ميڪانڪي حرڪت جو سائنسي بيان ممڪن هجي ۽ ان جا قانون دريافت ڪرڻ ۾ هزارين سال لڳا. پر ميڪانيت حرڪت جي ان ساده ترين ۽ انتهائي ابتدائي شڪل جو مطالعو ڪري ٿي جنهن جو علم انسان حاصل ڪيو آهي ۽ جنهن سان هر روز ان جو واسطو پوي ٿو. ڪلاسيڪي ميڪانيت جنهن جو بنياد گليليو، نيوٽن، لاگرانز ۽ ٻين عظيم ذهنن رکيو، اهڙن مشهور تصورن تي مشتمل آهي جهڙوڪ رفتار، اسراع (8)، ڪميت (9)، جمود، قوت وغيره. انهن جي باهمي لاڳاپن جي ذريعي سائنس فطرت جي قوانين جو اظهار ڪري ٿي جن جو علم انسان کي فطرت جي قوتن کان ڪم وٺڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. تاريخي ماديت جي تصور جو به اهو ئي حال آهي.

تاريخي ماديت جا پنهنجا مخصوص تَصُوَر آهن جن کي مقولات چيو ويندو آهي.

مقولات هر سائنس جا بنيادي تصور هوندا آهن جيڪي ان جي موضوع جي منفرد لازمي پهلوئن جي عڪاسي ڪن ٿا. سماج کي ته ڇڏيو، هر سائنس جو موضوع مختلف پهلوئن، گوناگون رابطن ۽ وسيلن جي وحدت تي مشتمل هوندو آهي. تنهنڪري اها قدرتي ڳالهه آهي ته ڪو واحد تصور زير مطالعي خارجي شيءِ کي ان جي ۽ رابطن جي سڀني تنوع (10) سميت دماغ ۾ لاهي نه ٿو سگهي، صرف تصور جو هڪ نظام آهي جن مان هر تصور خارجي شيءِ جو الڳ الڳ، هڪ طرفو يا مجرد علم فراهم ڪري ٿو. اهو ممڪن بڻائي ٿو ته دماغ ۾ حقيقت کي ان جي سڀني رنگارنگي حرڪت ۽ ارتقا سان گڏ لاهي سگهجي. مقولات نتيجو هوندا آهن خارجي شيءِ جي تجزيي ۽ تقسيم جو ۽ انهن کي ان جون منزلون سمجهڻ گهرجي. اهي دماغ جون دل گهريون ايجادون ناهن هوندیون بلڪ مخصوص خارجي شيءِ جي خاص پهلوئن، خصوصيتن ۽ رابطن جو دماغ ۾ پرتوو هجن.

8. اسراع "جلدي، ڦرتي، تيز رفتاري، تيزي".

9. ڪميت "ڪنهن شيءِ جو حقدار (سنڌيڪار)

10. تنوع "قسم قسم جوهجڻ، گوناگون (سنڌيڪار)

علم جي تاريخي ارتقا ۾ مقولات کي واضح ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري پيدا ٿي جو ڪنهن به خارجي شيءِ جو جامع تصور حاصل ڪرڻ ان وقت تائين ناممڪن آهي، جيستائين جو ان کي ورهايو نہ وڃي ۽ ان جي جدا جدا پهلوئن کي مقولن جي شڪل نہ ڏني وڃي. پر اهو معاملي جو صرف هڪ رُخ آهي.

وڌيڪ اهو ته، مقولات مرتب ڪرڻ جي ضرورت خارجي دنيا جي قوانين جي ادراڪ ۾ ان جي ڪردار مان به پيدا ٿئي ٿي. ادراڪ جو ڪم خارجي شين کي ذهن ۾ رڳو لاهڻو ناهي بلڪ ان جي اندر لڪل قوانين ۽ ضروري رابطن ۽ تعلقات کي دريافت ڪرڻ آهي. ليڪن خارجي شيءِ جو جوهر ۽ ان جا قوانين، مظهرن جي سطح تي نہ بلڪ پوشيده ۽ احساس جي رسائي کان ڏور هجن ٿا. تنهنڪري معروضي شيءِ جي هيئيت کان ان جي جوهر تائين پهچڻ، جوهر تائين نظرياتي رسائي حاصل ڪرڻ ۽ واسطيدار مقولات جي مطابق اهو طئي ڪرڻ ته ادراڪ ڪهڙي منزل تي آهي، تمام ضروري آهي. خارجي قوانين جوهرن جي درميان لاڳاپن جو اظهار ڪن ٿا. اهي ذهن ۾ سائنس جي اهڙن قانونن جي شڪل ۾ منعڪس ٿين ٿا جن جو اظهار مقولات جي لاڳاپي جي ذريعي ٿئي ٿو. چنانچہ مقولن کي مرتب ڪرڻ سائنس جي قوانين کي مرتب ڪرڻ جو منطقي لازمي شرط آهي.

تاريخي مادیت جي موضوع کي سائنسي مقولن ۾ به منعڪس ٿيڻ گهرجي. سماج ۾ جيڪو مادي موضوع جي حيثيت رکي ٿو، تنهن ۾ به خارجي قوانين موجود هوندا آهن ۽ عمل ڪندا آهن، ان معنيٰ ۾ سماج ۽ين مادي شين کان ڪنهن به طرح مختلف ڪونهي. پر اهو تحقيق جو هڪ مخصوص موضوع آهي. طبيعي سائنسن جا مقولا(11) جيڪي فطرت جي مظاهر جي تجزيي جي بنياد تي واضح ڪيا ويڻ ٿا ۽ انتهائي عام فلسفيانہ تصورَ به سماجي زندگيءَ جي خصوصيتن کي منعڪس ۽ ظاهر نہ ٿا ڪري سگهن. ان ئي سبب جي ڪري سماجي زندگي جي ادراڪ جي لاءِ تاريخي مادیت سمورن سماجي سائنسن جي تحقيقات مان لاڳ پرائيندي، پنهنجا مقولا مرتب ڪري ٿي.

11. مقولا "قول، سخن، مقولو، عام مشهور جملو، چوٽي، ڪهاوت (سنڌيڪار)"

تاريخي مادیت جي تحقيق جي موضوع مان مقولن جي ترتيب بہ متعين ٿئي ٿي، جن ۾ بنيادي خاص مقولا اهي آهن جيڪي يا تہ سماجي زندگيءَ جي لازمي پهلوئن کي مُنعڪس ڪن ٿا، جيڪي تاريخي ارتقا جي سيني منزلن ۾ مشترڪ آهن (مثال طور سماجي هستي، سماجي شعور، طريقہ پيداوار، بنياد، بالائي ڍانچو وغيرهہ) يا سماج جي ارتقا جي هر منزل ۾ وحدت ۽ ربط جي عڪاسي ڪن ٿا (جهڙوڪ سماجي معاشي تشڪيل، قديم پنچائتي نظام، سرمائيداري، ڪميونسٽ تشڪيل) تاريخي مادیت ۾ چند مقولا سماجي زندگيءَ جي منفرد پهلوئن کي منعڪس ڪن ٿا جيڪي صرف مخصوص شڪلين جي لاءِ موزون آهن پر جيڪي ان جي ارتقا کي سمجهڻ جي لاءِ انتهائي اهم آهن (مثلاً طبقا، رياست، سياست، جنگ وغيرهہ).

سماج پاڻ ۾ سلهاڙيل مظهرن، واقعن ۽ عوامل جي منجهيل نظام جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو. لينن پنهنجي تصنيف "فلسفي جي نوٽ بوڪن" ۾ لکي ٿو تہ "مقولا سڃاڻپ جون منزلون آهن، يعني دنيا جي ادراڪ جون منزلون، تاجي پيٽي جا مرڪزي نُڪتا جيڪي ان جو ادراڪ ڪرڻ ۾ ان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا." تاريخي مادیت جا مقولا سماجي زندگيءَ جي واقعي رنگا رنگي پنهنجي اندر سمائڻ وارن وسيلن جي شڪل ۾، سماجي مظهرن جي منجهيل ڄار تي ڪنٽرول ڪرڻ وارن جي شڪل ۾ بين لفظن ۾ مقولا ادراڪ جو نتيجو بہ آهن ۽ وسيلو بہ.

آخر ۾، تاريخي مادیت جي مقولن کي صحيح طور تي سمجهڻ جي لاءِ اها ڳالهہ ذهين نشين ڪرڻ ضروري آهي تہ بين سماجي سائنسن جي پيٽ ۾ تاريخي مادیت فلسفيانہ منهاجياتي(12) سائنس آهي، يعني اهڙي سائنس جيڪا سماجي زندگيءَ جي عوامل جي جدا جدا پهلوئن جو نہ، بلڪ ان جي سمورن پهلوئن جي باهمي ربط ۽ باهمي عمل کي مِدنظر رکندي هڪ مربوط عمل جي حيثيت سان سماجي زندگيءَ جو مطالعو ڪري ٿي. تنهنڪري تاريخي مادیت جا مقولا سماجي زندگيءَ جي ادراڪ ۾ ۽ انسان جي عملي سرگرمين ۾ منهاجي اهميت رکن ٿا. پر ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ اهي بذات خود نظرياتي نتيجن ۽ عملي فيصلن جا بنياد نہ ٿا بنجي سگهن.

12. منهاج "ڪليل سڙڪ، عام شاهراهہ (سنڌيڪار)".

اهي مقولا ۽ تاريخي مادیت جا قوانين، جن جو اظهار انهن جي ذريعي ٿئي ٿو، حقيقت جو مجموعي طور تي ۽ ان جي منفرد پهلوئن جو بہ ادراک ڪرڻ ۾ رهبري ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو صحيح نظرياتي نتيجا جيڪي عمل جي لاءِ رهبر بنجي سگهن ٿا سي بذات خود انهن مقولن مان نہ بلڪ تڙ حالتن تي غور ڪرڻ سان جن جو تجزيو تاريخي مادیت جي طريقي، ان جي مقولن ۽ قوانين جي مدد سان ڪيو ويو هجي، حاصل ڪري سگهجن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اسان اڄتي تاريخي مادیت جو بيان ان سائنس جي بنيادي مقولن جي تشريح سماجي زندگيءَ جو ادراک ڪرڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ان سائنسي جي قوانين کي ترتيب ڏيڻ ۽ انهن جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ ۽ تاريخي عمل جي وحدت ۽ تنوع، ان جي اندروني رشتي ۽ ربط کي سمجهڻ جي لاءِ انهن مقولن جي خارجي ماهيت (13) ۽ منهاجي اهميت جي نقطئ نظر سان ڪنداسين.

"سماجي هستي" ۽ "سماجي شعور" اهڙا بنيادي مقولا آهن جيڪي مادیت جي عام خيال کي سماجي نظرئي جي اصطلاحي زبان عطا ڪن ٿا. انهن تصورن کي عام فلسفيانہ تَصورَ "هستي" ۽ "شعور" جي بلڪل هم معنيٰ نہ سمجهڻ گهرجي. سماجي هستي، سماج جي مادي زندگي، هڪ مخصوص سماجي مقولو آهي. اهو بڏائيندي تہ سماجي هستي عام طور تي فطري هستي کان مختلف آهي، مارڪس سماج کي ڪيفيت جي لحاظ کان هڪ اهڙي مخصوص خارجي شيءِ سمجهي ٿو جنهن کي جسماني، حياتياتي ۽ روحاني شيءِ جي سطح تائين نہ ٿو آڻي سگهجي. اهو ٺيڪ آهي تہ سماج جو وجود فطرت ۾ آهي ۽ ان کان ڪيس جدا نہ ٿو ڪري سگهجي، اهو بہ صحيح آهي تہ زنده انسان هڪ حياتياتي نظام آهي پر طبيعي يا حياتياتي دنيا جا قوانين جن کان سماج يا انسان آزاد ڪونهي، سماج جي مخصوص ڪردار جي عڪاسي نہ ٿا ڪن ۽ اهوئي سبب آهي جو ان جي تشريح ڪرڻ ۾ اهو ڪنهن اوزار جو ڪم نہ ٿو ڏيئي سگهي. چنانچہ سماجي هستي ۽ پوري سماجي زندگيءَ کي سمجهڻ جي لاءِ انسان کي سماجي قوانين جي علم جي ضرورت آهي.

13. ماهيت، (عربي، مونث، حقيقت، اصليت، اصل مادو، جوهر (سنڌيڪار).

سمورن مادي مظهرن ۾ عوامل ۽ مخصوص خارجي قوانين موجود هجن ۽ عمل ڪن ٿا. اهو ٻڌائي ڇڏڻ سان ته سماجي هستي پوري سماجي زندگيءَ جو مادي بنياد آهي، ان جي قوانين جي ادراڪ جو ميدان ڪلي ويجي ٿو. يعني انهن قوانين جي ادراڪ جو جيڪي تاريخ ۾ ڪارفرما آهن. ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته سماجي عمل جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ ماديت جي ڪيڏي اهميت آهي.

سماجي شعور يعني مختلف قسم جا خيال نظريا، تَصورَ، سماجي اَحِسَاسَ وغيره جيڪي انسانن، سماجي گروهن ۽ سماج جي روحاني اعتبار کان اردگرد جي دنيا کي سمجهڻ، خوش پنهنجي سماجي هستيءَ کي سڌارڻ ۽ درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انهن جو سرچشمو سماج جي مادي زندگي، سماجي تعلقات جون رنگينيون ۽ انسانن جون سرگرميون آهن، شعور سماجي زندگيءَ جو هڪ ضروري پهلو آهي. ڇو ته آخرالذڪر پنهنجي سمورن جلون ۾ انسانن جي سرگرمين جو نتيجو آهي جيڪي باشعور هستيون آهن، سماجي شعور جي ارتقا جي نوعيت، سطح ۽ رُجحانَ آخرڪار سماجي هستي مُتعين ڪري ٿي. جيتوڻيڪ هنن جو باهمي عمل انتهائي منجهيل ۽ قسم قسم جو هجي ٿو. ان جو ذڪر اسين پوءِ ڪنداسين.

تنهنڪري سماجي هستي ۽ سماجي شعور جا تصور هر فلسفيانه سماجي نظرئي جي بنيادي سوال جو جواب ڏين ٿا. ان جو سوال ته روحاني ۽ مادي مان ڪنهن کي سماجي زندگيءَ ۾ مقيم، اول، فيصلائتو عنصر تسليم ڪرڻ گهرجي. مادييت جو نقطهٔ نظر هي آهي ته سماجي هستيءَ سماجي شعور کي مقدم ڄاڻيو ويجي. اهو آهي تاريخ جي مادي نقطهٔ نظر جو بنياد ۽ ان ڪري ئي اهي مقولا تاريخي مادييت جي مقولن جي پوري نظام جي لاءِ محوري ۽ بنيادي آهن.

پر سماجي زندگي جو تجزيو ڪرڻ ۾ مادييت جو اصول ڪٽي ڪيتروبه اهم هجي ان کي تيستائين باقاعدي استعمال نه ٿو ڪري سگهجي جيستائين جو اهو طئي نه ٿو ڪيو ويجي ته زيرمطالعي خارجي شيءِ تبديليءَ ڏانهن مائل آهي يا نه ۽ ان جو انعڪاس ڪهڙي قسم جي تصورن ۾

ڪرڻ گهرجي بي حرڪت، مطلق يا تغير پذير، اضافي يا لچڪدار. اسان جي طوفاني زماني ۾ جڏهن هڪ نسل جي ڏسندي ڏسندي سماج ۾ وسيع تبديليون ٿي رهيون آهن، ان سوال جو جواب سڄ جي روشني وانگر چٽو آهي. بلاشڪ سماج ترقي ڪري ٿو تنهنڪري ان کي لچڪدار ۽ تعمير پذير تصورن جي ذريعي منعڪس ڪرڻ گهرجي. پر ماضيءَ وانگر اڄ به اوهان کي ڪوڙ سارا اهڙا عمرانيات جا ماهر، مؤرخ ۽ سياستدان ملندا جيڪي سماج ۾ ٽينڈنڙ واقعن کي سمجهڻ لاءِ انهن کي پنهنجي ناهيل سانچن ۾ فِٽ ڪرڻ، انهن تي پنهنجي تراشيل تحفظات جي گود ۾ پاليل تصور چنبڙائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي "سماج"، "انساني فطرت"، شخصيت جهڙا تصور استعمال ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته سڀني دورن ۾ انهن جو جوهر هڪ ئي رهي ٿو. اهي اهو چئي ته "سرمايو"، "قدر زائد" ۽ اهڙي قسم جا مظهر قديم سماج ۾ ئي ڏٺا ويندا هئا، جڏ ڪا انوکي ڳالهه چوڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي ماضي ۽ حال جي مختلف سماجن کي اهڙي نقطئه نظر سان جاچين ٿا جيڪي خيالي مثالي نمونن جي مطابق هجن. اهي سماج جي ارتقا جي سلسلي ۾ اخلاقيات جو درس ڏين ٿا ۽ واقعن جو جائزو اهڙن اخلاقي مقولن جي پيش ڪن ٿا جيڪي تاريخ جي سياق و سباق (مضمون جي تسلسل) کان ئي ٻاهر هجن ٿا انهن ئي سببن جي بناءَ تي سماج مر جيڪي تبديليون ٿين ٿيون، سي ان جو صحيح ڪردار سمجهڻ کان قاصر رهن ٿا ۽ خارجي طور تي ان جو مطالعو به نه ٿا ڪري سگهن. ان جي ابتڙ سماجي زندگيءَ جو واقعي سائنسي مطالعو جو بنيادي فلسفيانه اصول اهو تسليم ڪري ٿو ته سماج ۾ تبديليون قوانين جون پابند هونديون آهن ۽ اها ترقي پسند ارتقا جي عمل هيٺ آهي. چنانچه تاريخي مادیت سائنسي تصورن کان ڪم وٺڻ جو هڪ اهڙو طريقو تلاش ڪري ٿي جنهن سان سماج ۾ ٽينڈنڙ تبديلن کي ان جي عظيم تُنوع ۾، سندس متعدد باهمي رابطن ۾، ماضي ۽ مستقبل ۾ ان جي رجحانن ۽ تضادن ۾ سمجهڻ ممڪن هجي. سماجي زندگي ۽ ان جي اظهار جي لاءِ استعمال ڪيل مقولن طرف ان نقطئه نظر کي جدلياتي چون ٿا.

سمورن سماجي مظهرن جي ادراڪ وانگر سماج جي مطالعي جو

جدلياتي نقطئ نظر سماجي تحقيق جو اهم ترين بنيادي فلسفيانہ اصول آهي ڇوتہ اهو محقق کي ان جو پابند ڪري ڇڏي ٿو تہ هو سماج کي تضاد جي ذريعي ارتقا ڪندي ڏسي ۽ اهو معلوم ڪري تہ هي يا هو سماجي مظهر ڪيئن ظاهر ٿيو آهي ۽ پنهنجي ارتقا جي دوران ڪيترين منزلن مان گذريو آهي، هاڻي اهو ڇا ٿي ويو آهي ۽ ان جي اندر مستقبل جي لاءِ ڪهڙيون امڪاني صورتون موجود آهن. لهٰذا سماجي تحقيق ۾ جدليات سماج ۽ سماجي مظهرن ڏانهن سڀ کان پهرين تاريخي نقطئ نظر اختيار ڪري ٿي، جنهن کي مختصر طور تي تاريخي اصول چون ٿا.

جيئن تہ مُعَيَنُ لمحي ۾ سماج ۽ ان جا ترڪيبي جزا بلڪل مُعَيَنُ صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا تنهنڪري انهن کي منعڪس ڪرڻ وارن تصورن جو بہ بلڪل ٺيڪ ٺيڪ تعين ۽ بيان ٿيڻ گهرجي پر سماج ۽ پوري حقيقت جنهن جو اسين ادراڪ حاصل ڪرڻ گهرون ٿا. سي مسلسل ارتقا ۽ تبديلي جي حالت ۾ رهن ٿا. تنهنڪري انهن تصورن کي بہ جيڪي ان جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ انسان کي ان جو علم عطا ڪن ٿا، تبديل ٿيڻ گهرجي. تنهنڪري ادراڪ جي، سماجي تصورن جي استعمال جي جدليات ۾ اضافت جو تصور شامل آهي، يعني جدليات تسليم ڪري ٿي تہ سائنسي تصور اضافي ۽ تغير پذير آهن، پر ان کي بلڪل اضافيت جي سطح تي لاهي ڇڏڻ بہ سراسر غلطي هوندي ڇوتہ جيئن لينن لکيو، جدليات انساني علم جي اضافي نوعيت تسليم ڪري ٿي. "خارجي صداقت جي انڪار جي معنيٰ ۾ نہ بلڪ ان معنيٰ ۾ تہ ان صداقت سان اسان جي علم جي قربت جون حدون تاريخي طور تي متعيَن ٿين ٿيون."(14) پين لفظن ۾ سائنسي علم خارجي حقيقتن جو حاصل هوندو آهي جيڪو ادراڪ جي ذريعي ظاهر ٿئي ٿو. ليڪن سڀ جو سڀ، ترت نہ، پوريءَ طرح ۽ بحيثيت مجموعي نہ بلڪ اضافي ۽ جزوي صداقتن جي صورت ۾. علم جي ترقي اضافي صداقتن جي مطلق صداقتن ڏانهن اڳتي قدم آهي. ان جي برعڪس اضافيت انساني تعليم جي اضافي نوعيت کان علاوہ ٻيو ڪجهہ تسليم نہ ٿي ڪري. اهو تبديليءَ جي باري ۾ مبالغہ آميزيءَ کان ڪم وٺڻ آهي، تبديليءَ کي مطلق

14. لينن، "ماديت ۽ تجربي عمليت".

بڻائي ڇڏي ٿو. هن جي اها دعوا آهي ته دنيا ۾ هر چيز اضافي آهي جنهن جو نتيجو نيٽ داخلي تصوريت ۾ خارجي صداقت کان انڪار ۾، الڳ الڳ سائنسي نظرين ۾ ئي نه بلڪ مجموعي طور تي انساني عمل جي خارجي مافيها کان انڪار ۾ ظاهر ٿئي ٿو. تاريخي ادراڪ ۾ به ان جو نتيجو ان ڪالهه کان انڪار جي صورت ۾ نڪري ٿو ته مختلف واقعن جو خارجي علم حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جو صحيح جائزو ونڊي سگهجي ٿو. اهو سماج جي هر خارجي علم کان، سماجي علمن جي تصورن جي اندر ڪنهن خارجي پائيدار حقيقت وغيره کان به انڪار آهي. پر واقعتاً سماجي سائنس ۾ استعمال ٿيندڙ تصورن کي جدلياتي لحاظ کان ٻئي هڃڻ گهرجي. هڪ طرف واضح، مُعَيَنُ ۽ پائدار ۽ ٻئي لچڪيدار، تغير پزير ۽ اضافي.

هاڻي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو ته سماج جو مطالعو ڪرڻ ۾ مادیت جي اصولن ۽ تاريخي نقطئه نظر جي حاصل جدلياتي اصولن ٻنهي جو هڪ ئي مقصد آهي، يعني مطالعي هيٺ شيءِ جو اهڙو ئي علم حاصل ڪرڻ جهڙي اها حقيقت آهي. ان مان ٻنهي اصولن جو بنيادي اتحاد ظاهر ٿئي ٿو.

سماج هڪ اهڙو نظام آهي جنهن جو خارجي طور تي وجود آهي ۽ جيڪو ارتقا ڪري ٿو. پر اها خصوصيت سماج کي هڪ خاص خارجي شيءِ جاري ڪرڻ واري جي حيثيت سان فطرت کان جدا نه ٿي ڪري ڇو ته ٻنهي صورتن ۾ مادي نظامن جي عمل ۽ ان ۾ تبديليءَ جي قانونن جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو.

پر جيئن ته پوئين باب ۾ چئي چڪا آهيون سماج اهڙي خارجي شيءِ آهي جيڪو بنيادي طور تي فطرت کان مختلف آهي ڇوته ان ۾ داخليت به شامل آهي. اهوئي سبب آهي جو سماجي سائنس کي سماج جو مطالعو نه صرف سماجي تعلقات جي هڪ نظام وانگر، انسان جو مطالعو نه صرف مُعَيَنُ نظام جي هڪ عنصر سماجي جسم جي هڪ عضوي وانگر بلڪ ان تعلقات جي داخل وانگر به، اهڙي فرد جي حيثيت سان به ڪرڻ گهرجي جيڪو سرگرمي ۽ تخليقي سعي جي صلاحيت رکي ٿو، هڪ فرد، جنهن جي پنهنجي روحاني دنيا آهي، پنهنجي پسند ناپسند آهي، اهڙي

سماجي سائنس جيڪا داخل کي جڳهه نه ٿي ڏئي انساني قدرن کان لاتعلق رهي ٿي ۽ انسان کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿي. پر سائنس جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته اها انساني مسئلن جي مطالعي جي ضرورت صرف تسليم ئي نه ڪري، بلڪ ان کي گهرجي ته اهڙي مطالعي جي لاءِ اصول ۽ طريقا به مرتب ڪري. هتي سڀ کان پهرين اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا سماجي سائنس اصولاً ان لائق آهي ته اها انسان کي جيڪو سندس مطالعي جو موضوع آهي، تاريخ، جي خالق جي حيثيت سان ان جي اندروني روحاني دنيا، ان جي خوشين ۽ غمن، ان جي تمنائن ۽ جذبات کي قبول ڪري سگهي؟ ڇا اهي شيون صرف فنون لطيفه ۽ ادب جو موضوع ناهن؟ اهو نيڪ آهي ته سماجي سائنس انسان جي اندروني دنيا سان فقط هڪ اندروني دنيا جي حيثيت سان بحث نه ٿي ڪري، بلڪ اها ان جو ٻاهر کان، سڀ کان پهرين انساني سرگرمي جي شڪل ۾ مطالعو ڪري سگهي ٿي، ۽ ائين ڪرڻ به گهرجي. پر سرگرميءَ جي اصول جو هڪ وڏيڪ عام، فلسفيانه مفهوم به آهي. انسان گيان ڏيان وارو نه پر سرگرم عمل هستي آهي. اهو عمل ئي آهي جنهن جي ذريعي سماجي انسان دنيا ۾ تبديلي آڻي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي به بدلائي ٿو. انسان جون بنيادي قوتون هن جي سرگرمي مان ظاهر ٿين ۽ حقيقت جو جامو پهرين ٿيون. مارڪس لکيو آهي ته خود تاريخ نالو آهي انسان جي محنت جي ذريعي انسان بنجڻ جو. انساني سرگرمي جي لاءِ سياق سباق (مضمون جي تسلسل) کان ٻاهر نه ته تاريخ آهي ۽ نه سماج، ايتري قدر جو خود انسان جو وجود به ڪونهي.

سماجي زندگي بنيادي اعتبار کان عملي نوعيت رکي ٿي. اهوئي سبب آهي جو صرف انسان جي سرگرمي جي ذريعي بحيثيت هڪ داخل جي ان جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. سماجي تحقيق ۾ سرگرمي جي اصول کي فلسفي جو بنيادي اصول سمجهڻ گهرجي.

مارڪسزم ۾ سرگرمي جو اصول ماديت ۽ جدليات سان بنيادي طور تي سلهاڙيل آهي. سرگرمي رڳو انسان جي خود توانائي جو اظهار ڪونهي، جيئن پراگمايتول جو خيال آهي، بلڪ اهو سماجي انسان ۽ مادي دنيا جو، جنهن ۾ فطرت ۽ سماج ٻئي شامل آهن، باهمي عمل آهي. پنهنجي

مادي سرگرميءَ جي دوران انسان خارجي شيءِ تي عمل ڪري ٿو ۽ ان کي انهن مقصدن مطابق تبديل ڪري ٿو جن کي هو پهرين مقرر ڪري چڪو آهي. اهوئي سبب آهي جو سرگرمي انسان جي مقصدن، تمنائن ۽ علم کي مادي دنيا سان ڳنڍيڻ جو، يعني تصوري ۽ مادي کي هڪ ٻئي سان ملائڻ جو نالو آهي. سرگرمي يعني سماجي انسان جو عمل ان جي اتحاد جو سراپا اظهار هجي ٿو. خارجي شيءِ انسان جي مقصدن تحت بدلجي ٿي، ان ۾ تعمير هجي ٿو ۽ مقصد، تمنائون ۽ علم انسان جي سرگرمي ۽ ان جي نتيجن ۾ معروضي ۽ مادي شڪل اختيار ڪن ٿا.

سماجي تحقيق ۾ سرگرمي جو اصول وڏيڪ اهم ان ڪري به آهي جو اها سماج جي اندر مادي ۽ ذهن، مادي ۽ تصوري جي ٻيٽ جون حدون مُعَيَنُ ڪرڻ ۽ ان جي اضافي نوعيت کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. اها ٻيٽ ان وقت ضروري هجي ٿي. جڏهن اهو فيصلو ڪرڻ جي ضرورت هجي ته وڏيڪ ضروري ڇاهي، سماج ۾ ڪا شيءِ اول آهي ۽ ڪا شيءِ ثانوي. اسين اها ڳالهه ذهن ۾ رکون ته ان وقت تائين سائنسي سماجي نظريو مرتب نه ٿو ڪري سگهجي جيستائين جو ان سوال جو جواب نه ڏنو وڃي. پر ان سوال جي دائري کان ٻاهر مادي ۽ تصوري جو تضاد اضافي آهي ڇو ته انهن جو اتحاد اڻ ٽُٽ آهي. اهوئي سبب آهي جو سرگرمي، جيڪا ان اتحاد جو پختو اظهار آهي، ذهن ۽ مادي جي درميان مطلق ٻيٽ کي بي معنيٰ بنائي ڇڏي ٿي.

سرگرمي جي اصول سان بحث ڪرڻ وقت سرگرميءَ سماجي تاريخي عمل جي سلسلي جي خارجي حالتن ۽ قانونن جي درميان لاڳاپي کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. مارڪسزم کي سماجي نظريو بظاهر ٻه متضاد رايا پيش ڪري ٿو. پهريون تاريخ جو عمل انساني سرگرمي جو نتيجو آهي، ٻيو زندگي ۽ سماج جي ارتقا خارجي قوانين جي تابع آهن جيڪي انسانن جي مرضي، شعور ۽ سرگرمي کان آزاد آهن. جيڪڏهن تاريخ جا خالق انسان آهن، جيڪڏهن انهن جي سرگرمي تخليقي آهي ته بظاهر ان مان اهو نتيجو ڪيئي سگهجي ٿو ته اهي مختلف طريقن سان تاريخ کي تخليق ڪري سگهن ٿا ۽ جنهن رخ تي چاهين ان کي موڙي

سگھن ٿا. آخر ڇا جرمني ۾ فسطائيت جو ڦاٽ اوچو ٿيڻ لازمي هو؟ ڇا واقعا ٻيو رستو اختيار نہ ٻيا ڪري سگھن؟ فرانس ۾ فسطائيت جنگ کان پھريں ڪامياب ڪانہ ٿي. جيتوٽيڪ اتي فسطائي نظام قائم ڪرڻ جون وڏيون ڪوششون ڪيون ويون. ڇا چين ۾ مائو جو "ثقافتي انقلاب" لازمي هو؟ آخر ان ملڪ ۾ اهڙيون قوتون موجود هيون جيڪي چين کي افراتفري ۽ مطلق العنان حڪومتي نظام جي غار ۾ ڪرڻ کان بچائي سگھن ٻيون. ان جي معنيٰ اها ٿي تہ هر ٿڙ حالت ۾ واقعا مختلف رستو اختيار ڪري سگھن ٻيا. سڀ ڪجھ انسان تي، انھن جي خيالن، خواهشن سرگرمي ۽ طاقت تي منحصر آهي. پر جيڪڏھن واقعن جي مٿي ڄاڻايل راهن کي قدرتي ۽ قوانين جو پابند تسليم ڪيو ويو تہ ايئن معلوم ٿيندو تہ انسانن جي سرگرمي ۽ پھل قدمي جو ڪو مطلب ڪونھي. ڇا تاريخ ۾ خارجي قوانين کي تسليم ڪرڻ جي اها معنيٰ آهي تہ سرگرميءَ جي پنھنجي اهميت کي رد ڪيو ويو؟ ڇا سرگرميءَ جو اصول هن ڳالھ جي اعتراف جي اجازت ڏئي ٿو تہ تاريخ جي راهہ خارجي قوانين جي ڪار فرمائي جي تابع آهي؟

سماجي سائنس جي تاريخ شاهد آهي تہ اهو هڪ اهڙو ناقص ناموافقت ضد (سنڊيڪار) آهي جنھن ڪينرن عظيم دماغن کي چڪرائي ڇڏيو آهي ۽ انھن سيني انھن ۾ رخن مان صرف هڪ تي زور ڏنو آهي. انھن مان ڪن جو عقيدو هو تہ تاريخ اٽل ۽ لازمي رستو اختيار ڪري ٿي ۽ ماڻھو رڳو ان خوش فهمي ۾ رهن ٿا تہ اهي پنھنجي مرضيءَ مطابق ڪم ڪري رهيا آهن. پر حقيقتن ۾ اهي اهو ئي ڪن ٿا جنھن تي اٽل ضرورت يا مقدر يا ڪا قادر مطلق هستي کين مجبور ڪري ٿي. ان جي برعڪس ٻيا ماڻھو سرگرميءَ کي لازمي سمجھندا هئا ۽ تاريخ جي سيني قانونن جا منڪر هئا.

تہ پوءِ صداقت ڪٿي آهي؟ ڇا هي ٻہ رايا دراصل هڪ ٻئي کي رد ڪن ٿا يا ٻنھي ۾ هڪجھڙائي ٿي سگھي ٿي؟ حقيقت اها آهي تہ اهي ٻئي رايا هڪ ٻئي جي بلڪل مطابق آهن ۽ ائين هجڻ ضروري آهي. نہ تہ مقدر جو نظريو جيڪو هر شيءِ کي لازمي ڄاڻائي ٿو ۽ انسان کي ڪٺ پتلي بڻائي ڇڏي ٿو. ائين اختياريت پرست ۽ داخليت پسند نظريو بہ تاريخي

حقيقت جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري بنياد نہ ٿو فراهم ڪري مقدر جو نظريو بلڪل بيڪار ۽ فضول آهي ڇو تہ اهو اتفاق کي تاريخي لحاظ کان لازمي بڻائي ڇڏي ٿو ۽ اختياريت جيڪا چوي ٿي تہ تاريخ بس انسانن جي آزاد تخليقي ڪوشش، انهن جي آزاد مرضي ۽ مقصدن جي آزاد انتخاب جو نتيجو آهي، ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڏيڻ کان لاچار آهي. مثلاً هن بنيادي حقيقت جي تشريح ڪيئن ٿي ڪري سگهجي تہ تاريخ ۾ اڪثر انساني سرگرمي جو نتيجو ان جي مقصدن جي بلڪل برعڪس نڪتو آهي؟ انسان نيڪي ڪرڻ گهري ٿو ليڪن ڪڏهن ڪڏهن بدي بہ ڪري ٿو. ان پراڻي چوٽي جي پويان طويل تاريخ آهي تہ دوزخ ڏانهن ويندڙ رستو نيڪ ارادن سان پريو پيو آهي. سرگرمي جي مقصدن ۽ نتيجن جي فرق مان ثابت ٿئي ٿو تہ تاريخ ۾ جيڪي قوتون ڪارفرما هونديون آهن سي انسان جي قابو کان ٻاهر آهن ۽ آخرڪار ان مان ئي ان جي سرگرميءَ جا نتيجا مُتعين ٿين ٿا. خارجي قوانين صرف ارد گرد جي ماحول ۾ ٿي نہ جيڪو سماج کان ٻاهر آهي بلڪ خود سماج جي اندر بہ ڪارفرما هجن ٿا ۽ جيڪڏهن ماڻهو جي سرگرميءَ کي سماجي ارتقا جي قوانين سان اهڙي طرح جوڙڻ آهي جو اها سرگرمي پنهنجي تخليقي ڪردار کان محروم نہ ٿئي تہ پوءِ اتي جدليات جي ضرورت پوندي. مابعدالطبعياتي فڪر جي طريقہ ڪار جي هڪ طرفي پڻي کي ختم ڪرڻ جو اهو ئي هڪ رستو آهي.

انسانن جو هر نسل جڏهن زندگيءَ جي ميدان ۾ قدم رکي ٿو تہ اهڙيون سماجي حالتون ڏسي ٿو جيڪي هن کان اڳ ۾ پيدا ٿيا هئا، هو انهن جي بنياد تي سرگرمي ڪري ٿو، انهن کي ٻيهر پيدا ڪري ٿو يا تبديل ڪري ٿو. اهي حالتون هڪ يا ٻي سرگرميءَ جي لاءِ واضح امڪان پيدا ڪن ٿيون ۽ انهن تي ئي ان سرگرميءَ جي مادي ۽ روحاني ذريعن جو انحصار هجي ٿو. ارتقا جي سطح جيڪا پهرين حاصل ڪئي وئي آهي ان جي اندر مخصوص سماجي مسئلا هوندا آهن، جن کي ماڻهو محسوس ڪن ٿا ۽ جن جي حل کي هو پنهنجو مقصد قرار ڏين ٿا. اهوئي سبب آهي جو سرگرمي کي انهن خارجي حالتن کان جن ۾ اها ڪئي وڃي ٿي الڳ نہ ٿو ڪري سگهجي. انهن خارجي حالتن جي موجودگي ماڻهن جي سرگرميءَ

جي آزادي يا اهميت کي گهٽ بلڪل نه ٿي ڪري بلڪ ان جي برعڪس ان کي پنهنجي سرگرميءَ کي بهتر طور تي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. تاريخي دورن جو تسلسل به انهن رجحانن جو آئينه دار آهي، جيڪي سماجي تبديليءَ جي اندر موجود هوندا آهن. يعني انهن قوانين جو جيڪي تاريخي ارتقا تي حاوي آهن ۽ جن سان تاريخي حقيقت جي هڪ ضروري پهلوءَ جو اظهار ٿئي ٿو. خارجي سماجي قانون ۽ ماڻهن جي سرگرميءَ جي درميان تعلق جي سوال تي عام نقطئه نظر هي آهي. پهريائين، انساني سرگرمي واقعن جي خارجي طور تي ضروري تسلسل مان ئي گذري ٿي جنهن جو نالو تاريخ آهي. ماڻهو اهي سڀ شيون پيدا ڪن ٿا جن جي انهن کي زنده رهڻ جي لاءِ ضرورت هجي ٿي، پنهنجا اوزار ۽ هٿيار بهتر بڻائن ٿا، پنهنجا مقرر ڪيل مقصد حاصل ڪن ٿا، زندگيءَ جي بهتر حالتن لاءِ جدوجهد ڪن ٿا وغيره ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي سماجي زندگيءَ جي تخليق ڪن ٿا. سماجي زندگي هڪ اهڙي سرگرمي آهي جيڪا هر وقت جاري رهي ٿي. ماڻهن جي عملي سرگرمي کان ٻاهر سماجي ارتقا جي ڪنهن به قانون جو تصور نه ٿو ڪري سگهجي. پر تاريخ جي جدليات اهڙي آهي جو ماڻهو حالتن ۾ تبديلي خود حالتن جي دباءَ جي ڪري ڪن ٿا ۽ سماجي ارتقا جي قوانين جو اظهار جيئن ته صرف ماڻهن جي عملي سرگرمي جي ذريعي ٿئي ٿو تنهنڪري اهي ئي ان سرگرميءَ جي ماهيت ۽ خدوخال مقرر ڪن ٿا. جديد دور ۾ سماجي ارتقا جي قوانين جي عمل ان کي مُعَيَنُ ڪيو آهي. ليڪن اها ڪامراني صرف ڪروڙين عوام جي عملي سرگرمين جي ذريعي، ترقي يافته سماجي قوتن جي بي لوث جدوجهد جي ذريعي، پراڻي سماج جي حامين جي مزاحمت کي ختم ڪري ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ٻيو ته هي قانون تاريخي عمل جا صرف عام خطوط مقرر ڪن ٿا. تاريخ جي تز راهه، راهه جي هر منزل تي ان عمل جو تفصيلي "نقشو" شڪليون ۽ ارتقا جي رفتار انهن سيني کي مقرر ڪرڻ ۾ مخصوص عنصرن جو هٿ وڌيڪ هجي ٿو جن ۾ ماڻهن جو تخليقي پهلو به شامل آهي. سماج جي ارتقا خارجي قوانين جي مطابق ٿئي ٿي ۽ پنهنجي سرگرمين ۾ ماڻهو مخصوص مادي حالتن جي حدن جي اندر رهن ٿا. پر

خارجي ضرورت جي ڄانچي جي اندر ۾ اهو ڄانچو ڪافي وڏو هوندو آهي. ماڻهو پنهنجن خارجي، خارجي حالتن جي سوچ سمجهه، پنهنجي سرگرمين جي حالتن وغيره جي مطابق انتهائي قسمين قسمين جي پهل قدمي ڏيڪارڻ جي لاءِ مختلف فيصلا ڪرڻ ۾ آزاد هجن ٿا. ماڻهن جي سرگرمين کي ميڪانيڪي جبريت جي روشني ۾ ڏسڻ صحيح ڪونهي ڇو ته ماڻهو ميڪانيڪي ذرو ڪونهي ۽ ان جا افعال ميڪانيڪي جسم جي ان حرڪت جهڙا ڪونهن جيڪي ٻاهرين تحريڪ جي ڪري ٿين ٿا. آخر، هر قوم جي پنهنجي مخصوص تاريخ هوندي آهي حالانڪ هڪ جهڙو ئي سماجي معاشي نظام رکڻ وارن سمورن ملڪن ۾ هڪ جهڙا قانون ڪم ڪن ٿا. لهٰذا سماجي ارتقا جي قوانين ۽ سماج ۾ انساني سرگرميءَ جي تخلقيي نوعيت ۾ تضاد قائم ڪرڻ غلط آهي. اها ئي سرگرمي صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي پوري جادوگريءَ سان سماجي ارتقا جو سرچشمو آهي ۽ تاريخ جي خالق پڻ.

تنهنڪري خود انسان ئي پنهنجي تاريخ جي عمارت تعمير ڪن ٿا پر پنهنجي مرضيءَ مطابق نه، اهي ان جي تعمير ان خارجي حالتن ۽ سماجي قانونن جي مطابق ڪن ٿا جيڪي بيشڪ موجود ته هجن ٿا پر انهن جي حيثيت تقدير جي لکٽيءَ جي ڪانهي هوندي، ڇو ته انهن جو اظهار سرگرمي ۽ مختلف سماجي قوتن جي تصادم جي صورت ۾ ٿئي ٿو ۽ اهي ڪنهن معنيٰ ۾ به تاريخ جي راهه جي لاءِ ڪو نسخو تجويز نه ٿا ڪن.

لينن ان خيال تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. پاڻ لکي ٿو ته "مارڪس ازم ٻين سياسي اشتراڪي نظرين کان ان ڪري مختلف آهي ته اهو وڏي عمدگيءَ سان خارجي صورتحال ۽ ارتقا جي خارجي راهه جي تجزئي ۾ مڪمل سائنسي سنجيدگيءَ کي انقلابي توانائي، انقلابي تخليقي دانش ۽ عوام جي بلاشڪ افراد، گروهن، تنظيمن ۽ پارٽين جي به انقلابي پهل قدميءَ سان جيڪا هڪ يا ٻئي طبقي سان تعلق معلوم ڪرڻ ۽ ان کي قائم ڪرڻ جي لائق آهن، جوڙي ٿو.(15)

هتي حقيقت ڏانهن سنجيده ۽ حقيقت پسند نقطئ نظر جو مقابلو

15. لينن، "بائيڪاٽ جي خلاف".

کاپي ڏر واري مهم پسندانہ خاکي بازي سان کيو ويو آهي. عوام جي تخليقي پهل قدمي، نيڪ خواهشن ۽ انقلابي توانائي جي ڪردار جو مقابلو موجوده حالتن جي سانچي ۾ موقع پرستانہ طور تي لهي وڃڻ سان کيو ويو آهي.

تاريخ ڏانهن جدلياتي ماديتي رويو سنجيده حقيقت پسندي ۽ انقلابي مقصديت جو ميلاپ آهي.

ان رويي جي تقاضا آهي تہ هڪ طرف بدلجندڙ تاريخي حالتن جي مطابق نظرئي کي مسلسل فروغ ڏنو وڃي تہ ٻئي طرف مارڪس ازم جي سيني دشمنن جي خلاف سخت جدوجهد ڪئي وڃي جيڪي تاريخ جي هر نئين موڙ کي علم جي ترقيءَ جي راهہ ۾ هر رڪاوٽ کي سماجي ارتقا جي سائنسي نظرئي تي نِت نون حملن جي لاءِ استعمال ڪن ٿا. تاريخ ڏانهن سوويت ڪميونسٽ پارٽي جو رويو هميشہ اهڙو ئي رهيو آهي جو تہ اها نہ صرف مارڪسي ليننسٽ سائنس کان رهبري حاصل ڪري ٿي پر ان کي پروان چڙهائڻ جي لاءِ بہ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي. سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي 24 ڪانگريس کي خطاب ڪندي ليونيو ايچ برنيف چيو "عالمي نقشي تي سرمائيداري ۽ اشتراڪيت جي قوتن جي وچ ۾ جدوجهد ۽ مڙني قسم جي ترميم پرستن جي انقلابي تعليمات کي بي جان بنائڻ ۽ اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي تعمير جي عمل کي مسخ ڪرڻ جون ڪوششون مطالبو ڪن ٿيون تہ اسان نظرئي جي مسئلن ۽ ان جي تخليقي نشونما تي پورو ڌيان ڏيندا رهون.

باب ٽيون
سماجي نظام

سماجي معاشي تشڪيل، هڪ سماجي نظام جي حيثيت سان

جيئن ته هر سماج انسانن تي مشتمل هوندو آهي تنهنڪري ان جي مطالعي جي ابتدا فرد کان ڪرڻ هڪ قدرتي ڳالهه معلوم ٿيندي. پر ان مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪونه ٿيندو. چو ته سماج سان گڏ انسان جي لاڳاپن جي سياق سباق کان ٻاهران جي باري ۾ ڪا ٺوس ڳالهه نه ٿي چئي سگهجي. ان ڪري جو سماج ئي انسان کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري ٿو. ان کان به وڌي ڪري اهو ته سماج ماڻهن جو فقط هڪ سادو مجموعو ڪونهي بلڪ منجهيل ۽ متحرڪ نظام آهي. انسان پيدا ٿيندا، زندهه رهندا ۽ مري ويندا آهن پر سماج بحيثيت هڪ نظام جي هميشه روان دوان رهي ٿو.

ته ان نظام جي نوعيت ڪهڙي آهي؟ اصولن جي بنياد تي ان جا عنصر نمايان ڪرڻ گهرجن؟ آخر تاريخ ۾ اسان کي مختلف شڪلين ملن ٿيون. مثلاً نسبي، نسلي، علائقائي وغيرهه. ڪن ماڻهن سماجي زندگيءَ جي تجزئي جو بنياد ثقافت جي خصوصيتن تي رکيو آهي جيئن مغربي ۽ مشرقي يا ورهي مذهب کي بنياد قرار ڏنو آهي، مثال طور عيسائي، بت پرست وغيرهه.

پر سماج حياتياتي يا ثقافتي ڪونهي بلڪ سماجي نظام آهي. تنهنڪري اسين ابتدا ۾ سماج جي تشريح بحيثيت هڪ سماجي نظام جي ڪنداسين، ان ڏميواري جي پيش نظر ته اسان جي ڏانچي جي ۽ انهن قانونن جي وضاحت ڪئي وڃي جن مطابق اهو عمل ڪري ۽ فروغ پائي ٿو.

اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي ته جيڪڏهن اسين سماج جي باري ۾ عام معنيٰ ۾ بحث ڪندا رهياسين ته اسين تاريخ جو سائنسي ۽ خارجي تجزيو نه ٿا ڪري سگهون چو ته تاريخ حقيقي ۽ ٺوس

سماجن جو هڪ سلسلو پيش ڪري ٿي، مثلاً روم جي غلام گير سلطنت، لوئي چوڏهين جي تحت جاگيرداراڻو فرانس، سرمائيدار رياست هاءِ متحده آمريڪا ۽ اشتراڪي سوويت يونين وغيرهه. انهن سماجن جي تاريخ جو سائنسي علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ تصور جي ضرورت آهي، جيڪو تاريخي واقعن جي سمنڊ ۾ اسان کي اها شناخت ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ته ڪهڙي شيءِ انهن سماجن ۾ هڪ ٻئي کان افضل ڪري ٿي، نه ته نظريو ان جي شناخت نه ٿو ڪري سگهي ۽ ان جو مطلب اهو آهي ته اسين حقيقت کي نه سمجهي سگهنداسين.

مارڪسي سائنس هڪ بنيادي تصور وضح ڪيو آهي جيڪو تاريخي اعتبار کان مختلف سماجن جي خصوصيت بحيثيت سماجي نظامن جي مُعَيَنُ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اهو آهي سماجي معاشي تشڪيل جو مقولو.(1)

سماجي تشڪيل هڪ اهڙي چوٽي آهي جيڪا هڪ لحاظ کان عالمي تاريخ جي متعلق نظرياتي فڪر جو نچوڙ آهي. ان ۾ تاريخ کي هڪ طرف ان نقطئ نظر کان ڏنو وڃي ٿو ته اها طويل عرصي ۾ اسان جو بربريت کان وٺي جديد تهذيب تائين عروج آهي ۽ ٻئي طرف انفرادي ملڪن، علاقائي شرڪتن ۽ رياستن جي ماڻهن جي تاريخن جو مجموعو آهي جيڪي دنيا ۾ پکڙيا پيا آهن.

اهو درست آهي ته "سماجي معاشي تشڪيل" هڪ اهڙو تصور آهي جيڪو بذات خود سماج جو ٿُز علم فراهم نه ٿو ڪري. پر ان جي سائنسي مطالعي جي ابتدا ڪرڻ ۾ ضرور مددگار ثابت ٿئي ٿو. مثال طور "جاگيرداراڻو سماج" يا "جاگيرداراڻي تشڪيل" جي تصور جو استعمال تاريخ جو ڪُليو قائم ڪرڻ ۽ ان جي دوران تاريخي اعتبار کان هڪ مُعَيَنُ دور جو. سماج جي هڪ صورت جي حيثيت سان، جيڪو اڳ واري (غلام) ۽ پوءِ واري (سرمائيداري) ٻنهي دورن کان تميز ڪرڻ واري قوت آهي، شناخت ڪرڻ ۾ سائنس جي مدد ڪري ٿو. هر تشڪيل هڪ سماجي معاشي نظام هجي ٿي، يعني ڪيفيت جي لحاظ کان هڪ جدا ۽ نسبتاً محڪم وجود.

1. آئيندہ ان کي "سماجي تشڪيل" يا رڳو تشيڪل چيو ويندو.

پر صرف قديم روم ئي غلاميءَ جي نظام جو واحد سماج ڪونہ هو. ان ۾ اسين ايٿينز، اسپارٽا ۽ ڪارٿيج کي بہ شامل ڪري سگھون ٿا. اهڙيءَ طرح جاگيرداراڻو سماج رڳو فرانس تائين محدود ڪونہ هو. اهو نظام روس، چين، جرمني ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ رائج هو ۽ اڄ صرف آمريڪا ئي سرمائيداري نظام تي ٻڌل ڪونهي، فرانس، اٽلي، جپان ۽ ٻيا ملڪ بہ سرمائيدار آهن. "تشڪيل" اهڙو تصور آهي جيڪو مختلف ملڪن ۾ تاريخي ارتقا جي هڪ ئي منزل جي دوران هن نظام جي بنيادي طور عام ترجيحي پهلوئن کي سامهون آڻي ٿو. جيڪي ان جي تاريخ جي منفرد خصوصيتن جي تهہ ۾ موجود هجن ٿا. هڪ پيرو ان عام ۽ بنيادي نڪتي جي وضاحت ٿي وڃي تہ پوءِ مخصوص سماجي نظام جي حدن جي اندر ورجاءَ جي عام سائنسي اصول جو تاريخ تي اطلاق ڪرڻ ۽ تاريخي ارتقا جي مُعَيَنُ منزل تي ڪم ڪرڻ وارن قانونن جي علم جي حصول طرف وک کڻڻ ممڪن ٿي پوي ٿو ڇو تہ ورجاءَ جو هجڻ ان جو دليل آهي تہ ان شيءِ ۾ ڪي قانون موجود ۽ ڪارفرما آهن.

مارڪس جي خاص تصنيف "سرمايو" ۾ انهن معاشي ۽ سماجي قانونن جو تجزيو ڪيو ويو آهي جن جي مطابق هڪ سماجي تشڪيل، سرمائيداري عمل ڪري تي ۽ فروغ پائي ٿي. مارڪس پنهنجي نظرياتي دعوائن جي ثبوت ۾ برطانيہ جي زندگيءَ مان حقيقتون ونڊي پيش ڪيون ڇو تہ اوڻويهين صديءَ ۾ پاڻ جڏهن اهو ڪتاب لکي رهيو هو تہ برطانيہ مثالي سرمائيدار ملڪ هو. پر هڪ سماجي معاشي نظام جي حيثيت سان سرمائيداري جي ارتقا جا رجحان جن کي مارڪس دريافت ڪيو صرف برطانيہ لاءِ ئي نہ بلڪ سرمائيداريءَ جي منزل ۾ ڪنهن بہ ملڪ لاءِ صحيح ٿي سگھن ٿا ڇو تہ خارجي قانون ڪنهن مخصوص ملڪ جا نہ بلڪ هڪ تشڪيل جا يعني معاشري جي تاريخي ارتقا جي هڪ خاص منزل جا قانون هوندا آهن.

مختلف تشڪيلن ۽ انهن جي قانونن جي باهمي فرق مان ئي ان ڳالهہ جي وضاحت ٿئي تي تہ توڙي جو اهي مختلف تاريخي حالتن ۾ درمياني طور تي هڪجهڙن واقعن مان رونما ٿين ٿا پر انهن جا نتيجا بلڪل

ئي مختلف نڪرندا آهن. ان مثال تي غور ڪيو. مارڪس بن هڪجهڙن عوامل جو مقابلو ڪيو. قديم روم ۾ زمين مان هارين جي بيدخليءَ ابتدائي سرمائيداراڻي اجتماع زر جي دوران زمين تان هارين جي بيدخليءَ بنهي صورتن ۾ نتيجو پرولتاريہ جي تشڪيل ۾ نڪتو جيڪي آزاد تہ هٿ پر پيداواري ذريعن کان محروم هٿا. ليڪن اسان اهو ياد رکون تہ روم جو پرولتاريہ نڪمو انبوهہ هو جيڪو سماج جي خرچ تي پلجندو هو. پر سرمائيدار سماج ۾ صنعتي پرولتاريہ پورهيتن جي اها فوج آهي جنهن جي بَل تي حڪمران طبقو دولتمند ٿيندو آهي.

تشڪيل جي تصور جي ماهيتءَ معنيٰ سمجهڻ جي لاءِ هڪ ٻئي اهم نڪتي تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪوبہ سماج مختلف بي بنيادءَ خيالي سماجي مظهرن جو انبار نہ هوندو آهي بلڪ هڪ مربوط نظام هجي ٿو جن جا عنصر هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا ۽ بنيادي طور تي پاڻ ۾ جڙيل هوندا آهن.

عمرانيات جا ڪيئي بورجوا ماهرءَ تاريخدان "نظريہ اسباب" جا حامي هجن ٿا انهن جي چوڻ جي مطابق تاريخي عمل نتيجو آهي مختلف "اسباب" جي باهمي عمل جو، جن ۾ برابري جي حيثيت سان معاشيات، فرد، رياست، جاگرافيائي حالتون، خيال، آبادي ۾ اضافو وغيره آهن، "نظريہ اسباب" جي خامي اها آهي تہ اهو اِهو نہ ٿو ٻڌائي تہ سمورن سماجي مظهرن جي باهمي عمل جو بنياد ڇا آهي. ان جو نتيجو هي آهي تہ سماج کي انهن سمورن مظهرن جي ميڪانڪي مجموعي وانگر پيش ڪيو ويجي ٿو. تاريخي مادیت ان کان بلڪل انڪار نہ ٿي ڪري تہ سماج ۾ مختلف سبب موجود هجن ٿا ۽ اهي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا. پر "اسباب" جي بي ربط نظرئي جي برعڪس مارڪس ازم سماج کي ان جي ارتقا جي هر دور ۾ هڪ سالمءَ مربوط "سماجي جسم" تصور ڪري ٿو جنهن ۾ مختلف سماجي مظهرن جي درميان لازمي تعلق هجي ٿو، ۽ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندڙ قوتون مساوي اهميت نہ ٿيون رکن. تاريخي مادیت مادي قدرن جي طريقہ پيداوار کي ئي اهو بنياد قرار ڏئي ٿي، جنهن تي سمورا سماجي مظهر هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ جيڪو سماجي معاشي تشڪيل جو مادي

بنیاد آهي. (اڳتي هلي ان خیال تي اسین تفصیل سان بحث ڪنداسین.)

"سماجي معاشي تشڪیل" هڪ اهڙو تصور آهي جیڪو نہ صرف لاڳاپن جي مخصوص تاریخي نظام جي، بلڪ انسانن جي سماجي سرگرمیءَ جي بہ خاصیت بیان ڪري ٿو جیڪي انهن لاڳاپن کي ہیهر پیدا ڪن ٿا ۽ تبدیل ڪندا رهن ٿا. عمل جي خواهش ۽ ترغیب ۽ حالتون جن ۾ اهو ڪیو وڃي ٿو، ۽ اهي نتیجا جیڪي ان مان پیدا ٿین ٿا انهن سیني جو تعین تُز حالتن مان یعني آخر ۾ سماجي تشڪیل جي نوعیت سان ٿئي ٿو. جاگیرداراڻي نظام ۾ هاريءَ جي اها خواهش هوندي آهي تہ هو زمین جو مالڪ بنجي ۽ محنت جي اجوري جو حقدار ۽ بیگار کان آجو هجي. صرف پنهنجي مفاد جو بلڪ ان مفاد جو بہ خیال رکي ٿو جیڪو نئین سماج جي تعمیر ۾ بین سان ان جو گڏیل مفاد آهي. ماڻهن جي خواهشن، ترغیبن، آمادگین ۽ عملن ۾ اهو فرق ان وقت تائین نہ ٿو سمجهي سگهجي جیستائین انهن کي تاریخي تشڪیلن جي پس منظر ۾ نہ ڏٺو وڃي.

تنهنڪري سماجي تشڪیل هڪ مُعین، تاریخي اعتبار کان تُز سماج هجي ٿو جیڪو ترڪیبي اتحاد ۽ باهمي عمل جي حالت ۾ سماجي مظهرن ۽ لاڳاپن جو هڪ نظام آهي جیڪو طریقہ پیداوار تي ٻڌل ۽ پنهنجي قانون مطابق ارتقا پذیر آهي.

تشڪیل هڪ اهڙو تصور آهي جنهن سان سماجي زندگيءَ جي بظاهر بدنظميءَ کي ختم ڪري سماجي نظامن جي پابند قانون تسلسل جي تاریخ مان مدد ملي ٿي. قدیم پنچائتي نظام، تاریخي اعتبار کان پهرین سماجي تشڪیل هئي، ان کانپوءِ غلاميءَ جي تشڪیل، پوءِ جاگیرداراڻي تشڪیل، ان کانپوءِ سرمائیداراڻي تشڪیل، جنهن مان هاڻي انسانیت ڪمیونسٽ سماج جي اڏاوت ڏانهن عبوري عمل مان گذري رهي آهي. قدیم پنچائتي تشڪیل جي حدن ۾ ابتدائي پیداوار جي بنیاد تي انسان، انسان ٿیو ۽ تهذیب جي ترقيءَ جي لاءِ ضروري شرط پیدا ٿیا. غلامي، جاگیرداري ۽ سرمائیداري سڀ جون سڀ اهڙیون تشڪیلون آهن جن ۾ جهیڙيڪار تضاد موجود آهي ڇو تہ ان جو بنیاد نجي ملڪیت تي آهي. انهن سیني ۾ گڏیل ڳالهہ اها آهي تہ اهي سڀئي حاڪمیت ۽ محڪومیت جي تعلقات تي ٻڌل

آهن. ۽ انهن جا تخريبي تضاد طبقاتي جدوجهد، جنگين ۽ انقلابن کي جنم ڏين ٿا. ڪميونسٽ تشڪيل سماج جي ارتقا جي بلند ترين منزل آهي جيڪو تعاون جي لاڳاپن ۽ سماجي هڪجهڙائي تي مبني آهي ۽ جنهن جي خاصيت فرد جو عروج ۽ انسانيت جي مادي ۽ روحاني ثقافت جي آسودگي آهي.

سماجي معاشي تشڪيل جي تصور جي اهميت اها آهي ته ان جي ڪري اهو ممڪن ٿيو ته تاريخ جو مطالعو انسانيت جي ارتقا جي پابند عمل جي حيثيت سان ڪيو وڃي. ان تصور جي وضع ڪرڻ سان ممڪن ٿيو پهريون تاريخ جي هڪ دور کي ٻئي کان جدا ڪرڻ، سماج جي تاريخ ۾ نوعيت جي لحاظ کان الڳ الڳ منزلن کي سڃاڻڻ، جن مان هر منزل جي حرڪت جا پنهنجا خاص قانون هوندا آهن ۽ سماجي ارتقا جي سائنسي مطالعي جي ابتدا ڪرڻ. ٻيو، سماجي ارتقا جي هڪ ئي منزل ۾ مختلف ملڪن جي اندر اسان کي جيڪي عام ۽ بار بار ورجاءُ هجڻ واريون شيون ملين، تن کي نمايان ڪرڻ مثلاً ملڪيت جون شڪليون، تعلقات پيداوار، استحصال جون شڪليون، خاص خاص طبقا ۽ سماجي زندگيءَ جي قانون جو علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ، هر مُعَيَنُ نڪتي تي سماجي زندگيءَ جي مختلف مظهرن جي درميان اتحاد ۽ جدلياتي باهمي ربط معلوم ڪرڻ ۽ ان مادي جي بنياد جي کوج لڳائڻ جنهن تي سيئي سماجي مظهر هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا. آخر ۾ تشڪيل جو تصور سماجي ارتقائي ماڻهن جي سرگرمي جي نتيجي جي حيثيت سان ڏسڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو. جو ته اهو هن جي سرگرميءَ کي تاريخي اعتبار کان تُڙ سمجاڻن جي حالتن سان ڳنڍي ٿو. مختصر اهو ته سماجي تشڪيل تاريخ جي مادي نقطئ نظر جو سنگ بنياد آهي.

سماجي نظامن، سماجي تشڪيلن جي درميان لازمي ايستائين جو بنيادي فرق جي موجودگي ان حقيقت کي رد نه ٿي ڪري ته اهي سڀ انسانيت جي تاريخي پيش قدميءَ جون منزلون آهن ۽ تشڪيلن ۾ پنهنجي منفرد ڳالهين سان گڏوگڏ خصوصيتون ۽ يڪسان عوامل به هجن ٿا. مثال طور سرمائيداري ۽ اشتراڪيت ٻنهي ۾ صنعتي ترقي ۽ سائنسي ۽

تيڪنڪي انقلاب هوندو آهي. ان جا سماجي نتيجا به مختلف هجن ٿا، ليڪن ان ۾ ڪجهه مشترڪ عنصرن به شامل هوندا آهن، مثلاً پهراڙين جو شهرن ۾ منتقل ٿيڻ، شهري خصوصيتون حاصل ڪرڻ، سائنسدانن، انجنيئرن ۽ ماهرن جي تعداد جو وڌڻ، سائنس جي اهميت ۾ اضافو وغيرهه. وڌيڪ اهو ته جيئن ته تاريخي ارتقا غيرهموار هجي ٿي، تنهنڪري مختلف ملڪن ۾ يڪسان عوامل مختلف دورن ۾ هوندا آهن. ڪي ملڪ تيزيءَ سان اڳتي وڌن ٿا پر ٻين کي تاريخي ترقيءَ ۾ دير لڳي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هڪ ئي دور ۾ اسان کي اهڙا ملڪ ملن ٿا جيڪي ارتقا جي مختلف مرحلن ۾ آهن ۽ مختلف شڪلين سان واسطو رکن ٿا. مگر انهن جي درميان بقاءِ باهمي (Co-existense) هجي ٿي. اهي هڪٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ عمل ڪن ٿا. ان سان به لازمي طور تي ان جي ارتقا ۽ مستقبل تي اثر پوي ٿو. تنهنڪري هڪ پيرو وري ثابت ٿئي ٿو ته تشڪيل هڪ اهڙو تصور آهي جيڪو تاريخي مطالعي جي لاءِ اوزار جو ڪم ڏئي ٿو ليڪن بذات خود مطالعي جو متبادل ڪونهي.

سماجي تشڪيل جي تصور ۾ مجموعي طور تي سماج تي باقاعده نقطهٔ نظر جو اطلاق ڪيو ويجي ٿو. ليڪن هڪ سماجي نظام جي حيثيت سان سماج ۾ ڪثير تعداد ۾ مختلف اڪائيون هجن ٿيون جن مان هر اڪائي پنهنجي جاءِ تي خود هڪ نظام آهي.

تنهنڪري سماج (۽ تشڪيل ۾) ڪيئي ماتحت نظام به شامل هوندا آهن ۽ ان جي ڪري ان جو تفصيلي ۽ باقاعده تجزيو ڪرڻ تمام گهڻو منجهيل مسئلو بنجي ويجي ٿو. تنهنڪري مجموعي طور هڪ سماجي نظام جي حيثيت سان سماج جو تجزيو ڪرڻ وقت بي شمار جزئيات کان پنهنجو پاڻ کي الڳ ڪري وٺڻ ۽ ان نظام جي اهم ترين ۽ انتهائي عام ترڪيبي عنصرن کي نمايان ڪرڻ قدرتي ڳالهه آهي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته تاريخي عمل جو مڪمل ۽ جامع مطالعو ڪرڻ جي لاءِ انهن سمورن مظهرن کي نظر ۾ رکڻ جي ضرورت آهي جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح ان کي متاثر ڪن ٿا. پر ڪن جو اثر وڌيڪ هجي ٿو ۽ ٻين جو گهٽ، اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي پهرئين تخميني ۾

عام نظرئي کي ان جو حق حاصل آهي تہ اهو سماجي زندگيءَ جي انهن خاص ۽ ضروري مظهرن ۽ پهلوئن جي تجزئي تي ڏيان ڏئي، جن مان سماجي نظام جو مجموعي طور تي پوري سماج جو ڍانچو تيار ٿئي ٿو. عالمي ترڪيبي تجزيو هر سماجي مظهر يا عمل جي تحقيق ۾ بنيادي منهاجياتي اصول مرتب ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو. پر ان جي ٿُڙ تشريح جي لاءِ ان کان اڳتي وڌڻ جي، يعني عمل پيرا عناصر، قوتن، اسباب ۽ حالتن تي ان جي سڄي گونا گوني سان گڏ ممڪن حد تائين پوريءَ طرح غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان سان سماج ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي ماهيت جي وڌيڪ گهرائي تائين پهچڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ ماڻهو ان غلط فهميءَ کان پرهيز ڪري ٿو تہ سماج جي باري ۾ ان جو علم مطلق، مڪمل ۽ تبديل نہ ٿيڻ جوڳو آهي. مختلف قسمن جي شڪلين ۾ عام ۽ مخصوص ترڪيبي عنصر پڻ هوندا آهن. انهن مان اسين پهريائين ان جو تجزيو ڪنداسين جيڪي سمورن سماجي معاشي شڪلين ۾ عام آهن.

پيداواري طريقو، سماجي تشڪيل جو مادي ۽ معاشي بنياد

انساني سماج جو بندوبست چاهي ڪجهہ بہ هجي، اهو پنهنجي ارتقا جي ڪنهن بہ منزل ۾ هجي، سندس وجود جو اولين شرط فطرت سان شين جي متا ستا ۽ غذا، لباس، رهائش وغيره جي سلسلي ۾ ماڻهن جي مادي ضرورتن جي تڪميل آهي. پر انسان کي زنده رهڻ جي لاءِ فطرت ۾ اهي سيئي مادي شيون نهيل نڪيل ڪونہ ٿيون ملن جن جي ان کي ضرورت هوندي آهي، تنهنڪري اهي ان کي ناهٽيون پون ٿيون. ان ڪري پيداوار، چاهي حالتون ڪهڙيون بہ هجن، انساني وجود جو بنياد هڪ ديرپا ۽ فطري ضرورت بنجي وڃي ٿي. پر سماج ۾ پيداوار جي اهميت ان حقيقت کان مٿاهين هجي ٿي تہ اها ماڻهن کي صرف زندگيءَ جي ضرورت جون شيون فراهم ڪري ٿي. مارڪس ۽ اينگلس اها سائنسي ايجاد ڪئي تہ مادي شيون پيدا ڪرڻ جي دوران ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو پورو ڍانچو بہ پيدا ۽ نئين سر پيدا ڪن ٿا ۽ پيداوار جي دوران اهي سماجي هستيءَ جي قالب ۾ بدلجن ٿا.

مارکس ۽ اينگلس "جرمن آئيڊيولوجي" ۾ لکن ٿا تہ پيداواري طريقو "انهن ماڻهن جي سرگرمي جي هڪ مقرر شڪل آهي، هنن جي زندگيءَ جي اظهار جو هڪ مقرر اسلوب انهن جي زندگيءَ جو هڪ مقرر طريقو. جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي زندگي جو اظهار ڪن ٿا، اهي اهڙي ئي قسم جا هوندا آهن. ان ڪري جو هو اهي آهن اهو انهن جي پيداوار جي مطابق هجي ٿو. بنهي لحاظن کان تہ اهي ڇا ٿا پيدا ڪن ۽ ڪيئن ٿا پيدا ڪن. تنهنڪري ماڻهن جي فطرت جو انحصار انهن جي مادي حالتن تي هجي ٿو جن مان انهن جي پيداوار مقرر ٿيندي آهي." اهو ئي سبب آهي جو هر سماجي تشڪيل جو ڍانچو سماجي زندگيءَ جي ان پيداواري طريقي سان مُعَيَنُ ٿئي ٿو جنهن لاءِ اهو موزون آهي.

محنت جي دوران ماڻهو فطرت جي ماهيت کي تبديل ڪن ٿا، ان کي اهڙين شين ۾ تبديل ڪن ٿا جن سان هنن جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. جانورن جي پيٽ ۾ انسان زندهہ رهڻ جي لاءِ هر ضروري شيءِ ناهي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪن ٿا. هيءَ اها حقيقت آهي جيڪا فطرت سان انسان جي لاڳاپن ۾ هڪ بنيادي تبديلي پيدا ڪري ڇڏي ٿي ۽ ان کي ٻي سموري ساهہ واري مخلوق کان جدا ڪري ٿي.

بيروني فطرت زندگيءَ جي سمورين نامياتي شڪلين جي لاءِ صرف ضروري ئي ڪونهي بلڪ فيصلائتو شرط آهي. هر جسم پنهنجي ماحول سان باهمي حياتياتي عمل جي ذريعي ئي زندهہ رهي ٿو. جي بدلجندڙ ڍانچي ۾ هجي ٿو جيڪو پنهنجي ماحول جي بدلجندڙ حالت مطابق پلٽجي ٿو.

انساني سماج جي ارتقا جو معاملو بلڪل مختلف آهي. پيداوار جي مدد سان انسان حيواني دنيا کان بلند ٿي وڃي ٿو. انسان اڃاتل طريقي سان پنهنجو پاڻ کي اردگرد جي فطري حالتن جي مطابق نہ ٿو ناهي بلڪ ان تي عمل ڪرڻ جا اوزار استعمال ڪري ٿو، انهن ۾ پنهنجي ضرورت جي مطابق تبديلي ڪري ٿو ۽ ثقافت يعني "بي فطرت" جي تخليق ڪري ٿو ۽ ان بنياد تي پنهنجي وجود جون سماجي حالتون پيدا ڪري ٿو. اهو ئي وجود آهي جو جتي حيواني دنيا جي ارتقا حياتياتي قانونن جي تابع آهي، اتي

انساني سماج جي ارتقا سماجي قوانين جي تابع آهي جيڪي مخصوص پيداواري طريقن تي ٻڌل هوندا آهن.

پيداواري طريقو، پيداوار جي ٻن پهلوئن جو اتحاد آهي جيڪي لازمي طور تي جُڙيل هوندا آهن. پيداواري قوتون ۽ پيداواري تعلقات جن سان ترتيبوار انسانن جي ٻن قسمن جي لاڳاپن جو اظهار ٿئي ٿو، فطرت سان ان جو رشتو ۽ انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان رشتو.

پيداواري قوتون فطرت سان گڏ انسانن ۽ سماج سان لاڳاپا ظاهر ڪن ٿيون ۽ انهن جي ارتقا جي سطح کان پتو پوي ٿو ته فطرت تي انسان جي ڪيتري حد تائين فرمانروائي آهي.

انتهائي مجرد اصطلاحن ۾ پيداوار محنت جو عمل آهي، يعني انسانن جو سرگرم، باشعور ۽ بامقصد مادي عمل، جنهن جو مقصد قدرتي وسيلن کي انساني ضرورتن جي مطابق قبول ڪندڙ بنائڻ آهي. محنت جا موضوع، محنت جا ذريعا ۽ خود محنت عمل جا عام ۽ ضروري عنصر آهن جن جي بغير ان کي عملي جامو نه ٿو پارائي سگهجي. پر پيداوار جي عمل ۾ انهن جا ڪردار الڳ الڳ هجن ٿا. محنت جا موضوع اڻجاتل هجن ٿا. ان ۾ اهي سموريون شيون شامل هونديون آهن جن ۾ پيداوار جي دوران تصرف ۽ تبديلي ڪئي وڃي ٿي. جڏهن انهن کي محنت جي ذريعن جي مدد سان انسان جي گهربل پيداوار جي شڪل ڏني وڃي ٿي. محنت جا ذريعا انهيءَ شيءِ يا شين جو مجموعو آهن جن کي محنت ڪرڻ وارو پنهنجي ۽ پنهنجي محنت جي موضوع جي وچ ۾ آڻي ٿو ۽ جيڪي ان جي سرگرمي جي پهچائيندڙ (مُوصل) جو ڪم ڪن ٿا. محنت جي ذريعي جو دائرو وسيع آهي، ان ۾ بجلي گهر، صنعتي عمارتون، گودام، باربرداريءَ جا ذريعا ۽ آمد و رفت جا ذريعا وغيره سڀ شامل آهن. ليڪن انهن ۾ خاص پيداوار جا هٿيار ۽ اوزار آهن، جهڙوڪ مشينون، ڪَل پرزا جيڪي محنت جي موضوع تي انسان جي اثر جا ترت ذريعا هوندا آهن.

محنت جا موضوع ۽ ذريعا ملي ڪري محنت جا مادي عنصر ٿين ٿا. پورهئي جي موضوع جي برعڪس پورهئي جا ذريعا پيداوار ۾ فعال ڪردار ادا ڪندا آهن. پر ان جو ڪردار ڪٽي ڪيترو به وڏو هجي اهي

صرف محنت، انساني سرگرمي جي توسط سان ئي استعمال ڪري سگھجن ٿا. انسان پيداوار ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري ٿو. جنھنڪري عمل محنت جا اھي ئي فعال عنصر يعني محنت جا ذريعا ۽ انسانن کي جيڪي پيداوار جي ھنر، علم ۽ تجربي جا مالڪ ھوندا آھن ۽ مادي سامان پيدا ڪن ٿا سماج جون پيداواري قوتون چيو وڃي ٿو.

پورھئي جي ذريعن ۽ موضوع جي درميان فرق اضافي ھجي ٿو ڇو ته ھڪ ئي شيءِ پيداوار ۾ مختلف مقصدن جي لاءِ استعمال ڪري سگھجي ٿي. مثال طور جڏھن زمين تي اوزارن ۽ مشينن جي ذريعي ڪم ڪيو وڃي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ اھو محنت جو موضوع آھي. پر جڏھن اھا اڻڙا ٻوٽا "پيدا" ڪري ٿي جن جي انسان کي ضرورت آھي ۽ ٻوٽن تي انسان جي اثر کي پھچائڻ جي وسيلي جو ڪم ڪري ٿي تہ اھو محنت جو ذريعو سماج جي پيداواري قوت بنجي وڃي ٿو. اھو ئي ڪوئلي، تيل، مختلف مصنوعي شين، پالتو جانورن وغيره جي باري ۾ چئي سگھجي ٿو جيڪا پيداوار جي دوران محنت جا موضوع ۽ ذريعا ٻنھي اعتبار سان ڪم آڻي سگھجن ٿا.

بھرحال محنت جي ذريعن ۽ موضوع جي بنيادي فرق کي سمجھڻ ضروري آھي. آخرالذڪر جيئن تہ پيداوار جو اڻجاتل عنصر ھجي ٿي تنھنڪري ان مان فطرت سان سماج جي لاڳاپن جي نوعيت نہ بلڪ فطرت جون اھي خصوصيتون ظاھر ٿين ٿيون جن کي انسان پيداوار ۾ ڪم ۾ آڻي ٿو. جيئن مثال طور ڪاني پراڻي قسم جي ڪھاڙيءَ سان بہ ڪپي سگھجي ٿي ۽ بجلي جي آري سان بہ. ڪٽڻ ان زمين ۾ بہ پيدا ڪري سگھجي ٿو جتي ڪاٺ جي ھر سان پوک ڪري سگھجي ٿي تہ مشيني ھر سان بہ. محنت دوران اھي محنت جا ذريعا ئي ھوندا آھن جيڪي فطرت سان انسان جو تعلق مُتعين ڪن ٿا ۽ ان جي محنت کي لاڳائتو بہ بيشڪ اھو ڇئي سگھجي ٿو تہ انسان جيڪو سامان استعمال ڪري ٿو ان مان بہ پيداواري قوتن جي ارتقا جي سطح جو پتو پوي ٿو ڇو تہ پيدوار ۾ ترقيءَ جو مطلب نئين سامان جو استعمال بہ آھي، جن سان انسان ان لائق ٿئي ٿو تہ فطرت جي خصوصيتن کان زياده وسيع پئماني تي ڪم وٺي سگھي. تنھنڪري قديم آثارن جا ماھر پٿر جي دور، ڪَنجھي جي دور ۽ لوھہ جي دور ۾ فرق

ڪن ٿا. جديد ٽيڪنالوجي کي ڪمياب ڏاتن جي وسيع استعمال جي بغير، جيڪي هن مهل تائين استعمال ۾ نه آندا ويندا هئا، مختلف قسم جي مصنوعي سامان وغيره جي بغير ترقي ڏيڻ ناممڪن آهي. هتي اهم نُڪتو هي آهي ته پٽر، ڪنجهو، لوهه، اٽلي ڏاتو، پلاسٽڪ ۽ ٻيو سامان پيداواري قوتن جي نشونما کي پرکڻ جا معيار تڏهن بنجن ٿا ۽ پيداوار ۾ فعال حصو تڏهن ونن ٿا جڏهن انهن کي پيداوار ۾ محنت جي ذريعي حيثيت سان شامل ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جي خصوصيتن کي محنت جي موضوع تي عمل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيئن بارود سان انقلاب تڏهن آيو جڏهن ان کي رڳو آتشبازيءَ ۾ نه بلڪ آتشي اسلحي ۾ به استعمال ڪيو ويو.

تنهنڪري محنت جا موضوع فطرت جو اهو حصو آهن جيڪو پيداوار ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ تبديلي ڪئي وڃي ٿي. محنت جا موضوع فطرت جي خصوصيتن جو آئينو آهن جن کي انسان هڪ مقرر دور ۾ پيداوار ۾ استعمال ڪري ٿو جيئن ان سان هڪجهڙائي رکڻ واري محنت جي ذريعي جو وجود ئي ان امڪان کي حقيقت بنائي ٿو.

هر تاريخي دور ۾ انسان مختلف ذريع محنت کي فطرت تي پنهنجي عمل جي وسيلي جي طور تي استعمال ڪري ٿو. اڇڪلهه پيداوار ۾ قسم قسم جون مشينون ۽ ڪل پرزا، بجلي گهر، آمد و رفت جا ذريعا، اوزار ۽ ڪيئي قسم جي محنت جا ماتحت ذريعا ڪم ۾ آندا وڃن ٿا، مثال طور غذائي شين جا گودام وغيره. پر مختلف دورن ۾ محنت جا جيڪي به ذريعا استعمال ڪيا ويا تن مان مارڪس انهن پيداوار جي اوزارن ڪ اهميت ڏئي ٿو جيڪي فطرت تي انسان جي عمل جو ترت وسيلو هجن ٿا ۽ جيڪي ان جي لاءِ ان محنت جي پيداواري قوت مقرر ڪن ٿا. اهي اهڙا اوزار آهن جنهن سان سماجي پيداوار جي عمل جي خصوصيت ظاهر ٿئي ٿي ۽ جيڪي پيداوار جي نشونما جي لاڳاپيل سطح سان وابسته آهن. مارڪس جي خيال مطابق اُهي اوزار پيداوار جون هڏيون ۽ جسم جا ٽڪرا آهن.(2) ۽ پيداوار جي سطح جا ۽ سماج ۽ فطرت جي درميان رشتي جا پيمانا. "ڪهڙيون شيون ناهيون وجن ٿيون، ان سان نه بلڪ ان سان ته اهي ڪيئن

2. مارڪس، "سرمايو" جلد پهريون. حصو ٽيون، باب پنجون.

ءِ کھڑن اوزارن سان ناهيون وجن ٿيون اسان مختلف معاشي دورن ۾ فرق ڪري سگھون ٿا.(3)

پيداواري قوتن جي عنصر جي حيثيت سان پيداوار جي خاص اوزارن جي فيصلائتي هجڻ جي اهميت تي زور ڏيندي اسان کي اهو احتياط ڪرڻ گھرجي ته ان جي باري ۾ وڏاءَ کان ڪم نه وٺجي. سماجي ارتقا جي ابتدائي منزلن ۾ جڏهن ماڻهو انتهائي سادا اوزار استعمال ڪندا هئا ءِ جڏهن خود پيداوار جي سطح گھٽي هيٺ هئي ته ٽيڪنيڪي ترقي انهن محنت جي اوزارن ۾ تبديلي جي تقريباً بلڪل مترادف هئي. برطانيه ۾ ارڙهين صديءَ ۾ جيڪو صنعتي انقلاب شروع ٿيو تنهن جا خاص نڪتا هي هئا ته دستي اوزارن جي جاءِ تي مشين جو استعمال هو ءِ جڏهن مشينون آيون ته انهن انجڻ جي ضرورت پيدا ڪئي. تنهنڪري ٻاڦ جي انجڻ جي ايجاد ٿي جنهن آمد و رفت جي ذريعن وغيره ۾ انقلابي تبديليون آڻي ڇڏيون، ءِ هاڻي ته پيداوار جو عمل انتهائي پيچيده ءِ گوناگون ٿي ويو آهي. ان ۾ محنت جي خاص اوزارن جي استعمال جو تعلق پيداوار جي ڪيترن ٻين پهلوئن سان به آهي، جهڙوڪ تنظيم، ٽيڪنالاجي، توانائي جا سرچشمه وغيره. حالتن جي مطابق پيداوار جا انتهائي مختلف شعبا ٽيڪنيڪي ترقيءَ جو فيصلائتو نڪتو بنجي سگھن ٿا. مثال طور ڪنويئر لائينن جي استعمال سان ضروري ڪونهي ته مشينري ۾ تبديلي آندي وڃي پر ان سان محنت جو لاڀائتو ٽيڻ ڪافي وڏي وڃي ٿو.

پوين چند ڏهاڪن ۾ سائنسي دريافتن ءِ ان جي عملي استعمال جي بدولت پيداواري قوتن وڏي ترقي ڪئي آهي. ائٽمي توانائي جي پرامن استعمال، جيٽ انجڻين، سيمي ڪنڈيڪٽر هٿراڏو شين، ريڊيو اليڪٽرونڪس ءِ ڪمپيوٽرن نه صرف جديد پيداوار جي مختلف شعبن ۾ انقلاب آندو بلڪ پيداواري قوتن کي ڪيفيتي لحاظ کان بلڪل نئين سطح تي پهچائي ڇڏيو ءِ خودڪار پيداوار جي ترقيءَ جي لاءِ زمين هموار ڪئي ءِ ضروري شرط پورا ڪيا. سائيبرنيٽڪس ءِ ڪمپيوٽر جي خودڪاري وڌائڻ ۾ جيڪڏهن فيصلائتو نه به وڏو اهم ڪردار ادا ڪندا

3. مارڪس، "سرمايو" جلد پهريون. حصو ٽيون، باب پنجون.

جيڪا موجوده سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي خاص راهه آهي. هاڻي اليڪٽرونڪ ڪمپيوٽر صرف اهڙيون مشينون نه رهيون آهن جن کي انسان محنت جي موضوع تي عمل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو، اهي پيداوار جي عوامل کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ذهني ذميواري ادا ڪن ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهي "هٿ جي توسيع" نه بلڪ "دماغ جي توسيع" آهن.

جيڪڏهن محنت جي ذريعن کي انسان جي عملي سرگرميءَ جو نتيجو ۽ ان جي گڏ ڪيل تجربي ۽ علم جي مادي شڪل سمجهيو ويڃي ته پوءِ اهي نه صرف فطرت جي خلاف انسانن جي جدوجهد ۾ ڪاميابين جي نشاندهي ڪن ٿا بلڪ پيداوار ۽ پوري سماج جي ارتقا جو قطعي بنياد به آهن. ٻيو ته هر نئين نسل کي پراڻي نسل کان محنت جا جيڪي ذريعا ورثي ۾ ملن ٿا، سي وڌيڪ ترقيءَ جي ابتدا بنجي وڃن ٿا ۽ اهوئي تاريخ جي تسلسل جو بنياد آهي.

انسان سماج جي پيداواري قوت صرف ان ڪري ڪونهن ته اهي اعصاب، رڳن ۽ ماس (veins Muscles)، دماغ ۽ جسماني عضون جا مالڪ آهن (جانورن کي به قدرت انهن سيني شين سان نوازيو آهي) بلڪ ان ڪري پيداواري قوت آهن جو هو پيداوار جا اوزار ناهين ٿا ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ ڄاڻن ٿا. پيداوار جو تجربو ۽ محنت جي هنرمندي قدرتي ڏات ڪانهي بلڪ اها سماجي زندگيءَ جي اهڙي پيداوار آهي جيڪا مادي پيداواري سرگرميءَ تي مبني آهي. ان ڪري پيداواري قوت جي حيثيت سان انسان تاريخ جي پيداوار آهي.

جيئن ته فطرت جون شيون صرف تڏهن پيداوار جا اوزار بنجنديون آهن، جڏهن انسان انهن کي استعمال ڪري ٿو ۽ جيئن ته صرف اهوئي انهن کي حرڪت ۾ آڻي ٿو تنهنڪري انسان، پورهيت ماڻهو پيداواري قوتن جا خاص عنصر آهن.

اها مشين جيڪا پيداوار ۾ استعمال نه ٿي ڪئي ويڃي سا امڪاني پيداواري قوتن کان وڌيڪ ڪجهه ڪانهي. عملي لحاظ کان اها ذات جو هڪ ڊير آهي. صرف جڏهن پورهيت انسان ان کي هلائي ٿو تڏهن ان ۾ زندگي اچي ٿي، اها سرگرم مؤثر ۽ واقعي پيداواري قوت بنجي ٿي.

هر سماج، چاهي ان جي صورت کھڙي به هجي، ماڻهن ۾ پورهئي جي ذريعن جي اتحاد سان ئي پيداواري قوت بنجي ٿي. ان اتحاد اندر محنت جا ذريعا جتي علم جي مجسم قوت انسان جي ذهني سرگرميءَ جي پيداوار هجن ٿا جيڪو هڙئي ٽيڪنيڪي ترڪيبون ايجاد ڪري ٿو. اتي اهي فطرت سان انسان جي رشتن کي به طي ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا ۽ انسان ۽ مجموعي طور تي سماج جي ارتقا جي سطح جو پئمانو به آهن. انسان محنت جي انهن ذريعن مطابق پنهنجو پاڻ کي بدلائي ٿو جيڪي سماج ۾ موجود هوندا آهن ۽ انهن کي بهتر بنائي ٿو. محنت جا ذريعا بهتر ڪري، جن کي هو پنهنجي ۽ فطرت جي درميان آڻي ٿو ۽ پيداوار ۾ انهن کي استعمال ڪري انسان خود پنهنجو پاڻ کي به تبديل ڪري ٿو.

انسان جو تجربو ۽ مهارت سيني کان وڌيڪ انهن اوزارن تي منحصر آهي جن کي هو استعمال ڪن ٿا. جيئن جيئن ٽيڪنالاجيءَ جي نشوونما ٿئي ٿي ماڻهن کان اوتري قدر وڌيڪ علم ۽ تجزيي جي تقاضا ٿي ڪري ڪاڻ جو هر هلائڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ ٽريڪٽر ڊوڙائڻ ٻي ڳالهه آهي.

پيداواري جي ذريعن ۾ ترقي ۽ ان سان گڏ طبيعي سائنس جي باشعور اطلاق جي تقاضا آهي ته محنت ڪرڻ واري وٽ نه صرف عملي تجربو هجي بلڪ طبيعي ۽ ٽيڪنيڪل سائنس جو علم به. سائنس ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جو هڪ اهم پهلو پيداوار ۾ روحاني عنصر ۽ سائنس جي ڪردار جي وڏندڙ اهميت آهي جيڪا ڏينهون ڏينهن ٽيڪنيڪي مونجهارن جو نتيجو آهي. ان سان پيداواري قوتن جي دائري جي وڏڻ جو رجحان پيدا ٿئي ٿو. صرف انهن ماڻهن جي محنت ئي نه جيڪي هٿ سان ڪم ڪن ٿا بلڪ مسترين، انجنيئرن ۽ محققن جي محنت به هجي، جيڪي پيداوار جي عمل ۾ براهه راست سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي خدمتون ادا ڪن ٿا، پيداوار ٿي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو پيداواري قوتن جي ماهيت تبديل ٿيندي رهندي، خاص ڪري موجوده سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي لاڳاپي سان جنهن مان پاڻ هر تي پيداوار جي لاءِ نيون نيون راهون کلي رهيون آهن. ان سان انسان نه صرف پيداوار جي قريبي عمل کان الڳ ٿئي ٿو بلڪ عمل جي نظم و ضبط جي فرضن کان به آجو ٿي وڃي ٿو.

جن کي مشينون سنيالي وٺن ٿيون. تنهنڪري هاٿي ماڻهوءَ جي لاءِ عام نگراني، سنيال، مرمت، بحاليءَ جو ڪم باقي رهجي ويو ٿو. محنت جي ذريعن ۽ ماڻهن جو اتحاد هڪ نئين ۽ بلند منزل تي پهچي ويو آهي. سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي تحت پيداوار جو پورو عمل وڏ ڪان وڏ سائنس جي ٽيڪنالاجيڪل اطلاق جي صورت اختيار ڪندو پيو ويو. اهو عمل جيئن جيئن ترقي ڪندو سائنس پيداوار جي عمل ۾ براهه راست شريڪ ۽ سماجي پيداواري قوت بنجندي ويندي.

پيداوار جا سماجي لاڳاپا ۽ پيداوار جا ايتروئي ضروري پهلو آهن جيترو پيداواري قوتون، جو ته انسان گڏيل سرگرميءَ جي لاءِ ۽ سرگرمي جي ڏي وٺ جي لاءِ هڪ خاص طريقي سان يڪجا ٿيڻ ڪان سواءِ پيدا نه ٿا ڪري سگهن.

پيداواري لاڳاپا خارجي مادي لاڳاپا هجن ٿا. انهن جو انحصار ماڻهن جي شعور تي نه هوندو آهي. اهي ماڻهن جي درميان سماجي پيداوار جي پيدائش جي دوران ۽ ان جي اڳئين قدم يعني متا ستا ۽ ورچ ڪان وٺي انفرادي خرچ جي حلقي تائين ان جي چرپر جي دوران قائم ٿين ٿا.

هر معاشري ۾ پيداواري لاڳاپا منجهيل نظام هجن ٿا جنهن ۾ پيداوار جي ترت عمل ۾ ماڻهن جا پاڻ ۾ لاڳاپا، سماجي تقسيم محنت ۽ سرگرميءَ جي متا ستا جون مختلف شڪليون ۽ مادي سامان جي تقسيم جا مخصوص تعلقات شامل آهن. انهن لاڳاپن جي پوري جادوگري دراصل ملڪيت جي تاريخي اعتبار ڪان مخصوص شڪل جو اظهار آهي، جو ته انسانن جي باهمي لاڳاپن کي پيداوار جي ذريعن سان انهن جي رابطي جو ذريعو ظاهر ڪري ٿي. ملڪيت جي شڪل ڪان ان طريقه ڪار جو پتو پوي ٿو جنهن ڪان انسان پيداوار جي ذريعن ۽ نتيجن کي پنهنجي تصرف ۾ آڻي ٿو.

جتي پيداواري ذريعا بحيثيت مجموعي پوري سماج جي ملڪيت هوندا آهن اتي پيداواري ذريعي جي لاڳاپي سان ان جي ميمبرن جو هڪجهڙو درجو هجي ٿو ۽ ان جي درميان واحد پيداواري جماعت جي ميمبر جي حيثيت سان سهڪار ۽ باهمي امدادي لاڳاپا قائم ٿين ٿا. ان تعاون جون شڪليون سماجي ملڪيت جي شڪلين وانگر مختلف ٿي سگهن ٿيون.

تنهنڪري تاريخ ۾ اسان کي سماجي ملڪيت اهڙي شڪل ۾ ملي ٿي جڏهن اها خاندان، قبيلي، پنچائت، ڪوآپريٽويا ڪميون جي صورت ۾ منظم پورهيتن جي گروهن جي ملڪيت هئي ۽ جڏهن رياست سيني ماڻهن جي ملڪيت هئي.

جتي پيداواري ذريعن جا مالڪ افراد هوندا آهن، جتي خاص پيداواري ذريعا سماج جي ڪنهن هڪ حصي جي قبضي ۾ هوندا آهن ۽ ٻيو حصو انهن کان محروم هوندو آهي تہ ملڪيت جي نوعيت بنجي ويندي آهي ۽ لازمي طور تي سماج ۾ حاڪمي ۽ محڪومي جا تعلقات قائم ٿي ويندا آهن. انهن تعلقات جون شڪليون بہ مختلف هونديون آهن ۽ انهن جو انحصار بہ نجي ملڪيت جي نوعيت تي هوندو آهي جيڪي ان سماج ۾ حاوي هوندا آهن. تنهنڪري پيداواري ذريعن جي ملڪيت جا تعلقات ئي هر پيري مخصوص شڪل مقرر ڪندا آهن جنهن ۾ پورهيت انسان ۽ پيداواري ذريعا متحد هوندا آهن.

انساني تاريخ ۾ تن بنيادي قسمن جي نجي ملڪيت رهي آهي. غلاميءَ جي، جاگيرداراٹي ۽ سرمائيداراٹي ۽ انهن جي ئي مطابق انساني استحصال جون ئي بنيادي شڪليون رهيون آهن. ان کان علاوه ذاتي محنت جي بنياد تي پيدا ڪندڙ جي نجي ملڪيت هوندي آهي. پر اها صورت هميشہ هڪ سماج ۾ مروج پيداواري تعلقات جي ماتحت رهي آهي ۽ پاڻ ڪڏهن بہ غالب نہ رهي. مثال طور سرمائيداري ۾ زمين جا ننڍا ٽڪر، دستڪارن ۽ واپارين جا ننڍا ننڍا ڪاروباري ادارا هڪ امڙو الڳ معاشي حصو هجن ٿا جيڪي مروج سرمائيداراٹن ناتن جي مسلسل اثر هيٺ رهن ٿا. تہ ملڪيت جون بنيادي صورتون سماجي ۽ نجي تاريخ ۾ انسانن جي باهمي ناتن پيداوار جي بن شڪلين ۾ آڏو اچن ٿيون. تعاون ۽ باهمي امداد جا تعلقات ۽ حاڪمي ۽ محڪومي جا تعلقات.

پيداواري تعلقات جي انهن بن بنيادي صورتن کان علاوه عبوري پيداواري لاڳاپا بہ تڏهن قائم ٿين ٿا جڏهن هڪ تشڪيل جو شيرازو ڪري ٽوڙ بي تشڪيل ظاهر ٿئي ٿي. انهن لاڳاپن جي خصوصيت اها هوندي آهي تہ هڪ معاشي نظام جي ڍانچي جي اندر مختلف قسم جي معاشي

لاڳاپن جو امتزاج هجي ٿو. تنهنڪري جڏهن قديم پنچائتي نظام جو شيرازو منتشر ٿيڻ لڳو تہ پدرشاهي خاندان جي ڍانچي جي اندر (جنهن ۾ ڪيترن پشتن جا ماڻهو ۽ ڪيترائي هڪ ئي ڏاڏي جا (يڪ جدي) سلسلا شامل هئا، قديم پنچائتي نظام جي باقيات ۽ غلامي جي تعلقات جي ابتدائي شڪل ٻئي موجود هئا. جڏهن غلامي جو نظام منتشر ٿيڻ لڳو تہ ماڻهن جو اهڙو قسم پيدا ٿيو جيڪي ڪولون (Colon) چورائيندا هئا ۽ جن ۾ غلامي ۽ جاگيرداراٽا لاڳاپا ٻنهي جا عنصر موجود هئا. سرمائيداري ڪان اشتراڪيت ڏانهن عبوري دور ۾ ڪن معاشي شعبن جي اندر اشتراڪي تعلقات هوندا آهن ۽ نجي ملڪيت جي تعلقات جي باقيات به هجن ٿيون جيڪي شڪل ۽ حجم (جسامت) جي لحاظ کان مختلف هونديون آهن (رياستي سرمائيداري، ڳوٺن ۾ امداد باهميءَ جي نيم اشتراڪي شڪل وغيرهہ) پر مجموعي طور تي سرمائيداري کان اشتراڪيت تائين سفر جي دور جي معيشت جي نوعيت عبوري هجي ٿي. ان ۾ متعدد شعبا ۽ سماجي اعتبار کان مختلف قسم جي شعبن جي درميان مخصوص تعلقات هوندا آهن، جنهن جي ڍانچي اندر اشتراڪي شعبو آهستي آهستي ٻين سمورن شعبن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

پيداواري قوتن ۽ پيداواري تعلقات ۾ فرق هڪ ئي پيداوار جي ٻن پهلوئن جو فرق آهي. اهڙن ٻن پهلوئن جو جيڪي ٻين کان ڪڏهن به جدا نہ ٿا رهن. صرف مجرد صورت ۾ ئي پيداواري قوتن ۽ پيداواري تعلقات جو تصور هڪ ٻئي جي بغير ڪري سگهجي ٿو. پيداواري قوتون سماجي پيداوار جو مغز هجن ٿيون ۽ پيداواري تعلقات ان جي ضروري مادي شڪل. پيداواري تعلقات جو تعين پيداواري قوتون ڪنديون آهن. اول الذڪر آخر الذڪر سان هڪجهڙائي رکي ٿو ڇو تہ اِها اُها صورت آهي جنهن ۾ پيداواري قوتون عمل ۽ ترقي ڪن ٿيون. اها هڪجهڙائي ڇو ضروري آهي؟ پيداواري قوتن مان ئي انساني سرگرميءَ جا اهي خاص قسم طئي ٿين ٿا جن جو مقصد انساني وجود کي قائم رکڻ آهي، تنهنڪري اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ اها سرگرمي انسانن جي پنهنجي ناتن جو بنياد بنجي ويندي آهي جنهن جي ڍانچي جي اندر پيداواري قوتون عمل ۽ ترقي ڪري سگهن ٿيون. آخر

انسان پاڻ ۾ مُعَيَنُ تعلقات قائم ان لاءِ ته ڪن ٿا ته پنهنجو وجود برقرار رکي سگهن ۽ اهو طريقو جنهن سان انهن جي جدوجهد جو وجود برقرار رهي ٿو سو پيداوار آهي، جنهن جو مطلب آهي محنت جي ذريعن جو استعمال ڪري فطرت کي تبديل ڪرڻ.

تنهنڪري پيداواري تعلقات انسان جي مرضيءَ کان آزاد ۽ پيداواري قوتون ۽ آخرڪار محنت جي ذريعن جي ارتقا جي سطح ۽ نوعيت جي مطابق صورت اختيار ڪن ٿا. مارڪس لکيو آهي ته محنت جا ذريعا نه صرف انساني محنت جي ارتقا جي سطح جو معيار فراهم ڪن ٿا بلڪ انهن سماجي حالتن جي به نشاندهي ڪن ٿا جن تي محنت ڪئي وڃي ٿي."(4)

پنهنجي جاءِ تي، پيداواري قوتن جي ڪارڪردگي يعني محنت جي عمل تي، پيداواري تعلقات جو فعال اثر پوي ٿو جيڪي پيداواري قوتن کي هڪ خاص سماجي ڪيفيت عطا ڪن ٿيون. پيداواري ان لاءِ جو، مثال طور، غلامانه، جاگيردارانه، سرمائيدارانه يا اشتراڪي نظام ٿو هجي.

پيداواري قوتن جي سماجي خصوصيت، چاهي اسان محنت جي ذريعن کي ونون يا ماڻهن کي جيڪي انهن کي حرڪت ۾ آڻين ٿا، بلڪل پيداواري تعلقات تي منحصر هوندي آهي. محنت جا اوزار يا ذريعا جنهن سماجي تشڪيل ۾ ڪم ڪن ٿا، تنهنجو انحصار خود انهن تي ڪونه ٿو ٿئي، ڇو ته مشين بهرحال مشين آهي. جڏهن مشين سرمائيدار جي ملڪيت بنجي ٿي تڏهن يعني صرف مخصوص سماجي حالتن ۾ اها سرمايو ٿي وڃي ٿي ۽ استحصال جي ذريعي جي حيثيت ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي.

انسان جيئن ته تجربي ۽ هنر جو مالڪ آهي تنهن ڪري اهو پيداواري قوت آهي. پر خاص حالتن ۾ هو غلام، ڪسان غلام يا اجرتي مزدور هجي ٿو. غلامن جي مالڪن جي نظرئي جي مطابق انسان يا ته آزاد پيدا ٿئي ٿو يا غلام. غلام هارين جي آقائن جي نظرئي جي مطابق قدرت چند ماڻهن کي حڪمران بڻائيندي آهي ۽ ٻين کي هاري. غلام ۽ بورجوازيءَ جو نظريو ان ڳالهه تي زور ٿو ڏئي ته سرمائيدار مزدورن جي پيٽ ۾ وڌيڪ

4. مارڪس، "سرمايو"، جلد پهريون، حصو ٽيون، باب پنجون.

قابليت ۽ صلاحيت وارا انسان هوندا آهن. مارڪسزم اهڙي قسم جي رجعت پرست نظرين کي رد ڪري ٿو. انسان فطرتاً نه ته غلام آهن، نه ڪسان غلام ۽ نه اجرتي مزدور. روسو هڪ ڀيري سخت تلخيءَ سان چيو هو ته انسان آزاد ڄمندو آهي پر هر هنڌ زنجيرون ڪيس جڪڙي ڇڏين ٿيون. دراصل اهي نجي ملڪيت جا تعلقات آهن جيڪي انسانن کي زنجيرن سان ٻڌن ٿا. ماڻهو ان وقت غلام يا اجرتي مزدور بنجن ٿا جڏهن اهي مخصوص پيداواري تعلقات ۾ شامل ٿين ٿا. ڪين اهو فيصلو ڪرڻ جي آزادي ڪانه هوندي آهي ته انهن تعلقات ۾ شامل ٿين يا نه ٿين. انسان پنهنجي مخصوص معاشري جي مروج پيداواري ناتن ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور هوندا آهن.

تنهنڪري جيتوڻيڪ پيداواري قوتون پيداواري تعلقات مقرر ڪنديون آهن، پر پيداواري تعلقات ئي هر مخصوص طريقہ پيداوار کي هڪ سماجي ڪردار عطا ڪن ٿا.

سماج ۾ پيداواري تعلقات جو رشتو بين سماجي مظهرن سان بہ هجي ٿو. ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته ڪيترن ئي مظهرن ۽ پيداوار جي درميان لاڳاپو بلڪل بالواسطہ هجي ٿو پر اهو هجي ضرور ٿو ۽ جيڪا ڳالهہ مارڪسي سماجي تاريخي نظرئي کي وحداني بنائي ٿي اها آهي ان رشتي جو قيام. مطلب هي آهي ته اسان ڪنهن بہ سماجي مظهر کي ونون، ڪٽي اها زبان هجي يا فن، رياست هجي يا قوم، سائنس هجي يا اخلاقيات، خود پنهنجي جاءِ تي ڪو بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي سگهي. ان کي صرف هڪ اهڙي مظهر وانگر سمجهي سگهجي ٿو جنهن کي سماج پيدا ڪيو هجي ۽ جيڪو مخصوص سماجي ضرورتون پوريون ڪندو هجي. چو ته هڪ يا ٻئي سماج ۾ طريقہ زندگيءَ جو تعين طريقہ پيداوار سان ٿئي ٿو تنهنڪري ان سماج ۾ سمورن بين مظهرن جو انحصار نيٺ طريقہ پيداوار تي هجي ٿو. اهو ئي ان جو سرچشمو آهي ۽ ان مان ئي اهو مُعَيَنُ ٿئي ٿو.

هاڻي جيڪو مقالو اسان پيش ڪري رهيا آهيون سو تاريخي ماديت جي پوري تصور جي لاءِ بنيادي طور تي اهم آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو ان کي قبول نہ ٿا ڪن اهي ان تي شدت سان حملا ڪن

ٿا. دراصل اوهان کي اهڙيون سوين تصنيفون ملنديون جن ۾ تاريخي مادیت کي معاشي مادیت جو غلط نالو ڏنو ويو آهي. ڇو ته تاريخي مادیت اهو تسليم ڪري ٿي ته معيشت هڪ مُعَيَنُ رول ادا ڪري ٿي. ليڪن ڇا تاريخي مادیت اها دعويٰ ڪري ٿي ته سمورن سماجي مظهرن ۾ تعلقات جو سنئون سڌو سرچشمو طريقہ پيداوار آهي ۽ انهن سيني جي توجهہ بہ معيشت مان ڪري سگهجي ٿي؟ سماج ۾ اهڙا ڪوڙ سارا مخصوص مظهر ۽ تعلقات هجن ٿا جن جو معيشت سان تمام گهٽ تعلق هوندو آهي. سماجي نظام جي نوعيت ۽ جن رخن تي اهو تبديل ٿئي ٿو، تنهن جو تعين مادي پيداوار جي طريقي سان رڳو آخري تجزئي ۾ هوندو آهي.

ڪن مصنفن (مثلاً سوروڪين) جي دعويٰ آهي ته ان ميدان ۾ ڪارل مارڪس ڪا نئين شيءِ دريافت ڪانہ ڪئي آهي ڇو ته پراڻي زماني جا ماڻهو اڳ ۾ ئي معيشت جي اثر جي متعلق لکي چڪا آهن. اهو ائين آهي جيئن وار جي ڪل لاهڻ. جيڪڏهن ايئن آهي ته مثال جي طور تي اڳئين زماني جا ماڻهو مقنا طيسيت جي اثر کان واقف هئا ۽ طوفاني هوا ۽ ڪنوڙ جي وقت انهن بجلي جي چمڪ بہ ضرور ڏٺي هوندي. پر ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو ته انهن کي برقي مقنا طيسيت جي نظرئي جو علم بہ هو؟ اها ئي ڳالهہ مارڪس جي مربوط نهرائي جي متعلق بہ چئي سگهجي ٿي جنهن ۾ معيشت پنهنجو هڪ مُعَيَنُ ڪردار ادا ڪري ٿي. هن نظرئي جي مطابق هر سماجي معاشي تشڪيل جي اندر سمورا سماجي مظهر هڪ مربوط نظام جو هڪ حصو هوندا آهن. ان جو سبب معقول آهي، ڇو ته سماجي ارتقا ۾ پيداوار فيصلاڪتو ڪردار ادا ڪري ٿي. طريقہ پيداوار هر سماجي تشڪيل جو مادي ۽ سماجي بنياد هجي ٿو ۽ اهو تاريخي ارتقا جو هڪ غيرمشروط قانون آهي ته طريقہ پيداوار ٻين سمورن سماجي مظهرن جي لاڳاپي سان مخصوص ڪردار ادا ڪري ٿو.

انهن بنيادي تصورن ۾ جيڪي مڙني تشڪيلن ۾ گڏيل ترڪيبي عنصرن جي عڪاسي ڪن ٿا "بنياد" ۽ "بالائي ڍانچي" جا مقولات آهن.

بنياد ۽ بالائي ڍانچو

انهن تصورن جي اولين اهميت اها آهي ته اهي تُز طريقي سان ان اثر کي معلوم ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا جيڪو طريقہ پيداوار سماجي زندگيءَ جي سمورن بين پهلوئن تي وجهي ٿو. ان ۾ تاريخي عمل جو روحاني پهلو به شامل آهي؟

طريقہ پيداوار سماجي زندگيءَ جا سماجي، سياسي ۽ روحاني عوامل مُعَيَنُ ڪري ٿو. پر جڏهن اسان ان سوال تي غور ڪريون ٿا ته اسان کي خبر پوي ٿي ته پيداوار جا ٻہ رخ پيداواري قوتون ۽ پيداواري تعلقات هر سماج جي لاءِ مخصوص خيال، افڪار ۽ تعلقات مُعَيَنُ ڪرڻ ۾ مختلف ڪردار ادا ڪن ٿا. اهو ڪردار آهي ڇا؟

سماجي معاشي تشڪيلون اهڙا سماجي نظام آهن جيڪي بنيادي طور تي هڪ ٻئي کان ايتريون ئي مختلف هونديون آهن جيئن هوٽا جانورن کان. جيئن اسين چئي چڪا آهيون ته ان تفاوت جو سرچشمو ان جي طريقہ پيداوار جو فرق آهي. چو ته پيداواري قوتون طريقہ پيداوار جو فيصلائتو پهلو هجن ٿا تنهنڪري اهي نيٺ سماجي ارتقا جي هر منزل جون ڪيفيتي خصوصيتون مقرر ڪنديون آهن. پر سماجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٻہ ٿيندو آهي ته واقعا ان دعويٰ جي تردید ڪندي معلوم ٿين ٿا. مثال طور رياست هاءِ متحده آمريڪا ۾ پيداواري قوتون سوويت يونين جي پيٺ ۾ وقتي طور تي بلند سطح تي آهن، جيتوٽيڪ آمريڪا ۾ سرمائيداري نظام قائم آهي، يعني اشتراڪيت جي بنسبت اها سماجي ارتقا جي لحاظ کان هيٺاهين منزل ۾ آهي ته پوءِ ان مان ثابت ٿيو ته رياست هاءِ متحده آمريڪا ۽ سوويت يونين جي درميان سماجي نظام نظرئي، رياستي تنظيم وغيره جي سلسلي ۾ فرق آهي، انهن جي تشريح رڳو پيداواري قوتن جي سطح جي بنياد تي ڪرڻ غلط ٿيندو. ان کي بورجوا نظريہ دان اڪثر ان ڳالهہ جو ثبوت پيش ڪندا آهن ته مارڪسي نظريو صحيح ڪونهي. مارڪسزم جا ماهر واڙا ان ڳالهہ کي قانون جو مغز ۽ ان جي اظهار جي شڪل جي درميان هڪ ٻئي جو ضد (ناموافقت) سمجهن ٿا. اهڙي ناموافقت جيڪا وڃئين عنصرن جو نتيجو هجي ٿي. آخر جڏهن ماهر طبيعيات رَٿيءَ متي اڏامندو ڏسي ٿو ته

هو ڪشش ثقل جي قانون کان انڪار نہ ٿو ڪري بلڪ انهن درمياني عناصر تي غور ڪري ٿو جن قانون ان کي اها خاص شڪل ڏني آهي.

پيداواري قوتن جو فيصلو ڪن ڪردار اهو آهي تہ اهي اهڙن پيداواري لاڳاپن جو مطالبو ڪن ٿيون جيڪي ان جي مطابق هجن ۽ اهي انهن لاڳاپن جي ذريعي بالواسطہ سماجي زندگيءَ جي ٻين پهلوئن تي اثرانداز ٿين ٿا. پر جيئن تہ پيداواري قوتن جي نشو و نما پاڻ هُرتو پيداواري ناتن کي نہ ٿا تبديل ڪن، تنهنڪري تاريخ ۾ اسان کي اهڙا مثال بہ ملن ٿا جڏهن هڪ ملڪ وڌيڪ ترقي يافتہ پيداواري قوتن جي باوجود هڪ مدت تائين سماجي ارتقا جي هيٺين منزل ۾ هجي ٿو. اها حالت رياست هاءِ متحده آمريڪا جي آهي.

مجموعي طور تي جيتوڻيڪ تاريخي عمل جو بنياد پيداواري قوتن جي نشوءَ نما تي هوندو آهي پر پيداوارئي ناتا سيني سماجي مظهرن جون امتيازي خصوصيتون مُعَيَنُ ڪن ٿا جيڪي هڪ تشڪيل کي ٻي تشڪيل کان الڳ ڪن ٿا پنهنجي ان ڪردار ۾ پيداواري ناتن کي سماج جو معاشي بنياد چيو ويندو آهي.

سماج جو معاشي بنياد پيداواري ناتن جو يعني پيداوار، متاستا ۽ تقسيم جي شعبن ۾ تعلقات جو مجموعو هجي ٿو. ان بنياد تي ٻيا سمورا سماجي تعلقات، انسانن جا خيال، تصور ۽ خواهشون پيدا ٿين ٿيون ۽ سماج جا سياسي ۽ ٻيا ادارا بہ جنم وٺن ٿا جن کي بالائي ڍانچو چيو ويندو آهي.

"بنياد" ۽ "بالائي ڍانچي" جا تصور لازم ملزوم آهن ۽ انهن جو سماجي تشڪيل جي تصور سان ويجهو لاڳاپو آهي. بنياد هڪ طرح سان پوري سماجي جسم جو معاشي ڍانچو هجي ٿو ۽ هر سماجي تشڪيل جون ڪيفيتي خصوصيتون مُعَيَنُ ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ تشڪيل کي ٻيءَ کان نرالو ڪري ٿو. جيتري قدر متئين ڍانچي جو تعلق آهي تہ ان مان هر سماجي تشڪيل ۾ سماجي ۽ روحاني شعبن جون خصوصيتون مقرر ٿين ٿيون. اهوئي سبب آهي جو سماجي تشڪيل کان جيڪڏهن انهن تصورن کي الڳ ڪري ڇڏجي تہ اهي بلڪل بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا، اهڙن بي جان عضون وانگر جيڪي پنهنجي جسم مان وڍي ڇڏيا ويا هجن.

پيداواري تعلقات جي پوري مجموعي کي (جيڪي هڪ مُعَيَنُ تشڪيل جو بنياد هوندا آهن) معاشي تعلقات جو هڪ اهڙو مجموعو سمجهڻ گهرجي جيڪي هڪ خاص سماج ۾ مروج ملڪيت جي شڪل جو نتيجو هوندا آهن. پر حقيقي زندگيءَ ۾، مختلف ملڪن ۽ قومن جي تاريخ ۾ مُعَيَنُ دور ۾ غالب تعلقات پيداوار سان گڏوگڏ رواج مطابق اهڙا معاشي لاڳاپا به هوندا آهن جيڪي يا ته پراڻي تعلقات جي باقيات آهن يا نئين مستقبل جي پيداواري تعلقات جي ابتدائي شڪل. اصطلاح ۾ انهن کي عام طور تي حلقو چيو ويندو آهي پر بنياد کي هڪ مُعَيَنُ سماج ۾ موجود معاشي حلقن جو سادو نمونو نه سمجهڻ گهرجي، ان ڪري جو ان سان غلط نتيجا نڪرندا. مثال طور ارڙهين صديءَ جي فرانس ۾ غالب جاگيرداراڻا تعلقات سان گڏوگڏ سرمائيداراڻو حلقو به هو. جيڪڏهن اسين اهو فرض ڪري وٺون ته بنياد مختلف حلقن جو مجموعو آهي ته پوءِ ان زماني جي فرانس جو معاشي نظام جاگيردارانه بورجوا قرار ڏنو ويندو. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن به سماج جي معاشي ۽ سماجي زندگيءَ جو ٿُڙ تجزيو ڪرڻ وقت اسان کي مختلف حلقن جي وجود ۽ انهن جي باهمي ربط کي نظر ۾ رکڻ گهرجي، غالب تعلقات پيداوار کي تشڪيل جو بنياد تسليم ڪندي هڪ تشڪيل کي بيءَ کان واضح طور تي ممتاز ڪرڻ گهرجي.

هر نظرياتي تجزئي ۾ جڏهن مظهر جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو ته سڀ کان پهرين ان جي ضرورت هجي ٿي ته ان کي خالص شڪل ۾ پيش ڪيو وڃي ته جيئن وقتي طور تي ان کي انهن سڀني پهلوئن ۽ تعلقات کان الڳ ڪيو وڃي جيڪي ان جي اصلي ماهيت کي ڏنڊلو ڪن ٿا. جيتوڻيڪ سرمائيدارانه تشڪيل جو وجود ان جي تصور مطابق ڪڏهن به "خالص" شڪل ۾ نه رهيو پر "سرمائي" ۾ مارڪس سرمائيداريءَ جي ارتقاتي حڪمراني ڪرڻ وارن قانونن جو مطالعو اهڙيءَ طرح ڪيو جو سڀني ثانوي ۽ پاسخاطري وارن عناصر کان پنهنجو پاڻ کي الڳ ڪري ورتو. اهڙيءَ طرح سماجي تشڪيل جي پنهنجي نظرياتي تجزئي ۾ اسان کي انهن تعلقات کي ان جو بنياد قرار ڏيڻو پوندو جن سان ان جي ماهيت مُعَيَنُ ٿئي ٿي "تشڪيل" ۽ "بنياد" غيرمادي وجود آهن پر اهي اهڙا سائنسي غيرمادي يا

غيرجسماني وجود آهن جيڪي تمام نيرنگين، تعلقات ۽ واسطن کي پنهنجي دامن ۾ ورتل تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ۾ اسان کي مدد ڏين ٿا.

پراڻي سماج جي ڪک مان جيڪي پيداواري تعلقات معيشت جي نئين حلقي سان گڏ جنم وٺن ٿا سي ترت ئي پوري سماج جو بنياد نه ٿا بنجي وڃن. نون پيداواري تعلقات جو تبديل ٿي تشڪيل جو بنياد بنجي وڃڻ ئي سماجي انقلاب جو معاشي روح آهي ۽ اهائي سماج جي ارتقا ۾ هڪ چال هوندي آهي. اشتراڪي پيداواري تعلقات پوين سمورن تعلقات جي برعڪس پراڻي سماج جي ڪک مان هڪ حلقي جي شڪل ۾ جنم ڪونه ٿا وٺن اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدارانه تشڪيل کي بدلائي ڪميونسٽ تشڪيل ۽ ان جي مطابق سرمائيدارانه بنياد جي جڳهه تي اشتراڪي بنياد قائم ڪرڻ جي لاءِ هڪ خاص انقلابي دور جي ضرورت آهي جنهن کي سرمائيداري کان اشتراڪيت تائين جو عبوري دور چون ٿا.

ان دور ۾ جڏهن پراڻو بنياد ڀاڻو ويندو آهي ۽ نئين جي تعمير ڪئي ويندي آهي تہ پراڻي سماجي معاشي تشڪيل کي ڪيرايو وڃي ٿو ۽ نئين قائم ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ان دور کي هڪ خاص تشڪيل نہ ٿو چئي سگهجي. عبوري دور جي خاص سيڙپ اها آهي تہ ان ۾ سرمائيدارانہ حلقي جي خلاف اشتراڪي حلقي جي جدوجهد ٿئي ٿي جيڪا نئين بنياد جي ابتدائي شڪل آهي ۽ رهنما وارو ڪردار ادا ڪري ٿي. اشتراڪيت جي فتح جو مطلب هي آهي تہ اشتراڪي حلقو سڄي سماج جي بنياد حيثيت سان قائم ٿي ويو. اشتراڪيت کان ڪميونزم ڏانهن پيش قدمي ۾ اشتراڪي بنياد ختم نہ ٿو ڪيو وڃي بلڪ ان کي وڌيڪ ترقي ورائي ويندي آهي ۽ بهتر بڻايو ويندو آهي ۽ اشتراڪي پيداواري ناتا ڪميونسٽ پيداواري ناتن ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن، جيڪي مڪمل ڪميونسٽ تشڪيل جو بنياد هجن ٿا.

جيئن ڏانچو پورو جسم نہ هوندو آهي ائين بنياد (شروعات) پوري سماجي تشڪيل نہ هوندي آهي. سماجي تشڪيل جو ٻيو اهم ترڪيبي جزو جيڪو، جيئن اسان اڳ ۾ چئي چڪا آهيون، بالائي ڏانچو آهي جيڪو ساخت کي گوشت پوست عطا ڪري ٿو.

بالائي ڍانچو نظرياتي رابطن، خيالن ۽ ادارن جو هڪ اهڙو مجموعو آهي جنهن جو سرچشمو مقرر معاشي بنياد هجي ٿو. اهو بنيادي طور تي آخرالذڪر سان سلهاڙيل هجي ٿو ۽ ان تي فعال اثر وجهي ٿو.

بالائي ڍانچي جي بناوت انتهائي منجهيل ۽ طرح طرح جي هجي ٿي. ان ۾ سيني کان اڳ ۾ تصور (آئيڊيولوجي) شامل آهي جنهن جو طبقن ۾ ورهايل سماج جي اندر طبقاتي ڪردار هجي ٿو. تصور مروج سماجي لاڳاپن کي مستحڪم ڪرڻ يا انهن کي تباهه ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. سماج کي جن سماجي ذميوارين سان منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو تن کي حل ڪرڻ ۾ معاون ٿئي ٿو ۽ ان مخصوص ساخت جي خيالي رشتن کي ترتيب ڏئي ٿو مٿين ڍانچي جا خيالي جزا مختلف سماجي معاشي تشڪيلن ۾ مختلف هجن ٿا، نه صرف جوهر جي لحاظ کان بلڪ شڪل ۾ به. طبقن ورهايل سماج جي ظهور سان گڏئي مٿيون ڍانچو سياسي، قانوني، مذهبي خيالن فلسفيانه نظرين اخلاق ۽ اخلاقي قدرن، فنون ۽ جمالياتي تصورن جو تاريخي لحاظ کان هڪ مُعَيَنُ مجموعو هجي ٿو. خيالي تشڪيلون سماجي تضاد جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ان کي حل ڪرڻ جي لاءِ رستا ۽ ذريعا مُعَيَنَ ڪرڻ ۾ مختلف طبقن جي متضاد مفادن جي تصادم کي منعڪس ڪرڻ ۾ مددگار ٿين ٿا. اڄ مارڪسي ليننسي نظريي ۽ بورجوا نظريي جو ٽڪراءُ پرولتاريه ۽ بورجوازي جي درميان، اشتراڪي ۽ سرمائيدار دنيا ۾ تضاد جي عڪاسي ڪري ٿو.

هر طبقاتي سماجي تشڪيل ۾ حڪمران طبقي جو تصور (نظريو) غالب هوندو آهي. اهو طبقو جيڪو مادي پيداوار جي شعبي تي مسلط هوندو آهي اهو روحاني پيداوار جي ذريعن تي به قابض هوندو آهي. ڪليسا ۽ اسڪول، عام پروپيگنڈا جا وسيلا ۽ عام تعليم حڪمران طبقي جي هٿن ۾ هوندي آهي ته جيئن عام طور تي انهن ماڻهن جا تصور، جيڪي ذهني پيداوار جي ذريعن کان محروم هوندا آهن، تن جي ماتحت رهن."(5)

تاريخي ارتقا جي دوران جڏهن سماجي تضاد تيز ٿي وڃن ٿا ته هڪ نئون نظريو آشڪار ٿئي ٿو، جيڪو انقلابي طبقن جي مفادن جي عڪاسي

5. مارڪس ۽ اينگلس، "جرمن آئيڊيولاجي."

ڪري ٿو. اهو نظريو غالب نظرئي جي خلاف صف آرا ٿي ويندو آهي ۽ آهستي آهستي عوام جي اڪثريت جي حمايت حاصل ڪري ٿو. عوام جي ذهن کي متاثر ڪري اهو نظريو هڪ اهڙي قوت بنجي ويجي ٿو جنهن سان سماجي ارتقا جون تڪڙيون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اشتراڪي نظام ۾، جتي استحصال ڪرڻ وارا طبقا نه هوندا آهن، اتي مختلف قسم جي نظرين جي وجود جو ڪو جواز ڪونهي. اهو ئي سبب آهي ته اشتراڪيت ۾ هوريان هوريان سائنسي مارڪسي لينني نظريو مجموعي طور تي پوري سماج جو نظريو بنجي ويجي ٿو. نظرئي کان علاوه مٿئين ڏانچي ۾ عام خيالن تصورن، جذبن ۽ ذهني ڪيفيتن جو مجموعو به شامل هوندو آهي جنهن کي اصطلاحاً سماجي نفسيات چون ٿا. تنهنڪري سرمائيداراڻي سماج ۾ پرولتاريه جي نفسيات، ان جو روزمرهه جو شعور هڪ طرف اشتراڪي نظرئي جي وڌڻ ويجهڻ جون مناسب حالتون پيدا ڪري ٿو (چوته مزدور طبقو خودبخود اشتراڪيت ڏانهن مائل هجي ٿو)، ۽ ٻئي طرف ان ۾ ڪوڙ سارا تعصب، خوش فهميون ۽ بورجوا خيال سرايت ڪيل هوندا آهن جن مان پرولتاريه انقلابي جدوجهد جي دوران ئي نجات پائي ٿو. جيڪڏهن اشتراڪي نظريو پرولتاريه جي عقل کي اجاري ٿو ته بورجوا نظريو ان جي تعصبن تي پاڙي ٿو. جڏهن ظالمن جي غالب نظرئي جي پيٽ ۾ مظلوم طبقن جي، نظرئي کي صف آرائ ٿو ڪي ويجي ته اول الذڪر پورهيت عوام تي حاوي ٿي ويجي ٿو. پاڻ هُرتي طريقي سان پنهنجي ماحول جي ذريعي ۽ وري شعوري طور تي حڪمران طبقا ان جي مفڪرن، سياستدانن، صحافين وغيره جي ڪوششن جي ذريعي ٻئي طرح سان سائنسي مارڪسي لينني نظريو اوستائين ڪامياب نه ٿو ٿي سگهي ۽ پورهيت عوام جي ذهن ۾ جاءِ نه ٿو والاري سگهي جيستائين جو بورجوا نظرئي جي خلاف سخت جدوجهد نه ٿي ڪئي ويجي.

اصل زندگيءَ ۾ انسان نه صرف هڪ ٻئي سان پيداواري لاڳاپا بلڪ ٻيا سماجي لاڳاپا به قائم ڪن ٿا. ته پوءِ اسان بنياد جي لاڳاپن ۽ مٿئين ڏانچي جي لاڳاپن ۾ فرق ڪيئن ڪيون؟

سماجي لاڳاپا يا اهڙا طرح طرح جا رابطا هوندا آهن جيڪي

پيداوار جي طريقي بنياد تي جنهن جون پاڙون تاريخ ۾ پيوست هونديون آهن، جيڪي سماجي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ انسانن جي سرگرميءَ جي دوران ان ۾ قائم ٿين ٿا. اهي هڪ خاص قسم جا لاڳاپا هوندا آهن جن مان مجموعي سماج انسان جي سماجي ماهيت جي صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ طرف ان مان انسان ۽ حيوان جو جنسي فرق ظاهر ٿئي ٿو ته ٻئي طرف الڳ الڳ انفرادي وجود جو ناممڪن هجڻ ظاهر ٿئي ٿو. انسان جو وجود ۽ ان جي نشو و نما هڪ سماجي هستيءَ جي حيثيت سان ئي يعني صرف سماج جي اندر طرح طرح جي سماجي لاڳاپن جي نظام جي اندر ٿئي ٿي. ان سان گڏوگڏ سماجي لاڳاپن ۽ ماڻهن جي باهمي ناتن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي، حالانڪ ان ۾ اهي ناتاسماجي هستين جي حيثيت سان ئي قائم ٿين ٿا. سماجي لاڳاپا صحيح معنيٰ ۾ انسانن جي مختلف اجتماعن، سماجي گروهن، طبقن جي وچ ۾ ۽ انهن جي اندر لاڳاپا، رياست جي اندر لاڳاپا، رياستن ۽ قومن وغيره جي وچ ۾ لاڳاپا هجن ٿا.

لينن چيو ته تاريخ ۾ مادييت جو خاص مطلب هي آهي ته "سماجي تعلقات مادي ۽ تصوراتي ۾ ورهايل هجن ٿا. آخر الذڪر اوالذڪر جي مٿان رڳو هڪ مٿاهون ڍانچو هجي ٿو ۽ انسان جي مرضي ۽ شعور کان آزادانه طور تي انسان جي پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي سرگرمي جي نتيجي ۾ قائم ٿين ٿا.(6) تصوراتي لاڳاپا مادي معاشي لاڳاپن کان مختلف هجن ٿا ڇو ته اهي ثانوي ۽ ماخوذ هجن ٿا، ڇو ته اهي اڳ ۾ انسانن جي دماغ مان گذري ئي پيدا ٿيندا آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيتوڻيڪ اهي مادي تعلقات مان مُعَيَنُ ۽ سڃي جا سڃا ان تي منحصر هوندا آهن، اهي مخصوص خيالن جي مطابق تشڪيل ٿين ٿا جيڪي مروج معاشي لاڳاپن جي عڪاسي ڪن ٿا. تصوراتي لاڳاپا هر تشڪيل ۾ پيدا ٿين ٿا ڇو ته انهن جي سماجي بنياد کي برقرار رکڻ، محفوظ ڪرڻ ۽ مستحڪم بنائڻ جي لاءِ ان جي ضرورت هوندي آهي. اهي لاڳاپا لازمي طور تي طبقاتي تشڪيلن جي معيشت مان پيدا ٿين ٿا ۽ انهن جو ڪردار ۽ ماهيت سڃي جو سڃو بنياد تي منحصر هوندو آهي. پر اهي لاڳاپا ماڻهو شعوري طور تي

6. لينن، عوام جا دوست ڪير آهن ۽ عوام جي خلاف اهي ڪيئن وڙهندا آهن؟.

قائم ڪن ٿا. سياسي لاڳاپن جو تصوراتي ڪردار ان حقيقت مان ڏسي سگهجي ٿو ته جيتوڻيڪ ان کي هڪ تشڪيل ۾ طبقن جي وچ ۾ معاشي تضاد ظاهر هجي ٿو. ليڪن اهي طبقاتي شعور پيدا ٿيڻ سان گڏ ظاهر ٿين ٿا. بورجوازي جي خلاف پرولتاريه جي سياسي جدوجهد اها هڪ انقلابي پارٽي جي بغير مزدور طبقي جي تحريڪ ۾ انقلابي نظريو داخل ڪرڻ کان سواءِ يعني عوام ۾ وڏندڙ سياسي شعور جي بغير ترقي نه ٿي ڪري سگهي. تنهنڪري تصوراتي لاڳاپا صرف خيالن جا رشتا نه هوندا آهن بلڪه مخصوص خيالن جي مطابق انسانن جا لاڳاپا هجن ٿا. ۽ اهي هر سماجي تشڪيل جي انتهائي ضروري عنصرن مان، ۽ پنهنجي متئين ڏانچي جو هڪ حصو هوندا آهن.

سماج جي تصوريت ۽ ان جي صورتن جي مطابق هر سماجي معاشي تشڪيل جي اندر نه صرف خيالياتي لاڳاپا بلڪ مختلف قسم جا ادارا ۽ تنظيمون به وجود ۾ ايندیون آهن. انهن ۾ رياست، قانوني ادارا، سياسي پارٽيون، ٽريڊ يونينون ، ڪليسا ۽ ٻيون مذهبي جماعتون، ثقافتي، تعليمي ۽ سائنسي ادارا ۽ تنظيمون وغيره شامل آهن.

طبقاتي سماج ۾ رياست متئين ڏانچي جو خاص ادارو آهي، جيڪا ان جي پيڙهه جو پٿر آهي ۽ جنهن کي معيشت تي حاوي طبقو متئين ڏانچي تي به حاوي رهڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو. اينگلس لکي ٿو "ڪنهن هڪ سماج جا معاشي لاڳاپا پنهنجو پاڻ کي سڀ کان پهرين مفادن جي صورت ۾ پيش ڪن ٿا."(7)

جڏهن اهي مفاد پيدا ٿين ٿا، تڏهن طبقاتي جدوجهد وڌي ٿي ۽ جڏهن طبقاتي مفاد ۽ مخالف طبقن جي مفادن سان ان جو تضاد تُڙ صورت اختيار ڪري ٿو ته اهڙن ادارن ۽ تنظيمن جي قيام جي ضرورت جو احساس وڌي ٿو جيڪو انهن لاڳاپن جي مفادن جو اظهار "بچاءِ ۽ تحفظ ڪريو" ۾ ٿئي ٿو. تنهنڪري جيتوڻيڪ متئين ڏانچي ۾ ادارن جو قيام ماڻهن جي شعور تي، سماج خيالن تي ضرور منحصر هجي ٿو، پر اهي خيال ڪرسي تي ويهي اکيون بند ڪري مراقبي جو نتيجو نه هوندا آهن ۽ ادارن جو قيام به

7. اينگلس، رهائش جو مسئلو.

ڪنهن آزاد ناهي يا سماجي معاهدي جو احسان نه هوندو آهي.

تضاد رکڻ واري تشڪيل جو مٿيون ڍانچو پنهنجي سمورن خيالن، خيالياتي لاڳاپن ۽ ادارن سميت طبقن جي درميان جدوجهد جو نتيجو ۽ ان جو هڪ هٿيار هجي ٿو.

جيڪي ادارا مٿئين ڍانچي ۾ شامل آهن تن جي نمايان خصوصيت هيءَ آهي ته اهي نه صرف خيالياتي پر مادي قوت بہ هجن ٿا. مثال طور رياست وٽ اقتدار جا مادي هٿيار فوج، پوليس، جيل خانہ وغيره هجن ٿا. انهن کي اها پنهنجي منصبي ذميواري ۽ حڪمران طبقي جي مفاد ۽ مرضيءَ جي خاطر سماج کي دٻائڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿي. مختلف تنظيمون جهڙوڪ سياسي پارٽيون، تنظيم جا مادي اتحاد، گڏيل مقصد، نظم ۽ ضبط وغيره جي تحت قائم ڪيون وڃن ٿيون. انهن جي بدولت اهي ان قابل ٿين ٿيون ته عوام جي تمام وڏي تعداد جي، طبقن جي سرگرمين جي رهنمائي ڪن ته جيئن سماج کي درپيش ذميواريون پوريون ڪري سگهجن. لينن چيو ته اقتدار جي جدوجهد ۾ پرولتاريہ وٽ سواءِ تنظيم جي بيو ڪو حربو ڪونهي. اهڙيءَ طرح انهن هڪ مادي قوت جي حيثيت سان تنظيم جي اهميت تي زور ڏنو. خيالياتي تعلقات جيڪي سماج جي مختلف سماجي گروهن جي مُعَيَنُ اقدام ۽ انهن سان لاڳاپيل ادارن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا، سماجي زندگيءَ جو هڪ خاص حلقو هجن ٿا. سماجي سياسي حلقو. اها حقيقت ته مٿئين ڍانچي جي ادارن جو مادي پهلو هوندو آهي، جيڪو انهن کي ان قابل بڻائي ٿو ته اهو بنياد تي، سماجي هستي تي مُعَيَنُ خيالن جي اثر جي وسيلي وانگر عمل ڪن ۽ ائين انهن خيالن کي مادي قوت ۾ تبديل ڪري ڇڏين. سماجي زندگيءَ جي ان حلقي جي بغير خيال رکو خواهش ئي رهجي وڃن ها ۽ سماج جي ارتقا تي پنهنجو اثر نہ پيا وجهي سگهن. صرف عوام جي اقدام جي ذريعي، صرف مٿئين ڍانچي جي مختلف ادارن ۽ تنظيمن جي سرگرمي جي ذريعي سماجي خيال ان قابل هجن ٿا جو زندگي ۽ سماج جي ارتقا کي متاثر ڪري سگهن.

بالائي ڍانچي جي ضرورت هيٺين ذريعن سان مُعَيَنُ ٿيندي آهي جيڪي مختلف تشڪيلن ۾ گڏيل هوندا آهن. پهريائين، جڏهن ماڻهو

ضروري مادي لاڳاپا قائم ڪن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي خارجي قانونن جي عمل جي تابع ڪري ڇڏين ٿا تہ اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح محسوس ڪن ٿا تہ انهن قانونن جي تقاضائن ۾ شعور ۽ مرضي موجود آهي. ٻين لفظن ۾ سماجي ارتقا جي خارجي تقاضائن ۽ قانونن کي انسانن جي سرگرمي جي ذريعي پورو ٿيڻ جي لاءِ لازمي آهي تہ انسان ڪنهن نہ ڪنهن طرح ان جي عڪاسي ڪن، يعني اهي انهن جي دماغ مان ٿي گذرن ۽ انسان جي سرگرمي جي مثالي محرڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿين. اهو ئي سبب آهي جو (Ideology) خياليات ۽ ان جي مطابق سماجي لاڳاپا ۽ ادارا جن سان ڪنهن تشڪيل جو بالائي ڍانچو ٺهي ٿو لازمي طور تي مادي لاڳاپن جي بنياد تي ظاهر ٿين ٿا. ٻيو سماج کي درپيش سماجي ذميوارين کي ڪثير تعداد ۾ عام ماڻهو پورو ڪن ٿا ۽ طبقاتي سماج ۾ طبقا ۽ مختلف سماجي گروهہ جن کي متحد ۽ منظم ڪرڻ جي لاءِ خياليات (Ideology) ۽ مختلف قسم جي ادارن يعني بالائي ڍانچي جي ضرورت آهي.

بالائي ڍانچو هڪ اهڙو مظهر آهي جيڪو لازمي طور تي سماجي تشڪيلن ۾ موجود هجي ٿو ۽ جيڪو هر تشڪيل ۾ امتيازي خصوصيتون اختيار ڪري ٿو. مٿيون ڍانچو انهن سماجي قوتن مان هڪ اهڙي قوت آهي جن جي باهمي عمل جو نتيجو سماجي تشڪيلن جي ارتقا جي صورت ۾ نڪري ٿو ۽ جن جي اثر کي تاريخي عمل جي هر تحقيق ۾ مد نظر رکڻ گهرجي.

غلامانہ، جاگيردارانہ ۽ بورجوا بالائي ڍانچو پنهنجي پنهنجي تشڪيل ۾ غالب هئا. پر هر تضاد رکڻ واري تشڪيل جي بالائي ڍانچي ۾ اهڙا خيال، ادارا ۽ تنظيمون بہ شامل هجن ٿيون جيڪي مظلوم طبقن جي نقطہ نظر کان بنياد جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ جيڪي غالب بالائي ڍانچي جو حصو ناهن هوندا. در حقيقت آخر الذڪر کين دٻائڻ يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي اثر جي دائري کي محدود رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مظلوم طبقن جو نقطہ رکڻ وارا خيال تنظيمون ۽ ادارا مُعَيَنُ بنياد کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ نہ بلڪ ان کي تباهہ ڪرڻ ۽ بنيادي طور تي تبديل ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي نفيءَ جا اهڙا عنصر آهن جن کي خود تشڪيل جي

ارتقا جنم ڏئي ٿي. هر تشڪيل ترقي ڪري ٿي. ان ۾ ماضيءَ جي باقيات ۽ مستقبل جون ابتدائي شڪليون هوندیون آهن، نه صرف معيشت ۾ بلڪ مٿين ڍانچي جي اندر به، سرمائيداري ۾ اهڙيون ابتدائي شڪليون مارڪسي لينني خيال، ڪميونسٽ پارٽيون ۽ مزدور طبقي جون ٻيون انقلابي تنظيمون ئي آهن جيڪي بورجوا بالائي ڍانچي جو حصو ناهن.

تضاد رکڻ وارين تشڪيلين جي حاوي بالائي ڍانچي جي مقابلي ۾، جن جو تعلق استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي مفاد سان هوندو آهي، اشتراڪي سماج جو مٿيون ڍانچو پورهيت ماڻهن جي مفاد جو اظهار ڪري ٿو. اهو اشتراڪي بنياد کي برقرار رکڻ ۽ ان جو تحفظ ڪرڻ جو هٿيار ۽ ان کي عوام جي مفاد ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ترقي ڏيڻ جو سگهارو حربو آهي.

سماج جا ٻيا ترڪيبي عنصر

پيداواري طريقو بنياد ۽ بالائي ڍانچو هر سماجي تشڪيل جا انتهائي لازمي ترڪيبي عنصر آهن. اهي هر تشڪيل جو مادي بنياد، معاشي ڍانچو، ان جي سماجي سياسي ۽ روحاني فطرت جي خاصيت جا عڪاس هوندا آهن. پر سماج ۾ ان کان علاوه ٻيا ترڪيبي عنصر به آهن جن تي توجهه ڏيڻ کان سواءِ ڪنهن به سماجي نظام جو نظرياتي تجزيو مڪمل نه ٿو ٿي سگهي، ڪٽي اهو ڪيترو به عام چوڻ هجي.

ترڪيبي عنصرن جي گوناگوني ۾ ترتيب قائم رکڻ جي لاءِ سماج جي تجزئي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن پهلوئن تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. پهريون سماج ڏانهن، مختلف سماجي ادارن ۽ سماجي زندگيءَ جي هڪ ٻئي سان سلهاڙيل پهلوئن جي خارجي نظام جي حيثيت سان سماجي تشڪيل ڏانهن نظر. انهن سيني کي منجهيل سماجي جسم جي عضون وانگر سمجهڻ گهرجي. ان سطح تي ڪنهن تشڪيل جي ڍانچي جو تجزيو ڪرڻ وقت پيداوار، بنياد ۽ بالائي ڍانچي کان علاوه، جن تي اسان مٿي بحث ڪيو آهي، انهن عنصرن کي به مدنظر رکڻ گهرجي. طريقه زندگي، خاندان، اسڪول، زبان، سماجي تنظيمون مثلاً سائنسي ادارا، راندين جون انجمنون وغيره.

ٻيو سماج ڏانهن اهڙو نقطئ نظر هجي ته اهو انسانن جي باهمي عمل جي پيداوار آهي، انسانن جي درميان تعلقات جو مجموعو آهي، انهن جي سرگرمي جو نتيجو آهي. ان سطح تي جن ترڪيبي عنصرن کي واضح ڪرڻ گهرجي، انهن ۾ تاريخي اعتبار کان انسان جون وحدتون (قبيلو قوميت، قوم) طبقا، ڏنڊا، ۽ سماجي گروهه ۽ عام طور تي انهن جا تعلقات آهن (پنجون باب ڏسڻ گهرجي). حقيقي زندگيءَ ۾ سماجي ڍانچي جي اندر انهن ٻنهي ٻهلوئن جو وجود هڪ ٻئي کان جدا نه هوندو آهي بلڪ اهي هڪ ٻئي کان Cross ٽيندا گذرندا آهن.

سماجي ڍانچي، جي هر عنصر جي امتيازي خصوصيتن کي سمجهڻ جي لاءِ هي نڪتا ذيان ۾ رکڻ ضروري آهن.

(1) مُعَيَنُ سماجي مظهر جون خصوصيتون.

(2) سماجي ضرورت جي نوعيت جيڪا ان جو سرچشمو آهي ۽ ان جون سماجي ذميواريون.

(3) سماجي نظام ۾ مُعَيَنُ مظهر جو مقام ۽ پيداوار، بنياد، بالائي ڍانچا ۽ تشڪيل جي ٻين ترڪيبي عنصرن ۽ انهن جي لاڳاپن جي نوعيت.

هاڻي اسين انهن مان چند عنصرن تي بحث ڪنداسين.

زندگيءَ جو طريقو:

هي مادي ۽ روحاني شين جي انفرادي استعمال جو حلقو آهي، ڪم جي اوقات کانپوءِ روزمرهه جي ذاتي زندگيءَ جو حلقو. هي انساني رشتن جو هڪ خاص اهڙو حلقو به آهي جنهن جو تعلق استعمال جي عمل ۽ ان عمل جي تياريءَ سان هجي ٿو.

روزمرهه جي زندگيءَ جو حلقو سماجي زندگيءَ جي هڪ خاص حلقي جي حيثيت اختيار ڪري ٿو چو ته هر شخص کي جسماني ۽ روحاني توانائي بحال ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي جيڪا ان جي ڪم جي عمل ۾ استعمال ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هي انفرادي استعمال جو حلقو آهي پر ماڻهو سماجي هستين جي حيثيت سان استعمال ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ان

حلقي ۾ به ماڻهن جي درميان، خاندان جي اندر ۽ خاندانن جي درميان طرح طرح جا لاڳاپا قائم ٿين ٿا، پاڙيسرين سان لاڳاپا، اهڙا لاڳاپا جن جو واسطو شين جي ڪفايت شعاري سان خرچ ڪرڻ سان آهي. ڪنهن به سماج ۾ روزمرهه جي زندگيءَ جي امتيازي خصوصيتن جو انحصار پيداوار، ثقافت جي سطح ۽ بين حالتن تي هجي ٿو. طبقاتي ورڇ جي به ان تي گهري ڇاپ هجي ٿي. روزمرهه جي زندگيءَ جي خصوصيتن کي پاڻ ۾ پلٽڻ، قومي اختيار ۽ جاگرافيائي حالتون ۽ تاريخي روايتن جو به دخل هجي ٿو. روزمرهه جي زندگيءَ تي سماجي شعور جون مختلف صورتون به پنهنجو اثر وجهن ٿيون جهڙوڪ مذهب، فن ۽ اخلاقيات وغيرهه. روزمرهه جي زندگيءَ جي حلقي ۾ قدرن، جا مختلف نظام، معيار، قائدا ۽ سماجي نفسيات جون ڪي خصوصيتون پيدا ٿين ٿيون. پنهنجي جاءِ تي اِهي پيداوار جي حلقي ۽ سماجي زندگيءَ جي بين پهلوئن تي اثرانداز ٿين ٿا. اڄ ڪلهه اهو رجحان آهي ته پورهيت آباديءَ کي ڏينهون ڏينهن خدمتن جي حلقي ۾ وڌيڪ ڪم ملي رهيو آهي. اها ڳالهه ڇڳيءَ طرح ثابت ٿي چڪي آهي ته ڪارخانن ۽ آفيسن ۾ محنت جي بار آوري گهٽي حد تائين ان تي منحصر هوندي آهي ته روزمرهه جي خدمتن ۽ آسائش جو انتظام ڪهڙيءَ طرح ڪيو وڃي ٿو. انهن ماڻهن جي بار آوري چاهي جيڪي خدمتن جي حلقي ۾ ڪم ڪن ٿا.

جيئن جيئن سماج ترقي ڪري ٿو روزمرهه جي زندگيءَ ۾ خدمتون فراهم ڪرڻ جي مخصوص صنعتن جو هڪ پوري جو پورو نظام قائم ٿي وڃي ٿو. انهن ۾ گهريلو مشيني شين جي ترقي ۽ روزمرهه جي خدمتن جي لاءِ وڏندڙ تعداد ۾ مردن ۽ عورتن جي ملازمت شامل آهي. روزمرهه جي خدمتن جي حلقي جي ارتقا ۾ واضح طور تي به متضاد رجحان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ طرف روزمرهه جي زندگيءَ کي اجتماعي بنائڻ جو رجحان (ماڻهن جي طعام ۽ تفريح جو انتظام، ٻارن جي سار سنيال جا ادارا، ڌوٻي گهاٽ، ڪيمائي ڌوٻي گهاٽ وغيرهه) جڏهن سماج روزمرهه جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ جديد ٽيڪنڪ استعمال ڪري ٿو. ٻئي طرف روزمرهه جي زندگيءَ کي انفرادي بنائڻ جو رجحان هجي ٿو. جڏهن ان حلقي ۾ انسان پنهنجي انفراديت ڏيکارڻ چاهي ٿو ۽ پنهنجي ذاتي شوق، ذوق ۽ ضرورتن جي

تسکین ڪري ٿو.

اشتراڪیت انهن بنهي رجحانن کي وڏائڻ جي حق ۾ آهي. اها مسلسل انهن بنهي جي اشتراڪ جي نقطہ عروج ڏانهن پيش قدمي ڪري ٿي جڏهن هر فرد هڪ طرف ڪفایت شعاري جي سماجي صورتن کي استعمال ڪري روزمرهہ. جي گهريلو تڙيل پکڙيل ڪمن مان گهٽي ۾ گهٽو آزاد ٿي ويندو ۽ بئي طرف پنهنجي ذاتي ضرورتن، ذوق ۽ شوق پورو ڪرڻ جو موقعو ملندو. هي اهو بنياد آهي جنهن تي واقعي ڪميونسٽ تعلقات روزمره جي زندگيءَ جي ان حلقي ۾ بہ ترقي ڪندا. روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ ڪميونسٽ اجتماعيت جي عمل جو "بارڪ واري ڪميونزم" جي بيهوده خيالن سان پري جو بہ واسطو ڪونهي.

خاندان:

هر سماج ۾ اسان کي خاندان جو ادارو ملي ٿو جيڪو زال ۽ مڙس جي وچ ۾ ازدواجي لاڳاپن تي قائم ٿئي ٿو (اسان هتي قديم سماج ۾ اجتماعي شادي تي بحث ڪوند ڪري رهيا آهيون) خاندان ماڻهن جي هڪ اهڙي گروهہ تي مشتمل هوندو آهي جيڪو ازدواجي لاڳاپن (زال مڙس) قرابتي تعلقات (والدين ۽ ٻار، ڀائر ۽ ڀينر) سان پاڻ ۾ سلهاڙيل هجن ٿا. جيڪا ڳالهہ ماڻهن جي ان گروهہ کي هڪ ئي خاندان جو رڪن بڻائي ٿي اُها اِها آهي تہ سيئي هڪ گهر ۾ رهن ٿا ۽ روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ هڪ بئي جا رفيق ۽ ساٿي هوندا آهن.

خاندان جي اداري جي ابتدا ۽ قيام جو خاص سبب انساني نسل جي توليد ۽ ٻارن جي پرورش جي ضرورت آهي. پر انساني سماج ۾ اهي ذميواريون سماجي هونديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو خاندان جي صورتن ۽ ان جي ارتقا جي رجحان کي سماجي مظهر جي ارتقا جو غالب قانون، معاشي حالتون ۽ ضرورتون مُعَيَنُ ڪن ٿيون. تنهنڪري مثال طور نجي ملڪيت جي ابتدا جائداد کي وراثت ۾ ڏيڻ جي ضرورت سان جڙيل هوندي آهي. چو تہ پيداوار ۾ مرد جو حصو بنيادي هو تنهنڪري ورهاست پدري هوندي هئي. ان هڪ زال يا گهڻين زالن جي خاندان جو بنياد وڌو.

آخر الذڪر صورت ۾ بہ وراثت مردن سان ئي مُعَيَنُ هوندي هئي. بعد ۾ ٻين سماجي تاريخي عنصرن مرد ۽ عورت جي درميان لاڳاپن ۽ خاندان جي شڪل ۾ پنهنجو اثر وڌو.

خاندان جي سماجي نوعيت جو اظهار ان مان بہ ٿئي ٿو تہ جيئن تہ خاندان انساني نسل برقرار رکڻ جي ضرورت مان پيدا ٿيو تنهنڪري ان سماج جي تاريخ ۾ طرح طرح جون سماجي ذميواريون انجام ڏنيون. خاندان هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي ان جا ميمبر ملي جلي خرچ ڪن ٿا ۽ انهن جا گهر ٻار بہ گڏيل هوندا آهن. خود گڏيل خرچ جو مطلب اهو آهي تہ آمدني جا مقرر ذريعا موجود هجن جنهن جي رقمن ڪمائڻ جي طريقي جو انحصار پيداوار جي سطح ۽ پيداواري تعلقات هجي ٿو جيڪي سماج ۾ موجود هوندا آهن. جتي سماج ۾ نجي ملڪيت حاوي هوندي آهي اتي ننڍي ۽ وڏي ملڪيت رکندڙ خاندانن جو خاص ڪم دولت ميڙڻ، ان کي محفوظ رکڻ ۽ وارثن جي ذريعي ان کي اڳتي وڌائڻ آهي.

هارين ۽ دستڪارن ۾ خاندان براهہ راست پيدا ڪرڻ واري وحدت جي شڪل اختيار ڪري ونئي ٿو ۽ اهو عمل خاص طور تي ننڍي پئماني تي نجي ملڪيت جي بنياد تي ٿئي ٿو. خاندان اهڙي جاءِ بہ آهي جتي ٻارن کي پالي تاتي وڏو ڪيو ويندو آهي. جتي هڪ نسل پنهنجو تجربو، روحاني طاقت، اخلاقي اصول وغيره ٻئي نسل کي منتقل ڪري ٿي.

مختلف تاريخي حالتن ۾ خاندان جي اداري جي تجزئي جي لاءِ خاندان جي ماهيت ۽ سماجي ذميوارين جي اها عام ۽ ڪافي مجرد تعريف مُعَيَنُ منهامي اهميت جي حامل آهي. پر خاندان جي گهري مطالعي جي لاءِ ضروري آهي تہ ان جو تجزيو انهن حالتن جي تعلق سان ۽ هڪ ٻئي کي تابع رکي ڪيو وڃي.

خاندان انهن سماجي لاڳاپن جو هڪ معمولي نمونو آهي جيڪي سماج ۾ رائج هجن ٿا. هر مُعَيَنُ سماج ۾ معاشي، قانوني، اخلاقي ۽ مذهبي تعلقات جي خاندان جي تعلقات تي ڇاپ هوندي آهي ۽ اها ڇاپ ايتري گهري هوندي آهي جو تقريباً هر سماجي تشڪيل ۾ پنهنجو خاص قسم جو خاندان هوندو آهي، جيڪو صرف انهن لاءِ مخصوص هوندو آهي. سماج

جي ڏانچي ۾ خاندان جو مقام مُعَيَنُ ڪرڻ جي لاءِ ضرورت ان جي حقيقت تي غور ڪرڻ جي آهي اهو هڪ اهڙو مخصوص سماجي ادارو آهي جنهن جو پنهنجو منجهيل ڏانچو هوندو آهي. جنهن ۾ حياتياتي تعلقات، مادي، معاشي تعلقات ۽ روحاني تعلقات سڀ شامل هوندا آهن.

خاندان انسان جو ڪردار جوڙڻ ۾ اهو ان جي ذاتي گُڻن ۽ لاڳاپن جي تشڪيل ۾ ڪري ٿو مثال طور محبت، دوستي، ٻين جو لحاظ، اخلاقي ذمہ داري وغيره عالمي ادب ۾ اهڙا ڪيئي لافاني شاهڪار تخليق ڪيا ويا آهن جن ۾ تضاد رکڻ وارن سماجن ۾ سڄڻ انساني جذبن ۽ تعلقات جو انهن حيواني سماجي حالتن سان شديد ٽڪرُ ڏيکاريو ويو آهي، جن انهن جي سڄي ۽ جامع اظهار کي روڪيو. انهن کي بگاڙيو ۽ ناقص بڻايو. اشتراڪي نظام ۾ ازدواجي ۽ خانداني لاڳاپن کي واپاري ۽ بيون خود غرضانہ مصلحتن کان پاڪ ڪئي عرصو گذري چڪو آهي. ڪميونسٽ سماجي تعلقات جي ارتقا اهڙيون ضروري حالتون پيدا ڪري ٿي جڏهن انسانن جي وچ ۾ صحيح معنيٰ ۾ انساني لاڳاپا قائم ڪري سگهجن ٿا ۽ ان جو پوريءَ طرح اظهار ڪري سگهجي ٿو. انهن لاڳاپن ۾ جنسن ۽ نسلن جي وچ ۾ لاڳاپا ۽ شامل آهن.

پولي:

پولي سماجي زندگيءَ جو هڪ اهڙو لازمي عنصر آهي جنهن جي بغير ڪو ۽ سماج قائم نہ ٿو رهي سگهي. پولي معاشري جي لاءِ روانگي جي وسيلي، خيالن جي ڏي وٺ جي هٿيار جو ڪم ڏئي ٿي. پولي چاهي زباني هجي يا تحريري انسانن جي ايئن مدد ڪري ٿي تہ جيئن اهي پنهنجي خيالن کي مادي لباس پهرائين. اها انهن کي اشارن جي مُعَيَنُ نظام جي ذريعي جوڙي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ٻين ماڻهن جي لاءِ خيالن کي قابل فهم بڻائي ٿي. مارڪس ۽ اينگلس لکيو آهي تہ پولي "خيال جي ترت حقيقت آهي." ۽ اها اهڙو عملي شعور آهي جنهن جو وجود ٻين ماڻهن لاءِ ۽ آهي ۽ صرف ان ڪري ئي ان جو منهنجي لاءِ ۽ ذاتي لحاظ کان وجود آهي.(8)

8. مارڪس ۽ اينگلس "جرمن آئيڊيولوجي".

پيداوار جي دوران انسانن جي درميان هڪ ٻئي سان ترسيل(9) جي ضرورت جي وجهه کان ٻولي پيدا ٿي. اها انسانيت جي تجربي ۽ ان جي ثقافتي حاصلات جو خزانو آهي. اهو ئي سبب آهي جو زبان هر فرد جي لاءِ زندگيءَ جي سماجي حالت ۽ ثقافت سان ربط قائم ڪرڻ جو هڪ لازمي ذريعو آهي، فرد جو دماغ ٻوليءَ تي قدرت حاصل ڪرڻ جي دوران ۽ ان جي بنياد تي نشو و نما پائي ٿو. پورهئي ۽ ٻوليءَ ماڻهوءَ کي انسان بنايو ۽ هر فرد کي اجتماعي بنائڻ ۾ هاڻي به ضروري ۽ مستقل وسيلو آهي.

جيئن ته ٻولي ايتري ئي پراڻي آهي جيترو خود شعور، ۽ ان جو ٻوليءَ سان سڌو سنئون لاڳاپو آهي تنهنڪري قدرتي طور تي ان جو تعلق سماجي زندگيءَ جي روحاني دنيا سان آهي. پر جيئن ته ان جي وجود، ارتقاء ممتاز خصوصيتن کي معاشي بنياد مُعَيَنُ نه ٿو ڪري تنهنڪري ٻوليءَ کي بالائي ڍانچي ۾ شامل نه ٿو ڪري سگهجي. ان خيال جي بنيادي اهميت اها آهي ته "بنياد" ۽ "بالائي ڍانچو"، اهڙا تصور آهن جيڪي انهن سمورن مظهرن کي پنهنجي دامن ۾ نه ٿا سميٽين جيڪي تاريخي ارتقا جي راهه تي اثر وجهن ٿا. سماج گوناگون آهي. ان جي پيش نظر ته زندگي ۽ سماج جي ترقي ۾ ان جو ڪردار ڇاهي؟ سمورن سماجي مظهرن جي امتيازي خصوصيتن کي ۽ بين سماجي مظهرن سان ان جي باهمي ربط کي گهرائي سان واضح ڪرڻ نظرياتي ۽ عملي لحاظ کان انتهائي اهم آهي. هر سماجي مظهر جون امتيازي خصوصيتون به ان ڏانهن اسان جي نقطهء نظر کي مُعَيَنُ ڪن ٿيون. سماجي مظهرن جي امتيازي خصوصيتن کي نظرانداز ڪرڻ سان لازمي طور تي نه صرف نظرياتي بلڪ عملي غلطيون به ٿين ٿيون. جيڪڏهن اسان ٻولين کي بالائي ڍانچي ۾ شامل ڪيو ته اسان کي اهو مطالبو ڪرڻو پوندو ته پراڻي بنياد تي جيڪا ٻولي پيدا ٿي تنهن کي انقلابي طور تي ختم ڪيو وڃي ۽ نئين بنياد مطابق هڪ ٻولي مرتب ڪئي وڃي. پر اهو غلط ئي ڪونهي بلڪ ناممڪن آهي. اسان پنهنجي ٻوليءَ کي جيڪا ترسيل جو هڪ ذريعو آهي، نه ٿا ڇڏي سگهون. بالائي ڍانچي جي مقابلي ۾ ٻوليءَ جو سرچشمو ڪو هڪ بنياد ڪونهي بلڪ طويل مدتي

9. ترسيل "روانو ڪرڻ، موڪلڻ، اماڻڻ، (ٽپال جي) روانگي (سنڌيڪار).

تاريخ جو دور آهي ۽ اها انسانن جي درميان ان جي سماجي پيدائش جو لحاظ ڪرڻ ڪانسواءِ ترسيل جي هڪ شڪل وانگر قائم ٿئي ٿي. ان جو اهو مطلب نه سمجهڻ گهرجي ته هوليءَ جي ارتقا نه ٿي ٿئي. اها دنيا ۾ بين شين وانگر بنياد ۽ بالائي ڍانچي جي قانونن جي بدران بين قانونن تحت ضرور ترقي ڪري ٿي. زبان سڌو سنئون عڪس آهي پيداوار جي ترقي، سائنس، ثقافت ۽ سماجي سياسي زندگي جو. يعني انهن تبديلين جو جيڪي سماجي زندگيءَ جي هر پهلو ۾ ٿين ٿيون. تنهنڪري فرسوده لفظ متروڪ ٿي ويندا آهن ۽ هولي مسلسل نت نون لفظن ۽ اسلوب سان مالا مال ٿيندي رهي ٿي. اهڙيءَ طرح قائدن ۾ ۽ هوليءَ جي بين شعبن ۾ به تبديليون ٿين ٿيون.

سماجي انقلابن ۽ سماجي زندگيءَ ۾ بنيادي تبديلين جو قدرتي طور تي هوليءَ تي به وڏو اثر پوي ٿو. پر ان جو نتيجو اهو نه ٿو نڪري ته هڪ هوليءَ جي جاءِ ۾ هولي اچي والاري.

ترڪيبي عنصرن جي پنهنجي تجزئي جو خلاصو بيان ڪرڻ وقت هڪ پيرو وري اسان ان تي زور ڏيڻ چاهيندا سين ته سماجي معاشي تشڪيل انتهائي پيچيده ۽ گوناگون پهلوئن جو حامل سماجي نظام آهي. تاريخي عمل کي صحيح طور تي سمجهڻ جي لاءِ سماجي زندگيءَ جي هر پهلو کي، سڀني سماجي مظهرن جي هر پهلو کي انهن جي باهمي عمل جي حالت ۾ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي. تشڪيل هڪ اهڙو مقولو آهي جيڪا سماجي مظهرن جي مونجهاري واري معاملي کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ منهاجي ڪردار ان لاءِ ئي ادا ڪري ٿي ته اهو سماج کي ان جي اظهار جي سمورين رنگينين سان مربوط ۽ سالم قرار ڏئي ٿو. جيڪڏهن کي مظهر ان زمري ۾ شامل نه ڪيا ويا ته پوءِ مُعَيَنُ سماج جي تجزئي ۾ اهي نظرانداز ڪيا ويندا ۽ اهڙيءَ طرح اسين حقيقي سماج جو صحيح تصور نه ڪري سگهنداسين.

خارجي شيءِ جو اصل علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ان جو جامع مشاهدو ڪيو وڃي. ان جي سڀني پهلوئن، رابطن ۽ وسيلن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. جدليات جامع نقطئه نظر جي تقاضا ڪري ٿي. اسين ان ۾ سو سيڪڙو ڪامياب نه ٿا ٿي سگهون، يعني اسين هڪ مُعَيَنُ شيءِ

جي مظهر جي باري ۾ سيڻي رابطا ۽ تعلقات ظاهر ڪرڻ جي قابل نه ٿي سگهنداسين. پر اها جامعيت جي تقاضا اسان کي غلطي کان بچائيندي. اڄ جي خارجي شيءِ جي باري ۾ اسان جا جيڪي اضافي خيال آهن تن کي اسين مطلق بنائي پيش نه ڪنداسين يعني لاش وانگر انهن کي موميائيندا سين ڪونه. (موميا= مسالو لڳل ۽ سڪل لاش- معنيٰ اهو مسالو جيڪو لڳائي لاش کي محفوظ ڪندا آهن. سنڌيڪار).

عمرانيات جا جديد بورجوا ماهر به سماجي ڍانچي جو تجزيو ڪرڻ وقت باقاعده ۽ ترڪيبي ڪم وارو نقطئه نظر اختيار ڪندا آهن. پر سماج جي ساخت ۽ ان جي بنيادي پهلوئن جي باهمي رابطن جي باري ۾ انهن جا خيال مارڪسزم جي مجيندڙن کان بلڪل مختلف آهن.

بورجوا عمرانيات ۾ سڀ کان مقبول نظريو، جيئن اسين بيان ڪري چڪا آهيون تال ڪوٽ پارسنز ۽ رابرٽ ميرٽن جو ترڪيبي ۽ ڪار منصبي جو نظريو آهي. انهن جو بنيادي خيال هي آهي ته سماج هڪ اهڙو مربوط نظام آهي جنهن جي هر ترڪيبي عنصر کي ان جو توازن ۽ استحڪام رکڻ جي لاءِ هڪ مُعَيَنُ ڪم انجام ڏيڻو پويو ٿو.

پارسنز جي راءِ ۾ هر سماجي نظام سرگرم ماڻهن جي حيثيت سان انسانن تي مشتمل هوندو آهي جيڪي مخصوص مقصد حاصل ڪرڻ گهرن ٿا، جيڪي ارد گرد جي شين ۽ مظهرن تي رد عمل ڪن ٿا ۽ جن کي حالتن جو ۽ پنهنجي ذات جو شعور هوندو آهي. الڳ الڳ ماڻهن جي سرگرمين سان انهن جي باهمي عمل ۽ لاڳاپن جو نظام، يعني سماجي نظام، پيدا ٿئي ٿو. پارسنز مطابق "سماج معاشي نظام جو هڪ اهڙو قسم آهي جنهن ۾ خود ڪفيل نظام جي حيثيت سان پنهنجي وجود جي لاءِ سيڻي لازمي شرط موجود هوندا آهن."(10)

ترڪيبي ڪار منصبي جي مڪتبئ خيال جا نظريه ان چون ٿا ته قدر هر مُعَيَنُ سماجي نظام جي ڳانڍاپي جا عنصر هوندا آهن. معيار ۽ قدر جيڪي هڪ مُعَيَنُ سماجي نظام ۾ قبول ڪيا ويندا آهن اهي انسان کي رويي جي معيار جا نمونا فراهم ڪن ٿا. جن تي ان کي عمل ڪرڻ گهرجي

10. Toward a General theory of Action, New York, 1962, p-26.

تہ جيئن نظام کي استحڪام جي ضمانت ملي. پنهنجي عمل سان انسان سماجي نظام کي هلائڻ ۾ حصو ونبي ٿو. جيڪو سندس رتبي جي مطابق مُعَيَنُ ٿيل ٿوان کي پنهنجو حصو انهن ماڻهن جي توقع جي مطابق وٺڻ گهرجي، جيڪي ان جي اردگرد هجن ٿا. يعني ان جي رويي مان نظام جي حسب معمول هلڻ ۾ ترقي ٿيڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو پارسنز قدرن، معيارن هُل بکيڙي وغيره کي سماجي نظام جا خاص ترڪيبي جزا قرار ڏئي ٿو.

پارسنز جو نظريو ڏيکاري ٿو تہ بورجوا عمرانيات ڪيئن باقاعده ترڪيبي ڪار منصبي جي ڪارآمد خيالن کي سرمائيداريءَ جي جواز ۾ استعمال ڪري ٿي. ۽ اها ئي حقيقت ان نظرئي جي ماهيت کي بگاڙي ڇڏي ٿي. نُڪتو اهو آهي تہ ان جي تُڙ صورتن جو لحاظ ڪرڻ کانسواءِ، سماج جي ساخت جي ڳالهين جي پويان، در حقيقت هي تُڙ بورجوا سماج آهي. "استحڪام" جي لاءِ ڪارِ منصبيت وارا علمبردار اهو نظريو ڪڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هتي اسين اهو اضافو ڪري ڇڏيون تہ پارسنز جو نظريو عام طور تي قدامت پرست ۽ عذر خواهہ تسليم ڪيو وڃي ٿو. پارسنز سماجي ڏانچي کي ارتقا کان الڳ ڏسي ٿو. بلا حرڪيات جي. ان جي ترڪيبي نقطئ نظر ۾ توليدي تاريخي نقطئ نظر ڪونهي. ان نقص کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ميرٽن ناڪار منصبي جو تصور شامل ڪيو، يعني اهو عمل جيڪو نظام جي استحڪام ۾ گڙبڙ ڪري ڇڏي ٿو. ۽ اهو تصور شامل ڪرڻ سان ڪار منصبيت جي جامع فطرت ختم ڪانہ ٿي ٿئي ڇو تہ ڪار منصبي جو نقطئ نظر ارتقاء جو عنصر ڪونهي، مستقبل جي ابتدائي شڪل ڪانهي بلڪ رڳو پيداواري نظام تصور ڪيو وڃي ٿو جيڪو ان جو عدم استحڪام وڌائيندو آهي. ناڪاره منصوبن جي تجزئي جي ذميواري اها آهي تہ ان تي عبور حاصل ڪرڻ جا طريقا معلوم ڪيا وڃن تہ جيئن نظام جو ڪار منصبي اتحاد ۽ استحڪام مضبوط ٿئي. يعني سرمائيداري محفوظ رهي. تنهنڪري ان نظر سان سماج ڪارِ منصبي(11). نظام آهي، ارتقاء ڪرڻ وارو نظام ڪونهي.

ا ڪار منصبي "جهن کي ڪم سپرد ڪيو ويو هجي" سنڌيڪار

ڪار منصبيت ۾ هڪ ٻيو تصور، اهو آهي ته پارسنز سماجي ڏانچي جو تجزيو ڪرڻ وقت سماجي زندگيءَ جي سببي بنياد کان نٽائي ٿو، هو پنهنجي انڪار کي ان جي جواز سان صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سماجي زندگيءَ جو هر عنصر "دليل" (آزاد تغير پذير) وانگر ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ ڪار منصبي (ماتحت تغير) پذير جي حيثيت سان بہ. اشارو ان ڳالهہ ڏانهن آهي ته سماجي نظام ۾ عام طور تي ڪي بہ غالب سبب نہ هوندا آهن. تنهنڪري ڪار منصبيت پرست پنهنجو پاڻ کي سطحي باهمي عمل جي شناخت جي حدن ۾ رکندا آهن ۽ گهرائي سان ان بنياد جو پتو نہ ٿا لڳائن جنهن تي اهو باهمي عمل ٽئي ٿو. ان اثباتيت جي پويان دراصل تصوريت آهي جو ته پارسنز جي خيال جي مطابق سماجي عمل جو نظام عوامل جي محرڪن ۽ قائم ٽيل سماجي روين يعني قدرن ۽ معيارن جي مطابقت سان جُڙي ٿو. تنهنڪري ڪار منصبيت پرست فلسفي جو بنيادي سوال نظرانداز نہ ٿا ڪن بلڪہ ان جو رڳو داخلي، تصوريت پرست جواب ڏيندا آهن.

ان سوال کي حل ڪرڻ ۾ صرف مادیت پسند ۽ مارڪسي نقطئہ نظرئي معاشري جي سماجي ڏانچي جو سائنسي تجزيو ڪرڻ جا اصول فراهم ڪري ٿو.

باب ڇوٽون

عالمي تاريخ جي خارجي منطق

سماجي معاشي تشڪيل جي تجزئي ان جي ڏانچي ۽ ترڪيبي عناصرن وچ ۾ باهمي تعلق قائم رکڻ ۾ مدد ڏني. سماج جي اها بنيادي طور تي "ساکن" چنڊ چاڻ، ان جي جُزن کي جدا جدا ڪرڻ ۽ ان جي انفرادي باهمي عمل ڪرڻ واري عنصر جو مطالعو تجزئي جي پي منزل ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ لازمي شرط آهي. سماج ڪڏهن به هڪجهڙو نه ٿو رهي. اهو مستقل ارتقا جي حالت ۾ هوندو آهي. لافارگ سماجي تاريخي ارتقا تي هڪ ڏينهن مارڪس جي پيش ڪيل خيالن کي ياد ڪندي لکيو ته "هي ايئن هو جڻ منهنجي اکين تان پردو هٽايو ويو هجي. پهريون پيرو مون عالمي تاريخ جي منطق صاف محسوس ڪئي." تاريخي مادیت مادي پيداوار جي ارتقا تي حڪمراني ڪندڙ قوانين کي ڏيکاري ۽ ان تي سماجي زندگيءَ جي ٻين سمورن عنصرن جو انحصار ثابت ڪري ارتقا جي خارجي منطق عناصرن جي بصيرت بخشي آهي. پر ان کان پهرين جو اسان ان سوال تي بحث شروع ڪريون، بهتر ٿيندو ته سماج جي ارتقا تي فطري مادي حالتن جي اثرن جو جائزو ونون چوته سماج فطرت کان ممتاز به آهي ۽ ترڪيبي اعتبار کان ان سان مربوط پڻ.

سماج ۽ فطرت:

سماج مادي دنيا جو هڪ حصو آهي ۽ جيئن ته اسين ڏسي چڪا آهيون ان تي خود ان جا اندروني قانون حڪمراني ڪن ٿا. پر سماج کي فطرت کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي ۽ پنهنجي ارتقا جي دوران اهو هميشه ان سان گڏ باهمي عمل ڪندو رهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ان ربط جو مطالعو ڪرڻ سماجي سائنس جو ڪم آهي.

فطرت ماڻهن جي زندگيءَ جي لاءِ ۽ سماج جي وجود ۽ ارتقا جي واسطي هڪ ضروري شرط آهي. انساني سماج جن فطري حالتن ۾ موجود هجي ٿو، اهو حلقو جتي سماج سڏو سنئون فطرت سان گڏ باهمي عمل ڪري ٿو، جاگرافيائي ماحول جي نالي تي پڪاريو وڃي ٿو. ڌرتي ۽ ڪائنات سان گڏ پنهنجي تعلق سان ۽ سڀ کان پهرين سج سان، فضا، دريا، سمنڊ، آبهوا ۽ زمين ۾ معدنيات اهي سڀ ملي ڪري فطري جاگرافيائي حالتون فراهم ڪن ٿا جن ۾ انساني سماج ارتقا ڪئي آهي، عالمي تاريخ جو جاگرافيائي اسنز جيئن هيگل چيو آهي.

معاشري جو فطرت سان رشتو سڀ کان پهرين پيداوار جي ذريعي آهي. سماجي دولت محنت جي ذريعي پيدا ڪئي وڃي ٿي جيڪا فطرت جي شين کي انساني ضرورتن جي مطابق تبديل ڪندي ۽ ڪارآمد بڻائيندي آهي. استعاري طور چئي سگهجي ٿو ته محنت دولت جو پيءُ ۽ فطرت ان جي ماءُ آهي. هن ڌرتيءَ تي فطري حالتون پيداوار جو فطري بنياد آهن. اهو ئي سبب آهي ته اهي انهن سمتن کي متاثر ڪن ٿيون جن تي انساني سرگرميون ٽيندڙيون آهن. پيداواري قوتون ترقي ڪنديون آهن، انهن جي مقام جو تعين ڪندڙيون آهن ۽ پورهئي جي ورڇ ٽئي ٽي وغيرهه. جاگرافيائي ماحول مختلف ماڻهن جي تاريخي ارتقا جي رفتار تي به اثر انداز ٽيندو آهي. موافق جاگرافيائي حالتون پيداوار جي ترقيءَ کي وڌائيندڙيون آهن ۽ نا موافق حالتون ان جي رفتار سست ڪنديون آهن. اهو به سچ آهي ته جيئن جيئن سماج ترقي ڪندو آهي انسان ڏينهون ڏينهن ان قابل ٽيندو ويندو آهي ته هو ناموافق حالتن تي ضابطو آڻي سگهي ۽ فطرت جو مالڪ بنجي سگهي. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته جيئن جيئن پيداوار وڌندي آهي (تيئن تئين) انسان فطري حالتن جي اثر کان بلڪل آزاد ٽيندو ويندو آهي. سماج ۽ فطرت جي وچ ۾ باهمي عمل جي نوعيت ڪافي منجهيل ۽ جدلياتي آهي. جاگرافيائي ماحول پيداوار کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ مُعَيَنُ امڪان پيدا ڪري ٿو. پر اهو ڪيئن ٿو استعمال ڪيو وڃي تنهن جو انحصار خود سماج تي هوندو آهي. هڪ ئي قسم جون قدرتي حالتون سماج جي ارتقا کي مختلف طرح سان متاثر ڪري سگهن ٽيون، ان جو

انحصار انهن جي ارتقا جي معيار تي هوندو آهي. مارڪس طبيعي حالتن کي بن وڏن حصن ۾ ورهايو آهي.(1)

1. بقا جي ذريعن جي حيثيت سان فطري دولت، مثلاً ڦر ڏيندڙ زمين، مڇين سان ڀريل پاڻي، ٻوٽا، ميوي جا وڻ، ڪُکُڙ، مڇيون وغيرهه.
2. فطري دولت محنت جي ذريعن جي لاءِ جهڙوڪ ڏاتو ڪوئلو، ڪاڌيون، پيٽرول وغيره ۽ جهاز راني جي قابل درياهه، آبشار وغيرهه.

انهن ۾ پهريون گروهه سماجي ارتقا جي هيٺين منزلن تي وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ٻيو بلند منزلن ۾. اها ڳالهه آساڻيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي. مثال طور تي پيداوار ۾ ڪوئلي ۽ پيٽرول جو استعمال پيداوار جي ارتقا جي ڪافي بلند منزل ۾ ممڪن ۽ لازمي ٿيو. هيٺين منزلن ۾ ان جي موجودگي يا عدم موجودگي بلڪل اهم ڪانه هئي ڇو ته اهي سماجي پيداوار جي عمل ۾ استعمال نه ٿيا ڪري سگهجن. اڄ پيٽرول کان سواءِ پيداوار جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. اهوئي سبب آهي جو بنيادي عالمي مسئلن ۾ پيٽرول جو، پنهنجو مقام آهي.

ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته فطرت انسان ۽ ان جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿئي ٿي ۽ ان جو اظهار ان جي زندگيءَ جي ڍنگ (رهڻ جي جاءِ، لباس، غذا وغيرهه) ۽ مختلف نسلي ۽ قومي خصوصيتن ۾ ملي ٿو. ان اثر جي اهميت علم الاقوام جا ماهر، ڊاڪٽر ۽ فن تعمير جي ماهر وغيره جا لاءِ عملي قيمت رکي ٿي. پر سماجي ڄاڻ جي ۽ ان سمت جي تشريح ڪرڻ وقت جنهن ۾ اهو تبديل ٿئي ٿو، انسان تي فطرت جو سڌو سنئون اثر مشڪل ئي سان واقعي اهم ٿي سگهي ٿو. آمريڪي جاگرافيدان هنٽنگ تن جي اها نرالي دعويٰ ڏسي سگهجي ٿي ته عظيم آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب جو سبب اهو هو جو روس ۾ آبهوا ڪجهه وڌيڪ گرم ٿي وئي هئي.

جاگرافيائي تعنيت جي نظرين جي پيٽ ۾ مارڪسزم جي مطابق جاگرافيائي ماحول سماجي ارتقا مُعَيَنُ نه ٿي ڪري ۽ نه ڪري سگهي ٿي تاريخ ۾ اسان کي فطري ۽ سماجي حالتن جي نوعيت وچ ۾ ڪوبه باهمي تعلق نه ٿو ملي. اسان کي لڳ ڀڳ ملندڙ جلندڙ فطري حالتن وارن ملڪن ۾

1. مارڪس، "سرمايو، جلد نمبر پهريون حصو پنجون باب نمبر چوڏهون".

بلڪل مختلف سماجي نظام ملن ٿا (مثلاً سوويت ترڪمانيه ۽ ايران، ڪريميا ۽ فن لينڊ وغيرهه). ان جي برعڪس مختلف جاگرافيائي خطن ۾ اسان کي ملندڙ جلندڙ نظام وارا ملڪ نظر اچن ٿا جتي پيداواري قوتن جي سطح تقريباً ساڳي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته ماڻهو پين حيوانن وانگر صرف ماحول جي مطابق پنهنجو پاڻ کي موزون نه ٿا بڻائين بلڪ اهي ان کي بدلائيندا به آهن ۽ اڪثر فطري ماحول جي ناموافق اثر کي گهٽ ڪن ٿا.

سماج جو وجود مُعَيَنُ فطري حالتن ۾ هجي ٿو ۽ ان جي ارتقا ان سان گڏ ۾ پنهنجي قانونن جي مطابق مسلسل باهمي عمل سان هجي ٿو. سماج جي تاريخ فطرت جي تاريخ جو تسلسل آهي، جتي خود فطرت کي بلند منزل تي پهچايو وڃي ٿو. بقول مارڪس "خود تاريخ فطرت جي تاريخ جو هڪ حقيقي حصو آهي، فطرت کي انسان جي هٿان نئين روپ ۾ پلٽڻ جو". (2)

سماج جيئن جيئن ترقي ڪري ٿو فطرت تي انسان جي ڇاپ به وڌندي وڃي ٿي. اڄ اسين جيڪو پنهنجي اردگرد جاگرافيائي ماحول ڏسون ٿا، صحيح معنيٰ ۾ اهو صرف خالص فطري ارتقا جي پيداوار ڪانهي ڇوته اڪثر فطرت تي سماج جي اثر کان انسان جي تغير آفرين سرگرمي کان ان جي اڏاوت ٿي آهي. انسان نهرون، بندر ۽ وڏيون وڏيون ڏندون تعمير ڪن ٿا. انسان جي اثر دنيا جي نباتيات ۽ حيوانيات ۾ وڏي تبديلي آندي آهي. صرف ان معنيٰ ۾ نه ته انسانن ڪيترائي وڻ ڪپي ڇڏيا، انهن جهنگلي جانورن جي ڪن قسمن کي بچائي ڇڏيو يا انهن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو، بلڪ ان معنيٰ ۾ به ته انهن ڪيترائي نوان ٻوٽا تاتي جوان ڪيا ۽ جانورن جا نوان قسم پيدا ڪيا. اڄ جا آرائشي ٻوٽا، اناج جا فصل، سبزيون ۽ ميوا پنهنجي ابن ڏاڏن (اڳين) کان بلڪل مختلف نظر اچن ٿا ۽ اڄا به ٻوٽن جي تبديلي ڪنهن معنيٰ ۾ مڪمل ڪانه ٿي آهي. مٽ جيترن ابتدائي قديم جانورن کان انسانن کير ڏيندڙ چوپائي مال جهڙوڪ مينهن، ڍڳي، رڍ، ٻڪري، ڍور، جانورن جي تقريباً 4000، گهوڙن جي 150 ۽ ڪتن جي لڳ ڀڳ 400 نسلن جي افزائش ڪئي آهي. سائنس جي ترقي ۽

2. مارڪس "1844ع جا معاشي ۽ فلسفيانه مسودا".

نامياتي (وڌڻ جي قوت) فطرت جي باقاعدگي جو فهم ۽ انسان جي ضرورتن جي خاطر زنده جسمن کي تيزيءَ سان ۽ مقصد جي تحت تبديل ڪرڻ جي لاءِ نوان نوان امڪان پيش ڪري رهي آهي. چنانچہ انساني سرگرمي قدرتي منظرن ۾، منجهيل جاگرافيائي حالتن ۾ جيڪي دنيا جي مختلف حصن ۾ ايرن تا، تُڙ تبديليون پيدا ڪري ٿي، هڪ اهڙي عنصر وانگر عمل ڪري ٿي جيڪو جاگرافيائي ماحول کي پلٽي ٿو. اهو ٺيڪ آهي تہ ايڏا تائين انسان آبهوا کي بدلائي نہ سگهيا آهن (توڙي جو هو حسبِ مرضي تمام ننڍي موسم پيدا ڪري سگهن ٿا) ۽ نہ ارضيا تي عوامل کي. پر ايئن ڪرڻ جا امڪان تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. انسان خلا ۾ پهچي چڪو آهي ۽ ايئن ان فطرت سان پنهنجي باهمي عمل جو حلقو وسيع ڪري ڇڏيو آهي. ائٽمي توانائي جي عملي استعمال جي دريافت، جديد خصوصيتن جي مالڪ پولهير جي مختلف مرڪبن، ريڊيو اليڪٽرونڪس جي ترقي وغيره فطرت تي انسان جو اثر وڌائڻ جا وڏا امڪان فراهم ڪري ڏنا آهن. جديد ترين سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي حاصلات (پيداوار) هن ڌرتي جي خدوخال کي بدلائڻ جي لاءِ انسانيت جي آڏو وسيع شاهراهون کولي ڇڏيون آهن. پر افسوس تي اهي خطرا بہ گول دائري ۾ اڏامي رهيا آهن، جيڪي فطرت تي انسان جي بي لغام اثر جي ڪري پيدا ٿين ٿا.

فطرت کي بي خياليءَ سان پنهنجي ترت ضرورتن خاطر، مستقبل بعيد ۾ پنهنجي عمل جي نتيجن جو لحاظ ڪرڻ جي بغير نہ بدلائڻ گهرجي. مثلاً هر شخص جاڻي ٿو تہ وڏي پئماني تي وڻ وڍڻ سان جي درياهن جي گهرائي بہ گهٽجي ويندي آهي ۽ زراعت تي ان جو برو اثر پوي ٿو. پاڻي جي غلط استعمال سان زمين گهٽ فصل ڏيڻ لڳي ٿي ۽ وڍڻ واري حالت وڌي وڃي ٿي. فصلن کي صاف ڪرڻ جا انتظام ڪرڻ جي بغير صنعتي ادارن جي تعمير سان درياهہ گدلا ٿيڻ لڳن ٿا ۽ مڇيون مرڻ لڳن ٿيون. فطري عوامل ۾ ڪوتاهہ نظري سان بي جا مداخلت فطري ڪڙين کي ٽوڙي ڇڏي ٿي ۽ فطري عوامل جي باقائدگيءَ ۾ گڙ بڙ پيدا ڪري ٿي.

جڏهن انسان فطرت تي اثر جا وڌيڪ طاقتور ذريعا استعمال ڪرڻ لڳو آهي تہ ان کي وڌيڪ احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇو تہ

فطرت تي منفي اثرن جو خطرو بہ وڌي رهيو آهي. انتهائي نقصان پهچائيندڙ نتيجا درياهن، سمنڊن ايستائين جو سمنڊ جي گدلاڻ مان پيدا ٿي رهيا آهن جتي صنعت، ايٽمي توانائي ۽ ڪيميا جو ڦوڳ ۽ وهڪرا پهچن ٿا. انسان جي ماحول کي صحتمند رکڻ جي سوال انتهائي وسعت اختيار ڪري ورتي آهي. هي هڪ عالمگير مسئلو آهي تنهنڪري سيني قومن جي گڏيل ڪوششن سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو.

سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي 24هين ڪانگريس جي موقعي تي حتمي رپورٽ ۾ ليونڊ برزنيف زور ڏنو تہ "اسان جو ملڪ ٻين لاءِ پيل رياستن سان گڏجي اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تيار آهي جهڙوڪ ماحول جو تحفظ، توانائي ۽ ٻين قدرتي ذريعن جي ترقي، نقل و حمل ۽ آمد رفت جو فروغ ۽ انتهائي مهلڪ ۽ وبائي بيمارين جي روڪ ٿام ۽ سد باب، خلا ۽ عالمي سمنڊ جي تلاش ۽ ان جي ارتقا."

سماج جي آڏو ٻہ رستا آهن. ماحول جي گدلاڻ جاري رکڻ جنهن جو نتيجو انسانيت جي لاءِ غير متوقع ۽ المناڪ صورتن ۾ نڪري سگهي ٿو يا ان سر تي سوار خطري کي تارڻ جا ذريعا تلاش ڪرڻ. مارڪسين کي يقين آهي تہ ڪميونزم ان مسئلي جو بنيادي حل پيش ڪري ٿو.

سوويت يونين ۾ ڪميونسٽ تعمير جي عمل سان ان خيال جي تصديق ٿئي ٿي. سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي 24 هين ڪانگريس ماحول جي تحفظ جي مسئلي تي خاص طور تي توجهہ ڏنو. اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي رفتار وڌائڻ سان گڏوگڏ ان ڳالهہ جو بہ احتياط ڪيو وڃي تہ اهو فطري ذريعن جي تحفظ سان گڏگڏ هجي، ان سان هوا يا پاڻي گدلائڻ ٽين ۽ نہ اها زمين کي ڪاٽي. سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ ماحول جي تحفظ جي پيش نظر نون معاشي ادارن جا پروجيڪٽ تيار ڪرڻ ۽ انهن کي تعمير ڪرڻ ۽ پراڻن ادارن کي نئين سر تعمير ڪرڻ جي سلسلي ۾ منصوبا ٺاهڻ وارين، معاشي ۽ ڊزائين تيار ڪرڻ وارين تنظيمن جي لاءِ بلند ۽ وڌيڪ سخت معيار مقرر ڪيا آهن. مقصد اهو آهي تہ نہ صرف موجوده نسل بلڪ سڀئي ايندڙ نسل بہ فطرتي نعمتن کان مستفيد ٿي سگهن.

مستقبل ۾ جڏهن جنگ جو خطرو ۽ هٿيارن تي خرچ جي ضرورت همیشہ جي لاءِ ختم ٿي ويندي، جڏهن قومن کي تقسيم ڪرڻ واري نجي ملڪيت جون ديوارون ڍهي ويندیون ۽ جڏهن انسانيت فطرت تي ڪاميابي جي لاءِ عالمي سطح تي پنهنجون ڪوششون ۽ مادي ذريعا گڏ ڪندي ته پوءِ هيءَ ڏرتي صرف انسانن جي مفاد ۾ ۽ ان جي فائدي لاءِ تبديل ڪئي ويندي.

ٽيڪنيڪي ترقيءَ کي ايئن نہ سمجهڻ گهرجي ته ان جو نتيجو سماج جي فطرت کان عليحدگي ۾ نڪري ٿو. انسان فطرت جي حاصلات جو سرتاج آهي ۽ فطرت هڪ اڻ ٽٽ حصو آهي. ان جي توانائي ۽ طاقت ان ئي نسبت سان وڌي ٿي جيتري زياده هو فطرت تي قدرت حاصل ڪري ٿو ۽ پيداوار ۾ ان جي قانونن کي استعمال ڪري ٿو. يعني ان جي ڏينهون ڏينهن وسيع باهمي عمل جي نسبت سان.

خود انسان جي حياتياتي سماجي ارتقا جو هڪ بيو ۽ فطري عنصر آهي، پيدائش ۽ موت، انساني جسم جي واڌ ويجهہ ۽ ٻڌاپڻ ۽ گڏوگڏ جنسن ۾ امتياز اهي سڀ حياتياتي نوعيت جا عوامل ۽ مظهر آهن. ليڪن آبادیءَ ۾ واڌ ۽ جنسن ۽ عمر جي لحاظ کان گروهن جي درميان امتياز هر سماج ۾ سماجي مسئلا پيدا ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو آبادیءَ ۾ توليد، پيدائش ۽ موت سان واسطو رکندڙ بين مظهرن جو مطالعو نہ صرف حياتياتي ۽ طبي سائنسون بلڪ ڪافي تعداد ۾ سماجي سائنسون (پيدائشي ۽ موت جي متعلق انگ اکر، عمرانيات، قانون، معاشي سائنسون، علم بين الاقوام وغيرهہ) بہ ڪن ٿيون.

آبادیءَ ۾ اضافي ۽ ان جي گنجائش ۾ تبديلين جو پيداوار جي ارتقا سان ڪهڙو تعلق آهي؟ سماجي ارتقا تي ان جو ڪهڙو اثر ٿو پوي.

تاريخي مادیت جي نقطئہ نظر سان آبادیءَ ۾ اضافو جيتوڻيڪ پيداوار ۽ سماج جي ارتقا تي اثر وجهي ٿو پر اهو فيصلائتو عنصر ڪونهي. جيڪڏهن اهو اهڙي قوت هجي ها تہ آبادیءَ جو زياده ڳتيل هجڻ لازمي طور تي پيداوار کي بلند تر سطح تائين آڻي ها ۽ بلند تر معاشي نظام پيدا ڪري ها. پر تاريخ ۾ اسان کي ڪوبہ اهڙو مثال ڪونہ ٿو ملي. اهو صحيح آهي تہ آبادیءَ جي ڳتيل هجڻ واري حالت ۾ تبديلي ٿيندي رهي ٿي. اسان

جي ڏرتيءَ تي آبادي‌ءَ جي تقسيم تمام گھٽي ناھموار آھي. دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ڳتيل آباد علائقن ۾ جيڪي زمين جو ست سيڪڙو حصو آھن ڪل انسانن جو 70 سيڪڙو حصو رھي ٿو ۽ زمين جا 10 سيڪڙو حصا (ريگستان، قطبي علائقا وغيرھ) تقريباً غير آباد آھن. وقت سان گڏوگڏ ڏرتيءَ تي آبادي‌ءَ جي گنجائش ۾ بہ تبديلي ٿي آھي. اسان جي زماني جي ابتدا ۾ دنيا جي ڪل آبادي تقريباً 15 يا 20 ڪروڙ ھئي. 1000ع ۾ اھا لڳ ڀڳ 30 ڪروڙ تائين پھچي وئي ۽ موجوده زماني ۾ اھا لڳ ڀڳ چار ارب آھي. ھاڻي آباد براعظمن جي سراسري ڳتيل ھجڻ واري حيثيت تقريباً في چورس ڪلوميٽر 25 ماڻھو آھي.

پر ماضيءَ وانگر اڄ بہ ملڪ جي سماجي نظام کي آبادي‌ءَ جي ڳتيل ھجڻ واري حيثيت مُعَيَنُ نہ ٿي ڪري ۽ نہ توليد جو سلسلو آبادي‌ءَ ۾ اضافي ۽ ان ڳتيل ھجڻ واري حالت ۾ تبديليون ھڪ نظام کان ٻئي نظام تائين عبور جي تشريح ڪن ٿيون. جيئن جاگيرداريءَ مان سرمائيداريءَ تائين يا سرمائيداريءَ کان اشتراڪيت تائين. ان کان بہ وڌي ڪري اھو تہ خود اول الذڪر جو انحصار انھن سماجي حالتن تي ھجي ٿو جنھن ۾ ماڻھو رھن ٿا. مثال طور پيداوار جي حالت، ثقافت جي سطح، روز مرھ زندگيءَ جون حالتون، قومي ۽ مذھبي روايتون ۽ ڪيئي ٻيا عناصر. اھو ئي سبب آھي جو تاريخي تعلق کان ٻاھر آبادي‌ءَ جو ڪوبہ مجرد قانون ڪونھي.

مارڪس ثابت ڪيو تہ ھر سماجي نظام ۾ آبادي‌ءَ جو ان جو پنھنجو مخصوص قانون ھجي ٿو. سرمائيداريءَ ۾ جتي پيداوار جو مقصد منافع خوري، محنت جي عقلي اصول تي تنظيم، پيداوار جي مشين بندي ۽ خودڪاري آھي. محنت جي لاياڻتو ھجڻ ڪي وڌائي ھڪ ئي وقت پيداوار کان مزدورن جي ھڪ حصي کي خارج ڪيو وڃي ٿو ۽ بيروزگاري وڌڻ لڳي ٿي. سرمائيداري مسلسل نسبتاً فالتو پورھيت آبادي پيدا ڪري ٿي جيڪا معاش جي ذريعن کان محروم ھوندي آھي. سرمائيداريءَ ۾ آبادي‌ءَ جي قانونن جي اھائي خصوصيت آھي.

اشتراڪيت ۾ آبادي جو بلڪل مختلف قانون ڪارفرما ھوندو آھي، جتي وڌندڙ آبادي وڌندڙ پيداوار ۾ حصو ونڊندي آھي، جتي بحرانن ۽

بيروزگاريءَ جو نالو نشان ڪونهي ۽ جتي زندگيءَ جون مادي حالتون، جن مان پورهيت ماڻهو فيضياب ٿيندا آهن، لڳاتار بهتر ٿيندڙيون رهنديون آهن.

آباديءَ جي نئين توليد هڪ پاڻ هُرِتو عمل آهي. پر تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته مختلف دورن ۾ ڪيئي سماج ۽ رياستون مُعَيَنُ علائقي ۾ پنهنجي مفادجي لاءِ آباديءَ جي تعداد ۾ ان جي ساخت کي ضبط ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهن ڪوششن کي ئي وٺو جيڪي مختلف رياستن آباديءَ جي لڏ پلاڻ کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ جي مقصد سان ڪيا آهن. مثلا وطن ترڪ يا تبديل ڪرڻ پرتيءَ جي لاءِ ماڻهن جو تعداد وغيره آباديءَ ۾ اضافي جي لاءِ وڏن خاندانن کي مادي ترغيب ڏيڻ ۽ آبادي وڌائڻ جون مختلف ڪوششون هونديون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن سماج کي شرح پيدائش گهٽ ڪرڻ جي به ضرورت هوندي آهي. مثال طور ملڪن ۾ جيڪي ايڏا هاڻي هاڻي بينڪيتي پنجوڙ مان آزاد ٿيا آهن ۽ جيڪي ماڻهن جي معيار زندگي بلند ڪرڻ گهرن ٿا تن لاءِ آباديءَ جي بلند شرح پيدائش هڪ منفي عنصر آهي، چو ته آباديءَ ۾ اضافو قومي آمدنيءَ ۾ اضافي کان وڌيڪ هجي ٿو ۽ ان ڪري عام معيار زندگيءَ جي سطح بلند ڪرڻ ناممڪن آهي، بيشڪ اها ڪنهن معنيٰ ۾ به مطلق ڪثرت آباديءَ جو مثال نه ٿو چئي سگهجي بلڪ آباداياتي نظام جي باقيات آهي جنهن ڪيترن ملڪن ۾ اها معاشي ترقي روڪي رکي هئي ۽ جنهن جي ڪري اهي نسبتاً ڪثرت آباديءَ جي مسئلي کي منهن ڏيئي رهيا آهن. چنانچه شرح پيدائش گهٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون، سي اهڙين ڪوششن جو هڪ حصو ٿي سگهن ٿيون جن جو مقصد قومي ارتقا جون ذميواريون پوريون ڪرڻ آهي. پر گهٽ شرح پيدائش جا مثبت نتيجا صرف تڏهن نڪري سگهن ٿا جڏهن اهي معاشي ۽ سماجي تبديليءَ سان گڏوگڏ هجن.

رياستي اقدام جو نظام جنهن جو مقصد آباديءَ جي نئين توليد تي ڪجهه اثر وجهڻ آهي تنهن کي آباديءَ جي پاليسي چيو وڃي ٿو. مارڪسزم ڪنهن به معنيٰ ۾ اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ جي ضرورت کان انڪار نه ٿو ڪري. اشتراڪي پيداوار جي فروغ جو مقصد سماج جون

ضرورتون پوريون ڪرڻ آهي، تنهنڪري ان کي طويل مدتي منصوبن جي ذريعي آبادي ۽ ۾ اضافي ۽ ان جي ضرورتن سان وابستہ هجڻ گهرجي. مالطوسيت ۽ جديد مالطوسيت جي نظريي جي خلاف وڙهڻ جي لاءِ خاص طور تي ان تي زور ڏيڻ ضروري آهي.

آبادي ۽ جي باري ۾ رجعت پرست مالطوسي نظريو حالانڪہ 18 هين صديءَ جي آخر ۾ منظر عام تي آيو هو پر اڄا تائين اهو ڪافي مقبول آهي ۽ ان جو وڏو اثر آهي. 1797ع ۾ پنهنجي هڪ تصنيف ۾ مالطوس اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ ساري جاندار مخلوق ان غذا جي مقدار جي پيٽ ۾، جيڪا انهن کي دستياب ٿئي ٿي تمام تيزيءَ سان وڌي ٿي. هنن دعويٰ ڪئي تہ انساني آبادي جو سلسلو انگن جي حساب مطابق وڌي ٿو ۽ بقا جو ذريعو وڌ ۾ وڌ حسابن جي سلسلي مطابق. جيڪڏهن دنيا جي آبادي کي (هڪ) مجيو وجي ۽ حادثا نہ ٿين تہ اها هر 25 سالن ۾ پيٽي ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح بن صدين ۾ دنيا جي آبادي ۽ بقا جي ذريعن جي درميان تناسب 256 ۽ 9 ٿيندو. مالطوس زور ڏنو تہ اهو "قانون هر دور ۽ هر رياست جي اندر" عمل ڪري ٿو. جنهن ۾ انسان رهي چڪو آهي يا هاڻي رهي ٿو."(3) هن جي خيال ۾ بقا جي ذريعن جي سست ترقيءَ جو هڪ سبب زمين مان تقليل(4) حاصل ڪرڻ جو "قانون" آهي ۽ ان مان اهو نتيجو ڪڍيو تہ "غربت جا بنيادي ۽ مستقل ترين سبب جو حڪومت جي صورتن يا ملڪيت جي غير مساوي تقسيم کان تمام گهٽو گهٽ ملڪ کوہ سڏو سنئون تعلق ڪونهي ۽ جيئن تہ دولت مندن وٽ حقيقت ۾ اهڙي طاقت ڪانهي جو اهي غريبن کي روزگار ۽ زندگي جون ضرورتون فراهم ڪري سگهن. تنهنڪري حالتن مطابق غريبن کي ان کان مطالبي ڪرڻ جو حق نہ ٿو ٿي سگهي. 2- جيڪو ماڻهو غربت ۾ پيدا ٿئي ٿو سو فضول آهي. فطرت جي زبردست ضيافت ۾ انهن لاءِ ڪا خالي جڳهہ ڪانهي. اها هن کي چوي ٿي تہ وڃ، ۽ اها پنهنجي

3. ٿوماس رابرٽ مالطوس "آبادي ۽ جي اصول تي مقالو يا ان جي ماضي ۽ حال ۽ انساني خوشيءَ تي اثرات جي متعلق نظريو، جيڪي برايون ان ۾ پيدا ٿين ٿيون تن کي ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان جي امڪانن جي تحقيق سان." لنڊن 1890ع ص 295. تقليل

4. "گهٽ ڪرڻ، گهٽتائي ڪمي، قلت، ڪوٽ (سنڌيڪار).

احڪام جي جلد تعميل ڪرائيندي."(5) مالطوس اها حقيقت نہ ٿا لڪائين تہ هنن جو نظريو خالص طبقاتي مفادن جي لاءِ مرتب ڪيو ويو آهي. اهي اصرار ڪن ٿا تہ هنن جي "قانون" کي سمجهڻ لاءِ انسان کي پنهنجون تڪليفون صبر سان برداشت ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ ان ۾ پنهنجي غربت جي ڪري حڪومت يا معاشري جي مٿين طبقن جي خلاف گهٽ بي چيني ۽ غصي (6) جا جذبا پيدا ٿين ٿا. مارڪس ۽ اينگلس مالطوس جي قانون آبادي تي انتهائي سخت تنقيد ڪئي ڇو تہ اهو پرولتاريہ جي خلاف بورجوازيءَ جو انتهائي ڪليل اعلان جنگ" هو.(7) هڪ بي جاءِ تي مارڪس ڪاوڙ ۽ چڙ مان لکيو تہ "مالطوس جي امتيازي خصوصيت انتهائي ڪميڻپائي آهي. اها هڪ اهڙي ڪميڻپ آهي جنهن جو صرف هڪ پادري ئي مرتڪب ٿي سگهي ٿو. جنهن کي انساني تڪليفون گناهہ جي سزا نظر اچن ٿيون."(8)

19 هين صديءَ تائين جي سماجي ارتقا مالطوسي نظريي جو ڏيوالپٽو ثابت ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن 1904ع کان وٺي 1914ع تائين آبادیءَ ۾ اضافو سراسري 864 سيڪڙو ساليانو هو تہ ڪڪ جي پيداوار ۾ اضافو سراسري 20 سيڪڙو هو. اولهہ جرمني جي ماهرِ معاشيات فرٽز بادي جي تخميني جي مطابق سن 2000ع تائين اناج جي پيداوار 16-12 ارب ٽن تائين پهچائي سگهجي ٿي جيڪا 30 ارب ماڻهن جي غذا جي لاءِ ڪافي هوندي ۽ 21 هين صديءَ جي شروع ۾ توقع ڪئي وڃي ٿي تہ اسان جي زمين جي آبادي 7-6 ارب هوندي. هن وقت جيتري ايراضيءَ ۾ پوک ڪئي وڃي ٿي اها ڪل زمين جو 9.سيڪڙو آهي، ان کي وڌائي گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو ڪري سگهجي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ امڪان ايڏا تمام گهڻو باقي آهن، سمنڊ ۾ جيڪي بي پناهہ امڪاني قوتون موجود آهن تن کي ان ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

---

5. ساڳيو، ص 465.

6. ساڳيو، 542.

7. اينگلس، "انگلينڊ ۾ مزدور طبقي جي حالت".

8. مارڪس، "سرمايو"، جلد،4، حصو 2 باب 9.

تنهنڪري اسان ڏسون ٿا تہ مالطوسي (قانون) سائنس جي ساهميءَ تي پورو نہ ٿو لهي، پر مالطوسيت جا پيروڪار اڄا بہ موجود آهن. جديد مالطوس پرست هي دليل پيش ڪن ٿا تہ اسان جي زمين تي آبادي ضرورت کان گهٽي آهي ۽ آبادیءَ ۾ وڌيڪ اضافو انسان جي لاءِ تباهيءَ جو خطرو آڻي رهيو آهي ۽ اهائي تمام گهٽي ڳتيل آبادي، بحرانن، انقلابن جنگين ۽ بين سماجي هنگامن جي جڙ آهي.

ماٿهو بڪيا ان ڪري رهن ٿا جو انهن جو تعداد ضرورت کان وڌيڪ آهي. ايتري ڪافي ماني ڪانهي جو سڀني کي کارائي سگهجي. آبادیءَ ۾ ضرورت کان وڌيڪ اضافو سڀني خرابين جي جڙ آهي وغيرهہ. جديد مالطوسيت پرستن جون تحريرون ان قسم جي بيانن سان پريون پيون آهن. ڪميونزم جي نسب العين ۽ ضرورت جي مطابق تقسيم جي ان اصول جي پيٽ ۾ مالطوس پرست انسانيت جي مستقبل جي اهڙي تہ مايوس ڪن تصوير ڪيئن ٿا، جڏ تہ اها گهٽي آبادیءَ جي هولناڪين جو شڪار ٿي وئي آهي.

حقيقت اها آهي تہ پيداواري قوتن ۽ سائنس جي موجوده ترقيءَ جي سطح ۽ دستياب زرعي زمين جي ڪري اهو بلڪل ممڪن آهي تہ زمين تي هر انسان کي خوراڪ، بک ۽ فاقن کي هميشہ جي صفحہ لاءِ هستيءَ تان ميساري ڇڏجي ۽ زرعي محنت جي پيداواري قوتن کي فروغ ملي. وڏي رڪاوٽ اسان جي دنيا جي ڪيئي حصن ۾ معاشي پسماندگي آهي، سماجي تعلقات جو اهو نظام آهي جيڪو ان جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بنجي ٿو بيٺڪيتي نظام جو وزن وراثت آهي وغيرهہ.

جديد سائنس اهو بخوبي ثابت ڪري ٿي تہ روسي سائنس دان تيميريا زيف بلڪل صحيح هو جڏهن هن چيو تہ جيڪڏهن ڏرتيءَ جي آبادي ان حد تائين بہ وڌي ويجي جڏهن ماٿهن کي هجوم جي صورت ۾ ننڍڙي ٻيڙيءَ (Raft) ۾ بہ رهڻو پوي تڏهن بہ ڏرتي هر شخص کي غذا فراهم ڪري سگهندي. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود مالطوسيت تي تنقيد ڪرڻ سان گڏ انهن حقيقي مسئلن کان بہ واقف هجڻ ضروري آهي جن جو هي نظريو مسخ ٿيل عڪس آهي. واقعي اهڙا گهٽ ۾ گهٽ بہ مسئلا آهن. پهريون

زرعي پيداوار کي وڌائڻ جو مسئلو ته جيئن وڌندڙ آبادي‌ءَ جون گُهرجون پوريون ٿي سگهن. ٻيو، پيدائش جي شرح کي ضبط ۾ آڻڻ جو مسئلو حالتن جي مطابق کڻي ان کي وڌائڻو هجي يا گهٽائڻو، سماج کي انهن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ اصولي طور تي انهن کي حل بہ ڪري سگهجي ٿو. بشرطيڪ سماجي تضاد ختم ڪيا وڃن ۽ سموري انسانيت جون دانشمنداڻيون ڪوششون هڪ هنڌ گڏ ٿيل هجن.

تنهنڪري فطرت، جاگرافيائي ماحول ۽ آبادي سماجي زندگيءَ جي لاءِ ضروري ۽ اهم شرط آهن ۽ سماجي ارتقا تي اثرانداز ٿين ٿا پر سماجي ارتقا جي لاءِ بنيادي قوت ڪونهن. پوءِ اها کهڙي شيءِ آهي جيڪا سماجي ارتقا جو تعين ڪري ٿي، ان کي ان قانونن جي پابند قدرتي تاريخي عمل ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿي؟ اها پيداوار آهي جنهن جا سماجي ارتقا جي لاءِ بنيادي قوت جي حيثيت آهي.

پيداوار جيئن ته زندگي ۽ سماج جي ارتقا جو بنياد آهي تنهنڪري سماجي سائنس جو پهريون ڪم ان جي ارتقا جي قانون جو ۽ سماج جي تاريخ ۾ ان جي عمل جو تجزيو ڪري ٿو. پيداوار ۾ جيڪي قانون ڪارفرما آهن تنهن ۾ اسان کي انفرادي تشڪيلن جي مخصوص قانونن ۽ سمورن تشڪيلن جا گڏيل قانون ٻڌي ملن ٿا. پر پيداواري قوتن جي نوعيت ۽ ان جي ارتقا جي سطح کان تعلقات پيداوار جي مطابقت جو قانون خاص اهميت رکي ٿو ڇو ته هي هڪ اهڙو عام سماجي قانون آهي جيڪو سڄي انساني تاريخ ۾ ڪم ڪري ٿو. ان جي ئي ڪري ان جي تجزئي سان تاريخي عمل جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

پيداواري قوتن جي نوعيت ۽ انهن جي ارتقا جي سطح کان تعلقات پيداوار جي مطابقت جو قانون سيني سماجي تشڪيلن جي ارتقا جي دوران پيداواري قوتن ۽ تعلقات پيداوار جي درميان باهمي تعلق جو اظهار ڪري ٿو. تعلقات پيداواري قوتن تي منحصر هوندا آهن ۽ انهن مان ئي مُعَيَنُ ٿيندا آهن، پر بذات خود اهي آخرالذڪر جي ارتقا تي بہ اثر وجهندا آهن. پيداواري ناتن جو اهو اثر بن قسم جو هوندو آهي. جڏهن اهي پيداواري قوتن سان هڪجهڙائي رکن ٿا ته اهي انهن کي فروغ ڏين ٿا ۽

جڏهن پيداواري قوتن جي متضاد هوندا آهن تہ انهن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بنجي ويندا آهن. اهوئي سبب آهي جو پيداواري ناتن جي لاءِ پيداواري قوتن جي نوعيت ۽ سطح سان هڪجهڙائي رکڻ ضروري آهي. تنهنڪري مطابقت جو قانون پيداواري قوتن جي ترقيءَ تي پيداوري ناتن جي انحصار کي بيان ڪري ٿو ۽ ان جي برعڪس به ۾ پيداوار جي انهن ٻن پهلوئن جي باهمي عمل ۾ هر هڪ جو ڪردار الڳ آهي ۽ ان باهمي عمل ۾ پيداواري قوتون محرڪ عنصر هجن ٿيون تنهنڪري هڪ جهڙائيءَ جو قانون پيدا واري قوتن ۽ تعلقات پيداوار جي درميان جدليات يا باهمي عمل جو اظهار ڪري ٿو جيڪو پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي بنياد تي وجود ۾ اچي ٿو.

سماجي پيداوار جي عمل جو مطلب آهي محنت جا اوزار ناهڻ ۽ خرچ ڪرڻ جون شيون تيار ڪرڻ ۾ انهن جو استعمال ڪرڻ. اهوئي سبب آهي جو سماجي پيداوار کي هميشہ ٻن وڏن شعبن ۾ ورهايو وڃي ٿو.(1) پيداواري ذريعن جي پيداوار (2)، خرچ جي ذريعن جي پيداوار. بيشڪ سماجي ترقيءَ جي مختلف منزلن ۾ پيداوار جي انهن ٻنهي شعبن جي درميان تفريق تقريباً گهٽ يا وڌ نمايان ٿي سگهي ٿي پر سماجي پيداوار ۾ هميشہ ان جي وضاحت ان وقت جي بناءَ تي، جنهن کي ماٺهو محنت جي عمل تي خرچ ڪن ٿا، پيداوار جي ٽُز شڪل جي بنياد تي ۽ ان ڪردار جي بناء تي ڪري سگهجي ٿي جيڪو انهن ٻن عظيم شعبن مان هر هڪ ادا ڪري ٿو. جيڪڏهن اهو سمجهڻو آهي تہ سماجي پيداوار ڪيئن ٿي ترقي ڪري تہ اها ورچ بنيادي اهميت حاصل ڪري وڻي ٿي، ڇو تہ خرچ ڪرڻ جي شين جي پيداوار صرف پيداوار ۾ ٽيڪنالوجي کي بهتر بنائي وڌائي سگهجي ٿي، تنهنڪري سماجي پيداوار ۾ ترقيءَ جي لاءِ شعبہ 1 ۾ ترقي بنيادي سنگِ ميل آهي. شعبہ 1 ۾ پيداوار جي تسلسل ۽ ان جي توسيع جي ضمانت جي لاءِ ضروري آهي تہ محنت جي ذريعن جي لڳاتار نئين سر پيداوار هجي جيڪي خرچ جي شين جي تيار ڪرڻ ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ محنت جي انهن ذريعن جي بہ جيڪي ذريعہ پيداوار تيار ڪرڻ ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ گڏ ئي سماجي پيداوار ۾ توسيع واسطي محنت جي زائد ذريعن جي بہ. اهوئي سبب آهي جو پيداوار جي تيز رفتار ترقي مطالبو

ڪري ٿي ته ذريعہ پيداوار جي ذريعن (شعبا) جي فروغ کي ترجيح ڏني وڃي پر توسيعي تجديد پيداوار جو مطلب صرف پيدا ٿيڻ واري محنت جي ذريعن جي مقدار ۾ اضافي تائين محدود ڪونهي، ان ۾ دستياب ذريعن کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ لاپائتو بنائڻ، نئين ٽيڪنالاجي، توانائي جي صنعت جي ترقي وغيره ۽ قومي معيشت جي هر شاخ ۾ ان جو استعمال يعني ٽيڪنيڪي ترقي اهو سنگ بنياد آهي جنهن تي معاشي پيداوار ترقي ڪري ٿي، شامل آهي.

هر ارتقا وانگر پيداوار جي ارتقا جا به پهلو آهن. تسلسل ۽ نون عناصر جو ظهور محنت جا نوان ذريعا انهن جي ئي مدد سان تخليق ڪري سگهجن ٿا جيڪي دستياب هجن ۽ پيداوار جي حاصل ٿيل سطح جي پيش ڪيل امڪانن جي استعمال سان. اهو ئي سبب آهي جو پيداواري قوتن جي نشوونما جي ۽ تسلسل هڪ ضروري عنصر ۽ شرط آهي. تسلسل کي اهڙيءَ طرح سمجهڻ گهرجي جڻ اهو گذريل ارتقا جي مثبت نتيجن جو تحفظ آهي.

ان ترقيءَ کي پيش قدميءَ جي هموار ۽ اڻ ڇڄندڙ راهہ نہ سمجهڻ گهرجي ڇو ته اها بيحد پيچيده ٿئي ٿي. پهرين ڳالهہ اها آهي ته پيداوار جي مختلف اوزارن جي بنياد تي ٽيڪنيڪي ترقي مختلف راهون اختيار ڪري ٿي. دستڪاريءَ جي سادن اوزارن جي ترقي ڪيفيتي لحاظ کان مشيني پيداوار کان مختلف هجي ٿي. اهو نُڪتو مارڪس اڳ ۾ ئي اڀاري چڪو آهي. هن لکيو آهي ته سرمائيدارانہ پيداوار کان اڳ جي سمورن طريقن جو ٽيڪنيڪي بنياد نوعيت جي لحاظ کان قدامت پرست هو ۽ سرمائيدارانہ پيداوار جو ٽيڪنيڪي بنياد انقلابي آهي. ائين ڇو آهي؟ هڪ سادو اوزار مشين کان ان کري مختلف هجي ٿو جو پهرئين کي خود انسان استعمال ڪري ٿو پر مشين ۾ اوزار کي ميڪانيڪي حرڪت ۾ آندو وڃي ٿو، اهڙيءَ طرح اهي لازمي عنصر جن کي اڳي مزدور پورو ڪندا هئا اهي هاڻي مشينن سان انجام ڏنا وڃن ٿا. جڏهن ڪنهن محنت جي اوزار جي هڪ مُعَيَنُ عمل سان هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ جي لاءِ تجزياتي طور تي تياري ڪئي وڃي ٿي ته ان ۾ جمود جو رجحان هجي ٿو. ڪهاڙي، هتوڙو، هَرُ

اهڙائي چند اوزار آهن جيڪي هزارن سالن کان استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن ۾ خاصيت جي لحاظ کان تمام گهڻ تبديلي آئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهڙن اوزارن جي بنياد تي ٽيڪنيڪي ترقي انتهائي سست ٿئي ٿي ۽ جمود جو رجحان غالب رهي ٿو. تنهنڪري محنت جو لاپائتو ٽيڙ مزدور جي ڪاريگري يا پيداوار تيار ڪرڻ ۾ محنت جي تفصيلي تقسيم تي منحصر هجي ٿو.

وڏي پئماني تي صنعت جي ٽيڪنيڪي بنياد جو معاملو مختلف آهي. مشينون پوري صنعتي ۽ زرعي پيداوار ٽرانسپورٽ ۽ ٻين صنعتن جون روح روان هجن ٿيون. مشين جي ذريعي پيداوار محنت جي وسيع سماجي تقسيم ۽ پيداوار جي مختلف شاخن جي درميان ترڪيبي لاڳاپي جي بغير تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. پيداوار جي ڪنهن هڪ شاخ ۾ اهم اصلاح ٻين شاخن ۾ به اهڙي قسم جي ترقيءَ جي ضرورت پيدا ڪري ٿي جيڪي اول الذڪر سان مربوط هوندا آهن ته جيئن پيداوار ۾ تناسب برقرار رهي ۽ رڪاوٽون حائل نه ٿين. مثال طور تي جڏهن جيٺ انجڻ شروع ٿيا ته انهن ذات ڪيميا ۽ ٻين صنعتن جي لاءِ نوان معيار مقرر ڪيا جيڪي ان انجڻ کي تيار ڪرڻ جي لاءِ ضروري سامان فراهم ڪن ٿيون. اها ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ جي ضرورت آهي ته مشينن جي ذريعي پيداوار ۾ وسيع تر ۽ تيز ترقيءَ جا کوڙ سارا امڪان آهن. دستڪاريءَ کي اها ڳالهه ميسر نه پئي ٿي سگهي.

آخر ۾ وڏي پئماني تي صنعت تائين عبور جو تعلق پيداوار ۾ طبيعي سائنس جي باشعور ٽيڪنيڪي اطلاق سان آهي. ان سان نهايت وسيع امڪان فراهم ٿين ٿا ته پيداوار جي عمل ۾ فطرت جون ڏينهون ڏينهن قوتون، مادن جون نيون دريافت ٿيل خصوصيتون ۽ فطرت جا قانون استعمال ڪيا وڃن، اهڙيءَ طرح پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي لامحدود امڪانن جو رستو کلي پوي ٿو. جديد مشيني پيداوار جيڪا سائنس جو مادي بنياد آهي پنهنجي "وڏيڪ" ترقيءَ جي لاءِ آخر الذڪر کي زبردست توانائي عطا ڪئي آهي. نيوڪليائي طبيعيات، سيمي ڪنڊڪٽرن جي طبيعيات، سائبرنيٽڪس ۽ اعليٰ سالماتي مرڪبن جي ڪيميا وغيره هم عصر

سائنسي ٽيڪنيڪي انقلاب جو سرچشمو آهن. جديد مشيني پيداوار جو ٽيڪنيڪي بنياد تيزيءَ سان چال لڳائڻ ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ وارين تبديلين جي حامل ثابت ٿي آهي. اهوبلڪل صحيح آهي ته جديد ٽيڪنالاجيءَ جي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جو انحصار وڏي حد تائين سماجي حالتن تي به هوندو آهي. ان ڪُتي تي آئيندي بحث ڪنداسين. تنهنڪري ٽيڪنيڪي ترقي اهو بنياد آهي جنهن تي پيداواري قوتون فروغ پائين ٿيون. پر ان جي لاءِ بن ڳالهين جي ضرورت آهي، پيداوار ۾ تنظيم جي اصلاح ۾ پيداواري قوت جي حيثيت سان انسان جي نشونما، يعني ان جي تجربي ۾ هنر، ثقافتي معيار ۾ ٽيڪنيڪي علم ۾ اضافو وغيره.

انسان جو تجربو ۾ هنر جيڪي ٽيڪنيڪي ترقيءَ سان گڏوگڏ بدلجندا رهن ٿا اهي به پيداواري قوتن جو هڪ سرگرم عنصر هجن ٿا. مشينون انسانن جي بغير نه ٿيون هلي سگهن جيڪي انهن کي نه صرف استعمال ڪن ٿا بلڪ مشينن ۾ ٽيڪنالاجي کي بهتر به بڻائين ٿا، نوان اوزار ايجاد ڪن ٿا ۾ پيداوار کي معقول سمتن تي منظم ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن بيا عنصر هڪجهڙا هجن ته مشينن جي ترقي ۾ انهن جي امڪانن جي استعمال جو انحصار انسانن جي تجربي، هنر، علم، ثقافتي سطح ۾ قابليت تي هوندو آهي.

پيداواري قوتن جي ترقي وري هڪ اهڙو پيچيده عمل آهي جنهن ۾ ان جا مختلف عنصر باهمي عمل ڪن ٿا ۾ هڪ بئي تي سرگرمي سان اثر وجهن ٿا. پر ترقيءَ جي عام راهه مُعَيَنُ ٿئي ٿي سڀ کان پهرين محنت جي ذريعن جي ترقي اصلاح سان جيڪي پيداواري قوتن جي سببي عنصر جي حيثيت رکن ٿا. پيداواري قوتون پيداوار جي ناتن کي مُعَيَنُ ڪن ٿيون ڇو ته پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي سطح ۾ ان جي نوعيت ۾ سڀ کان پهرين پيداوار جا ذريعا ۾ محنت جا ذريعا ۾ اوزار محنت جي عمل جي دوران ماڻهن جي درميان مخصوص تعلقات جي ضرورت جو مطالبو ڪن ٿا. اهو انحصار انسانيت جي تاريخ ۾ هڪ رجحان وانگر وڏي وضاحت سان ڏسي سگهجي ٿو.

تاريخ جو مادي نقطئ نظر محنت جي اوزارن جي ارتقا ۾ تاريخ جي

آغاز ۾ قديم سنگتراش ۽ چنهنبياري ڪاڻي ڪان وٺي جديد مشينن، ايجادن ۽ توانائي جي مرڪزن وغيره تائين عظيم ترقيءَ جا مقداري ۽ ڪيفيتي ٻئي پهلو شامل ڪري ٿو. جڏهن اسين اهو چئون ٿا ته پيداواري قوتون لڳ ڀڳ ترقي ڪيل آهن ته اسان ان جو تخمينو مقداري معيار سان لڳائيندا آهيون ۽ ترقيءَ جي ان جي سطحن جو موازنو ڪندا آهيون. پيداواري قوتن جي ڪيفيتي بيان جو انحصار ان تي آهي ته محنت جي اوزارن کي ڪيئن حرڪت ۾ آندو ويجي ٿو ۽ اهي ڪيئن استعمال ڪيا ويڻ ٿا. ڪيفيتي معيار کان پيداواري قوتن جو ڪردار بن قسمن جو ٿي سگهي ٿو. جڏهن محنت جو اوزار انفرادي محنت جي ذريعي حرڪت ۾ اچي ٿو (جهڙوڪ دستڪاريءَ جو اوزار) ۽ بقا جا ضروري پيداواري ذريعا پيدا ڪرڻ ۾ فرد جي مدد ڪري ٿو ته پيداواري قوتن جو نجي ڪردار هجي ٿو. ۽ جڏهن محنت جا اوزار حرڪت ۾ آڻڻ جي لاءِ اجتماعي محنت، جي ضرورت هجي ٿي (جهڙوڪ مشينن جو نظام) ته پيداواري قوتون سماجي ڪردار جون مالڪ هونديون آهن.

پيداواري قوتن جي سماجي ۽ نجي ڪردار جي مطابق تعلقات پيداوار جون به ممڪن شڪليون آهن، به بنيادي قسم جون جيڪي انسان کي تاريخ ۾ ملن ٿيون، يعني پيداوار جي عمل جي دوران انسانن جي درميان باهمي تعاون ۽ امداد جا تعلقات جن جو بنياد پيداواري ذريعي جي سماجي ملڪيت آهي ۽ حاڪمي ۽ محڪومي جا تعلقات، جيڪي پيداواري ذريعن جي نجي ملڪيت تي مبني هوندا آهن.

انسانيت جڏهن حيواني حالت کان ٻاهر نڪتي ته انسان پٿر، ڪاٺ ۽ هڏي مان ٺهيل اوزار استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. جتوڻيڪ اهي اوزار انفرادي استعمال جي لاءِ هئا پر فرد جيڪو انهن کي استعمال لاءِ ڪم آڻيندو هو زنده رهڻ لاءِ ضروري ذريعا انفرادي طور تي حاصل ڪرڻ کان قاصر هو. ان وقت انفرادي پيداوار جو سوال ئي پيدا نه پيو ٿي سگهي. انسان ملي جلي ڪم ڪرڻ تي مجبور هئا ۽ اهي هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هئا. تنهنڪري ان دور ۾ اجتماعيت بنيادي پيداواري قوت هئي، ۽ ان ئي اجتماعي پنڇائتي تعلقات جو بنياد فراهم ڪيو جن قديم سماج ۾

تشڪيل پاتي.

پيداواري قوتون ترقي ڪرڻ لڳيون. قديم ڪميون جي اندر پٿر جي اوزارن جي جاءِ تي ٽامي ۽ پوءِ لوهہ جا اوزار استعمال ٿيڻ لڳا. آخرالذڪر محنت جو لاڀ ايترو وڌائي ڇڏيو جو هاڻي فرد ۽ الڳ الڳ خاندان پيداوار ڪي هلائڻ لڳا. انهن واڌو پيداوار پيدا ڪرڻ شروع ڪري ڏني. جڏهن پيداواري قوتن نجي ڪردار اختيار ڪيو تہ اهي پنهنجي ترقيءَ ۾ هڪ ڪيفيتي ڇلانگ لڳائي چڪا هئا. ان جا سماجي نتيجا انتهائي دور رس نڪتا. پيداواري قوتن جي نجي ڪردار جي بنياد تي لازمي طور تي پيداوار ۾ نجي ملڪيت جا تعلقات قائم ٿيا. غلام جاگيرداراڻي، سرمائيداراڻي، هر بلند نوعيت جي نجي ملڪيت جا تعلقات پيداواري قوتن جي بلند سطح جي بنياد تي تشڪيل ٿيا جن جو ڪردار نجي هو. نجي استعمال ۾ محنت جي اوزارن جي ترقي ۽ اصلاح ۾ ڪيفيتي ڇال لاءِ مقداري تياري هئي، يعني دستڪاري جي اوزارن کان مشيني پيداوار ڏانهن عبور جنهن محنت جي عمل کي سماجي ڪردار عطا ڪيو. اهو صحيح آهي تہ تمام سادين مشينن (پون چڪي ۽ پن چڪي) جو استعمال انتهائي قديم زماني کان شروع ٿي چڪو هو. پن چڪيون قديم دور ۾ ۽ پون چڪي تقريباً ڏهين صدي کان. پر پيداوار ۾ انهن ثانوي ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جي استعمال پيداوار جو ڪردار مُعَيَنُ نہ ڪيو. صرف سرمائيداريءَ ئي محنت جي انهن اوزارن جي بنياد تي شروع ڪئي جن جو ڪردار نجي هو. آهستي آهستي پيداوار جي عمل کي سماجي ڪردار بخشيو. اهڙيءَ طرح سرمائيداري ۽ نجي ملڪيت بلڪل فرسوده ٿي وئي ڇو تہ پيداوار جو سماجي عمل پيداواري ذريعن ۾ سماجي ملڪيت جي تقاضا ڪرڻ لڳو. وڏي پئماني تي جديد صنعت قائم ڪري سرمائيداريءَ پيداواري ذريعن ۾ سماجي اشتراڪي ملڪيت قائم ڪرڻ جي لاءِ مادي ۽ ٽيڪنيڪي بنياد فراهم ڪري ڇڏيو.

لهٰذا پيداواري قوتن جي ڪردار ۾ ڪيفيتي تبديلي، جيڪا دستڪاري جي اوزارن کان مشيني پيداوار ۾ تبديلي ٿئي ٿي، پيداواري ذريعن ۾ نجي ملڪيت جي تعلقات کان سماجي ملڪيت ڏانهن عبور جو

قطعي سبب ۽ ان جو بنياد آهي.

اڄڪلهه اسين پيداوار جي ترقيءَ ۾ هڪ اهڙي نئين ڇال جا شاهد آهيون جنهن جو نتيجو اهڙي صورتحال ۾ نڪرندو جڏهن انسان پنهنجي ۽ فطرت جي درميان هڪ مشين يا مشينن جو نظام نه پر پورو هڪ خودڪار خود ضبط پيداواري عمل رکندو. خودڪاري ٽيڪنيڪي مشينن جي ترقيءَ ۾ هڪ نئين دور جو آغاز ڪندي.

گهڻ پاسائين مشين بندي ۽ خود ڪاري سان هڪ سالم جسم ٺهي رهيو آهي جيڪو هڪ واحد ڪل وانگر ڪم ڪندو ۽ جنهن ۾ نه صرف الڳ الڳ ادارا ۽ صنعتون بلڪ سڄا معاشي علائقا ۽ بعد ۾ انفرادي ملڪن جي گروهن جا معاشي مجموعا ۽ آخرڪار سڄي دُرتي جي معيشت شامل ٿي ويندي. اهو رجحان وسيع ٿُڪرن (رقبن) توانائي جي وڏن نظامن جي قيام سان ظاهر ٿي چڪو آهي، جيئن سوويت يونين جي مغربي حصي ۾ ڏسون ٿا. پيداوار جي وڏيڪ اجتماعيت ان رجحان کي ڪيفيتي اعتبار کان هڪ نئون پهلو بخشي ٿي. اهو ئي مادي بنياد پيداوار جي عمل کي سڄي سماج جي مفادن ۽ ان جي باشعور نگرانيءَ تحت آڻڻ جو، قومن ۽ ملڪن جي باهمي عليحدگي ختم ڪرڻ جو ۽ طويل عرصي ۾ عالمي پئماني تي انهن کي آزاد محنت ڪش عوام جي هڪ واحد انجمن ۾ گڏ ڪرڻ جو سرچشمو آهي. پيداوار جي اوزارن جي ترقي جي مقداري ۽ ڪيفيتي پهلوئن ۽ انهن جي ڪردار ۾ تبديليءَ جو سوال سيني سماجي معاشي تشڪيلن جا مادي ٽيڪنيڪي بنياد مُعَيَنُ ڪرڻ ۾ فطري تاريخي عمل جي حيثيت سان انهن جي ارتقا کي سمجهڻ ۾ فيصلائتي اهميت رکي ٿو.

پيداواري تعلقات پيداواري قوتن تي ڪيئن ٿا اثر وجهن؟

هڪ عرصي تائين پيداواري قوتون ايئن ئي ترقي ڪنديون رهن ٿيون جو اهي مُعَيَنُ پيداوار جي جوهر تي اثر انداز نه ٿيون ٿين. اهو ئي سبب آهي جو مُعَيَنُ پيداواري ناتن جي جاءِ تي نوان پيداواري ناتا ان وقت تائين نه ٿا وٺن جيستائين پيداواري ناتا پيداواري قوتن کي وڌڻ جي لاءِ ڪافي گنجائش فراهم ڪن ٿا. ان جو مثال ان ٻار سان ڏيئي سگهجي ٿو جيڪو

پنهنجا ڪپڙا ايستائين پائي ٿو جيستائين جو اهي سندس لاءِ تمام گهڻو سوڙها ٿي وڃن.

پر وڌيڪ ارتقا جي دوران نوان پيداواري ناتا آهستي آهستي پراڻا ٿيندا ويندا آهن، وڌندڙ پيداواري قوتن سان ٽڪرائن ٿا ۽ انهن کي سوگهو ڪرڻ لڳن ٿا. ان منزل تي انهن کي پنهنجي جاءِ نون پيداواري ناتن کي ڏيڻي پوي ٿي جيڪي پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي لاءِ هڪ هيئيت جو ڪم ڏين ٿا.

اينن ڪوف جي نالي پنهنجي مشهور خط تاريخ 28 ڊسمبر 1846ع ۾ مارڪس لکيو هو ته ماڻهو ان شيءِ کان دستبردار نه ٿا ٿين جنهن کي اهي حاصل ڪري چڪا آهن. پر ان جو اهو مطلب ڪونهي ته اهي ان سماجي هيئيت کان ڪڏهن به دستبردار نه ٿا ٿين جنهن ۾ انهن کي پيداواري قوتون حاصل ڪري ورتيون آهن. ان جي برعڪس، جنهن لمحي ماڻهن جي ناتن جي هيئيت حاصل ٿيل پيداواري قوتن کان غير مطابق ٿي وڃي ٿي، ان لمحي اهي پنهنجون سموريون روايتي سماجي هيئيتون بدلائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن ته جيئن ماڻهو حاصل ٿيل نتيجن کان محروم نه ٿي وڃن ۽ تهذيب جي حاصلات نه وڃائي ويهن."

پيداواري تعلقات جن حدن جي اندر پيداواري قوتون ترقي ڪنديون آهن، تن کي هڪ مخصوص تاريخي ڪردار بخشين ٿيون، تاريخي طور تي مُعَيَنُ هر پيداواري طريقي جا پنهنجا مخصوص معاشي قانون هوندا آهن جن جي بنياد تي هر مُعَيَنُ دور ۾ پيداواري قوتون نشونما پائن ٿيون.

جيئن ته پيداواري ناتن جي هر شڪل پيداوار کي مخصوص مقصد جي تابع رکي ٿي تنهنڪري اها ماڻهن ۾، گهڻي تعداد ۾ عام ماڻهن ۾ ۽ طبقاتي سماج ۾ طبقن جي اندر سرگرميءَ جون مُعَيَنُ ترغيبون پيدا ڪري ٿي. اهي سرمائيداراڻي سماج ۽ اشتراڪي سماج ۾ هڪجهڙايون هوندیون آهن. اهو بنيادي اظهار آهي پيداواري ناتن جي سرگرم فطرت جو. تضاد رکندڙ پيداواري ناتن جو مطلب هي آهي ته پيدا ڪرڻ وارن ۽ پيداواري وسيلن جي درميان ڪُلي يا جُزوي عليحدگي هجي ٿي ۽ خود پيدا ڪرڻ

وارن کي رڳو پيداواري وسيلو بنايو ويندو آهي. غلامن جا مالڪ، جاگيردار ۽ سرمائيدار. هڪجهڙائي رکڻ واريون تشڪيلون حڪمران طبقا جيڪي پيداواري وسيلن جا مالڪ هئا، پيداوار جي ترقيءَ کي پنهنجي مفادن ۽ ضرورتن جي تابع رکندا هئا. مثال طور سرمائيدار، جيڪي سرمائيداراڻي پيداوار جا ذريعا آهن پيداوار کي پنهنجي ذاتي مفاد ۽ منافع خوري جي ماتحت رکندا آهن.

حڪمران طبقي جو وجود تاريخي لحاظ کان ايستائين حق بجانب هجي ٿو جيستائين هو پيداواري قوتن کي ترقي ونڌائيندو رهي ٿو يا بين لفظن ۾ جيستائين مُعَيَنُ پيداواري ناتا، جيڪي ان طبقي جي حڪمرانيءَ جو شرط آهن، پيداواري قوتن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. جڏهن سرمائيداراڻن پيداواري ناتن جاگيرداراڻن تعلقات پيداواري ناتن جي جاءِ ورتي ته اهي پيداواري قوتن کي وڌائڻ ۾ زبردست قوت ثابت ٿيا ۽ انهن واپاري ۽ ڪاروباري سرگرميون، نجي ادارن، منافع ۽ سرمائيداراڻي معاشي ترقيءَ جي لاءِ وسيع شاهراهون کولي ڇڏيون. ان وقت تاريخي لحاظ کان سرمائيداراڻ پيداواري ناتا ضروري ۽ ترقي پسند هئا. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته حڪمران طبقن جو صرف مقدار ۽ سرگرمي ئي اهو فيصلو ڪرڻ جو بنياد بنجي سگهن ٿا ته پيداواري ناتن جي مُعَيَنُ شڪل ترقي پسند آهي يا نه. فيصلائتي اهميت انهن پيداواري تعلقات جي نظام جي اندر براهه راست پيدا ڪرڻ واري جو مقام آهي. تضاد وارن پيداواري لاڳاپن جي هر شڪل ان وقت تائين ترقي پسند هوندي آهي جيستائين اها ماڻهن کي ان جي اڳوڻي حالت ڇي پيٽ ۾ وڌيڪ فائدو پهچائي ٿي چوته اها ان جي استحصال ۾ ڪمي ڪري ڇڏي ٿي ۽ ڪم جي نئين ترغيب ڏئي ٿي. اسان ان مسئلي تي بعد ۾ تفصيلي بحث ڪنداسين.

جڏهن اسين پيداواري قوتن جي تاريخي ارتقا جون خصوصيتون بيان ڪريون ٿا تڏهن اسان چئي سگهون ٿا ته نه صرف پيداوار جا اوزار بلڪ خود انسان به هڪ پيداواري قوت جي حيثيت ۾ تبديليءَ مان گذري ٿو. پيداواري لاڳاپن جي ڪارڪردگيءَ جو تجزيو ڪرڻ وقت اسان کي ان ڪارڪردگي ڏانهن جيڪا سنئين سڌي پيداوار جي شعبي ۾ ٿئي ٿي،

مختلف نقطئ نظر اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. چو تہ پيداواري قوتن جي نشوونما تي سماجي حالتن جي سياق سباق کان عليحده، يعني مُعَيَنُ پيداواري لاڳاپن جي نظام جي اندر براهہ راست پيدا ڪرڻ واري جي حيثيت بيان ڪرڻ کان سواءِ غور ڪرڻ صحيح ناهي. اهو ان ڪري صحيح ڪونهي جو پورهيت ماڻهن جي حالت ۾ محنت جي لاءِ وڌائڻ ۾ ان جي آمادگي اهو يقين ڪرڻ ۾ انتهائي اهميت رکي ٿي تہ هڪ مخصوص منزل تي پيداواري لاڳاپا ڪنهن حد تائين پيداواري قوتن جي محرڪ قوت جو ڪردار ادا ڪن ٿا. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جڏهن اسين چئون ٿا تہ پراڻا پيداواري لاڳاپا پيداواري قوتن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهن تہ ان مان اسان جي مراد ڇا هوندي آهي؟ ڇا ان جو مطلب عام طور پيداوار جي ترقيءَ جو مڪمل طور تي رڪجي وڃڻ آهي؟

ان مارڪسي تصور کي تہ پراڻا پيداواري لاڳاپا پيداوار جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ هجن ٿا ميڪانڪي معنيٰ ۾، مثلاً ريل گاڏيءَ کي بيهارڻ جي لاءِ بريڪ لڳائڻ وانگر، نہ سمجهڻ گهرجي. جيتري قدر پيداوار جو تعلق آهي تہ اها پراڻن پيداواري لاڳاپن جي تحت رڪجڻ جي بجاءِ لڳاتار وڌندي رهي ٿي. مثلاً اڄ ڪلهہ سرمائيدار ملڪن ۾ پراڻا پيداواري لاڳاپا غالب ۽ پيداواري قوتن جا ڪردار بلڪل واضح طور تي تضاد ۾ آهن. پر انهن ملڪن ۾ پيداوار ترقي ڪري رهي آهي ۽ ڪنهن بہ معنيٰ ۾ بيئل ڪانهي.

تہ پوءِ اسان جي ان چوڻ جو مطلب ڇا آهي تہ پراڻا پيداواري لاڳاپا پيداوار ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا؟ ان مان اسان جو مطلب پهرين هي آهي تہ پراڻن پيداواري لاڳاپن جي تحت پيداوار جي ترقيءَ جي سطح جون سموريون صلاحيتون استعمال نہ ٿيون ڪيون وڃن. مارڪس لکي ٿو تہ "سرمائيداراڻو پيداواري طريقو پيداوار جي هڪ آيل وسعت هڪ اهڙي سطح تي رڪاوٽن کي منهن ڏئي ٿي جنهن کي جيڪڏهن ٻين حالتن ۾ ڏٺو وڃي تہ ان جي برعڪس بلڪل ناڪافي هجي ها. اها اهڙي نُڪتي تي رڪجي ويندي آهي جنهن کي ضرورتن جي تڪميل نہ بلڪہ پيداوار ۽ منافعي جو حصول مُعَيَنُ ڪري ٿو."(9) بقول مارڪس ان مان سرمائيداراڻي

9. مارڪس، "سرمايو"، جلد-3، باب-15.

پيداوار جي محدود فطرت ظاهر ٿئي ٿي.

پنهنجي تصنيف "سائنس ۽ سماج" ۾ انگريز سائنسدان پروفيسر برنال لکي ٿو ته جيڪڏهن رياست هاءِ متحده آمريڪا ۾ بين سرمائيدار ملڪن جا ذريعا سماج جي مفاد ۾ استعمال ڪيا ويڻ ته ڏهن سالن جي اندر ڏهه ڪروب مظلوم ۽ فاقه ڪش ماڻهن کي ڀرپور صحتمند زندگي گذارڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. پر جيستائين بورجوازيءَ جي آمريڪا ۽ بين سرمائيدار ملڪن تي حڪمراني آهي تيستائين پيداوار جو مقصد عوام جي مفاد جي خدمت ڪرڻ ڪونهي بلڪ هڪ هٿي قائم ڪندڙن جي وڌ کان وڌ نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ ڏوڙ آهي. اهوئي سبب آهي جو پيداواري ناتن ۽ پيداواري قوتن جي موجوده سطح جي درميان تضاد کي خيالي نظرياتي تصور ڪونهي، بلڪ واضح حقيقت آهي.

ان کان وڌيڪ اهو ته، سرمائيدارانه پيداوار جي رڪاوٽ وجهڻ جو ڪردار ان صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته ڪارخانا پنهنجي صلاحيتن کان گهٽ پيدا ڪن ٿا، صنعت هڪ طرفي ۽ بي ڏنگائي سان ترقي ڪري ٿي ۽ تناسب کان ڪافي وڌيڪ استحصالي شين جي پيداوار وڌائي ويڻ ٿي. اسلحي تي اربين روپيه زيان ڪيا ويڻ ٿا ۽ پيداواري قوتون تباهي جي ذريعن ۾ تبديل ڪيون ويڻ ٿيون.

آخر ۾، سرمائيدارانه پيداواري تعلقات پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنجي ويا آهن ته ان مان اسان جي مراد اها نه ٿي هجي ته پيداواري قوتن جي نشوونما بلڪل رڪجي وئي آهي. ان جو مطلب بس اهو آهي ته سرمائيداريءَ ۾ پيداوار انتهائي ناهموار ۽ هڪ طرفي ٿئي ٿي ۽ پيداواري قوتون بحرانن ۽ طوفانن مان گذري ترقي ڪن ٿيون، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي حاصلاتون جنگ جي لاءِ وقف ٿي ويڻ ٿيون، انهن کي انسانن کي تباهه ڪرڻ ۽ ترقي پسند قوتن جي خلاف جدوجهد جي لاءِ استعمال ڪيو ويڻ ٿو.

تنهنڪري هڪجهڙائي جو قانون پيداوار جي لاڳاپن جي ڪارڪردگيءَ ۾ به ظاهر ٿئي ٿو اهو ان حقيقت جي ڪري ممڪن آهي ته پيداوار يا ته ترقي ڪري ٿي يا تنزل، رڳو خود ملڪيت جي شڪل جي

وجهه کان نه بلکه پیداوار ۾ انسانن جي درمیان تعلقات یا ان صورت جا سبب جنهن ۾ پیداوار تقسیم کئي ویجي ٿي. صرف انسان یا ته پیداوار کي ترقي وٺرائن ٿا یا ان جي نشوونما ۾ کین دلچسپي کانهي هوندي. اهي پنهنجو پیداواري طریقو خود پروان چڙهائیندا آهن یا ان کي تبدیل کري ڇڏیندا آهن یا ٻیو طریقو اختیار کندا آهن ۽ اهوئي انساني تاریخ جو بنیاد آهي. مارکسزم جي توانائي جو سرچشمو اهو آهي ته اهو ان سوال جو سائنسي ۽ مادي جواب پیش کري ٿو. هر دور ۾ انسانن گهٽي تعداد ۾ عوام گروهن ۽ طبقن جي سرگرمین کي کهڙي شيءِ مُعَيَنُ کري ٿي. پیداوار ۾ ان جي مقام سان، پیداواري ذریعن ڏانهن انهن جي رویي سان ۽ نتیجي طور پیدا شده شین ڏانهن انهن جي رویي سان ٻین لفظن ۾ اها سرگرمي مُعَيَنُ ٿئي ٿي انهن جي پیداواري تعلقات سان جیکي انسان جي مرضي ۽ شعور جي زیر اثر نه بلکه پیداواري قوتن جي حالت، نوعیت ۽ انهن جي ترقيءَ جي سطح جي اثر تحت تشکیل ٿین ٿا. تنهنکري پیداواري ناتن جي کارکردگي انسانن جي سرگرمي جي ذریعي ظاهر ٿئي ٿي. تنهنکري ان سوال جو حاصل مطلب اهو ٿیو ته پیداواري قوتون ۽ سڀ کان پهرین پیداوار جا اوزار ترقي ڪري ٿا ڪن. ان جو جواب اهو آهي ته انسانن جي سرگرميءَ کي کهڙي شيءِ مُعَيَنُ کري ٿي جیکي انهن اوزارن کي ترقي وٺرائن ٿا. ان جو جواب اسان کي معاشي تعلقات پیداوار جي تجزئي مان ملي سگهي ٿو جیکي هر مخصوص دور ۾ انساني سرگرمي جون حالتون ۽ مقصد مُعَيَنُ کن ٿا.

سرمائیداراڻا پیداواري تعلقات براهه راست پیدا کرڻ واري کي اهڙي حالت ۾ رکن ٿا جو ان جي محنت جي لایائتو ٿیڻ ۾ اضافو ڦرمار ۽ "پگهر وهائڻ" سان پیدا ٿئي ٿو. اشتراکیت ۾ حالتون مختلف هجن ٿیون. هتي پیداوار ۾ موجد، سائنسدان، انجنیئر، ٽیکنڪ جا ماهر ٽیکنالوجي ۽ مشینون بهتر کن ٿا، تجربي، هنر جي تنظیم ۽ اشتراکي سماج جي پیداواري قوتن کي ترقي ڏین ٿا. صرف ان کري نه ته انهن کي کم جي سڀي پگهار ملي ٿي بلکه ان کري به ته اهي پنهنجي لاءِ، پنهنجي عوام ۽ پنهنجي ریاست جي لاءِ کم کن ٿا. تنهنکري ماڻهن انهن جا اوزار ۽

پيداواري قوتن کان علاوه اهي عنصر جيڪي پيداوار جي ترقيءَ جون محرڪ قوتون آهن تن جي درميان باهمي عمل هر هنڌ مخصوص پيداواري تعلقات جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ اهي انهن ٽُز ترغيبن جي عڪاسي ڪن ٿا جيڪي ڪين انسانن جي سرگرميءَ تي آماده ڪن ٿيون. هڪجهڙائيءَ جو قانون نه صرف مخصوص طريقہ پيداوار جي ارتقا کي بلڪ ان ضرورت کي به مُعَيَنُ ڪري ٿو ته جڏهن ترقي پذير قوتون پراڻن پيداواري تعلقاتن سان ٽڪرائن ته ان وقت پيداوار جو هڪڙو طريقو ٻئي پيداواري طريقي جي جاءِ والاري ڇڏي ٿو. جڏهن هڪڙي پيداواري طريقي جي جاءِ ٻيو پيداواري طريقو ونڊي ٿو ته هڪجهڙائي جو قانون ڪيئن ٿو عمل ڪري؟

نيون پيداواري قوتون ۽ انهن جي مطابق تعلقات پيداوار پراڻي نظام جي ڪُکَ مان جنم وٺن ٿا. عام طور تي نوان عنصر پراڻي نظام ختم ٿيڻ کانپوءِ بنا ڪنهن جهل پل جي پيدا نه ٿا ٿي سگهن بلڪ پراڻي نظام جي ارتقا جي لازمي پيداوار جي حيثيت سان ئي ايرن ٿا. پيداوار جي ارتقا استثنيٰ ڪانهي. زنده رهڻ ۽ زنده رهڻ جا ضروري ذريعا پيدا ڪرڻ جي لاءِ انسانن کي هر اها شيءِ جيڪا ان کان پهريين تخليق ڪئي وئي آهي پنهنجي سرگرميءَ جي بنياد وانگر قبول ڪرڻي پوي ٿي. پر مخصوص تعلقات پيداوار جي فراهم ڪيل رغبت تحت هر نئون نسل محنت جي اوزارن ۾ تبديليون ڪري ٿو ۽ پنهنجي پيداوار جو تجربو ۽ هنر وڌائي ٿو. اهڙيءَ طرح هو پيداواري قوتن کي ترقي ڏئي ٿو. ان سان هوريان هوريان نيون پيداواري قوتون تخليق ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي جيڪي نئين نسل جي حوالي ڪيون وڃن ٿيون. پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي هڪ مُعَيَنُ منزل ۾ نوان تعلقات پيداوار، جن مان هڪ مخصوص معاشي ڍانچو ٺهي ٿو. پراڻي سماج جي ڪُک مان پيدا ٿين ٿا. ان مان نوان طريقہ پيداوار جا عنصر پيدا ٿين ٿا. غلامي جي نظام جو طريقہ پيداوار قديم پنچائتي نظام جي اندر ۽ ان جي ارتقا جي نتيجي ۾ ايريو. اهو ئي (اصول) جاگيردارانہ طريقہ پيداوار تي بہ صادق اچي ٿو جنهن جا گونج غلامي جي نظام ۾ ئي ڦٽڻ شروع ٿي ويا هئا. ۽ سرمائيدارانہ پيداواري طريقي جي بہ اهائي حالت هئي جنهن جاگيردارانہ نظام جي پيٽ مان جنم ورتو.

اهڙيءَ طرح پراڻي طريقہ پيداوار جي اندر نئون معاشي ڍانچو وڌي ويجهي ٿو. پراڻي تعلقات پيداوار سان، جيڪي سماج تي غالب هوندا آهن، نون وڌندر پيداواري قوتن جو تصادم ٿئي ٿو. ان تصادم جو حل يعني غالب عنصر جي حيثيت سان نون تعلقات پيداوار جو قائم ٿيڻ، پراڻي تعلقات پيداوار کي ختم ڪرڻ کان سواءِ ناممڪن آهي جن کي حڪمران طبقا ءِ انهن جو تعمير ڪيل مٿيون ڍانچو برقرار رکن ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو پراڻن تعلقات پيداوار کان نون تعلقات تائين پهچڻ لاءِ ڪيفيتي چال جي يعني فرسوده ءِ معاشي، سماجي ءِ سياسي تشڪيلن کي انقلابي طريقي سان ختم ڪرڻ جي، ضرورت هوندي آهي تہ جيئن نئون طريقہ پيداوار قائم ٿي سگهي.

اشتراڪي طريقہ پيداوار وجود ۾ اچڻ جي نمايان خصوصيت اها آهي تہ صرف ان جا ضروري شرط پراڻي نظام سرمائيداريءَ جي ڪُک مان پيدا ٿين ٿا. اهي آهن اهي پيداواري قوتون جن جو ڪردار سماجي هجي ٿو جهڙوڪ پرولتاريہ جو طبقو. اشتراڪي نظريو ءِ پرولتاري پارٽي وغيرهہ. پر بيحد ترقي يافتہ پيداواري قوتن سان مطابقت رکڻ وارا نوان اشتراڪي تعلقات پيداوار سرمائيدارانہ حالتن ۾ نہ ٿا قائم ٿي سگهن.

موقعي پرست هميشہ ان مارڪسي دعويٰ کان انڪار ڪندا رهن ٿا ءِ چون ٿا تہ اشتراڪيت جا عنصر جن ۾ اشتراڪي تعلقات پيداوار بہ شامل آهن، سرمائيدارانہ حالتن ۾ ظاهر ٿين ٿا. تنهنڪري اشتراڪيت جي "جدوجهد" جو مطلب ان عنصر کي هوريان هوريان وسعت ڏيڻ آهي تہ جيئن ڪنهن انقلابي اٽل پٽل جي بغير خاص ڪري بورجوا جمهوريت جي تحت سرمائيداريءَ کان اشتراڪيت تائين عبور خالص ارتقائي طريقي سان ڪري سگهجي . تنهنڪري اهو سوال تہ آيا سرمائيداريءَ جي ڪُک مان اشتراڪي تعلقات جنم وٺن ٿا يا نہ، نہ صرف نظرياتي بلڪہ بيحد عملي اهميت بہ رکي ٿو ءِ شديد خيالياتي جدوجهد جو موضوع بڻيل آهي. ڪهڙو سبب آهي جو سرمائيداريءَ جي اندر اشتراڪي تعلقات پيدا نہ ٿا ٿين ءِ نہ ٿي سگهن ٿا؟

تاريخ ۾ هڪ کان پوءِ ٻئي تضاد وارين تشڪيلن جي قائم ٿيڻ

سان تعلقات پيداوار ۾ ڪا بنيادي تبديلي ڪانه ٿي، بلڪ ٽيورڳو اهو ته هڪ قسم جي نجي ملڪيت جي جاءِ ٻئي قسم جي نجي ملڪيت ورتي، استحصال جي هڪ شڪل جي جاءِ تي ٻي شڪل اچي وئي، جهڙوڪ جاگيردارانه استحصال جي جاءِ تي سرمائيدارانه استحصال. اهوئي سبب آهي جو سرمائيدار، نجي ملڪيت جا مالڪ جاگيردارانه نظام جي اندر جيڪا خود نجي ملڪيت جي تشڪيل هئي، ايري سگهيا ۽ وقت سان گڏوگڏ معاشي غلبو حاصل ڪري سگهيا. جڏهن انهن جو معاشي غلبو محفوظ ٿي ويو ته پوءِ انهن جاگيردارن جي سياسي اقتدار جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. اِهوئي اُهو نُڪتو آهي جتي هر بورجوا انقلاب ختم ٿي وڃي ٿو.

سرمائيداريءَ کان اشتراڪيت تائين عبور بلڪل مختلف معاملو آهي. اسين اهو ياد رکون ته جڏهن سرمائيدارانه ملڪيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته سرمائيدار طبقو متئين ڏانچي جي قوت استعمال ڪري ان ملڪيت جي مدافعت ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو سرمائيدارانه ملڪيت کي اشتراڪيت جي ملڪيت ۾ بدلائڻ جو ڪم بورجوازيءَ جي اقتدار جو تختو اونڌو ڪرڻ کانسواءِ شروع نه ٿو ڪري سگهجي. اهوئي پورهيت عوام ۾ جذبو ۽ شوق پيدا ڪرڻ جو لازمي شرط آهي ته جيئن اهي باشعور ۽ متوازن طريقي سان نئون سماج اڏي سگهن.

اشتراڪيت جي نظام ۾ به گذريل تشڪيلن وانگر پيداواري قوتن جي ترقي جي ڪري ان ۾ پيداواري ناتن ۾ تضاد پيدا ٿئي ٿو. پر اهو تضاد بنيادي طور تي مختلف آهي. ان جي ارتقا مختلف طريقي سان ٿئي ٿي ۽ ان کي حل ڪرڻ جي لاءِ مختلف طريقن جي ضرورت هوندي آهي.

اشتراڪيت ۾ مطابقت جي قانون جي امتيازي خصوصيت اها آهي ته سماج پيداواري لاڳاپن کي تيزيءَ سان ترقي ڪرڻ وارن پيداواري قوتن جي مطابق بنائڻ جي لاءِ بروقت قدم کڻي سگهي ٿو. يعني انهن جي درميان جيڪي تضاد پيدا ٿين ٿا تن کي باشعور طريقي سان حل ڪري سگهي ٿو.

اشتراڪي پيداواري لاڳاپا پيداواري قوتن جي تيز رفتار ترقيءَ جا

امکان پیدا کن ٿا ۽ انهن جي نشوونما جا خاص سرچشما آهن، اهي ٽيڪنيڪي ترقي کي فروغ ڏين ٿا، ڪم ڏانهن ڪميونسٽ رويو اختيار ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا ۽ محنت کي لاپائتو ڪرڻ ۾ تيزيءَ سان اضافو ڪن ٿا. ليڪن اهي امکان پاڻ مرادو پورا ڪونہ ٿا ٿين، اهو ئي سبب آهي جو اشتراکيت ۾ پيداوار وڌائڻ ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ کي بلندين تائين رسائڻ جي لاءِ عوام جي، مزدورن، اجتماعي هارين ۽ دانشورن جي، محنت جي سرگرمي ۾ واڌارو هڪ اهم ترين شرط آهي. سيئي ماڻهو ٽيڪنيڪي ترقي، پيداوار جي بهتر تنظيم، سائنس جي ترقي ۽ عمل ۾ ان جي حاصلات جي استعمال، محنت کي لاپائتو ڪرڻ ۾ اضافي، سامان جي استعمال ۾ ڪفايت پنهنجي هڪ اهم ترين ذميواري سمجهن ٿا.

مطابقت جو قانون- سماجي نتيجا

سماج جي ترقي دراصل سماجي معاشي تشڪيلن جي ارتقا ۽ تسلسل آهي ۽ ان جو تعين پيداوار جي ارتقا سان ٿئي ٿو. پيداوار ئي هر سماجي تشڪيل کي، هڪ تشڪيل کان ٻئي تشڪيل ۾ عبور کي ۽ تاريخ جي سفر جي سمتن کي مُعَيَنُ ڪري ۽ ان کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي هڪ پوري شيءِ ٺاهي ٿي. پيداوار اهو مُعَيَنُ ڪرڻ وارو ڪردار، هر سماج جي ارتقا ۾ ادا ڪري ٿي.

ابتدا کان تاريخ جو جيڪا قانون جي پابند آهي، پنهنجو کو بہ مقصد ڪونهي هوندو. صرف انساني سرگرميءَ جا مقصد هوندا آهن ۽ انهن مقصدن جو ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي امکانن جو تعين هر دور جون مادي حالتون ڪنديون آهن.

پر قانون جي پابند ارتقا ۽ سماجي تشڪيلن جي تسلسل کي اهڙو فلسفيانہ تاريخي سانچو بہ سمجهڻ غلط ٿيندو جنهن کي هر قوم ۽ پوري تاريخ تي اڏيو ويو هجي. بيشڪ تُڙ تاريخ ڪٿي وڌيڪ متنوع ۽ رنگا رنگي هجي ٿي، پر جهڙيءَ طرح سمورا درياهہ، ڪٿي انهن جون راهون ڪيترين بہ وروڪڙ واريون هنجن، مُعَيَنُ سمت ۾ وهندا آهن، تيئن سيئي قومون، انهن جي تاريخي ارتقا چاهي ڪيتري بہ دلچسپ هجي، مجموعي طور تي تاريخي

عمل جي خارجي منطق جون پابند هونديون آهن ۽ انهن جو تعين مطابقت جي قانون جي عمل سان ٿيندو آهي. قديم پنچائتي تشڪيل هجي يا تضاد رکڻ واريون سيئي تشڪيلون يا ڪميونسٽ سماجي معاشي تشڪيل، اهي سيئي سماج جي پابند قانون ارتقا جون مختلف منزلون آهن.

سماج جي تاريخ فطرت جي تاريخ جو ئي تسلسل آهي. حيوانياتي دنيا جي ارتقا انسان جي وجود ۾ اچڻ جي لاءِ حياتياتي شرط پيدا ڪيا. انساني سماج ان وقت وجود ۾ آيو جڏهن انسان جي حيواني بزرگن پنهنجي بقا جا ذريعا حاصل ڪرڻ جي سرگرميءَ جي لاءِ محنت جا اوزار ٺاهڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

آس پاس جي فطرت سان باهمي عمل جي مافوق الحياتياتي طريقي جي حيثيت سان محنت جي ارتقا جو نتيجو انساني هٿ ۽ دماغ جي ظهور ۾ نڪتو. پورهئي ماڻهن جي وچ ۾ رابطن جو ڪيفيتي لحاظ کان، هڪ نئون نظام به پيدا ڪيو. سماجي تعلقات، مافوق الفطرتي سماجي ضابطگين جو نظام، انساني احساس، دماغ، زبان ۽ فڪر سيئي محنت جي عمل جي دوران ۽ ان جي بنياد تي تشڪيل ٿيا ۽ انسانن جي هڪ ٻئي سان خط و ڪتابت به. چنانچہ ماڻهن کي هر ڳالهہ جي لاءِ سڀ کان پهرين پورهئي جو ٽورائتو ٽيڻ گهرجي جنهن کين حيواني دنيا کان تمام گهڻو مٿاهون ڪيو. سماجي انسان دراصل پورهئي جي تخليق آهي.

سماج جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ مافوق الحياتياتي نظام به، جنهن جي ذريعي سماجي تجربو منتقل ڪيو ويندو آهي، قائم ٽيڻ لڳن ٿا. انساني ڪردار جو تجربو، عملي سرگرميءَ جا طريقا، فڪر جا اسلوب وغيره موروثي نہ هوندا آهن بلڪ سماج ۾ زبان ۽ مادي ۽ روحاني ثقافت جي شڪل ۾ قائم ٿي ويندا آهن جن کي انسانن جو هر نئون نسل اختيار ڪري ٿو. ان عمل کي فرد جو سماجي بنجڻ چون ٿا، ۽ اهو هر انسان جي سرگرميءَ جو، بحيثيت انسان جي، لازمي شرط آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان صرف سماج جي اندر ۽ ان جي مدد سان ئي پنهنجو وجود قائم ڪري سگهي ٿو ۽ ارتقا جون منزلون طئي ڪري سگهي ٿو. شروع کان ئي انسان سماجي هستي رهيو آهي.

انسان ۽ سماج جي وجود ۾ اچڻ جو عمل هڪ ئي وقت ابتدائي قديم سماجي تشڪيل ۽ قديم پنچائتي نظام قائم ٿيڻ جو عمل هو.

قديم پنچائتي تشڪيل سڄي دنيا ۾ موجود رهي آهي ۽ اها پنهنجي پراچين سادگيءَ سان اهو واضح مثال پيش ڪري ٿي ته زندگيءَ جي ڏينگ ۽ تعلقات جي پوري نظام جو انحصار پيداوار جي سطح تي هجي ٿو. ان وقت انسان محنت جا جيڪي انتهائي سادا اوزار استعمال ڪندو هو ان جي ڪري هن لاءِ اڪيلو پيداوار ڪرڻ ناممڪن هو. جو ته فرد خود فطرت جي اڻيان بي وس هو. تنهنڪري اجتماعي محنت ضروري هئي. پنهنجي بقا جي لاءِ انسانن کي برادري ۽ قبيلن جهڙن ميڙن ۾ رهڻو پيو. ساڻئي وقت اهي نسلي ادارا به هئا جتي تعلقات جو بنياد موروثي رشتا هئا ۽ پيداوار جون وحدتون هيون جو ته ماڻهو پنهنجي بقا جا ذريعا ملي جلي ڪري ئي حاصل ڪندا هئا. اهي ئي سماجي تنظيم جون شڪليون ۽ لساني گروهه به هئا. پيداوار جي ابتدائي حالت جي سبب به رت جي رشتن پوري طريقہ زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر ڪيو جن جو انساني نسل جي واڌ ويجهه سان سڌيءَ ريت تعلق هو پر حيواني ڏاڻن جي مقابلي ۾، جيڪو جبلت جي اثر هيٺ وجود ۾ اچي ٿو ۽ صرف حياتياتي ضرورت جو نتيجو هجي ٿو، انساني ميڙ جي تشڪيل جو خاص سبب گڏيل طور تي محنت ۾ حصو وٺڻ هو. زندگيءَ ان طريقي سان پنهنجو سماجي شعور پيدا ڪيو.

اخلاقيات، مذهب ۽ فن ان شعور جون صورتون هيون جيڪي قديم سماج ۾ پيدا ٿيون. پر اهي ان وقت هڪ ٻئي کان عليحدهه نه بلڪ شيءِ واحد وانگر هئا ۽ برادري ۽ قبيلي جي اهڙين روايتن، رسمن، خيالن جي نظام تي مشتمل هئا جيڪي بظاهر فطرت عطا ڪيا هئا ۽ جن جو قبيلي جو هر فرد پنهنجي عمل ۽ خيالن ۾ پوري طرح پابند هو. انسان جا سڀ رشتا، برادري هڪ قبيلي سان وابسته هئا. مقام جي لحاظ کان جيئن ته اهي صرف پنهنجي علائقي ۾ گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ آزاد هئا، معاشي طور تي چوته خود سندن وجود ٽولي تي منحصر هو. روحاني پهلو کان چو ته ڪيس پنهنجي پاڻ جو احساس هڪ فرد وانگر نه بلڪ هڪ مخصوص قبيلي جي ميمبر جي حيثيت سان هو. قبائلي شعور قبيلي جي هر ميمبر جو انفرادي

شعور هو ۽ جيڪا به شيءِ برادري ۽ قبيلي کان ٻاهر هئي، سا ماڻهن جي لاءِ ڌاري ۽ اجنبي سمجهي ويندي هئي.

جيتوڻيڪ انسان گڏيل طور رهندو هو، زندگيءَ جا ان کان سخت مطالبا هئا. اهي مطالبا تمام گهٽا سادا به هئا ته بيحد منجهيل به. هڪ طرف سادا اوزار ٺاهڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ گهڻي علم ۽ هنر جي ضرورت کانه هئي ۽ ٻئي طرف انسان جي سرگرميءَ جو انحصار هن جي جسماني خصوصيتن طاقت، نظرداري ۽ سگهه وغيرهه)، روحاني خصوصيتن (قوتِ ارادي، ثابت قدمي، ضبط، ڌهانت) پنهنجي اردگرد جي فطرت جي معلومات وغيره تي هو. پيداواري قوتن جي انتهائي سادو هجڻ جي ڪري انسان کي پنهنجو پاڻ لاءِ هر وقت ۽ هر لمحي اجنبي ۽ فطرت جي خلاف جدوجهد ڪرڻي پئجي رهي هئي. ماڇيس سان ٻاهه ٻارڻ سولي آهي پر چقمق ۽ ريشي سان اهو ڪم ڏکيو آهي ۽ ٻن ڪاٺين کي هڪ ٻئي سان رڳڑي (ٻاهه ٻارڻ) ته ايڏا به ڏکيو آهي. قديم زماني ۾ ماڻهو اهڙيءَ طرح ٻاهه ٻاريندا هئا. پٿر جي چنهب وارن نيزن ۽ تيرڪمان سان شڪار لاءِ ڪافي مشق ڪرڻي پوندي هئي.

تنهنڪري انساني تاريخ جي ان دور ۾ سماجي تعلقات، جيڪي هزارن سالن تائين قائم رهيا، تن جون خصوصيتون هيون گڏيل سرگرمي ۽ جنس ۽ عمر جي بنياد تي پورهئي جي ورچ رسد ۾ هڪ جيترو حصو ڪردار جو ڪنو رپڙو فرد جي لاءِ قبيلي جي اصولن جي بغير چون چران جي اطاعت، حرام ۽ حلال جون رسمون، ۽ بقا جي خاطر روز مرهه جي سخت جدوجهد جي لاءِ نوجوانن جي تربيت جو تفصيلي نظام.

پر ان ابتدائي تشڪيل جي ڏانچي جي اندر به پيداواري قوتون ترقي ڪنديون رهيون. ان جي آغاز بابت آثار قديمه جي ماهرن ۽ تاريخدانن تفصيل سان مطالعو ڪيو آهي. عام ارتقا ائين ٿي جو پٿر جي اوزارن جي جاءِ تي ڌات، ڪنجهي ۽ لوهه جا اوزار ٺهڻ ۽ استعمال ٿيڻ لڳا، پري کان مارڻ جا ذريعا بهتر ٿيا، پهرين نيزو پوءِ ڪاٻاٽي، تير ۽ ڪمان ۽ آسٽريليا ۾ بوهرانگ (هڪ هٿيار جيڪو نشان تي لڳي وري اڇلائڻ واري وٽ واپس پهچي وڃي) ۽ چوري ڪرڻ، گڏ ڪرڻ، مڇي مارڻ ۽ شڪار جي معيشت مان پيدا ڪرڻ

واري معيشت ڏانهن عبور، زراعت ۽ ڍور ڍڳا پالڻ وغيرهه.

جيئن جيئن انفرادي محنت جي بار آوري وڌي تہ خاندان جي اندر انفرادي پيداوار ۾ بہ اضافو ٿيڻ لڳو. ان ئي مساوي تقسيم جي بنياد کي لوڏي وڌو ۽ جڏهن زراعت ۽ چوپايو مال (ڍور ڍڳا، ٻکريون، ريڍون وغيرهه) پالڻ، دستڪاري ۽ زراعت جي درميان محنت جي وڌيڪ ورچ ٿي تہ ان انسان جي محنت کي ايڏا بہ وڌيڪ لاپائتو بڻائي ڇڏيو. ان جا بيحد دور رس سماجي نتيجا نڪتا. قبيلن وچ ۾ شين جي متا ستا شروع ٿي وئي جيڪا معاشي لاڳاپن جي هڪ نئين شڪل هئي. اضافي (واڌو) پيداوار بہ وجود ۾ آئي، يعني اها پيداوار جيڪا بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ کانپوءِ بچي پوندي هئي، چنانچہ پيداوار کي گڏ ڪرڻ، ان کي ڀيهر ورهائڻ ۽ سماج جي اندر چند ماڻهن جي هٿن ۾ دولت جو گڏ ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿيا. خود انسان ان دولت جو هڪ حصو بنجي ويو چوتہ سماجي لحاظ کان انساني قوت جو استحصال وڌيڪ نفعي بخش ٿي ويو. زراعت جو مطالبو هو تہ ماڻهو هڪ جاءِ تي مستقل سڪونت اختيار ڪن. مال جو مقدار ايترو وڌي ويو جو انسان برادري ۽ قبيلي کان بہ وڌيون وحدتون قائم ڪري سگهيا.

انهن سمورن ڳالهين جو مجموعي نتيجو اهو نڪتو تہ قديم پنچائت جو انتظام منتشر ٿيڻ ۽ ابتدائي مساوات جا تعلقات ٽٽڻ لڳا. نيون پيداواري قوتون پراڻن تعلقات پيداواري لاڳاپن سان ٽڪرايون ۽ آخر الذڪر پنهنجي جاءِ طبقاتي سماج کي ڏيڻ تي مجبور ٿيا ۽ ان سان گڏ ئي نجي ملڪيت جڙي ۽ انسانن جي هٿان انسان جو استحصال شروع ٿي ويو.

طبقاتي سماج هر هنڌ وجود ۾ ڪونہ آيو. ان جي ابتدا پهرين يانگ تسي، هوانگ هو، نيل، گنگا، دجلہ ۽ فرات جي زرخيز وادين ۾ ٿي. انهن وادين ۾ زرخيز زمين ۾ ڪوڙسارن سادن اوزارن سان پوک ڪرڻ ۽ سٺو فصل پيدا ڪرڻ سَولو هو. انهن ئي سرزمينن ۾ قديم ڪميون ختم ٿيو ۽ استحصال جي پهرين، سخت ۽ انتهائي ابتدائي ۽ ظالمانہ شڪل ۾ غلامي ايري جنهن اصلي پيدا ڪرڻ وارن جي خرچ ۾ ڪفايت ڪري غلام جي مالڪ کي فاضل پيداوار فراهم ڪئي.

ان وقت بہ غلامي ايتري وڏي پئماني تي رائج ڪانہ ٿي هئي جو اها

خاص معاشي حلقي جي حيثيت سان سماج جو ڪردار مُعَيَنُ ڪري ها. تاريخ ۾ غلاميءَ جون شڪليون مختلف رهيون آهن. موروثي غلامي جڏهن قديم ڪميون نٽڻ لڳو، رياست هاءِ متحده آمريڪا جي ڏکڻ ۾ ترقي يافته سرمائيدارانه تعلقات جي موجودگيءَ ۾ نيگرو ماڻهن جي زرعي غلامي وغيره. ان کي ڪو گهٽو عرصو ڪونه گذريو آهي جڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف ملڪن ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ غلامي رائج هئي.

جڏهن ابتدائي دور ۾ قديم ڪميون نٽوتہ ڪن ملڪن ۾ غلامن جو استحصال سماج جو بنياد بنجي ويو ۽ ان مان ئي غلام رکڻ وارو سماج پيدا ٿيو جيڪو پنهنجي ڪلاسيڪي صورت ۾ بحيره روم جي ڪنارن ۾ وڌيو ويجهيو (يونان ۽ ان جي ڪالونين کان ٽيڄ، روم ۽ سلطنت روما، اتي غلام جي محنت آقائن جي دولت جو بنيادي ذريعو هو. قديم يونان جي پوري سماجي تنظيم ۽ ثقافت غلامن جي محنت جي بل تي پروان چڙهي. هتي اصل نُڪتو اهو آهي تہ پيداواري قوتن جي ترقي، متا ستا جي توسيع، امور عامہ جو انتظام، سائنس ۽ فن جي واڌ ويجهہ وغيرهہ، جڏهن پيداوار نسبتاً گهٽ ترقي يافته هئي، ان سبب جو بنياد ہ حنت جي وڏي ورڇ تي هو. جنهن جي مطابق ماڻهن جي اڪثريت سادي جسماني محنت ۾ مشغول رهندي هئي ۽ مٺ جيترا ماڻهو پيداواري محنت کان آزاد رهي ٻيون سماجي ذميواريون انجام ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح سماج استحصال ٽيندڙ ۽ استحصال ڪرڻ وارن طبقن ۾ ورهائجي ويو. طبقن جي وجود ۾ اچڻ سان گڏوگڏ آقائن جي خلاف غلامن جي جدوجهد بہ ايري.

غلاميءَ جي پيداواري لاڳاپن جي بنياد تي ان سان هڪجهڙائي رکڻ وارو مٽيون ڏانچو بہ ظاهر ٿيو. جنهن غلاميءَ جي استحصال جا لاڳاپا مستحڪم ڪيا. آقا ۽ غلام جي رشتي جو تحفظ ڪرڻ ۽ سماج تي حڪمراني ڪرڻ جي لاءِ حڪمران طبقن کي نين صورتن ۽ نون حربن جي ضرورت پئي. رياست انهن مقصدن کي پورو ڪيو جيڪا پهريون ٻيرو ان زماني ۾ پنهنجي انهن اقتداري ذريعن سان گڏ قائم ٿي هئي. فوج، پوليس، عملدار قانون، قائدن جي هڪ اهڙي نظام وانگر جنهن کي رياست جي تشدد جي حمايت ۽ پناهہ حاصل هئي. غلامن جا آقا پنهنجو اقتدار قائم رکڻ جي

غلامن جي مزاحمت کي جيڪا وحشيانہ ڦرلٽ جو لازمي رد عمل هئي، چيپاٽڻ جي لاءِ تشدد جو استعمال ڪندا رهيا.

پر ان سان گڏ انهن حالتن ۾ به دماغي ۽ جسماني محنت جي تقسيم جي ڪري نظرياتي علم جو خزانو جمع ٿيو ۽ ان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون. ان سان سائنس ۽ فلسفي جو بنياد پيو ۽ مذهب جي دنيا ۾ ڪافي تبديليون ٿيون. تنهنڪري سماج جي طبقاتي ورڇ متئين ڏانڇي اندر ۽ مجموعي طور تي سماج جي روحاني زندگيءَ ۾ بنيادي تبديليون ڪيون.

جيتوڻيڪ قديم پنچائتي نظام جي پيٽ ۾ غلاميءَ جو نظام انساني سماج جي ترقي پسند پيش قدميءَ جي راهہ ڏانهن هڪ وڪ هئي پر ان پيداواري قوتن کي وڌڻ ويجهڻ جي لاءِ صرف هڪ محدود ڏانڇو فراهم ڪيو. غلاميءَ جي معيشت ۾ سماج جي خاص پيداواري قوت انسان کي ڦرڻ لٽڻ لازمي ٿي ويو. جيئن ته غلام جي محنت جي لاپ گهٽ هئي ۽ اها تڏهن نفعي بخش ٿيندي هئي جڏهن آقا جي لاءِ غلام تمام سستو پوي ها، غلام انسان نہ بلڪ اوزار سمجهيا ويندا هئا. اهي سيني انساني حقن کان محروم هئا، خاص طور تي ان ڪري جو مالڪ جي لاءِ غلامن کي خاندان آباد ڪرڻ ۽ اولاد پيدا ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ انتهائي غير نفعي بخش هو. اهو ئي سبب هو جو ان زماني ۾ غلام حاصل ڪرڻ جي هڪ ذريعي طور نسلي واڌ ويجهہ وسيع طور تي استعمال نہ ڪئي ويندي هئي. جنگي قيدين کي غلام بنائڻ، آزاد ماڻهن کي قيد ڪرڻ ۽ جبر جا ٻيا طريقا ڪم آڻڻ، ڪنهن حد تائين گهٽو نفعي بخش هو. غلاميءَ جي نظام واريون ڪيئي رياستون (يونان ۽ روم) جي لاءِ جنگيون غلام فراهم ڪرڻ جو خاص ذريعو هيون. ان ڪري ئي اهي رياستون مسلسل جنگيون چيڙيندڙيون رهنديون هيون، پنهنجي پاڙيسرين کي لتيندڙيون هيون، انهن تي حملا ڪنديون هيون، علائقن جا علائقا تاراج ڪري مفتوع کي غلام بڻائيندڙيون هيون.

پيداواري قوتن جي ترقيءَ سان غلام جي محنت جي فائديمندي ڏينهون ڏينهن ثابت ٿيندي وئي. محنت ڪرڻ واري جي لاءِ ناقابل برداشت حالتن ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪا رغبت ڪانہ هئي، حقيقت ۾ ان کي ڪم جي تصور کان ئي نفرت هوندي هئي. ان حالت هڪ واضح تضاد پيدا ڪيو

جنهن سان غلاميءَ جي سماج جي جڙ اکڙڻ لڳي ۽ ان ۾ جمود پيدا ٿي ويو. پورهيو، جيڪو هر سماج جي وجود جو بنيادي شرط آهي، اهڙو پيشو ٿيندو ويو جيڪو انسان لاءِ غير مو زون هو ۽ غلام جي لاءِ لعنت. ماٺهو ڪم ڪرڻ کان سواءِ زندهه نه پيو رهي سگهي، پر ان زماني ۾ هو غلام ٿيڻ کان سواءِ ڪمَ نه ڪري سگهندا هئا. ان تضاد جو حل اهو ئي هو ته غلاميءَ جا پيداواري لاڳاپا ۽ ان سان لاڳاپيل طبقا ختم ڪيا وڃن ۽ اهڙا پيداواري لاڳاپا قائم ٿين جن سان حقيقي پيدا ڪرڻ وارن کي ڪم جي ڪجهه ترغيب ملي سگهي.

قديم يونان ۽ روم اڪثر غلاميءَ جي سماج جي اهڙن نمونن وانگر پيش ڪيا وڃن ٿا جو جن سان اڳوٽي زماني جي پوري دور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پر تاريخي لحاظ کان اهو بلڪل صحيح ڪونهي ان ڪري جو غلاميءَ جي ارتقا قديم مصر، چين ۽ هندوستان ۾ ڪجهه مختلف صورتون اختيار ڪيون. اتي غلامي ايتري وسيع پئماني تي رائج ڪانه هئي جيتري يونان ۽ روم ۾، اتي قديم اجتماعي تعلقات جي واضح باقيات سان نسبتاً محدود ڳوناٽن ڪميونن جا نظام ۽ مطلق العنان رياستن جيڪي سياسي منصبي ذميوارين کان علاوه معاشي امور ۾ انجام ڏيندیون هيون جهڙوڪ آبپاشي جي تعمير ۽ ان جو انتظام جنهن تي پوڪي راهي جو دارومدار هو ۽ سماجي ذات پات ۾ واضح تقسيم هڪ انوکي نوعيت پيدا ڪري ڇڏي هئي جنهن کي مارڪس ايشيائي طريقہ پيداواري طريقو سڏيو آهي. ڇا اهو پيداواري طريقو هڪ مخصوص سماجي تشڪيل هو؟ ان سوال تي اڄا به بحث جاري آهي. جيڪا ڳالهه بهرحال صاف آهي سا اِها آهي ته اُها هڪ خاص قسم جي سماجي تنظيم هئي جيڪا بيحد جامد هئي ۽ جنهن ۾ تبديلي ۽ ارتقا جي صلاحيت بلڪل گهٽ هئي. ان جي ڪري اها ڪافي متحرڪ، ان عهد جي لحاظ کان بُحيره روم جي دنيا کان ايتري مختلف هئي.

آهستي آهستي منجهيل راهن ۽ متضاد صورتن مان گذاري غلاميءَ جو سماج جاگيرداراڻي سماج ۾ تبديل ٿيو. آخرالذڪر جو ٽيڪنيڪي بنياد ۽ اول الذڪر جو ٽيڪنيڪي بنياد اصولي طور تي مختلف ڪونه هو. اڄا به محنت جي اوزارن جو استعمال انفرادي هو،

دستڪاري، زراعت ۾ چوپايو مال پالڻ ۾ ائين ئي هئا. پر انهن جي ترقيءَ جي سطح نهايت بلند هئي. جاگيرداري ۾ وسيع علائقن تي ڇانيل رهي. اهائي تشڪيل هئي جنهن تائين مرڪزي ۽ اپرندي يورپ ۾ جرمن ۽ سنڊن وڏڻ جا قبيلا قديم پنچائتي نظام کان غلاميءَ جي تشڪيل مان گذرڻ کان سواءِ سڌو سنئون پهتا هئا.

غلاميءَ جي تشڪيل جي پيٽ ۾ جاگيرداراڻي تشڪيل وڌيڪ ترقي يافته سماجي نظام هو. ان جي امتيازي خصوصيت اهي پيداواري لاڳاپا هئا جن جو بنياد بحيثيت خاص پيداواري ذريعو يعني زمين جاگيردار جي ملڪيت هئي ۽ ان جي نتيجي ۾ هاري ذاتي طور مختلف صورتن ۾ زمين جي مالڪ جاگيردار جا محتاج هئا. جاگيردار جي زمين جو هڪ حصو انفرادي طور تي هارين کي استعمال لاءِ ڏنو ويندو هو.

غلام جي بنسبت جاگيرداراڻي سماج ۾ هاري پنهنجي زمين ٽڪري تي ڪم ڪري سگهي پيو ۽ ڪيس پنهنجي پيداوار جو هڪ ٽورو حصو رکڻ جي اجازت هئي ته جيئن هو پنهنجي حق تي محنت بيهر پيدا ڪري سگهي. زرعي نيم غلاميءَ جي حالت ۾ به اڪثر هارين جا پنهنجا خاندان هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو جاگيرداراڻي سماج ۾ پورهيتن کي مسلسل حاصل ڪرڻ لاءِ جنگيون ضروري ڪونه هيون ۽ نه ان جو ڪردار اهڙو قزاقانه ۽ تباهه ڪن هو جهڙو غلاميءَ جي سماج ۾. غلام جي حيثيت هڪ اوزار جي هئي ليڪن نيچ يا زرعي نيم غلام انسان سمجهيو ويندو هو حالانڪ ان جي حيثيت انتهائي حقير هئي. اهي حالتون وحشياڻيون ۽ انسانيت سوز هيون. جاگيرداراڻي استحصال جي هڪ خصوصيت هيءَ هئي ته وسيع پئماني تي ماوراءِ معاشي جبر استعمال ڪيو ويندو هو چاڪاڻ ته هاري کان زمين جي ان ٽڪري مان وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ جو صرف اهوئي طريقو هو. هارين جي بدنصيبين جي ڪا حد نه هئي. غربت، فاقه ڪشي ۽ بيماريون ان تي ڇانيل رهنديون هيون انهن کي ڪي به سياسي حق حاصل نه هئا. هنن جي زندگيءَ تائين جو انحصار جاگيردار جي رحم ڪرم تي هو.

پر غلامي اڳين تشڪيلن جي پيٽ ۾ جاگيرداري اصلي پيدا

ڪرڻ واري ڪي محنت جون ڪجھ مادي لالچون ۽ محنتي قوت ڪي ٻيھر پيدا ڪرڻ جون بھتر حالتون فراھم ڪري پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي لاءِ وسيع امڪان پيدا ڪيا.

جاگيرداراٽي سماج جي طبقاتي ساخت ڪافي منجھيل ھئي. ان جي طبقاتي امتيازن جو اظھار جماعت بندين مان ٿيندو ھو. پيدا ٿيڻ سان ئي ھر فرد ڪنھن نہ ڪنھن مُعَيَنُ جماعت بنديءَ سان تعلق رکندو ھو. يا تہ ھو ڄڻاٽن رئيسن جو چشم و چراغ ھوندو ھو يا ھاري، واپاري، يا دستڪار. ھڪ گروھ بندي کان ٻي گروھ بنديءَ ۾ شامل ٿيڻ انتھائي ڏکيو ڪم ھو. ٻھراڙيءَ جا رئيس ۽ پادري صاحب مُراعات ۽ حڪمران گروھ بنديون ھيون.

جيتري قدر مٿئين ڏانچي جو تعلق آھي تہ جاگيردار طبقي جي معاشي غلبي تي مُعَيَنُ سياسي ۽ نظرياتي ڪنٽرول ھو. محدود يا مطلق بادشاھت جاگيراراٽي رياست جي خصوصيت ھئي، ۽ ان جي نظرئي جي ميدان ۾ ٻئي ڪنھن جي شرڪت جي بغير مذھب جو ڳاڙھو اوچو ھو. رياست ۽ ڪليسا، ان سماج جا اھي ٻہ زبردست ادارا حڪمران طبقن جي ملڪيت ۽ مراعات جي چوڪيداري ڪندا ھئا. سخت معاشي ظلم ۽ حقن کان مڪمل محروميءَ جي خلاف ھاري مسلسل احتجاج ڪندا رھندا ھئا. جاگيرداريءَ جي تاريخ جا صفحا جاگيراراٽي غلاميءَ کان پنھنجي نجات جي لاءِ ھارين جي مستقل جدوجھد سان پريا پيا آھن. ان جدوجھد جون ڪيئي صورتون ھيون. ھارين جي انفرادي فرار کان وٺي وسيع علائقن ۾ ھٿياربند بغاوت تائين، پر عام طور تي ھارين جي جدوجھد جو خاتمو شڪستن تي ٿيندو ھو ۽ تہ ھاري ڇڙو ڇڙ ھئا، اھي غير منظم ھئا ۽ سندن ڪي واضح سياسي مقصد ڪونہ ھئا. وڇئين دور ۾ عوامي تحريڪن جي ھڪ خصوصيت اھا رھي آھي تہ اھي مذھب جي جھنبي ھيٺ ھلايون ويون. اينگلس لکيو آھي تہ ان دور ۾ مذھب انسانن جي جذبن کي پختو ڪيو ۽ ڪنھن ٻہ خيال کي عوام تائين پھچائڻ جي لاءِ ان کي مذھبي رنگ ۾ پيش ڪرڻو پوندو ھو. ان ئي بنياد تي مذھبي جنگيون، ڪليسا جي خلاف بدعتون، مذھبي تحريڪون وغيرہ وجود ۾ آيون.

جاگيرداريءَ جي ارتقا آھستي آھستي ۽ مرحليوار ٿي. غلاميءَ جي

نظام تي پنهنجي فوقيت ظاهر ڪرڻ ۾ جاگيرداراڻي نظام کي ڪيئي صديون لڳيون. جاگيرداري جي ارتقا سان گڏوگڏ وڏا شهر ايريا ۽ اهي صرف سياسي ۽ مذهبي مرڪز ئي نه بلڪ دستڪاري ۽ واپار جا مرڪز به بنجي ويا. دستڪاريءَ کي فروغ مليو ۽ زراعت جي طريقن ۾ ترقي ڪئي. پورهئي جي سماجي ورڇ ڦهلي ۽ نيون نيون زمينون پوک هيٺ آنديون ويون. اهڙيءَ طرح آهستي آهستي پرپختگيءَ سان نون سماجي صورتن تائين پهچڻ جي لاءِ جاگيرداري نظام ۾ لازمي مادي ضرورتون ۽ حالتون پيدا ٿيون. جاگيرداريءَ جي تاريخ جو تجزيو ڪرڻ کان پوءِ ان عمل جا خاص سرچشما تمام گهٽو واضع ٿي وڃن ٿا، اهي آهن پورهيي جي ورڇ ۽ واپار، جنس ۽ زرعي لاڳاپن ۾ اضافو نين منڊين جو وجود ۾ اچڻ، آبادیءَ جون وڌندڙ ضرورتون ۽ اسلحه سازي وغيره.

دستڪاريءَ جي پيداوار جيتوڻيڪ جاگيرداريءَ جي عروج جي زماني ۾ پنهنجي ڪمال کي پهچي وئي هئي پر وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ کان قاصر هئي. ڇو ته ان ۾ پيداوار وڌائڻ جي محدود صلاحيت هئي.

منڊيءَ جي ضرورتن هڪ نئين پيداواري قوت کي جنم ڏنو. باهمي تعاون ۽ ڪارخانيداريءَ (Manufacturer) کي

سادو تعاون يعني ڪم ۾ رڳو ڪن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ سان محنت جو لاڀ يقيناً وڌيو ليڪن ان سلسلي ۾ ڪارخانيداري اهم ڪردار ادا ڪيو. دستڪاري جي پيٽ ۾ صنعت ڪاري پيداوار تيار ڪرڻ ۾ محنت جي تقسيم تفصيل سان ڪئي. توڙي جو دستڪاريءَ جا ئي اوزار ڪارخانيداريءَ جو ٽيڪنيڪي بنياد رهيا پر پيداوار جي عمل کي ابتدائي ڪمن ۾ ورهائي ڇڏڻ سان محنت جو لاڀ ڪافي وڌيو ان کان علاوه ان انسان جي عوامل کي مشين جي عوامل سان بدلائڻ جي لاءِ ضروري شرط پيدا ڪيا. اهڙي طرح ڪارخانيداري Manufacturing جي ترقي سان مشيني پيداوار لاءِ زمين هموار ٿي.

پر مجموعي طور تي جاگيرداري نظام ڪاروبار، آزاد واپار جي واڌ ويجهه ۽ شين جي ڪپت جي لاءِ قومي منڊيون قائم ڪرڻ جي رفتار سست ڪئي. هارين جي ذاتي نيم غلامي محنت جي آزاد منڊي ڪلچ ۾ رڪاوٽ

وڏي، جنهن جي صنعت کي ضرورت هئي. پورهئي جي جاگيرداراڻي صورت، درجن تحت مراعات جو نظام، مطلق العنان بادشاهت، اهي سيئي پيداواري قوتن جي مزيد ترقيءَ جي ضرورتن جي ابتڙ هئا. نيون پيداواري قوتون اهڙي ئي نئين معاشي ۽ سماجي صورتن جون گهرجائو هيون جيڪي ان جي ترقيءَ جي لاءِ شاهراهون کولي ڇڏين. اهوئي تضاد ان جو بنيادي سبب بٽيو تہ جاگيرداري کي هڪ نئين سماجي تشڪيل سرمائيداريءَ جي لاءِ جاءِ ڏيٽي پئي.

سرمائيداراڻي معيشت جي ابتدا جو سرمائي جي ابتدائي اجتماع جي عمل جي حيثيت سان، ڪلاسيڪي نقشو مارڪس جي "سرمائي" ۾ چٽيو ويو آهي، جنهن جو حاصل مطلب آهي اصل پيدا ڪرڻ وارن هارين ۽ دستڪارن جي پيداواري ذريعن تي زبردستي قبضو ڪرڻ. مارڪس ازم ان افساني جو پردو چاڪ ڪري ڇڏيو تہ سرمائيدارن جي ابتدائي دولت خود سندن محنت جو نتيجو هو. درحقيقت پورهيتن کي پيداواري ذريعن کان "الڳ" ڪرڻ جي لاءِ سمورا حربا استعمال ڪيا ويا جن ۾ ننڍي درجي جي جنس پيدا ڪرڻ وارن جي تباهي ۽ محڪومي، هارين جي انهن جي زمين مان بيدخلي، معاشي دٻاءُ ۽ ظاهر ظهور تشدد سڀ شامل هئا. مارڪس لکيو آهي تہ تاريخ ۾ سرمائيداريءَ جي ابتدا تلوار جي شعلہ خيز لفظن سان لکي وئي آهي. سرمائي جي ابتدائي اجتماع جو نتيجو پيداواري ذريعن جي منتقلي جي صورت ۾ نڪتو. جڏهن هڪ پاسي سرمائيدارن جي هٿ ۾ دولت هئي ۽ ٻئي پاسي آزاد محنت جي منڊي انهن ماڻهن تي مشتمل هئي جيڪي ذريعہ پيداوار ۽ ذريعہ معاش ٻنهي کان محروم ڪيا ويا هئا. ذريعہ پيداوار ۾ سرمائيداراڻي ملڪيت جي ۽ پيدا ڪرڻ وارن جي عدم ملڪيت سرمائيدراڻن تعلقات جو بنياد بنجي وئي.[1]

اولهہ يورپ ۾ سرمائيداريءَ ڏانهن عبور پاڻمرادو بغير ڪنهن ٻاهرئين دٻاءَ جي شروع ٿيو. سرمائيداري جي ارتقا جي سلسلي ۾ اهي سنگ ميل طور پيش ڪري سگجن ٿا. اتلي ۾ واپاري شهرن جي ترقي، پرتگالي ۽ اسپيني سامونڊي سفر ڪندڙن جون عظيم جاگرافيائي دريافتون، آمريڪا ۽ ڏکڻ اوپر ايشيا جي نوآبادي، برطانيہ ۾ بورجوا انقلاب ۽ صنعتي انقلاب،

ارڙهين صديءَ ۾ فرانس ۾ انقلاب، اوڻويهين صديءَ ۾ اتر آمريڪا، روس ۽ جپان ۾ ارتقا جو سرمائيداراڻو رستو اختيار ڪيو.

جڏهن جاگيرداراڻن پيداواري لاڳاپن پنهنجي جاءِ سرمائيداراڻن پيداواري لاڳاپن کي ڏني تہ مٿئين ڍانچي ۾ بہ تبديلي آئي جنهن کي نئين بنياد مطابق هجڻ لازمي هو. ائين سڄي سماج جو حليو بدلجي ويو.

بوجوا انقلابين جي شعبن جاگيرداراڻيون سماجي جماعت بنديون پسر ڪري ڇڏيون، مطلق العنان بادشاهت جي جاءِ آئيني بادشاهت يا پارليامينٽري ريپبلڪ ورتي.

بورجوا جمهوريت پنهنجي جهنڊي تي انفراديت جو اصول تحرير ڪيو. ان کي فرد جي سڄي آزادي قرار ڏنو ۽ قانون جي نظر ۾ هرهڪ جي برابر هجڻ جو اعلان ڪيو. پر آزادي نالي جي ئي آهي ڇو تہ معاشي عدم مساوات، پيداوار جي سلسلي ۾ انسانن جي درميان اڻ برابري سماج جو بنياد رهي. بورجوا نظريو سرمائيداراڻن لاڳاپن جي اصلي ماهيت جي باري ۾ خوشفهميون پکيڙيندو رهيو.

تنهن ڪري سرمائيداراڻي پيداواري طريقي سان سماجي زندگيءَ جا سمورا ٻيا پهلو بہ ان جي ضرورتن جي لحاظ کان ان جي مطالق ٿي ويا.

مارڪسزم جي بانين سرمائيداراڻي سماجي تشڪيل، ان جي ارتقا جي قانونن ۽ رجحانن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو.

نون پيداواري قوتن جي ترقي، جن جو واسطو مشيني پيداوار سان هو، سرمائيدراڻي ارتقا جو سرچشمو ۽ بنياد هو. مشيني پيداوار جو قيام، پيداواري قوتن کي ڪيفيتي اعتبار کان هڪ نئين بلند سطح تائين پهچائڻ، سرمائيداريءَ جو تاريخي مقصد هو.

ملڪيت جي سرمائيداراڻي صورت هيءُ حقيقت مُعَيَنُ ڪري ٿي تہ قدر زائد جي سرمائيدارن جون سموريون ڪوششون، جنهن کي اهي منافعي جي صورت ۾ حاصل ڪن ٿا، پيداوار جي محرڪ قوت بنجي ويون ٿيون، پر اهڙين حالتن ۾ منافعي جي ڪوشش جو نتيجو لازمي طور تي سرمائيداري جي درميان مقابلي ۾ نڪري ٿو. ٽيڪنيڪي ترقي ۽ مقابلي سان سرمائي جو اجتماع ۽ ارتڪاز پيدا ٿيو جنهن مان طاقتور

سرمائيداراڻيون انجمنون ۽ اجاريداريون وجود ۾ آيون.

سرمائيداري ٻاهرين توسيع ۽ اختيار ڪندي آهي. تنهن ڪري اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن نون علائقن تي قبضو ڪيو. بينڪيتي سلطنتون قائم ڪيون ۽ اهي سڄي دنيا کي سرمائيداراڻي لپيٽ ۾ وٺي آيا. ڪالونين ۾ سرمائيداري عام طورتي زندگي ۽ معاشي نظامن جون پسنديده صورتون محفوظ رکيون ۽ اهڙيءَ طرح انهن ملڪن کي ترقي يافته ملڪن جي لاءِ خام مال جو گودام ۽ پنهنجي تيار ڪيل پيداواري شين جي منڊي ٺاهي ورتو. سرمائيداري پهرين هڪ عالمي سالم معاشي نظام ۽ عالمي منڊي پيدا ڪئي. ان منزل ۾ تاريخ سيني معنائن جي عالمي تاريخ ٿي وئي ڇو ته مختلف علائقن ۽ قومن جي هڪ ٻئي کان عليحدگي ختم ٿي وئي.

سرمائيداري ۾ معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿئي ٿي. نسبتاً مختصر تاريخي مدت ۾ سرمائيداراڻي تشڪيل ڪيترين ئي منزلن ۽ مقامن کان گذري ٿي. سرمائي جي ابتدائي اجتماع کان وٺي، آزاد ڪاروباري ادارن جي نظام کان ٿيندي، اجاريدار سرمائيداري تائين. پر سرمائيداري جي جيئن جئين واڌ ويجهه ٿئي ٿي اها پنهنجي نفيءَ ڏانهن وڌندڙ عنصر گڏ ڪندي رهندي آهي. سرمائيداري دائمي ڪانهي، ان جي تباهيءَ جي بنيادي جڙ ان تضاد ۾ آهي جيڪا اها پيداوار جي سماجي ڪردار ۽ غاصباڻي قبضي جي نجي سرمائيداراڻي صورت جي وچ ۾ پيدا ڪندي آهي.

سرمائيداري پيداوار کي سماجي ٻٽائي ڇڏي ٿي، ڇو ته سرمائيدار جي ڪارخاني جي جيڪا پيداوار ٿئي ٿي سا پيداوار آهي اجتماعي مزدورن جي. هتي ڪو به شخص اهو نه ٿو چئي سگهي ته اها پيداوار صرف ان جي آهي. نه صرف هڪ ڪارخاني جي اندر بلڪ، پيداوار جي مختلف شاخن ۾ محنت جي وسيع تقسيم جي ڪري اهڙا پيداواري رابطا قائم ٿي وڃن ٿا جيڪي پوري قومي معيشت کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي هڪ مربوط نظام ۾ بدلائي ڇڏين ٿا. اهڙيءَ طرح پيداوار جي مختلف قسمن جو بنيادي طور تي هڪ ٻئي تي دارومدار هجي ٿو. پيداواري ذريعن ۾ نجي نه بلڪ اجتماعي ملڪيت پيداواري قوتن جي انهن حالتن سان مطابقت رکي ٿي تنهن ڪري نجي ملڪيت پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي شڪل نه ٿي رهي

بلڪ ان کي روڪڻ لڳي ٿي. نجي سرمائيداراڻي ملڪيت جو مسلسل وجود سڄي سماج جي پيداواري قوتن جي ترقي کي سست بڻائي ڇڏي ٿو ۽ بورجوازي جي خلاف پرولتاريہ جي طبقاتي جدوجهد کي تيز ڪري ٿو. اهو اظهار آهي سرمائيداريءَ جي بنيادي تضاد جو.

سرمائيداريءَ جا تضاد ان جي ارتقا جي بلند ترين منزل، سامراج ۾، وڌي ڪري انتها کي پهچي ويندا آهن. سرمائيداري ان منزل ۾ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ داخل ٿي. مارڪس سرمائيداريءَ جو تجزيو شروع ڪيو هو. لينن ان کي جاري رکيو ۽ سامراج جو گهرو تجزيو ڪيو. لينن ثابت ڪيو تہ آزاد مقابلي جي جاءِ تي اجاريداريءَ جو اچڻ، اجاري کان پهرين سرمائيداريءَ کان اجاريدار سرمائيداريءَ ڏانهن عبور ۽ مالياتي گروهہ جو غلبو سرمائيداري ۾ جمود، تنزل ۽ گهٽ ٿيڻ جي رجحان جو اظهار آهي. سامراج سرمائيداريءَ جي اها آخري منزل آهي جيڪا سرمائيداراڻي سماجي تشڪيل جي وجود جي خاتمي جا ڏنيهن قريب آڻي ٿي. ان زماني ۾ جڏهن بورجوا پروپئگنڈا "مغربي تهذيب" کي آسمان تي چڙهائي رهي هئي تڏهن مارڪس ازم لينن ازم ثابت ڪيو تہ سرمائيداراڻو معاشي ۽ سماجي نظام منتشر ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ ان جي تضاد جي سائنسي تجزئي جي بنياد تي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اهو عمل لازمي آهي.

ان کانپوءِ عالمي تاريخ ۾ جيڪي واقعا رونما ٿيا تن انهن نتيجن جي واضح ۽ ناقابل تردید نموني تصديق ڪئي. ان سلسلي ۾ اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ گذريل چند ڏهاڪن ۾ بورجوازيءَ پنهنجي حالت کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي قدم کنيا آهن. سرمائيداراڻي نظام جي ڏانچي جي اندر پيداواري قوتن جي سماجي ڪردار کي وڌيڪ ملحوظ رکڻ جي لاءِ بورجوازي پيداوار ۽ خرچ جي عمل کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ رياست کي ڏينهون ڏينهن استعمال ڪري رهيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح انهن معاشي بحرانن کي تارڻ گهري ٿو جيڪي ان جي لاءِ مسلسل خطرو بڻيل آهن. پر ان سان سرمائيداري جي اندر بنيادي تضادن، محنت ۽ سرمائي جي درميان مُٺ جيترن اجاريدارن ۽ پورهيت عوام جي وچ ۾ معاشي طور تي ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن ۽ پنتي پيل سرمائيدار ملڪن جي درميان تضاد ختم نہ

ٿا ٿي سگھن. بورجوازي پيداوار کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ جيڪي قدم کنيا آھن تن سان سرمائيداراٽي سماج ۾ پيداواري قوتن جو سماجي ڪردار وڌيڪ وڌي ويو آھي ۽ انھن موجوده پيداواري قوتن جي مطابق معاشي تعلقات جو نظام اختيار ڪرڻ جي خارجي ضرورت پيدا ڪري ڇڏي آھي. يعني اشتراڪي پيداواري لاڳاپا، سرمائيداري جا تضاد وڌڻ سان اھڙيون تازه دم قوتون ايريون آھن، جھڙوڪ پرولتاريہ، جن کي عالمي تاريخ جي ان بنيادي مسئلي کي حل سان دلچسپي آھي.

جديد سرمائيداري جي ارتقا ۾ جيڪي رجحان ڏٺا ويون ٿا تن جو گھرو تجربو ليوند برزيف مرڪزي ڪاميٽي جي رپورٽ ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي چوويھين ڪانگريس جي موقعي تي ڪيو. ھن چيو "جديد سرمائيداريءَ جون خصوصيتون گھٽي ياڳي ان حقيقت مان ايرن ٿيون تہ اھا پنھنجو پاڻ کي نين بين الاقوامي حالتن مطابق تيار ڪري رھي آھي. اشتراڪيت جي پيٽ ۾ محاذآرائي جي حالت ۾ جدوجھد وڌي عوامي انقلابي تحريڪ جي صورت نہ اختيار ڪري وئي، تنھن ڪري بورجوازي پورھيتن جي استحصال ۽ انھن تي ظلم جون پوشيده صورتون استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪڏھن ڪڏھن جزوي سڌارن تي راضي ٿي وڃي ٿو. تہ جيئن جيتري قدر ممڪن ھجي اھو عوام کي پنھنجي خيالياتي سياسي ڪنٽرول ۾ رکي سگھي. اجاريداريون سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي حاصلات جو وسيع پئماني تي استعمال ڪري رھيون آھن تہ جيئن سندن حالت مضبوط ٿئي، ڪارڪردگي وڌي ۽ پيداوار جي رفتار ۾ اضافو ٿئي ۽ پورھيتن جو استحصال ۽ انھن تي ظلم شدت اختيار ڪري.

"پر نَين حالتن جي مطابق ناھڻ جو مطلب اھو ڪونھي تہ بحيثيت ھڪ نظام جي سرمائيداري پائدار ٿي وئي آھي. سرمائيداري جو عام بحران مسلسل گھرو ٿيندو پيو وڃي."[10]

تنھن ڪري سرمائيداري انساني تاريخ جي ھڪ طويل دور کي ختم ڪري رھي آھي جيڪو تضاد رکڻ واري سماج جو دور ھو. اسان جي ان مختصر تجزئي مان ظاھر ٿو ٿئي تہ سماج جي ارتقا جي عام راھہ

10. سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي چوويھين ڪانگريس، ص 20.

مخصوص پيداواري لاڳاپن جي ڏانچي جي اندر پيداواري قوتن جي ترقي سان مُعَيَنُ ٿئي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ سماجي تشڪيل کان ٻيءَ ڏانهن عبور قدرتي ۽ تاريخي ضرورت جي مطابق ٿئي ٿو. پر ان ضرورت کي صرف انساني سرگرميءَ جي ذريعي پورو ڪيو ويندو آهي ان لحاظ کان سمورا بنيادي سماجي مسئلا سماجي طبقن جي وچ ۾ شديد جدوجهد جي ذريعي حل ٿين ٿا، جيڪو تضاد رکڻ وارن سيني سماجن ۾ رچيل آهي. طبقا ايندا ويندا رهندا آهن، تضادن جي نوعيت بدلجندي رهي ٿي، پر خود تاريخي ارتقا جي نوعيت هڪ جهڙي رهي ٿي ڇو ته اها سماجي گروهن جي معاشي ۽ سياسي مفادن جي ٽڪراءَ ۽ طبقن جي جدوجهد تي مشتمل آهي. تاريخ غلاميءَ جي تشڪيل جي تحت انسان جي غلاميءَ جي انتهائي و حشياڻي صورت ۾ شروع ٿي ۽ پوءِ استحصال مرحليوار معتدل ٿيندڙ شڪلين ڏانهن وڌي جبر جي غيرمعاشي شڪلين جي جاءِ معاشي شڪلين ورتي. محنت جي لاڀ وڌائڻ جي لاءِ مادي رغبتون وڌايون ويون جيڪي نه صرف پيداواري ذريعن جي مالڪن جي لاءِ بلڪ اصلي پيدا ڪرڻ وارن جي لاءِ به مقصود هيون.

انسانيت جي تاريخ جي هن دور جي عظيم ڪاميابين ۾ ٽيڪنالوجي سائنس ۽ ثقافت جي زبردست ترقي شامل آهي جنهن انسان کي بينظير بلندين تي پهچائي ڇڏيو. جنهن سماجي تضادن کي ختم ڪرڻ ۽ انسان کي سماجي هستيءَ جي بنياد طور تي هڪ نئين سطح تائين وٺي وڃڻ ۽ اهڙو سماج قائم ڪرڻ جي لاءِ ضروري حالتون پيدا ڪيون جنهن جي نوعيت اجتماعي ملڪيت، گڏيل پلائي خاطر سماج جي سمورن رکن جي گڏيل ڪم سان مُعَيَنُ ٿئي ٿي. اڄ انسانيت عالمي پئماني تي سرمائيداري کان ڪميونزم ڏانهن، سفر واري عبوري دور مان گذري رهي آهي، تضاد رکندڙ سماج جو طويل دور ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ نئين تشڪيل جي ارتقا جي ابتدا ٿي رهي آهي.

ڪميونسٽ تشڪيل جي قيام ۽ ارتقا جو قدرتي تاريخي عمل ٽن منزلن تي مشتمل آهي جيڪي هڪ ٻئي جي پويان ايندڙيون آهن. عبوري دور جيڪو اشتراڪي انقلاب سان شروع ٿئي ٿو، اشتراڪيت ڪميونسٽ

تشڪيل جو هيئيون دور ۽ ڪميونزم.

اشتراڪي انقلاب جو خاص مقصد، جنهن جي ابتدا پرولتاريه جي هٿ ۾ سياسي اقتدار اچڻ سان ٿئي ٿي، نئين اشتراڪي معيشت تعمير ڪرڻ آهي.

سرمائيداري کان اشتراڪيت تائين سفر جو عبوري دور هر ملڪ جي لاءِ ضروري آهي، جيڪو اشتراڪي ارتقا جي راهه اختيار ڪري ٿو. هر ملڪ جون پنهنجون ڌار خاصيتون هونديون آهن ۽ ان جو انحصار ان جي ارتقا جي تاريخي حالتن، قومي امتيازن، اشتراڪي انقلاب وقت سماجي ترقيءَ جي سطح وغيره تي هجي ٿو. پر سرمائيداري کان اشتراڪيت تائين سفر کي پابند ڪرڻ وارا عام ضابطا به آهن، مثلاً پرولتاري انقلاب جي تڪميل ۽ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پرولتاريه جي آمريت جي قيام جي لاءِ مزدور طبقي ۽ ان جي مارڪسي لينني پارٽي جو پورهيتن جي قيادت ڪرڻ، مزدور طبقي جو هارين جي اڪثريت ۽ پورهيت ماڻهن جي ٻين حصن سان اتحاد، بنيادي پيداواري ذريعن ۽ سرمائيداراڻي ملڪيت جو خاتمو ۽ گڏيل ملڪيت جو قيام، زراعت جي اشتراڪي رخ تي مرحليوار تبديلي، قومي معيشت جي هڪ جهڙي ترقي جنهن جو مقصد اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي تعمير ۽ پورهيت عوام جي زندگيءَ جو معيار بلند ڪرڻ آهي، ثقافتي انقلاب تي عمل جنهن ۾ پراڻن دانشورن جي نئين سر تعليم، نوان عوامي دانشور تيار ڪرڻ ۽ سڀني ماڻهن جو ثقافتي معيار بلند ڪرڻ شامل آهي، قومي جبر جو خاتمو ۽ قوميتن جي وچ ۾ حقيقي مساوات ۽ برادرانه دوستيءَ جو قيام، اندروني ۽ بيروني دشمنن کان اشتراڪيت جي حاصلات جي حفاظت، پرولتاري بين الاقواميت جي اصولن جي بنياد تي ملڪ جي مزدور طبقي جو سڄي دنيا جي مزدور طبقي سان پائيچارو.

سوشلزم جي خاصيت پيداواري ذريعن ۾ اجتماعي ملڪيت ۽ دوستاڻي تعاون جا لاڳاپا آهن جيڪي پيداوار ۽ سماجي سرگرميءَ جي ٻين شعبن ۾ به انساني استحصال کان آزاد هوندا آهن. اشتراڪيت ۾ سماج صرف انهن استعمال ۾ ايندڙ شين کي انفرادي ملڪيت تسليم ڪري ٿو ۽ انهن جو بچاءُ ٿو ڪري جيڪي استحصال جي لاءِ ڪم ۾ نه ٿيون آڻي

سگهجن. سماج جو ڪاروبار ان اصول تي هلي ٿو "جيڪو ڪم نه ٿو ڪري اهو ڪائي نه ٿو سگهي." ۽ ورهاست جو قانون اهو آهي ته اجرت سماج کي ملندڙ مقدار ۽ ڪيفيت مطابق ڏني ويندي. اهي لاڳاپا موجود پيداواري قوتن جي نوعيت ۽ انهن جي ترقيءَ جي سطح سان ميل کائين ٿا. اهي پيداواري قوتون پيداواري ذريعن ۾ نجي ملڪيت جي لاءِ بلڪل موزون نه هوندیون آهن ليڪن انهن جي سطح ايجا تائين ايتري گهٽي ترقي يافته به ڪانهي هوندي جو ناڻي جي واڌ يا پکيڙ مان سامان ۽ خدمتون فراهم ڪري سگهجن ۽ پورهيت ماڻهن جون سموريون ضرورتون پوريون ٿي سگهن.

پيداوار جي ترقيءَ کي مجموعي طور تي سماج جي مفادن جي ماتحت ڪري ۽ پيداواري ذريعن جي لاڳاپي سان هر فرد کي مساوي ڪري اجتماعي ملڪيت اهڙو مادي بنياد پيدا ڪري ٿي جنهن کي قومي معيشت جي منصوبه بندي ڪري مناسب طريقي سان ترقي ڏيئي سگهجي. معيشت ۾ عدم تناسب کي ختم ڪري سگهجي، معاشي ترقيءَ جو پاڻ هر تو قانون ختم ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح پورهيتن کي پيداوار وڏائڻ جي لاءِ ۽ ڪم جي لاءِ منجهن نوان اخلاقي لاڙا پيدا ٿين ٿا ۽ اهو جديد پيداواري قوتن جي ترقي جي لاءِ زبردست ذريعو بنجي وڃي ٿو.

اشتراڪي بنياد تي جيڪو مٿيون ڍانچو تعمير ٿئي ٿو تنهن جا خاص عنصر اشتراڪي رياست، اشتراڪي جمهوريت ۽ مارڪسي لينني.... آهن. اشتراڪي رياست جي انتظام ۾ عوام جي وڏندڙ شرڪت سماجي معاملن ۾ انهن جو اڳتي ابتدا ڪرڻ ۽ وڏي پئماني تي ان جو حصو ٿيڻ، آزادي، برابري، سماج جو سماجي، سياسي ۽ خيالي اتحاد جيڪو تڪراري تضادن کان پاڪ هجي ٿو. ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي چوڌاري عوام جو گڏ ٿيڻ جيڪي سماج جا سياسي رهنما هجن ٿا ۽ جمهوري مرڪزيت، اهي سڀ اشتراڪي جمهوريت جون مک خاصيتون آهن. سائنسي مارڪسي لينني آئيڊيولاجي نه صرف پورهيت عوام جي مفادن جي عڪاسي ڪري ٿي پر تاريخ جي قانونن جي مطابق سماجي ارتقا جي واضح امڪان کي سمجهڻ ۾ به مدد ڏئي ٿي.

معاشي ميدان ۾ اشتراڪي لاڳاپن جو قيام، عوام جي شعور ۽

نفسيات ۾ گهريون تبديليون، انسانن جي وچ ۾ لاڳاپن تي حڪمراني ڪرڻ وارن قانونن سان مربوط ٿئي ٿو.

پر اشتراڪيت ۾، هڪ اهڙي سماج ۾ جيڪو سنئون سڌو سرمائيداري مان جنم وٺي ٿو معيشت، روزمرهه جي زندگيءَ ۾ ۽ انسان جي فڪر اندر پراڻي نظام جون ڪوڙ ساريون باقيات رهن ٿيون. ماڻهن جي نجي ملڪيت جي ذهنيت ۽ ان جي اخلاقي، قومپرست تصورن وغيره جي باقيات کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ ۽ سماج کي ڏوهارين غلبن، چورن وغيره کان نجات ڏيارڻ هڪ منجهيل مسئلو آهي. اهو ڪم هڪ ڏينهن ۾ پورو نه ٿو ڪري سگهجي. ان کي اشتراڪيت جي ارتقا سان گڏوگڏ حل ڪيو ويندو آهي. اشتراڪيت هوريان هوريان اهڙيون حالتون لازمي طور پيدا ڪري ٿي ته جيئن ڪميونسٽ سماج ۾ هڪ نئون انسان پروان چڙهي ۽ سندس روحاني ساخت اهڙي هجي جو سماج جي ڪم کي هو سڀني کان افضل ۽ اُتم سمجهي.

هن وقت ڪميونسٽ سماجي تشڪيل پنهنجي ارتقا جي پهرئين ڏاڪي تي آهي جنهن جي ابتدا روس ۾ عظيم آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب ڪئي هئي. پوءِ جڏهن اشتراڪيت هڪ ملڪ جي حدن کان ٻاهر ڦهلجي وئي ۽ عالمي اشتراڪي نظام وجود ۾ آيو ته انسانيت تاريخي ارتقا جي ڪيفيتي لحاظ کان هڪ نئين منزل ۾ داخل ٿي وئي. ان نئين دنيا جو جسم سخت جدوجهد، تڪليفن ۽ تضادن، دشمن جي مزاحمت تي قابو پائيندو، غدارن ۽ مرتدن کي پنهنجي صفن مان ڪڍي ٻين چڱن مڙن کي پنهنجو حامي بنائيندو ٿي رهيو آهي. پنهنجي پيش قدمي دوران ان کان غلطيون ٻه ٿين ٿيون ۽ اها انهن کي درست ڪري ٿي. پنهنجي ارتقا جي تجربي جو نتيجو ڪڍي ٿي ۽ ماضيءَ مان سبق سکي ٿي. اها پيش قدمي ڪو آسان فاتحاڻو رستو ڪونهي بلڪ هڪ اهڙي ور وڪڙ واري ۽ ڏکي راهه آهي جتي ڪامرانيون ۽ شڪستون ٻئي پلئه پون ٿيون. ڪاميابيون ٻه پلئه پون ٿيون ته ناڪاميون ٻه. ڪميونزم جي تعمير هڪ عظيم الشان مقصد آهي جو ته اهو عقلي ۽ سائنسي بنياد تي هڪ نئين سماج جي تعمير جي ذميواري عملي طور تي انجام ڏيئي رهيو آهي، اها ذميواري آهي اهڙيون حالتون پيدا

ڪرڻ جيڪي انسان جي شان وٽان هجن.

اشتراڪي سماج ڪميونسٽ سماجي تشڪيل جو پهريون دور آهي. اشتراڪيت جي اندروني عنصرن مطابق لڳاتار ارتقا ڪري پختي ڪميونزم يعني ان جي بلندترين دور ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. ان عبوري دور مان سماج جي زندگيءَ ۾ اصلي تبديليون اچن ٿيون جو تہ اشتراڪيت ۽ ڪميونزم سماج جون معاشي ۽ روحاني پختگيءَ جي ڪيفيتي لحاظ ڪان جدا جدا منزلون آهن. جيڪڏهن اشتراڪيت سرمائيداري مان پيدا ٿي ۽ پراڻي سماج جي "پيدائشي نشانن" تي بڏل هجي ٿي تہ پختو ڪميونزم ڪميونسٽ تشڪيل جي بلندتر منزل آهي جنهن جي ارتقا خود پنهنجي بنياد تي ٿئي ٿي.

سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي پروگرام ۾ لکيل آهي:

"ڪميونزم هڪ اهڙو غير طبقاتي سماجي نظام آهي جتي پيداواري ذريعن جي اجتماعي ملڪيت جي هڪ صورت هوندي ۽ سماج جي سيني ميمبرن کي مڪمل سماجي برابري حاصل هوندي. ڪميونزم ۾ ماڻهن جي واڌ ويجهہ سان گڏوگڏ سائنس ۽ ٽيڪنڪ ۾ مسلسل ترقيءَ جي ذريعي پيداواري قوتون بہ ترقي ڪنديون، باهمي تعاون جي دولت جا چشما جهجهائي ۽ افراط سان وهندا ۽ ان عظيم اصول کي عملي جامو پهرايو ويندو تہ: "هر هڪ کان سندس صلاحيت مطابق، هر ڪنهن کي سندس ضرورت مطابق" ڪميونزم آزاد ۽ سماجي طور تي باشعور پورهيت ماڻهن جو انتهائي منظم سماج آهي جنهن ۾ عوامي خودانتظامي حڪومت قائم ڪئي ويندي، هڪ اهڙو سماج، جنهن ۾ سماج جي پلائيءَ جي خاطر محنت هر شخص جي خاص اهم ضرورت هوندي، اهڙي ضرورت جنهن کي سڀ تسليم ڪندا، ۽ هر شخص جي قابليت عوام جي انتهائي مفاد ۾ استعمال ڪئي ويندي."

اشتراڪيت کان ڪميونزم تائين عبور جو بنياد صنعت ۽ زراعت ۾ پيداواري قوتن جي زبردست ترقي آهي جيڪا انسان جي سماجي ضرورتن جي لاءِ واڌو مادي قدرن جي ضمانت ڏئي ٿي. ان سلسلي ۾ سوويت ڪميونسٹ پارٽي جي پروگرام ۾ سوويت يونين جي لاءِ بنيادي معاشي

ڏميواري ٻڌائي وئي آهي ته ڪميونزم جو مادي ۽ ٽيڪنيڪي بنياد رکيو وڃي جيڪو ٽن خاص ڏميوارين جي تڪميل ڏانهن صحيح نقطئه نظر اختيار ڪرڻ ۾ مدد ڪري. پهريون استعمال ۾ ايندڙ شين جي گهٽي مقدار ۾ پيداوار، جيڪو ان ڪميونسٽ اصول يعني ضرورت جي مطابق ورهاست کي عملي جامو پهرائڻ جي لاءِ ضروري آهي. ٻيو ڪو ڪم ڪرڻ جي وقت جي اهڙيءَ طرح گهٽتائي جو سيني شهرين کي سماجي معاملن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ ڪافي وقت ملي سگهي. ٽيون محنت کي آسان بڻائڻ، ان جي نوعيت کي بدلائڻ ته جيئن اها تسڪين جو هڪ وسيلو ۽ هر صحتمند انسان جي اصلي ضرورت بنجي پوي.

ان ڏميواري کي پورو ڪرڻ ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي 24 هين ڪانگريس هڪ ٻيو ۽ اهم قدم کنيون. ليونڊ برزنيف ۽ اليڪشي گوسيگن جي رپورٽن ۾ ۽ 75-1971ع جي سوويت يونين جي معاشي ترقي جي نئين پنج سالا منصوبي ۾ سوويت عوام جي سرگرمي جو واضح طور تي هڪ عظيم مستقبل ۾ سوويت پروگرام پيش ڪيو ويو. جيڪو ڪميونزم ڏانهن مسلسل پيش قدمي جي ضمانت ڏئي ٿو. مستقبل ۾ معيشت جي وڌيڪ ترقي جو بنياد وجهڻ پيداوار کي نئين سر ٽيڪنڪ سان تيار ڪرڻ ۽ سائنس ۽ تعليم تي وسيع ذريعا ڪم ۾ آڻڻ سان گڏوگڏ ڪميونسٽ پارٽي اها ڏميواري به پيش ڪئي آهي ته سوويت عوام جي پلائي جي لاءِ وڌيڪ ڪوششون ۽ ذريعا استعمال ڪيا ويندا. نائون پنج سالا منصوبو ڪميونزم ڏانهن سوويت معاشري جي وڌيڪ پيش قدمي ۾، ان جو مادي ۽ ٽيڪنيڪي بنياد وجهڻ ۾، ملڪ جي معاشي ۽ دفاعي قوت وڌائڻ ۾ يقيني طور تي هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. پنج سالا منصوبي جي خاص ڏميواري اشتراڪي پيداوار جي ترقي جي بلند شرح، ڪارگذاري ۾ اضافا، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي ۽ محنت سجائي ٽيڻ جي احساس جي سلسل وڌڻ جي بنياد تي عوام جو معيار زندگي ۽ ثقافتي سطح ڪافي بلند ڪرڻ آهي."

اشتراڪي پيداوار ۾ ترقيءَ سان سماج ۾ معاشي ۽ سماجي تعلقات بهتر ڪرڻ ۽ ماڻهن جي مادي ۽ ثقافتي معيار کي لڳاتار بلند ڪرڻ

جو بنیاد پوي ٿو. عوام جي ثقافتي معيار جو بلند ٿيڻ ۾ هر پاسي کان انسان کي پاڻ ڏانهن چڪڻ پيداواري ترقي جو نتيجو ۽ ان جو شرط به هوندو آهي.

ڪميونزم ڏانهن وک وڌائڻ جو مطلب آهي ته شهرن ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ سماجي معاشي ثقافتي ۽ روز مرهه جي زندگيءَ جو فرق ختم ڪرڻ، ذهني ۽ جسماني محنت جي بنيادي فرق ختم ڪرڻ، ان سان گڏوگڏ سماج ۾ طبقن ۽ سماجي گروهن جي اختياري تفريق ختم ڪرڻ. انهن بنيادي سماجي ذميوارين کي پورو ڪرڻ کان پوءِ ئي اهڙو غير طبقاتي ڪميونسٽ سماج قائم ڪري سگهجي ٿو جتي ماڻهن وچ ۾ حقيقي مساوات هجي. اهو ڪميونزم جو عظيم ترين ڪارنامو هوندو.

ڪميونزم تائين پهچڻ جي معنيٰ آهي رياست جي وجود جو مرحليوار خاتمو. سماج جي روحاني دولت ۾ وڌيڪ اضافو، سائنس ۽ فنون جي نشو و نما، عوام جي ثقافتي ۽ ٽيڪنيڪي معيارن ۾ زبردست بلندي، ان جي لاءِ اڳيرائي ڪرڻ ۾ ترقي، انسانن جي ناتن ۾ اجتماعي ۽ انسان دوست اصولن ۽ ڪميونسٽ اخلاقيات جي قائدن جو رواج ۾ اچڻ. سماجي عدم مساوات ۽ محنت جي پراڻي سماجي تقسيم جي باقيات جي پاڻپٽڻ، مادي پلائي ۽ روحاني ترقيءَ جي بلند سطح جو حصول، ڪم جا مختصر وقت وغيره، انهن سيني ڳالهين سان فرد ترقي ڪندو ۽ ان جون صلاحيتون ۽ قابليتون وڌنديون وڃنديون.

اشتراڪي سماج جي ڪميونزم ڏانهن پيش قدمي دراصل انهن مردن ۽ عورتن تي منحصر آهي، جيڪي ان جي تعمير ۾ مصروف آهن ۽ اهو انهن جي اتفاق ۽ اتحاد، انهن جي دانائي ۽ قابليت، سرگرمي ۽ اڳيرائي. جرائت ۽ وفاداري ۽ ضبط ۽ احساس ذميداري، علم ۽ تجربي، اخلاقي پختگي ۽ ثقافت تي ٻڌل آهي.

ان نئين سماج جي ترقي جي گهڙ پاسائين عمل ۾ ڪميونسٽ پارٽي رهنما ۽ هادي جو رول ادا ڪري ٿي. بورجوا نظريه دان ڪميونزم جي نصب العين کي عملي جامو پهرائڻ جي امڪان جي باري ۾ اهو چئي شڪ شبها پيدا ڪن ٿا ته اهو يوٽوپيا آهي، خيالي پلاءُ آهي. پر ڇا اهو واقعي ائين آهي؟ عقل تي ٻڌل منصفاڻي سماج جو تصور تمام گهڻو پراڻو آهي ۽ اها

حقيقت آهي ته صدين تائين اهو هڪ حسين خواب، يوٽوپيائي ئي رهيو آهي. اهو ان وقت تائين رهيو جيستائين سماجي ارتقا جي دوران ان جي قيام جون مادي ۽ روحاني لازمي ضرورتون پختيون نه ٿيون. مارڪسزم ٻڌايو ته ان قسم جو سماج ڪميونزم جي صورت ۾ تعمير ڪرڻ ممڪن آهي، ان جي بنيادي خصوصيتن جو مجمل خاڪو جوڙيو ۽ ان تائين رسڻ لاءِ رستا ٻڌايا، تنهن ڪري اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي سائنسي تصور کي يوٽوپيا چوڻ انهن امڪانن کان انڪار ڪرڻ آهي جيڪي انسانيت جي لاءِ ارتقا جي هڪ سطح جي سبب بهتر مستقبل ۽ ان جي تعمير جون راهون فراهم ڪن ٿا. اهو سوال بلڪل قدرتي آهي ته آيا انسانيت جنهن اڄ ايٽريون طاقتور پيداواري قوتون تخليق ڪري رکيون آهن ۽ جيڪا سائنس جي وڏين بلندين تائين پهچي وئي آهي، اهڙي معقول سماجي تنظيم قائم ڪرڻ جي اهل آهي جيڪا بک، غربت، جنگين، سماجي ٽڪراءَ کان آزاد هجي ۽ سيني ماڻهن لاءِ مساوات، خوشحالي، روحاني ترقيءَ جي امڪانن جي ضمانت ڏئي؟ آخران ۾ يوٽوپيائي هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ان انسان دوست نصب العين تي ڪهڙو اعتراض ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا ان جو تعلق برتر ۽ ابتر نسلن جي وجود سان آهي؟ اهو چڙيا گهر وارو نسلي نظريو ته عرصو ٿيو ڪوڪلو ثابت ٿي چڪو آهي. ڇا عدم مساوات اهڙي نعمت آهي جنهن جي بغير انسانيت تنزل جي ڏهڙ ۾ ئي ڦاسي سگهي ٿي؟ پر مارڪسزم ڪڏهن به انفرادي مساوات جي امڪان ۽ ان جي ضرورت تي زور نه ٿو ڏئي، ان ته هميشه سماجي عدم مساوات جي مخالفت ڪئي آهي ۽ صرف ان تي اصرار ڪيو آهي ته سيني انسانن کي ترقي جي لاءِ هڪ جيترا موقعا حاصل هجڻ گهرجن.

ڇا ائين ته ڪونهي ته انسان جي فطرت جي ڪنهن پهلوءَ جون پاڙون گناهه اول ۾ پيوسته هجن! پر پيدائشي طور تي انسان نه ته نيڪ آهي ۽ نه بد، سماج جي اندر ان جو صرف هڪ پهلو ڪونهي هوندو. اهو نيڪ آهي ته انسان فرشتو به ڪونهي ۽ ڪڏهن ٿي به نه ٿو سگهي. ان جي هميشه اها خواهش رهي آهي ته سندس مادي گهرجون پوريون ٿين. پر آخر ان کي برائيءَ جي جڙ چو ٿو قرار ڏنو وڃي؟ اها رهبانيت ڪانهي بلڪ مادي

ضرورتن جي تسڪين آهي جيڪا انساني خوشي جو سرچشمو هجي ٿي، پر ان جو مطلب صرف مادي تسڪين بہ ڪونهي.

اِها انسان جي فطرت ڪانهي بلڪ سماج آهي جيڪو ناقص آهي. ان ڪري جو اهوئي سماج انسان جي جبلتن ۽ شر جي جذبن کي اياري ٿو ۽ ان جي فطرت کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري ٿو. اها ڳالهہ تاريخ جي جدليات کي ڏکيو بنائي ڇڏي ٿي جو نئون سماج اهڙن ماڻهن جي هٿان اڏجي ٿو جيڪي حرارت خاني ۾ نہ بلڪ پراڻي سماج ۾ پروان چڙهيا آهن. مارڪس ازم اهو ثابت ڪري چڪو آهي تہ انسان جڏهن آس پاس جي شين کي بدلائي ٿو تہ هو پاڻ بہ تبديل ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو انسان جي نام نهاد فطرت همالیہ جبل ڪانهي جيڪا نئين سماج جي تعمير ۾ رڪاوٽ بڻجي.

۽ ٻيا اعتراض ڪهڙا آهن؟ ڇا عالمي نيوڪليائي جنگ سان تهذيب جي ختم ٿيڻ جو خطرو آهي؟ بيشڪ اهو خطرو موجود آهي پر ان جو سرچشمو اشتراڪيت نہ بلڪ سامراج آهي ڇو تہ سماجي نظام جي حيثيت سان اهو پنهنجي طبعي عمر کائي چڪو آهي ۽ اهو جنگين کي جنم ڏئي ٿو. تنهن ڪري سامراج بينڪيتي نظام ۽ نئين بينڪيتي نظام جي خلاف، ۽ امن ۽ اشتراڪيت جي خاطر جدوجهد، تباهہ ڪندڙ نيو ڪليائي جنگ جو خطرو تاريخ جي جدوجهد سان اچي ملي ٿي. ان ئي خيال جو اظهار ماسڪو ۾ 1969ع ۾ ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي بين الاقوامي اجلاس ۽ سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي 24هين ڪانگريس ۾ ڪيو.

استحصال ۽ ظلم جو نظام، طبقا، سماجي گروهہ، ۽ پرت، جن کي ان نظام کي برقرار رکڻ ۾ دلچسپي آهي، يعني سامراجي نظام جا حڪمران طبقا ۽ ان جون سيئي رجعت پرست ۽ اجاريدار قوتون ڪميونزم ڏانهن انسانيت جي پيش قدمي جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن. اهوئي سبب آهي جو نئون سماج صرف طبقاتي جدوجهد جي ذريعي ئي ايري سگهي ٿو. تارن ڏانهن انسانيت جي شاهراهہ واقعي ڪنڊن سان پريل آهي. ان جدوجهد ۾ ڪميونزم جا خيال منور ۽ بلند و برتر آهن، اهي اهڙو نور جو مينار آهن جيڪي مستقبل جي راهہ کي روشن ڪن ٿا ۽ انهن جي امڪانن جا دروازا

کولين ٿا. ان نصب العين کي کاڻ شيءِ ڪمزور نہ ٿي ڪري سگھي. جرمن شاعر هيئني پنهنجي هڪ نظم "ڊوچ لانڊ" ۾ لکيو هو تہ:

اسان هتي هن ڏرتيءَ تي
جنتن جي تعمير ڪرڻ گھرون ٿا.

ڪميونزم ڪليسائي بهشت ڪونهي جتي مادي جسم کان محروم عورتون ۽ مرد ملائڪن وارين نيڪين سان پُر هجن. اها ماٺهن جي هڪ سماجي تنظيم آهي جيڪا خود انسان، جي خدمت ڪري ٿي.

اسان ڏسي چڪا آهيون تہ انسانيت پنهنجي ارتقا ۾ هڪ ڏگھي ۽ ناهموار راهہ طئي ڪئي آهي. تاريخي عمل جي پهرين منزل، قديم پنچائتي تشڪيل ۾ حيواني دنيا مان انسان ايريو ۽ پنهنجي سماجي ترقيءَ جون لازمي ضرورتون پوريون ڪيون. ابتدائي سماج ۾ ئي انسان پنهنجي فطري حالت کان ٻاهر نڪتو ۽ پهريون پيرو پنهنجي پيرن تي بيٺو.

تضاد رکندڙ تشڪيلن جي ارتقا ڪانپوءِ سائنس ۽ مادي پيداوار هڪ اهڙي سطح تي پهچي وئي جڏهن انسان فطرت جي قوتن کان ڪم وٺي سگھيو. تاريخ جي ٽين منزل، ڪميونسٽ تشڪيل جي ذميواري اها آهي تہ انسان پنهنجي سماجي لاڳاپن جو حڪمران ٿئي ٽو ۽ مادي ۽ روحاني پيداوار جي بلند ارتقا جي ۽ دوستاڻي تعاون جي اجتماعي لاڳاپن جي ترقيءَ جي بنياد تي پنهنجو پاڻ کي گھڙ پاسائين ۽ پورو انسان وانگر پختو ڪري ٽو. انسانيت جي اصلي تاريخ ڪميونسٽ تشڪيل وجود ۾ اچڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿي ڇو تہ انسانيت نہ تہ فطرت جي غلام رهي ٿي ۽ نہ خود پنهنجي قائم ڪيل سماجي لاڳاپن جي باندي.

تاريخ جو سائنسي تصور ٻڌائي ٿو تہ اها هڪ اهڙي چڑپر آهي جنهن ۾ هر قدم اڳتي کڄي ٿو. ابتدائي صورتن کان بلندتر صورتن تائين هڪ مسلسل عبور آهي ۽ هاڻي انسانيت هڪ اهڙي بلندتر منزل تي پهچي وئي آهي جو ڪميونسٽ تشڪيل جي حالتن ۾ گھڙ پاسائين ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ان اڳيان عظيم شاهراهون کولي رهي آهي. اهو آهي، عالمي تاريخ جو خارجي منطق.

اسان عالمي تاريخ جي ارتقا جي عام راهہ تي ان حد تائين بحث

ڪيو آهي جنهن حد تائين مادي پيداوار جي ارتقا جا ضابطا ان ڪي مقرر ڪن ٿا. پر ان جو اهو مطلب ڪونهي ته اسان تاريخي عمل جي هر نقطي تي سماجي ارتقا جي تشريح ڪري چڏي. تاريخ ڏاڍي گوناگون آهي چو ته ان ۾ وڏي تعداد ۾ اهڙا عنصر ڪم ڪن ٿا جيڪي تاريخي عمل کي گهڻ پاسائون بنائي چڏين ٿا. تنهن ڪري ان کي هڪ سڌي ليڪ وانگر نه ڏسڻ گهرجي. تاريخي ارتقا ڪيترن ئي جزن جو نتيجو آهي ۽ تاريخ کي سمجهڻ جي لاءِ انهن سيني ضروري عنصر قوتن کي نظر ۾ رکڻ لازمي آهي جيڪي تاريخي عمل ۾ پاڻ ۾ هڪ بئي تي اثرانداز ٿين ٿا. تاريخ مادیت جو مطالعو ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو فراهم ڪري ٿي. تنهن ڪري اها نه صرف عالمي تاريخ ۾ ربط ۽ مجموعي طور تي ارتقا جو رخ ڏيکاري ٿي بلڪ ان جي گهڻ رخو هجڻ جو علم حاصل ڪرڻ جو رستو به ٻڌائي ٿي. مارڪسزم جي بانين تاريخي مادیت کي اٽپورو بنائڻ ۽ ان جي قولن کي پراڻن ۽ گنل جملن ۾ تبديل ڪري تاريخ ۾ چنبڙائڻ ۽ انهن کي حقيقتن جي مطالعي جي جاءِ ڏيڻ جي خطري کان هميشه آگاهه ڪيو. يوزيف بلوخ جي نالي پنهنجي هڪ خط 22-21 سيپٽمبر 1890ع ۾ ان سلسلي ۾ اينگلس لکيو:

"تاريخ جي مادي تصور مطابق تاريخ ۾ قطعي طور مقرر ڪرڻ وارو عنصر اصلي زندگيءَ جو پيدا ٿيڻ ۽ نئين سر پيدا ٿيڻ آهي. ان کان وڌيڪ نه ته مارڪس ۽ نه مون ڪو اصرار ڪيو. جيڪڏهن ڪو شخص ان ڳالهه کي ٽوڙي مروڙي اهو چوڻ لڳي ته صرف معاشي عنصر ئي مقرر ڪرڻ وارو عنصر آهي ته هو ان قول کي بي معنيٰ، هوائي، بي مطلب جملي ۾ تبديل ڪري چڏي ٿو." ان کانپوءِ ان ئي خط ۾ اينگلس لکيو ته ارتقا جي راهه ۽ ان جي شڪل تي مٿين ڏانچي جا مختلف پاسا، خيال وغيره اثرانداز ٿين ٿا ۽ ان کي مقرر ڪن ٿا. جيڪڏهن ان تاريخي عمل کي نظر ۾ رکڻ جي ضرورت نه هجي ها ته انفاقي عنصرن جو اهو عظيم انبوهه جنهن مان سماج کي گذرڻو پوي ٿو ته "تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ نظريو لاڳو ڪرڻ انتهائي سادو ۽ رياضيءَ جي حساب جي حل کان وڌيڪ آسان هجي ها."

انفرادي ملڪ جي تاريخ جي راهه ۽ خصوصيتون اصل طبقاتي لاڳاپا، داخلي عنصر ۽ سڀ کان پهرين سياست ۽ نظرئي جي اثرپذيري جي

مطالعي کانسواءِ نہ ٿا سمجهي سگهجن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته تاريخ جي حرڪت جي عظيم پيچيدگي کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ اهو سمجهڻ جي بہ ته تاريخي مادیت جو طريقو مطالبو ڪري ٿو ته واقعن کي بگاڙي ڪن عام قولن سان سنوار ڪرڻ بدران انهن کي سماجي حقيقت جو تجزيو ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

ته پوءِ ڪهڙي شيءِ عالمي تاريخ کي گهڻ رخو بڻائي ٿي؟ جڳهہ جي قلت جي ڪري اسين ان سوال جو جواب هڪ پيرو وري جاگرافيائي ماحول جي اثر کي ٿا ونون. تاريخ جي تشريح ڪرڻ وقت اهو صحيح نہ ٿيندو ته اسان جاگرافيائي ماحول کي وساري ڇڏيون، بلڪ اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ته اهو پنهنجو اصلي اثر ڪيئن ٿو وجهي. جاگرافيائي ماحول بيشڪ هڪ اهڙو عنصر آهي جنهن جي ڪري عالمي تاريخ جي راهہ غير هموار رهي آهي، ان معنيٰ ۾ ته ڪن ملڪن ترقي ڪئي ۽ ڪي پوئتي رهجي ويا. پر ان اثر کي قطعي قرار نہ ٿو ڏيئي سگهجي، ڇو ته سماجي حالتون ان کي وڌرو بنائين ٿيون. هر قوم ان جي جاگرافيائي حالت کڻي ڪهڙي بہ هجي، مخصوص سماجي حالتن ۾ رهي ٿي ۽ انهن کان متاثر ٿئي ٿي. تاريخي ماحول انتهائي گوناگون اثرن جو سرچشمو ٿي سگهي ٿو. جنگين ۽ فتحن کان وٺي ميل جول جي مختلف صورتن تائين. معيشت کان وٺي آئيڊيالوجي تائين ان جو اثر سماجي زندگي جي هر پاسي تي پهچي سگهي ٿو. انتهائي مختلف ماڻهن جي عمل تي غور ڪيو جيڪي تاريخي ارتقا جي هڪ يا الڳ الڳ سطح تي سگهن ٿا. اسان جي دور ۾ اسان سماجي ارتقا جي مختلف سطحن وارن ماڻهن جي درميان گڏيل بقا جي وجود ۽ باهمي اثر کي ڏسي سگهون ٿا، جن جو تعلق قبائلي نظام کان وٺي اشتراڪيت تائين آهي. اهو بہ هڪ اهڙو عنصر آهي جيڪو اسان جي دور ۾ سماجي مسئلن کي گهڻ رخو بڻائي ڇڏي ٿو.

مختلف ماڻهن جي تاريخ جي مخصوص خصوصيتن جو اظهار انهن جي ثقافت جي مخصوص خصوصيتن مان ٿئي ٿو ۽ اهي ثقافت ۾ ئي محفوظ رهن ٿا. تاريخي مادیت جي روشني ۾ اشپينگر جو اهو خيال ته ثقافتون بند ۽ مڪمل طور تي هڪ ٻئي کان آزاد آهن، عالمي تاريخ جي پاڻ ۾ لاڳاپي ڪام

انکار ڪري ٿو ۽ ڪمزور آهي. ان ڪري نہ صرف قومي ثقافتن جي، بلڪ سڄن سڄن علائقن جي ثقافت جي خصوصيتن کان انکار ڪرڻ بہ غلط ٿيندو. مثلاً يورپ ۽ ايشيا جي ثقافتن ۾ ڪيئي گڏيل ڳالهيون آهن، پر انهن جون پنهنجون پنهنجون واضح خصوصيتون بہ آهن. انهن خصوصيتن کي انهن ملکن ۽ براعظمن جي ماڻهن جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ وقت نظر ۾ رکڻ گهرجي. فردن، ملکن يا ملکن جي گروپن جي تاريخ جي خصوصيتن کي سمجهڻ جي لاءِ تصوراتي اثر بہ وڏي اهميت رکن ٿا. مثال طور يورپ ۽ آمريڪا جي تاريخ ۾ عيسائيت جو ڦهلجڻ هڪ اهم تاريخي عنصر هو. وري بعد ۾ انقلابي مزدور تحريڪ مارڪسي نظرئي جي اشاعت جي لاءِ رستو هموار ڪيو جيڪو جديد تاريخ جي پوري راهہ تي اثر وجهي رهيو آهي.

انهن ئي حقيقتن جي ڪري عالمي تاريخ جي راهہ بيشمار واقعن سان ڀري پئي آهي. تاريخي عمل ۾ ماڻهو ڪي وحدت ۽ گونا گون ارتقا جي رهبراڻن رحجانن ۽ گوناگون طريقن، جن ڪي مختلف ماڻهن اختيار ڪيو، ارتقا جي عام قانونن ۽ انفرادي ملکن جي مخصوص سڃاڻپ ٻنهي ڪي نظر ۾ رکڻ گهرجي. انهن سيني پهلوئن کي، ڪنهن هڪ پهلو جي اهميت وڌائي يا گهٽ ڪري نہ بلڪ ان جي جدليااتي ڳانڍاپي ۾ ڏسڻ گهرجي.

عالمي پئماتي سرمائيداري کان ڪميونزم ڏانهن سفر جديد دور جو اولين رحجان ۽ ان جو مافيها آهي. ارتقا جي ان راهہ جو خاص نتيجو اهو آهي جو هاڻي اسان جي ڏرتيءَ جي گولي تي اشتراڪيت جا پير مضبوطيءَ سان جمي ويا آهن. هن سرزمين تي دنيا جي ڪابہ طاقت تاريخ جي ان ڌارا کي واپس نہ ٿي ورائي سگهي اشتراڪيت جو مستقبل آهي، ڪميونزم ۽ انسانيت جي وڌيڪ ترقي جو بنياد غور لائق ڳالهہ اها آهي تہ پيداواري ذريعن ۾ ڪميونسٽ ملڪيت جو قيام انسانيت جي لاءِ عملي طور تي ملڪيت جي مسئلي کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، جو تہ پيداواري ذريعن ۾ صرف عوامي ملڪيت ئي پيداواري قوتن جي مناسب صورت آهي، جن جو ڪردار اجتماعي هجي ٿو. ان سان پيداواري قوتن کي ترقي جا،لامحدود امڪان ملن ٿا. تنهن ڪري بلڪل قدرتي طور تي هاڻي انسانيت جي وڌيڪ ارتقا جو تاريخي عمل سماجي معاشي تشڪيلن جو تسلسل نہ ٿو رهي جيڪي هڪ

ٻئي کان ملکيت جي لحاظ کان مختلف هجن. پر ان جو مطلب اهو به کونهي ته مستقبل جو سماج پنهنجي ارتقا ۾ ڪيفيتي لحاظ کان ٻين مخصوص مرحلن مان نه گذرندو. خاص ڳالهه اها آهي ته اهي مرحلا هڪ ٻئي کان ملکيت جي شڪل جي لحاظ سان نه پر ٻين خارجي معيارن جي اعتبار کان مختلف هوندا.

جڏهن سڃي ڏرتيءَ تي سماجي تضاد ختم ڪيا ويندا تڏهن انسان پنهنجي توانائي، قوتون ۽ ڏاهپ سهيڑيندا ۽ گڏ ڪندا ته جيئن فطرت جو مڪمل علم حاصل ڪري ۽ ان کي انسان جي گهڙ پاسائين ترقيءَ جي لاءِ پنهنجي ماتحت ڪري جون ذميواريون انجام ڏيئي سگهن ۽ اهي ذميواريون آزاد سماج ۾ آزاد انسان ئي انجام ڏيئي سگهن ٿا.

باب پنجون
سماج ۽ ثقافت

ثقافت چا آهي؟

پوين بابن ۾ اسان سماج تي بحيثيت هڪ مربوطو پر اندروني طور ورهايل سماج جي اجتماعي هيئيت سان بحث ڪيو آهي ۽ ان ڪري ئي سماجي مظهرن جي لاڳاپن، ادارن، تنظيمن، سماجي گروهن ۽ مادي ۽ روحاني عنصرن جو هڪ مخصوص نظام نظر آيو. اسان ان نظام جي ڄاڻچي، ان جي عنصرن جي پاڻ ۾ تعلق ۽ ان جي ارتقا جي خاص ضابطن تي روشني وڌي.

هاڻي اسان سماج ۽ ثقافت تي ڏيان ڏيڻ گهرون ٿا. انهن ٻنهي ۾ ايترو گهرو تعلق ڇو آهي؟ آخر چا ثقافت اهڙي شيءِ آهي جيڪا سماج کان ٻاهر آهي؟ ظاهر آهي ايئن ڪونهي، ثقافت جو وجود سماج ۾ هجي ٿو. سماج کان ٻاهر يعني انسان کان پهرين ۽ ان کانسواءِ کا ثقافت ڪانهي رهي. گڏوگڏ سماج جو تصور انتهائي وسيع آهي ۽ جسامت جي لحاظ کان ان جو مقابلو سماج جي تصور سان ڪري سگهجي ٿو. ڇو ته جيڪڏهن اسان سماجي زندگي ۽ سرگرمي جو ڪوبه شعبو ونون اتي اسان کي ثقافت جا ڪي عنصر ضرور ملندا. اهوئي سبب آهي جو عام نظرياتي اصطلاحن ۾ ثقافت جو تجزيو ڪرڻ ۽ سماجي انسان جي بنيادي سرگرمي ۾ ان جو ڪردار سمجهڻ جي لاءِ ثقافت جي سماج سان پيٽ ڪرڻ ضروري آهي.

ته پوءِ ثقافت چا آهي؟ ۽ ثقافت ۽ سماج ۾ ڪهڙو رشتو آهي؟ مارڪسين ۽ غير مارڪسين ٻنهي هن اهم موضوع تي قلم کنيو آهي. ثقافت جون بيشمار وصفون موجود آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته انهن جو تعداد گهٽ۾ گهٽ 160 (1) تائين پهچي ٿو. ان جو سبب ظاهر آهي،

1. A. Kroeber and C. Luckhon, Culture. A Critical review of Concepts and Definition, Cambridge (Mass), 1952

صرف اها حقيقت ڪانهي تہ ثقافت هڪ انتهائي پيچيده ۽ غير مُعَيَنُ اظهار آهي بلڪ اهو به تہ روزمرهہ جي زندگي ۾ ۽ مختلف سائنسن ۾، علم الانسان، علم الاقوام، نفسيات، لسانيات، تاريخ ۽ عمرانيات ۾ ثقافت جا ڪيئي پاسا ايستائين جو ان جا ڪي ئي عنصر ملن ٿا. تنهن ڪري ثقافت جون مختلف وصفون در حقيقت ۾ تمام گھڻين مختلف ڳالهين سان بحث ڪن ٿيون. تنهن ڪري اهم ڳالهہ اهو طئي ڪرڻ آهي تہ ثقافت ڇا آهي؟ ۽ ان جي وصف جا اصول مرتب ڪرڻ آهي.

ڪي ماڻهو ثقافت جي عام تصور کي مرتب ڪرڻ جي ضرورت کان انڪار ڪندا ۽ اهو جواز پيش ڪندا آهن تہ اهو لفظ تہ هر ننڍي وڏي جي زبان تي آهي، يا وري اهو تہ ان جي تصور کي سائنس جي مخصوص شاخن ۾ ئي استعمال ڪيو وڃي ٿو. پر اسين ڄاڻون ٿا تہ سماجي عمل ثقافت جي مسئلن کي انتهائي اهم سماجي مسئلن جي حيثيت سان ڪنهن نہ ڪنهن مشڪل ۾ لڳاتار منظرعام تي آڻي ٿو ۽ انهن کي شديد نظرياتي جدوجهد جا سوال بڻائي ڇڏي ٿو. انهن ملڪن ۾ ثقافتي انقلاب جي ضرورت کي ئي ونو جيڪي اشتراکي تعمير جي راهہ تي هلي رهيا آهن ۽ انهن مسئلن کي به جيڪي ان مان پيدا ٿين ٿا، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومن جو طاقتور Vigorious تاريخي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ به نظر ۾ رکو جن مان هر هڪ جي پنهنجي مخصوص ثقافت آهي ۽ ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن ۾ "وسيع ترسماج" ۽ "وسيع تر ثقافت" جهڙن منجهيل ۽ هڪئي جي ابتڙ مسئلن کي به آڏو رُکو وغيره. انهن سمورن ڳالهين مان اها ڳالهہ بلڪل واضح ٿي وڃي ٿي تہ مارڪسي سماجي سائنس جي لاءِ ثقافت جهڙي مظهر جي خاص مطالعي جي ضرورت آهي. ثقافت جي تصور کي سماجي تصورن جي نظام ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين ڪرڻ به گهرجي ڇو تہ اها، انهن نمونن مان هڪ آهي جيڪي انساني سرگرميءَ جو مطالعو ڪرڻ ۾ ۽ مختلف سماجي نظامن جي عمل ۽ ارتقا جي مطالعي ۾ سماجي سائنس جي مدد ڪن ٿا.

ثقافت هڪ اهڙو تصور آهي جنهن جي ابتدا ان وقت ٿي جڏهن انساني سرگرمي جي پيداوار (Agriculture) اصلي فطرت کان الڳ ۽ ممتاز

ٿي وئي. پوکيل (Cultured) ٻوٽو اهو هو جنهن کي انسان جي تخليقي سرگرميءَ تبديل ڪيو هو. پوکي ڪيل زمين اها زمين هئي جنهن کي انسان هَرُ ڏيئي آباد ڪيو هو. ثقافتي ماڻهو اها فطري هستي هو جنهن کي تعليم تبديل ڪري ڇڏيو. ان منزل تي سيني شين کي ٻن قسمن ۾ ورهائڻ جو طريقو پيدا ٿيو. فطري اظهار ۽ ثقافتي اظهار ۽ اهو ان ڳالهه جو بنياد بڻيو ته اسان کي "ثقافت" جو تصور "سماج" جي تصور جي مترادف نظر اچي ٿو ۽ ان خيال جو به ته ثقافت انسان جي زندگيءَ جي طريقي جي انتهائي ممتاز خصوصيت آهي. ڪروئيبر ۽ پارسونس لکن ٿا ته: علم الانسان ۽ عمرانيات جي ماهرن جي اهم تصنيفن ۾ خصوصاً انهن علمن جي تشڪيلي دور ۾ "ثقافت" ۽ "سماج" اصطلاحن کي اهڙي طرح استعمال ڪيو ويو ٿو جو ان جي معنائن ۾ نسبتاً گهٽ فرق رهجي ويو ٿو" (2)

جيئن ته مظهرن جي انهن ٻن قسمن ۾ فرق فطري ۽ پاڻ هُر تي عمل ۽ انهن عملن جي اثرن ۾ تضاد آهي جيڪي باشعور تخليقي ۽ بامقصد انساني سرگرميءَ جو نتيجو هجن ٿا، تنهن ڪري سماج کي پنهنجي اظهار جي سيني صورتن ۽ نتيجن جي اعتبار کان ثقافت جي تاريخ جي ئي هڪ سادي پڃاڻي، انساني روحاني سرگرميءَ جو نتيجو هجن ٿا، تنهن ڪري سماج کي پنهنجي اظهار جي سمورين صورتن ۽ نتيجن جي اعتبار کان ثقافت جي تاريخ جي سادي پڃاڻي انسان جي روحاني سرگرمي جي تاريخ جي پڃاڻي ميجي وئي. مادي ثقافت ۽ ان جي يادگارن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو يا گهٽ، اهو نقطه نظر جيڪو نام نهاد "ثقافتي تاريخ جي خيال" يعني "ثقافتي علم الانسان" جي مڪتب جي ۽ ان جي مختلف تشريحن جي خصوصيت آهي. تاريخ جي تصوريت پرست خيال جي هڪ بدليل صورت آهي. ان جي بنياد تي ريڪيرت سموري سائنسن کي فطرت جي سائنسن ۽ ثقافت جي سائنسن ۾ ورهائي ٿو ۽ ان ئي بنياد تي انساني تاريخ کي مقامي، هڪ ٻئي کان الڳ ثقافت ۽ تمدن جي تاريخ تصور ڪري ٿو.

اسين سمجهون ٿا ته "ثقافت، جو روزمره جو سائنسي استعمال انهن

2. A. Kroeber and Parsons, The Concepts of Culture of Social system, American Sociological Review, Vol: 23, No. 5 New York, October, 1958, P- 582.

معنائن ۾ ته اها فطرتي مظهرن جي ابتڙ تخليقي انساني سرگرمي جو مجموعي نتيجو آهي بلڪل حق بجانب آهي، ليڪن ان شرط تي ته ان کي فطرت ۽ سماج کي هڪ ٻئي جي سامهون لاءِ ايئن استعمال نه ڪيو ويڇي جو اول الذڪر مادیت پسند ۽ آخرالذڪر تصوريت پسند نظر اچي.

پر ثقافت جو اهو تصور انتهائي عام ۽ مجرد آهي ۽ عمرانيات جي لاءِ صريحاً ناڪافي آهي، جيڪا مختلف سماجن جي ڪارڪردگي ۽ ان جي ارتقا جو مطالعو ڪري ٿي. ان مان اها ضرورت پيدا ٿئي ٿي ته ثقافت کي سماج سان گڏ ان جي لاڳاپي جي حالت ۾ ڏنو ويڇي، يعني ثقافت ۾ نه صرف فطرت بلڪ خود سماج کان به فرق (Distraction) ڪيو ويڇي ته جيئن اهو واضح ٿي ويڇي ته "ثقافت" جي تصور ۾ ڪهڙا ڪهڙا پهلو سماج جي سرگرميءَ جي لاءِ اهم آهن. تنهن ڪري ڪن ماڻهن مشورو ڏنو آهي ته ثقافت جي وسيع ۽ محدود معنيٰ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. آخرالذڪر مان مراد آهي روحاني تخليقي سرگرمي (سائنسي ۽ آرٽ وغيره) ان جا نتيجا ۽ عوام ۾ ان جو ڦهلجڻ. ثقافت جي اها وصف ان کي ثقافت جي ان وسيع وصف کان ممتاز بنائي ٿي جيڪا مٿي بيان ڪئي وئي آهي جنهن ۾ انساني سرگرمي جا سمورا نتيجا مادي ۽ روحاني ٻئي ثقافت ۾ شامل آهن. روحاني ثقافت کي مادي ثقافت کان جدا ڪرڻ جو ڪافي جواز آهي. ان خيال کي وسيع طور تي قبول ڪيو ويڇي ٿو ته اهي مسئلا جن جو سرچشمو ثقافت آهي دراصل روحاني ثقافت (ثقافت جو محدود تصور) جي ارتقا مان پيدا ٿين ٿا. پر توڙي جو اهو خيال ثقافت جي چند پهلوئن جو اظهار ڪري ٿو پوءِ به ان ۾ ثقافت جي وسيع تصور جي پيٽ ۾ ڪمزوريون آهن. حقيقت ۾ هڪ لحاظ کان مادي ۽ روحاني ثقافت ۾ فرق رڳو اضافي آهي. آخرڪار هر مادي شيءِ، جنهن کي انسان ٺاهي ٿو، پهرين خيال جي صورت ۾ يعني انسان جي روحاني تخليق جي صورت ۾ هجي ٿي. روحاني تخليقي عمل انسان جي سرگرميءَ جو هڪ لازمي جزو آهي. مارڪس لکيو آهي ته فطرت انجڻيون، زرعي مشينون يا ريلون تيار ڪانه ٿي ڪري. اهي سڀ شيون انسان جي ڪارسازي، ان جي هٿن ۽ دماغ جي پيداوار آهن ۽ اهي انسان جي علم، تجربي ۽ تخليقي قوت جي مادي شڪل آهن. ان کان علاوه سماجي اعتبار

کان اهم هجڻ جي لاءِ هر خيال کي مادي شڪل ۾ عملي زبان، ڪتاب، تصوير ۽ مشين وغيره جي صورت ۾ اڇڻ گهرجي. صرف ان خيال مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته ثقافت جي ماهيت کي روحاني ثقافت تائين محدود رکڻ ناڪافي آهي. ڇا اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته جيڪڏهن هڪ فنڪار تصوير ناهي ٿو ته هو ثقافت تخليق ڪري ٿو پر جڏهن ڪو انجنيئر مشين تيار ڪري ٿو ته ان جو ثقافت سان واسطو نه ٿو هجي؟ ان کان علاوه جيڪڏهن تهذيب جو مطلب صرف روحاني سرگرمي ۽ ان جا نتيجا "روحاني ثقافت" آهن ته پوءِ ان جي بنيادي معنيٰ "سماج جي روحاني زندگي" جي تصور کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه ٿو ٿي سگهي. ان صورت ۾ هن اصطلاح کي پرمعنيٰ طريقي سان صرف روحاني سرگرمي جي صورتن ۽ اُسلوبن جي گوناگونين انهن جي نتيجن جي اشاعت وغيره جي خاصيت بيان ڪرڻ جي لاءِ ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

جيئن ته هر سالم پنهنجي حصن جي سادن مجموعن کان وڌيڪ هجي ٿو، تنهن ڪري انهن لاءِ مرڪب تصور رکڻ فائديمند آهي، خاص طور تي ان ڪري جو انهن جي ذريعي مربوط شيءِ جي حيثيت سان ڏورانهين سماجي تصور ۾ ۽ ان شيءِ جي هڪ جُز جي حيثيت سان ثقافت جي تصور ۾، جيڪا هڪ مقرر ڪيل دور جي سماجي شعور جي ارتقا ظاهر ڪري ٿي، فرق ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اسان جي خيال ۾ ثقافت جي تصور کي روحاني ثقافت تائين محدود رکڻ درست ڪونهي ۽ اسين ان تي زور ڏيندا آهيون ته ٻنهي مادي ۽ روحاني ثقافتن جا ڪارناما جيئن ته انساني سرگرمي جو نتيجو هوندا آهن تنهن ڪري انهن ۾ گڏيل پهلو آهن. ان جي باوجود اسين ڪنهن به لحاظ کان اهو نه ٿا ميجون ته مادي ۽ روحاني پيداوار ۾ فرق ڪرڻ فضول آهي. تنهن ڪري پيداواري ذريعا جيڪي مادي ثقافت جي پيداوار آهن تن جي ضابطن جا پابند رهن ٿا ۽ پيداواري قوتن جي اهم سماجي ذميواري به انجام ڏين ٿا جيڪي سماج جي پوري سماجي ڍانچي جو بنياد آهن. پيداواري ذريعن ۽ مادي ثقافت جي بين عنصرن (محنت جا اوزار، عمارتون، لباس وغيره) جي استعمال يعني "تصرف جو نتيجو پراڻي هئڻ واري حالت يا ان

جي طبعياتي ڪيميائي يا توانياتي تبديلي ۾ هجي ٿو جيئن غذا جي معاملي ۾. اهوئي سبب آهي جو جيڪڏهن سماج کي زنده رهڻو آهي تہ ان کي مسلسل نئين سر پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. يعني سماجي انسان لاءِ مادي پيداواري سرگرميءَ جي مسلسل ضرورت آهي.

روحاني پيداوار جي نتيجن جي ڳالهہ ٻي آهي. جيڪڏهن فطرت جو ڪو قانون هڪ دفعو دريافت ڪيو ويجي تہ اهو سماج جي ملڪيت بنجي ويجي ٿو ۽ ڪم اچڻ تي خرچ يا ختم نہ ٿو ٿئي بلڪ ان کي هر هر استعمال ڪري سگهجي ٿو. هڪ دفعو جڏهن ڪو ڪتاب سماج جي ملڪيت بنجي ويجي ٿو تہ ان کي لاتعداد دفعا ڪم" ۾ آڻي سگهجي ٿو (ڪتاب صرف مادي شيءِ جي حيثيت سان پراڻو ٿئي ٿو) بشرطيڪ اهو پڙهندڙن جي لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو رهي، يعني اهو دقيانوس نہ ٿي ويو هجي ۽ ثقافتي ضرورتون پوريون ڪندو رهي.

ان ڪري اهم سماج اندر مادي ۽ روحاني سرگرمي جي نتيجن جي اشاعت ورچ ۽ ڪم ۾ آڻڻ جو علم ڏسون ٿا. پر ڪم ۾ اچڻ جي لاءِ مادي نتيجن کي مسلسل نئين سر پيدا ٿيڻ گهرجي. جديد سماج ۾ انهن کي منڊيءَ جي ذريعي جنسن جي متاستا جي صورت ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ اهي ڪم ۾ اچي يا تہ پراڻا يا وري بلڪل اڻلڀ ٿي وڃن ٿا.

روحاني پيداوار جي تخليق جي حيثيت عجيب و غريب آهي (اشاعت جو تعداد هڪ الڳ مسئلو آهي). جڏهن ماڻهو ثقافت جي لاڳاپيل "اصطلاحن" تي عبور حاصل ڪن ٿا، تڏهن تعليمي نظام ۽ علم جي. ذريعي ان جي ورچ ٿئي ٿي ۽ اهي استعمال ٿيڻ ڪانپوءِ غائب نہ ٿا ٿي وڃن. اهو صحيح آهي تہ بورجوازي روحاني پيداوار کي بہ سرمائيداري قانونن جي ماتحت رکڻ گهري ٿو، پر هو ان ۾ جزوي طور تي ڪامياب رهيو آهي ڇو تہ ان پيداوار جي نوعيت بورجوازيءَ جي ڪوششن جي مزاحمت ڪري ٿي. روحاني تخليق جي ممتاز خصوصيت اها آهي تہ ان جي ظاهري مادي شڪل ان ڪري ئي اهميت واري آهي جو اها پنهنجي روحاني ماهيت جو اظهار آهي جنهن کي ٻيو ماڻهو سمجهي ۽ ذهن نشين ڪري سگهي ٿو.

طبقاتي سماج جي روحاني پيداوار طبقن جي تضاد جي عڪاسي

ڪري ٿي ۽ ثقافت جي خيالي ماهيت کي طبقاتي ڪردار عطا ڪري ٿي. ثقافت اهو شعبو آهي جنهن ۾ سماجي تجربو، علم وغيره هڪ نسل کان ٻئي نسل کي ملي ٿو، يعني ان ۾ "سماجي معلومات" گڏ ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح ثقافت وڌندي ويجهندي رهي ٿي ۽ نوان ثقافتي قدر ايرن ٿا. منتقل ٿيڻ جي طريقي جو انحصار تاريخي حالتن، سماجي ترقيءَ جي سطح ۽ مختلف طبقن جي مفادن تي هجي ٿو، پر سدائين ان جو تعلق ثقافت جي قدرن ۽ انسان جي وابستگي سان آهي.

انهن وصفن سان ثقافت جو خارجي پهلو نمايان ٿئي ٿو ۽ اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته ثقافت سماج ۾ مادي ۽ روحاني قدرن جو طئي ڪيل مجموعو، اهڙو مادي ۽ روحاني ماحول آهي جنهن ۾ ماڻهو رهن ٿا ۽ عمل ڪن ٿا.

پر ثقافت جي حقيقت نه ته ثقافت جي اهڙي سمجهاڻي پوريءَ ريت بيان ٿي سگهي ٿي جيڪا ان سان سرگرمي (مادي ۽ روحاني بنهي) کي تخليق جو مجموعو قرار ڏيندي هجي، جنهن کي سماجي انجمن قبول ڪيو هجي ۽ ايندڙ نسلن جي حوالي ڪيو ويو هجي ۽ ان جي اهڙي سمجهاڻي سان جيڪا ان کي تاريخي طور تي چونڊي ۽ موروثي خيالن ۽ لاڳاپيل قدرن جو مجموعو سمجهندي هجي، حالانڪ انهن مان هر هڪ ثقافت جي حقيقي پهلوءَ جي عڪاسي ڪري ٿي.

فطري مظهرن جي پيٽ ۾ ثقافت جو نه صرف هڪ خاص خارجي شيءِ بلڪ خاص طور تي ثقافت جي حيثيت سان به صرف انسان ۽ ان جي مادي سرگرميءَ جي تعلق سان ئي وجود قائم رهي ٿو سگهي، اهو ئي سبب آهي جو ثقافت هميشه ڪم ڪرڻ واري جي خاصيت سان منسلڪ هوندي آهي. انسان مادي ۽ روحاني تخليقن ۾ پنهنجي روحاني سرگرمين جي نتيجن جو (تز روپ ۾) اظهار ڪري ثقافت کي جنم ڏئي ٿو ۽ انسان ئي ان جي مطالعي دوران تز صورت کي نظرانداز ڪري ان جي روحانيت کي پنهنجي لاءِ سمجهڻ لائق بنائي جذب ڪري وڻي ٿو. سماج ۾ اسان کي نه صرف تخليق جو مسلسل عمل ڏسڻ ۾ اچي ٿو بلڪ ثقافت کي جذب ڪرڻ جو عمل انسان ۽ ثقافت بنهي جي عمل جو ضروري پهلو آهي ۽ سماج جي

زندگي ۽ ارتقا جو لازمي شرط بہ پڻ.

حيواني دنيا مان ايرڻ وقت ۽ ڏاڻن جي جاءِ تي سماجي جماعتن جي قيام جو تعلق سرگرميءَ جي مخصوص انساني طريقن جي وجود ۾ اچڻ ۽ ترقي سان آهي، جن کانسواءِ انهن جماعتن جي وجود ۽ ترقيءَ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.

اهو محنت ۽ زندگيءَ جي سمورين ضرورتن جي پيداوار مان ڏسي سگهجي ٿو. جيئن اسين چئي چڪا آهيون تہ محنت جي عمل لاءِ ضروري آهي تہ مقرر مادي جزا موجود هجن، ڪچي مال جي پيداوار جا ذريعا ۽ اوزار ۽ انسان بہ جنهن جو تجربو، علم ۽ هنر جيڪي انهن اوزارن کي استعمال ڪرڻ جي قابل بڻائن ٿا، تن کي حرڪت ۾ آڻين ٿا ۽ پيداواري سرگرمي جاري رکن ٿا نہ صرف محنت جي اوزارن ۽ انهن جي استعمال جي طريقن جون بہ پاڙون سماج ۾ ڪتل هوندیون آهن ۽ اهي ايندڙ نسلن کي ورثي ۾ ملن ٿيون. اهڙا ملڪ جتي اوزار ۽ پيداوار جا ٻيا عنصر هڪ جهڙا هجن پيداواري ثقافت جي لحاظ کان اهي هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف سطح تي ٿي سگهن ٿا، ان وقت بہ جڏهن مادي ٽيڪنيڪي ۽ سماجي معاشي ارتقا جي اعتبار کان انهن جي سطح هڪ هجي.

انساني لاڳاپن جي گوناگوني، معاشي ۽ سياسي، طبقاتي ۽ طبقن اندرقومي ۽ بين الاقوامي خاندائي ۽ روزمرهہ جا راند رند جا ۽ تعليمي مرڪز وغيره هر فرد کي ان جي ضرورت سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. اهي پنهنجن روين ۽ سرگرمي جي طريقن کي ان بهترين اجتماعي حيثيت جي ضرورتن مطابق بڻائي، جن جي حدن ۾ ان کي سرگرم رهڻو آهي ۽ انهن ضرورتن جي مطابق بہ جن جو اظهار روايتن، ضابطن، معيارن، قدرن وغيره ۾ ٿئي ٿو ۽ جيڪي ان جي سرگرمي کي ضبط ۾ آڻيندڙ نظام جو ڪم ڪن ٿا. هڪ مخصوص سماج جو اهو نظام ڪلر جنهن حد تائين ان تي عبور حاصل ڪيو ويو آهي، تاريخ تي مبني اجتماعي هيئيت اندر انفرادي طرز عمل کي يعني سماج جي ثقافت کي مقرر ڪري ٿو فقط تذڪري جي طور تي اسين اهو ياد رکون تہ جڏهن اسان سماج جي ثقافت تي بحث ڪريون ٿا تہ اسان جي سامهون ان سماج جا اصلي مرد ۽ عورتون هوندا آهن ۽ اها

ثقافت جيڪا ان سماج جي ماڻهن جي گڏيل ۽ مخصوص هجي ٿي ۽ ان جا سماجي اهميت رکڻ وارا رويا ۽ انهن جي سماجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي سرگرميءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

انساني سرگرميءَ جي طريقن ۽ انساني رويي جي فطرت کي ثقافت جي ذريعي رَوين جي تيار ٿيل نمونن جي حيثيت سان پيش ڪري سگهجي ٿو جيڪي قائم ٿين ٿا ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل کي ملن ٿا. آخر ڪار هر سماج ۾ ماڻهار کي لولي ڏيئي سمهاري ٿي، ماڻهو کاڏو پچائن ٿا ۽ کائين ٿا، ملاقات جي وقت هڪ ٻئي کي سلام ڪن ٿا، موڪلون ملهائين ٿا، ڪم ڪن ٿا وغيره پر اهو سڀ ڪجهه مختلف طرح سان ڪن ٿا جيڪو انهن جي ثقافت مطابق هجي ٿو.

هڪ مُعَيَنُ صورتحال جا جوابي فعل، عمل جا طريقا وغيره لاڳاپن هڪ ئي صورت ۾ ظاهر نه ٿا ڪيا وڃن، بلڪ انهن جو انحصار مختلف بدلجندڙ حالتن تي هجي ٿو. ان صورت ۾ ثقافت رويي جا تيار ٿيل نمونا نه، بلڪ سرگرمي جا اصول فراهم ڪري ٿي ۽ سڄي انسان ذات جي گذريل سماجي ثقافتي ارتقا مان سرگرميءَ جا طريقا منتخب ڪرڻ جي امڪانن جو در کولي ٿي. ثقافت جي ارتقا اهڙي صورتحال ۾ شروع ٿئي ٿي جڏهن ثقافتي نظام ان صورتحال مطابق رويي جا تيار ٿيل نمونا مقرر ڪري ٿو. ان صورتحال تائين جڏهن رويو مقصد، ذريعن ۽ طريقن ۾ ورهائجي وڃي ٿو جيڪي پوءِ پيمانن، قدرن جي معيارن وغيره جي صورت ۾ پيش ٿين ٿا، جڏهن ڪن حالتن ۾ روين جي تيار ٿيل نمونن جو قيام مقصد وارو هجي ٿو.

روحاني سرگرمي جي ميدان ۾ به اسان کي ثقافت جي تصور جون خاص معنائون ملن ٿيون، جن ۾ تخليقي سرگرمي جو ڪردار ۽ ان جي نتيجن جي ادراڪ جو ڪردار ٻئي شامل آهن. ڪنهن فني تخليق جي قدر ۽ قيمت معلوم ڪرڻ وقت اسان جو ڌيان صرف فنڪار جي صلاحيت ۽ تخليقي قوت تي ئي نه ٿو هجي بلڪ اسان ان جي عام پيشيورانه ثقافت کي به ڌيان ۾ رکندا آهيون.

تنهن ڪري گلوڪار جو آواز ڪٽي ڪيترو به سٺو هجي ان کي به ضروري تربيت حاصل ڪرڻي پوي ٿي، يعني ڳائڻ جي پيشيور معيار تائين

پهچڻو پوي ٿو. فن جي تخليق کي پسند ڪرڻ جي ثقافت ۾ هوندي آهي يعني پسنديدگيءَ جو اهڙو طريقو جيڪو جڙ ڏسڻ واري کي تخليقي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو. هن جي اندر ۾ موجود فنڪار کي جاڳائي ٿو ۽ ان ۾ اهوئي جذبو ايارِي ٿو جنهن کي تخليق ڪرڻ واري پنهنجي شاهڪار ۾ واقعن ۽ مظهرن جي عڪاسي ڪرڻ وقت محسوس ڪيو هو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته فن پارا صرف ماضيءَ جا يادگار ڪونهن هوندا بلڪ موجوده ثقافت جا به اهڙا عنصر هوندا آهن، جيڪي نون نسلن جي خيالن، جذبن ۽ تصورن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪن ٿا.

روزمره جي زندگيءَ ۾، پيداوار ۾، آفيسن ۾، عوامي جاين وغيره ۾ محنت جي ثقافت، سماجي رويي جي ثقافت، انساني لاڳاپن جي ثقافت هوندي آهي. انهن سڀني مثالن ۾ تاريخ تي بدل نتيجن ۽ موروثي روين ۽ عمل جي طريقن ۽ نمونن تي بحث ڪرڻو پوي ٿو جن کي هڪ مقرر سماجي اجتماعي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي ۽ جن سان ان ئي سبب جي ڪري اجتماعي حيثيت ۾ ماڻهن جي رڪنيت ۽ ربط جي نوعيت ظاهر ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي چوويهين ڪانگريس جي پنهنجي رپورٽ ۾ ليونڊ برزنيف چيو ته "اسان ائين ڏسون ٿا جو انتظامیہ ۾ ڪارڪردگي جو تعلق بنيادي طور تي پورهيت ماڻهن جي ضرورتن ۽ فڪرن ڏانهن توجہ ۽ همدردي وارا رويا ۽ انهن جي عريضين ۽ درخواستن تي هڪدم غور ڪرڻ سان آهي. هر اداري ۾ خيرخواهي ۽ انسان جي احترام جو ماحول پيدا ٿيڻ گهرجي."

ثقافت تي بحث ڪرڻ وقت هر شخص کي ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته نہ صرف انهن مادي شين کي جيڪي انسان جي تخليق آهن ۽ نہ صرف قدر، خيال، نظريا ۽ جمالياتي تصورن جي نظامن کي جيڪي ڪتابن، تحريري موسيقي، تصويرن، مجسمن وغيره ۾ پيوست ڪيل آهن. ڪتاب جن ۾ خيال ۽ تصور هوندا آهن صرف ان جي لاءِ آهن جيڪو پڙهي سگهي ٿو ۽ اهائي حالت محنت جي اوزارن جي به آهي جن جو مخصوص استعمال فقط اهوئي شخص ڪري ٿو جيڪو ان جو استعمال ڪرڻ ڄاڻي ٿو.

ثقافت جا ڪيترائي نظريہ دان ثقافت جي اهڙي اشارياتي نوعيت

تي زور ڏين ٿا جيڪا ان کي ڪنهن حد تائين ٻوليءَ سان ملندڙ جلندڙ ٻڌائي ٿي. جهڙيءَ طرح روزمره جي ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون انهن ماڻهن کي پيغام رسائين ٿيون جيڪي ٻولي ڄاڻن ٿا ۽ جيڪي نه ٿا ڄاڻن تن جي لاءِ بيسود هجن ٿا، اهڙيءَ طرح ثقافتي مظهر مخصوص پيغامن جا علامتي ذريعا آهن. ثقافت تي عبور حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جي "محاورن" تي عبور حاصل ڪرڻ ضروري آهي. پنهنجي عمل ڪرڻ جي لاءِ ان "محاورن" تي عبور حاصل ڪرڻ ضروري آهي. پنهنجي عمل ۾ انسان ثقافت جي "اشارن" مان رهنمائي حاصل ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ان جو رويو جانورن جي ابتڙ، جن جو رويو معڪوسي (Reflerive) هجي ٿو عام طور تي علامتي (Symbolic) چيو وڃي ٿو، ان ۾ علامتن جي سائنس (Semiotics) جي ايپرڻ جو بنياد فراهم ڪيو جيڪا اشارن جي نظامن جي سائنس آهي ۽ ثقافت جي مختلف محاورن جو به مطالعو ڪري ٿي.

نتيجي طور اسين چئي سگهون ٿا ته ثقافت اهڙي شيءِ ڪانهي جيڪا ٻين سماجي مظهرن کان مٿاهين هجي، جيئن اها انهن جهڙي ڪانهي. ثقافت اهڙو ترڪيبي تصور آهي جيڪو انساني سرگرميءَ جي سموري مادي حاصلات ۽ ان جي مُعَيَنُ ڪيل سماجي ۽ روحاني حاصلات جي خاصيت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ تفصيل سان مرتب ڪيو ويو آهي جنهن کي ان نقطئ نظر سان ڏسو وڃي ٿو ته اهي انسان ۾، ان جي زندگي جي ڍنگ ۾، ان جي فڪر ۽ عمل جي طريقن ۾ ڪيئن ظاهر ٿين ٿيون ۽ ڪيتري حد تائين اهي انسان کي حيوان کان پنهنجي پيدائش جي اثرن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. اهوئي سبب آهي جو ثقافت سڀ کان پهريائين ماڻهن جي ۽ ان جي انسان بنجڻ جي سطح جي امتيازي خصوصيت آهي ۽ ان جو اظهار غور، فڪر، سماجي روين ۽ عمل جي خاص انساني طريقن سان ٿئي ٿو.

سماجي ارتقا ۽ ثقافت ۾ گوناگوني

جيئن ته ثقافت جي نوعيت جو تعين سماجي ضرورتن مان ٿئي ٿو، تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته سماجي حالتون ان کي مُعَيَنُ ڪن

ٿيون. ثقافت جي تخليق ۽ ان جو عمل ماڻهن جي ڪنهن به گڏيل سرگرميءَ جو لازمي شرط آهي، ڪٽي اهو ننڍين گروهن يا اجتماعن تي مبني هجي يا سڄي سماج تي. اهوئي سبب آهي جو ثقافت بنيادي طور تي سماجي نظام جي تاڃي پيٽي ۾ ڳوهيل هجي ٿي، ۽ سماجي نظام جي اندر جيڪا به تقسيم هوندي آهي لازمي طور تي ان جو عڪس ثقافت تي پوي ٿو. سماج ۾ زبردست گوناگوني، جيڪا مختلف اجتماعي سماجي حيثيت جي هڪ ئي وقت موجود هجڻ ڪري پيدا ٿئي ٿي تنهن جي ارتقا، ان جي اندروني تفريق، جنهن جو تعلق محنت جي تقسيم، سرگرميءَ جي مختلف حلقن جي وجود، متضاد طبقاتي مفاد، سماجي گروهن جي جدوجهد وغيره سان آهي، تن سيني جو اظهار ثقافت ۾ ملي ٿو.

انساني تاريخ ۾ پهريائين هر هنڌ ابتدائي ثقافتن جنم ورتو جن ننڍين ننڍين انساني ميڙن (قبيلا، برادريون) جي رويي ۽ سرگرميءَ جي لاءِ تيار ٿيل نمونا پيش ڪيا. اهي ثقافتون انتهائي پائيدار ۽ تقريباً نه بدلجندڙ هيون. انهن ميڙن ماڻهن جي زندگيءَ کي سختيءَ سان ضبط ۾ آڻڻ جي لاءِ هم ڪردار ادا ڪيو. اهي ثقافتون آبادي جي حالتن سان پوريءَ طرح مطابقت رکنديون هيون ۽ ان ئي ڪالهه انسان کي پنهنجو وجود قائم رکڻ ۾ مدد ڏني. انسان جيڪو ثقافت جي ان نظام اندر پروان چڙهندو هو اتي پاڻ کي "مطمئن" محسوس ڪندو هو. خود "پنهنجي لاءِ" ان سان چهٽيل رهندو هو. چو ته هن فڪر ۽ رويي جون اهڙيون ڪثر رسمون تيار ڪري ورتيون هيون جيڪي سندس فطرت جو حصو بنجي ويون هيون. اهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ ٻيو ثقافتي نظام اختيار ڪرڻ جو مطلب انهن عادتن ۽ طريقن جي پوري نو پوري نظام ۾ گهريون تبديليون ڪرڻ هو. جن کي هن ئي مرتب ڪيو هو. هر ڪو ان لائق نه هو ته اهڙي تبديلي برداشت ڪري ۽ ٻئي ثقافتي ماحول ۾ پاڻ کي سمائي سگهي. مثال طور ان جي تصديق اهي وڻجارا ڪن ٻيڪي خانه بدوشيءَ جي زندگيءَ کي ترجيح ڏين ٿا.

ثقافتي نظام سان انسان جي "مطابقت"، جنهن ۾ هو پلجي ٿو ڪن ٿم الانسان جي ماهرن (مالي نومسڪي وغيره) کي، جن اهڙين ابتدائي ثافتن جو مطالعو ڪيو آهي جيڪي نسبتاً عليحدگي جي حالت ۾ هيون

(مثلاً بحرالکاهل جي ٻيٽن تي) اهو نتيجو ڪڍڻ تي مائل ڪيو ته ثقافتن کي بلند ۽ هيٺين ثقافتن ۾ ورهائڻ غلط آهي، هر ثقافت انوکي هوندي آهي ۽ جڏهن هڪ دفعو انسان ان جي مطابق ٿي وڃي ٿو ته هو سختي کان سواءِ ٻين ثقافتي نظامن ۾ شامل نه ٿو ٿي سگهي. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ثقافت تي ارتقا جو نظريو لاڳو نه ٿو ٿئي ۽ ثقافت جو مطالعو ڪرڻ ۾ صحيح رويو تاريخي نه پر ترڪيبي ۽ عملي آهي. ان نقطئ نظر کان هر ثقافتي نظام هڪ ڳنڊيل شيءِ آهي. اهڙو نظام جنهن جا ترڪيبي عنصر سالم جي عمل ۾ هڪ مخصوص ذميواري انجام ڏين ٿا. صرف سالم جي عمل جو مطالعو ڪري ئي هر انفرادي ثقافت جي معنيٰ ۽ اهميت سمجهي سگهجي ٿي نه ترقيءَ جي منزلن جي لحاظ کان ان جو مقابلو ڪري.

ظاهر آهي ته اهي هڪ طرفو طريقو آهي. تبديلين بغير ابتدائي ۽ عليحده ثقافتن جي تجزئي مان ڪيئن نتيجن کي انسانيت جي پوري تاريخ تي لاڳو ڪرڻ درست نه ٿو ٿي سگهي، جيڪا سماج جي ثقافتي ترقيءَ جو واضح ثبوت پيش ڪري ٿي. بهرحال ڪن پهلوئن جي لحاظ کان انهن خيالن جو احتياط سان تجزيو ڪرڻ ضروري آهي.

پهريون اهي خيال ان حقيقت جي عڪاسي ڪن ٿا ته هر ثقافت خيالن جي نظام، قاعدن، روين جي معيارن روايتن وغيره جي لحاظ کان انوکي هجي ٿي جن کي اها پالي تاتي پختو ڪري چڪي آهي. ان نرالپ لاءِ وڏاءَ کان ڪم وٺڻ جي ضرورت ڪانهي، پر اها حقيقت آهي. هڪ نظام هڪ مربوط سالم جي حيثيت سان هر ثقافت جو بنيادي طور تي مخصوص سماجي (۽ فطري به) حالتن سان ربط هجي ٿو ۽ ان جو ڪم سماجي تبديليءَ سان گڏوگڏ هڪ ثقافت کان ٻي ثقافت تائين تاريخ جو عبور خارج نه ٿو ڪري سگهجي. ثقافت جو ابتو غير تاريخي تصور تاريخ جي حقيقتن سان ٽڪرائي ٿو.

ٻيو انهن خيالن ۾ ترقي پسند انسان دوست عنصر موجود آهي، جنهن جو رخ نسل پرستي ۽ بينڪيتي نظرئي جي خلاف آهي. اهو خيال ته تضاد رکڻ واري سماج جي حالتن ۾ ثقافتون برابر هونديون آهن، ماڻهن کي آزاد وجود جو حق ڏئي ٿو جيڪي ثقافت جا خالق آهن، اها ڳالهه وڏي

اهميت رکي ٿي ڇو ته بينڪيتي قرلٽ جي سرمائيداراڻي نظام مظلوم قومن جي ثقافت کي چيپاٽيو ۾ ڪڍن ته سڄي جي سڄي قومن ۾ انهن جي ثقافتن کي ئي ختم ڪري ڇڏيو. پر اشتراڪيت اهڙا ٻيا حقيقي انسان دوستي جا امڪان فراهم ڪري ٿي، ان جو مقصد ابتدائي ثقافن کي نه صرف محفوظ رکڻ بلڪ هار ڪاڻ ۾ پوئتي پيل قومن کي ترقي ڏيڻ، انهن جي ثقافت ۾ معيشت کي فروغ ڏيڻ ۾ جديد ترقي پسند ثقافت سان انهن جو تعلق پيدا ڪرڻ آهي. اشتراڪيت ان سماجي مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ مطابقت رکڻ وارا طريقا به مرتب ڪري ٿي. ٽيون اهي خيال ثقافت جي اهميت ۾ افاديت ڏانهن ڏيان ڇڪرائين ٿا ۾ ان ضرورت تي به ته ثقافت کي مخصوص نظام جو هڪ ترڪيبي جزو سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن ان ۾ تاريخي طريقو شامل ڪيو وڃي ته اهڙو نقطئ نظر انهن ذريعن جي وسعت وڌائي ڇڏي ٿو جيڪي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا.

ليڪن مجموعي طور تي خيالن جو هي نظام غلط آهي ڇو ته ان جو رحجان ثقافتن جي نرالائپ کي آزاد بنائي ٿو. ان جي ارتقا کان انڪار ڪري ٿو ۾ تاريخي نسبت کي ٽيڪ ثابت ڪري ٿو.

يقيناً صرف ابتدائي ثقافتون ئي نه بلڪ ترقي يافته ثقافتون به نرالپون آهن پر ترقي يافته قومون ۾ سڄي جي سڄي علائقن جون اصلي ثقافتون ڪنهن به معنيٰ ۾ بند يا هڪ ٻئي کان عليحده نه آهن. تاريخ ۾ ثقافتن جي تشڪيل ۾ ان جي ارتقا هميشه منجهيل عملن سان گڏ ٿي آهي، مثلاً ثقافتن جو هڪ ٻئي ۾ داخل ٿيڻ ۾ هڪ ٻئي تي اثر، مختلف ثقافتن جو ٽڪراءُ، جدوجهد ۾ محاذ آرائي. سرمائيداري تشڪيل تائين گڏيل عنصرن جي نشوونما جو ثقافتن جي بين الاقوامي ٿي وڃڻ جو رحجان تمام گهٽو واضح ٿي ويو آهي. جديد صنعت، سائنس، باربرداري جا ذريعا ۾ آمد رفت جي ترقي، محنت جي عالمي تقسيم ۾ بين الاقوامي معاشي رشتن ۾ اضافو آبادي جي وڏندڙ چرپر ۾ ثقافتي لاڳاپا اهڙا زبردست عنصر آهن جيڪي ثقافت کي بين الاقوامي بنائڻ ۾ مدد ڏيئي رهيا آهن. اڄ اهي ٽيڪنيڪي ذريعا موجود آهن جن جي مدد سان هر قوم جو ڪو به ثقافتي ڪارنامو مختصر عرصي ۾ سموري انسانيت جي خدمت ۾ پيش ڪري

سگھجي ٿو. تنھن ڪري اھو معلوم ڪرڻ ضروري آھي تہ اھي ڪارنامہ ڪنھن جي نگرانيءَ ۾ آھن ۽ ڪھڙي قسم جا ثقافتي قدر ڦھلائين ٿا. معيشت وانگر روحاني ميدان ۾ بہ سرمائيداري نظام تحت بين الاقوامي ھجڻ جي رجحان تي طبقاتي ۽ قومي تضاد جي ڇاپ ھوندي آھي، يعني مظلوم قومن جي ثقافت کي چيپاٽيو ويجي ٿو، ان کي تباھ ڪيو ويجي ٿو. ان تي زبردستي بورجوا ثقافت جي معيار جو بار وڌو ويجي ٿو. اسان ڏسون ٿا تہ ثقافت جي جاءِ تي اھڙيون نڪميون شيون بہ وڏي پئماني تي پکيڙيون ويجن ٿيون جھڙوڪ بازاري جاز موسيقي يا مارڏاڙ جي فلم وغيرہ. بيشڪ سرمائيداري ۾ بہ جمھوري، سچي انسان دوست ثقافت برابر ترقي ڪري ڦھلجي ٿي. پر حاڪم ۽ محڪوم قومن جي وچ ۾ اختلاف ثقافت کي بين الاقوامي بنجڻ ۾ ديوار بڻجي ويجي ٿو. صرف اشتراڪيت ۾، جڏھن قومن جا اختلاف ختم ٿي ويندا آھن تہ پوءِ اشتراڪي قومن جي ثقافت جي بين الاقوامي بنجڻ جي لاءِ شاھراھون کلن ٿيون.

ثقافتن جي نرالائپ، جنھن جو اسين ذڪر ڪري چڪا آھيون (ڏسو چوٿون باب)، تاريخي عمل کي رنگ برنگي بنائي ٿي. پر ان سان نہ تہ رواجي طريقي کان انڪار ڪرڻ گھرجي ۽ نہ ان کي لازمي بنائڻ گھرجي ۽ تہ ان جو نتيجو عالمي تاريخي عمل جي اتحاد کي نُڪرائڻ ھوندو. ان رويي جا مثال اوسوالڊ اسپينگلر جي ڪتاب "يورپ جو زوال" ۽ آرنولڊ ٽوين بي جي تصنيف "تاريخ جو ھڪ مطالعو" جي فلسفياڻن تاريخي تصورن ۾ ملن ٿا. انھن ٻنھي ۾ چند بنيادي ڳالھين تي اختلاف ھجڻ جي باوجود اھو گڏيل خيال موجود آھي تہ انسانيت جي تاريخ مجموعو آھي مخصوص بند ۽ انوکين مقامي ثقافتن جي تاريخ جو، جن جي پنھنجي زندگي ارتقا جو ھڪ مقرر ڪيرو ھجي ٿي ۽ ان جو وجود ھڪ ٻئي جي برابر ھجي ٿو (ٽوين بي انھن کي ابتدائي تھذيبون قرار ڏئي ٿو) اسپينگلر وٽ اھڙيون اٺ ثقافتون آھن ۽ ٽوين بي وٽ 26. اھڙيءَ طرح ٻئي ثقافت جي تصور کي عالمي تاريخ جي حقيقي اتحاد کان انڪار ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪن ٿا. پر عالمي تاريخ مختلف قسمن جو اتحاد آھي. ٽوين بي ان کان بلڪل انڪار نہ ٿو ڪري تہ تاريخ جو سرچشمو ھڪ ئي آھي، پر ھو تاريخ کي خود ان جي حقيقت ۾ نہ

بلڪ عالمي مذهب جي تشڪيل ۽ ارتقا جي صورت ۾ ڏسي ٿو. سماجي سياسي سطح تي اهي تصور مارڪسزم ۽ ڪميونزم جي خلاف آهن.

تاريخ ۾ اسان کي ثقافتن جا مختلف رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن جي تشڪيل مختلف نسلي ۽ مقامي انسانيت جي اجتماعي صورت ۾ ٿي ۽ جن تي مخصوص عوام جي تاريخ ۽ خاص جاگرافيائي ۽ سماجي، ماحول جي ڇاپ آهي. ترقي پسند عالمي ثقافت، ثقافتن جي اها رنگيني شامل آهي پر اهو رڳو انهن جو مجموعو ڪونهي، پوءِ ته عالمي ثقافت پنهنجي ارتقا ۾ سڀ کان پهرين اهي شيون منتخب ۽ برقرار رکي ٿي جيڪي عالمي انساني اهميت جون هونديون آهن ۽ جيڪي عالمي طور تي قبول ڪري سگهجن ٿيون. ان فرق کان سواءِ ته اهي ڪهڙي مخصوص ثقافت مان پيدا ٿيون ۽ ڪهڙين مخصوص حالتن جو انهن تي رنگ آهي. مستقبل ۾ ظاهر آهي ته ڪميونزم جي بنياد تي انسانيت جو اڻ ورڇيل سماج وجود ۾ ايندو ان جي هڪ اهڙي ثقافت هوندي جنهن ۾ انسانيت جي سماجي ثقافتي ترقي جي ڏڳهي ۽ گوناگون تاريخ جون بهترين ڪاميابيون شامل هونديون، ان وقت تائين ثقافتن جي گوناگوني هڪ حقيقت رهندي ۽ ان کي سماجي نظرئي ۽ اصلي زندگيءَ ۾ تسليم ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن ثقافت ۽ مقرر تاريخي اجتماعي صورت (قبيلو، عوام، قوم، ايستائين جو هڪ ئي ثقافت وارن ماڻهن جي گروهه وچ ۾ رشتن سان ثقافت کي هڪ مخصوص صورت حاصل ٿئي ٿي، ته هڪ خاص سماجي نظام، طبقاتي مفادن وغيره سان ان جا رابطا ثقافت کي هڪ خاص نظرياتي رنگ عطا ڪن ٿا. هر سماجي تشڪيل انهن معيارن ۽ قدرن جو هڪ نظام پيدا ڪري ٿي جن کي مخصوص هدايتن، سماجي پابندين تعليم جي طريقن وغيره جي ذريعي قبول ڪيو وڃي ٿو. اسان کي تضاد رکڻ واري سماج تي معيارن جو هڪ اهڙو نظام حاوي نظر اچي ٿو جيڪو حڪمران طبقي جي مفادن مطابق هجي ٿو. ان جي ابتڙ مظلوم طبقو خود پنهنجي آدرشن، معيارن، ميزان، قدر ۽ رويي جي اصولن جو نظام مرتب ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ لينن لکيو ته: هر استحصالي سماج جي قومي ثقافت ۾ ٻه ثقافتون هونديون آهن. حڪمران طبقي جي ثقافت ۽ جمهوري ۽

اشتراکي ثقافت جا عنصر، جن جو تعلق مظلوم طبقي جي مفادن سان هوندو آهي. (3)

ان لينني قول تي جيڪو درست نموني سان ثقافت جي نظرياتي پهلوءَ کي اجاگر ڪري ٿو، اصلاح پسند ۽ ساڃي ڏر وارا ترميم پرست حملا ڪن ٿا ۽ بورجوا ثقافت کي بنا تنقيد جي قبول ڪن ٿا، ان ڪري جو ثقافتي مظهر جو جائزو وٺڻ وقت اهي طبقاتي رويي کي خير باد چئي ڇڏين ٿا، جنهن کانسواءِ ثقافت جو سائنسي تجربو ڪرڻ ناممڪن آهي. ان جو رويو ماضيءَ جي ثقافت کي، جنهن ۾ بورجوا ثقافت به شامل آهي، تنقيدي طور تي جذب ڪرڻ جي مسئلي کي نظرانداز ڪري ٿو. مزدور طبقي کي اهڙي ثقافت ڪرڻ گهرجي جيڪا رجعت پرست هجي ۽ بنيادي طور تي انهن سماجي هٿيارن سان واڳنيل هجي جيڪي بورجوا حڪمراني قائم رکڻ ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر سڃي اصلي ثقافتي حاصلات عالمي انسانيت جي ثقافتي ورثي جو هڪ حصو آهي ۽ انهن کي نئين اشتراکي سماج جي ثقافت تخليق ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح استعمال ڪرڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو لينن نوجوانن کي خطاب ڪندي چيو هو ته "اوهان صرف ان صورت ۾ ڪميونسٽ ٿي سگهو ٿا جڏهن بنهنجي ذهن کي انسان جي پيدا ڪيل سيني خزانن جي علم سان مالا مال ڪريو." (4)

نظرياتي پهلو کان اشتراکي سماج جي ثقافت بورجوا سماج جي غالب ثقافت جو ضد آهي پر جڏهن اها تشڪيل ٿئي ٿي ۽ ترقي ڪري ٿي ته اها پوري انساني تاريخ جي ثقافتي ورثي جي سيني قيمتي عنصرن کي جذب ڪندي آهي. لينن هڪ ڀيري چيو هو ته ڪن نام نهاد انقلابين جي اها ڪوشش آهي ته سوويت ڪميونسٽ پارٽي ماضي جي ثقافتي ورثي کي رد ڪري "پرولتاري ثقافت" تخليق ڪري جهالت جو ثبوت ڏنو آهي جيڪو بلڪل بيسود آهي. روس ۾ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ انهن اها ذميواري مقرر ڪئي ثقافتي انقلاب برپا ڪيو وڃي جنهن ۾ عوام کي حاصل ٿيل ثقافتي سطح تائين بلند ڪرڻ، تنقيدي طور تي ان کي جذب ڪرڻ ۽ ان بنياد تي

3. لينن، "قومي سوال جو تنقيدي جائزو."

4. لينن، "نوجوانن جي انجمن جون ذميواريون".

اهڙي ثقافت تخليق ڪرڻ شامل هو جيڪا اشتراڪي سماج جي لاءِ موزون هجي. هتي ان نڪتي تي زور ڏيڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي ته "عظيم ثقافتي انقلاب" جيڪو مائوزي تونگ، آندو هو، تنهن جو ماضيءَ جي ثقافتي ورثي بابت ليننسٽ رويي سان ڪو به تعلق نه هو. اهو "انقلاب" بس نالي جو ئي ثقافتي هو ۽ اهو بلڪل مختلف مقصدن جي لاءِ آندو ويو هو. ان دوران ان سڄي ثقافت ڏانهن انارڪي رويو اختيار ڪيو ويو جيڪو "عظيم ناخدا جي خيالن" جي دائري کان ٻاهر هو. ان چين ۾ نئين نسل ۽ مجموعي طور تي پوري ملڪ جي ثقافتي ترقيءَ کي وڏو نقصان پهچايو. ثقافت کي ترقي ونڊائي پختو ڪرڻ بدران ان کي تباهه ڪيو. عوام جي ثقافتي سطح بلند ڪرڻ بدران انهن کي مائوزي تونگ جي انجيل جا فقرا رٽايا ويا. نوان دانشور تيار ڪرڻ بدران لکين نوجوانن جي تعليم ۾ سال سال جا ڏڳها وقفا ٽيا، پيشواراڻين قابليتن جو معيار پست ٽيو. هر قسم جي دانشوراڻي بلندي کي برو پلو چيو ويو. دانشورن کي ستايو ويو. اهي آهن مائوزي تونگ جي "ثقافتي انقلاب" جا بدبخت نتيجا جن جا اثر ڏڳهي عرصي تائين چيني نوجوان نسلن جي ثقافتي ترقي جي سلسلي ۾ محسوس ڪيا ويندا.

اهو تجربو ڏيکاري ٿو ته ثقافت جي باري ۾ طبقاتي روح، نظرياتي پهلو، پارٽي جي روين جهڙن تصورن کي ٿُڙ طريقي سان لاڳو ڪرڻ گهرجي ۽ مختلف سماجي مظهرن جي خصوصيتن کي ۽ انهن ۾ طبقاتي ۽ عالمي انساني عنصرن وچ ۾ تعلق کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. ماضيءَ جي سموري ثقافت (جنهن ۾ ترقي پسند ثقافت به شامل آهي) کي ويڳاڻو طبقاتي" سمجهي مڪينڪي طور تي رد ڪري ڇڏڻ، پارٽي جي اصولن کي بدنام ڪرڻ، هونگ وي پنگو جا جنوني ٽولا پيدا ڪرڻ آهي. جن انساني قدرن کان انڪار ڪيو، پنهنجي پروفيسرن جون ڏاڙهيون پٽيون، ثقافتي يادگار تباهه ۽ برباد ڪيا، ڪتاب ۽ شطرنج کيڏڻ جا تختا يا ڪپڙا ساڙي رک ڪيا ويا.

ثقافت ۽ فرد

ثقافت، ڪو مخصوص سماجي مظهر ڪونهي، جنهن کي انهن بين مظهرن کان الڳ ڪري سگهجي، جن تي سماجي نظام بڌل هوندو

آهي. اهو سمجهڻ غلط آهي تہ سماجي زندگيءَ جي مادي ٽيڪنيڪي، سماجي معاشي ۽ روحاني شعبن کان ٻاهر ثقافت جو هڪ ڌار حلقو هجي ٿو يا سماجي زندگيءَ جي ڪنهن بہ دائري جو وجود ثقافت کانسواءِ ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري اسان ان کي سماج جي ثقافت ۽ مختلف سماجي گروهن جي ثقافت سڏيو آهي. پر فرد جي ثقافت، ذات جي ثقافت تي بحث ڪرڻ کانسواءِ ثقافت ۽ سماج جي تعلق جو ڪو بہ تجزيو مڪمل نہ ٿو ٿي سگهي. ان مسئلي جا ٻہ پهلو آهن، پهرئين جو تعلق هر فرد جي انساني حيواني نہ، وجود ۽ ارتقا جي حالتن ۽ امڪانن سان آهي ۽ ٻئي پهلو جو ان حد تائين تعلق آهي جنهن حد تائين هڪ مُعَيَنُ انسان ثقافت سان واسطو رکي ٿو ۽ سماجي حالتن مطابق سوچڻ، رهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي صلاحيت رکندو ثقافت فرد جي سماجي هجڻ جي ترڪيبي خاصيت آهي، انسان جي اجتماعي ترقي جو معيار آهي جيڪو ان جي فڪر، عمل، رويي جي ان جي انفرادي نمونن ۽ مختلف قسم جي حالتن ۾ جوابي عمل ڪرڻ تي پنهنجو اثر ڇڏي ٿو. اهوئي سبب آهي جو جڏهن اسان سماج جي خارجي طور تي ارتقا ڪرڻ واري نظام جي حيثيت سان مطالعي ڪرڻ کانپوءِ ان ئي سماج جو مطالعو شروع ڪريون جيڪو ڪروڙين انسانن جي سرگرميءَ جي ڪري موجود آهي ۽ ترقي ڪري رهيو آهي تہ اسان کي "ثقافت" جو تصور داخل ڪرڻ گهرجي.

پر ثقافت هڪ ڏيل تصور جي حيثيت سان ٻئي موقعي تي بہ وجود ۾ اچي ٿي، يعني اها انسانن جي سرگرمي ۾ ثقافت جي مختلف اظهارن ۾ نظر اچي ٿي. اسين ڏسي چڪا آهيون تہ هڪ ئي قسم جي حالتن ۾ ماڻهو عمل جا مختلف طريقا اختيار ڪري سگهن ٿا جيڪي ان جي ارتقا جي سطح کي بيان ڪن ٿا ۽ ان حد کي بہ جنهن تائين انهن سرگرميءَ جي موجوده حالتن تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي. ٻين لفظن ۾ انفرادي عمل محنت جي ثقافت، رويي جي ثقافت ۽ فڪر ۽ زبان جي ثقافت جو اظهار ڪري ٿو.

ثقافت جي مجموعي عنصرن کي، جيڪي هڪ خاص قسم جي سرگرميءَ جي بنياد تي جُڙن ٿا ۽ ان جي خدمت ڪن ٿا، ثقافتي پيچيده

مجموعو چئي سگھجي ٿو. ايئن زراعت جي مخصوص ثقافت جو پيچيده مجموعو زرعي پيداوار جي بنياد تي جُڙي ٿو. سڀ کان پهرين محنت جي اوزارن تي جيڪي هڪ خاص سماج جي خصوصيت ظاهر ڪن ٿا. ان ڪري معاشي دائري ۾ ان سان لاڳاپيل سرگرميءَ جا قسم پيش ڪري اسين زراعت جي مخصوص ثقافت، دستڪاري جي ثقافت، صنعتي پيداوار جي ثقافت وغيره کي ظاهر ڪري سگھون ٿا. سماجي سياسي لاڳاپن جي حلقي جي خصوصيت مختلف سماجي تنظيمن تحت رويي ۾ سرگرميءَ جي هڪ خاص ثقافت سان بيان ڪري سگھجي ٿي. روزمرهه جي زندگي ۾ خدمتن جو حلقو، روزمرهه جي ثقافت، خدمتي ثقافت پيدا ڪندين آهن. آخر ۾، روحاني سرگرمي جي حلقي سان ثقافت جو پنهنجو اظهار جڙيل هجي ٿو جيڪو زبان، زباني ڳالهه ٻولهه، تحريرڪتي قدرت حاصل ڪرڻ، جذبا پيدا ڪرڻ ۾ سوچڻ جي صلاحيت وڌائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. جنهن ڳالهه کي ذهن نشين ڪرڻ جي ضرورت آهي سا اها آهي ته فڪر جي ثقافت رڳو منطقي قائدن جو مجموعو ڪانهي، جن کي رڳو سکڻ جي ضرورت هجي، توڙي جو انهن کانسواءِ ان جو تصور به نه ٿو ڪري سگھجي. فڪر جي ثقافت علم، مهارت ۾ تجربي جو مرڪب آهي ۾ ان جو اظهار فڪر جي هڪ اهڙي طريقي سان ڪيو وڃي ٿو جڏهن اهو آزاد، تنقيدي، مستحڪم، باضابطه ۽ ٺيڪ ناڪ هجي ٿو. صرف عمل ئي فڪر جي ثقافت بابت فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. جيئن ٻين قسم جي ثقافتن جي معاملي ۾ ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو جيڪڏهن اسين وچئين دور جهڙي ڪٽرپڻي، هجوم جي خوش عقيدگي ۽ انڌي غضب کي منهن ڏيئي رهيا هجون ته اهو چوڻ ۾ بلڪل حق بجانب هوندا سين اهي فڪر ۽ روين جي پست ثقافت جون نشانيون آهن.

هر خاص زماني، هر خاص ملڪ ۾ ثقافت جا مختلف اهڃاڻ (محنت، رويو، زبان جون ثقافتون) هڪ سالم ڪُل ثقافتي مجموعو بڻجن ٿا. ان مجموعي جا عنصر پنهنجي گڏيل منصبي ذميوارين جي مقصدن جي ڪري هڪ ٻئي سان سلهاڙيل رهن ٿا ۽ انهن حقيقتن جي ڪري به ته اهي هڪ مخصوص فرد، اجتماع يا سماج ۾ ظاهر ٿين ٿا. جيڪا ڳالهه ثقافتي نظام کي جوڙي رکي ٿي ۽ ان جا بنياد مقرر ڪري ٿي. اهي فرد کان پورهئي

جي وسيلن جي ارتقا جي مخصوص سطح جا مطالبا آهن.

تنهن ڪري "مشيني تهذيب" نہ صرف نئين ٽيڪنيڪي علم ۽ تجربي جو، بلڪ انسانن وچ ۾ نئين قسم جا لاڳاپا، سوچ جي نون طريقن، نون خيالن جي تقاضا ڪن ٿا اها تقاضا نہ صرف پيداوار جي ترت ڏميوارين جي باري ۾ بلڪ اهڙن ڪيئي مسئلن جي باري ۾ بہ آهي جيڪا انساني زندگي ۽ سرگرمين جي عام پهلوئن، دنيا ۾ انسان جي مقام ۽ ان دنيا تي انهن جي اثر جي نوعيت سان گهرو تعلق رکي ٿي.

پر فرد جي ثقافت جو دارومدار ان جي حيواني ابتدا جي اثرن کان نجات ملڻ جي معيار جي حيثيت سان، ان جي انسان بنجڻ جي معيار کان سماجي تعلقات تي ان نظريہ حيات تي بہ هجي ٿو جيڪو ان سماج تي غالب هوندو آهي ۽ ان سماج ۾ انسانن جي فڪر جي طريقي ۽ رويي کي مقرر ڪري ٿو. تنهن ڪري نازي جرمنيءَ ۾ جرمنن جو ماضيءَ جي پيٽ ۾ علم ۽ ٽيڪنيڪي مهارت جو معيار ڪنهن بہ رخ کان ذرو بہ گهٽ نہ هو پرفاشزم جي تيزي سان ڦهلجڻ ۽ نسلي برتري جي نظريي جي فرمانروائي جو نتيجو ثقافت جي شرمناڪ پستي، حيواني قوت جي پرستش، انسان دشمن اخلاق ۽ ماڻهن کان بيزاري واري نظريي ۽ عمل جي صورت ۾ نڪتو.

مائوزي تونگ جي چين ۾ انسان دوستيءَ کي "بورجوا نظريو" قرار ڏنو ويو ٿو ۽ اسڪول جي ٻارن ۽ ڪاليج جي شاگردن کي انساني معيارن کان نفرت ڪرڻ ۽ اشتراڪي انسان دوستي کان انڪار ڪرڻ جي تعليم ڏني ويئي.

ڪنهن خاص سماج ۾ ثقافت جي سطح بذات خود ان جي ماڻهن جي ثقافت کي نہ ٿي ٻڌائي سگهي جيڪا عام معيارن کان بلند ٿي سگهي ٿي تہ پست بہ. شيڪسپيئر پنهنجا ڊراما ان زماني ۾ لکيا جڏهن بادشاهہ بہ هٿ سان ڪاڏو ڪائيندا هئا. 19هين صديءَ ۾ غالب جي شاعري ۽ تان سين جي موسيقي کي ننڍي کنڊ هندستان جو هڪ مختصر ۽ محدود حلقو ئي سمجهندو هو. 18هين صديءَ جي جي عظيم روسي سائنسدان لومونو سوف جي شاندار دريافتن مان اسان کي ان وقت جي روس جي سموري آباديءَ جي تعليم، علم ۽ ثقافت جي سطح جو مشڪل سان ئي اندازو ٿي سگهي ٿو.

مختصر لفظن ۾ اهو چوڻ درست ٿيندو ته تضاد رکڻ واري سماج ۾ مختلف ماڻهن جي ثقافتي ارتقا جي سطحن ۾ فرق هجي ٿو ۽ سماج جي حالت يا ماڻهن جي حالت جي خاصيت کي "وحشي"، "غير مهذب"، "پست" يا "بلند" وغيره جهڙن تصورن جي ذريعي بيان ڪري سگهجي ٿو.

ثقافتي سطحن ۾ اهو فرق، ثقافت کان ويڳاڻپ نتيجو آهي، پورهيت ماڻهن جي مظلوم حالت جو ۽ ان حقيقت جو به ته ثقافت جي حاصلات تي حڪمران طبقن جي هڪ هٿي هجي ٿي ۽ اهي پنهنجو غلبو برقرار رکڻ جي لاءِ ثقافت جو استعمال ڪن ٿا. اهو صحيح آهي ته جڏهن سماج ترقي ڪري ٿو ۽ اڳتي وڌي ٿو، جيئن جاگيرداريءَ کان سرمائيداري تائين، ته سراسري ثقافتي سطح بلند هجي ٿي، ڇو ته آبادي جو وڏندڙ تعداد اسڪول وڃي ٿو ۽ ماڻهو سرگرميءَ جي مختلف طريقن تي عبور حاصل ڪن ٿا. پر ثقافتي فرق پوءِ به باقي رهي ٿو.

بورجوازيءَ جي نظريي وارا ان فرق جو نظرياتي سبب ٻڌائين ٿا ۽ ان جي ضرورتن جو اهو جواز ڇاڻائين ٿا ته عوام ۾ بلند ثقافت ڦهلجڻ جو نتيجو اصلي ثقافت جي تنزلي ۽ تباهيءَ جي صورت ۾ نڪرندو ان ڪري ئي اهي چون ٿا ته ثقافت کي عوام کان خطرو رهي ٿو. تنهن ڪري خود ثقافت ڪڏهن به عوامي نه ٿي ٿئي.

ان جمهوريت دشمن تصور جي پيٽ ۾ مارڪسزم جو بلڪل ٻيو رويو آهي. تضاد رکڻ واري سماج جي ختم ٿيڻ کان پوءِ عوام جي ثقافتي سطح بلند ڪرڻ جي رستي جون سموريون رڪاوٽون هٽي وڃن ٿيون. مارڪس زم جي نظر ۾ ثقافت تي سموري انسانيت جو حق آهي ۽ هر ماڻهو پنهنجي دور جي ثقافتي سطح تائين پهچڻ جي لائق هجي ٿو. ان مقصد کي سماجي معاشي مسئلا حل ڪري پورو ڪيو ويندو آهي، مثلاً دماغي ۽ جسماني ڪم ۽ شهر ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ تضادن ۽ بنيادي فرق کي مٽائي پيداوار جي گهڻ پاسائين مشين بندي ڪرڻ ۽ خودڪاري ڪري طبقاتي امتياز ختم ڪري ۽ ڪميونزم جي ثقافت جي تخليق ڪري ۽ ان کي چاڙهڻ: ڪميونزم جي ثقافت فرد جي جامع ارتقا جي تخليقي شخصيت پلٽڻ، جيڪا مختلف سماجي شعبن ۾ آزاديءَ سان سرگرم هجڻ جي

صلاحیت رکندي هجي، جو اصلي بنیاد ۾ اوزار آهي. ثقافت انسان کي حیواني دنیا کان بلند رکي ٿي. هر ماڻهوءَ کي ثقافت جي ان بلند ترین چوٽيءَ تائین پهچڻ گهرجي جنهن کي سماج حاصل ڪري چڪو آهي. اهو هڪ اهڙو انسان دوست مقصد آهي جیکو ثقافت کي نئین معنیٰ بخشي ٿو. ڇو ته هاڻي اها ان جي ذمیواري هجي ٿي ته عوامي پئماني تي اهڙن ماڻهن کي مائل ڪري جیکي پیشقدمي ڏیکارڻ ۾ تخلیقي عمل ۾ مصروف رهڻ جي اهل هجن.

اها آهي مستقبل جي تصویر. پر هن مهل تائین اشتراکیت عوام جي ثقافتي سطح بلند ڪرڻ ۾ جیکو ڪجهه ڪم سر انجام ڏنو آهي سو ڪافي متاثر ڪندڙ آهي. پراڻي روس ۾ آبادیءَ جو به پاڳي تي حصو اڻ پڙهیل هو. تعلیم نه صرف ثقافت جي سطح جو اظهار ڪري ٿي پر ڪنهن به جدید سماج ۾ ثقافتي ترقيءَ جو هڪ ضروري ذریعو به آهي. اڄ سوویت یونین ۾ عام لازمي ثانوي تعلیم رائج آهي. ملڪ ۾ لائبریرین، ریڊنگ رومز، ٿیٽرن، سئنیما گهرن، ریڊیو، ٽیلي وزن، ڪتابن، اخبارن، رسالن، شوقیه فني حلقن، ٽیڪنیڪي ڪلبن جي تعداد ۾ زبردست اضافو ٿیو آهي. ماڻهن جي وچ ۾ لاڳاپن جو بنیاد هڪ نئین قسم جو اخلاق آهي، جنهن ۾ انسان دوست مقصد ۾ قدر رچیل آهن. جمهوري ادارا مسلسل ترقي ڪري رهیا آهن، وغیرهه. سوویت یونین ۾ هڪ حقیقتي ثقافتي انقلاب برپا ٿي چڪو آهي. ان جو اهو مطلب ڪونهي ته ان سلسلي ۾ ملڪ ۾ ڪي به مسئلا ڪونهن پر هڪ دلچسپ ڳالهه تي ڏیان ڏیڻ گهرجي. مختصر تاریخي عرصي ۾ ڪمیونسٽن، جن تي سیني مادیت پسندن وانگر بورجوا نظریه دان ۾ فلسفي اهو الزام هڻي رهیا آهن ته اهي انسان جي روح کي پوريءَ طرح اهمیت نه ٿا ڏین، سماج ۾ عوام جي روحاني ۾ ثقافتي ترقيءَ جي لاءِ جیترو ڪجهه ڪیو آهي ایترو استحصال ڪرڻ وارا طبقا صدین ۾ به نه ڪري سگهیا.

ڪي ماڻهو چئي سگهن ٿا ته سرمائیداريءَ ۾ به جدید وسیع تر ترانسپورٽ جي وسیلي پورهیت ماڻهن کي ثقافت تائین رسائي حاصل آهي. اهو صحیح آهي، پر جزوي طور تي، ترقي پسند غیرمارڪسي

عمرانيات جا ماهر جيڪي سرمائيداراڻي "وسيع تر سماج" ۾ ان جي "وسيع تر ثقافت" جو مطالعو ڪري رهيا آهن، ان نتيجي تي پهتا آهن ته شاندار جديد ٽرانسپورٽ جا ذريعا ۽ اخبارون وغيره عوام جي ترقيءَ جي لاءِ بلڪل استعمال نه ٿا ڪيا وڃن. جنهن کي "وسيع تر ثقافت" چيو وڃي ٿو سا دراصل سچي ثقافت جو نيڻ بدل آهي جيڪا هيڻ ۾ پست جمالياتي ضرورتون پوريون ڪري ٿي (فني ثقافت جي تعلق سان). "وسيع تر ثقافت" جي هڪ خاص سماجي ذميواري آهي جنهن جو مقصد فرد جي هڪ تخليقي فرد جي حيثيت سان واڌويجهه ڪرڻ ڪونهي بلڪ حڪمران طبقي جي مفاد ۾ عوام کي دوکو ڏيڻ آهي. "وسيع ثقافت" عام راءِ موجب صارفين جي ترجيح ۾ ميزان قدر کي هموار ڪري ٿي، زنده سماجي مسئلن تان ماڻهن جو ڌيان هٽائي ٿي، انهن جي واندڪائيءَ جو خال پري ٿي ۽ انهن کي ثقافت جي مجهول صارفن ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو "وسيع ثقافت" بنيادي طور تي عوام کي ثقافت جي قدرن کان پري جو هڪ نئون ۽ لطيف ڊنگ آهي، ان مان هڪ پيرو وري اهو ثابت ٿئي ٿو ته ثقافت کي طبقاتي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهو سرمائيداريءَ جي مفاد ۾ بلڪل ڪونهي ته اها عوام کي بلند سطح تائين اپاري. ان مان اها به خبر پوي ٿي ته عوام جي فرصت ۽ عوام جي شعبن ۾ واپار ڪيئن ٿو داخل ٿئي ۽ نج واپاري طريقن سان استحصال شروع ڪري ڇڏي ٿو. عام انسان کي واندڪائي جو وقت گذارڻ جي لاءِ جيڪي مخصوص معيار پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ جيڪي ڪيس مطمئن رکن ٿا تن جي کين قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. واپار ئي صارف جون ضرورتون پيدا ڪري ٿو اهو اوليتون طئي ڪرڻ سان ئي ٽيندو آهي جن کي بورجوا ماحول، روحاني فضا ۽ مروج ذهنيت غيرارادي طور تي مائل ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيداري جي وسيع تر ثقافت عوام جي ثقافتي سطح بلند ڪرڻ جي ذميواري پوري ڪرڻ کان لاچار آهي، ان کي صرف اشتراکيت ئي انجام ڏيئي سگهي ٿي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سرمائيداريءَ ۾ به ترقي پسند ۽ جمهوري ثقافت وڌي ويجهي ٿي. پر اها ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سرمائيداري ۽ ان جي مختلف ادارن ڏانهن ناڪاري ۽ تنقيدي رويي جو

اظهار ڪري ٿي. ان ثقافت جو مستقبل شاندار آهي ڇو ته ان سان اهي سرگرميون وڏن ٽيون جن جو تعلق انهن اڻ آزمايل ۽ تضادن کان ٻاهر نڪرڻ جي راهن جي تلاش سان آهي جن ۾ سرمائيداريءَ انسانيت کي قاسائي رکيو آهي. ڪميونسٽ تحريڪ جي طاقت ۽ اثر جو سرچشمو اها حقيقت آهي ته اها پختن سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ جو رستو ڏيکاري ٿي. ڪميونزم پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ وضاحت سان ماضيءَ جي بهترين ثقافتي حاصلات جو وارث ۽ حال ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ ثقافتي ترقيءَ جو علمبردار ثابت ڪندو ۽ ان جي طاقت ۽ اثر جو ايجابي وڌڻ لازمي آهي.

باب ڇهون
تاريخي عمل کي جا مُحرڪ

عوام، طبقا، پارٽيون ۽ معزز ماڻهو

انسانيت جي مجموعي تاريخ ارتقا جو جائزو وٺڻ وقت ۽ عالمي تاريخ جو منطق پيش ڪندي اسين ڪڏهن به اها دعويٰ ڪونہ ٿا ڪريون تہ تاريخ ۾ هر شيءِ، انسانن جي مرضيءَ سان جدا ۽ ازخود رونما ٿئي ٿي. اهو سماجي تاريخي عمل جي مطالعي جو صرف هڪڙو نقطئہ نظر آهي جنهن ۾ سماجي نظام تي بحيثيت هڪ خارجي سماجي حقيقت جي، ان جي اندر جي ارتقا، تبديلي ۽ هڪ ٻئي نظام ۾، جيڪو تاريخي عمل ۾ ان کان بلند تر آهي، تنهن جي عبور جي روشنيءَ ۾ غور ڪيو ويندو آهي. ان نقطئہ نظر جو مطلب اهو آهي تہ سماجي نظام ۾ هڪ ضروري جز جي حيثيت سان انسان، ان جي سرگرمي ۽ شعور شامل آهي ۽ صرف ان سرگرميءَ جي بنياد تي نظام جو وجود قائم رهي ٿو. پنهنجو فرض انجام ڏئي ٿو۽ تبديل ٿئي ٿو. عمرانياتي تجزئي جي ان طريقي سان تاريخ کي هڪ خارجي فطري تاريخي عمل وانگر ڏسڻ ۽ ان جا قانون معلوم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. مارڪس پنهنجي ڪتاب "سرمايو" ۾ سرمائيداراڻي پيداوار جي ترقي ۽ ان جي تاريخي رحجانن جو تجزيو ڪرڻ وقت ان ئي طريقي کي استعمال ڪيو آهي. تجزئي جي ان پهلو تي ڪافي زور ڏنو ويو آهي تنهن ڪري هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن نون مسئلن تي غور ڪيو وڃي جيڪي تاريخي سرگرميءَ جي محرڪ جي تجزئي ۽ ان سرگرميءَ جي تجزئي مان پيدا ٿين ٿا. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي جڏهن اسان کي تاريخي ارتقا جي قانونن جي خبر آهي تہ اسان کي انهن مسئلن ۾ دلچسپي وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان جا ڪيترائي سبب آهن. سڀ کان پهرين، تاريخي ادراڪ جي عمل ۾ اهڙو تجزيو هڪ ضروري عنصر وانگر ڪم

اچي ٿو. سرگرميءَ جي محرڪ کي نظر انداز ڪري عام قانونن کان ترت پوءِ تز تاريخي ارتقا جي تشريح ڪرڻ ناممڪن آهي چو ته ائين ڪرڻ سان غير معتبر (Face less) ٿي ويندي. تاريخ يا ماڻهو رهگو پوءِ گُڏا بٽجي ويندا جن کي تاريخي ضرورت جون ڏوريون نچائين ٿيون. پر حقيقت اها آهي ته محرڪ ان ضرورت جو اڻ ڄاتل وسيلو ناهي. اهو صحيح آهي ته خارجي سماجي ضابطا تاريخي رحجانن جي حيثيت سان انسانن جي سرگرمي، جدوجهد ۽ ٽڪراءَ ذريعي رستو ناهين ٿا. پر ڪنهن به معنيٰ ۾ تاريخ جي تُنز راهه مقرر نه ٿا ڪن. اهوئي سبب آهي جو سماجي زندگيءَ جي ادراڪ جو هڪ ضروري عنصر سماجي زندگيءَ جي مادي حالتن ۽ خارجي باضابتگين جي تسلسل ۾ تاريخي سرگرميءَ جي محرڪ جو انسانن جي مفادن، ترغيبن، مقصدن ۽ تنظيم جي شڪلين وغيره جو مطالعو آهي.

تاريخي عمل جو محرڪ ڪير آهي؟ سماجي سرگرمي جي محرڪ جي حيثيت سان فرد يا سماجي گروهه نظر اچي سگهي ٿو. ڪنهن به حالت ۾ فرد کي سرگرمي جي محرڪ جي حيثيت سان نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي چو ته فرد هميشه موجود رهي ٿو. ڪٽي اسان سماج تي مجموعي طور تي بحث ڪريون يا ان جي گروهن سان پر جيڪڏهن فرد کي سماجي سرگرمي جي محرڪ جي حيثيت سان ڏنو وڃي ته پوءِ ان جو مقابلو باقي سماج ۽ عوام سان ڪرڻو پوندو. ان مان لازمي طور تي اهو سوال ٻيدا ٿو ٿئي ته ڪهڙين حالتن ۾ فرد جي سرگرمي سماجي اهميت واري ۽ سماجي زندگيءَ تي واضح اثر ڇڏڻ جي قابل هجي ٿي؟ تاريخي تجربو ٻڌائي ٿو ته انفرادي سرگرمين جو مجموعو ۽ ان جي وڏي تعداد ۾ عوام جي سماجي گروهن جي عمل ۾ تبديلي، سماجي طور تي اهم نتيجا ڏئي ٿي. وڌيڪ اهو ته فرد جيڪي سماج ۽ ان جي ترقيءَ تي واضح اثر وجهندا رهيا آهن، هميشه اهي ماڻهو هئا جن جي هٿن ۾ وڏو اختيار ۽ مادي قوت هئي، يا وري اهڙا ماڻهو جيڪي علم، فني ڪم وغيره جي ميدانن ۾ بلندين تي پهتا هئا. ڪي نظريه دان اهڙن واقعن کي قطعي قرار ڏيئي عظيم انسانن جو نظريو گهڙين ٿا جن مطابق اهي هستيون عام ماڻهن کان افضل برتر ۽ تاريخ ۾ داخلي تخليقي سرگرميءَ جو واحد ذريعو هوندیون آهن. پلوتارڪ کان وٺي

هينئر تائين ان تصور جي مختلف نمونن کي سماجي شعور ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ان کي هميشہ هن دنيا جي حڪمرانن جي مڪمل حمايت حاصل رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ ان مان انهن جي حڪمراني جو حق درست ثابت ٿئي ٿو. ان تصور کي ان جي منطقي نتيجي تائين ڪارلائل پهچايو ۽ اهو ايترو تہ احمقاڻو ٿي ويو جو دنيا جي تاريخ صرف وڏن ماڻهن جو سوانح حيات بڻجي وئي.

تاريخ ۾ فرد جي ڪردار بابت وڏاءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو عوام جي ڪردار جي اهميت گهٽ ٿي وئي. ان تصور جي نظرياتي ڪمزوري ۽ ان جو سياسي نقصان هجڻ جو پردو مارڪسزم چاڪ ڪيو. جيڪو عوام جي انقلابي شعور جي ارتقا کي پنهنجي انتهائي اهم ذميواري سمجهي ٿو. نوجوان هيگل پرستن سان مناظرن ۾، جن جي دعويٰ هئي تہ تاريخ جو عامل "بي جوش عوام" جي پيٽ ۾ "تنقيدي ذهن رکڻ وارو فرد" آهي، مارڪس عظيم شخصيتن جي اهميت کان انڪار ڪرڻ کانسواءِ ثابت ڪيو تہ سچي تاريخ جا خالق فرد نہ پر عوام هوندا آهن. اها حقيقت تہ، عوام تاريخي عمل جا نہ صرف موضوع بلڪ محرڪ بہ آهن، تاريخ جي انقلابي دورن ۾ وڏي آب تاب سان ڏيکاءُ ڏئي. ڪن دورن ۾ جيڪا شيءِ انسانن کي تاريخ جو موضوع بڻائي ٿي اها جمود، تباهي ۽ تذليل آهي، ۽ اهو نتيجو آهي استحصال جو. پر عوام جڏهن پنهنجي مفاد خاطر جدوجهد لاءِ اٿي ڪڙو ٿئي ٿو تہ تاريخ جي پوري شاهراهہ تي پنهنجي سرگرميءَ جي ڇاپ ڇڏي ويندو آهي. اهوئي سبب آهي تہ تاريخ جي محرڪ کي هڪ رخ سان نہ ڏسڻ گهرجي، جيئن شخصيت پرست نظرئي جا عَلمبردار ڏسن ٿا. سڀ کان پهرين رعيت تاريخي تعليق (1) جي محرڪ آهي ۽ فرد جي سرگرمي صرف رعايا جي سرگرمي جي تعليق سان ئي صحيح طور تي سمجهي سگهجي ٿي.

رعيت کا اهڙي شيءِ ڪانهي جنهن کي مبهم ۽ غيرطبعي چئي سگهجي. اهي مختلف سماجي گروهن، حصن ۽ طبقن تي مشتمل هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو انسانن جي سرگرميءَ کي محرڪ طور سمجهڻ لاءِ سماجي فرق جي ضرورت، سبب ۽ ان جا نتيجا واضح ڪرڻ ضروري آهن.

1. تعلقي= (ع) (ث) ڪنهن شيءِ کي بي شيءِ سان ڳنڍي ڇڏڻ، لٽڪائڻ، ٽنگڻ. (سنڌيڪار).

سماجي فرق جي مارڪسي تصور جو بنياد طبقن جو نظريو آهي، جيڪو هر سماج اندر انسانن جي بنيادي سماجي امتيازن کي ظاهر ڪرڻ ۽ انهن جو تجزيو ڪرڻ جو طريقو فراهم ڪري ٿو. اهو هڪ اهڙو نظريو آهي جنهن کي قديم پنچائتي ڪميون جي انتشار کانپوءِ سڄي جي سڄي تاريخ تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو. طبقن جي سماجي فرق جا سبب ۽ ان فرق جي نوعيت معلوم ڪرڻ کان سواءِ ماڻهن جي وڏن گروهن جي مفادن، لاڳاپن جدوجهد ۽ خيالن کي نه ٿو سمجهي سگهي. ان ڪري ئي لينن لکيو آهي ته: طبقاتي سماج جي تصور کانسواءِ "سماجي نظام؟ يا "سماجي تشڪيل" جو تصور گهڻو تر ڪونهي هوندو.

تاريخي سرگرمي جي محرڪ کي سمجهڻ جي لاءِ طبقن جو نظريو خاص طور تي اهم آهي. واقعي جيڪڏهن تاريخ انسان جي تاريخ آهي ۽ جيڪڏهن تاريخ ۾ ڪروڙين انسان سرگرم نظر اچن ٿا، اهڙي طرح جو انهن جون تمنائون ۽ عمل هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا، هڪ ٻئي کي زخمي ڪن ٿا ته لازمي طور تي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته انفرادي عمل جي ان ڍير کي ڪيئن پرکجي؟ انفرادي عمل کي اسان انهن عملن جي سطح تي ڪيئن آڏيون جن جون سماجي معنائون هونديون آهن، انهن عملن جي سطح تي جيڪي ان جا سماجي طور تي تصور ايجا به واضح ڪري سگهجن ٿا؟ طبقن جي نظرئي جي اهميت اهائي آهي ته اها ماڻهن جي عملن کي وڏن سماجي گروهن جي طبقن جي عملن جي سطح تائين ونڊي آڻي ٿو. جن جو باهمي عمل ۽ جدوجهد سماجي ارتقا جي لاءِ محرڪ هجي ٿو. (2)

سماجي تفريق جو جوهر ۽ سبب-سماج ۾ طبقن جي ورڇ

سماج ۾ انسانن وچ ۾ بيشمار فرق هوندا آهن. قوميت، سماجي حيثيت، جنس، عمر، ڏنڊا، تعليم، آمدني سرڪاري رتبا وغيره. انهن سيني جو نتيجو انسانن جي درجه بنديءَ جي صورت ۾ نڪري ٿو ۽ ان سان ئي مختلف قسم جون ذاتيون ۽ سماجي گروهه وجود ۾ ايندا آهن. پر انهن ۾ سماجي فرق اهم ترين آهن ڇو ته انهن جو سرچشمو انسانن کي سماجي

2. سماجي ادراڪ جي تقاضا آهي ته متغاد به هجي يعني سماجي عناصر کان انفرادي تائين عبور.

طبقن ۾ ورهائڻ آهي.

تضاد رکڻ واري سماج ۾ سماجي طبقن جي ترتيب هميشہ ان جي رکنن تي واضح رهي آهي. غلامي جي سماج ۾ آزاد انسانن غلامن ۾ مختلف فرقن وچ ۾ هڪ وچوٽي هئي. جاگيرداراڻي نظام ۾ فرد جي حيثيت جو سڄو سارو دارومدار ان تي هو تہ هو ڪهڙي جماعت جو رکن آهي ۾ خود ماڻهو ان فرق کي يا تہ قدرتي سمجهندا هئا يا رباني دين. بورجوا سماج جاگيرداري جي پيٽ مان نڪتو ان توڙي جو قانون جي نظر ۾ سڀني انسانن جي رسمي مساوات تسليم ڪئي پر سماجي فرق يا سماج جي طبقن ۾ ورهاست ۾ طبقن جي تضادن کي ختم نہ ڪيو بلڪ پراڻن طبقن جي جاءِ تي نوان طبقا ايارپا ۾ ظلم ۾ جدوجهد جون نيون صورتون پيدا ڪيون.

بورجوا عالم مارڪس کان اڳ ئي طبقن جو وجود دريافت ڪري چڪا هئا. ڪلاسيڪي انگريزي سياسي معاشيات جي باني آدم سمٿ ۾ ڊيوڊ رڪارڊو جي راءِ ۾ سماج ۾ ٽي طبقا هوندا آهن، سرمائيدار، جاگيردار ۾ پورهيت. آمدني جا ذريعا انهن جي وچ ۾ فرق واضح ڪن ٿا. سرمائيدار منافعو حاصل ڪن ٿا، جاگيردارن کي خراج ملي ٿو ۾ پورهيت اجرت ونڻ ٿا.

سمٿ ۾ ريڪارڊو سماج جي معيشت جي لاڳاپي کان طبقن جي حيثيت جو تجزيو ڪيو. اها بيشڪ سماجي فڪر جي وڏي ڪاميابي هئي، پر انهن ماڻهن جي طبقن ۾ ورهايل هجڻ ۾ ان سان وابستہ سماجي عدم مساوات کي جائز ۾ ضروري ڄاتو. هنن کي طبقن جا جهيڙيندڙ تضاد ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا، تنهنڪري اهي ان بنياد کي نہ ڏيکاري سگهيا جيڪو انهن تضادن جو فرق آهي. انهن جي انوکي ڳالهہ اها آهي تہ انهن ۾نهي معاشيات جي ماهرن جو عقيدو هو تہ هارين جي طبقن ۾ فرق جون پاڙون دولت جي ورهاست جي شعبي ۾ آهن. ان ڪري ئي هنن طبقن جي ورهاست جو نظريو قائم ڪيو جنهن کي اڄ بہ سرمائيداري دنيا ۾ وڏي پئماني تي قبول ڪيو وڃي ٿو.

جيڪڏهن انگريزي سياسي معاشيات جي ماهرن سمٿ ۾ ريڪارڊو طبقن جي وجود ڏانهن ڌيان ڇڪايو تہ نئين دور جي فرانسيسي مورخن تيئري، گيزو، منيئي، تاريخ کي، خاص طور تي فرانسيسي انقلاب

جي تاريخ کي، طبقن جي جدوجهد جي روشني ۾ پيش ڪيو. انهن جو عقيدو هو ته زمين جي مالڪي لاءِ موجوده طبقاتي جدوجهد فرانسيسي انقلاب جي راهه هموار ڪئي هئي. هنن طبقن جي جدوجهد جو تاريخي نقشو پيش ڪيو هو پر گڏوگڏ اهو به چيو ته ان جدوجهد جو تعلق صرف ماضيءَ سان آهي ۽ مزدورن جي موجوده بورجوازيءَ خلاف جدوجهد غير ضروري، ناجائز ۽ ناروا آهي.

ان مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته طبقن جو وجود ۽ طبقاتي جدوجهد مارڪس کان اڳي ئي ڳولي لڌا ويا هئا. مارڪسزم جي بانين سماج، طبقاتي ڊانچو ۽ طبقن جي جدوجهد جو مطالعو ڪرڻ وقت سماجي سائنس جي حاصلات استعمال ته ڪئي پر اهي اوستائين محدود نه رهيا.

ويئديميئر جي نالي پنهنجي 5- مارچ- 1852ع واري مشهور ۾ مارڪس طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جي باري ۾ مارڪسي نظريو هيئن بيان ڪيو "جيڪو ڪجهه نئون ڪمون ثابت ڪيو اهو هي هو(1) طبقن جي وجود جو تعلق صرف پيداوار جي ارتقا جي مخصوص تاريخي منزلن سان هجي ٿو. (2) طبقاتي جدوجهد جو نتيجو لازمي طور تي پرولتاريه جي آمريت جي صورت ۾ نڪري ٿو. (3) اها آمريت بذات خود سيني طبقن جي خاتمي ۽ غير طبقاتي سماج تائين عبور آهي."

مارڪس پهريون پيرو طبقن جي مادي تشريح ڪئي ۽ اهو ڏيکاريو ته طبقا ترقي ڪندڙ پيداوار جي ضرورتن جي بنياد تي ايرندا آهن ۽ قائم رهندا آهن. هن ٻڌايو ته طبقا ڪي دائمي شيءِ ڪونهن، جيئن ته ضرورت جي ڪري اهي وجود ۾ آيا، تنهن ڪري انهن جو ختم ٿيڻ به لازمي آهي. اهو طبقن جي سوال ڏانهن تاريخي يعني جدلياتي رويو آهي.

طبقن جي نظرئي تي بحث ڪرڻ وقت اهم ڳالهه اها آهي ته سڀ کان پهرين سماج جي طبقن ۾ تقسيم لاءِ سائنسي اصول مقرر ڪيو وڃي ۽ ان مطابق طبقاتي امتيازن جون بنيادي خصوصيتون مقرر ڪيون وڃن. لينن اهي خصوصيتون پنهنجي تصنيف "عظيم ابتدا" ۾ باقاعدي پيش ڪيون آهن. "طبقا ماڻهن جي وڏن گروهن جو نالو آهي جن ۾ پاڻ ۾ فرق اهوهوندو آهي ته سماجي پيداوار جي تاريخي طور تي مقرر نظام ۾ انهن جي

جاءِ هڪ ٻئي کان مختلف هوندي آهي. پيداواري ذريعن سان انهن جو لاڳاپو مختلف هوندو آهي (اڪثر موقعن تي اهو قانون جي ذريعي مقرر ۽ مرتب ڪيو ويندو آهي)، پورهئي جي سماجي تنظيم ۾ ان جو ڪردار مختلف هوندو آهي ۽ انهن سيني جي نتيجي ۾ سماج جي دولت ۾ ان جي حصول جو مقدار مختلف هوندو آهي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو طريقو به الڳ هوندو آهي. طبقا ماڻهن جا اهڙا گروهه آهن جن مان هر هڪ گروهه ٻئي جي محنت غصب ڪري ٿو ڇو ته سماجي معيشت جي مخصوص نظام ۾ ان جي حيثيت هڪ ٻئي کان مختلف هوندي آهي." (3)

اچو ته ان کي ٿورو تفصيل سان ڏسون.

سماج طبقن ۾ ورڇيل هوندو آهي يا وري نه هوندو آهي. طبقن ۾ ورڇيل سماج ماڻهن جي وڏن وڏن گروهن ۾ ورهايل هوندو آهي جن اندر ماڻهن کي مخصوص طبقاتي مفاد گڏ ڪندا آهن.

طبقا ان ڪري هڪ ٻئي کان مختلف هجن ٿا جو سماجي پيداوار جي نظام ۾ انهن جي حيثيت مختلف هجي ٿي، ڪي حاڪم هجن ٿا ته ڪي محڪوم. طبقن جي حيثيت جو بنياد پيداواري ذريعن جي لاڳاپي سان انهن جو مختلف رتبو آهي. اهو هڪ اهم ترين فرق آهي جيڪو طبقاتي فرقن کي هر طبقي جي مفاد ۽ سرگرمي کي مخصوص سماج ۾ انهن جي بين طبقن سان ناتن کي جوڙي ٿو. پيداواري ذريعن ۾ نجي ملڪيت معاشي بنياد آهي جنهن جي ڪري سماج طبقن ۾ ورهائجي ويندو آهي، اهو بنياد آهي پيداواري ذريعن جي مالڪ جي هٿان پورهيت طبقن جي ڦرلٽ جو. اهو بنياد آهي طبقن جي سماجي تضاد جو. اهڙي سماج ۾ جتي هر شخص پيداواري ذريعن جي لاڳاپي سان هڪ جهڙو درجو رکي ٿو اتي نه طبقا هوندا آهن ۽ نه انسان جي هٿان انسان جو استحصال.

تنهن ڪري طبقن جي باري ۾ مارڪسي ليننسٽ نظريو سماجي پيداوار جي تاريخي طور تي هڪ تز نظام ۾ وڏن سماجي گروهن جي خارجي حيثيت جو تجزيو ڪري ان جي مفادن ۽ سرگرميءَ جو تخمينو لڳائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

3. مارڪس، "سرمايو، جلد پهريون".

پيداواري ذريعن جي تعلق سان رتبو محنت جي سماجي تنظيم جي اندر هر طبقي جو ڪردار به مقرر ڪري ٿو. سرمائيداري ۾ بورجوازي پيداوار ي منظم ڪري ٿو ۽ مزدور محنت جي ڪاٿو سرمائيداراڻي تنظيم جي اطاعت ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن. مارڪس جي خيال ۾ سرمائيدار ان ڪري سرمائيدار هوندا آهن جو اهي پيداوار کي منظم ڪن ٿا پر ان جي برعڪس اهي ان لاءِ پيداوار جي رهنمائي ڪندا آهن جو اهي سرمائيدار آهن يعني بنيادي پيداواري ذريعن جا مالڪ آهن. (4)

جيئن جيئن هو هتي واري سرمائيداري ترقي ڪري ٿي ماهر طور پيداوار منظم ڪرڻ جي لاءِ ملازم رکيا ويندا آهن. انهن کي ڪپمنين جي صدرن، ڊائريڪٽرن ۽ مئنيجرن جي عهدن سان نوازيو ويندو آهي ۽ انهن عهدن جون وڏيون وڏيون پگهارون هونديون آهن. جڏهن انفرادي سرمائيدار مالڪ جي جاءِ طاقتور هڪ هتي قائم ڪندڙ انجمنون ونڊيون آهن، تڏهن سرمايو غير شخصي ٿي ويندو آهي.

بورجوا مصنف ان حقيقت کي ٻئي رنگ ۾ پيش ڪندا آهن. اهي چوندا آهن ته سرمائيداري "انتظامي معاشري" ۾ بدلجي وئي آهي جتي اهم ۽ بنيادي جايون مالڪن نه پر ٽيڪنيڪي ماهرن جي هٿن ۾ هونديون آهن. پيو ان کي استحصال جي خاتمي جي نشاني به ٻڌايو وڃي ٿو. تنهن ڪري ليبرپارٽي جو پارليامينٽ جو ميمبر ڪراس لينڊ فرمائي ٿو ته جيئن ته هاڻي پيداواري ذريعن جي "فعال ملڪيت" جي جاءِ "شيئر جي اڻ ڄاتل ملڪيت" ورتي آهي تنهن ڪري اهو چوڻ صحيح نه ٿيندو ته ملڪيت جا لاڳاپا سماجي برتريءَ جو بنياد آهن.

ان کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته جديد سرمائيداري 19 هين صديءَ جي سرمائيداري کان مختلف آهي. پر نه ته انفراديءَ جي جاءِ "اجتماعي سرمائيدار" ۽ نه پيداوار جي روزمره جي انتظام کان ملڪيت جي مالڪن جي عليحدگي ۽ نه پيداواري ذريعي جي هڪ حصي جي رياست جي هٿ ۾ منتقلي به سرمائيداريءَ جي نوعيت بدلائي سگهي ٿي، ڇو ته پيداواري ذريعا سرمائي جي شڪل اختيار ڪري ونندا آهن. پين جي

4. مارڪس، "سرمايو، جلد پهريون".

محنت هڙپ ڪئي وڃي ٿي ۽ پيداوار جو مقصد سرمائيدار جي لاءِ منافعو حاصل ڪرڻ هوندو آهي. آخر مئنيجر (منتظمين) رڳو سرمائيدارن جي مرضي پوري ڪندا آهن، انهن ماڻهن جون جيڪي ڪمپنين جا مالڪ آهن ۽ گڏوگڏ استحصال نه صرف جاري رهي ٿو پر شدت اختيار ڪري وئي ٿو. انتظام جي ذميوارين کي مئنيجرن جي هٿن ۾ منتقل ڪرڻ صرف اهو ڏيکاري ٿو ته بورجوا طبقو ڏينهون ڏينهن طفيلي ٻين جي ذريعي گذارو ڪندڙ ٿيندو پيو وڃي ۽ اجتماعي پيداوار سرمائيدارن کانسواءِ منظم ڪري سگهجي ٿي.

وڏيڪ اهو ته پيداوار جو هنڌ ۽ ذريعا ٻئي طبقن (سرمائيدار ۽ پورهيت) جي آمدنيءَ جي مقدار ۽ تناسب جو تعين ڪندا آهن. تنهن ڪري بورجوازي ۽ پرولتاريه (سرمائيدار ۽ مزدور) جي وچ ۾ جيڪو فرق رهي ٿو، سو اهو آهي ته، پهرئين طبقي جي آمدني منافعي واري شڪل اختيار ڪري ٿي ۽ پوئين طبقي جي اجرت واري.

بورجوا نظريه دان جديد سرمائيداريءَ جي تصوير اهڙيءَ طرح پيش ڪن ٿا جڙ ته اها جنت آهي. انهن جي دعويٰ آهي ته ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ آمدنين ۽ زندگيءَ جي معيار ۾ هڪ جهڙائي پيدا ٿي وئي آهي ڇو ته دولتمندن جون آمدنيون گهٽايون ويون آهن ۽ غريبن جون وڌايون ويون آهن. ان مان "وچولو طبقو" ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي جنهن ۾ مٽيان ۽ هيٺيان پرت جذب ٿي رهيا آهن. اهوئي اهو بنياد آهي جنهن ته سرمائيداراڻي سماج ۾ طبقاتي فرق ۽ طبقاتي جدوجهد غائب ٿي وڃڻ جا دور رس نتيجا اخذ ڪيا وڃن ٿا، ۽ اهو ان ڳالهه جي ثبوت طور پيش ڪيو ويندو آهي ته مارڪسي نظريو جديد سرمائيداريءَ جي لاءِ موزون نه آهي.

پر اها حقيقتن جي بلڪل بگاڙيل تصوير آهي. آمريڪا کي ئي وٺو جيڪو سڀ کان وڏيڪ دولتمند سرمائيدار ملڪ آهي ۽ جتان جي مزدور طبقي سرمائيدارن خلاف پنهنجي جدوجهد ذريعي ٻين سرمائيدار ملڪن جي مزدورن جي پيٺ ۾ وڏيڪ اجرتون حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا آمريڪا ۾ آمدنين ۾ هڪجهڙائي آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ آمريڪي ڪانگريس

"غربت جو پروگرام" چوٽي پيش ڪري جڏهن 5 سيڪڙو دولتمند خاندانن جي قبضي ۾ اربين ڪربين ڊالر آهن؟ ڪيپيٽل هل ويجهو ميدان ۾ غريبن جون جهڳيون چوٽيون نظر اچن؟ آمريڪا ۾ چواڇ بہ لکين ماڻهو معمولي گهرن ۾ رهن ٿا جڏهن تہ مٺ جيترن سرمائيدارن جي ٽجوڙين ۾ قومي دولت جو وڏو حصو محفوظ آهي؟ واقعي، ان ملڪ ۾ آمدنين ۾ يڪسانيت جا ڪي بہ نشان نظر نہ ٿا اچن. مجموعي طور تي سرمائيدار دنيا ۾ دولت ۽ غربت وچ ۾ وڏي وچوٽي آهي سرمائيدار دنيا ۾ هين جي محنت جو استحصال ڦورو طبقن جي دولت گڏ ٿيڻ جو خاص ذريعو آهي.

اهي آهن طبقن جون خاص خاصيتون. اهو مارڪسي لينني نظريو تہ سماج طبقن ۾ ورهايل آهي، طبقاتي ورهاست جي انهن خاصيتن کي مرڪب، مربوط ۽ سالم تصور ڪري ٿو چو تہ انهن مان ڪنهن هڪ کي الڳ ڪري طبقاتي تفريق جو واحد معيار قرار ڏيڻ غيرسائنسي ٿيندو. طبقاتي فرق معيشت ۾ پيدا ٿي سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڇانئجي وڃن ٿا. هر طبقي جا سياسي مفاد، انهن جون نفسياتي خاصيتون ۽ خيال ان طبقي جي معاشي حالت ۽ مادي قائدي جي بنياد تي جڙن ٿا. ان سان گڏئي هر طبقي جي شڪل ان جي وجود جي تز تاريخي حالتن ۽ هين طبقن سان رشتا وغيره بہ جوڙين ٿا.

طبقا چو ٿا پيدا ٿين؟

طبقن جي پيدا ٿيڻ جي امڪان جو اصل سبب، جيئن اسين پوين بابن ۾ ڏسي چڪا آهيون، پورهئي جي لاياڻتي ٿيڻ ۾ اضافو آهي جنهن سان وڌيڪ پيداوار حاصل ٿئي ٿي ۽ انسانن جو استعمال سماجي طور تي نفعي بخش هجي ٿو ۽ طبقا پيدا ٿيڻ جو لازمي هجڻ مڪ ڪارڻ پيدا وار جي ارتقا جي هڪ اهڙي سطح آهي جنهن جي تحت ان جي وڌيڪ ترقي محنت جي سخت ورچ ڪانسواءِ ناممڪن آهي. پيداواري قوتون ۽ محنت جي لاياڻتي ٿيڻ ۾ اضافو يا مجموعي طور تي سماج جي ترقيءَ جي لاءِ محنت جي ورچ اهم ترين عنصر آهي.

پورهئي جي ورچ جي نتيجن جو صحيح تجزيو ڪرڻ جي لاءِ اهو

ضروري آهي تہ ان مسئلي جي ٽيڪنيڪي ۽ سماجي پهلوئن ۾ فرق ڪيو وڃي.

ٽيڪنيڪي معنيٰ ۾ پورهئي جي ورڇ جو نتيجو سرگرميءَ جي خاصيت، مختلف پيشن جي ابتدا، پيداوار جي مختلف شاخن وچ ۾ هر طرح جي رابطن جي قيام ۽ سرگرميءَ جي مختلف قسمن جي ڳڇ ۾ متاستا جي صورت ۾ نڪري ٿو. سماجي معنائن ۾ ان جو نتيجو ذاتي ملڪيت، ملڪيت ۾ اڻ برابري، سماج جي طبقن ۾ ورڇ جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿو. مارڪسزم لينننزم جا باني پنهنجي تصنيفن ۾ ان مسئلي تي ڪافي بحث ڪري چڪا آهن. خاص ڪري اينگلس "اينٽي ڊيورنگ" ۾ لکيو تہ "جيستائين اصل پورهيت آبادي پنهنجي ضروري پورهئي ۾ مصروف رهندي هئي تہ ان کي سماج جي گڏيل معاملن محنت جي رهبري، رياست جي ڪمن ڪارين، قانوني معاملن سائنس وغيره جي سار سنيال لاءِ وقت نہ ملندو هو ان لاءِ اوستائين ضروري هو تہ هڪ اهڙو مستقل طبقو موجود هجي جيڪو واقعي محنت ڪرڻ کان آجو هجي ۽ انهن معاملن کي سنيالي ۽ ان طبقي پنهنجي مفاد جي لاءِ پورهيت ماڻهن تي محنت جو اضافي بار وڌو" (5) ان لاءِ طبقا نتيجو آهن پورهئي جي ورڇ جو.

ابتدا ۾ طبقا بن گروهن مان ايريا. قديم پنچائتي ڪميون ۾ اندروني پرتن نهڙ سان ۽ بين ڪميونن ۽ قبيلن جي ماڻهن کي غلام بڻائي.

پهرين صورت ۾ حڪمران طبقو ان خاندان منجهان ايريو جيڪي سرڪاري عهدن تي مقرر هئا ۽ انهن ذريعي هو پاڻ گهٽي کان گهٽي دولت جمع ڪندا هئا. محنت جي ورڇ ۽ ذاتي ملڪيت جي وجود ۾ اچڻ واري زماني ۾ جيڪي ماڻهو عوامي ڪمن جي لاءِ منتخب ڪيا ويندا هئا، انهن سرڪاري عهدن مان ناجائز فائدا حاصل ڪيا ۽ عهدي رکڻ جو حق سڄي زندگيءَ جي لاءِ حاصل ڪري ورتو ۽ پوءِ ان کي موروثي بڻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح جو عوام جا خادم عوام جا آقا بڻجي ويا.

هي حالت ۾ طبقاتي تشڪيل جي سلسلي ۾ هيو پاسو غالب رهيو. جڏهن هر شاخ ۾ مال ڏارڻ، ٻني ٻاري ۽ دستڪاري ۾ پيداوار وڌي تہ انسان

5. اينگلس، "اينٽي ڊيورنگ".

جي محنت ان مقدار کان وڌيڪ پيدا ڪرڻ لڳي، جيڪا انسان جي وجود جي لاءِ ضروري هئي. ان سان گڏوگڏ ان برادري، ڪٽنب ۽ خاندان جي هر ميمبر جي لاءِ روزاني محنت جو مقدار وڌائي ڇڏيو. ان سان وڌيڪ انساني محنت حاصل ڪرڻ ۾ ان کي استعمال ۾ آڻڻ جي ضرورت وڌي. ان کي جنگين پورو ڪري ڇڏيو ڇو ته قيدين کي غلام بڻائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. تنهن ڪري محنت جي سماجي ورڇ ان جي لاءِ ٿيندڙ هجڻ ۽ مادي دولت وڌائڻ، پيداواري سرگرميءَ جي حلقي ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن تاريخي حالتن ۾ مجموعي حيثيت سان لازمي طور تي طبقن جي تشڪيل ڪئي ۽ طبقاتي سماج کي جنم ڏنو.

ڪن بورجوا نظريه دانن جي دعوا آهي ته تشدد سماج جي طبقاتي تقسيم جو ابتدائي بنياد آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته طبقن جي تشڪيل ۾ تشدد، جنگين، غلامن کي پڪڑڻ، ملڪيتون لٽڻ وغيره وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر بذات خود ان طبقا پيدا ڪونه ڪيا. جيستائين انسان پٿر جي کهاڙي استعمال ڪندو رهيو ان وقت تائين وڌي پئماني تي تشدد جي ذريعي سان به اضافي پيداواري شيون حاصل نه ڪيون سگهجن، جنهن سان استحصال جا تعلقات قائم ٿڻ واريون حالتون پيدا ٿيندڙيون آهن. تشدد کي سبب نه پر نتيجو چوڻ گهرجي اصل ۾ طبقا نهڻ جي راهه هموار ڪرڻ ۽ خود انهن کي پيدا ڪرڻ وارا سيئي عنصر معاشي هئا.

غلام ۽ آقا اهي پهريان به طبقا هئا جن ۾ سماج ورهائجي ويو. پر غلاميءَ کان جاگيرداراڻي سماج تائين ۽ وري جاگيرداري کان سرمائيداراڻي سماج تائين سفر جو مطلب اهو نه سمجهڻ گهرجي ته پراڻا طبقا نون طبقن ۾ آسانيءَ سان تبديل ٿي ويا هئا. مثال طور غلام، نيم غلام هارين ۾ ۽ آقا، جاگيردارن ۾ تبديل ٿي ويا. سماجي تشڪيلن جو تسلسل انتهائي مخصوص ۽ پيچيده عمل آهي، جنهن ۾ نئين تشڪيل جي طبقن جي ساخت ٿيندي آهي. هر نئين تشڪيل مان نوان طبقا ايرندا آهن.

اڄ پيداوار ۽ پيداواري قوتن جي ترقي ان سطح تي پهچي وئي آهي، جتي سمورا طبقا ختم ڪرڻ جي ذميواري بلڪل مهلائتي آهي. اشتراڪي ملڪن ۾ عملي طور تي اها ذميواري پوري ڪئي پئي وڃي.

طبقاتي تجزئي جو طريقو-سماج جو طبقاتي ڏانچو

سماج جي طبقن ۾ ورڇ سماجي لاڳاپن جي پوري نظام ۾ ظاهر ۽ مُعَيَنُ ٿيندي آهي. ان جو نتيجو طبقاتي تضاد هجن ٿا، جيڪي سڀني سماجي مظهرن تي ڇانيل هوندا آهن. طبقاتي تجزئي جو طريقو انهن مظهرن ۽ سماج جو طبقن ۾ ورڇ ۽ مختلف طبقن جي مفادن جي تعلق کي چٽو ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. پر اهو طريقو استعمال ڪرڻ وقت بن انتهاپسندين کان بچڻ ضروري آهي. هڪ طرف بورجوا خارجيت پسندي کان جيڪا بنيادي حقيقت کي نظرانداز ڪري ٿي ته سماج طبقن ۾ ورهايل آهي. هي هڪ اهڙو نقطئه نظر آهي جنهن سرمائيداراٽي اجارادارين بورجوا رياست، سياسي پارٽين وغيره جي طبقاتي نوعيت کان انڪار ڪرڻ يا انهن تي ڍڪ رکڻ وارن مختلف نظرين کي جنم ڏنو آهي. ٻئي طرف طبقاتي تجزئي جي طريقي جو بازاري، تنگ نظر ۽ بي ڍولو اطلاق آهي جيڪو مختلف سماجي مظهرن جي خصوصيتن کي منظر ۾ نه ٿو رکي، تنهن ڪري حڪومت هلائڻ کان وٺي وار سنوارڻ تائين، نظرئي کان وٺي فيشن تائين سيئي مظهر يڪسان طور تي طبقاتي تضادن جا پابند ڪري پيش ڪيا ويندا آهن. پهرئين صورت ۾ مارڪسزم طبقي کان بالاتر رويي جي ابتڙ طبقاتي رويي تي زور ڏئي ٿو ۽ بي حالت ۾ اهو داخليت ۽ بدصورتي جي خلاف جدوجهد ڪري ٿو جيڪي طبقاتي تجزئي کي بگاڙين ٿا.

طبقاتي تجزئي جي طريقي کي سائنسي طور تي استعمال ڪرڻ جو مطلب آهي ته هر سماجي مظهر جي خصوصيتن کي نظر ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن انتهائي بنيادي خصوصيتون ورتيون وڃن ته سمورن سماجي مظهرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن خاص گروهن ۾ درجه بندي ڪري سگهجي ٿي، جتي طبقاتي عنصر مختلف طريقن سان ظاهر ٿئي ٿو. پهريون انهن سماجي مظهرن جو گروهه جن جو بنيادي طور تي طبقاتي ڪردار آهي، جيڪي طبقن سان گڏ وجود ۾ ايندا آهن ۽ صرف طبقن جي وجود سان ئي ان جو به وجود قائم رهندو آهي. ان گروهه ۾ سڀ کان پهرين رياست ۽ سياسي لاڳاپن جو پورو نظام شامل آهي. اهو ئي سبب آهي جو رياست جي حقيقت ۽ نوعيت جي ارتقا کي سمجهڻ جي لاءِ ان جو طبقاتي جائزو وٺڻ انتهائي

ضروري آهي. ٻيو اهڙي مظهر جو گروهہ آهي جيڪو ڪنهن بہ سماجي تشڪيل جي باني عنصرن وانگر ايري ٽو پر اهڙي سماج ۾ طبقاتي ڪ دار حاصل ڪري ٿو جيڪو هڪ ٻئي جي ابتڙ طبقن ۾ ورهايل هوندو آهي. اهي مظهر پيداواري لاڳاپا اخلاق، نظريا، فن وغيره آهن. انهن مظهرن جي زمري ۾ طبقاتي تجزئي جو طريقو لاڳو ڪرڻ وقت ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي تہ طبقاتي جدوجهد سماج جي انهن عنصرن کي تباهہ نہ ڪري وجهي بلڪ ان جي اظهار جي تز تاريخي شڪل کي تبديل ڪري. ظاهر آهي تہ پيداوار جي لاڳاپن يا اخلاق کانسواءِ کو بہ سماج قائم نہ ٿو رهي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيداراڻي تشڪيل جي جاءِ تي ڪميونسٽ تشڪيل کي قائم ڪرڻ جو مطلب عام طور تعلقات پيداوار جي لاڳاپن يا اخلاق کي بلڪل ختم ڪرڻ ڪونهي بلڪ ان جي بدران ٻئي قسم جا لاڳاپا ۽ ٻئي نموني جو اخلاق لاڳو ڪرڻ آهي.

سماجي مظهرن جو ٽيون گروهہ سماج جي ان ساختي عنصرن تي مشتمل هجي ٿو جن جي طبقاتي نوعيت ڪانهي هوندي. يعني اهڙن عنصرن تي جيڪي جيڪڏهن طبقاتي نوعيت اختيار ڪري وڻن تہ پوءِ پنهنجون سماجي ذميواريون پوريون نہ ٿا ڪري سگهن. مثال طور زبان، ٽيڪنڪ، طبعي سائنس وغيره. پر هتي اهو ياد رکڻ جي ضرورت آهي تہ انهن تي بہ سماج جي طبقاتي ورڇ جو اثر پوي ٿو ۽ طبقا انهن کي پنهنجي مفاد جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. تنهن ڪري بورجوازي پورهيتن جو استحصال ڪرڻ جي لاءِ سائنس ۽ ٽيڪنڪ کي هٿيار طور استعمال ڪندا آهن. ان قسم جو استعمال انهن مظهرن ۽ ان جي ارتقا جي نوعيت تي اثر ضرور وجهي ٿو پر انهن جي جوهر کي نہ ٿو بدلائي ۽ نہ بدلائڻ جي سگهہ رکي ٿو.

جيڪڏهن سماجي مظهرن ۾ اهڙن ۽ ان کان بہ باريڪ امتيازن کي نظر ۾ نہ ٿو رکيو وڃي تہ طبقاتي تجزئي جو مارڪسي طريقو بگڙي ۽ بازاري ٿي وڃي ٿو. ايستائين جو ثقافت ڏانهن طبقاتي نقطئ نظر ان سڄي ثقافت کي غيرمعتبر ڄاڻائڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو جنهن کي انسانيت جي پوري تاريخ گڏ ڪيو آهي.

ان کانسواءِ طبقاتي نقطئہ نظر کانسواءِ طبقاتي سماج ۾ انسانن جي سرگرمي کي انهن گوناگون محرڪن ۽ خواهشن کي سمجهڻ ناممڪن آهي جن کان انسان پنهنجي سرگرميءَ ۾ رهبري حاصل ڪن ٿا. طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جو مارڪسي لينني نظريو انهن محرڪن ۽ خواهشن جا بنياد معلوم ڪرڻ ۽ انهن کي طبقن جي خاص مفادن جي سطح تائين آڻڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ان معاملي ۾ طبقاتي تجزئي جو بنيادي طريقو اهو آهي تہ انسانن جي مختلف خيالن، محرڪن، لفظن ۽ عملن کان اڳتي وڌي هڪ ٻئي جي ابتڙ طبقن جي اصلي مفادن جي تهہ تائين پهچجي. اهو طريقو انهن انفرادي فرقن جي گوناگونيءَ کي ليکي ۾ نہ ٿو آڻي جيڪي انسانن جي سرگرمي جا محرڪ هوندا آهن، پر انهن جي سرگرمي جو بنياد معاشي لحاظ کان اهم پهلو کي اجاگر ڪري ٿو. تنهن ڪري هڪ سرمائيدار پنهنجي خاندان جي لاءِ اهڙو سنو انسان ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي اولاد تي جان قربان ڪري ٿو، جنهن وٽ عجائبن جو انمول مجموعو آهي ۽ جيڪو خيربہ ڏئي ٿو. پر ٻيو سرمائيدار سنگدل، ۽ ڪليڇو انسان ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي خاندان وارن سان خراب سلوڪ ڪري ٿو. پر سرمائيدار جي حيثيت سان جيڪا ڳالهہ انهن ۾ هڪ جهڙي هجي ٿي سا اها آهي تہ اهي صاحبِ ملڪيت آهن، ڪاروبار ۾ حصو وٺن ٿا ۽ نفعو ڪمائن ٿا. اهڙيءَ طرح اهي پنهنجي پنهنجي طبقي جا مليل فرض (ذميواريون) انجام ڏين ٿا. اهوئي سبب آهي جو سرمائيدارن جي پنهنجي طبقي جي نمائندن جي حيثيت سان امتيازي خصوصيتون ڏسڻ وقت بنيادي ڳالهہ انهن جي ذاتي خوبن يا خامين کي بيان ڪرڻ ڪونهي، بلڪ ان حقيقت جي وضاحت ڪرڻ آهي تہ اهي سراپا سرمائيداراٿہ لاڳاپا آهن انهن طبقاتي لاڳاپن ۽ مفادن جي ڇاپ بورجوا طبقي جي ماڻهن جي ذاتي خصوصيتن تي بہ هوندي آهي. بورجوا مفادن جي نقصان ڪار اخلاق جي اثرن ۽ سچي انسان دوست لاڳاپن کان انهن جي لاتعلقي جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. پر اهو هميشہ ياد رکڻ جي ضرورت آهي تہ هر فرد جي شخصيت ڪڏهن بہ ايتري محدود نہ هوندي آهي جيتري اها امتيازي خصوصيت جيڪا ان جي سماجي اصليت يا طبقي سان وابستگيءَ تي ٻڌل هوندي آهي.

ان لاءِ طبقن جي اهڙن مفادن جي وصف بيان ڪرڻ وقت، تاريخي طور تي مقرر پيداواري نظام ۾ طبقن جي ريتن سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. انفرادي حيثيت کي سماجي سطح تائين آڻڻ، اهو معلوم ڪرڻ ته هر طبقو پنهنجي زندگيءَ جي حالتن مطابق ڇا ٿو حاصل ڪرڻ گهري ۽ طبقن جي سرگرميءَ ۾ خارجي ۽ داخلي پهلوئن جو لاڳاپو قائم ڪرڻ ممڪن آهي.

طبقاتي تجزئي جي طريقي ۾ هر سماج جي، جنهن جون پاڙون تاريخ ۾ ڪتل آهن، طبقاتي ڍانچي کي ڇاڻڻ ۾ شامل آهي. هڪ خاص سماج ۽ هڪ مخصوص ملڪ جي طبقاتي ڍانچي جو تجزيو ڪرڻ ۽ هر طبقي جي مفاد جي تحفظ جو يقين ڪرڻ کان پوءِ اسان کي سماج ۾ قوتن جي گڏيل لاڳاپي جي خارجي تصوير ملي ويجي ٿي ۽ سماج جي تضادن، ٽڪرائن، تصادمن جو بنيادي پهلو معلوم ٿي ويجي ٿو. سماج جي طبقاتي ڍانچي جي تجزئي جو طريقو جيڪو طبقن بابت مارڪسي لينني نظرئي جي پيداوار آهي، تاريخ جي مطالعي لاءِ ضروري رهنما جو ڪم انجام ڏئي ٿو ۽ اهو طبقاتي جدوجهد جي ور وڪڙ واري رستي ۾ منزل جو صحيح رخ معلوم ڪرڻ جو پروسي جوڳو هٿيار آهي. اهڙي ئي طريقي کي مارڪس، اينگلس ۽ لينن ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو ۽ اڄ به ان طريقي سان سڄي دنيا جون ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽيون جدوجهد جي هر قسم جي حالتن ۾ پنهنجون پنهنجون پاليسيون تيار ڪرڻ لاءِ رهنمائي حاصل ڪن ٿيون.

سماج جو طبقاتي ڍانچو ڏاڍي منجهيل تصوير پيش ڪري ٿو ۽ ان جي تجزئي جو پهريون مطلب هر سماج ۾ انهن بنيادي طبقن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي جن جا لاڳاپا ان جي ارتقا جي بنيادي راهه کي ظاهر ڪن ٿا. ان حقيقت کي به تسليم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته سماج ۾ عام طور تي مختلف ثانوي طبقا به هوندا آهن جن جي وجود جو تعلق مختلف سماجي شعبن سان هجي ٿو. ائين اهڙو طبقاتي ڍانچو مختلف سماجي جماعتن تي مشتمل هوندو آهي جيڪي نه صرف سماج ۾ بلڪ الڳ الڳ طبقن جي اندر به موجود آهن. مثال طور اسين جديد سرمائيداراڻي سماج جي سماجي ڍانچي کي ونون، جنهن جا بنيادي طبقا بورجوازي ۽ پرولتاريه آهن. انهن طبقن جو گڏيل عمل سرمائيداراڻي پيداوار جي مُک طاقت آهي.

ننڍي پيماني جي پيداواري جنسن جي شعبي ۾ به دستڪار، ننڍا واپاري ۽ ڪُڙمي شامل آهن. اهي آخرالذڪر سرمائيداراڻي سماج جو وچولو ثانوي طبقو آهن جيڪي تقريباً سڀني ملڪن ۾ هجن ٿا. سرمائيدراڻن لاڳاپن جي اثر سبب اهو ٽيڙ لڳندو آهي ۽ ڳوناڻي بورجوازي ۽ پرولتاريه کي جنم ڏئي ٿو. ڪن ملڪن ۾ وڏن زميندارن جو اهو چڙوچڙ طبقو باقي رهي ٿو جيڪو استحصال جي سرمائيداراڻن لاڳاپن کان علاوه رهيل کهيل جاگيرداراڻيون صورتون به استعمال ڪن ٿا.

سرمائيدار، مزدورن ۽ پيٽي بورجوازي کان علاوه سرمائيداراڻي سماج ۾ دانشورن ۽ آفيس جي ملازمن جا به ڪيترائي گروهه هوندا آهن. اهي نه ته پيداواري ذريعن جا مالڪ هوندا آهن ۽ نه مادي قدر پيدا ڪن ٿا، ان ڪري پيداوار جي نظام ۾ انهن جي آزاد حيثيت نه هوندي آهي. ان ئي بنياد تي ڪين سماجي طبقو نه پر سماجي گروهه سمجهڻ گهرجي. آفيسن جا ملازم سماجي محنت جي غيرپيداواري شعبي جا اجرتي مزدور آهن. مثلاً سرڪاري آفيسن، صنعتي ۽ واپاري ڪارپوريشنن جو عملو وغيره. دانشور ذهني ڪم ڪرڻ وارن يعني انجنيئرن، ڊاڪٽرن، استادن (معلمن) اديبن ۽ فنڪارن وغيره تي مشتمل هوندا آهن. انهن جي حيثيت طبقن ۾ وچولي آهي. اهي اها اهم ذميواري انجام ڏيندا آهن جن جو تعلق ذهني سرگرمي ۽ پيداوار، سماج ۽ حڪمران طبقي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ وارن مسئلن سان آهي.

جديد سرمائيداراڻي سماج جي ڄاڻ جي وڌيڪ وضاحت لاءِ ان ڄاڻ جي چرپر ۽ تبديلين جو مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهي سموريا طبقا، سماجي گروهه ۽ پرت ساڳي قسم جا ناهن هوندا ۽ انهن جا مفاد هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن. مثال طور اها حقيقت بنيادي طور تي اهم آهي ته ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ وچولي ۽ وڏي اجاريدار بورجوازي جا مفاد هڪجهڙا ناهن هوندا. اجاريدار بورجوازي يعني سرمائيدار دنيا جو "چونڊيل حڪمران" سماجي قوت ۽ سياسي اقتدار کي برقرار رکڻ جو بکيو هوندو آهي، تنهن ڪري اهو اسان جي دور جي خاص رجعت پرست قوت آهي. اها هڪ اهڙي قوت آهي جيڪا امن، جمهوريت ۽ سماجي ترقي جي

دشمن آهي.

- پيٽي بورجوازي، شهري پيٽي بورجوازي ۽ هارين تي مشتمل هوندو آهي ۽ آخر الذکر وچولي ۽ غريب هارين تي.
- مزدور طبقي جي صفن ۾ اسان کي صنعتي ۽ ڪوناٽي مزدور، ماهر ۽ غير ماهر مزدور جا دستا ملن ٿا.
- دانشورن ۾ به مختلف گروهه نظر اچن ٿا جهڙوڪ بورجوازي، پيٽي بورجوازي ۽ انقلابي اشتراڪي گروهه.

اڃڪلهه تعداد حصي جي لحاظ کان انهن ماڻهن ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿي رهيو آهي جيڪي عام پلائي جي صنعتن ۾ ملازم آهن، اهوئي حال سرمائيدار ادارن ۾ ڪم ڪرڻ وارن آفيس جي ملازمن، انجنيئرن ۽ ماهرن جو به آهي جن کي "وچولو گروهه" چيو ويجي ٿو. پر انهن جي پيٽ ۾ جيڪي ماڻهو مادي پيداوار جي شعبي ۾ ڪم ڪن ٿا انهن جو تعداد نسبتاً گهٽجي رهيو آهي. سرمائيدار ملڪن ۾ صنعتي مزدورن ۽ آفيس جي ملازمن جي هڪ حصي جي ڪم جي حالتن ۽ بين معيارن جي لحاظ کان "فرق متجرڻ" جو عجيب غريب عمل ٿي رهيو آهي. مثال طور آفيسن جا ملازم پرولتاري بنجي رهيا آهن ۽ مزدور طبقي جي ويجهو اچي رهيا آهن. غالباً انهن سيني ڳالهين جي بنياد تي پورهيت ماڻهن جي ان گروهه کي مزدور طبقي جو هڪ دستو سمجهڻ گهرجي. واقعي هي اهي مزدور آهن جن جو لباس "نيري" جي بجاءِ "اڇو" هجي ٿو. جيڪي جديد مشينن ۽ ٽيڪنڪ بابت عام پلائي جون ڏميواريون پوريون ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن کي خود پيداوار جو هڪ ترڪيبي جز چئي سگهجي ٿو. اهڙي طرح انجنيئر ۽ ماهر به پيداوار جي محنت ۾ حصو وٺن ٿا، پر ڪن ماڻهن جو ان نقطئ نظر تي مدلل اعتراض آهي. اهي ان تي زور ڏيندا آهن ته صنعتي ۽ آفيس ملازمن وچ ۾ اڃا به سماجي تفاوت باقي آهن. مثلاً مزدور طبقو قدر زائد تخليق ڪري ٿو پر آفيس جي ملازمن جي سرگرمي پيدا ٿيل قدر جي حساب ڪتاب، ان جي تبادلي، تقسيم وغيره سان وابسته آهي. ۽ جيتري قدر عام انجنيئرن ۽ ماهرن جو تعلق آهي، جيڪي سڌيءَ طرح مادي پيداوار جي شعبي ۾ مصروف رهن ٿا، تن جو اصل ڪم نگراني آهي

جيتوڻيڪ هڪ اعتبار کان اهي به جڙ مزدور جي ويجهو ئي آهن. بحث جو نتيجو ڪڍي ڪجهه به نڪري پر هڪ ڳالهه صاف آهي ته مزدور طبقي جي ترڪيبي جزن ۾ وسعت پيدا ٿي رهي آهي ڇو ته ان ۾ نه صرف صنعتي پرولتاريه ۽ زرعي مزدور شامل آهن بلڪ پورهيت ماڻهن جا ٻيا گروهه به شامل آهن جيڪي ان جا اتحادي آهن.

طبقن ۽ سماجي گروهن وچ ۾ حدود فاصل (ين شين کي جدا ڪندڙ وٽي) اضافي حرڪت پذير هجن ٿيون، انهن ۾ عبور مرحليوار ٿيندا آهن ۽ مشڪل سان نظر ايندا آهن پر خارجي فرق هميشه رهن ٿا.

معاشري جي سماجي ڍانچي، مختلف سماجي گروهن جا مفاد، سماج ۾ انهن جي اهميت، سماجي معاملن تي انهن جي اثر جون حدون ۽ نوعيت وغيره جي تجزئي کي جاري رکي الڳ ملڪن ۽ ملڪن جي گروهن جي تعلق سان ان جو اظهار تُڙ نموني ڪرڻ ۽ اها ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ ته قومي خصوصيتون طبقن ۽ انهن جي پاڻ ۾ لاڳاپن وغيره تي ڪيئن ٿيون اثر انداز ٿين، ممڪن آهي. ان سان سماج جي قوتن جي ترتيب ۽ توازن جي خارجي تصوير ايري ٿي، جنهن جو علم تاريخي واقعن کي واضح ڪرڻ ۽ مختلف حالتن ۾ سياسي پاليسي مرتب ڪرڻ لاءِ ضروري آهي.

طبقاتي تجزئي جي مارڪسي اصولن جي مقابلي ۾ عمرانيات جا بورجوا ماهر پرت بندي جو طريقو استعمال ڪن ٿا، يعني مختلف خصوصيتن جي بنياد تي سماج جي پرتن ۾ تقسيم جو. انهن جي دعويٰ آهي ته عمرانيات جي ماهر جو ڪم اهو آهي ته اهي سماج جي پرتن ۾ تقسيم يعني سماجي درجه بندي ۽ سماجي ڍانچي (يا خلا) ۾ ماڻهن جي تحريڪ يعني سماجي سرگرمي جو مطالعو ڪن.

مختلف پرتن ۾ هڪ ٻئي کان فرق رکڻ جو معيار ڪهڙو آهي؟ ان سوال تي عمرانيات جي بورجوا ماهرن ۾ اتفاق ڪونهي. بهرحال اهي سڀ متفق ٿي ان کان انڪار ڪن ٿا ته سماج کي طبقن ۾ ورهائڻ وارو بنيادي عنصر پيداوار جي ذريعن جي تعلق سان واڳيل آهي. ان هن مان اهي ماهر جيڪي معاشي معيار کي قبول ڪن ٿا، صرف تقسيم جو شعبو (آمدني جو مقدار) يا زندگيءَ جون مادي (ڳهريلو) حالتون وٺن ٿا. يعني زندگي جا اهي

پهلو جن جو انحصار پيداوار تي آهي. "گهڻ پهلو سان ماپجڻ واري پرت بندي" جي نظرئي کي وٺو جنهن کي جرمن ماهر عمرانيات ماڪس ويبر پهريون پيرو پيش ڪيو. ان جي انتهائي بااصول هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي پر حقيقت ۾ اها ديواني ديگڙي آهي جنهن ۾ هڙئي سبزيون ۽ ٻوڙ ياڇيون گڏائي پچائيون آهن. ويبر معاشي، سماجي (طريقہ زندگي) ۽ سياسي شعبن کي سماجي زندگيءَ ۾ هڪ ٻئي کان مختلف ۽ آزاد پهلو سمجهي ٿو. ان مفروضي تي تہ سماجي تفريق کي انهن پهلوئن کان الڳ الڳ هر هڪ جي نقطئ نظر سان ڏسڻ ممڪن آهي. ان ڪري ڪيئي "درجہ بندیون" پيدا ٿيون. معاشي پهلو کان "مرتب" جو نظام داخل ڪيو ويو ۽ سياسي پهلو کان پارٽين جي تقسيم ڪئي وئي. ان نظرئي جو نقص اهو آهي تہ اهو سماجي زندگيءَ جي مختلف شعبن جي معيشت سان وابستگي تسليم نہ ٿو ڪري، بلڪ سماجي زندگيءَ جي باري ۾ وحداني تصور جي جاءِ تي غيرفطري مرڪب جو تصور پيش ڪري ٿو. جديد عمرانيات جي جديد بورجوا ماهرن جي نقطئ نظر جو اهو هڪ سنو مثال آهي. تنهن ڪري ان تي تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ "گهڻ پهلو سان ماپجندڙ درجہ بندي" جي نظرئي کي سماجي سائنس جي ڪاميابي چيو وڃي ٿو. ان جي بنياد تي ڏنن جي حساب سان نوان نظريا ظاهر ٿيا آهن جيڪي نہ صرف ويبر جي نظرئي کان بلڪ معيارن جي تعداد ۽ درجہ بندي جي پهلوئن جي لحاظ کان بہ هڪ ٻئي کان مختلف آهن.

اوهان پڇي سگهو ٿا تہ ڇا طبقاتي تجزئي جو مارڪسي طريقو ۽ طبقن جو مارڪسي نظريو دقيانوسي تہ ڪوڙو ٿي ويا آهن ۽ آيا ان دعويٰ جو ڪو بنياد آهي تہ سماجي ڏانچي جي مطالعي جي سلسلي ۾ پرت بندي ترقيءَ جي علامت آهي. ان جو جواب اهو آهي تہ طبقن جي نظرئي مان اهو نتيجو ڪڍڻ غلط ٿيندو تہ اهو صرف طبقاتي تفاوتن کي تسليم ڪري ٿو ۽ باقي بين تفاوتن جو انڪاري آهي. جيئن تہ اسين اڳ ۾ چئي چڪا آهيون تہ انسانن ۾ گونا گون امتياز هجن ٿا ۽ اهي طبقن سان گڏوگڏ مختلف گروهن جو وجود مقرر ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو مارڪسزم پرت بندي، يعني مختلف خصوصيتن جي بنياد تي مختلف پرتن جي نشاندهي کي نہ

صرف رد نه ٿو ڪري، بلڪ ان کي استعمال ڪري ٿو. پر غير مارڪسي معنيٰ ۾ پرت بندي جو مقصد سماجي طبقاتي تفريق جي جاءِ اڪثر عارضي خصوصيتن جي بنياد تي سڃاپجندڙ ڪيترن ئي پرتن کي ڏيڻ آهي ته جيئن پرتن جي گهٽائي سماج جي بنيادي طبقن، مزدور طبقي ۽ بورجوازي ۾ تقسيم ۽ انهن جي درميان تضاد کي ڏنڊلو ڪري ڇڏي ۽ ماڻهن جي طبقن ۾ تقسيم کي اهڙن اخذڪيل ۽ ثانوي پرتن ۾ ملائي ڇڏي جيڪي سماجي زندگي جي داخليت جو نقطئه نظر پيدا ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو سائنسي معنيٰ ۾ پرت بندي جو تصور تنقيد نه ٿو سهي سگهي. نظرياتي پهلوڪان سماجي ڏانچي جي باري ۾ بورجوا خيال پکيڙڻ جو وسيلو بڻجي وڃي ٿو. ته پوءِ اهو بلڪل واضح آهي ته اهڙي صورت ۾ اهو معاشري جي سماجي ڏانچي جي سائنسي تجزئي جي لاءِ قابل قبول نه آهي. ان جو اهل آهي طبقاتي تجزئي جو مارڪسي طريقو، طبقن جو مارڪسي نظريو.

طبقاتي جدوجهد ۽ تاريخ جو ڪردار۔
مزدور طبقي جي جدوجهد جون خصوصيتون

هر طبقو پيداواري لاڳاپن واري نظام اندر پنهنجي مقام ۽ ان جي پيدا ڪيل مفادن جي مطابق عمل ڪري ٿو. مظلوم طبقا ۽ ظالمن جا طبقا لازمي طور تي هڪ ٻئي جي خلاف جدوجهد ڪرڻ تي مجبور آهن، ڇو ته سندن مفاد هڪ ٻئي جي ابتڙ هجن ٿا. اهوئي سبب آهي جو جڏهن سماج طبقن ۾ ورهائجي ٿو ته طبقاتي جدوجهد وجود ۾ اچي ٿي. جيئن ته طبقاتي جدوجهد جو سرچشمو نجي ملڪيت جا لاڳاپا هوندا آهن، تنهن ڪري حڪمران استحصال ڪرڻ وارو طبقو ان کي پنهنجي غلبي کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ حربي طور استعمال ڪندو آهي ۽ مظلوم طبقو، جنهن جو استحصال ڪيو ويندو آهي، پنهنجي نجات جي واحد وسيلي جي حيثيت سان جدوجهد کي ڪَتب آڻي ٿو. طبقاتي جدوجهد ۾ هميشه ۽ قطب (اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب، هوندا آهن. رجعت پرست ۽ انقلابي حڪمران طبقا مظلوم طبقن خلاف جدوجهد ۾ ان وقت تائين غالب رهندا آهن جيستائين سماجي نظام جي قيام لاءِ مادي حالتون مضبوط نه ٿيون ٿي وڃن.

انقلابي قوتون ان وقت فتحياب ٿيندیون آهن جڏهن انهن جي ڪاميابيءَ سان مطابقت رکڻ وارا مادي شرط پختا ٿيندا آهن، جڏهن سماج اندر نون پيداواري قوتن ۽ پيداوار جي پراڻن لاڳاپن ۾ سڌو ٽڪراءُ شروع ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ ٽڪراءُ کي حل ڪرڻ ۽ پيداواري قوتن کي وڌيڪ ترقي ڏيڻ جو واحد رستو انقلابي جدوجهد آهي. اها جدوجهد اهي سماجي قوتون ڪنديون آهن جن جي قسمت پراڻن معاشي شڪلين کي تباهہ ڪرڻ سان واڳيل هوندي آهي ۽ اها جدوجهد انهن طبقن خلاف ڪئي ويندي آهي جيڪي انهن لاڳاپن جا بنياد آهن. انقلابي طبقاتي جدوجهد ئي اهو واحد رستو آهي جنهن تي هلي تضاد رکڻ وارن سماجي نظامن ۾ سماجي ارتقا جا تاريخي لحاظ کان پختا مسئلا حل ڪيا ويندا آهن ۽ پراڻن تي نئين جي ڪامراني جي ضمانت ملندي آهي. اهوئي سبب آهي جو جدوجهد تضاد رکڻ وارن سماجن جي ارتقا ۾ خاص محرڪ قوت آهي. معاشري ۾ سماجي تضاد ختم ڪرڻ ۽ ان جي ارتقا جي بنيادي صورت ۽ سماج جي ارتقا جو هڪ ضابطو آهي. اهي تضاد اهڙي انقلاب ذريعي حل ڪيا ويندا آهن جيڪو پراڻي نظام کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو ۽ نئين پيداواري طريقي جي لاءِ راهہ هموار ڪري ٿو. خود انقلاب طبقاتي جدوجهد جي ارتقا جو عروج آهي. تنهن ڪري انقلابي طبقن جي جدوجهد سماجي عمل جي تاريخي لحاظ کان اهڙي ضروري شڪل آهي جنهن جا نتيجا فرسوده سماجي معاشي تشڪيل جي حدن کان ٻاهر وڃن ٿا. اها جدوجهد سماج کي اڳتي وڌائيندي آهي ۽ اهڙي نئين ۽ ايڏا بہ وڏيڪ بلند منزل تي پهچائيندي آهي جنهن جون مادي حالتون پيداوار جي ارتقا تيار ڪري چڪي هوندي آهي.

تاريخ ۾ هارين ۽ شهر جي رهواسين جي جدوجهد، جنهن جو رهنما بورجوازي هو، جاگيرداري کي ختم ڪيو ۽ سرمائيداريءَ جي ارتقا لاءِ راهہ هموار ڪئي. سرمائيداري ۾ بورجوازي خلاف پرولتاريہ جي جدوجهد هلندي آهي ۽ تيز ٿيندي آهي. هتي هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ جي ضرورت آهي تہ طبقاتي جدوجهد نہ صرف هڪ تشڪيل کان ٻي تشڪيل تائين سفر دوران پنهنجو اثر ڇڏي ٿي بلڪ هر سماج ۾ ان جو اثر پيداوار جي ارتقا، ثقافتي ۽ سماجي تشڪيل تي بہ پوي ٿو.

پرولتاريہ جي طبقاتي جدوجهد، ان جا سبب، ان جي ارتقا جا شرط ۽ امڪانن جو سائنسي تجزيو مارڪس ازم، لينن ازم جو تاريخي ڪارنامو آهي. ان سوال تي تاريخي ماديت پنهنجو بنياد تاريخي ارتقا جي باضابطگي کي ان ناقابل ترديد حقيقت کي بڻائيندي آهي تہ پرولتاريہ ۽ بورجوازي وچ ۾ تضاد لازمي طور تي پيداوار جي سرمائيداراڻن لاڳاپن ڪان، سرمائي جي هٿان اجرتي محنت جي استحصال مان ايرن ٿا ۽ سرمائيداريءَ جي ارتقا سان گڏ اهي تضاد حل ٿيڻ بدران وڌيڪ شديد ٿيندا ويندا آهن.

سرمائيداري اهڙيون مادي حالتون پيدا ڪندي آهي جيڪي پرولتاري طبقاتي جدوجهد جو رخ ۽ نتيجا طئي ڪنديون آهن. پيداوار کي اجتماعي عمل بڻائي سرمائيداري استحصال ختم ڪرڻ ۽ ذاتي ملڪيت جي جاءِ تي گڏيل ملڪيت قائم ڪرڻ لاءِ ضروري مادي حالتون پيدا ڪري ٿي ۽ اهو پيداواري قوتن جي نوعيت مطابق ٿيندو آهي. طبقن جو وجود، جيڪو سماجي پيداوار جي ارتقا جي مقرر منزلن ۾ ضروري هو، تاريخ جي ترقي جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ٿو. انهن حالتن ۾ پرولتاريہ صرف ان وقت پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن هو پيداوار جي سرمائيداراڻن لاڳاپن کي ختم ڪري ڇڏي، نجي ملڪيت ۽ استحصال کان سڄي سماج کي آزاد ڪري ڇڏي ۽ پهرين اشتراڪي، پوءِ ڪميونسٽ سماج تعمير ڪري، ان سماجي ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ عالمي تاريخ ۾ پرولتاريہ جو عظيم مقصد آهي، جو تہ اهو تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ انقلابي طبقو آهي.

اڪثر مارڪسٽن تي اهو الزام لڳايو ويندو آهي تہ هو پرولتاريہ سان مختلف قسم جون معجزاتيون خوبيون واڳيون ٿا ۽ ان کي هڪ غيرمعمولي ۽ "مغفرت وارو" (Chooren) طبقو تصور ڪن ٿا. پر ان ۾ ڪهڙي غلطي آهي، هر طبقي جون پنهنجون ڌار خاصيتون هونديون آهن. پرولتاريہ تي بہ اهو لاڳو ٿئي ٿو. ان جي نجي ملڪيت ڪانهي هوندي، تنهن ڪري ان جو تحفظ ڪرڻ سان هن جو ڪو واسطو ڪونهي. ان ئي سبب ڪري هو هر قسم جي ذاتي ملڪيت خلاف ثابت قدمي سان جدوجهد ڪري ٿو. ان کان علاوه پرولتاريہ جو تعلق وڏي پئماني جي صنعت سان هجي ٿو، جيڪا

پيداوار جي سڀ کان ترقي يافته شڪل آهي، تنهن ڪري هو سرمائيداريءَ سان گڏوگڏ ترقي ڪري ٿو. مزدورن جو وڏو تعداد فيڪٽرين ۾ ڪارخانن، شهرن ۾ صنعتي مرڪزن ۾ ڪم ڪري ٿو. ڪيس اجتماعي طور تي ڪم ڪرڻو هوندو آهي ۾ اها حالت ان کي تنظيم ۾ ڊسيپلين جي تعليم ڏئي ٿي. سرمائيدار سماج ۾ پرولتاريه جو رتبو ان کي معاشري جي نئين اشتراکي تعمير لاءِ ثابت قدم ۽ مستقل جدوجهد جي لائق بڻائي ٿو ۽ هو اشتراکي آدرش جو وسيلو بڻجي وڃي ٿو. دراصل سوال ڪنهن طبقي جي نرالائپ جو راڳ آلاپڻ جو ڪونهي، بلڪ شين جي خارجي حالت جي صحيح ڪاٽي جو آهي. پر سرمائيداري ۾ خاص ڪري سرمائيداراڻيون هڪ هٿيور هارين، شهري پيٽي بورجوازي، ڏهني ڪم ڪرڻ وارن هارين بينڪيتن ۾ نيم بينڪيتن جي سيني ماڻهن کي لٽين ٿيون ۽ انهن ٿي ظلم ڪن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو پرولتاريه جا مفاد ۾ سيني پورهيت عوام جي مفادن جي سماج جي اڪثريت جي مفادن جي عين مطابق هجن ٿا ۽ پرولتاريه جي حيثيت ان کي خارجي طور تي جمهوريت ۾ اشتراکيت جي جدوجهد ۾ پورهيت عوام ۾ استحصال جو شعار عوام جو رهنما بڻائي ٿي.

جديد سرمائيداراڻو سماج شديد طبقاتي جدوجهد جو آکاڙو بڻيل آهي. مختلف ملڪن ۾ ان جون مختلف امتيازي خاصيتون آهن. حالتن مطابق اها جدوجهد يا ته شديد ٿي وڃي ٿي يا مرحليوار پختي پر اها هر هنا جاري رهندي آهي، جتي سرمايو پورهيت ماڻهن جي زندگي گهاريڻ جي معي کي گهٽائيڻ گهري ٿو. جڏهن ان جي سماجي حاصلات جي ختم يا گهٽ ٿيڻ جو خطرو هجي ٿو. جڏهن اجاريداري جمهوري حقن ۾ شهري آزاديءَ تي راتاهو هڻي ٿي، جڏهن اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن جي جارحاڻي پاليسي هٿيارن جي دوڙ تيز ڪري ٿي يا نئين جنگ چيڙ هجي ٿو.

اجاريدارين جي غلبي خلاف جدوجهد جي نوعيت عام طور تي جمهوري هجي ٿي. اها عوام ۾ سياسي شعور وڌائي ٿي ۽ جڏهن انهن کي اشتراکي انقلاب جي ضرورت جو احساس ٿئي ٿو ته اهي پرولتاريه جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا آهن. جمهوريت جي جدوجهد اصل ۾ اشتراکيت جي جدوجهد جو هڪ اهم حصو آهي.

پرولتاري طبقاتي جدوجهد جي ذميواري سرمائيداري کان اشتراکيت تائين سفر آهي. ان لاءِ جيڪو پهريون ڪم آهي سو اقتدار پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ آهي، طبقاتي جدوجهد ۾ اقتدار جو سوال بنيادي مسئلو آهي. پر جيئن ته پرولتاريه ۽ بورجوازي جا مفاد هڪ ٻئي جي ابتڙ هوندا آهن، ته نئين سماجي نظام خلاف بورجوازيءَ جي مزاحمت اٽنر آهي ۽ جيئن ته سرمائيداراڻي سماج ۾ پرولتاريه سڀ کان وڌيڪ منظم ۽ ثابت قدم انقلابي طبقو آهي تنهن ڪري اشتراکيت قائم ڪرڻ جو واحد رستو پرولتاريه جو پورهيت عوام سان متحد ٿي اقتدار پنهنجي هٿن ۾ سنيالڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو مارڪس ازم پرولتاريه جي آمريت کي بورجوا سماج ۾ پرولتاري طبقاتي جدوجهد جو ضروري نتيجو سمجهي ٿو. "صرف اهو شخص مارڪسي آهي جيڪو طبقاتي جدوجهد جي اعتراف کي وسعت ڏيئي پرولتاريه جي آمريت جو اعتراف به شامل ڪري وٺي ٿو." (6) اهو آهي طبقاتي جدوجهد جو مارڪسي تصور.

پنهنجي طبقاتي مفادن مطابق بورجوا انقلابي تحريڪ کي چيپائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ رشوت ۽ تشدد کان علاوه مختلف قسم جا نظرياتي حربا به استعمال ڪري ٿو ته جيئن پرولتاريه طبقاتي شعور کان محروم ٿي وڃي ۽ اهڙي آئيڊيالوجي ان جي ڪاڪڙي ۾ لاٿي وڃي جيڪا بورجوازي جي لاءِ سڀ هجي. پرولتاريه کي مختلف طريقن سان اهو باور ڪرائڻ جي ترغيب ڏني وڃي ٿي ته بورجوا نظام جي ڀانچي اندر طبقاتي تضادن ۾ بلڪل مصالحت ٿي سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن جدوجهد جي ضرورت آهي ته ان جو نتيجو سرمائيداريءَ جو خاتمو نه پر طبقن جي مصالحت ٿيندي. طبقاتي جدوجهد جي جاءِ تي بورجوا سياستدان ۽ نظريه دان "طبقاتي امن"، "طبقاتي تعاون"، "محنت ۽ سرمائي ۾ پائيواري" وغيره جي وڪالت ڪن ٿا. انهن سمورن "پرامن" من موهيندڙ لفظن جو مقصد اهو آهي ته پرولتاريه پنهنجي مظلوم هجڻ واري حيثيت تي صبر ڪري پنهنجي مقصد کان منهن ڦيرائي پاڻ کي بورجوا نظرئي جو غلام بڻائي ڇڏي ۽ بورجوا پاليسي جي هٿن ۾ ڳڏو بڻجي وڃي.

6. لينن، "رياست ۽ انقلاب" باب 2، صفحو 3.

ساڃي ڏر وارا يا زوردار اشتراڪي ۽ اصلاح پرست پنهنجي پروگرام ۾ طبقاتي جدوجهد جو ذڪر به نه ٿا ڪن. اهي سياسي ۽ سماجي مسئلا حل ڪرڻ ۾ طبقاتي رويو اختيار ڪرڻ جا مخالف آهن.

عمرانيات جي بورجوا ماهرن جي دعوا آهي ته ترقيءَ جو سبب وڌندڙ "سماجي سرگرمي" آهي، يعني انسانن جي هيئڻين سماجي حيثيت کان بلند مرتبي تائين پهچڻ جي تحريڪ، ان ڪري ڪنهن مخصوص سماج ۾ ان سرگرميءَ لاءِ جيترا وڌيڪ موقعا هوندا، سماج جيترو وڌيڪ، "ڪليل هوندو" اوترو ئي اهو ترقي پسند هوندو. "سماجي حرڪت سرگرمي واري نظريئي مطابق آمريڪا جي بورجوا پروپئگنڊا اهو ورجائيندي رهندي آهي ته هربوٽ پالش ڪرڻ وارو چوڪرو ڪروڙپتي ٿي سگهي ٿو.

اهو صحيح آهي ته "سماجي سرگرمي" فردن يا گروهن کي ضرور متاثر ڪري ٿي پر اها طبقن جو مسئلو ڪڏهن به حل نه ٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري اها سرمائيداريءَ جا سماجي مسئلا به حل ڪرڻ جي قابل ڪانهي. اهو ان ڪري جو ان جي ذريعي طبقاتي تضاد ۽ طبقاتي فرق ختم ڪري نٿا سگهجن. اهو مفروضو ڪل جهڙو ئي ٿي سگهي ٿو ته "سماجي سرگرمي" ذريعي سيئي مزدور سرمائيدار ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ طبقاتي جدوجهد جي تصور تي به هڪ ٻئي جي ابتڙ نقطئه نظر پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿا. مارڪسي نقطئه نظر جيڪو سماج جي استحصال کان نجات ڏيارڻ جو رستو ٻڌائي ٿو ۽ بورجوا نقطئه نظر جنهن جو مقصد پورهيتن کي سرمائيداري ۾ مفاد جي تابع رکڻ آهي.

طبقن تضاد جو اظهار سماجي زندگيءَ جي هر پهلو ۾ هجي ٿو پر پنهنجي پنهنجي طريقي سان. طبقاتي جدوجهد جون بنيادي شڪليون معاشي، سياسي ۽ نظرياتي هجن ٿيون، جڏهن اهي سيئي گڏجي پوندیون آهن تڏهن ئي جدوجهد جا آخري مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا. هاڻي اسين پرولتاري طبقاتي جدوجهد ڪرڻ جي سلسلي ۾ انهن صورتن جي اهم خاصيتن ۽ انهن جي پاڻ ۾ تعلق تي بحث ڪنداسين.

معاشي جدوجهد، مزدورن جي روزمرهه جي ضرورتن جي ڪم جي بهتر حالتن ۽ اجرتون وڌائڻ جي لاءِ ڪئي ويجي ٿي. انهن جي اهميت ان ۾

آهي تہ اها غربت جي رحجان جي خلاف هوندي آهي ۽ طبقاتي بڌي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. پر اها جدوجهد لازماً محدود هوندي آهي ڇو تہ ان جدوجهد جو مقصد انفرادي ۽ جزوي هجي ٿو. اها سرمائيداريءَ کي ختم ڪرڻ واري عام ذميواري کي پورو نہ ٿي ڪري. اڪونومسٽن خلاف جدوجهد ۾ لينن اهو ثابت ڪيو تہ پرولتاري جدوجهد کي معاشي حدن ۾ بند رکڻ جو نتيجو مزدورن جي قسمت ۾ ابدي غلامي هوندو. اهوئي سبب آهي جو معاشي جدوجهد کي اڪيلي ممڪن ۽ بنيادي جدوجهد سمجهڻ نہ گهرجي.

سياسي جدوجهد پرولتاريہ طبقاتي جدوجهد جي بنيادي ۽ فيصلائتي صورت آهي. ان سلسلي ۾ مارڪس جو اهو مشهور قول ياد رکڻ گهرجي تہ هر طبقاتي جدوجهد سياسي جدوجهد هجي ٿي. ان جو مطلب اهو آهي تہ سرمائيدارن خلاف مزدورن جي جدوجهد، هڪ طبقي خلاف بئي طبقي جي جدوجهد صرف ان حد تائين هوندي آهي جيتري اها سياسي هوندي آهي، يعني جڏهن اها سياست جي ميدان ۾ شروع ٿئي ٿي. جڏهن جدوجهد سياسي هوندي آهي تہ انفرادي گروهن يا پيشہ ور گروهن جا مفاد نہ پر پرولتاريہ جا گڏيل طبقاتي مفاد سامهون ايندا آهن.

سياسي جدوجهد دوران مختلف مطالبا پيش ڪيا ويندا آهن، جيئن سماجي قانون کي بهتر بنائڻ، جمهوري آزادي وڌائڻ ۽ ضمانت، بورجوا حڪومتن جي مختلف رجعت پسند قدمن خلاف احتجاج. وغيره سياسي جدوجهد دوران ئي اقتدار جو سوال اٿي ٿو ۽ اها هڪ قدرتي ڳالهہ آهي ڇو تہ مزدور طبقو بورجوا کان اقتدار صرف سياسي جدوجهد جي ذريعي، صرف سياسي ذريعن سان حاصل ڪري سگهي ٿو. انقلابي حالت ۾ اها وقت جي عملي ذميواري بڻجي وڃي ٿي.

نظرياتي جدوجهد بہ، جيڪا طبقاتي جدوجهد جي ٽين بنيادي شڪل آهي، سياسي جدوجهد جي ضرورتن تحت ٿئي ٿي. اها جدوجهد عوام کي متاثر ڪرڻ جي جدوجهد عوام جي ذهنن ۾ اشتراڪي شعور داخل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهوئي سبب آهي جو ان جو سياسي جدوجهد جي عمل ۽ ان جي ضرورتن سان اٽ تٽ رشتو آهي. نظرياتي جدوجهد جو مقصد بورجوا نظرين جي مارڪسي لينني نظرئي ۾ ترميم ڪرڻ ۽ ان کي بگاڙڻ

جي ڪوشش تي تنقيد ڪرڻ آهي.

پرولتاريہ جي طبقاتي جدوجهد ۾ رهنما ۽ هادي وارو ڪردار ان جي انقلابي سياسي پارٽي جو هجي ٿو. هڪ اهڙي پارٽي کان سواءِ، جيڪا سائنسي نظريئي کان رهنمائي حاصل ڪري ٿي ۽ عوام سان ان جا ويجها رشتا آهن، پرولتاريہ پنهنجي دشمنن خلاف ڪاميابيءَ سان جدوجهد نہ ٿو ڪري سگهي. اها ڳالهہ ياد رکڻ ضروري آهي تہ جڏهن سرمائيداري ترقي ڪري سامراج جي صورت اختيار ڪئي ۽ ان سان سرمائيداري جا تضاد ايڏا وڌي ويا تہ پراٽيون سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيون پرولتاريہ طبقاتي جدوجهد جي رهنمائي ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيون. انهن تي موقعي پرست چانئجي ويا ۽ اهي پست ٿي سماجي اصلاحي پارٽيون بڻجي ويون. انهن جو ڪم اهو ٿي ويو تہ مزدور طبقي تي بورجوا اثرن جو وسيلو بڻجن. اهوئي سبب آهي جو تاريخ انقلابي پرولتاريہ آڏو هڪ عملي ۽ نهايت ضروري ذميواري رکي، اها هئي هڪ نئين قسم جي پارٽي، سماجي انقلاب جي پارٽي قائم ڪرڻ جي جيڪا مزدور طبقي جي انقلابي جدوجهد جي رهنمائي ڪرڻ جي اهليت رکندي هجي. اهڙي ئي پارٽي لينن روس ۾ قائم ڪئي هئي. بالشويڪ پارٽي. اها پين ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي لاءِ اصلي نمونو ٿي جيڪي پوءِ وجود ۾ آيون. اهي اڄ هڪ زبردست قوت بنجي ويون آهن ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ طبقاتي جدوجهد کي منظم ڪري رهيون آهن ۽ اشتراکي ملڪن ۾ نئين سماج جي تعمير ۾ مصروف آهن.

لينن مزدور طبقي جي انقلابي پارٽي جو نظريو ۽ ان جا تنظيمي اصول مرتب ڪيا. ڪميونسٽ پارٽي مزدور طبقي جو هڪ حصو آهي، اها ان جو باشعور ۽ منظم هر اول دستو آهي. لينن ٻڌايو تہ پرولتاريہ پارٽي طبقاتي تنظيم جي بلند ترين شڪل آهي جيڪا پرولتاريہ جي بنيادي مفادن جو اظهار ڪري ٿي. پرولتاريہ جي سمورين پين تنظيمن جي رهبري ڪرڻ ان جي ذميواري آهي.

پارٽيءَ جي طاقت جو سرچشمو ان جو اتحاد ۽ ڳانڍاپو آهي جنهن جو بنياد مزدور طبقي جي مفادن جو سائنسي اظهار آهي، ان رشتي جو اتحاد مضبوط ڪرڻ وارو عنصر نظم و ضبط آهي جيڪو پارٽي جي سمورن

ڊيمبرن تي هڪجهڙو لاڳو ٿئي ٿو.

سيئي مارڪسي لينني پارٽيون آزاد ۽ برابر آهن، جيڪي مارڪسزم، لينننزم جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ملڪن جي ٺوس حالتن مطابق پنهنجون پنهنجون پاليسيون جوڙيندڙيون آهن. پر گڏوگڏ جيئن 1969ع ۾ ماسڪو ۾ ڪميونسٽ ۽ مزدور سڄي دنيا جي ڪميونسٽن جي عظيم فوج جي ڳانڍاپي، انهن جي ارادي ۽ عمل جي اتحاد جو مطالبو ڪن ٿا. هر مارڪسي لينني پارٽي جي بلند ترين بين الاقوامي ذميواري آهي ته جديد تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ اها بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جو اتحاد مضبوط ڪرڻ ۽ ان کي بلند سطح تائين پهچائڻ لاءِ مسلسل ڏيان ڏئي. اجلاس جي خاص دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته "سمورن سامراج دشمن قوتن کي گڏ ڪرڻ جي لاءِ ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جو اتحاد اهم ترين عنصر آهي."

پارٽيءَ جي طاقت ۽ ان جي ناقابل تسخير هجڻ جو راز عوام سان ان جو رشتو آهي. پارٽي عوام جي اعتماد ۽ حمايت تي پروسو رکي ٿي، جن جي اها رهنمائي ڪري ٿي. اها هميشہ انهن جي خيالن تي ڏيان ڏئي ٿي ۽ انهن جي تجربن مان نتيجا ڪڍي ٿي.

مارڪسي، لينني پارٽيون عوام تائين سائنسي نظريو پهچائين ٿيون. ڪميونسٽ ۽ مزدور تحريڪ جي حڪمت عملي ۽ طريقہ ڪار مرتب ڪن ٿيون، جدوجهد جي مختلف شڪلين کي مناسب طريقي سان ڪنو ڪن ٿيون ۽ موزون ذريعن جي چونڊ ڪن ٿيون. اهي مارڪسي، لينني نظريي جي پاڪيزگيءَ جي حفاظت ڪن ٿيون، مزدور طبقي جي بنيادي مقصدن کي ان جي روزمرهہ جي ضرورتن سان جوڙي ترميم پرستي ۽ ڪٽر عقيدي پرستي خلاف جدوجهد ڪندي، تازن تجربن ۽ تاريخي حالتن مطابق مارڪسي، لينني نظريي جي تخليقي طور تي نشو و نما ڪن ٿيون.

تاريخ ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين کي عظيم ذميوارين سان هڪ ٻئي جي آهون سامهون ڪيو آهي. اهي آهن ڪميونزم لاءِ ڪم ڪرڻ، سماجي ارتقا جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ، انسانيت کي ظلم استحصال، بک، غربت، عسڪريت پرستي ۽ جنگ کان نجات ڏيارڻ،

سڄي ڌرتي تي جمهوريت، امن ۽ قومن جي دوستي قائم ڪرڻ ۽ اهڙي زندگي سنوارڻ جيڪا انسان جي شان مطابق هجي.

انهن ذميوارين کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽ، سماج جي سمورن ترقي پسند قوتن کي گڏ ڪندا آهن، اهي انهن جي اشتراڪين، سوشل ڊيموڪريٽس ۽ بين جمهوري پارٽين ۽ تنظيمن کي تعاون جي دعوت ڏيندا آهن جيڪي دنيا جي نئين سر اڏاوت ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ راضي ۽ تيار آهن.

دنيا جي بن مخالف سماجي نظامن ۾ ورچ کي نظرانداز ڪري اسان جي لاءِ موجوده دور ۾ طبقاتي جدوجهد کي سمجهڻ ناممڪن آهي. توڙي جو انهن بنهي نظامن ۾ صبقاتي تضاد آهي پر انهن تي اهڙا تصور لاڳو ڪرڻ صحيح نه ٿيندو جيڪي انفرادي ملڪن ۾ طبقاتي لاڳاپن جو تجزيو ڪرڻ وقت حاصل ڪيا وڃن ٿا. انهن جي وچ ۾ بنيادي سماجي، معاشي ۽ سياسي ويڇن ۽ انهن جي هڪجهئي ڪردار باوجود انهن بنهي نظامن ۾ اهڙيءَ طرح بقاءِ باهمي تي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ به گهرجي ته جيئن اهي هڪ ٻئي جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ، گڏيل مفاد واپار وغيره جي بنياد تي لاڳاپا قائم ڪن. پرامن بقاءِ باهمي سماجي ترقي جي لاءِ هڪ خارجي ضرورت آهي. اها ضرورت ان ڳالهه جو نتيجو آهي ته سرمائيداري کان سوشلزم تائين انقلابي سفر لاءِ حالتون مختلف ملڪن ۾ هڪ ئي وقت پيدا نه ٿيون ٿين، ۽ جيئن ته ڪا به قوم پنهنجي مرضي يا پنهنجو سماجي سياسي نظام ٻي قوم تي زبردستي نه ٿي مڙهي سگهي ۽ هر قوم کي پنهنجي مرضيءَ مطابق بهتر نظام جي چونڊ ڪرڻ جو حق آهي، تنهن ڪري انهن ملڪن کي، جتي پراڻو نظام موجود آهي، بنهي کي پاڻ ۾ گڏ جي رهڻو پوي ٿو. اهو صحيح آهي ته سڀ کان وڌيڪ جارحاڻا سامراجي حلقا اشتراڪي ملڪن سان اهڙا لاڳاپا قائم ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن جن جو بنياد برابري ۽ هڪ ٻئي جي معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ هجي. انهن جي اها ڪوشش آهي ته "سرد جنگ" کي جاري رکن. سامراجيت ۾ "سرد جنگ" کي "گرم" جنگ ۾ بدلائڻ ۽ ٿرمونيوڪليائي ويڑهه پڙڪائڻ جو خطرو لڪل آهي جنهن سان سڄي انسانيت جي وجود کي خطرو آهي. پر هاڻي امن جون قوتون ايتريون طاقتور ٿي ويون آهن جو اهي جارحيت جي پاليسي

ڪي ناڪام بڻائي سگهن ٿيون، انقلاب دشمنيءَ ڪي روڪي سگهن ٿيون ۽ پر امن طور تي گڏ جي سڏجي رهڻ تي آماده ڪري سگهن ٿيون. سرمائيدار ملڪن ۾ جيڪي اندروني عمل جاري آهن تن جو لازمي نتيجو انقلابي ڏماڪن جي صورت ۾ نڪرندو ۽ اتي سرمائيداريءَ جي جاءِ تي اشتراڪيت قائم ٿيندي، تنهن ڪري جنگ انهن مقصدن جي لاءِ بلڪل بي معنيٰ ٿي رهجي ويندي. ان جي لاءِ امن جي ضرورت آهي جنهن جي لاءِ جدوجهد ڪي جَري ۽ ثابت قدم ٿيڻ گهرجي. ماسڪو ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي بين الاقوامي اجلاس جي خاص دستاويز ۾ زور ڏنو ويو آهي ته موجوده حالتن ۾ "امن جي مدافعت جو سڏيءَ طرح ان جدوجهد سان تعلق آهي جنهن جو مقصد سامراجن کي مختلف سماجي نظام رکڻ وارين رياستن جي وچ ۾ پر امن بقاءِ باهمر کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪرڻ آهي. بقاءِ باهمر جي تقاضا آهي ته اقتدار ڪامل، مساوات، هر رياست جي، چاهي اها وڏي هجي يا ننڍي، سرحدن جو احترام، بين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ، هر قوم کي آزاديءَ سان پنهنجي لاءِ سماجي، معاشي ۽ سياسي نظام جو فيصلو ڪرڻ جي حق جي احترام جي اصولن تي عمل ڪيو وڃي.

"پر امن بقاءِ باهمر جي پاليسي ان ڳالهه کي رد نه ٿي ڪري ته سڀني مظلوم ماڻهن کي هر ان ذريعي سان پنهنجي آزادي جي لاءِ وڙهڻ جو حق آهي جنهن کي هو ضروري سمجهن ٿا، هٿياربند، پرامن. بقاءِ باهمر جي پاليسي جو اهو مطلب بلڪل ڪونهي ته رجعت پرست حڪومت جي حمايت ڪئي وڃي."

بي ڳالهه جيڪا ذهن نشين ڪرڻ گهرجي اُها اِها آهي ته مختلف سماجي نظام رکڻ وارين رياستن جو پر امن نمونو رهڻ سرمائيداري ۽ اشتراڪيت جي طبقاتي جدوجهد جي هڪ شڪل آهي. اها جدوجهد سماجي زندگي جي هر بنيادي پهلو، معاشي، سياسي، سماجي ۾، جاري رهي ٿي. بنهي نظامن جي معاشي جدوجهد معاشي مقابلي جي شڪل اختيار ڪري ٿي. سياسي جدوجهد جي صورت ۾ امن جي جدوجهد، امن جي دشمنن خلاف سخت قدم ۽ انهن قومن جي امداد ٿي وڃي ٿي جيڪي

سامراج خلاف قومي آزادي ۽ سماجي نجات جي لاءِ وڙهي رهيون آهن. نظرياتي ميدان ۾ نظرين ۾ ٽاڪ نه ٽيڙ جوڳي جدوجهد جاري رهي ٿي.

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته پر امن بقاءِ باهم مظلوم ماڻهن جي قومي آزاديءَ جي لاءِ سماج جي خلاف جدوجهد جي مفاد جي راهه ۾ رڪاوٽ هوندي آهي. اهو صحيح ڪونهي. هر مظلوم قوم کي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ وڙهڻ جو حق حاصل آهي. جيتري قدر مختلف سماجي نظام رکڻ وارين رياستن وچ ۾ پرامن نموني گڏجي رهڻ جو سوال آهي ته ان مان ڪنهن هڪ رياست طرفان ڪنهن بي رياست جي اندروني معاملن ۾ مداخلت جي روڪٽام ڪئي ويندي ۽ جيئن اسين اڳ ۾ چئي چڪا آهيون اها هڪ قوم کي بي قوم تي ظلم ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي بلڪ رياستن جي ڪامل اقتدار، مساوات ۽ عدم مداخلت جا اصول تسليم ڪري ٿي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي ثابت قدمي سان مختلف نظامن وارين رياستن وچ ۾ پر امن نموني گڏجي رهڻ واري لايني پاليسي تي گامزن آهي. اهو ان ڪري جو رياستن جي نظرياتي ۽ سياسي جهڳڙن کي جنگ ذريعي حل نه ٿي ڪرڻ گهرجي.

طبقا ۽ طبقاتي جدوجهد جي مارڪسي نظرئي جا جيڪي بنيادي اصول اسان هتي بيان ڪيا آهن، انهن کي هر ملڪ ۾ زمان ۽ مڪان جي مخصوص حالتن، ملڪ جي ارتقا جي سطح ۽ ان جي تاريخي خصوصيتن جي اعتبار کان لاڳو ڪرڻ گهرجي. اسان جي ڏرتيءَ جي گولي تي اهي حالتون بيحد منجهيل آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن به انفرادي مسئلي جي لاءِ نظرئي ۾ تيار ٽيل حل تلاش نه ڪرڻ گهرجي، تز حالتن تي نظرئي جو اطلاق هڪ تخليقي عمل آهي ۽ انقلابي طبقي ۽ پورهيت عوام جي رهبر پارٽين جي نظرياتي ۽ سياسي سطح جيتري بلند هوندي آهي اهو تخليقي عمل به اوتروئي ڪامياب ثابت ٿيندو آهي.

مزدور طبقي لاءِ جيتري قدر اهو تاريخي عمل، تاريخي سرگرميءَ جو خالق آهي جيڪا ڳالهه تمام اهم آهي اها آهي خارجي حالتن ۾ ملڪ جي ارتقا جي سطح، بين طبقن جي نوعيت ۽ سرگرمي، ملڪ اندر ۽ بين الاقوامي ميدان ۾ طبقاتي قوتن جو توازن وغيره جدوجهد ۾ ڪامياب حاصل

ڪرڻ جي لاءِ اهو معلوم ڪرڻ به اهم آهي ته خود مزدور طبقي جي انقلابي شعور ۾ تنظيم جي سطح ڪيتري آهي، نظرياتي لحاظ کان اها ڪيتري حد تائين آزاد آهي، يا ان جي ابتڙ ڪيستائين اها بورجوا سان ڳنڍيل آهي، ان جو بين طبقن ، گروهن، سماجي ۾ نسلي گروهن ۾ ڪيترو وقار ۽ اثر آهي جيڪو ڪين جدوجهد ۾ مزدور طبقن جو اتحادي بڻائي سگهي.

قيادت جو فن انهن سيني عنصرن جو ڪامل ترين ۽ جامع ترين جائزو ونڊ جي صلاحيت ۽ خود پنهنجي ۽ پنهنجي دشمن بنهي جي ڪمزوري ۽ قوت جاڻڻ ۽ ان بنياد تي جدوجهد جائز مقصد مقرر ڪرڻ ۽ انقلابي اڳرائي ڪرڻ جي صلاحيت تي مشتمل هوندو آهي. انهن ڳالهين سان ئي عام تحريڪ کي بلند ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اشتراڪي سماج جو سماجي ڍانچو ۽ ان جو سرگرميون(Dynamics)

مزدور طبقي جي رهنمائي ۾ پورهيت عوام جو اقتدار قائم ٿيندي ئي، جيڪو اشتراڪي انقلاب جي دوران حاصل ڪيو ويندو آهي، سرمائيداري کان اشتراڪيت تائين سفر شروع ٿئي ٿو. ان کي سفر ان ڪري چيو ويندو آهي، جو هڪ طرف اها سرمائيداري ڪانهي ۽ ٻئي طرف اشتراڪيت به ڪانهي. ان ۾ هڪ مدت تائين قومي پئماني تي مختلف سماجي معاشي ڍانچن جا عنصر گڏ گڏ رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي جو مقابلو ڪن ٿا. انهن مختلف معاشي حلقن جي تعداد ۽ نوعيت جو انحصار ملڪ جي ارتقائي سطح تي هجي ٿو. جڏهن اشتراڪي انقلاب نسبتاً ترقي يافته ملڪ ۾ برپا ٿئي ٿو ته ٽن معاشي حلقن جو گڏ گڏ رهڻ ۽ هڪ ٻئي جو مقابلو ڪرڻ يقيني آهي، سرمائيداراڻي، ننڍي پئماني جي پيداوار ۽ جنسن جو حلقو ۽ اشتراڪي حلقو. آخر الذڪر ونڊن سرمائيدارن ۽ زميندارن جي ملڪيت کي قومي تحويل ۾ ونڊڻ جو نتيجو هوندو آهي، تنهنڪري عبوري دور جا طبقا بورجوازي، پيٽي بورجوازي ۽ مزدور طبقو هجن ٿا.

اشتراڪي انقلاب کان سماج جي طبقاتي ڍانچي ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿئي ٿي. هاڻي بورجوازي سماج جو خاص طبقو ناهي رهندو. ڇو ته

اهو سياسي اقتدار کان محروم ڪيو ويندو آهي ۽ سندس معاشي قوت بہ ڪمزور ڪئي ويندي آهي. مزدور طبقي جو ڪنهن حد تائين ايجا بہ استحصال ڪيو ويندو آهي (جو تہ مزدور باقي سرمائيدارن وٽ ڪم ڪن ٿا) پر مزدور طبقي جو هڪ حصو معيشت جي اشتراڪي حصي ۾ ڪم ڪري ٿو. ان کان علاوه مزدور طبقي جي هٿ ۾ سياسي اقتدار هجي ٿو ۽ قومي معيشت ۾ ان جي بالادستي هجي ٿي. هارين کي زمين ملي وڃي ٿي. ننڍي پئماني جي پيداواري جنسن جو حصو ۽ ان سان لاڳاپيل پيٽي بورجوازي جو تعداد عام طور تي ڪافي رهي ٿو. نون اشتراڪي دانشورن جي تربيت شروع ٿي ويندي آهي.

معاشي ميدان ۾ عبوري دور جي ذميواري گهٽن حلقن واري معيشت کي ختم ڪرڻ ۽ سمورن پيداواري ذريعن کي گڏيل ملڪيت بڻائڻ آهي. ان ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ سان سماج جي اجتماعي ساخت ۾ بنيادي تبديليون ايندیون آهن. استحصال ڪرڻ وارا ۽ اهي جن جو استحصال ڪيو وڃي ٿو، وارا طبقا هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندا آهن. اهو واضح آهي تہ انهن طبقن جي ختم ٿيڻ جو مطلب انهن طبقن جي ماڻهن جو جسماني طور خاتمو نہ بلڪ نجي ملڪيت جو خاتمو آهي، جيڪا تز حالتن جي مطابق يا تہ ضبط ڪئي ويندي آهي يا خريد ڪئي ويندي آهي. جيتري قدر ننڍي پئماني واري نجي ملڪيت جو تعلق آهي، جنهن کي ماڻهو پنهنجي ذاتي محنت جي بل تي حاصل ڪن ٿا، تہ ان سلسلي ۾ ذميواري گڏيل تعاون (ڪوآپريٽو) جي ذريعي ان کي مرحليوار گڏيل بنائڻ آهي. لينن زور ڏنو آهي تہ اهڙي اجتماعيت مڪمل طور تي رضا ڪاراڻي هجڻ گهرجي. جڏهن ننڍي پئماني تي پيداوار ڪرڻ وارن کي وڏندڙ ثقافتي معيارن مان جوش و خروش ملي ننڍي پيماني جي مقابلي ۾ وڏي پيماني تي اجتماعي پوکي راهي جي برتري انهن کي تز مثالن جي ذريعي نظر اچي ۽ اهي اهو بہ سمجهن تہ وڏي پئماني تي گڏيل پوک پيداوار ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي حاصلات استعمال ڪرڻ جي وڏي صلاحيت رکي ٿي. گڏيل تعاون جا ادارا آبادي جي پيٽي بورجوا حلقن جي ذهنيت اشتراڪي جذبي ۾ بدلائڻ ۾ ڪم اچن ٿا ۽ اها وڏي اهم سماجي تبديلي هوندي آهي. هاري

جيئن ته پورهيت آهي تنهن ڪري اهو استحصال جي خلاف ۽ اشتراڪيت جي حق ۾ جدوجهد جي دوران مزدور طبقي جو اتحادي هجي ٿو. پر ان سان گڏوگڏ هو ملڪيت جو ڌڻي به آهي، ان ڪري هو بورجوازي ۽ پرولتاريه جي وچ ۾ لڏندو رهي ٿو. عبوري دور جي هيءَ هڪ اهم ترين سماجي ۽ سياسي ذميواري آهي ته پيٽي بورجوا مالڪن جي به رخي سماجي نوعيت کي ڏيان ۾ رکيو وڃي ۽ مزدور طبقي ۽ پورهيت عوام جي غيرپرولتاري حلقن وچ ۾ مضبوط اتحاد قائم ڪيو وڃي. ڇو ته اهو اتحاد ئي اهڙي سماجي قوت آهي جيڪا اشتراڪيت جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏئي ٿي.

جيتري قدر دانشورن جو تعلق آهي ته نظرين جي ذميواري اها آهي ته انهن جي توانائي، علم ۽ مهارت کي اشتراڪي تعمير جي رستي تي لڳايو وڃي . تنهن ڪري پراٽن دانشورن کي نظرياتي طور تي نئين سر تعليم ڏني وڃي ته جيئن اهي پراٽن بورجوا نظرين کي خيرباد چئي سگهن. ان سان گڏوگڏ پورهيتن مان نوان اشتراڪي دانشور به تيار ڪيا وڃن. اهڙيءَ طرح بورجوازي کي علم تي هڪ هٿيءَ کان محروم ڪيو وڃي ٿو جنهن کي هو پنهنجي حڪمراني قائم رکڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو.

عبوري دور جا اهي پيچيده مسئلا پراٽي دنيا جي قوتن جي خلاف طبقاتي جدوجهد جي بغير حل نه ٿا ڪري سگهجن. اهو ئي سبب آهي جو ان دور ۾ طبقاتي جدوجهد جاري رهي ٿي، صرف ان جون ذميواريون، حالتون شڪليون ۽ ذريعا بدلجندا رهن ٿا. جدوجهد جي شدت جو دارومدار تن حالتن ۽ انهن طبقن جي مزاحمتي طاقت تي هجي ٿو جنهن جو تختو اونڌو ڪيو ويو آهي. جدوجهد جون حدون تمام گهڻيون وسيع آهن. خانه جنگي کان وٺي روزمره جي تعليمي ڪم تائين.

اشتراڪي تعمير محنت ۾ ۽ سماجي ۽ سياسي معاملن ۾ عوامي سرگرميءَ جي گهڻ رخي ترقي کانسواءِ تصور نه ٿو ڪري سگهجي، ڇو ته ان ۾ پورهيت عوام سماجي لاڳاپن جي وسيلي وانگر عمل ڪري ٿو ۽ تاريخي سرگرميءَ جو حقيقي خالق آهي. لينن اهو عمراني نتيجو اخذ ڪيو هو. هن لکيو ته اشتراڪيت جيئن جيئن ترقي ڪري ٿي عوام شعوري طور تي

تاريخ جي تخليق ۾ شرڪت ڪرڻ لڳن ٿا. جيڪڏهن مارڪسزم عوام کي سائنسي شعور عطا ڪري ٿو تہ اشتراڪيت زندگيءَ جي هر شعبي ۾ انهن جي وسيع سماجي سرگرمي جي لاءِ حالتون پيدا ڪري ٿي. ان سان سماجي اڳيرائي جو ميدان وسيع ٿئي ٿو ۽ مسلسل سماجي ارتقا جي لاءِ نون نون امڪانن جون شاهراهون کلن ٿيون.

جڏهن عبوري دور جون ذميواريون پوريون ڪيون وڃن ٿيون تڏهن سماج اشتراڪيت جي دور ۾ داخل ٿئي ٿو. انهن کان اڳ جي تشڪيلن جي مقابلي ۾ ڪيفيتي اعتبار کان هي هڪ بلڪل جدا سماجي ڍانچو آهي. ڇو تہ هاڻي ڪو بہ استحصال ڪرڻ وارو طبقو نہ ٿو هجي. اشتراڪي سماج ۾ هر شخص جو فرض آهي ڪم ڪرڻ. ڪنهن کي بہ بغير ڪم جي ڪمايل آمدني حاصل ڪرڻ جو حق ڪونهي. ان نقطئہ نظر کان اشتراڪيت کي طبقن کان پاڪ سماج چئي سگهجي ٿو. پر اڃان ڇوڪ وقت کان اڳي ٿيندو. اشتراڪي سماج جي سماجي ڍانچي ۾ طبقا هڪ بنيادي عنصر جي حيثيت سان باقي رهن ٿا، ڇاهي اهي نئين قسم جا طبقا هجن، ان ڪري جو انهن جو تعلق پيداواري ذريعن جي سماجي ملڪيت جي مختلف صورتن سان هجي ٿو. سڄي عوام جي ملڪيت (رياستي ملڪيت) ۽ ڪوآپريٽو (گروهہ) جي ملڪيت سان. ملڪيت جي شڪلين ۾فرق مثال طور سوويت يونين ۾ بن پورهيت اشتراڪي طبقن جي وجود جو بنياد آهي. مزدور طبقو ۽ گڏيل زراعت جا ڪڙمي.

تاريخي تجربو ٻڌائي ٿو تہ پيداواري ذريعن جي نجي ملڪيت جي خاتمي ۽ ان سان گڏ استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي خاتمي کانپوءِ بہ پورهيتن جي طبقن ۾ فرق باقي رهن ٿا. جڏهن اشتراڪي ملڪيت مختلف طريقن سان ايري ٽي ۽ جڏهن ڀهراڙيون ٽيڪنيڪ ۽ ثقافت جي لحاظ کان شهرن جي مقابلي ۾ پوئتي پيل هجن ٿيون. اشتراڪيت جي نظام ۾ بہ صنعتي ۽ زرعي محنت جي تقسيم، جسماني ۽ ذهني ڪم ۾ فرق، مختلف قسم جي محنت جي لاءِ ٽيڪنيڪي سامان ۾ امتياز ۽ آبادي جي مختلف حصن ۾ تعليمي ۽ فني سطحن ۾ اوچ نيچ باقي رهي ٿي . مزدورن ۽ ڪڙمين سان گڏ دانشورن ۽ آفيسن جي ملازمن جو بہ هڪ حصو هوندو آهي.

جيڪڏهن اشتراڪي سماج جي سماجي ڍانچي کي تفصيل سان ڏٺو وڃي تہ اهو ڪافي منجهيل تصوير پيش ڪري ٿو. طبقن وچ ۾ ٿيل تفاوتن کان علاوه هر طبقي جي اندر به فرق ايرن ٿا (مهارت، محنت جي ڪيفيت جي سطح وغيره جي اعتبار کان) جيڪي پورهيتن جي مختلف حصن جي مادي سطحن ۽ روحاني ترقيءَ تي قدرتي طور تي اثرانداز ٿيندا آهن. دانشور، جن ۾ اهي ماڻهو شامل آهن جيڪي مختلف سائنسي ٽيڪنيڪي ۽ فني شعبن ۾ ڪم ڪن ٿا. اهي دانشور جن ۾ انجنيئر استاد ۽ ڊاڪٽر جهڙن ڏنڏن جا ماڻهو ۽ عام پلائي ۽ انتظام وغيره ۾ ڪم ڪرڻ وارا هنرمند ڪارڪن وغيره شامل آهن، ناهموار تصوير پيش ڪن ٿا. اشتراڪيت پيداواري ذريعن جي حوالي سان برابري قائم ڪري ٿي پر ورڇ جي ميدان ۾ اڃ برابري جاري رهي ٿي ۽ ان تقسيم جو بنياد ڪم جي مقدار ۽ ڪيفيت مطابق معاوضو ڏيڻ وارو اصول آهي. ان حقيقت جو تہ، سماج جي ساخت هڪ ڪَري نہ آهي، مطلب هي آهي تہ اشتراڪيت ۾ به سماجي تفاوت ۽ سماجي عدم مساوات باقي رهي ٿو. تہ پوءِ اشتراڪي سماج ۾ طبقن ۽ سماجي گروهن وچ ۾ لاڳاپن جي خصوصيتن کي بيان ڪرڻ جو معيار ڪهڙو آهي؟

نجي ملڪيت ۽ استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي ختم ٿيڻ کانپوءِ سماج ۾ طبقاتي جدوجهد جو بنياد ختم ٿي وڃي ٿو ۽ انساني تاريخ ۾ هزارين سالن کان پوءِ پهريون پيرو سماج جي سيني ماڻهن جا بنيادي مفاد رڳو عارضي طور تي نہ بلڪ مستقل طريقي سان هم آهنگ ٿي وڃن ٿا. مزدور طبقن، اجتماعي فارمن جي هارين ۽ دانشورن سيني جو مفاد پيداواري قوتن کي وڌائڻ، اشتراڪي نظام کي مضبوط بڻائڻ ۽ ڪميونزم جي تعمير ڪرڻ آهي. اهو ئي اهو بنياد آهي جنهن تي مزدورن، هارين ۽ دانشورن وچ ۾ دوستاڻو تعاون پروان چڙهي ٿو ۽ سماج جو رهنما سماج جي خاص پيداواري قوت ۽ اشتراڪي آدرش جي وسيلي جي حيثيت سان مزدور طبقو رهي ٿو.

اشتراڪيت جي هڪ بنيادي خصوصيت اها آهي تہ سماجي زندگي جي هر رخ ۾ سڄي سماج جا مفاد انهن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ترقي

ونرائڻ جون ڏهيواريون انسانن جي سرگرمي جا محرڪ هجن ٿا. پر ان جو مطلب اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ مختلف سماجي گروهن جا مخصوص مفاد ختم ٿي ويندا آهن. هوريان هوريان سڄي جو سڄو سماج تاريخي عمل جو خالق بڻجي ويندو آهي. پنهنجي سرگرميءَ ۾ انسان خارجي قانونن جي علم ۽ پنهنجي پنهنجي مفادن جي سائنسي ادراڪ مان رهنمائي حاصل ڪندا آهن.

وڌيڪ اهو تہ، اشتراڪي نظام ۾ ڪميونسٽن جي مارڪسي، لينني پارٽي سڄي سماج جو باشعور هراول دستو بڻجي ويندي آهي. اشتراڪي سماج ۾ هڪ پارٽي جو رهنمائي وارو ڪردار سياسي سماجي گروهن ۽ طبقن جي مفادن جي اجتمائي هجڻ جو قدرتي اظهار آهي. بورجوا پروپئگنڈا ڪرڻ وارا اهو الزام هڻندا آهن تہ سوويت يونين ۾ صرف هڪ پارٽي جو وجود ان جو ثبوت آهي تہ سوويت جو حڪومت جو نظام "آمراڻو" آهي ۽ اتي جمهوريت ۽ آزاديءَ کي چيپاٽيو ويجي ٿو. پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ اشتراڪيت کي بورجوا معيار سان نہ ماپڻ گهرجي. جيڪڏهن سرمائيداراڻي نظام ۾، جنهن ۾ متضاد طبقا هوندا آهن، مزدور طبقي جي پارٽيءَ جي قانوني سرگرمين تي پابندي وڌي ويجي تہ واقعي اهو جمهوريت ۽ آزادي کي چيپاٽڻ ٿيندو. ليڪن ان مان اهو نتيجو نہ ٿو ڪڍي سگهجي تہ هرحال ۾ گهڻن پارٽين جو نظام جمهوريت آهي. تاريخ ان جو ثبوت فراهم ڪري ٿي تہ واحد پارٽيءَ جي قيادت هيٺ اشتراڪي جمهوريت بلڪل عملي ڳالهہ آهي، جو تہ اها پارٽي اشتراڪي سماج جي پورهيت عوام جي گڏيل مفادن ۽ ان جي مرضيءَ جي اتحاد جو اظهار ڪري ٿي. پر ان مان گهڻن پارٽين جي وجود جو امڪان خارج نہ ٿو ڪري سگهجي. مثال طور بلغاريہ، جرمن جمهوري ريپبلڪ، پولينڊ ۽ چڪو سلواڪيا جهڙن اشتراڪي ملڪن ۾ ڪيترين ئي پارٽيون موجود آهن. انهن سڀني پارٽين جو گڏيل مقصد اشتراڪيت جي تعمير آهي. اهي پارٽيون اشتراڪي انقلاب جي عام ضابطن تحت نہ، پر انهن ملڪن جي انقلاب جي ارتقا جي پنهنجن پنهنجن خصوصيتن جي نتيجي ۾ ايريون. پارٽي جو اڳواڻي واروڪردار ان سماج جي مستقبل جي لاءِ ۽ اشتراڪيت جي مقدر جي لاءِ

عظيم فرض ۽ زبردست ذميواريون عائد ڪري ٿو. تنهن ڪري اشتراڪي نظام ۾ سماجي تعلقات جي خصوصيت سماجي، سياسي ۽ نظرياتي اتحاد آهي جيڪو سماج کي سخت (فولادي) ۽ متحد بڻائي ٿو. بي مثال پئماني جي ذميوارين کي مختصر تاريخي مدت ۾ حل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ۽ اشتراڪي سماج جي نشوونما ۾ نئون ۽ طاقتور محرڪ ثابت ٿئي ٿو.

ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ صحيح نه ٿيندو ته اشتراڪي نظام ۾ تضاد بلڪل ڪونهن هوندا، بيشڪ هجن ٿا، پر انهن جي نوعيت تڪراري ڪانه هوندي آهي، چو ته انهن جا سرچشما اهي طبقا نه هوندا آهن جيڪي پراڻو نظام برقرار رکڻ گهرن ٿا. ان مان اشتراڪي سماج کي بروقت، جڏهن تضاد پختا ٿي وڃن ٿا، ته پوري سماج جي حق ۾ انهن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اشتراڪي سماج جا تضاد مخصوص هوندا آهن چو ته اشتراڪيت جي وجود ۽ ارتقا جون خاص خصوصيتون انهن کي مقرر ڪن ٿيون. هتي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ جي ضرورت آهي ته اشتراڪيت ۾ پراڻي سماج جي معيشت، روزمره جي زندگي ۽ انسان جي سوچ جا "پيدائشي" نشان باقي رهن ٿا. مثال طور اشتراڪيت ۾ نئين ۽ پراڻي ۾ تضاد هجن ٿا، پراڻو جيڪو ختم ٿيڻ جي قريب آهي ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي. ترقي پذير پيداواري قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن جي مختلف مدي خارج عنصرن جي وچ ۾ ارتقا جي نئين سطح ۽ تنظيم ۽ انتظام وچ ۾ وغيره اڪثر صورتن ۾ تضاد قيادت ۽ منصوبه بندي جي غلطين ۽ خارجي قانونن کي پوريءَ طرح نظر ۾ نه رکڻ سان پيدا ٿين ٿا.

اشتراڪي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ تضادن تي نظر رکڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ تي ڪافي ڌيان ڏنو ويندو آهي، چو ته اهو اشتراڪيت کي فروغ ڏيڻ جو طريقو ۽ سماج جو اتحاد پختو ڪرڻ جو لازمي شرط آهي. ان سلسلي ۾ اصولي تنقيد ۽ خود تنقيد کي ۽ خاميون دور ڪرڻ جي سمورين ڪوششن کي ڪافي اهميت ڏني ويندي آهي.

اشتراڪي سماج ۾ طبقن ۽ سماجي گروهن وچ ۾ طبقاتي جدوجهد نه ٿي ٿئي. پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۽ غلط ٿيندو ته ان سماج ۾

طبقاتي جدوجهد سان کو واسطو کونهي. سوويت يونين ۾ بين اشتراکي ملکن ۾ طبقاتي جدوجهد جو رخ ٻاهر سرمائيداريءَ جي خلاف آهي. اهوئي سبب آهي جو اشتراکي ملکن جو عوام پنهنجي انقلابي چوکسيءَ ۾ ڪڏهن به لاپرواهي نه ٿو ڪري.

پنهنجي رياستن جون دفاعي صلاحيتون مسلسل وڌائڻ انهن جو فرض آهي ڇو ته اهو اشتراکي سماج جي بچاءَ ڪرڻ جو هڪ خاص وسيلو آهي.

جيئن اسين چئي چڪا آهيون ته اشتراکي سماج جو سماجي ڍانچو حرڪت ڪندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ آهي. ان ۾ تبديلي جا ڪهڙا رجحان هوندا آهن؟

اشتراکيت ۾ جيڪي سماجي امتيار باقي رهن ٿا، اهي هڪ حد تائين سماج جي بنيادي سرگرمي جي دوران پيدا ٿين ٿا، پر اشتراکيت جي اها هڪ ڌار خاصيت آهي ته اهي امتياز (فرق) ڦهلجن ۽ وڌن ڪونه ٿا، بلڪ ان جي ابتڙ، لڳاتار گهٽ ٿيندا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح طبقن ۽ سماجي گروهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ۾ مدد ملي ٿي. اشتراکيت ۾ ان سمت ۾ ڪيئي عنصر ڪم ڪن ٿا. انهن مان هڪڙو بيو غالباً اهم ترين عنصر پيداواري وسيلن جي تعلق سان برابري آهي. اهو مزدورن ۽ هارين جي درميان باقي طبقاتي تفاوتن کي ختم ڪرڻ جو معاشي بنياد آهي. ان مسئلي جي آخري حل جو تعلق لاڳاپيل مادي حالتون پيدا ڪرڻ سان آهي. زرعي پيداوار جي ٽيڪنيڪي سطح بلند ڪرڻ ۽ زرعي محنت کي هڪ قسم جي صنعتي محنت ۾ بدلائڻ ڳوڻ جو ثقافتي ۽ روزمره جي زندگيءَ جو معيار شهرن جي سطح تائين مٿاهون ڪرڻ، اجتماعي فارمن جي ملکيت کي ترقي ڏيڻ وغيره.

پورهيت عوام جو مادي ۽ ثقافتي معيار وڌائڻ، مختلف سماجي گروهن ۽ سپ کان پهرين جسماني محنت ۽ ذهني محنت ڪرڻ وارن مزدورن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ خاطر انتهائي اهم ڪم آهي. اشتراکي نظام ۾ تعليم کي رڳو "سماجي سرگرمي" جو هڪ عنصر نه سمجهڻ گهرجي بلڪ اهڙو ذريعو به خيال ڪرڻ گهرجي، جيڪو دماغي ۽

جسماني محنت وچ ۾ فرق ختم ڪرڻ جي پيچيده سماجي ذميواري پوري ڪري ٿي.

تنهن ڪري اشتراڪي سماج جي ڏانچي ۾ تبديلي جو بنيادي ۽ غالب رجحان غيرطبقاتي هڪجهڙي سماج ڏانهن پيش قدمي آهي ان مقصد جي حصول جو مطلب مڪمل پئماني تي ڪميونسٽ سماج جي تعمير آهي.

باب ستون

سماج جي سياسي تنظيم، ڍانچو ۽ سرگرميون (Dynamics) سياست جو دائرو، رياست ۽ قانون

نجي ملڪيت ۽ طبقن جي وجود ۾ اچڻ جا بي پناهه سماجي نتيجا برآمد ٿيا. سڀ کان پهرين سماجي زندگيءَ جا اهي شعبا، جيڪي تشڪيل ٿي چڪا هئا، انهن ۾ بنيادي تبديلي ٿي پيداوار، سماجي نظم ضبط سماجي شعور جي جوڙجڪ جي نوعيت بدلجي وئي. پيو سماجي زندگي ۾ نوان مظهر ظاهر ٿيا جن ۾ خاص اهميت رکڻ وارا سماجي سياسي لاڳاپا، ادارا ۽ تنظيمون شامل هيون.

نجي ملڪيت جي پيداوار جي ظهور جو مطلب هي هو ته قبائلي اجتماعن جي سماجي پيداوار جي جاءِ انهن ماڻهن جي ننڍن يا وڏن سماجي وحدتن ورتي، جيڪي پيداواري ذريعن جا مالڪ هئا. نجي ملڪيت انسانن کي ورهائي ڇڏيو ۽ کين هڪ ٻئي جي خلاف ميدان ۾ آندو. ڇا ان جي معنيٰ اها ٿي ته نجي ملڪيت ٻي هر قسم جي معاشي وحدت کي بلڪل ختم ڪري ڇڏي ٿي؟ ائين ڪونهي ٿيندو. آخرڪار پيداوار هميشه سماجي رهي ٿي، ڇو ته مقرر مددگار سماجي پيداوار جي رشتن جي صورت ۾ عمل ۾ آندي وڃي ٿي. ان مان اهو نتيجو ٿو نڪري ته فرد، جن جو مختلف طبقن سان تعلق هجي ٿو، پيداوار ۾ پنهنجي معاشي لاڳاپن جي ذريعي ڪنا هجن ٿا. اهڙيءَ طرح هڪ طبقي جو وجود ٻئي جي وجود جي دلالت ڪري ٿو.

جيئن نجي ملڪيت انسانن جي سماجي رشتن کي ختم نه ٿي ڪري بلڪ انهن کي رڳو بدلائي ڇڏي ٿي، تيئن سماج جي طبقن ۾ ورڇ سماج کي واحد سالم حيثيت سان ڪٽي نه ٿي ڇڏي بلڪ ان جي وحدت کي هڪ بلڪل نئون ڪردار عطا ڪري ٿي. ان نقطهٔ نظر سان ان وحدت جو بنياد هڪ واحد اجتماعي پيداوار جي رکن وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ گڏيل

امداد جي لاڳاپن تي نہ پر غلبي ۽ فرمانبردارن ۽ بن مخالف طبقن جي لاڳاپن تي هجي ٿو. ظاهر آهي تہ اهڙي صورت ۾ سماج کي هڪ طبقي جي مرضيءَ جي ماتحت ڪري ئي جاري رکي سگهجي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ طبقن جي وجود ۾ اڇڻ سان گڏوگڏ زندگيءَ ۾ هڪ خاص شعبو، سماجي سياسي تعلقات جو شعبو، يعني پوري سماج تي غلبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ طبقن جي جدوجهد جو شعبو، ايري ٿو. سياسي لاڳاپن ماڻهن جي درميان لاڳاپن نہ بلڪ طبقن وانگر انسانن جي وڏن وڏن گروهن وچ ۾ هجن ٿا. سماجي زندگيءَ جي ان نئين شعبي جي تعلق سان معيشت جو ڪردار ان حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿو. جنهن طبقي جو معيشت تي غلبو هجي ٿو، تنهن وٽ سڄي سماج تي پنهنجي مرضي مڙهڻ ۽ ان کي انتظام ۽ حڪمرانيءَ پنهنجي تنظيم جي ماتحت ڪرڻ لاءِ مادي موقعا هوندا آهن.

مادي، معاشي لاڳاپن جي مقابلي ۾، جيڪي اڳ ۾ انسانن جي دماغن مان گذرڻ بناجڙن ٿا، سياسي لاڳاپا ان سياسي شعور، سياسي نظرئي مطابق صورت اختيار ڪن ٿا، جيڪي طبقاتي جدوجهد دوران ۽ ان جي بنياد تي ترتيب ڏنا وڃن ٿا. سياسي لاڳاپا نظرياتي لاڳاپا هجن ٿا، جيڪي مادي معاشي لاڳاپن مٿان مٿيون ڊانچو بڻجن ٿا. سياست ۽ معاشيات جي گڏيل عمل جي نمايان خاصيت اها آهي تہ بقول لينن "سياست معاشيات جو انتهائي مرڪوز اظهار آهي ۽ سياست جو معاشيات تي مقدم هجڻ"(1) پهريون بيان ڪيل جملو سياست جي ابتدا ٻڌائي ٿو ۽ پويون بيان ڪيل ان جو سماجي زندگيءَ ۾ ڪردار بيان ڪري ٿو.

سياست جو شعبو ان ڪري وجود ۾ اچي ٿو، جو سماج جي طبقن ۾ تقسيم سان گڏوگڏ معاشي لحاظ کان مڙهيل طبقو استحصال جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ عوام کي پنهنجي مرضيءَ مطابق صرف جبر جي مدد سان ئي جهڪائي سگهي ٿو. ان جو بنيادي معاشي مفاد ان ۾ آهي تہ پورهيت ماڻهن کي پابند رکي، تہ جيئن ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ان جي نجي ملڪيت جون خواهشون پوريون ٿين. اهو ئي سبب آهي جو سياست ان طبقي جي

1. لينن، ٽريڊيونينون، موجوده حال ۽ تراتسڪيءَ جون غلطيون جي باري" ۾. سوويتن جي ائين ڪانگريس ۾ تقرير، 30 ڊسمبر 1920ع ۽ "وري ٽريڊ يونين جي باري ۾، پمفليٽ، 1921ع.

معاشي آرزوئن جو مرڪوز اظهار ۽ تڪميل آهي جنهن جو جبر جي مشينريءَ تي ڪنٽرول هجي ٿو ۽ جيڪو ان جي مدد سان پنهنجا معاشي مفاد حاصل ڪري ٿو. پر ان جو نتيجو اهو نه نڪري ٿو ته پنهنجي جاءِ تي مظلوم طبقو سياسي جدوجهد ڪرڻ کان سواءِ استحصال ڪرڻ وارن جو سياسي غلبو ختم ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي معاشي حالت ۾ بنيادي تبديلي نه ٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري، جيئن ته سياست معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ جو ضروري هٿيار آهي تنهن ڪري ان کي معاشيات تي فوقيت آهي. صرف سياسي اقتدار حاصل ڪري ئي ترقي پسند طبقو فرسوده معاشي لاڳاپا ختم ڪري سگهي ٿو ۽ نون لاڳاپن جو بنياد رکي سگهي ٿو.

ائين معاشي لاڳاپا انتهائي سڏو سنئون ۽ هڪدم سياست جي شعبي ۾ ظاهر ٿين ٿا. هر معاشي بنياد، جيڪو طبقاتي تضادن سان پريل هوندو آهي، سماج جي بلڪل اهڙي مقرر تنظيم پيدا ڪري ٿي جيڪا ان جي لاءِ موزون هجي ٿي. جيڪو طبقو معيشت تي مسلط هجي ٿو، سياست تي به اهوئي حڪمراني ڪري ٿو، يعني اهو بلند ٿي سڄي معاشري جي رهنمائي ڪندڙ قوت جو رتبو حاصل ڪري وٺي ٿو. موجوده سرمائيدار ملڪن ۾ ائين ئي ٿئي پوءِ طبقن جا سياسي لاڳاپا بنيادي ۽ مستحڪم طبقاتي مفادن سان ئي طئي ٿين ٿا.

پر نجي ملڪيت جي مالڪن جو طبقو سڄي سماج تي پنهنجو غلبو ان وقت استعمال ڪري سگهي ٿو، جڏهن اهو خود سالم وانگر عمل ڪري، جڏهن اهو منظم هجي. پر اهو طبقو صرف بين ماتحت طبقن خلاف جدوجهد ۾ ئي منظم رهي ٿو ۽ پنهنجي گڏيل طبقاتي مفاد کان آگاهه هجڻ جي ڪري متحد هجي ٿو. اها هڪ جدوجهد آهي جيڪا اهڙي تنظيم کي وجود ۾ آڻي ٿي جنهن جي ذريعي معيشت تي مسلط طبقي سان تعلق رکڻ وارا ماڻهو پنهنجو پاڻ کي هڪ واحد سالم بڻائي چڏين ٿا ۽ پنهنجي مرضي مظلوم طبقن ۽ سڄي معاشري تي ٺاڪين ٿا. ان ئي سياسي تنظيم جو نالو آهي رياست.

طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جي نظرئي کي رياست جي نظرئي سان جوڙي مارڪس ازم رياست جي سوال کي واضح ڪيو. ان سوال کي ڇڪجهه

رکڻ لاءِ هر قسم جي فلسفين ۽ عمرانيات جي ماهرن نظريا گھڙيا هئا. پر رياست جي سوال کي سائنسي ترتيب ڏيڻ ڪانسواءِ طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جو نظريو اڻ پورو ۽ اڻ مڪمل رهي ٿو. رياست تضاد رکڻ واري سماج ۾ ان طبقي جي معاملن کي هلائڻ واري ڪاميٽي آهي جنهن جو معيشت تي غلبو هجي ٿو. هڪ تنظيم آهي جيڪا ان جو قائم رکڻ ۽ ان کي مستحڪم بڻائڻ ۽ سڄي سماج تي حڪمراني ڪرڻ ۾ ان کي مدد ڏئي ٿي. رياست پيداوار ۽ اظهار آهي ناقابل مصالحت طبقاتي تضاد جو. مخالف طبقن کي قابو ۾ رکڻ جي ضرورت ان کي جنم ڏئي ٿي. ڪڏهن به طبقن کانسواءِ ڪا رياست وجود ۾ نه آئي آهي.

پراڻي قبائلي تنظيم جي مقابلي ۾ رت جي رشتي وارن جي اتحاد تي ٻڌل هئي، رياست ماڻهن کي علاقائي اصولن تي متحد ڪري ٿي.

رياست جي وجود ۾ اچڻ جو هڪ مطلب هي به آهي ته سماج ۾ ماڻهن جو هڪ اهڙو گروپ ايري اچي ٿو جنهن جو خاص پيشو حڪومت ڪرڻ، پاليسي ناهڻ ۽ ان کي هلائڻ، سياسي نظريو مرتب ڪرڻ هجي ٿو. اهي سياستدان، نظريه دان، ڏميوار سرڪاري عملدار هوندا آهن.

رياست جو جوهر ان جي منصبي ڏميوارين ۽ سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو. هڪ طبقي جو غلبو ٻئي طبقي تي برقرار رکڻ لاءِ، مظلوم طبقن جي مزاحمت کي دٻائڻ خاطر، رياست جو استعمال رياست جو بنيادي اندروني فرض آهي. ان کان علاوه عالمي رياستن وچ ۾ لاڳاپن جو دائرو ۽ ان مطابق رياست جو ٻاهريون فرض به وجود ۾ اچي ٿو. ان جو ڪم ٻاهرين مداخلت کان پنهنجي علاقي جي حفاظت ۽ ملڪن سان مقرر لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. هر استحصال ڪرڻ واري رياست جا اهي به فرض بنيادي هوندا آهن ۽ ان جي پاليسي جا مک جزا سڏيا ويندا آهن.

پنهنجون منصبي ڏميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ رياست وٽ طاقت جا هٿيار ۽ جبر جا وسيلا هجڻ گهرجن. جهڙوڪ فوج، پوليس، عدالتون، جن جا مادي ضميما جيل وغيره هوندا آهن. رياست جي وجود ۾ اچڻ جو مطلب آهي عوام کان عليحده جبر جي هٿيارن جو قيام.

طبقاتي سماج کان اڳ واري سماج ۾ ميمبر پنهنجي گڏيل مفادن

جو تحفظ گڏجي سڏجي ڪندا هئا. انهن کي ان کان متاهين ڪنهن هٿياربند طاقت کي قائم ڪرڻ جي ضرورت ئي نه هئي. طبقاتي سماج ۾ اهڙي هٿياربند طاقت جي ضروت پيدا ٿي. ڪابه رياست ان کانسواءِ پنهنجو ڪارو هنوار نه پئي هلائي سگهي. اهو هڪ خاص قسم جو عوامي اقتدار آهي، انتظاميه ۽ جبر جو خاص هٿيار جيڪو عوام کان جدا هجي ٿو.

جبر جي هٿيار کي برقرار رکڻ لاءِ، جنگون چيڙيون وجن ٿيون ۽ ان لاءِ وري پئسي جي ضرورت هجي ٿي ۽ اهو ماڻهن کان ٽيڪس ۽ بين وصولين جي صورت ۾ وصول ڪيو ويندو آهي. هر رياست کي وزارت مال ۽ سرڪاري عملدارن جي ضرورت هجي ٿي. استحصال ڪرڻ وارا طبقا نه صرف عوام تي ظلم ٿا ڪن بلڪ اهي ڪين ظلم جا اوزار رکڻ جي لاءِ مالي امداد ڏيڻ تي به مجبور ڪن ٿا. پورهيتن کي هميشه محصولن جو ڳرو بار برداشت ڪرڻو پوي ٿو ۽ بار جيترو وڌيڪ هوندو آهي جبر جا هٿيار به اوتروئي وڌندا آهن، فوج رکڻ ۽ ان کي هٿياربند ڪرڻ جي خرچ ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان جو ثبوت جديد سامراجي رياستون پيش ڪن ٿيون.

پنهنجي خاص اقتداري فرضن کان جن جي تقاضا ملڪ اندر ۽ بين الاقوامي ميدان ۾ حڪمران طبقي جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ آهي، رياست ٻيا فرض به انجام ڏيندي آهي، جهڙوڪ امن امان قائم ڪرڻ ۽ انتظامي معاملا هلائڻ وغيره، پر جڏهن استحصال ڪندڙ طبقا وجود ۾ نه آيا هئا تڏهن به ماڻهن رياست کانسواءِ ئي امن امان برقرار رکيو هو ۽ ڏوهارين کي سزائون ڏنيون هيون. ان مان اهو نتيجو ٿو نڪري ته رڳو امن امان رکڻ لاءِ رياست قائم ڪرڻ جي ضرورت پيش ڪانه آئي.

رياست کي معاشي فرض به انجام ڏئي ٿي. ان جي هڪ خاص معاشي پاليسي هوندي آهي (محفوظ يا آزاد واپار). ڪي بنيادي پيداواري ذريعا ۽ ٽرانسپورٽ ان جي ملڪيت ۾ هوندا آهن يا اها انهن جي نگراني ڪندي آهي. رڏن وڏن ،اهن ۽ ريلوي لائينن جو ڄار وڇائيندي آهي. اڻ لڀ سامان ورهائيندي آهي، صنعت ۽ واپار لاءِ قانون سازي ڪندي آهي، سماجي قانون جوڙيندي آهي وغيره. انهن فرضن جي حد ۽ وسعت جو انحصار تز حالتن تي هجي ٿو. اهي ترقي پسند به ٿي سگهن ٿيون ۽ رجعت پرست به.

اڄ جي دور ۾ بورجوا رياست جو معيشت کي ڪنٽرول ڪرڻ جو ڪردار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، ان جا ٻه سبب آهن. هڪ خارجي رجحان آهي، ٻيو وڌي پئماني تي صنعتي پيداوار جي ترقي، خاص طور تي جديد سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي اثر هيٺ. ٻيو سبب هي آهي ته هڪ هٿي قائم ڪندڙ طبقو اشتراڪيت جي مقابلي ۾ سرمائيداريءَ کي مستحڪم ڪرڻ خاطر حڪومت جي هٿيارن کي معيشت تي اثر وجهڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهري ٿو.

تنهن ڪري پنهنجي جوهر جي لحاظ کان استحصال ڪرڻ واري رياست حڪمران طبقي جي هڪ طبقاتي سياسي تنظيم آهي. ان کي طبقن کان مٿاهون رکڻ جون ڳالهيون يا ته لاعمليءَ تي ٻڌل آهن يا وري بد ديانتيءَ تي. پر جيئن ته رياست طبقاتي سماج جي تنظيم هجي ٿي، تنهن ڪري اهو تاثر پيدا ٿو ٿئي ته جڙ اها طبقن کان مٿاهين آهي ۽ انهن ۾ صلح ڪرائي ٿي ۽ انهن کي هڪ نظام جي حدن اندر رکي ٿي. پر اها صرف خيالي ڳالهه ۽ خوش فهمي آهي ۽ بورجوا عالم (جاٽي واٽي يا اڻ جاڻائيءَ ۾) ان کي رياست جو جوهر چون ٿا. رياست جي باري ۾ بي شمار بورجوا نظريا آهن. پر انهن ۾ هڪڙي ڳالهه گڏيل آهي ۽ اها آهي رياست جو طبقن کان مٿاهون ڪردار. ان ڳالهه کي سڀئي موقعي پرست پوريءَ طرح قبول ڪن ٿا.

قانون ڇا آهي؟ اهو انهن پيداواري لاڳاپن جو اظهار آهي جن کي حڪمران طبقو چاهي ٿو تن کي درج ڪندو آهي. اهو پارليامينٽ جي اهڙن قانونن ۽ ضابطن ذريعي ماڻهن وچ ۾ لاڳاپن کي ضابطي ۾ ڪري ٿو جيڪي جابر هوندا آهن. قانون هميشه کان نه رهيو آهي. تاريخ جي ابتدائي منزلن ۾، ابتدائي پنچائتي نظام ۾ ڪو قانون ڪونه هو. ماڻهن جي روين ۽ انهن جي لاڳاپن کي رسمون ۽ رواج ضبط ۾ آڻيندا هئا جيڪي ڪميون جي سيني ميمبرن جي مفادن جو اظهار هئا. روايتون، ترتيب، سڄي ڪميون ۽ قبيلي جي سربراهه جا اختيار انهن تي عمل کي مقدس بڻائيندا هئا. اينگلس ان سلسلي ۾ لکيو آهي ته "قديم قبائلي نظام ۾ حقن ۽ فرضن ۾ ڪو فرق نه هو. اهو سوال ته عام معاملن ۾ خون يا زخمي جو ڪفارو ادا ڪرڻ ۾ حصو وٺڻ حق آهي يا فرض، ان تي آمريڪا جو ريڊ انڊين

سوچيندو به ڪو نه هو. انهن جي لاءِ اهو سوال بي معنيٰ هو ته ڪائڻ، سمهڻ يا شڪار ڪرڻ حق آهي يا فرض." (2)

طبقاتي سماج کان اڳ ۾ قبيلي جي سردارن ۾ بزرگن جو اقتدار روايتن، اجتماع ۾ پاڻ وهيٽن اختيارن تي ٻڌل هو. پر رياست ۾ جبر اقتدار جو بنياد ٻڌجي ويو ۾ اختيار جي طاقت جي جاءِ طاقت جي اختيارن ورتي.

جڏهن رياست، صبر جي هٿيار طور، قبائلي تنظيم جي جاءِ ونڊي ٿي ته رسمن ۾ رواجن بدران قانون رائج ٿي وڃي ٿو، ضابطن جي نظام جي حيثيت سان، جن کي رياست زبردستي مرتب ۾ جاري ڪري ٿي، قانون جي ذميواري نجي ملڪيت جا لاڳاپا طئي ڪرڻ آهي ۾ ان ۾ ڪنهن به قسم جي دخل اندازي کي رياست جي قانونن جي پيڇڙي قرار ڏنو وڃي ٿو. ان لاءِ قانون ان وقت وجود ۾ اچي ٿو جڏهن سماج ۾ دولت جي اڻ برابري واري ورچ عدم مساوات شروع ٿئي ٿي ۾ اهڙي حالت پيدا ٿئي ٿي جڏهن استحصال ڪرڻ واري اقليت پنهنجي مرضي سڃي سماج تي مڙهڻ ڪانسواءِ پنهنجو معاشي ۾ سياسي غلبو جاري نه ٿي رکي سگهي. مارڪس ۾ اينگلس لکيو آهي ته قانون حڪمران طبقي جي مرضيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي جنهن کي آئين جي صورت ۾ تبرڪ طور محفوظ رکيو وڃي ٿو.

قانون فرد جو اظهار ڪونهي پر نجي ملڪيت رکندڙ حڪمران طبقن جي گڏيل مفادن جو اولڙو آهي. استحصال واري سماج ۾ هوسپ کان پهرين نجي ملڪيت جي مفادن جي حفاظت ڪري ٿو. جيڪڏهن شادي، نيائڻ لاءِ وٽن وراثت وغيره جو تعلق ملڪيت سان نه هجي ها ته اهي به قانون جي گرفت کان ايترا دور هجڻ ها جيئن محبت ۾ دوستي وغيره آهن.

قانون انسان جي رويي کي پابند بڻائڻ وارن ضابطن جي هڪ نظام جي صورت اختيار ڪري ونڊي ٿو ڇو ته اهو رياست جي مرضيءَ جو اظهار ڪري ٿو. رياست جي مرضي طئي ڪرڻ واري شيءِ ڪهڙي آهي؟ ان سلسلي ۾ اينگلس لکيو آهي "شهري سماج جي سمورن ضرورتن کي، ڪٽي ڪهڙو به طبقو حڪمران هجي، رياست جي مرضيءَ جي وسيلي مان گذرڻ گهرجي ته جيئن قانونن جي صورت ۾ عام قانوني ضابطو حاصل ڪيو

2. اينگلس، "خاندان،ذاتي ملڪيت ۾ رياست جو آغاز"، باب-9.

وڃي... پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته ان رڳو رسمي مرضيءَ جو مافيها ڇاهي، فرد ۽ رياست جو به، ۽ اهو ڪٿان اخذ ڪيو ويندو آهي. صرف اها مرضي ڇو ۽ ڀي شيءِ ڇو ناهي؟ جيڪڏهن اسين ان جي کوج لڳائينداسين ته اسان کي خبر پوندي ته جديد تاريخ ۾ رياست جي مرضي مجموعي اعتبار کان شهري سماج جي بدلجندڙ ضرورت کان هڪ يا ٻئي طبقي جي برتريءَ سان ۽ بنيادي طور تي پيداواري قوتن جي ارتقا ۽ مٽا سٽا جي لاڳاپن سان ٽئي ٿي."(3)

اهو آهي قانون جو صحيح جوهر. پر بورجوا نظريو ان کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪري ٿو. بظاهر هر سطح تي قانوني طبقن کان مٿاهان نظر ايندا آهن ۽ اهڙي پوري سماج مرضي جي عڪاسي ڪندي معلوم ٿين ٿا جنهن کي هڪ خاص نظم ۽ تنظيم جي ضرورت آهي. تنهن ڪري بورجوا نظريه دان قانون جي ظاهري مافيها تي زور ڏيندي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته سماج کي قانونن پيدا ڪيو آهي ۽ انهن جي ڪري ئي اهو متحد آهي. پر اهو هڪ قانوني خوش فهميءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي.

رياستي قانون نه صرف هڪ مسلط بلڪ، واحد قانوني نظام وانگر، هر سماجي تشڪيل ۾ موجود هجي ٿو. ڪنهن سماج ۾ به قانوني نظام نه ٿا ٿي سگهن ڇو ته قانون صرف تڏهن اثرائتو ٿئي ٿو جڏهن رياست ان کي جاري ۽ زبردستي برقرار رکي ٿي. جيئن هڪ سماج ۾ به رياستون نه ٿيون ٿي سگهن تيئن هڪ رياست ۾ به قانون ساز ۽ قانون جا به نظام به نه ٿا ٿي سگهن.

جيڪڏهن رياست جي جوهر جو تصور، ان پوري دور ۾ ان جي عام فطرت کي بيان ڪري ٿو، جڏهن طبقاتي سماج موجود هجي ٿو ته رياست جي ان جي ارتقا ۾ تجزيو ڪرڻ لاءِ رياست جي قسمن ۽ شڪلين جي تصور کي داخل ڪرڻ ضروري آهي. رياست جو قسم ان طبقي سان مقرر ٿئي ٿو، جنهن جو سياسي غلبو هجي ٿو. اڳ ۾ جيڪي تضاد واريون ٿي صورتون بيان ڪيون ويون آهن تن مطابق استحصال ڪرڻ واري رياست

3. اينگلس "لودويگ فائر باخ ۽ جرمن ڪلاسيڪي فلسفي جو خاتمو". باب- 4.

جا ٿي بنيادي قسم آهن. غلاميءَ جي رياست، جاگيرداراڻي رياست ۽ بورجوا رياست. جيتري قدر اشتراڪي رياست جو تعلق آهي تہ اها بنيادي طور تي بلڪل نئين قسم جي رياست آهي. ان جو خاص مقصد عوام جي اڪثريت جي اقتدار کي استحصال ڪرڻ واري اقليت خلاف استعمال ڪرڻ هر قسم جي استحصالي طبقن ۽ رياست کي مٽائڻ ۽ غير طبقاتي ڪميونسٽ سماج تعمير ڪرڻ آهي.

ان کان علاوه تاريخ جي ڪن دورن ۾ عبوري قسم جي رياستن جي قيام جو امڪان ٻہ رهيو آهي. اها تڏهن ايري سگهي ٿي جڏهن انقلاب جي قيادت اهڙن طبقن جي هٿن ۾ اچي ويڃي جيڪي انهن سماجي تبديلين سان ايڏا ٻہ وڏيڪ گهريون تبديليون ڪرڻ گهرن ٿا، جن جي انقلاب اجازت ڏئي ٿو. عبوري رياستون هڪ اهڙي شڪل آهن، جن ۾ اهي قوتون شامل هونديون آهن، جيڪي انقلاب جي وڏيڪ پيش قدميءَ جي لاءِ حالتون پيدا ڪرڻ گهرن ٿيون.

رياست جو هڪ اهڙو عبوري قسم پرولتاريہ ۽ هارين جي جمهوري انقلابي آمريت آهي. اها اهڙي بورجوا انقلاب ۾ قائم ڪئي ويندي آهي جنهن جي اڳواڻي پرولتاريہ جي هٿن ۾ هوندي آهي، جيڪو هارين سان گڏجي جدوجهد ڪري ٿو ۽ انقلاب کي اڳتي وٺي وڃڻ گهري ٿو.

مختلف قسمن جي عبوري رياستن جي تشڪيل جون ضروري حالتون انهن ملڪن ۾ جاگيرداري ۽ سامراج مخالف قومي آزاديءَ جي جدوجهد دوران پيدا ٿيندیون آهن جيڪي بينڪي غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون. انهن رياستن جي رهنمائي جمهوري قوتن جا متحده محاذ ڪن ٿا ۽ انهن جو مقصد سياسي ۽ معاشي آزاديءَ جي ضمانت ڏيڻ هوندو آهي. اهڙي قسم جون رياستون انهن رجعت پرست قوتن کي اڪيلو ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون جيڪي سامراج سان رابطو رکڻ جي خواهش رکندیون آهن. اهي انهن ماڻهن خلاف جدوجهد ڪرڻ ۾ ڪم ايندیون آهن جيڪي آمراڻي حڪومت قائم ڪرڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن. اها قوم جي سيني جمهوري قوتن کي گڏ ڪري ٿي ۽ عوام جي حقيقي مفادن جي جدوجهد لاءِ همٿائي ٿي.

اهڙي قسم جي رياست جون مختلف شڪليون ٿي سگهن ٿيون. رياست جي شڪل جي خصوصيتن کي نظر جي طريقي (ريپبلڪ آمريت يا جمهوري بادشاهت) رياست جي ڍانچي (وحداني يا وفاقي) ۽ اها سياسي نظام حڪومت مقرر ڪندي آهي جيڪا سياسي تسلط جي ضمانت ڏيڻ وارن ذريعن جي نوعيت ضبط مطابق هجي ٿي. رياست ڪهڙي به قسم جي هجي ان جي صورت جو دارومدار تڏ تاريخي حالتن، طبقاتي قوتن وچ ۾ توازن ۽ ملڪ جي مخصوص ارتقا جي خصوصيتن تي هجي ٿو. ان لاءِ شڪل جي لحاظ کان بورجوا رياستون جمهوري، پارليامينٽري ريپبلڪ يا آئيني بادشاهت ٿي سگهن ٿيون. رياست جي نوعيت ۽ صدر جو تعين مروج قانون مان ٿئي ٿو.

تاريخ ۾ قانون جا هيٺيان نمونا رهيا آهن: غلاميءَ جو قانون، جاگيرداراڻو قانون، بورجوا قانون ۽ اشتراڪي قانون. غلاميءَ جي معاشري ۾ غلام، قانون جو موضوع ناهن هوندا، پر اهي صرف مالڪن جي ملڪيت جي حيثيت سان، مالڪن جي ٻي ملڪيت وانگر ان جي رکوالي ڪن ٿا. جاگيرداراڻي قانون ۾ زمين تي جاگيردار جي ملڪيت ۽ اصل پيدا ڪرڻ وارن جي ماتحت جون مختلف صورتون هونديون آهن. انهن ۾ سخت ترين صورت غلام هارين جي باري ۾ قانون آهي. جاگيرداراڻو قانون مختلف سماجي درجي بندين وچ ۾ اڻ برابري جي قانون کي عدل جو درجو ڏئي ٿو، اهو مسلط جماعت بندين، ملڪيتن ۽ مذهبي ڏرين کي رعايتن رتبو عطا ڪري ٿو. بورجوا سماج ۾، جيڪو نجي ملڪيت جي مالڪن جو سڀ کان وڏيڪ ترقي ڪيل سماج آهي، قانون عدالت جي نظر ۾ سڀني شهرين جي لاءِ نالي ماتر برابري جو اعلان ڪري ٿو. پر اهو صرف ان جو ظاهري پاسو آهي. ڇو ته بورجوا سماج کان سواءِ ڪنهن به سماج ۾ قانون جي شڪل ۽ ان جي مافيها ۾ ايتري وڇوٽي ڪونهي. بورجوا سماج ۾ قانون پنهنجي شڪل جي لحاظ کان حڪمران طبقي جي مرضيءَ جهڙو ظاهر نه ٿو ٿئي بلڪ قانوني ضابطن جي هڪ اهڙي نظام وانگر معلوم ٿئي ٿو جيڪي انسانن جي لاڳاپن کي ضبط ۾ آڻين تا انهن جا حق ۽ گڏيل فرض مقرر ڪن تا ۽ سماج جي مفادن ۽ فرد، مقامي گروهن ۽ قانوني تنظيمن وغيره جي

مفادن سيني جي ضمانت ڏين ٿا. پربورجوا سماج ۾ قانون جي نظر ۾ رسمي برابري اصل ۾ سماجي ۽ برابري پورهيت ماڻهن جي وحشياڻي استحصال، پيداواري ذريعن جي مالڪ سرمائيدار تي اجرتي مزدورن جي معاشي ماتحتيءَ جي پرده پوشي آهي. اهو قانون رياست جي مختلف وسيلن جي ذريعي فوج، پوليس، عدالتن، جيلن ۽ تعليم جي نظام ۽ عام پروپئگنڊا جي مدد سان ۽ پورهيت عوام تي زبردستي مڙهيو وڃي ٿو.

سيني استحصال ڪندڙ سماجن جي قانونن جي پيٽ ۾ اشتراڪي قانون مزدور طبقي ۽ سيني پورهيت ماڻهن جي قانوني تصورن مطابق، جيڪي ذريعه پيداوار جي اجتماعي ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ گهرن ٿا ۽ اشتراڪي سماج جي سيني ميمبرن وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ مدد جي رشتي مطابق ۽ تخليق ڪيو وڃي ٿو. اڄ ساني تاريخ ۾ پهريون پيرو هي قانون سڄي عوام جي مرضيءَ جو نه صرف صورت جي اعتبار کان پر عملاً پنهنجي مافيها ۾ ۽ ان جو اظهار ٻڌجي وڃي ٿو.

رياست ۽ قانون جي قسمن ۽ صورتن وچ ۾ فرق ڪرڻ بنيادي طور تي اهم آهي. رياست ۽ قانون جو قسم ان جي طبقاتي نوعيت جي خاصيت بيان ڪري ٿو ۽ صورت مان تنظيم جي انهن طريقن ۽ سياسي هٿيارن جي خاصيت بيان ٿئي ٿي جيڪي طبقاتي غلبي جي لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. فاشسٽ حڪومت ۾ بورجوازيءَ جي آمريت ظاهر ظهور ۽هشت پسنديءَ جون صورتون اختيار ڪري ٿي. بورجوا جمهوري رياستن ۾ حڪمران طبقو اهڙن چونڊيل جمهوري ادارن ذريعي حڪمراني ڪري ٿو جن سان اها خوش فهمي پيدا ٿئي ٿي ته اهي طبقن کان مٿاهان آهن. هتي جيڪا اهم ڳالهه سمجهڻ جي آهي سا اها آهي ته جمهوريت، بورجوا رياست جي جوهر يا مافيها جي نه بلڪ شڪل جي خاصيت بيان ڪري ٿي، تنهن ڪري آمريت ۽ جمهوريت جي هڪ ٻئي سان پيٽ نه ڪرڻ گهرجي. تضاد ركندڙ سماجن ۾ جمهوريت هميشه ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي آمريت هجي ٿي. سرمائيدار رياست جو طبقاتي ڪردار ڏڏلو ڪرڻ لاءِ بورجوا نظريه دان ۽ موقعي پرست ڄاڻي واڻي جمهوريت جي تصور ۽ رياست جي جوهر جي خصوصيت کي هڪ ٻئي سان گڏوڇڙ ڪن ٿا. اهي جمهوريت کي اهڙي

شيءِ سمجهن ٿا جيڪا طبقن کان مٿاهين آهي، جيڪا "نج" جمهوريت آهي ۽ انَ جي پيٺ آمريت سان ڪن ٿا. اهي اها دعويٰ ڪن ٿا ته جتي جمهوريت هوندي آهي اتي آمريت ٿي ئي نه ٿي سگهي، يا ان جي ابتڙ جتي آمريت آهي اتي جمهوريت جي لاءِ ڪا جاءِ نه هوندي آهي. پر طبقن کان مٿاهين جمهوريت جو ڪڏهن به وجود ناهي رهيو. جڏهن جمهوريت سرمائيداراٽي نجي ملڪيت جي بچاءَ لاءِ استعمال ڪئي ويئي ته اها بورجوا جمهوريت آهي ۽ جڏهن ان کي نجي ملڪيت خلاف جدوجهد ۽ اشتراڪي تعمير جي لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ته اها اشتراڪي جمهوريت ٿي ويئي ٿي.

تنهنڪري جمهوريت رياست جي شڪل جي خاصيت بيان ڪري ٿي ۽ ان جو ڪردار طبقاتي هجي ٿو. سرمائيداريءَ ۾ جمهوريت اقليت جي جمهوريت هجي ٿي. بورجوا جمهوري رياستن ۾ هر طرح جي حقن آزادين، "برابري موقعن" وغيره جو اعلان ڪيو ويڃي ٿو. پر سوال اهو آهي ته ڇا امير ۽ غريب وچ ۾ حڪمران ۽ محڪوم وچ ۾ ڪنهن قسم جي برابري ٿي سگهي ٿي؟.

نالي ماتر برابري ۾ جيڪي موقعا ملن ٿا تن کي صرف اهي ماڻهو اثرائتي نمونيٰ استعمال ڪن ٿا جن وٽ انهن لاءِ گهربل ضروري ذريعا آهن. کاپي ڏرجا اشتراڪي دعويٰ ڪن ٿا ته جديد بورجوا رياست "سماجي پلائي جي رياست" آهي، جيڪا نه صرف بورجوازي بلڪ مزدور طبقي جي مفادن جي به نمائندگي ڪري ٿي. تنهن ڪري اشتراڪيت ڏانهن ڪاٻه اڳيرائي صرف ان رياست جي حدن اندر ممڪن آهي ۽ اها اڳيرائي "آمريت" کانسواءِ نج "جمهوري" طريقن سان ٽيڙ گهرجي. اهي دعوائون اصل حقيقتن جي بلڪل ابتڙ آهن. بورجوازي پنهنجي آمريت کي برقرار رکڻ لاءِ هر قسم جا حربا استعمال ڪري ٿو. سرڪاري ملازمن کي رشوتون ڏيڻ، حڪومت ۽ شاهوڪارن وچ ۾ تعلق، قائم ڪرڻ ۽ رياست جي چوٽي جي عملدارن سان ميل ميلاپ، چوندن دوران سازشون جوڙ ٽوڙ، دوکي بازي، بازاري ليڊري. جڏهن اهي چالون ڪامياب نه ويندیون آهن ته پوءِ بورجوازي ظاهر ظهور تشدد جو رستو اختيار ڪري ٿو. طاقت استعمال ڪرڻ جي ڏمڪي ڏئي ٿو.

ان کان سواءِ حقیقت اها آهي تہ بورجوا جمهوریت سیني لاءِ اهي نالي ماتر "اڻ سنڊي طرح موقعا" بہ فراهم نہ ٿي ڪري. اهو ووٽرن جي حق تي مختلف قسم جا شرط ۽ پابندیون لڳائي پورهیتن جي هڪ خاص حصي ڪي ووٽ ڏیڻ جي حق کان محروم ڪري ٿي، ڪیترین ئي بورجوا ریاستن ۾ اوهان کي اهڙا پرفریب چوندڙ نظام ملندا جیکي کاهي ڏر جي جمهوریت پسندن کي پارلیامینٽ جو میمبر چوندڙ کان روکین ٿا. اینگلس لکیو آهي تہ ان ئي سبب جي ڪري بورجوا جمهوري ریپبلکن ۾ "دولت پنهنجو اقتدار برابري وارو استعمال ڪري ٿي پر ان لاءِ تمام گهٽو یقین سان." (4) بورجوا ملکن جا اصلي آقا پارلیامینٽن ۽ حڪومت جا پردي پویان روح روان هجن ٿا. اهي ڪوئلي، تیل ۽ فولاد جا بي تاج بادشاهہ، اسلحي تیار ڪرڻ وارا، بئنکن جا مالڪ وغیره وغیره آهن. جیستائین اهي پنهنجو پاڻ کي محفوظ محسوس کن ٿا تہ حقیقت ۾ پنهنجي آمریت کي "آزادي ۽ جمهوریت" جي چمڪندڙ محل وانگر پیش ڪرڻ وڌیڪ پسند کن ٿا. اهو ان ڪري تہ فرد، ادارن یا پارٽین جي تبدیلي سان ان محل جون دیوارن نہ ٽیون لڏن.

پر اها ڳالهہ بہ هرگز نہ وسارڻ گهرجي تہ بورجوا جمهوریت تي مارڪسي تنقید جو مطلب ان جو مورانهین انڪار ڪونهي. وڇئین دور کان اڳ ۾ حڪمراني یا ظاهر ظهور تشدد واري آمریت جي پیٽ ۾ تاریخي لحاظ کان بورجوا جمهوریت ترقي پسند آهي، ڇو تہ اها پرولتاریہ کي سیاسي تنظیمن جي قانوني سرگرمین جي لاءِ پاڻ ۾ روشن خیالي آڻڻ لاءِ ۽ پنهنجي حقن جي بچاءَ لاءِ امکان فراهم ڪري ٿي.

پرولتاریہ جمهوریت جو سڀ کان وڌیڪ ثابت قدم مجاهد آهي. جیڪڏهن اسین ماضيءَ جو اچاتر و جائزو ونون تہ اها ڳالهہ روز روشن وانگر واضح ٿي ویندي تہ عوام سخت جدوجهد ذریعي بورجوازي کان ڪیئي آزادیون، سماجي حاصلات ۽ پیا جمهوري حق حاصل کیا آهن ۽ انهن کي برقرار رکڻ لاءِ پورهیت ماڻهن کي لڳاتار وڙهڻو پوي ٿو. پورهیت ماڻهن جي وسیع جمهوري مطالبن جي جدوجهد اشتراکیت جي راهہ تي مزدور طبقي

4. اینگلس "خاندان، ذاتي ملکیت ۽ ریاست جو آغاز" باب-9.

جو صرف پهريون قدم آهي. اها جدوجهد جمهوريت جي بلند ترين شڪل يعني مزدورن جي اشتراڪي جمهوريت جي لاءِ جدوجهد ۾ پهرين منزل آهي.

اصل ۾ اهي سرمائيداراڻيون اجاريداريون آهن جيڪي هر قسم جي جمهوريت جون دشمن آهن. سامراج جي دور ۾ بورجوا جمهوريت بحراني دور مان گذرندي آهي ۽ ان جو اظهار سڀ کان پهرين بورجوا رياستن جي فسطائي ٽيڙ جي رحجان مان ٿئي ٿو. اجاريداريون جڏهن ڏسن ٿيون ته هاڻي بورجوا جمهوري قانونيت جو محل سندن لاءِ فائديمند نه رهيو آهي ته هي ان کي خود پنهنجي هٿن سان ڍاهڻ کان به نه ٿيون مڙن پر اڄ رجعت پرستن لاءِ ائين ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. ان جو سبب اهو آهي ته جمهوريت ۽ اشتراڪيت جون علمبردار قوتون تمام گهڻو طاقتور ٿي ويون آهن تنهن ڪري هاڻ رجعت پرست جمهوريت تي پنهنجي حملي جي پرده پوشي جمهوريت واري "بچاءَ" نعري سان ڪن ٿيون. رياستن جي فسطائي ٽي وڃڻ جو هڪ ٻيو سرچشمو جارحاڻين سامراجي جنگين جون تياريون، عسڪريت پرستي، اسلحي جي دوڙ، بورجوا رياستن ۾ جبر ۽ بي حد اضافو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ محنت ڪش عوام جمهوري حقن خاطر جدوجهد امن جي جدوجهد سان سلهاڙجي وئي آهي.

ان لاءِ بورجوا رياست، ان جي شڪل ڪٽي ڪهڙي به هجي، بنيادي طور تي حڪمران طبقي جي هڪ اهڙي تنظيم آهي جيڪا سرمائيداري نظام کي مستحڪم ڪرڻ ۽ پنهنجن طبقاتي مخالفن کي دٻائڻ جو ڪم ڪري ٿي. پر بورجوازي ڪڏهن به پنهنجي آمريت کي وائکو ڪرڻ مناسب ڪونه ٿو سمجهي. تڏهن هو ان کي اڻ سڌو استعمال ڪري ٿو. بورجوازي مزدورن کي ايترو وڌيڪ حق به ڪونه ٿو ڏئي جن کي هو سندس بورجوازي خلاف استعمال ڪري سگهن. ان ڪري هو اڻانگا طريقا اختيار ڪري ٿو ۽ چند رعايتن کان اڳتي نه ٿو وڌي. جڏهن هن کي ڪا جمهوري شڪل غيرمفيد معلوم ٿئي ٿي ته بورجوا قانونيت کي ٽوڙي ان شڪل کي ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ جابراڻه طريقا ظاهر ظهور اختيار ڪري ٿو. جڏهن شديد طبقاتي لڙاين جو زمانو هجي ٿو ته رياست جي طبقاتي نوعيت انتهائي واضح نظر اچڻ لڳي ٿي. ان مان ان ناقابل ترديد حقيقت جو ثبوت ملي ٿو ته طبقن

وچ ۾ ڪليل جدوجهد سان عوام جو سياسي شعور تيزيءَ سان بلند ٿئي ٿو.

رياست طبقن سان گڏوگڏ وجود ۾ آئي، تنهن ڪري طبقن جي ختم ٿيڻ سان ان جو ختم ٿيڻ به لازمي آهي. اهو ڪو دائمي ادارو ڪونهي طبقن جي متجڻ سان رياست به آهستي آهستي عدم جي راهه اختيار ڪندي ان نقطي تي اسين آئنده تفصيل سان بحث ڪنداسين.

انسان جي گذريل سڄي تاريخ ۾ هڪ نظام جي جاءِ تي ٻيو نظام انقلاب ذريعي آيو. تنهن ڪري رياست جي عام نظرئي تي روشني وجهڻ کانپوءِ هاڻي اسين سماجي انقلاب جي مارڪسي نظرئي کي نبيري سگهون ٿا.

سماجي انقلاب جو نظريو

سماجي انقلاب جو نظريو انهن حالتن ۾ قانونن سان بحث ڪري ٿو جيڪي سماجي ارتقا جي علم ۾ هڪ سماجي معاشي جوڙجڪ کان ٻيءَ عبور تي حڪمراني ڪن ٿا.

طبقاتي سماجن اندر انسانن وچ ۾ لاڳاپن سماجي لاڳاپن ۾ انقلابي تبديليون انهن خارجي قانونن سان واڳيل ٿيندیون آهن جن مطابق پيداواري طريقي جي ارتقا ٿئي ٿي. جيئن اسين اڳ ۾ ثابت ڪري چڪا آهيون (ڏسو باب پهريون ۾ ٻيو). هڪ پيداواري طريقي کان ٻئي تائين سفر جي ضرورت پيداواري لاڳاپن ۾ پيداواري قوتن جي ڪردار وچ ۾ مطابقت رکڻ واري قانون جي عمل مان پيدا ٿئي ٿي. هر سماجي انقلاب جو معاشي بنياد نئين پيداواري قوتن ۾ پراڻن تعلقات پيداوار سان ٽڪراءَ ٿئي ٿو. جڏهن اهو پنهنجي انتها کي پهچي ويندو آهي. انقلاب جو مقصد ٽڪراءَ کي ختم ڪرڻ آهي. سماجي انقلاب پيداواري ملڪيت جي فرسوده شڪل کي ختم ڪري تاريخي اعتبار کان پختي ذميواري انجام ڏئي ٿو. هو پراڻن پيداواري لاڳاپن کي هٽائي جڏيندو آهي ۾ اهڙن نون پيداواري لاڳاپن کي قائم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪري ٿو. جيڪي موجوده پيداواري قوتن جي سطح ۾ ڪردار سان مطابقت رکن. انقلاب جي ان عظيم قانون کي دريافت ڪرڻ وارو مارڪس آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ لکي ٿو ته "ارتقا جي هڪ خاص منزل ۾ سماج جون مادي پيداواري قوتون موجود پيداواري لاڳاپن کان

يا قانوني بولي۽ ۾ هينئن چئي سگهجي ٿو ته ملڪيت جي لاڳاپن سان ،جن جي حدن ۾ اهي ايجا تائين ترقي ڪري رهيون آهن، پاڻ ۾ ٽڪرائين ٿيون. اهي لاڳاپا پيداواري قوتن جي ارتقا جون شڪليون ٿيڻ بدران انهن لاءِ زنجيرون بڻجي وڃن ٿيون. تڏهن سماجي انقلاب جو دور شروع ٿئي ٿو. (5)

ان مان چند اهم نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

1) سماجي انقلاب ڪنهن معنيٰ ۾ به سماجي ارتقا جي "حسب معمول" راهه ۾ "انتشار" نه ٿا ٿين، جيئن مارڪس ازم جا دشمن دعويٰ ڪن ٿا. جڏهن طبقاتي سماج اڳتي وڌي ٿو ته اهو هڪ سماجي معاشي تشڪيل کان پي تائين سفر جي ضروري شڪل بڻجي وڃي ٿو.

2) انقلاب ماڻهن، گروهن يا طبقن جي "دل جي تانَ" جو نتيجو نه ٿا هجن. اهي ان وقت برپا ٿيندا آهن جڏهن انهن جي لاءِ صحيح مادي حالتون پختيون ٿي ٿيون وڃن.

3) هر انقلاب جو تز خارجي سماجي معاشي مافيها هجي ٿو جيڪو انسانن جي مرضي ۽ شعور کان بلڪل آزاد آهي.

انقلاب جي ڪردار جو انحصار ان تي آهي ته هو ڪهڙا پيداواري لاڳاپا تباهه ڪري ٿو ۽ انهن جي جاءِ تي ڪيئن پيداواري لاڳاپا قائم ڪري ٿو. جيڪو انقلاب جاگيرداراڻ پيداواري لاڳاپا ختم ڪري ان جي جڳهه تي سرمائيداراڻ تعلقات قائم ڪري ٿو تن کي بورجوا انقلاب چيو وڃي ٿو. ان کان بنيادي طور تي مختلف اشتراڪي انقلاب آهن جيڪو سرمائيداراڻن لاڳاپن کي ختم ڪري ۽ اشتراڪي پيداواري لاڳاپا قائم ڪري سرمائيداريءَ جي بنيادي تضاد کي حل ڪر ٿو.

سماجي انقلاب جون ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ پراڻي سماج جي حڪمران طبقن جي مزاحمت کي ختم ڪرڻ ضروري هوندو آهي. جيڪي رياست تي قابض هوندا آهن. ان مقصد کي آڏو رکي حڪمران طبقي جي اقتدار خلاف، جيڪو رياست جي صورت ۾ منظم هجي ٿو، انهن جي منظم قوت سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪرڻ گهرجي جيڪي ان جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ

5. مارڪس "سياسي معاشيات جي تنقيد" تي مهاڳ.

جدوجهد ڪن ٿا. صرف حڪمران طبقي جي هٿن مان رياستي اقتدار ڪسي ۽ انهن جي مزاحمت کي چيپاڙ ڪان پوءِ انقلابي قوتون پراڻي نظام جي جاءِ تي نئون نظام لاڳو ڪري سگهن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو هر انقلاب ۾ رياستي اقتدار جو سوال هميشہ بنيادي هجي ٿو. صحيح معنيٰ ۾ انقلاب جو مطلب هڪ طبقي کان ٻئي طبقي جي هٿ ۾ رياستي اقتدار جي منتقلي آهي. جڏهن ترقي پسند سماجي قوتون نئون انقلابي اقتدار قائم ڪري وٺن ٿيون تہ پوءِ اهي ان کي سماج جي معيشت ۾ ضروري تبديليون ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آهن.

جڏهن حڪمران طبقي جي مزاحمت بين مخالف طبقن جي منظم جدوجهد ذريعي حتم ڪئي ويڃي ٿي تہ اهو انهن طبقن جو عمل هجي ٿو جيڪي انقلاب کي اڳتي وڌائين ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهي طبقا انقلاب جون محرڪ قوتون آهن جيڪي انقلاب جون مخصوص محرڪ قوتون ان جي جوهر ۽ امتيازي خصوصيتن کي سمجهڻ جي لاءِ انتهائي اهم هجن ٿيون.

انقلابي ڏماڪي جي تياري پراڻي سماج اندر طبقاتي جدوجهد جي هڪ پوري دور جي ذريعي سان هجي ٿي. خود انقلاب ترقي پسند ۽ رجعت پرست قوتن جي جدوجهد جو بلند ترين نقطو هوندو آهي. انقلاب اهو مسئلو طئي ڪري ٿو تہ ڪهڙو طبقو ڪٽيندو، يعني ڪهڙو طبقو پنهنجي هٿن ۾ رياستي اقتدار حاصل ڪندو ۽ سياسي لحاظ کان سماج جي غالب قوت بنجي ويندو.

ان معنيٰ ۾ ماضيءَ جي سمورن انقلابن ۾ بنيادي تضاد موجود رهيو. اهي استحصال ٿيندڙ اڪثريت جا انقلاب هئا پر استحصال ڪندڙ اقليت جي مفاد ۾. اهي نجي ملڪيت جي هڪ شڪل خلاف انقلاب هئا پر بي شڪل حمايت ۾. استحصال ڪرڻ وارا ايندا ويندا رهيا ليڪن استحصال باقي رهيو. اهي اڪثريت جا انقلاب اقليت جي مفاد ۾ هئا.

هتي اسان هڪ نڪتي تي زور ڏيڻ چاهيون ٿا جنهن تي آئيندہ تفصيل سان بحث ڪيو ويندو. اشتراڪي انقلاب ۾ اهو تضاد نہ هوندو آهي جو تہ ان جون محرڪ قوتون مزدور طبقي جي قيادت هيٺ محنت

ڪش عوام هجن ٿا جن جي مفادن ۾ انقلاب برپا ڪيو ويندو آهي. اشتراڪي انقلاب اڪثريت جو انقلاب اڪثريت جي مفاد ۾ هوندو آهي.

انقلاب جي محرڪ قوتن ۽ انهن جي سماجي معاشي مافيها وچ ۾ گهرو تعلق آهي. انقلاب جو ڪردار ۽ مافيها ٻڌائي ٿو ته ان جو رخ ڪنهن جي خلاف آهي، ان کهڙا فرض پنهنجي نظر ۾ رکيا آهن ۽ نتيجي ۾ سماج جي کهڙن طبقن کي ان مان فائدو رَسي ٿو ۽ ان ڪري اهي ان جون محرڪ قوتون ٿي سگهن ٿيون ۽ کهڙن کي فائدو نه ٿو ٿئي ۽ اهي انقلاب جا دشمن آهن. هر صورت ۾ طبقاتي نقطئ نظر سان ئي خارجي طور تي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي ته انقلاب جون محرڪ قوتون ۽ ان جو مافيها چا آهي.

سماجي انقلاب تاريخ ۾ انتهائي ترقي پسند ڪردار ادا ڪن ٿا. انقلابن دوران مجاهد سماجي طبقا فرسوده معاشي نظام تي سڌو سنئون حملو ڪري ان کي برباد ڪري ڇڏين ٿا. ۽ ترقي پسند انقلابي قوتن جي فتح سان تاريخي ارتقا جا مزيد وسيع امڪان پيدا ٿي وڃن ٿا.

مارڪس لکيو آهي ته: "انقلاب تاريخ جي انجڻ هجن ٿا". (6) خير، بي لوث جدوجهد ۽ جرئت ڪانسواءِ ڪو به انقلاب ڪامياب نه ٿي سگهندو آهي. اينگلس لکي ٿو ته: انقلابي "جبر اهڙو هٿيار آهي جنهن جي ذريعي سماجي تحريڪ پنهنجو رستو طاقت جي زور تي ڪڍي ٿي ۽ مرده ۽ دقيانوسي سياسي شڪلين کي ختم ڪري ڇڏي ٿي" (7) ۽ لينن جي لفظن ۾:

"انقلاب مظلوم ۽ استحصال ڪيل عوام جا جشن هجن ٿا" (8)

هڪ اهڙي انقلاب جي خاص تڪميل لاءِ جنهن جي معاشي ضرورت پختي ٿي چڪي هجي مخصوص خارجي ۽ داخلي حالتن ۽ لازمي شرطن جي ضرورت آهي.

خارجي سماجي سياسي حالتن جو ڪل مجموعو جن تحت انقلابي ڏماڪو ٿي سگهي ٿو انقلابي حالت سڏجي ٿو. انهن حالتن جا نشان هي آهن. پهريون، حڪمران طبقي جي پاليسي ۾ بحران جيڪو ان طبقي

6. مارڪس، "فرانس ۾ طبقاتي جدوجهد 1848ع کان 1850ع"، باب ٽيون.
7. اينگلس، "اينٽي ڊيورنگ".
8. لينن "جمهوري انقلاب ۾ سوشل ڊيموڪريسي جا به طريقا ڪار".

جو پنهنجو غلبو (پراڻي شڪل ۾) برقرار رکڻ جي نا اهليت ۽ پراڻي طريقي سان حڪمراني ڪرڻ ۽ رهڻ جي ناقابليت مان ظاهر ٿئي ٿو ان سان حڪومت ڪمزور ٿي وڃي ٿي ۽ پاليسي ناهڻ ۾ ڏانواندبول رهندي آهي، ان جون ديوارون لڏي ويندیون آهن ۽ ان جو تختو اونڌو ڪرڻ سولو ٿي پوندو آهي. ٻيو مظلوم طبقا پراڻي طرز زندگي کي جاري رکڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن ڇو ته "انهن جون تڪليفون ۽ مصيبتون ٻئي بينظير پيماني تي وڌي ويندیون آهن." ٽيون، عوام جي سرگرميءَ ۾ نمايان اضافو جڏهن اهي ظاهر ظهور آزاد انقلابي قدم جي لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن. (9)

ان قسم جي حالت مان قومي بحران پيدا ٿئي ٿو جيڪو ڪامران انقلاب جي لاءِ خارجي شرط فراهم ڪري ٿو.

پرولتاريه جي جدوجهد جي رهنمائي ڪرڻ واري پارٽي رياستي اقتدار حاصل ڪري جي ذميواري صرف ان وقت ادا ڪري سگهي ٿي، جڏهن حالت انقلابي هجي ٻيءَ صورت ۾ اها هڪ جوا ثابت ٿيندي ۽ ان کي شڪست جو منهن ڏسڻو پوندو.

هتي اهم نڪتو هي به آهي ته هر قسم جي انقلابي حالت جو نتيجو انقلاب جي صورت ۾ ڪو نه ٿو نڪري. مثال طور روس ۾ 1859ع کان 1861ع تائين انقلابي حالت هئي پر انقلاب هڪ دفعو به نه آيو. ان صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي شروع ۾ جرمنيءَ ۾ به اهائي صورتحال رهي.

انقلاب ان وقت برپا ۽ ڪامياب ٿيندا آهن جڏهن ضروري خارجي حالتن سان گڏ گڏ داخلي عنصر به موجود هجي. يعني انقلابي پارٽيءَ جو وجود، انقلابي طبقن جي ذهن ۾ انقلاب جي ضرورت جو احساس، عوام ۾ منظم ۽ پڪا قدم کڻڻ جي اهليت ۽ فتح جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ موت جو خطرو به سر تي کڻڻ لاءِ آمادگي.

انقلاب برپا ٿيڻ جو هڪ قانون هي آهي ته داخلي ۽ خارجي حالتون ٻئي ڪيئون هجن. اهو هڪ اهڙو قانون آهي جنهن تي مارڪسي ليننسٽ پارٽين اشتراڪي انقلاب جي تياري ۽ تڪميل تي هيمشه پروسو ڪيو آهي. انقلاب جون خارجي حالتون طبقن ۽ پارٽين جي شعور کان آزاد

9. لينن "ٻي انترنيشنل؟ جو خاتمو"

رهي پڇي راس ٿين ٿيون. پر جڏهن خارجي حالتون موجود هونديون آهن تہ پوءِ انقلاب جي ڪاميابي جو انحصار داخلي عنصر تي هجي ٿو جنهن جي جوڙجڪ زياده تر عوام جي سياسي تعليم ۽ تنظيم سان ٿئي ٿي. اشتراڪي انقلاب جي فتح جي لاءِ هڪ اهڙي مجاهداٽي انقلابي پارٽي جي موجودگي بنيادي اهميت رکي ٿي جنهن جو عوام تي اثر هجي ۽ جيڪا ان جي جدوجهد جي رهنمائي ڪرڻ جي قابل هجي.

عظيم آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب جي تياري وقت دوران لينني بالشويڪ پارٽي ان جو تز ۾ معقول مثال پيش ڪيو تہ سڀ کان ذڪين حالتن ۾ ڪيئن مزدور طبقي ۽ هارين کي مستقل مزاجيءَ سان ۽ بامقصد طور تي انقلاب جي لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيئن انقلاب دوران استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي غلبي جو خاتمو ڪرڻ لاءِ جدوجهد کي ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. اهو تجربو تمام گهڻي بين الاقوامي اهميت وارو آهي.

اشتراڪي انقلاب سماجي انقلاب جو هڪ خاص قسم آهي. سماجي انقلاب جا ضابطہ اشتراڪي انقلاب تي بہ لاڳو ٿين ٿا پر بنيادي اعتبار کان اهو ماضيءَ جي انقلابن کان مختلف آهي ان لاءِ ضرورت آهي تہ ان تي ڏاروڏيڪ تفصيل سان بحث ڪيو وڃي.

اشتراڪي انقلاب جو نظريو

اشتراڪي انقلاب جي تاريخي ضرورت جو سرچشمو خود سرمائيداريءَ جي ارتقا آهي. ان جو معاشي بنياد ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندڙ تضادن ۽ پيداوار جي سماجي ڪردار ۽ جبري تصرف جي نجي سرمائيداري وچ ۾ ٽڪراءَ آهي. اشتراڪي انقلاب جو مقصد ان ٽڪراءَ کي ختم ڪرڻ ۽ پيداواري ذريعن ۾ نجي ملڪيت کي ختم ڪري سماجي ملڪيت جو بنياد وجهي سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اشتراڪي لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ اشتراڪي انقلاب جون محرڪ قوتون مزدور طبقو ۽ شهرن ۽ ڳوٺن جا پورهيت، سڀ کان پهرين هاري آهن. ۽ انهن جو بنيادي مقصد پورهتن جو اقتدار- پرولتاريہ جي آمريت قائم ڪرڻ آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انقلاب دوران پرولتاريہ: (الف) بورجوازي جي

اقتدار جو تخت اونڌو ڪرڻ آهي، جيڪو ان کي سياسي غلبي کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. ان جي هٿان اقتدار جا وسيلا طاقت سان حاصل ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي آمريت جي لاءِ رستو کولي ٿو. (ب) بورجوا رياستي يانچي، بورجوا رياست جي فوج، پوليس ۽ نوڪرشاهي جي مشينري کي تباهه ڪري ٿو ۽ پرولتاريه رياست جي نون هٿيارن ناهڻ جو بنياد وجهي ٿو. (ج) اقتدار پنهنجي هٿن ۾ وٺي ٿو ۽ نئين رياست قائم ڪري ٿو. پرولتاريه جي انقلابي آمريت جنهن کي هو پرولتاري انقلاب جي مقصدن ۽ فرضن کي بجا آڻڻ ۽ اشتراڪيت تعمير ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو.

موقعي پرستن ۽ ترميم پرستن، اشتراڪي انقلاب جي تاريخي ضرورت کي ڏنڊلو بٽائڻ يا صفا انڪار ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي آهي. هو اهو دليل پيش ڪن ٿا ته جنهن مزدور طبقي بابت مارڪس ۽ اينگلس ٻڌي ويا آهن تنهن جو هاڻي وجود ئي ڪونهي. انهن جي اها دعويٰ آهي ته مزدور طبقو، جيڪو ڪڏهن مظلوم ۽ سياسي لحاظ کان محروم هو، سو هاڻي وڏيون وڏيون پگهارون ڪڍ وارو طبقو بڻجي ويو آهي، ۽ ان بورجوا جمهوريت جي حدن ۾ بورجوازي سان سياسي برابري حاصل ڪري ورتي آهي. اهي چون ٿا ته سماجي پلائي واري رياست خلاف وڙهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، بلڪ اشتراڪيت جي تعمير جي سلسلي ۾ ان تي اعتماد ڪرڻ گهرجي. اها بورجوازي کي نقصان رسائڻ ڪانسواءِ هوريان ۽ مرحليوار سڌارن ذريعي ان منزل تائين پهچندي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڪن ترقي ڪيل سرمائيدار ملڪن ۾ مزدور طبقو وڌيڪ اجرتون ۽ سماجي قانون سازي وغيره جي شڪل ۾ بورجوازي کان ڪجهه رعايتون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، ليڪن اهو سخت جدوجهد جو نتيجو آهي. ان کان علاوه انهن جي حالت ڪٿي ڪيتري به بهتر هجي اهو پوءِ به اهڙو طبقو هجي ٿو جنهن جو استحصال ڪيو وڃي ٿو. ۽ سندس زندگيءَ جو وجود به سرمائيدار وٽ پنهنجو پورهيو وڪڻڻ سان واڳيل آهي هن جي محنت جا سيئي ڦل هن لاءِ اجنبي ۽ سندس مادي ۽ روحاني غلاميءَ جو وسيلو بڻجن ٿا. ان جو مطلب، جو ٿيو ته مزدور طبقي جي سموري حاصلات عارضي هوندي آهي ۽

بورجوازي جڏهن چاهي انهن کي غصب ڪري سگهي ٿو. ان جي خوبي اها آهي ته سرمائيداري ۾ محنت جي ڏينهون ڏينهون شدت ۽ بيروزگاري جهڙا مسئلا خطرا بنجي مزدورن جي سر تي لامارا ڏيئي رهيا آهن.

جيتري قدر مزدورن ۽ سرمائيدارن وچ ۾ سياسي برابري جو تعلق آهي ته اها بلڪل نالي ماتر آهي. دنيا ۾ جاٽي ٿي ته مزدور طبقو معاشي ياسياسي لحاظ کان بورجوازي جي برابر ڪونهي. اٽويهين صديءَ جي مقابلي ۾ مزدور طبقي جي حالت ۾ واقعي ڇڳيون خاصيون تبديليون آيون آهن. پر ان سان سرمائيداري جا بنيادي قانون رد ڪونه ٿيا ۽ نه وري پرولتاري انقلاب جي ضرورت ختم ٿي جنهن کي مارڪس پنهنجي لکڻي "سرمائي" ۾ ثابت ڪيو هو. انهن تبديلين جدوجهد جون حالتون ضرور بدلايون آهن، ليڪن انهن جي ڪري خود جدوجهد جي ضرورت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. بورجوا نظريه دان ۽ موقعي پرست، ڪميونسٽن تي الزام ڏريندا آهن ته اهي تشدد ۽ جبري طريقن جا علمبردار ان ڪري آهن جو اهي انقلاب ۽ انقلابي آمريت جي ضرورت کي تسليم ڪن ٿا. اهو الزام پنهنجي باطن جي لحاظ کان غلط به آهي ۽ ريا ڪاراٽي به.

ڪميونسٽن جو عقيدو آهي ته ان وقت تائين طاقت استعمال ڪرڻ جي خيال کي ترڪ ڪرڻ حماقت ٿيندي جيستائين جو طبقاتي جدوجهد ۽ رياست موجود آهن، ڇو ته رياست خود جبر جو هڪ هٿيار آهي. هاڻ بنيادي سوال اهو آهي ته هيءَ يا هوءَ پارٽي ڪهڙي قسم جي جبر جي علمبردار آهي، رجعت پرست يا انقلابي.

تاريخ ۾ اڃاتل امن پسندي، گانڌي ازم ۽ شهري حقن جي تحريڪ جهڙين ڪيترين ئي تحريڪن تشدد خلاف پرچار ڪيو. پر ايڏا تائين اهي رجعت پرست طبقن کي ان جو قائل نه ڪري سگهيون آهن ته اهي پنهنجي مفادن جي حفاظت ڪرڻ وقت طاقت جو استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏين. ان کان علاوه خود سامراج، نه صرف تشدد کي جنم ڏئي ٿو. بلڪ انسانيت دشمن سطح تي تشدد ڦهلائي ٿو. اسان جي ئي صدي ۾ سامراج به عالمي جنگيون ڇيڙيون جن ۾ لکين انسانن جون جانيون ضايع ٿيون. فسطائيت جيڪا بربريت جي نظرئي ۽ وحشياڻي طاقت جي مسلڪ تي

بڏل هجي ٿي، سا ان ئي سامراج جي پيداوار آهي. سامراجي هاڻي وري نئين عالمي جنگ جون تياريون ڪري رهيا آهن جيڪا ڪروڙين انسانن کي تباهه ڪري سگهي ٿي. سامراجين بينڪيتي جنگون شروع ڪيون ۽ ايا ۾ ڪري رهيا آهن. اهي عوام جي قومي آزاديءَ جي جائز جذبي کي طاقت جي زور تي چيپاٽي رهيا آهن. ويتنام، چلي ۽ يونان ۾ رجعت پرست قوتن جا هولناڪ ظلم جتي پنهنجي سياسي عقيدن جي ڪري هزارين انسانن جي قتل جي بازار گرم ٿي ۽ اهڙي قسم جا سوين مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. ان مان هڪ ئي نتيجو نڪري ٿو جڏهن بورجوازي سمجهي وٺي ٿو ته پورهيتن مان ڪيس خطرو آهي ته هو تشدد استعمال ڪرڻ کان به نه ٽو مڙي. جيڪڏهن ان جي باوجود بورجوا نظريه دان اصرار ڪن ٿا ته اهي تشدد کي خيرباد چئي "انسان دوست" طريقا استعمال ڪن ٿا ته پوءِ سندن بي حيائي کي داد ڏيڻ کان سواءِ ٻيو چا ٿو ڪري سگهجي.

مارڪسزم لينن ازم مان رهنمائي حاصل ڪري ڪميونسٽ، تاريخ انقلابي قوت جي ترقي پسند ڪردار کي ضرور تسليم ڪن ٿا پر انهن ڪڏهن به ان تي اصرار نه ڪيو ته هر حالت ۾ طاقت استعمال ڪئي ويجي. ڪميونسٽ هڪ نئون سماج اڏڻ گهرن ٿا ۽ انهن جو عقيدو آهي ته جيڪڏهن جبر کان پاسو ڪري سگهجي ٿو ته پنهنجي جدوجهد ۾ ان (جبر) کان ڪم وٺڻ جي ضرورت ڪانهي، جبر هڪ وسيلو آهي نه مقرر ڪيل مقصد. جنهن حد تائين جبر استعمال ڪرڻ گهرجي ان جو انحصار پراڻن طبقن جي مزاحمت تي آهي انهن جي مزاحمت جيتري سخت هوندي انقلابي ڏريون اوتريون ئي طبقاتي جدوجهد جون شديد صورتون اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندیون، انقلابي مزدور تحريڪ جي تاريخ ان جي شاهد آهي. پيرس ڪميون جي مجاهدن کي رستن تي ان ڪري مورچه بندي ڪرڻي پئي هئي جو ڪين وارسائي وارن (10) جي حملن کي پَسپا ڪرڻ هو.

10. اهو نالو 1871ع جي پيرس ڪميون وارن ان انقلاب دشمن بورجوازي (تيئو جي رهنمائي ۾) ۽ ان جي فوج کي ڏنو هو. جنهن شهر وارسائي ۾ قلعه بندي ڪري پروشيائي فوجن جي مدد سان انقلابي پيرس تي حملو ڪيو ۽ بيرحميءَ سان مزدورن کي تباهه ڪري ڇڏيو. جن تاريخ ۾ پهريون پرولتاري انقلاب برپا ڪيو هو.

پر ان ۾ هوناڪام رهيا ۽ مزدورن جو رت وهڻ باوجود ڪميون ختم ٿي ويو. يا وري نئين ساماڻيل سوويت روس جي ريپبلڪ ۾ گهرو ويڑهه ڪي (1918ع. 1920ع تائين) وٺو. ان کي شروع ڪرڻ وارا انقلاب دشمن سفيدگارڊ هئا، جن جي پٺيرائي بيروني سامراج ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري پهرئين اشتراڪي ملڪ جي مزدور طبقي ۽ هارين هٿيار کڻي پنهنجي انقلاب جي حفاظت ڪئي. عوامي جمهوريتن ۾ جتي انقلاب دشمن قوتن تي ضابطو آندو ويو هو ۽ جيڪي گهرو ويڑهه شروع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيون. انقلاب پرامن راهه اختيار ڪئي ۽ طاقت استعمال ڪرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت پيش آئي.

مارڪس ۽ اينگلس جو دور اجاريدار سرمائيداري کان اڳ جو دور هو. ان وقت تائين سرمائيداري ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري رهي هئي ۽ سرمائيداري جو پورو نظام ايڏا پرولتاري انقلاب لاءِ تيار نه ٿيو هو. اهڙي انقلاب جي لاءِ مادي حالتن ڪنهن حد تائين يورپ ۽ آمريڪا جي صرف معاشي طور تي انتهائي ترقي يافته ملڪن ۾ ئي نشو و نما پاتي هئي. ان ڪري ئي مارڪس ۽ اينگلس کي يقين هو ته پرولتاري انقلاب صرف هڪ ئي وقت سيني ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ شروع ڪري ۽ انهن ملڪن جي پرولتاريه جي گڏيل ڪوشش سان ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو. ۽ ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ اشتراڪي انقلاب کي فتح حاصل نه ٿي ٿي سگهي. اينگلس "ڪميونزم جا اصول" ۾ لکيو آهي ته "ڪميونسٽ انقلاب صرف قومي نه هوندو، اهو سمورن مهذب ملڪن ۾ برپا ٿيندو، يعني ڪم ازڪم هڪ ئي وقت انگلستان، آمريڪا، فرانس ۽ جرمني ۾". مارڪس ۽ اينگلس ان تي زور ڏنو ته اشتراڪي انقلاب کو تڪڙو عمل ڪونهي بلڪ پرولتاريه ۽ انهن جي طبقاتي دشمنن وچ ۾ بين الاقوامي لڙائين جو هڪ دور، هڪ عهد آهي. اهو چوڻ ته پرولتاري انقلاب صرف هڪ ئي وقت سيني ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو، سرمائيداري کان اڳ جي دور ۾ صحيح هو ۽ ان دور جي تاريخي حالتن جي مطابق هو پر سامراج جي دور ۾ حالتون بدلجي ويون.

لينن ٻڌايو ته اٽويهين صدي کان پوءِ سرمائيداري هڪ نئين،

پنهنجي ارتقا جي بلند ترين، منزل ۾ داخل ٿي، اها هئي سامراج جي منزل. اهو دور جنهن ۾ سرمائيداري تنزلي ڏانهن وڌي ٿي. ان نتيجي جو بنياد اها حقيقت هئي ته ان دور ۾ سرمايو هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو، جنهن ڪري معيشت تي اجاريداريون مسلط ٿي ويون، اهي طاقتور سرمائيدار انجمنون هيون. آزاد مقابلي جي جاءِ تي اجاريداري جي اچڻ سان معيشت ۾ جمود جورحجان پيدا ٿيو.

سامراج ڏانهن سفر کي هڪ اهڙي دور جي ابتدا سمجهڻ گهرجي جڏهن سرمائيداري جو پورو نظام اشتراکي انقلاب لاءِ پچي راس ٿي ويچي ٿو. اشتراکي انقلاب جو نظريو مرتب ڪرڻ وقت لينن ان نتيجي تي پهتو هو. ۽ هن ٻڌايو ته تاريخي ارتقا جي راهه ۾ رياستي اجاريدار سرمائيداري ۽ اشتراکيت وچ ۾ ڪي به درمياني منزلون ڪونهن ۽ سامراج اشتراکي انقلاب جي لاءِ مڪمل طور تيار آهي.

گڏوگڏ سامراج جي دور ۾ انقلابي قوتون به ڪافي وڌيون آهن. مزدور طبقي جو شديد استحصال پرولتاريه ۽ بورجوازي جي تضاد کي ڏينهون ڏينهن وڌائي ٿو. سامراج مزدور طبقي کي انقلاب جي ويجهو آڻي ٿو. سامراج نه صرف مزدور طبقي کي پنجوڑ ۾ ٻڌل رکي ٿو بلڪ هارين، شهر جي پيٽي بورجوازي ۽ ۽ دانشورن کي به چيپاتي ٿو. انهن ئي سماجي گروهن ۾ مزدور طبقو لڳ ڀڳ ثابت قدم اتحادي تلاش ڪري ٿو ۽ ڳولهي به ونئي ٿو. نوآبادين ۽ نيم بينڪيتن جي عوام جي قومي آزادي جي جدوجهد به، جن تي سامراج ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ٿو، پرولتاريه جي مددگار آهي.

جيئن جيئن سرمائيداراٿو پيداواري طريقو ترقي ڪري ٿو تيئن تيئن قومون به ايرن ۽ ترقي ڪن ٿيون ۽ انهن جي درميان مختلف قسمن جا لاڳاپا قائم ٿين ٿا. پر بورجوا سماج ۾ خارجي طور تي انهن تي تضادن جي ڇاپ هجي ٿي. قومپرستي ۽ قومي ظلم نجي ملڪيت جي سماج جي مثالي پيداوار آهن.

جڏهن هڪ قوم ٻيءَ قوم کي غلام بنائي ٿي ۽ ان تي ظلم ڪري ٿي ته مظلوم قوم پنهنجي قومي نجات لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏئي ٿي. ائين قومي سوال وقت جو اهم سوال بڻجي وڃي ٿو، جنهن جو واسطو قومي

تڪرارن ۽ قوم ظلم ختم ڪرڻ سان آهي. جيستائين نجي ملڪيت ۽ طبقا باقي آهن قومي سوال کي مڪمل طور تي حل نه ٿو ڪري سگهجي. اهو ٺيڪ آهي ته قومن وچ ۾ جمهوري لاڳاپن کي هٿي وٺرائي ان کي معتدل ڪري سگهجي ٿو. قومي سوال ڏانهن مارڪسي رويي جو باطن اهوئي آهي. اهو ان کي آزاد ۽ سالم سوال نه بلڪ انقلاب جي سماج جي جمهوري يا اشتراڪي تبديليءَ وڌيڪ عام سوال جنهن کي پورهيتن جي نجات جو هڪ حصو تصور ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو قومي تحريڪ جي ڪاٿي ۽ ان ڏانهن مزدور طبقي جي رويي جو انحصاران تي هوندو آهي ته ان جي خارجي اهميت انهن جي مطالبن جي نوعيت وغيره کيتري حد تائين سماج جي ترقي پسند ارتقا جي مفادن سان مطابقت رکن ٿا. مختلف قومي تحريڪن جي پيچيده جدليات کي صحيح طور تي ان وقت ئي چنڊي چاٽي پيش ڪري سگهجي ٿو جڏهن انهن کي تاريخ جي تُڙ حالتن ۽ مخصوص دور ۾ طبقاتي جدوجهد جي عام اڳيرائيءَ جي ناتي سان ڏٺو وڃي. ان ئي بنياد تي قومي سوال جي باري ۾ مختلف مطالبا ۽ پروگرام تيار ڪيا وڃن ٿا.

پر اهڙا عام اصول به آهن جن کانسواءِ قومي سوال حل نه ٿو ٿي سگهي، اهي آهن قومن وچ ۾ تعلقات جي هر شڪل کان معمم انڪار پنهنجي قسمت جو فيصلو ڪرڻ ۾ قومن برادري ۽ ان جي اقتدار اعليٰ کي تسليم ڪرڻ، ان جو اعتراف ته تعاون ۽ آزاد مرضي ئي ماڻهن ۾ پائيدار تعلق جو بنياد آهي. اجاريدار سرمائيداريءَ کان اڳ اٽويهين صديءَ ۾ قومن جو مسئلو خاص ڪري يورپ جي چند قومن تائين محدود هو. مثال طور بلقان جو مظلوم عوام، اطالوي، آئرلينڊ، چيڪوسلواڪيه، پولينڊ ۽ فن لينڊ جا باشندا، ان مظلوم عوام پنهنجي قومي آزادي جي لاءِ ڏڳهي ۽ سخت جدوجهد ڪئي. ايشيا اڃا سجاڳ ڪونه ٿيو هو. صرف چين ۾ تائي پنگ جي بغاوت (64-1951ع) ۽ هندستان ۾ 1857ع جي بغاوت نَقيب (11) وانگر زوردار نموني سان خبردار ڪيو هو ته انهن ملڪن ۾ جيڪي قوتون ستل آهن سي ضرور جاڳنديون.

11. نقيب= (= مذڪر) مشهوري ڪندڙ، ڏنڊورو ڏيندڙ، چوبدار، بادشاهه جي آمد تي اڳ ۾ بلند آواز سان اعلان ڪندڙ (سنڌيڪار)

سامراج جي دور ۾ قومي مسئلي جون حدون وڌي ويون، ڇو تہ اهو قومي بينڪيتي مسئلو بنجي ويو هو. هاڻي ان ۾ سامراجي ظلم کان بينڪيتن جي مظلوم عوام جي آزادي شامل ٿي وئي.

تنهن ڪري سامراج جي دور ۾ سرمائيداري جي آمراڻي حڪمرانيءَ خلاف جدوجهد جو سماجي بنياد ڪافي وسيع ٿي ويو. مزدور طبقو، جيڪو اسان جي دور جي خاص انقلابي قوت آهي، سمورن مختلف سامراج دشمن قوتن جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو ۽ ڪرڻ ۾ گهرجي، ان مقصد سان تہ آخر ڪار انهن جو رخ سرمائيداريءَ جي خلاف آهي. انقلابي سامراج مخالف قوتن ۾ بيشڪ بورجوازي کي شڪست ڏيڻ ۾ پرولتاريہ جي مدد ڪري ٿو. اهو آهي بيو نتيجو جنهن کي لينن ازم سرمائيداريءَ جي ارتقا جي نئين منزل جو تجزيو ڪرڻ کان پوءِ اخذ ڪيو آهي.

ان جي بنياد تي ۽ 1905ع جي روسي انقلاب جي تجربي تحت لينن بورجوا جمهوري انقلاب جي اشتراڪي انقلاب ۾ تبديلي جو نظريو مرتب ڪيو. اهونظريو ثابت ڪري ٿو تہ سامراج جي دور ۾ بورجوا جمهوري انقلاب ۽ اشتراڪي انقلاب ڪي، وقت جي لحاظ کان، هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي سگهجي ٿو. لينن جي ان نظرئي ٻين عالمي ليڊرن جو اهو موقعي پرست خيال ٻي مقصد ثابت ڪري ڇڏيو تہ بورجوا انقلاب ۽ اشتراڪي انقلاب وچ ۾ ڏگهو وقفو ڏيڻ گهرجي.

بورجوا جمهوري انقلاب جي اشتراڪي انقلاب ۾ تبديلي بابت لينن جي نظرئي جو جوهر اهو آهي تہ اهي ملڪ جن جي آڏو ترت ڏميواري جمهوري تبديلين جي آهي ان لاءِ انقلاب کي فروغ ڏيڻ، ان کي گهرو ڪرڻ ۽ جمهوري منزل کان اشتراڪي منزل تائين پهچڻ جا امڪان آهن، بشرطيڪ بورجوا جمهوري انقلاب جي قيادت پرولتاريہ جي هٿن ۾ هجي، ان جو پورهيت ماڻهن جي غير پرولتاري حصن ۽ سامراج دشمن عالمي طاقتن سان اتحاد هجي، انقلابي جمهوري آمريت قائم ٿي چڪي هجي ۽ اهڙي مارڪسي، لينني پارٽي موجود هجي جيڪا آزاد ۽ با اصول پاليسي تي عمل ڪندي آهي.

اڄ بہ لينن جو اهو خيال سامراج خلاف ۽ اشتراڪيت جي فتح لاءِ

پرولتاريه جي جدوجهد جي راهه روشن ڪري رهيو آهي.

هاڻي جمهوري تحريڪ کي اشتراڪيت جي جدوجهد جي ويجهو آڻڻ جا امڪان وڌيڪ آهن ڇو ته پهريون عالمي ارتقا ۾ هڪ فيصلائتي عنصر وانگر هڪ طاقتور اشتراڪي نظام موجود آهي. ٻيو ته، خود جمهوري تحريڪ جو سماجي باطن بدلجي ويو آهي.

اوڻويهين صديءَ جي ابتدا ۾ جمهوري تحريڪ جو رخ جاگيرداري ۽ ان جي باقيات خلاف هو ۽ اڄ ان جو اصلي دشمن اجاريدار سرمائيدار آهي؛ پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته جاگيرداري خلاف جدوجهد جون ذميواريون بلڪل نه رهيون آهن. اهي ايڏا به ڪن ملڪن ۾ باقي آهن بلڪ سامراج خلاف جدوجهد جو هڪ حصو به آهن جيڪو ماڻهن جي آزاديءَ جو خاص غاصب آهي.

جيئن ته موجوده زماني ۾ اشتراڪيت جي لاءِ اندروني ۽ بيروني لازمي شرط وڌيڪ موزون آهن، تنهن ڪري معاشي طور تي غير ترقي يافته ملڪن کي، جن غلامي مان نجات حاصل ڪري ورتي آهي، غير سرمائيداراڻي راهه اختيار ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

سامراج پوري تشڪيل جي پيماني تي اشتراڪي انقلاب جي لاءِ مادي لازمي شرط تيار ڪري ٿو ۽ سرمائيداريءَ جي سيني تضادن کي وڌائي چڏي ٿو. ان مان اشتراڪي انقلاب جي ارتقا جي لاءِ نيون تاريخي حالتون پيدا ٿين ٿيون.

اشتراڪيت ڏانهن سفر جي ضرورت اسان جي دور جي ڏينهون ڏينهن شديد ٿي رهي آهي. پيداوار، سائنس، عوام جا جمهوري ۽ انسان دوست جذبا، آزاد ٿيل ملڪن ۾ ترقيءَ جون ضرورتون، ايستائين جو انسانيت جي نشو و نما ۽ ان جي وجود جا امڪان، زندگيءَ جي ماحول جي حفاظت اهي سڀئي سرمائيداري، ان جي نجي ملڪيت جي جوهر ۽ خود غرض ڪردار سان رڙيون ڪري ٽڪرائي رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو اڄ سڀئي جهموري تحريڪون پنهنجي آزاد تاريخي اهميت ويڃائڻ ڪانسواءِ اشتراڪيت جي جدوجهد کي فروغ ڏيئي سگهن ٿيون. تنهن ڪري سامراج جي دور ۾ پرولتاريه جي انقلاب پارٽين جي اڳيان نيم جاگيراڻن،

قومي ۽ سامراجي ظلم خلاف سيني وسيع عوامي تحريڪن جي اڳواڻي ڪرڻ جو امڪان ۽ ضرورت ٻئي موجود آهن تہ جيئن انهن کي پوءِ اشتراڪي انقلاب ۽ پرولتاري آمريت جي جدوجهد جي عام ڏارا ۾ شامل ڪيو وڃي.

سامراج جي دور ۾ اڄ برابر معاشي ۽ سياسي ارتقا جو قانون لينن دريافت ڪيو، جنهن اشتراڪي انقلاب جي رفتار تي فيصلائتو اثر وڌو. اڄ برابر سماجي ارتقا، سرمائيداري جي تضادن کي وڌائي ٿو ۽ سامراج جو محاذ ڪمزور ڪري ٿو. ان سان سامراجي زنجير جي ڪمزور ترين ڪڙي کي ٽوڙڻ جو موقعو ملي ٿو. اهو ضروري ناهي تہ اهو سيني کان وڌيڪ ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪ هجي بلڪ اهو ملڪ بہ ٿي سگهي ٿو جتي مضبوط باشعور ۽ منظم انقلابي مزدور طبقو موجود آهي، جنهن جا وفادار اتحادي آهن ۽ حاڪم طبقن جو چونڊيل حڪمران انتهائي ڪمزور ۽ عليحده آهي.

اڄ برابر معاشي ارتقا جا بہ نتيجا نڪرن ٿا. پهريون مختلف ملڪن ۾ انقلابن جي پختو هجڻ ۾ غير يڪسانيت، يعني غير يڪسان سياسي ارتقا. ٻيو، جنهن هڪ ملڪ ۾ انقلاب برپا ڪيو ويو آهي ان جو سامراجي ملڪن جي گهيري ۾ بہ پنهنجي وجود قائم رکڻ جو امڪان. ان قانون مان لينن اهو نتيجو ڪڍيو تہ سيني ملڪن ۾ هڪ ئي وقت اشتراڪي انقلاب ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي، اهو پهرين چند ملڪن ۾ ايستائين جو هڪ واحد ملڪ ۾ بہ ڪامراني حاصل ڪري سگهي ٿو. لينن ان نتيجي تي 1915ع ۾ ئي پهچي ويو هو.

لينن جو اهو نظريو باهہ جو شعلو ثابت ٿيو ۽ ان پنهنجي پنهنجي بورجوازي جي خلاف پرولتاريہ جي انفرادي قومي دستن جي جدوجهد جا شعلہ ڀڙڪائي چڏيا.

هن صديءَ جي شروع ۾، زار شاهي جو، روس هڪ اهڙو ملڪ هو جيڪو سامراجي زنجير جي ڪمزور ترين ڪڙي ثابت ٿيو، عملاً اتي مزدور طبقي هارين سان گڏجي هڪ ملڪ ۾ ڪامياب اشتراڪي انقلاب برپا ڪيو. اهڙي طرح اشتراڪي انقلاب جي بابت لينن جي نظرئي جي روشن تصديق ٿي.

بعد ۾ به اشتراڪي انقلابن جي ارتقا غير هموار رهي جڏهن هڪ، هڪ ٿي مختلف ملڪن ۾ انقلابَ پختا ٿيا، جڏهن اهي سامراج جي سنگهرن مان آجا ٿيا ۽ وري واحد اشتراڪي دولت مشترڪ ۾ متحد ٿي ويا. آئنده جا انقلاب اشتراڪي ملڪن جي امداد ۽ حمايت تي ڀروسو ڪري سگهن ٿا. جيئن ته هر انقلاب اندروني عنصرن جي عمل سان پختو ٿئي ٿو ۽ حڪم يا هدايت تي برپا نه ٿو ڪيو وڃي، ان ڪري مارڪس ازم، لينن ازم هي بنيادي اصول مرتب ڪيو آهي ته "انقلاب جي بر آمد" اجازت نه آهي. پر ٻئي طرف مزدور طبقن ۽ اشتراڪيت جي قوتن جي اِها بين الاقوامي ذميواري به آهي ته اهي انقلاب دشمنيءَ جي بر آمد کي به روڪين ۽ عالمي سامراج جي جارحاڻي مداخلت جو مقابلو ڪن.

عالمي انقلابي نظام جو ظهور ۽ استحڪام بين الاقوامي حالتن ۾ بنيادي تبديليون ڪري چڏيون آهن. هن صديءَ جي پهرئين چوٿائيءَ ۾ جڏهن سامراجي محاذ ڪمزور ٿيو ته ان جو تعلق سامراجين وچ ۾ تضاد وڌڻ سان هو. پر هاڻي اهو محاذ، دنيا جي ٻن مخالف نظامن ۾ ورچ ۽ عالمي اشتراڪي نظام جي ترقي ۽ مضبوطيءَ سان، ٽوڙڻ جا موقعا وڌي رهيا آهن.

عام طور تي جنگ ڪڏهن به انقلاب جو سبب ڪانه ٿي آهي. پر ان هميشه سيني تضادن کي تيزيءَ سان وڌايو آهي. ان سان انقلابي حالت پيدا ٿي آهي ۽ انقلابي ڏماڪن کي توانائي ملي آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته روس ۾ آڪٽوبر انقلاب ۽ اوير يورپ ۽ ايشيا ۾ انقلاب انهن تضادن جي وڌڻ جو نتيجو هئا جيڪي پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين پيدا ڪيا هئا. پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ، ته جنگ ڪانسواءِ انقلاب ناممڪن آهي صحيح ڪونهي. ان جي برعڪس جنگين ڪانسواءِ عالمي انقلابي حالت کي ايارڻ لاءِ هاڻ موزون حالتون پيدا ٿي رهيون آهن.

هڪ طرف سرمائيداري جي تنزلي، انتشار ۽ عام بحران ته ٻئي طرف عالمي اشتراڪي نظام جي اڏاوت، ترقي ۽ ڪامراني اسان جي موجوده دور جا به بنيادي رجحان آهن، جيڪي عالمي انقلابي عمل جي ارتقا جو ئي نتيجو آهن.

موجوده حالتن ۾ سرمائيداري جي عام بحران جو بنيادي سبب

عالمي اشتراکي نظام جي اڏاوت ۾ دنيا جو ٻن مخالف سماجن وارو سماجي نظام آهي.

ان بحران جو هڪ ٻيو اهم سبب بينڪيتي نظام جو ٽٽڻ آهي جيڪو قومي آزادي جي تحريڪن جو سڌو سنئون نتيجو آهي.

روس جي عظيم آڪٽوبر انقلاب بينڪيتن ۾ نيم بينڪيتن ۾ قومي آزادي جي تحريڪن جي وڌڻ ۾ وڏي مدد ڏني. پر ان سان گڏئي ان عمل کي ڪيترن ئي اندروني عنصرن تيار ۾ تيز ڪيو جن سامراج جي بينڪيتي نظام جا بنياد لوڏي ڇڏيا ۾ لوڏي رهيا آهن (ڪيترن ئي بينڪيتن ۾ نيم بينڪيتن ۾ صنعت ۾ سرمائيداراڻن ناتن جي ترقي، پرولتاريه، دانشورن ۾ قومي بورجوازي جو وجود ۾ اچڻ، ٻي عالمي جنگ دوران ۾ ان کانپوءِ عالمي اشتراکي نظام جي وجود ۾ اچڻ سان جنهن جو سرمائيدار دنيا جي سڀني سماجي عملن تي انقلابي اثر وڌندو ويو. قومي آزاديءَ جي تحريڪ هڪ زبردست سيلاب جي صورت اختيار ڪري ورتي.

مختصر تاريخي عرصي ۾ ٽورين کي ڇڏي تقريباً سموريون بينڪيتون ۾ نيم بينڪيتون آزاد ٿي ويون ۾ ڪيتريون ئي آزاد قومي رياستون وجود ۾ آيون. پر ايجا به، خاص ڪري آفريڪا ۾ لکين ماڻهو غلاميءَ جي ڦندي ۾ ڦاٿل آهن. پر اتي به سامراج جي ديوارن کي لوڏيو پيو وڃي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سامراج جو نظام مڪمل طور تي ڍهي رهيو آهي ۾ اهو عالمي اشتراکي نظام جي اڏاوت کانپوءِ تاريخ جو اهم ترين واقعو آهي.

قومي آزاديءَ جي تحريڪ ذريعي سياسي آزادي حاصل ڪرڻ جو مطلب اهو ڪونهي ته انهن ملڪن تان سامراجين جو غلبو بلڪل ختم ٿي ويو آهي، اتي ان جي معاشي حالت ايجا به مضبوط آهي. انهن ملڪن جو هڪ وڏو مسئلو معاشي پسماندگي آهي. تنهن ڪري انهن جي لاءِ انتهائي ضروري آهي ته پنهنجي قومي معيشت کي ترقي ڏيارئين ته جيئن عوام جي جو معيار بهترٿئي ۾ اهي سامراج کان صحيح معنيٰ ۾ آزادي حاصل ڪري سگهن، جيڪو هاڻي پنهنجي اڳوڻين بينڪين کي پنهنجو ماتحت بڻائڻ جي لاءِ نوان ۾ لچڪدار طريقا استعمال ڪري رهيو آهي. اهي نوان طريقا

نئين بينڪيتي نظام جي نالي سان مشهور آهن.

اڄ دنيا ۾ صرف سرمائيداري نظام ئي نه پر اشتراڪي نظام به موجود آهي تنهن ڪري نون آزاد ملڪن اڳيان به امڪان آهن، ترقيءَ جو سرمائيدارانه يا غير سرمائيداراڻو رستو، جيڪو اشتراڪيت ڏانهن وڃي ٿو. انهن ملڪن کي جيڪي سماجي ۽ معاشي مسئلا درپيش آهن جيڪڏهن انهن کي اشتراڪي دنيا ۽ سرمائيدار ملڪن جي مزدور تحريڪ سان تعاون ۽ اندروني طور تي جمهوري قوتن جي اتحاد جي بنياد تي حل ڪيو وڃي ته ان سان انهن جي صدين جي پسماندگي گهٽ ڪان گهٽ وقت ۾ ختم ٿيڻ جون راهون کلنديون.

هڪ طرف عوام جي آزاديءَ آزادي قومي تحريڪ ۽ ٻئي طرف عالمي اشتراڪي نظام ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ انقلابي مزدور تحريڪ کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائڻ جي ان نعري جي بنياد تي ڪوشش فضول آهي ته "انقلابي عالمي ڳوٺ" بورجوا "عالمي شهر" کي فتح ڪري.

آزادي جي قومي تحريڪ ۾ قسمين قسمين سماجي قوتون شامل هونديون آهن، انهن ۾ اهي به آهن جن جو تعلق صنعتي ترقيءَ سان آهي، پرولتاريه ۽ قومي بورجوازي ۽ جاگيرداريءَ جي باقيات ۽ قبائلي لاڳاپن سان به (هاري برادري جتي قبائلي تعلقات ايجا به مضبوط آهن) ان کان علاوه هڪ ٻي ڳالهه به نظر ۾ رکڻ جي ضرورت آهي، اها آهي انهن ملڪن جي زندگي ۽ ارتقاتي اهڙن سماجي گروهن جو اثر، جهڙوڪ پيٽي بورجوازي دانشور چونڊيل مڪاني عملو فوج. انهن غير معمولي علائقن ۾ اشتراڪيت جو نظريو پکيڙڻ ۽ آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ غير سرمائيداراڻي ارتقا جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي حڪمت عملي ۽ طريقه ڪار مرتب ڪرڻ توڙي جو ڏکيو آهي پر ضروري آهي. انهن ملڪن ۾ هڪ طرف اشتراڪي نظرئي جي مقبوليت ۽ ٻئي طرف پوئتي پيل معاشي حالتن جي ڪري اشتراڪيت جا گوناگون تصور پيدا ٿين ٿا، "ايشيائي"، "آفريڪي" ۽ "قومي" وغيره وغيرهه. انهن تصورن جو ۽ انهن ملن پيدا ٿيندڙ پروگرامن جو صحيح اندازو لڳائڻ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه انهن جورخ ڏسڻ آهي ته آيا اهو

اشتراکیت جي قوتن ۾ عالمي انقلابي تحريڪ سان گڏ آهي يا انهن جي خلاف آهي. ڇا اهو سامراج مخالف آهي يا سامراج دوست؟

دنيا جو ٻن ڪيمپن ۾ ورهائجڻ ۾ خاص طور تي عالمي اشتراڪي نظام قائم ٿيڻ ڪانپوءِ سامراجي ملڪن جي خارجي پاليسيءَ جي هڪ اهم ترين ذميواري سرمائيداري نظام کي برقرار رکڻ آهي. سامراجي ان لاءِ فوجي سياسي اتحاد جوڙين ٿا ۽ بلاڪ قائم ڪن ٿا ته جيئن اشتراڪي ملڪن سان وڙهن ۽ مزدور طبقي ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي چيپاٽين.

جنگون سرمائيداريءَ جي ارتقا ۾ سامراجي منزل جي معاشي تضادن ۽ معاشي قانونن جو نتيجو هونديون آهن. جنگون ان وقت تائين لازمي هجن ٿيون جيستائين دنيا ۾ واقعي اهڙي قوت نه هجي جيڪا جنگ چيڙڻ واري پاليسيءَ کي مفلوج ڪري ڇڏي، تنهن ڪري سامراج جي دور ۾ اهي جنگون عالمي بڻجي ويون پر اڄ سڀ کان پهرين عالمي اشتراڪي نظام جي ايرڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي ڪري بين الاقوامي ميدان ۾ ڪميونسٽ زور ڏين ٿا ته عالمي ٿرمونيوڪليائي جنگ کي روڪڻ ممڪن آهي.

جنگ ۽ امن جو مسئلو اسان جي وقت جو انتهائي اهم سوال آهي، اهو ڪروڙين ماڻهن جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي پروگرام ۾ چيو ويو آهي ته "خاص ڪالهه ٿرمونيوڪليائي جنگ نه ٿيڻ گهرجي ان کي شروع ٿيڻ کان روڪڻ آهي اهو موجوده نسل ڪري سگهي ٿو".

هڪ طرف سرمائيداري جي طبقاتي تضادن ۾ اضافو ۽ ٻئي طرف ڪميونزم جي فاتحاڻي مقبوليت ۽ اشتراڪي ملڪن جون ڪاميابيون سامراجين کي مجبور ڪن ٿيون ته اهي ڪميونزم خلاف وڙهڻ جا نوان طريقا ۽ ذريعا تلاش ڪن. انهن حالتن ۾ سندن گهٽي پاڳي اميدن جي پناهه گاهه ڪميونسٽ تحريڪ ۾ نفاق پوڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽين اندر قومپرست گروهن جو ايرڻ آهي.

هن سلسلي ۾ مائوزي تنگ جي عظيم طاقت سوويت دشمن قومپرست پاليسي سامراجين جي لاءِ من وسلويٰ ثابت ٿي. ابتدا ڪان ئي ڪميونسٽ، مائوپرستن جي "خاص" لائين کان پريشان هئا. بعد جي واقعن

ثابت ڪري ڏيکاريو ته انهن جو مقصد بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ نفاق وجهڻ، ڪميونسٽ پارٽين اندر مائوپرست گروپ قائم ڪرڻ ۽ داخلي ڪاپي ڌر مهم پسند پاليسي هلائڻ هو ۽ ايجا بہ آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين مائو گروپ جي نفاق پرست پاليسيءَ خلاف ثابت قدم رويو اختيار ڪيو.

مختلف دورن ۾ انقلابي تحريڪ جي تاريخ ۽ تجربو ٻڌائين ٿا ته انقلابين جي صفن ۾ نفاق پوڻ سان ناقابل تلافي نقصان ٿئي ٿو. ان ڪري مارڪسي، لينني اصولن جي بنياد تي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ اتحاد لاءِ جدوجهد عالمي انقلابي عمل جي ڪامياب ارتقا لاءِ اهم ترين فرض ۽ شرط آهي. جون 1969ع ۾ ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جو اجلاس ماسڪو ۾ ٿيو هو، ان جي عالمي انقلابي تحريڪ کي مستحڪم ڪرڻ ۾ وڏي اهميت آهي. ان جي خاص دستاويز ۾ موجوده دور ۽ حالتن ۾ سامراج خلاف اتحاد ۽ عمل جي ضمانت لاءِ ضروري شرط واضح طور تي مرتب ڪيا ويا آهن. اجلاس جي اها مجاهدانہ اپيل اسان جي ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ گونجي "اشتراڪي ملڪن جو عوام، سرمائيدار ملڪن جا مزدور ۽ ٻيون سيئي جمهوري قوتون، نئون آزاد ٿيل عوام ۽ اهي بہ جيڪي ايجا تائين مظلوم آهن، سامراج خلاف ۽ امن، قومي آزادي، سماجي ترقي، جمهوريت ۽ اشتراڪيت خاطر پنهنجي گڏيل جدوجهد جي لاءِ متحد ٿين!"

ان ڪري جو بورجوازي جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ پرولتاريہ جو سياسي اقتدار قائم ڪرڻ اشتراڪي انقلاب جو بنيادي مسئلو آهي، ان لاءِ انقلاب جي موضوع جي گهرج آهي تہ اسين هاڻي سڌو سنئون آمريت تي بحث ڪريون.

پرولتاريہ جي آمريت، اشتراڪي رياست جي ارتقا

پرولتاري آمريت جو خيال مارڪس ازم جي بانين پنهنجي ڪميونزم جي نظرئي ۾ هڪ بنيادي اصول وانگر پيش ڪيو. هنن اهو ثابت ڪيو تہ سامراج جا تضاد لازمي طور تي سماج کي پرولتاري انقلاب طرف وٺي وڃن ٿا. "ڪميونسٽ پارٽيءَ جي منشور" ۾ مارڪس ۽ اينگلس لکيو

"مزدور طبقي لاءِ انقلاب ۾ پهريون قدم اهو هجڻ گهرجي ته پرولتاريه کي بلند ڪري حڪمران طبقي جو رتبو ڏئي ۽ جمهوريت جي جنگ ۾ ڪامياب ٿئي."

جڏهن پرولتاريه حڪمران طبقي وانگر منظم ٿي ويجي ٿو ته ان کي پرولتاريه جي آمريت چوندا آهن. پر "مينيفيسٽو" (منشور) ۾ پرولتاريه جي آمريت جي خيال کي انتهائي عام انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. بعد ۾ 19 هين صديءَ جي عظيم طبقاتي لڙاين جي تجربي جي بنياد تي ۽ 1848ع جي انقلاب ۽ 1871ع جي پيرس ڪميون جي نتجي ۾ ان کي تز صورت ڏني وئي ۽ پختو ڪيو ويو. 1848ع جي انقلاب مان مارڪس اهو نظرياتي نتيجو اخذ ڪيو ته پرولتاريه، بورجوا رياست اندر اقتدار سڌيءَ طرح نه ٿو حاصل ڪري سگهي. جيڪڏهن ان کي پنهنجي آمريت قائم ڪرڻي آهي ته پهريائين ان کي بورجوا رياست جي مشينري کي ٽوڙڻو پوندو. جيڪڏهن پرولتاريه کي انقلاب فتح ڪرڻو آهي ته اها مشينري ضرور ختم ٿيڻ گهرجي. پراڻي رياست جي مشينري کي پرولتاري رياست جي نون ذميوارين جي لاءِ استعمال نه ٿو ڪري سگهجي، چو ته ان جو تعلق استحصال ۽ ظلم جي نظام سان هجي ٿو ۽ مزدور طبقي کي چڱڙ ان جو مقصد هوندو آهي.

عظيم آڪتوبر اشتراڪي انقلاب ۽ عوامي جمهوريت جي ملڪن ۾ انقلابن ان خيال جي سچائي کي پوري طرح ثابت ڪري ڇڏيو. هنن ڏيکاريو ته پراڻي رياست جي مشينري کي ٽوڙڻ جا طريقا مختلف ٿي سگهن ٿا، نئين رياست جي نظام اندر پراڻي رياست جا کي جزا استعمال ڪرڻ لاءِ رکي سگهجن ٿا، پر مجموعي طور تي استحصال ڪرڻ واري رياست جو نظام ۽ جبر جي فوجي نوکر شاهي مشينريءَ کي ختم ڪرڻ ضروري آهي.

پرولتاريه جي آمريت بنيادي طور تي هڪ نئين قسم جي رياست آهي. تاريخ ۾ ان جو مقام ۽ خاصيت بيان ڪندي مارڪس لکيو ته: "سرمائيدار ۽ ڪميونسٽ معاشري وچ ۾ هڪ کان پئي ۾ تبديل ٿيڻ جو هڪ دور هجي ٿو. ان مطابق ئي سياسي عبوري دور به هوندو آهي. جڏهن ۽ست پرولتاريه جي انقلابي آمريت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندي آهي" (12)

1 - مارڪس "گوٿا پروگرام تي تنقيدي نظر"، باب، 4.

پرولتاريہ جي آمريت جو مقصد استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي لازمي مزاحمت کي چٽڻ لاءِ هڪ هٿيار وانگر ڪم ڪرڻ آهي. پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ غلط ٿيندو تہ ان جو ڪردار صرف طاقت جي استعمال تي ٻڌل آهي. پرولتاري آمريت استحصال ڪرڻ وارن خلاف بہ صرف تڏهن جبر اختيار ڪري ٿي جڏهن اها ائين ڪرڻ تي مجبور ٿيندي آهي. جيتري قدر پورهيت عوام جو تعلق آهي تہ پرولتاري رياست ان خلاف ڪڏهن بہ جبر جو ذريعو نہ ٿي ٻڌجي. بلڪ پورهيت طبقي جي سيني حصن لاءِ مزدور طبقي جي سياسي رهنمائي جي هڪ صورت هوندي آهي. اها سياسي رهنمائي ان ڪري ضروري آهي تہ جيئن پورهيت عوام کي بورجوازي کان الڳ رکيو وڃي، کين مزدور طبقي جي چوڌاري گڏ ڪيو وڃي ۽ نئين سماج جي تعمير ۾ شامل ڪيو وڃي. مارڪسزم کي فروغ ڏيندي لينن پرولتاري آمريت جي سوال کي مخصوص طور تي ائين مرتب ڪيو تہ اها مزدور طبقي ۽ هارين جي اتحاد جي هڪ خاص صورت آهي جنهن ۾ اول الذڪر قائد جو ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو اتحاد پرولتاري آمريت جو بلند ترين اصول آهي.

پرولتاري آمريت سيني پراڻين رياستن کان ان لحاظ کان بہ مختلف آهي جو معاشي فرض ان جو هڪ اهم ترين فرض آهي. ماضيءَ ۾ ڪنهن بہ رياست هڪ نئين معيشت جي بامقصد طور تعمير پنهنجي ذمي نہ ورتو. صرف پرولتاري رياست نئين اشتراڪي معيشت جي تعمير جو فرض پنهنجي سر تي کڻي ٿي.

پرولتاري آمريت رياستي اقتدار جي ادارن تائين محدود نہ ٿي هجي. ان جو مقصد اشتراڪي تعمير ۾ عوام کي شريڪ ڪرڻ، پورهيتن کي حڪومت ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب ڏيڻ آهي. ان لاءِ اها عوامي تنظيمن جي هڪ پوري نظام (ٽريڊ يونين، پنچائتي نظام، هارين جا ڪو آپريٽو، نوجوانن جي ليگ وغيرهہ) تي مشتمل هوندي آهي. جنهن جي قيادت ڪميونسٽ پارٽي ڪري ٿي. هڪ رهنما قوت طور پارٽي کانسواءِ پرولتاريہ جي آمريت قائم ڪرڻ ناممڪن آهي.

جيڪڏهن پرولتاريہ لاءِ پراڻي رياست جي مشينري کي ختم ڪرڻ ضروري آهي تہ پوءِ قدرتي طور تي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ان جي جاءِ

تي ڇا تعمير ڪيو وڃي. يعني اهوسوال تہ پرولتاري رياست ڪهڙي صورت اختيار ڪري.؟

ان سلسلي ۾ لينن زور ڏنو تہ رياست جي شڪل جو فيصلو ٿُز حالتن موجب ڪيو ويندو آهي. مارڪس ازم مستقبل لاءِ سياسي صورتون، دريافت ڪرڻ، جي ذميواري ڪڏهن بہ پيش نہ ٿو ڪري، اهڙين صورتن جي ٺهيل ٽڪيل وصف مان پنهنجي عمل جي آزادي تي پابندي لڳائڻ بيوقوفي ٿيندي. (13) نظريو صرف عمل جي جوهر جي اڳڪٿي ڪري سگهي ٿو پر ان جي صورتن بابت نہ ٿو ٻڌائي سگهي، ڇو تہ انهن کي حقيقي زندگيءَ ۾ ئي دريافت ڪري سگهجي ٿو. جيئن تہ رياست جي شڪلين جو دارومدار ٿُز حالتن تي هجي ٿو ۽ اشتراکيت جي لاءِ مزدور طبقي جي جدوجهد انتهائي مختلف تاريخي حالتن ۾ ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ نظريو اهو ئي اشارو ڪري سگهي ٿو تہ اهي صورتون انتهائي گوناگون ٿيندیون. لينن لکيو تہ: بورجوا رياستون صورت جي اعتبار کان هڪ ٻئي کان انتهائي مختلف آهن پر انهن جو جوهر هڪ آهي. اهي سموريون رياستون، انهن جو ڊنگ ۽ طريقو ڪٽي ڪهڙو بہ هجي، بنيادي ۽ لازمي طور تي بورجوازيءَ جي آمريت آهن. سرمائيداري کان ڪميونزم تائين عبور يقيني طور مختلف سياسي شڪليون پيدا ڪندو، پر لازمي طور تي انهن جو جوهر هڪ ئي هوندو. پرولتاريہ جي آمريت (14) پرولتاريہ انهن چوٽين جي تصديق ڪري چڪي آهي. 1871ع جو پيرس ڪميون پرولتاري آمريت جو پهريون نمونو هو. روس ۾ سوويتون پرولتاري آمريت جي شڪل بڻجي ويون. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ اشتراکيت جو نمونو عوامي جمهوريت ٿي.

اشتراکيت تائين عبور جي شڪل جي طريقي جو انحصار ڪيترن ئي ڳالهين تي هجي ٿو. اهي تز حالتون، جن ۾ اشتراکي انقلاب وڌي ويجهي ٿو، طبقاتي جدوجهد جي شدت ۽ جنهن حد تائين اهو ممڪن آهي تہ حالتن جي مطابق اشتراکيت ڏانهن مسلح طاقت جو استعمال ڪري وڌڻ آهي يا ان جي بغير.

13. لينن، ڪاپي ڏر جو ڇچورپڻو ۽ پيٽي بورجوا پڻو".
14. لينن، "رياست ۽ انقلاب"، باب-2، دفعو 3

جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي مارڪسزم اصولي طور تي ان امڪان کان انڪار نه ٿو ڪري ته مناسب حالتن ۾ اشتراڪيت تائين پر امن هجي. 1847ع ۾ "ڪميونزم جي اصول" ۾ ان جو جواب ڏيندي ته آيا نجي ملڪيت پرامن ذريعن سان ختم ڪرڻ ممڪن آهي." اينگلس لکيو ته: "خواهش ته اها ئي آهي ته ائين ٿئي ۽ ڪميونسٽ يقيناً ان جي مخالفت ڪرڻ ۾ سڀني کان آخر ۾ هوندا."

فيبروري 1917ع جي انقلاب کان پوءِ لينن به بالشويڪ پارٽيءَ کي سوويتن کي پر امن طور تي اقتدار حاصل ڪرڻ طرف وڌي وڃڻ گهري ڏيو پر بعد ۾ انقلاب دشمن قوتن عمل جي ان پرامن راهه کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو.

اڄ ڪلهه سرمائيدار ملڪن ۾ ڪن ڪميونسٽ پارٽين پنهنجي پروگرامن ۾ موجوده جمهوري پارليماني صورتون استعمال ڪري اشتراڪيت تائين پرامن سفر جي امڪان جو اعلان ڪيو آهي. اهو اشتراڪيت تائين پارلياماني رستي جو سوال آهي، اشتراڪي انقلاب جي پرامن ارتقا جي هڪ صورت جي حيثيت سان ڇا اهو لينن ازم کان انحراف ڪونهي؟

اوهان ياد ڪيو ته لينن ڪائوتسڪي ۽ ٻين موقعي پرستن تي ان لاءِ سخت تنقيد ڪئي هئي ته انهن سرمائيداريءَ خلاف انقلابي جدوجهد جي پيٽ ۾ پارليماني طريقن کي پيش ڪيو هو ۽ اهو ته مزدور طبقو صرف پارليامينٽ ذريعي اقتدار حاصل ڪري سگهي ٿو. موقعي پرستن لاءِ پارليماني طريقي جو مطلب هو انڪار پهرين انقلاب جي ضرورت کان، ٻيو پارليامينٽ کان ٻاهر سرگرم عوامي جدوجهد کان، ٽيون پرولتاريه جي آمريت کان. پر جڏهن لينن اشتراڪيت لاءِ پارليماني رستي تي هلڻ واري ڪائوتسڪي واري ڳالهه تي تنقيد ڪئي ته ان جو مطلب اهو ڪونه هو ته پارليماني راهه جي انقلابي استعمال کان انڪار ڪيو وڃي. اشتراڪيت جي پارليماني راهه جي انقلابي خيال ۽ موقعي پرست خيال وچ ۾ بنيادي فرق گهرجي. اڄ ڪميونسٽ اشتراڪيت تائين پارليماني عبور کي انقلاب کان دستبرداري نه ٿا سمجهن، بلڪ اهڙي حالت ۾ انقلاب جي پرامن ارتقا تصور ڪن ٿا، جڏهن پارليامينٽ ۾ اڪثريت هجي ۽ پارليامنٽ کان

باهر طاقتور عوام تحريڪ ان جي حمايت ڪندي هجي، جڏهن انقلاب دشمن قوتون ايتري حد تائين ڪمزور ڪري سگهجن جو ڪين گهرو ويڙهه چيڙڻ جي همت نه ٿئي. اهڙين حالتن ۾ اشتراڪيت جي پاليامانی رستي جو نعرو سرمائيداري خلاف شديد جدوجهد جي لاءِ عوام کي حرڪت ۾ آڻڻ جو هڪ طريقو ٿي سگهي ٿو. پر موجوده حالتن ۾ اهو رستو انهن ملڪن اندر انقلاب جي غير پرامن ارتقا جي امڪان کان انڪار نه ٿو ڪري جتي ماڻهو جمهوري آزادي کان محروم هجن ۽ کين هٿيار کڻي پنهنجي حقن لاءِ وڙهڻو پوندو هجي.

مزدور طبقي جي تحريڪ جو تاريخي تجربو ٻڌائي ٿو ته پرولتاري جدوجهد جي ڪاميابي ان تي دارومدار رکندي آهي ته خود ان ۽ سندس پارٽيءَ جدوجهد جي هر طريقي تي قدرت حاصل ڪري ورتي هجي. پرامن ۽ غير پرامن، پارلياماني ۽غيرپارلياماني. ۽ اها انتهائي تيزيءَ سان جدوجهد جي هڪ شڪل ڇڏي ٻي شڪل اختيار ڪري سگهندي هجي. بهرحال جدوجهد جي طريقي جو فيصلو ڪرڻ هڪ تخليقي فرض آهي ۽ اهو مخصوص تاريخي حالتن جي مارڪسي، لينني تجزئي جي بنياد تي انجام ڏنو ويندو آهي.

هر اشتراڪي ملڪ ۾ رياست جي ارتقا جون پنهنجون ڌار خصوصيتون آهن. پر سڀئي اشتراڪي ملڪ گڏيل خصوصيتن جا به مالڪ آهن. اها بلڪل قدرتي ڳالهه آهي، ڇو ته هر رياست جي ارتقا پنهنجي معاشري سان گڏ ٿئي ٿي ان جي ارتقا جون منزلون معاشري جي ارتقا جي منزلن مان مقرر ٿين ٿيون.

عبوري دور ختم ٿيڻ ۽ اشتراڪيت جي تعمير کان پوءِ رياست پنهنجي ارتقا جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ اشتراڪي سماج ۾ تضاد رکندڙ طبقا ختم ٿي ويندا آهن پر اشتراڪيت جي فتح جو اهو مطلب ڪونهي هوندو ته سماج اهڙي منزل تي اچي ويو آهي جو هاڻي رياست جي ضرورت نه هجي. اشتراڪيت ۾ به رياست جي اداري جي ضرورت باقي رهندي آهي ۽ ان ضرورت جا داخلي ۽ خارجي سبب آهن.

جيئن ته پورهئي جي پراڻي سماجي ورڇ جي باقيات شهر ۽ ڳوٺن

۾، ڏهني ۽ جسماني محنت ۾، محنت ڪَش طبقن ۾ موجود رهندي آهي. تنهن ڪري رياست ان جي گڏيل مفادن جي والي وارث بڻجي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو سيني ماڻهن جي ملڪيت رياست جي ملڪيت جي صورت اختيار ڪري وئي ٿي.

رياست خاص پيداواري ذريعن جي مالڪ هوندي آهي ۽ معاشي ميدان ۾ سماج جي مفادن جي نمائندگي ڪري ٿي. تنهن ڪري قومي پيماني تي معيشت جي منصوبہ بندي ڪرڻ ۽ ان جو انتظام ڪرڻ رياست جو فرض ٿي وڃي ٿو.

ان معاشي تنظيمي فرض جو سڏو سنئون تعلق رياست جي ان سرگرميءَ سان آهي جنهن جو مقصد ماڻهن کي روشن خيال بڻائڻ، انهن جو ثقافتي ۽ فني بنياد بلند ڪرڻ ۽ انهن ۾ ڪميونسٽ شعور وڌائڻ آهي. جيئن تہ اشتراڪيت ۾ معاشي ترقيءَ جي سطح ايتري بلند نہ هوندي آهي جو تقسيم ضرورت مطابق ٿي سگهي ۽ جيئن تہ اجرتون ڪم جي مقدار ۽ ڪيفيت مطابق ادا ڪيون وڃن ٿيون، يعني ورڇ ۾ اڃ برابري باقي رهي ٿي، تنهن ڪري محنت ۽ خرچ جي شرح ۾ ضروري مطابقت قائم ڪرڻ لاءِ قانوني ضابطن جي سماجي ضرورت بہ باقي رهي ٿي. انهن ضابطن، محنت ۽ پيداوار جي ورڇ جي شرح تي ڪنٽرول اشتراڪي رياست جي ذميواري آهي.

اشتراڪيت ۾ رياست جي ٻئي طرز عمل لاءِ لازمي ۽ لاڳو ڪيل قائدن ۽ ضابطن جي ضرورت جو دارومدار ثقافتي ترقيءَ جي سطح تي بہ آهي. اهو صحيح آهي تہ سوويت يونين ۽ اشتراڪي نظام جي ٻين ملڪن ۾ زندگيءَ جي بدلجندڙ حالتن مطابق ۽ پارٽين ۽ رياستن جي ثقافتي ۽ تعليمي ڪوششن جي نتيجي ۾ نئين ثقافتي ساخت جا انسان مائل ڪيا وڃن ٿا. اشتراڪي ملڪن ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ٿيندو پيو وڃي جيڪي شين کي صرف ان ڪري پيڃن ۽ خراب ڪن ٿا تہ اهي "انهن جي نہ بلڪ رياست جي ملڪيت آهن، ليڪن ان جو مطلب اهو بہ ڪونهي تہ انهن ملڪن جي سماج جا سيئي عنصر گڏيل مقصد خاطر باشعور طريقي سان ڪم ڪرڻ سکي چڪا آهن. آڪٽوبر انقلاب جي آمد کان

پھرين لينن زور ڏنو هو تہ: "جيڪڏهن اسين خيالي پلاءُ پچائڻ نہ ٿا چاهيون تہ اسان کي اهو نہ سوچڻ گهرجي تہ سرمائيداري جو تختو اونڌو ٿيندي ئي هڪ دم سچائي جي ڪنهن معيار کانسواءِ سماج لاءِ ڪم ڪرڻ سکي ونڊاسين. ان کان علاوه سرمائيداريءَ جو خاتمو بذات خود اهڙي تبديليءَ جي لاءِ معاشي لازمي شرط هڪدم پيدا نہ ٿو ڪري". (15)

اشتراکيت ۾ چورن ۽ گهاٽُن (16) کان سماجي ۽ انفرادي ملڪيت کي محفوظ رکڻ جي لاءِ هر شهري جي حقن ۽ آزاديءَ جي ضمانت ڏيڻ ۽ مجموعي طور تي اشتراکي نظم ضبط برقرار رکڻ لاءِ به رياست جي ضرورت باقي رهي ٿي.

اشتراکيت ۾ رياست کي جاري رکڻ جي ضرورت جا به خارجي سبب آهن. پهريون ۽ اهم سبب اهو آهي تہ سامراجي نظام عالمي اشتراکي نظام سان وڙهي رهيو آهي چو تہ سامراج سان جنگ ۽ جارحيت جو خطرو مستقل رهي ٿو. تنهن ڪري پنهنجي تحفظ لاءِ ملڪ جي دماغي صلاحيت ۽ عالمي امن جي تحفظ جي لاءِ اشتراکي سماج کي رياست جي ضرورت آهي.

ٻيو سبب هي آهي تہ عالمي اشتراکي نظام جڙن ۽ هڪ وسيع علاقو قائم ٿيڻ سان، جنهن کي ٽين دنيا سڏيو وڃي ٿو، هر اشتراکي رياست جي ٻاهرين آزادي جي فرضن ۾ اضافو ٿي ويو آهي. هاڻي ان جو ڪم صرف پنهنجي ملڪ جو بچاءُ نہ رهيو آهي، بلڪ ان جي ذميواري اها به آهي تہ سيني اشتراکي ملڪن سان پائيچاري وارو تعاون ۽ باهمي امداد وارا لاڳاپا قائم رکي ۽ قومي تحريڪ جي مدد ڪري.

اشتراکي رياست جي فطرت سڄي اشتراکي نظام جي متئين ڏانچي وانگر اشتراکي سماج جي بنياد ۽ ان جي سماجي ڏانچي جي مخصوص ڪردار ۽ تبديلي سان جڙيل هوندو آهي. اشتراکيت طرف سفر سان ڪڙمي، جيڪي اڳ ۾ پيٽي بورجوا طبقو هوندا آهن، اشتراکي سماج جو هڪ اهڙو طبقو ٻڌجي وڃن ٿا جنهن جو تعلق پيداواري ذريعن

15. لينن "رياست ۽ انقلاب" باب پنجون، دفعو 3.

16. گهاٽُو= تاڪ ۾ وينل شڪاري، شڪاري، دشمن= ويري (سنڌيڪار)

جي سماجي ملڪيت سان آهي. گڏوگڏ اشتراڪي دانشور بہ ايرن ٽا ۽ قومي لاڳاپن ۾ تبديلي اچي ٿي.

سوويت يونين ۾ اشتراڪي تعمير وارن سالن ۾ قومن وچ ۾ هڪ نئون تاريخي اتحاد عمل ۾ آيو آهي، سوويت عوام ۽ اهي پنهنجن بنيادي معاشي ۽ سياسي مفادن جي برابري ۽ مارڪس ازم، لينن ازم جي نظرئي جي بنياد تي، جيڪو سماج تي غالب آهي، متحد آهن. ان سماجي بنياد تي سوويت ملڪ اندر مخالف طبقن تي سختي ڪرڻ واري پرولتاري آمريت جي بنيادي ذميواري آهستي آهستي ختم ٿي ويندي آهي. جيئن جيئن اها ترقي ڪري ٿي، اشتراڪي رياست سموري عوام جي مرضي جو اظهار ڪرڻ لڳي ٿي ۽ سموري عوام جي رياست بڻجي وڃي ٿي.

سموري عوام جي رياست جي نظام ۾ مزدور طبقي جو اشتراڪي سماج ۾ رهنمائي وارو ڪردار جاري رهي ٿو. جو تہ پنهنجي فطرت جي لحاظ کان اهو ڪميونسٽ مقصد جو سيني کان وڌيڪ ثابت قدم وسيلو آهي. عبوري دور ۾ هارين جي واسطيداريءَ سان مزدور طبقو پنهنجي رهنمائي واري ڪردار جو استعمال ان جدوجهد جي ذريعي ڪري ٿو، جنهن جو مقصد هارين کي بورجوازي کان الڳ ڪري پنهنجو حامي بڻائڻ آهي تہ جيئن انهن مان نجي ملڪيت جو رجحان ختم ٿي وڃي. انهن حالتن ۾ مزدور طبقي ۽ هارين جو اتحاد، جنهن جي رهنمائي مزدور طبقو ڪري ٿو، پرولتاريہ جي آمريت کانسواءِ مضبوط نہ ٿو ٿي سگهي. پر جڏهن اشتراڪيت جي تعمير مڪمل ٿي وڃي ٿي تڏهن مزدور طبقي کي هارين جي حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻي نہ ٿي پوي. جو تہ اشتراڪي بنيادن تي زراعت جي مڪمل تبديلي سان هارين جي سماجي فطرت بدلجي وڃي ٿي ۽ بورجوازي ختم ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هاڻي هارين جي تعلق سان مزدور طبقي کي پنهنجو رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پرولتاري آمريت جي ضرورت نہ ٿي رهي. اهو فرض مزدور طبقو سموري عوام جي رياستي ڏانچي اندر ان وقت تائين انجام ڏيندو رهي. ٿو جيستائين طبقا مڪمل طور تي ختم نہ ٿي وڃن ۽ ڪميونزم جي تعمير مڪمل نہ ٿي وڃي.

اشتراڪي سماج ۾ مزدور طبقي جي رهنمائي واري ڪردار جو اظهار ڪميونسٽ يا مزدور پارٽي جي قيادت مان ٿئي ٿو. جيڪا نئين سماج جي خالق جي حيثيت سان مزدور طبقي جي تاريخي مقصد جي باشعور هجڻ جي عڪاسي ڪري ٿي.

باهرئين ميدان ۾ بن سماجي نظامن جي لاڳاپن ۾ اشتراڪي رياست پرولتاري بين الاقواميت جي وسيلي جي حيثيت سان هڪ طبقاتي رياست وانگر عمل ڪري ٿي. اها اهڙي پاليسي تي هلي ٿي جنهن جو مقصد انقلابي مزدور تحريڪ ۽ آزاديءَ جي قومي تحريڪ جي حمايت، اشتراڪي سماج جي ترقي ۽ ڪميونزم جي تعمير لاءِ موزون عالمي حالتن جي ضمانت ۽ پائدار امن جو تحفظ آهي.

اشتراڪي رياست جي ارتقا جو مطلب هي آهي ته ڏينهون ڏينهن عوام جي وڏيڪ تعداد حڪومت ۾ شريڪ ٿئي ۽ هر طرح اشتراڪي جمهوريت پروان چڙهي.

جمهوريت ۽ عوام جي تخليقي سرگرمي وڌائڻ جو هڪ ضروري شرط نوڪرشاهي خلاف سخت جدوجهد آهي. ان سلسلي ۾ لينن لکيو آهي ته: "اسان نوڪرشاهي خلاف ان جي خاتمي ۽ پنهنجي مڪمل فتح تائين صرف ان ئي صورت ۾ وڙهي سگهون ٿا جڏهن پوري آبادي حڪومت جي ڪم ۾ حصو وٺي". (17)

اڄ واري استحصال ڪندڙ رياستن جي پيٽ ۾ اشتراڪي رياست پنهنجي ارتقا جي دور ۾ خود هوريان هوريان ختم ٿيڻ جا لازمي شرط پيدا ڪري ٿي. ليڪن ان جي مڪمل خاتمي لاءِ مناسب اندرين ۽ باهرين حالتن جي ضرورت آهي. رياست جي مڪمل خاتمي لاءِ اندروني معاشي، سماجي ۽ ثقافتي لازمي شرط صرف ڪميونزم جي بلند ترين منزل ۾ ئي پيدا ڪري سگهجن ٿا ۽ باهريان لازمي شرط هر قسم جي باهرئين حملي جي خطري جو ٽري وڃڻ يعني سڄي دنيا ۾ اشتراڪيت جو سوياروٿيڻ آهي. ان دور تائين رياست جو وجود ضروري رهي ٿو.

رياست جي هوريان هوريان ختم ٿيڻ جو مطلب، جبر جا خاص

17. لينن، روسي ڪميونسٽ پارٽي (بالشويڪ) جي ائين ڪانگريس ۾ تقرير.

هٿيار ۽ انهن سمورن وسيلن کي ختم ڪري ڇڏڻ آهي، جن جو تعلق ان جي سياسي فرضن جي استعمال سان آهي. رياست جا اهي وسيلا، جن جو تعلق ان جي معاشي تنظيمي ۽ ثقافتي تعليمي فرضن جي پوري ڪرڻ سان آهي، ختم نه ٿا ٿين. ڪميونزم ۾ رياست ڪانه هوندي. پر ان جي اها معنيٰ ڪانهي ته ڪميونسٽ معاشري کي پيداوار ۽ خرچ جي منصوبه بندي ڪرڻ، ضرورتن جو تخمينو لڳائڻ، زندگي ۽ سرگرميءَ جون اجتماعي شڪليون مرتب ڪرڻ وغيره جي ضرورت نه رهندي. انهن سڀني جي لاءِ تز تنظيم جي ضرورت هوندي ۽ ان کي سماج جا فرد پنهنجي مرضيءَ سان هلائيندا، تنهن ڪري ڪميونزم ۾ خود مختيار ادارا هوندا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته رياست جو مرحليوار خاتمو سموري عوام جي رياست جي ڪميونسٽ معاشري تي خود مختياريءَ ۾ تبديلي هوندي.

اشتراڪي انقلاب سان استحصالي قانون ختم ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي جاءِ نوان اشتراڪي ضابطا ونڊي ڇڏيندا آهن.

شروع ڪان ئي سوويت اقتدار، قانون کي پراڻي معاشي سماجي ۽ نظرياتي لاڳاپا ختم ڪرڻ ۽ نوان لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. ان جو پهريون فرمان زمين جي نجي ملڪيت جو خاتمو، انقلاب جي فتح ۽ بعد ۾ اشتراڪي تعمير ٻنهي لاءِ انتهائي اهميت وارو هو. ان کان پوءِ بينڪن، ريلن، ٻاهرئين واپار مال ڪٽندڙ بحري ٻيڙن ۽ پوءِ وڏي پئماني واري صنعت کي قومي ملڪيت ٻڌائڻ جا فرمان، ڪم جا اٺ ڪلاڪ مقرر ڪرڻ، سماجي انشورنس جاري ڪرڻ، سماجي پرت ۽ رعايتون شهري رتبا ختم ڪرڻ ۽ مذهب کي رياست کان الڳ ڪرڻ جي باري ۾فرمان جاري ٿيا.

اشتراڪي قانون رياست جي سرگرمين جون سيئي شڪليون ان جا فرض ۽ ذميواريون مقرر ڪري ٿو ۽ ان سان سماجي ارتقا جي پوري راهه تي ان جو تمام گهڻو اثر پوي ٿو.

اشتراڪيت جي ڪامراني کان پوءِ قانون، اشتراڪي سماج جي سموري عوام جي رياستي مرضي بنجي وڃي ٿو ۽ آئين جي صورت ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو. اشتراڪي پيداواري لاڳاپا جڏهن قائم ٿي ڪامياب ٿين ٿا ته اهي قانون عوام جي مفاد ۾ عوام جي مرضي کي استعمال ڪرڻ ۾

مادي بنياد بڌجي وڃن ٿا. اشتراڪي سماج ۾ قانون خارجي قانونن جي باشعور اطلاق ۽ استعمال جي وسيلي وانگر ڪم ڪري ٿو. قومي معيشت ۽ ثقافت جي ترقيءَ جو قومي پيماني تي منصوبو نه صرف خارجي قانونن جي عڪاسي ڪري ٿو بلڪ تحرير قانون جي حيثيت رکي ٿو. اشتراڪي قانون رياست جي مدد سان منظور ٿيل معيشت جي قيام ۽ استحڪام ۾، جيڪو سڄي معاشري جي لاءِ واحد هوندو آهي، خاص طور تي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

ڪميونسٽ تعمير جي دور ۾ اشتراڪي قانون مزيد وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ٿو ۽ قانوني قائدا جن جو مقصد سماجي سرگرمي جو انتظام ڪرڻ ۽ ڪميونسٽ تعمير جا فرض انجام ڏيڻ آهي، سي بهتر بڻايا وڃن ٿا. اشتراڪي قانون ۽ عدليہ جي نظام جو هڪ فرض اهو به آهي ته. پهرين ڏوهن ۽ انهن جي سببن جي پاڙ پٽي وڃي ۽ پوءِ ڏوهه جي سزا جي لاءِ سماجي اثرن کان ڪم ورتو وڃي.

رياست جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ سياست اهڙي سائنس بڌجي ٿي وڃي، جيڪا پيداوار ۽ بين سماجي سببن جو انتظار ڪري ٿي. هاڻي انسانن وچ ۾ لاڳاپن جا اهڙا شعبا وڌن ٿا جيڪي قانوني ضابطن جا پابند نه هوندا آهن. انساني لاڳاپن کي ضبط ۾ آڻڻ لاءِ اخلاق اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اخلاق ۽ قانون هڪ ٿي وڃي ٿو ۽ شهرين جا حق ۽ فرض قائدن جي هڪ اهڙي مربوط مجموعي ۾ ترڪيبي طور تي ملي ويندا آهن جيڪي ڪميونسٽ برادري جي زندگيءَ کي ضبط ۾ رکن ٿا.

باب اٺون
تاريخي عمل جو روحاني پهلو

گذريل بابن ۾ سماج جي عمل ۽ ارتقا واري نظام وانگر يا انساني سرگرمي جو نتيجو سمجهي، تجزيو ڪرڻ وقت اسان هميشه سماجي شعور سان بحث ڪيو. اها بلڪل قدرتي ڳالهه آهي، ڇو ته سماجي شعور هر سماجي نظام جي ڏانچي جو هڪ ضروري عنصر ۽ انسانن جي تاريخي سرگرميءَ جو لازمي ترڪيبي جزو هجي ٿو. پر سماجي شعور جو تعلق صرف سماجي زندگيءَ جي مظهرن ۽ انسانن جي تاريخي سرگرمي تائين محدود ڪونهي، اهو بذات خود سماجي زندگي جو هڪ خاص حلقو آهي، هڪ اهڙو مخصوص سماجي مظهر جنهن جو مطالعو سماج ۽ فرد جي زندگي ۽ ارتقا ۾ ان جو ڪردار معلوم ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي.

بورجوا مصنف اڪثر مارڪس ازم تي اهو الزام هڻندا آهن ته اهو سماج جي ارتقا کي معاشي ارتقا جي سطح تائين پست ڪري ڇڏي ٿو. اهو انسان کي رڳو هڪ پيداواري ايڪو قرار ڏئي ٿو. انسان جي خواهشن کي مادي قدر حاصل ڪرڻ جي فڪر تائين محدود ڪري ٿو ۽ سماج ۾ انسان جي روحاني زندگيءَ کي اهميت نه ٿو ڏئي. اهڙن الزامن جو سبب مارڪس ازم سان سڃي ساري دشمني آهي، نه ته هيءَ صورت ۾ اهي ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته سماجي ارتقا جي متعلق مارڪسي نظريي جي باري ۾ انهن ماڻهن جو علم ڪيترو نه سطحي آهي.

اسين ڏسي چڪا آهيون ته مارڪسي نظريي مطابق سماجي ارتقا انهن قانونن جي عمل جي ڪري ٿئي ٿي، جيڪي انسانن جي مرضي ۽ شعور کان آزاد آهن. ان معنيٰ ۾ سماجي ارتقا فطرت جي ارتقا کان مختلف ڪانهي ۽ جيڪڏهن فطرت جي قانونن جو اظهار انڌي ۽ عنصري قوتن جي گڏيل عمل ۾ ملي ٿو ته سماجي ارتقا جا قانون صرف انسانن جي

سرگرمي جي ذريعي ظاهر ٿين ٿا. جيڪڏهن ائين آهي، تاريخ جا قوانين اهڙين هستين جي ذريعي عمل ۾ آندا وڃن ٿا جيڪي ذهن ۾ مرضي جا مالڪ آهن ته پوءِ تاريخ جي شاهراهه ان ئي صورت ۾ صحيح طور تي سمجهي سگهجي ٿي جڏهن خيال، خواهش، جذبا، قاعدن ۾ قدرن کي، مختصر لفظن ۾ انهن سيني روحاني عنصر کي پيش نظر رکيو وڃي جن مان انسان پنهنجي زندگي ۾ سرگرمي ۾ رهبري حاصل ڪري ٿو.

جيتري قدر هر فرد جي لاءِ ڄجهيون مادي شيون حاصل ڪرڻ جو تعلق آهي ته جديد دنيا ۾ ان مسئلي جي اهميت کان انڪار ڪرڻ بيوقوفي ئي ٿي سگهي ٿي. ڇو ته گڏيل قومن جا پڌرا ڪيل انگ اکر ٻڌائين ٿا ته ڪروڙين ماڻهو خاص ڪري "ٽين دنيا" ۾ غربت ۽ فاقه ڪشيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. ان ڪري ئي مارڪس ازم کي اهڙي سماج جي تعمير جي طريقن ۾ ذريعن سان وڏي دلچسپي آهي جتي مادي شيون سماج جي هر فرد جي ضرورتن مطابق ورهايون وڃن. پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ ڪِلَ جهڙو ٿيندو ته مارڪسزم جو اصل مقصد صرف مادي شين جو حصول آهي. ائين هرگز ڪونهي. تاريخ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته سماج جي مناسب روحاني، اخلاقي، جمالياتي وغيره ارتقا کانسواءِ انسان جي روحاني ضرورتن جي ترتيب ڪرڻ کان سواءِ ان جي گهڻ پاسائين ارتقا کي نظرانداز ڪري صرف مادي شين جي حصول سان سماج ۾ ذهني بدنظمي ۽ بداخلاقي ڦهلجي ٿي. مارڪسي نظريو مادي شين کي فرد جي گهڻ پاسائين ارتقا ۽ نشوونما جي لاءِ ۽ هر فرد جي روحاني ضرورتن ۽ تخليقي صلاحيتن جي اظهار جي لاءِ ضروري شرط ۽ بنياد کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه ٿو سمجهي.

تنهن ڪري تاريخي مادیت جي جوهر سان ئي انسانيت جي ماضي ۽ حال کي صحيح طور تي سمجهڻ ۽ مستقبل جي ٺيڪ اڳڪٿي ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اها ضرورت پيدا ٿئي ٿي ته سماجي شعور سماج ۽ فرد جي روحاني دنيا تي تمام گهڻو ڏيان ڏنو وڃي.

سماجي شعور بنيادي طور تي فطري ۽ سماجي حقيقت جو عڪس هجي ٿو. ان کي ضرورت پيدا ڪيو آهي ڇو ته ان کان سواءِ محنت يعني فطرت جي شين کي انسان جي ضرورتن مطابق تبديل ڪرڻ ۽ مائل ڪرڻ ۽

عام طور تي مقصد پري سرگرمي ناممڪن هجي ها.

انسان جي سرگرمي نہ صرف عمل ۾ دنيا کي بدلائي ٿي بلڪ ان کي روح اندر جذب ۽ ڪري ٿي ۽ نتيجا سماجي شعور ۾ جمي وڃن ٿا. سماجي شعور جي حلقي ۾ سرگرمي روحاني پيداوار، خيالن نظرين تصورن فني تشبيهن وغيره جي "پيداوار" آهي. پر جيڪا هڪ پاسي سرگرمي نظر اچي ٿي اها ٻئي پاسي هستي جي شڪل ۾ شيءِ جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿي. هر قسم جي سرگرمي پيداوار ۾ جيڪو ان جو نتيجو آهي مُجسم هجي ٿي استعمال ۾ آندي وڃي ٿي ۽ "ختم" ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح روحاني سرگرمي جا نتيجا زبان، ڪتابن، ٽيڪنالوجي، عمارتن، فن جي شاهڪارن ۽ بين مادي شين جو لباس پائين ٿا.

سماج جي روحاني زندگي نہ صرف جي پيداوار هجي ٿي بلڪ اهو سماجي شعور جو عمل ۽ آهي، يعني انفرادي شعور سان ان جو گڏيل عمل آهي. ان ۾ مختلف گروهن ۽ طبقن وچ ۾ نظرياتي جدوجهد، خيالن جي ڏي وڻ، نظريا ۽ انهن جي ابتدا ۽ اوسر شامل هوندا آهن. سماج جي روحاني زندگيءَ جو سماجي زندگيءَ سان گهرو تعلق آهي. اها سماجي سببن، تصادمن ۽ تضادن جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ اها انسانن جي سماجي سرگرميءَ جي ڪيترين ئي شڪلين سان لاڳاپيل هجي ٿي.

سماج جي روحاني زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهرين سماجي شعور جي ڏانچي کي سمجهڻ ضروري آهي جيڪو سماجي زندگيءَ جو نسبتاً هڪ آزاد عنصر آهي.

سماجي شعور جي ڏانچي جو تجزيو ڪرڻ جا اصول

سماجي شعور هڪ اهڙو مظهر آهي جنهن جا ڪيترائي رُخ هجن ٿا ۽ جيڪو تاريخي تبديلي مان گذري ٿو. اهو تقاضا ڪري ٿو ته ان تي مختلف پهلوئن کان بحث ڪيو وڃي، مجموعي طور تجزئي جي لاءِ اسين ٽن خاص پهلوئن تي روشني وجهنداسين، تاريخي توليدي، عامياتي ۽ عمرانياتي.

پهريون پهلو سماجي ارتقا جي تاريخي منزل جي تعلق سان

سماجي شعور جي تاريخ جو مطالعو آهي. جيئن مارڪس لکيو آهي تہ: روحاني ۽ مادي پيداوار جي درميان تعلق جو تجزيو ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ سڀ کان پهرين مُعَيَنُ تاريخي شڪل ۾ خود مادي پيداوار سان بحث ڪيو وڃي. تنهن ڪري جهڙي قسم جي روحاني پيداوار مادي پيداوار جي سرمائيداراڻي طريقي مطابق هوندي آهي ساوچئين دور کان مختلف آهي ۽ جيڪو اشتراڪي طريقي مطابق هوندو آهي اهو سرمائيداري کان مختلف آهي وغيره جيڪڏهن خود مادي پيداوار جو تصور ان جي مخصوص تاريخي شڪل ۾ نہ ڪيو وڃي تہ اهو سمجهڻ ناممڪن آهي تہ ان سان هڪ جهڙائي رکندڙ روحاني پيداوار ۾ مخصوص ڪهڙي شيءِ آهي ۽ انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ڪهڙو اثر پوي ٿو." (1)

هر سماجي معاشي تشڪيل ۾ نہ رڳو شعور اندر بلڪ ان جي ڏانچي جون بہ ڏار خصوصيتون هونديون آهن. جيڪڏهن ان تي ارتقا جي بنيادي منزلن جي نقطئہ نظر سان غور ڪريون تہ تاريخي ۾ تي مخصوص تشڪيلون واضح طور نظر اچن ٿيون. طبقن کان اڳ واري سماج جو شعور، تضاد رکندڙ طبقاتي سماج جو شعور ۽ ڪميونسٽ تشڪيل جو شعور جيڪو هن وقت پيدا ٿي رهيو آهي.

قديم پنچائتي تشڪيل ۾ خيالن، تصورن ۽ شعور جي پيداوار ابتدا ۾ سڌو سنئون مادي سرگرميءَ سان واڪيل هئي. تصور، فڪر ۽ سمورا روحاني رابطا انسانن وچ ۾ مادي لاڳاپن جي تہ ۾ پيداوار جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. قديم پنچائتي لاڳاپن جو بنياد ابتدائي پيداوار هو. تنهن ڪري سماجي شعور بہ ابتدائي تشڪيل جي حالت ۾ هو. نہ صرف پنهنجي مانيها بلڪ تعمير جي لحاظ کان بہ اهو روحاني عنصر جي مجموعي جهڙو مرڪب هوندو هو، جنهن ۾ اخلاقي اصولن، تجرباتي علم، مذهبي خيال جمالياتي احساس ۾ فرق نہ هوندو هو. ان دور ۾ فرد لاءِ سماجي شعور ۽ گروهہ، خاندان يا قبيلي جو شعور بلڪل هڪ ئي شيءِ هئي. اينگلس لکيو آهي تہ: "قبيلو انسان جي لاءِ سرحد هو، خود پنهنجي تعلق سان ۽ باهرين جي تعلق سان بہ قبيلو خاندان ۽ ان جا ادارا مقدس ۽ حرمت وارا هئا، هڪ

1. مارڪس، "سرمايو"، جلد 4، حصو پهريون، باب 4.

اهڙي برتر طاقت وانگر جنهن کي فطرت مقرر ڪيو هجي، ۽ فرد جنهن جي احساسن خيالن ۽ عمل جي مڪمل طور تابع هوندو آهي.(2)

تضاد رکڻ وارن طبقاتي تشڪيلن ۾ شعور جو مافيها، ڏانچو ۽ ٻئي ڪيفيتي تبديلين مان گذرن ٿا. پهرين نون سماجي ادارن (رياست)، سماجي زندگيءَ جي نون شعبن (سياسي ۽ قانوني لاڳاپن جي ظهور ۾ اچڻ سان ان جي مطابق سياسي شعور قانوني شعور وغيره به ظهور ۾ ايندا آهن، ٻيو، سماج جو طبقن ۾ ورهائجڻ سان سماجي شعور مختلف طبقن جو شعور ٿي وڃي ٿو ۽ معاشي ۽ سياسي طور تي مسلط طبقي جو شعور غالب رهي ٿو. ٽيون محنت جي تقسيم جي بنياد تي ۽ ذهني محنت جو جسماني محنت کان الڳ ٿيڻ جي ڪري نظرياتي شعور پيدا ٿئي ٿو (فلسفن سائنسن جي ابتدا، سماجي شعور جي ترقي جو نتيجو ان اندروني تفريق ۾ نڪري ٿو ۽ ان جي اندر نسبتاً آزاد شڪليون هڪ ٻئي کان الڳ ٿيڻ لڳن ٿيون سياسي، قانوني، اخلاقي، مذهبي، سائنسي، جدلياتي، فلسفيانه، سمورن تضاد رکڻ وارن تشڪيلن جي اندر سماجي شعور انهن شڪلين ۾ ترقي ڪندو وڃي ٿو روحاني سرگرمي حڪمران طبقي جو استحقاق بنجي وڃي ٿو ۽ پورهيت ماڻهن جي بل بوتي تي ڪئي وڃي ٿي جن جو ڪم جسماني محنت ڪرڻ هجي ٿو جنهن ۾ روحاني مافيهاجي ڪاگنجائش ڪانهي.

سرمائيداري کان، ڪميونزم تائين موجوده عبور جي دور ايجا تائين شعور جي تعمير ۾ اهڙين تبديلين کي واضع نه ڪيو آهي جيڪي ڪميونزم جون خصوصيتون بيان ڪري سگهن. جڏهن اهو سڄي دنيا ۾ قائم ٿي ويندو پر سوويت يونين ۽ ٻين اشتراکي ملڪن جي تجربي مان ان عمل جارجحان واضع نظر اچن ٿا. مثال طور سوويت سماج گڏيل معاشي سياسي مفادن جي بنياد تي نظرياتي لحاظ کان متحد آهي، انفرادي بنجي ملڪيت جي ذهنيت جي باقيات هوريان هوريان ختم ٿي رهيا آهن اشتراکي سماج ۾ انسانيت جڏهن گوناگون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي شڪلين ۾ تبديلي ٿي وئي آهي. ان جو هڪڙو اظهار هي آهي ته شعور جي مذهبي شڪلين جو اثر گهٽجي رهيو آهي، سهڻي ياگي سوويت شهرين لاءِ

2. اينگلس، "انگلنڊ ۾ مزدور طبقي جي حالت"

مذهب آهن. ان کان علاوه سياست ۽ قانون جي ميدان ۾ تبديلين سان گڏوگڏ اشتراکي معاشي، سياسي ۽ قانوني شعور ۾ به تبديليون ٿي رهيون آهن. هن وقت جيتوڻيڪ ان جو ڪردار تمام گهٽو آهي. ليڪن مستقبل ۾ جڏهن سياست ۽ قانون جا شعبا ختم ٿيڻ جون حالتون پيدا ٿي ويندیون تہ ان جون ضرورتون پوريون ڪرڻ واري شعور جون شڪليون به ختم ٿي ويندیون.

هاڻي اسين انسانيت جي تاريخي ارتقا جي دوران شعور جي بدلجندڙ ڏانچي تي غور ڪرڻ کانپوءِ علمياتي پهلو کي ونڊنداسين، علمياتي نقطئ نظر جو مطلب آهي سماجي شعور تي ان نقطئ نظر سان غور ڪرڻ تہ اها ڪنهن جي عڪاسي ٿي ڪري، ائين اهو ڪيئن ۽ ڪيتري حد تائين ٿي ڪري، سطحي طور تي يا گهرائي سان صحيح يا غلط تہ پوءِ اسان کي معلوم ٿو ٿئي شعور پنهنجي اظهار جي سمورين صورتن ۾ عڪس يعني حقيقت جي ادراڪ جي حيثيت سان سامهون اچي ٿو ۽ ان جو صحيح اندازو صحيح يا غلط جي چوٽين ۾ ڪيو ويجي ٿو تنهن ڪري مذهبي يا تصوريتي فلسفي جي شعور مان غلط عڪس حاصل ٿئي ٿو ۽ سائنسي يا ماديتي فلسفيانہ ادراڪ کان حقيقت جو صحيح علم ملي ٿو. علمياتي تجزيو لازمي طور تي شعور ۽ سماجي تاريخي عمل جي درميان رابطو قائم ڪري ٿو ڇو تہ آخر الذڪر ادراڪ جو بنياد آهي ۽ ان جي صحت جو معيار به.

سماجي شعور جي علمياتي تجزئي مان ان جي اندرين سطحن ۾ فرق ڪري سگهجي ٿو. سماجي انسان جي شعور ۾ حقيقت جي ترت انعڪاس جي پهرين سطح يعني معمولي شعور ۽ انعڪاس جي زياده گهري سطح جنهن جو وسيلو شعور جي پوئين ارتقا هجي ٿي ۽ جيڪا باقاعدي نظرياتي (يا جمالياتي) شعور جي شڪل اختيار ڪري ٿي. معمولي ۽ باقائدي شعور کي هڪ سمجهڻ صحيح ناهي. حالانڪ انهن ۾ تعميم هجي ٿي پر معمولي شعور ان هيئئين درجي جي تعميم هوندي آهي. اها خيالن ۽ نظرين جي مربوط منطقي نظام وانگر باقائدي مرتب نہ ٿي ٿئي. باقائده شعور براه راست خيالن ۽ نظرين جي مجموعي مان پيدا ٿئي ٿو. ان جي نشو و نما ٿو ۽ اهڙيءَ طرح بلند درجي تعميم نظر اچي ٿي. خارجي شيءِ سان گڏ ان جو لاڳاپو ان جي خيالن جي مجموعي جي وسيلي ٿئي ٿو.

جڪي پهرين جمع ڪيا ويا آهن. شعور جي ڏانچي جي وڌيڪ علمياتي تجزئي مان اسان کي ان جي اندر مختلف رڪيبي جزن کي معلوم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي جن کي ارتڪاس جو موضوع ۽ شڪل مُعَيَنُ ڪن ٿا. تنهن ڪري معمولي ۽ باقائدي شعور ۾ مختلف شيون، فطرت، سماج، اوزار ۽ عمارتون ٺاهڻ جي طريقن جو علم ۽ بيماري ۽ ان جا علاج، انسانن ۽ قومن جي درميان تعلقات، حقيقتن جون جمالياتي صفتون، انساني جذبا، انسانن جا مفاد، سماج جي ضرورتن جو علم ظاهر ڪرڻ ممڪن آهي. پر معمولي شعور ۾ انعڪاس جي انهن سيني شڪلين جي تفريف نه هوندي آهي. باقائدي شعور ۾ اها ماهرن جي سرگرمي،سائنسدانن، ڊاڪٽرن فن ڪارن، نظريه دانن ۽ سياسي رهنمائن جي سرگرمي جي پيداوار هجن ٿيون.

ٿيون عمرانياتي پهلوءَ ڪان سماجي شعور کي هڪ مُعَيَنُ سماجي نظام جي ترڪيبي حصي وانگر سمجهڻ ۽ ان نظام جي عمل ۽ ارتقا ۾ ان جي ڪردار جو تجزيو ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. شعور جو عمرانياتي تجزيو صرف ان وقت سائنسي هجي ٿو جڏهن ان کي بنيادي طور تي علمياتي تجزئي سان جوڙيو وڃي، حقيقت اها آهي ته مجموعي طور تي شعور يا ان جي انفرادي ترڪيبي جزن جي سماجي ڪار منصبي کي مشڪل سان ئي سمجهي سگهجي ٿو جيستائين اهو معلوم نه ڪيو وڃي ته ان ۾ ڪنهن جا انعڪاس هجن ٿا ۽ ڇو؟ ڏنڊ ئي عمراني نقطئ نظر جي بغير علمياتي تجزيو بلڪل اڌورو رهي ٿو ڇو ته عملياتي نقطئ نظر ڪان سائنس ۽ اخلاف، مذهب ۽ قنون، فلسفو ۽ قانون انعڪاس جون رڳو مخصوص شڪليون خيال ڪيون وڃن ٿيون يعني مخصوص شين جو ادراڪ عمرانياتي تجزيو انهن سماجي ضرورتن کي پيش نظر ڪي ڪري جيڪي مُعَيَنُ روحاني عناصر ۽ ان جي ڪار منصبي کي پيدا ڪن ٿا، شعور جي مٿين شڪلين جي درميان سماجي زندگي ۾ ان جي ڪردار جي مطابق امتياز ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ان مان سماجي شعور جي ڏانچي ۾ نوان پهلو دريافت ڪرڻ جا امڪان به پيدا ٿين ٿا جيڪي علمياتي تجزئي جي وقت پنهنجو پاڻ کي ظاهر نه ٿا ڪن.

ته پوءِ شعور جو عمرانياتي تجزيو شعور جي ڏانچي کي سمجهڻ ۾ ڪيترو مفيد ثابت ٿئي ٿو؟ اهو شعور جو سرگرميءَ جي هڪ اهڙي ڪار

منصبي وانگر تجزيو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو جيڪو هڪ مُعَيَنُ سماجي نظام جي ڄاڻ ۾ ڪيو ويو هجي.

· واقعي عمل شعور پيدا ڪري ٿو ۽ شعور ترڪيبي جزا عمل جي خدمت ڪن ٿا ۽ ان کي مقصد پريو بڻائين ٿا. انساني عمل گهڻ پهلو هوندو آهي ليڪن سماجي انسان جي جامع عمل ۾ خارج ۽ داخل جي درميان تعلقات جا ٽي بنيادي قسم آهن جن جي مطابق دنيا کي روحاني طور تي جذب ڪرڻ جا ٽي طريقا تشڪيل ٿين ٿا.

پهريون، انسان ۽ فطري يا سماجي شيءِ جي درميان تعلقات، جنهن کي تبديل ڪرڻ جي موضوع وانگر سمجهيو ويجي ٿو ۽ جنهن جي لاءِ خارجي علم جي ضرورت آهي.

ٻيون، انسانن جي درميان تعلقات يا انسانن جي درميان سماجي تعلقات جيڪي مُعَيَنُ طريقہ پيداوار جي بنياد تي پروان چڙهن ٿا ۽ جن کي پنهنجي تشڪيل جي لاءِ ڪنهن نظرئي جي ضرووت هجي ٿي.

ٽيون، داخل ۽ حقيقت جي درميان جمالياتي تعلقات جن جي مطابق فن تخليق ٿئي ٿو.

قديم سماج تائين جي شعور جو عمرانياتي تجزيو ان جي تن بنيادي ترڪيبي جزن جي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. جن جو وجود ان دور ۾ غير تفريقي شڪل ۾ ٿئي ٿو (1) عوام جو تجربو علم جيڪو عملي سرگرمي جي دوران ۽ ان جي بنياد تي آزمائش ۽ غلطي جي ذريعي حاصل ڪيو وجي ٿو (2) انسانن جي زندگيءَ جي سماجي حالتن جو فهم جيڪو ان تعلقات کي رسمي بنائڻ ۽ قائم ڪرڻ جي ذريعي وانگر ڪم ڪري ٿو فرد کي سماجي بنائڻ ۽ ان کي سماجي زندگي جي ضروري حالتن جي تابع ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ جيڪو ان دور ۾ باقائدي نہ هوندو آهي بلڪ سماجي نفسيات وانگر ظاهر ٿئي ٿو. (3) عوامي تخليقي عمل جي ان وقت تشڪيل ٿئي ٿي جڏهن انسان حقيقت مان پُنهنجي تعلق جو جمالياتي فهم حاصل ڪري ونئي ٿو ۽ جيڪو حقيقت جي جمالياتي صنعتن جي نقطئہ نظر کان ادراڪ ۽ جائزي جو ذريعو آهي. اهو هڪ اهڙو ذريعو آهي جيڪو انسان جي حسيت کي وڌائي ٿو ۽ عوام کي ترتيب ڏيڻ جو وسيلو آهي ۽

انهن کي سماجي فرض حل ڪرڻ جي لاءِ توانائي عطا ڪري ٿو.

جيئن جيئن سماج ترقي ڪري ٿو هن ٻنهي ترڪيبي جزن ۾ جيڪي معمولي شعور جون خصوصيتون آهن باقي ڇوتہ عوامي شعور ۾ روزمره جي معمولي عمل جو ترت فهم باقي رهن ٿيون، ليڪن تضاد رکندڙ طبقاتي تشڪيلن ۾ سماجي شعور جي ارتقا ۾ ڪافي تفريق واقع هجي ٿي جيڪا ڏانڇي جي نئين سطح پيدا ڪري ٿي يعني پهرين روحاني ترقيءَ سان مُعَيَنُ نظرياتي ۽ جمالياتي شعور جو حلقو سائنس جي ابتدا اهڙي علم سان ٿيندي آهي جنهن نظرياتي غور ۽ فڪر ڪيو ويو هجي. خياليات جي هڪ نظام جي حيثيت سان، خيالات جي جمع ڪيل خزاني سان شروع ٿئي ٿي ۽ ان کي منطقي طور تي فروغ ڏئي ٿي. پيشاور فن جو آغاز حقيقت جي جمالياتي شبيهن ۾ انعڪاس مان ٿئي ٿو جيڪو پهرئين جي جمالياتي تجربي مان پيدا ٿي چڪو آهي ۽ ان تجربي کي ترقي ڏئي ٿو.

انهن مان هر هڪ عنصر جو پنهنجو پيچيده ڍانچو هوندو آهي. تاريخ ۾ سائنس تفريق ۽ ميل ميلاپ ٻنهي مان گذري ٿي جنهن جي نتيجي ۾ علم جو نظام به اڄ مربوط اندروني طور تي تفريق شده نظر اچي ٿو جيڪو هڪ تارين واري وڻ وانگر آهي. موجوده حالتن ۾ خيالات ۾ ڇهہ مختلف شڪليون شامل آهن. سياسي خيالات قانوني شعور، اخلاق، مذهب، جمالياتي تصورات ۽ فلسفو پيشيور فن ،پيچيده ڍانچي واري مظهر وانگر نظر اچي ٿو. تاريخي لحاظ کان فن جا پراڻا نمونا، مصوري، ادب، ٿيٽر، موسيقي، وغيره کان علاوه نوان نمونا، فوٽو گرافي، سينيما، ٽيليوزن وغيره به آهن (جيڪي نون ٽيڪنڪي ذريعن جي ايرڻ سان پيدا ٿين ٿا).

حقيقت جا غور ۽ فڪر شده انعڪاس جا اهي سمورا جزا بنيادي طور تي انوئي فرض منصبي انجام ڏين ٿا جيئن معمولي شعور سان مطابقت رکڻ وارا ترڪيبي اجزا. پر ان جو ظهور نئين سماجي تاريخي تجربي جي بنياد تي ٿئي ٿو. سائنس ان وقت پيدا ٿئي ٿي جڏهن نظرياتي علم جي بغير عملي سرگرمي نا ممڪن ٿي وڃي ٿي خياليات ان وقت جيڪڏهن انسانن جا وڏا گروهہ، طبقا سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جن کي متحد ٿيڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ خياليات جي اهڙي نظام جي ضرورت

هوندي آهي جيڪو ان جي گڏيل مفادن جو اظهار ڪري ٿو ۽ انهن مفادن جي مشوري جي توسط سان حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو. پيشيور فن جي پيدائش جو وقت اهو هجي ٿو جڏهن سماج اهڙن ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي قابل هجي ٿو جيڪي فن جي پيشي وانگر اختيار ڪن ۽ جڏهن انتهائي نازڪ جمالياتي وسيلن جي مدد سان ماڻهن جي احساسات مرضي ۽ ذهن کي اثرانداز ڪرڻ جي ضرورت هجي.

عوام جو معمولي شعور ۽ باقاعدي شعور جنهن کي پيشيور سائنسدان، نظريہ دان ۽ فنڪار پروان چڙهائن تا هڪ ٻئي سان مربوط آهن ۽ باهمي اثر وجهن تا. باهمي عمل جي نوعيت مُعَيَنُ ٿئي ٿي پهريون هر مخصوص سماج جي امتيازي شين سان ٻيو شعور جي مخصوص عنصر جي ممتاز خصوصيتن سان.

اها آهي سماجي شعور جي ڏانچي جي عام خصوصيت ان ڏانچي کي واضع ڪرڻ سان سماج ۾ روحاني ۽ مادي زندگيءَ جي وچ ۾ باهمي عمل جي تز مطالعي ۾ مدد ملي ٿي، خاص ڪري جڏهن اهو ڏيان ۾ رکيو وڃي تہ سماجي شعور ۾ ڪينري رنگارنگي آهي.

هاڻي اسين سماجي شعور جي ڏانچي ۽ ان جي مختلف ترڪيبي جزن جي فرض منصبي تي تفصيل سان روشني وجهنداسين.

ادراڪ ۽ خياليات (Idcology)

جيئن تہ اسان فطرت يا سماجي زندگيءَ تي مقصد پريو اثر وجهن تا تنهن ڪري اهي حقيقت جي خصوصيتن ۽ قانون جي خارجي علم جي ضرورت محسوس ڪن تا. چاهي سرمائيدار ملڪ هجي يا اشتراڪي ملڪ جتي ماڻهو بجلي گهر تعمير ڪن تا. انهن کي هڪ ئي قسم جي خارجي قانون کان رهبري ۽ ان جو علم حاصل ڪرڻو هوندو آهي. هتي سماجي مفاد ان ۾ آهي تہ ان خارجي شيءِ جو ان جي ۽ انسان سان ان جي رشتي کان آزاد ٿي علم حاصل ڪيو وڃي. عملي ضرورتون انسان کي خارجي شيءِ ۾ مخصوص پهلو ۽ رابطا دريافت ڪرڻ جي ترغيب ڏين ٿيون پر جيڪڏهن ان کي پنهنجي سرگرميءَ ۾ ڪامياب ٿيڻو آهي تہ پوءِ انسان کي ان جو خارجي

علم حاصل ڪرڻو پوندو. يعني خارجي صداقت جيڪا داخل کان آزاد آهي. فرض ڪريو هڪ ماڻهو سيءَ ۾ ڏَڪِي رهيو آهي تہ ان جو ذهن اهڙين شين تي مرڪوز ٿيندو جيڪي کيس گرم ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن پر باهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان شين جي خارجي خصوصيتن کان واقف ٿيڻ گهرجي، ظاهر آهي پٿرن جي ڏير سان باهہ جو مچ نہ ٿو ٻري سگهي.

پر سرگرميءَ جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي. ڪم عمل خارجي شيءِ کي سرگرميءَ سان متاثر ڪرڻ جو انساني طريقو آهي ۽ ان جو تعلق منزل مقصود مقرر ڪرڻ، پروگرام ٺاهڻ، سرگرمي جا طريقا ۽ ذريعا مرتب ڪرڻ سان آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان جو عمل نہ صرف خارجي علم بلڪ حقيقت ڏانهن ان جي داخلي رويي جي بہ تقاضا ڪري ٿو جيڪو حقيقي مظهر جي جائزي، مادي ۽ روحاني پيداوار جي نتيجن يعني انهن جو هڪ ٻئي سان ۽ سماجي داخل جي مفادن ۽ ضرورتن سان بہ تعلق مان ظاهر ٿئي ٿو. انسان هڪ فرد جي حيثيت سان هڪ داخل وانگر آخر ۾ ظاهر ٿئي ٿو جو تہ عام طور تي داخل کا نہ ڪا سماجي وحدت هجي ٿي. خاندان، قبيلو، طبقو، سماجي گروهہ يا تز معاشرو. تنهن ڪري داخلي رويو ساجي اهميت جو حاصل آهي ۽ اهو سماجي شعور درج هجي ٿو.

خارجي علم ۽ حقيقت ڏانهن داخلي رويي جي اظهار جي شڪلين جي درميان گوناگون ۽ پيچيده تعلقات پيدا ٿين ٿا. ان جو جامع تجزيو هن ڪتاب جي حدن کان ٻاهر آهي. هتي اسان صرف ادارڪ ۽ خيالات جي لاڳاپن سان بحث ڪنداسين خيالات سماجي داخل جي اظهار ذات ۽ ذات جي مخصوص شڪل آهي، جيڪا جديد سماجي زندگيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. ادراڪ وانگر خيالات جو بہ سرچشمو سماجي مفاد آهن پر انهن جو ڪردار مختلف هوندو آهي. نهايت ئي عام شڪل ۾ خيالياتي شعور جي هيءَ حقيقت آهي تہ هر پيداواري سرگرمي هڪ مُعَيَنُ سماجي صورت ۾ تن سماجي لاڳاپن جي حدن جي اندر ڪئي وڃي ٿي تنهن ڪري سماجي محرڪ (سماج طبقن) کي انهن لاڳاپن کي مستحڪم ۽ برقرار رکڻ جي لاءِ يا انهن کي بدلائڻ جي لاءِ اهي تعلقات سمجهڻ جي ضرورت پيدا ٿئي ٿي.

اهوئي سبب آهي جو سماجي شعور جي ارتقا ۾ بہ باهم مربوط

رحجان پیدا ٿین ٿا پھريپن ادراکي رحجان جنھن کي سماجي انسان جي حقيقي روزمره جي عمل جا مفاد مُعَيَنُ کن ٿا، يعني فطرت سماج جي خارجي علم جي گڏ ڪرڻ، ٻيو خياليات رحجان جنھن جو تعين اھي سماجي مفاد ڪن ٿا جن جو مقصد مخصوص سماجي تعلقات کي برقرار رکڻ يا تبديل ڪرڻ آھي. حقيقي زندگيءَ ۾ اھي ٻئي رحجان ھڪ ٻئي سان ڳنڍ جي وجن ٿا ۽ اڪثر ھڪٻئي سان لاڳاپيل ھجن ٿا. تنھن ڪري انھن کي صرف نظرياتي تجزئي تجريد جي ذريعي الڳ ڪري سگھجي ٿو. خياليااتي عمل جو ادراکي پھلو ھجي ٿو ۽ ادراڪ جي ارتقا جو خياليااتي پھلو پر انھن رحجانن کي ھڪ نہ سمجھڻ گھرجي ڇو تہ ادراڪ ۽ خياليات جي ارتقا مختلف ضابطن جي پابند ھجي ٿي ۽ سماجي شعور جا اھي ترڪيبي عناصر ڪار منصبي عناصر مختلف ڪار منصبي انجام ڏين ٿا. جھڙي طرح فطرت سان انسان جا مادي تعلقات ھميشہ پيداوار مُعَيَنُ تعلقات جي ذريعي استعمال ۾ اچن ٿا، اھڙيءَ طرح حقيقت سان انسان جي ادراڪ جو لاڳاپو انھن مُعَيَنُ خياليااتي شڪلين جي وسيلي عملي جامو پھرين ٿا جن کي مخصوص سماجي حالتون پيدا ڪن ٿيون.

خياليات سماجي شعور جو اھو حصو آھي جنھن جو سڌو سنئون تعلق سماج کي درپيش سماجي فرض جي تڪميل سان آھي ۽ جيڪو سماجي لاڳاپن کي بدلائڻ يا مستحڪم ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. طبقاتي سماج ۾ خياليات جو ڪردار طبقاتي ھجي ٿو، ٻين لفظن ۾ اھو مُعَيَنُ طبقن جي مادي مفادن جو روحاني اظھار ۽ اندراج آھي. ايئن ڇو آھي؟

جڏھن سماج طبقن ۾ ورھائجي ٿو تہ مختلف طبقن جا مادي مفاد جن جو سرچشمو مُعَيَنُ تعلقات پيداوار جي نظام جي اندر انھن جو خارجي رتبو آھي. انسان جي خود پنھنجي سماجي ھستي ۽ ان جي اردگرد سڄي حقيقت جي ادراڪ تي فيصلا ڪَن اثر وجھڻ شروع ڪري ڏين ٿا. انھن ۾ ترقي پسند طبقن جا مفاد انھن سماجي ضرورتن جي اظھار جي شڪل ھجن ٿا، جن کي سماجي ارتقا جا خارجي قانون پيدا ڪن ٿا ۽ جن سان رحجت پرست طبقن جا مفاد ٽڪرائين ٿا. طبقاتي مفاد سماجي ارتقا جا بنيادي فرض پورو ڪرڻ ۾ بہ فيصلا ڪن اھميت رکن ٿا ڇو تہ سماج کي جيڪي

مثلا درپيش هجن ٿا، اهي صرف جدوجهد جي ذريعي سان ئي حل ڪري سگهجن ٿا. طبقاتي جدوجهد عمل طبقاتي مفاد ۾ انهن کي حل ڪرڻ جي طريقن جا نظرياتي ثبوت ۽ جواز جي ضرورت پيدا ڪري ٿو طبقن جي خياليات اها ڪار منصبي انجام ڏئي ٿي. طبقاتي سماج ۾ ارتقا جي خارجي قانون کي عمل ۾ آڻڻ ۾ خياليات ضروري داخلي شرط جو ڪم ڏئي ٿي.

خياليات عمل جي دوران حقيقت جو صحيح انعڪاس ٿئي ٿو ۽ خياليات ۾ حقيقت جو مسخ شده انعڪاس مختلف قسم جي سياسي. قانوني مذهبي، اخلاقي، فلسفيانه ۽ بين خوش فهمين جي ذريعي ٿئي ٿو. خياليات ۾ حقيقت جي مسخ شده انعڪاس کي اتفاقي نه سمجهڻ گهرجي ڇو ته ان جا به مادي اسباب هجن ٿا. اهڙيءَ طرح جيئن ڪيميرا جي لينس ۾ ابتي شبيه طبيعات جي قانون جي پابند هجي ٿي ته پوءِ اهي سبب ڪهڙا آهن؟

آقا ۽ خادم! تعلقات ظهور ۾ اچڻ کانپوءِ جڏهن سماجي طور تي غالب طبقي جا مفاد سماجي پيداوار جي لاءِ محرڪ قوت بنجي وڃن ٿا ته سماجي تعلقات جو جوهر سماجي زندگيءَ جي سطح تي مسخ شده صورت ۾ ڏيکاري ڏئي ٿو. اسان جي درميان معاشي تعلقات ان مقصد سان قائم ٿيندا آهن ته پيداوار وڌي ۽ مختلف طبقا جيڪو نقط نظر پنهنجي آڏو رکن ٿا تنهن کي بہ بنيادي طور تي پيداوار مُعَيَنُ ڪري ٿي. پر مظهرن جي سطح تي ئي پورهيت ماڻهن جي مادي پيداوار سرگرمي غالب طبقي جي مقصدن جي تڪميل جو ذريعو ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

چناڇه ايئن ظاهر ٿئي ٿو ته شعور کي پيداوار جي مادي عملي سرگرمي مُعَيَنُ نه ٿي ڪري بلڪ ان جي برعڪس شعور مادي سرگرميءَ کي مُعَيَنُ ڪري ٿو. ان جي عڪاسي ڪرڻ ۾ شعور پنهنجو پاڻ کي حقيقت کان جدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ حقيقت جي مد مقابل بيهي وڃي ٿو. "ان لمحي کانپوءِ شعور واقعي ان خود فريبي ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو ته اُهو موجود عمل تي جي شعور کان مختلف ڪاشيءِ آهي. اهو ڪنهن واقعي شيءِ جي نمائندگي ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن شيءِ جي واقعي نمائندگي ڪري ٿو. هاڻي شعور ان قابل ٿي وڃي ٿو ته پنهنجو پاڻ کي دنيا کان لا تعلق ڪري ۽ "خالص" نظرئي دينيات، فلسفي ۽ اخلاقيات وغيره جي تشڪيل د نهن قدم وڌائي".

ذهني پورهئي جو جسماني پورهئي کان جدا ٿيڻ جي ڪري اهي انسان جيڪي محنت جي تقسيم جي ڪري ذهني سرگرمي سان وابسطه هجن ٿا ذڪر کي اهڙي شيءِ سمجهڻ لڳن ٿا جيڪو آزادانه طور تي دماغ جي ڪاوش جو نتيجو آهي، جنهن جو تعلق خيالبات جي خزاني سان آهي، جيڪو خود پنهنجي سوچ يا پنهنجي پيشروئن جي سوچ جو نتيجو آهي. انهن کي روحاني عمل جي اضافي آزادي مطلق نظر اچي ٿي. شعور ۽ مادي حقيقت جي درميان تعلق نه ٿو ڏسو ويجي سماجي شعور جي ارتقا مجموعي طور تي سماجي تاريخي عمل جي هڪ پهلوءِ مادي طور تي مُعَيَنُ ضروري عنصر وانگر نه ٿو اچي بلڪ هڪ اهڙي مطلق آزاد وانگر ڏيکاري ڏئي ٿو جيڪو تاريخ جو رخ مُعَيَنُ ڪري ٿو.

استحصال ڪرڻ وارن هميشه پنهنجي مخصوص مفاد کي عالمگير ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن هميشه پنهنجي نظرئي تي عام انساني ڪردار جي قلعي چاڙهي رکي آهي.

ڪن تاريخي دورن ۾ جڏهن استحصال ڪرڻ واري طبقي ايڏا پنهنجو تسلط قائم نه ڪيو هو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهي رهيو هو جڏهن ان جا مفاد ڪنهن حد تائين آبادي جي اڪثريت جي مفادن جي مطابق هئا ته ان جي دوراندیش نظرئي دانن مستقبل جي سماجي کي بلڪل ايمانداريءَ سان جنت وانگر پيش ڪيو هو انهن خود غرض مقصدن کان آزاد ٿي ان طبقي جو تسلط قائم ڪرڻ جي جدوجهد کي عالمي انساني سچائي، دانش ۽ انصاف جي جدوجهد ٻڌايو آهي.

خارجي طور تي ڊيڪارٽ، اپسي نوزا، هيلوي تيس ديدي روايرندڙ بورجوازي جا نظريه دان هئا پر سماجي فڪر جي تاريخ ۾ انهن جا نالا بجا طور تي اهڙين هستين وانگر محفوظ آهن جن پنهنجي زندگي صداقت ۽ انصاف جي لاءِ ايمانداريءَ سان وقف ڪري ڇڏي هئي.

استحصال ڪرڻ وارو طبقو جڏهن پنهنجو تسلط قائم ڪري ونئي ٿو ته اهو بلڪل مختلف بنجي پوي ٿو. ان لاءِ هاڻي اهو اهم ٿي ويجي ٿو ته هاڻي جنهن نظام ۾ ڪيس تسلط جو رتبو حاصل ٿي ويو آهي تنهن کي هو دائمي ناقابل تبديل بڻائي. پر جيئن ته ڪو به معاشي نظام دائمي ۽ تعمير

کان پري نہ ٿو ٿي سگھي تنهن ڪري حڪمران طبقي جي مفادن ۾ حقيقتن جي وچ ۾ تضاد پيدا ٿئي ٿو. انهن حالتن ۾ حڪمران طبقي جا نظريہ دان حقيقت کي مسخ ڪرڻ لڳن ٿا، سائنسي علم جي آزاد جستجو جي جاءِ خوشامداڻو عُذر وٺن ٿا.

چناڇہ استحصال واري سماج ۾ خيالیات جي ارتقا ۾ ادراڪ جي ارتقا کي هڪ نہ سمجھڻ گھرجي، خيالياتي غلط بيانيون صداقت جي جستجو ۾ محض غلطيون ناهن هونديون ڇو تہ انهن جي پس پرده هڪ نهايت مُعَيَنُ سماجي فرض هجي ٿو

پر ادراڪي خيالياتي سائينس جي وچ ۾ فرق کي سائنسي ۾ مسخ شده شعور جي مقابلي تائين محدود رکڻ نہ گھرجي ترقي پسند طبقن جي مفڪرن هميشہ خاص حد تائين سائنس تي ڪو نہ پاڙيو آهي ۾ پنهنجي طبقاتي مقصدن جي واسطي ان جو مرڪب استعمال ڪيو آهي. تنهن ڪري هر خيالیات کي عام طور تي غلط شعور چوڻ درست ڪونهي اهم ڳالهہ اها ڏسڻي آهي تہ مُعَيَنُ خيالیات ڪهڙي طبقي جي مفادن جو اظهار ڪري ٿي ۾ ان جو حقيقي مافيها ڇاهي.

بورجوا مصنف اهو فرض ڪري وٺن ٿا تہ هر خيالیات طبقاتي طور بگڙيل ۾ غلط شعور آهي، جنهن ۾ "پر اسرار طاقت" هجي ٿي ۾ جيڪا هڪ طرفي داخلي، متعصب ۾ سائنس دشمن بلڪ متضاد آهي. اهي "سائنس خاطر" خيالیات کي رد ڪرن ٿا. هنن جو مطالبو آهي تہ سائنس کي ان جي اثر کان پاڪ ڪري ڇڏڻ گھرجي. اهو خيالیات جو ازالو فيشني نظريو بنجي ويو آهي جنهن سان ان ناقابل ترديد حقيقت کي نظرانداز ڪن ٿا تہ عمرانياتي سائنسن ۾ فلسفي ۾ مطلق غير جانبداري ناممڪن تہ ڇا دراصل غير ضروري آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ هڪ عالم ترقي پسند سماجي مفادن ۾ قدرن جي نقطئہ نظر کان ئي سماجي حقيقتن جو خارجي علم حاصل ڪري سگھي ٿو، سماجي زندگيءَ ۾ ضابطگيون ۾ اصلي تضاد دريافت ڪري سگھي ٿو ۾ صحيح طور تي انهن سماجي قوتن کي شناخت ڪري سگھي ٿو جيڪي انهن تضادن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگھن ٿيون. ان ڪري اهڙي خيالیات موجود آهي جيڪا سماج کي درپيش

سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ سائنسي علم جو استعمال ڪري ٿي. اسان جي دور ۾ ان کي مارڪس ازم، لينن ازم چيو ويجي ٿو اها سائنسي خياليات آهي جيڪا حقيقت جي سچي ۽ خارجي علم تي مبني آهي، اهو ان ڪري آهي جو مارڪسزم، لين ازم پرولتاريہ جو معاشي ۽ سياسي نظريو آهي، هي اهو طبقو آهي جنهن جا داخلي مفاد سماج جي ترقي پسند ارتقا جي مفادن جي عين مطابق آهن. ان مان ئي سائنسي ۽ طبقاتي پهلو، پارٽي نقطئ نظر ۽ انقلابي روح ۾ امتزاج پيدا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. ۽ جنهن ڪالهہ کي ذهن نشين ڪرڻ جي ضرورت آهي اُها اِها آهي تہ پرولتاريہ جي خارجي مفادن ۽ خياليات ۾ ان جي نظرياتي انعڪاس جي يڪسانيت بلڪل توريل تڪيل ڪانهي. مارڪس ازم ان جو قائل آهي تہ نون تاريخي حالتن ۾ يڪسانيت خودبخود قائم نہ ٿي ٿئي. خارجي عملن جي ناپختگي مزدور تحريڪ جي ڪنهن نہ ڪنهن دستي جي فرقيوارانہ عارضي مفادن جو اثر نظرياتي ڪارڪنن ۾ تجربي ۽ علم جي ڪَمي مختلف ملڪن ۾ ڪڏهن بہ مارڪسي لينني نظرئي کي مسخ ڪري سگهي ٿي، ايستائين جو ان جي مافيها ۾ تعريف ڪري سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو مارڪس ازم لينن ازم توڙي جو سماجي ارتقا جي قانون ۽ ان جي محرڪ قوتن جو انعڪاس ڪري ٿو ليڪن اهو هميشہ انهن انفرادي نظريہ دانن جي وضاحت جي مطابق نہ ٿو هجي جيڪي ان جي نمائندگيءَ جي دعوا ڪن ٿا. تنهن ڪري مختلف نقطئ نظر ڪان انقلابي عمل جي دوران پيٽ ڪئي وڃي ٿي ان کي آزمايو وڃي ٿو. اهوئي سچائي جو اعلىٰ ترين معيار آهي. صرف اها خياليات جيڪا حقيقت ۾ اندر هجڻ وارن عملن ۽ ان جي قانون جو خارجي طور تي انعڪاس ڪري ٿو انهن سماجي ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي، جنهن سان مزدور طبقو منهن مقابل ٿئي ٿو. حقيقت جي سائنسي تجزئي ۽ ان جي خارجي جائزي کان ڪو بہ انحراف سائنسي لحاظ کان بي بنياد فيصلا پرولتاريہ جي طبقاتي مفادن کي نقصان پهچائين ٿا.

خيالياتي ارتقا جو هڪ خاص پهلو اهو بہ آهي. هر نئون طبقو پنهنجي آئيڊيولوجي پيدا ڪري ٿو. پر ان ۾ ان طبقي جي رتبي ۽ مفادن جي تبديلي جي مطابق تبديلي ٿئي ٿي. جڏهن ڪو طبقو تاريخي ميدان

ڇڏي ٿو ته تصورات سماجي خيالات نظريا جن جي ذريعي هو حقيقت جي متعلق پنهنجو تصور ۽ پنهنجا مفاد ظاهر ڪندو هو هوريان هوريان ان جو اثر ختم ٿي وڃي ٿو.

هر طبقو پنهنجا خياليات پيدا ڪرڻ تي ڇو مجبور آهي؟ ان جو سبب اهو آهي ته طبقن جا خارجي رتبا مختلف هجن ٿا ۽ انهن مان هر هڪ کي پنهنجو تاريخي ذميواريون پوريون ڪرڻيون هونديون آهي. ائين ڪرڻ جي لاءِ ظاهر آهي ته هو ڪا پراڻي خياليات استعمال ڪو نه ٿو ڪري سگهي جيڪا ٻيا فرض پورو ڪرڻ جي لاءِ ظهور ۾ آئي هئي.

هر نئون طبقو ڇو پنهنجي خياليات پيدا ڪري ٿو"؟ جي سوال کي هو جيئن هو پيدا ڪري انهن خيالات، روين تصورات جي خزاني کي استعمال ڪري ٿو، جيڪي ابتدائي ارتقا جي دوران جمع ٿي چڪا آهن. ان جو مطلب هي ٿيو ته خياليات جي ارتقا ۾ تسلسل هجي ٿو ته سوال ٿو پيدا ٿي ته ان خياليات تسلسل جي نوعيت ڇا آهي؟

هر نئين طبقي جي خياليات بدلجندڙ تاريخي حالتن ۽ مخصوص تضادن جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ در پيش ذميوارين (فرضن) کي پيش ڪري ٿي. پر ان اهڙن تصور خياليات خلا ۾ پيدا ڪانه ٿي ٿئي. جي سوال سان گڏ، چڙ نه ڪرڻ گهرجي. ڪانه نئين جي ذريعي ان جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ پنهنجي مطالبن کي ترتيب ڏئي ٿي جيڪي خيالات جي تاريخي ارتقا جي دوران پيدا ٿيا هئا. ائين فڪر جو مواد هڪ دور کان ٻئي دور ۾ پهچي ٿو. مثال طور مختلف زمانن ۾ مساوات جو مطالبو ٿيندو رهيو آهي. پر قديم عيسائيت ۾ جيڪا غلامن ۽ ٻين مظلوم قومن جي آئيديولوجي هئي ان جي مطابق ان جو مطلب خدا جي اڳيان سيني جي مساوات هو. پوءِ اهائي مساوات بورجوا انقلابن ۾ اشرافيه جي طبقاتي مراعات جي خلاف جدوجهد جي نشاني بنجي وئي ۽ پرولتاري مساوات جو مفهوم آهي طبقن جو خاتمو جيتري قدر آزادي، جمهوريت انصاف جي تصورن جو تعلق آهي ته ان جو به تاريخي لحاظ کان اهوئي حال رهيو آهي. هاڻي خيالات جي مافيها جي مسئلي کي ورتو وڃي. عام طور تي جانبدار طبقن جا نظرئيدان پراڻي خياليات جي خزاني مان رجعت پرست خيالات چونڊي انهن کي پنهنجي

مفادن مطابق سوچ جي قالب ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهي انهن نظرين کي به استعمال ڪندا آهن جيڪي پنهنجي دور ۾ ترقي پسند هئا پر هوانهن تي پنهنجو رنگ چاڙهي چڏيندا آهن ۽ ان جي تاريخي مفهوم کي مسخ ڪري چڏيندا آهن. ان جو هڪ سٺو مثال ارسطو جي تعليمات آهن جن مان وچئين دور جي توضيح ڪندڙ تحقيق، جدلياتي خيالات ۽ قياس آرائيءَ کي رهڙي ڦٽو ڪيو ۽ ان جي ڪمزور ترين نُڪتن کي ڪٽر عقيدن ۾ بدلائي چڏيو.

ان جي پيٽ ۾ ترقي پسند طبقا پنهنجي آئيڊيولاجي کي ماضيءَ جي ترقي يافته خيالات تي مبني ڪن ٿا. اسرندڙ بورجوازي قديم دنيا جي انسان دوست ۽ ماديت پسند خيالات جو آهياء ڪري وچئين زماني جي آئيڊيولاجي سان ان جو مقابلو ڪيو ۽ وڏي جا نفشانيءَ سان ان کي تڪميل تي پهچايو.

لهذا سماجي خيالات جي ارتقا ۽ نئين خيالات جي تخليق تي غور ڪرڻ وقت ان حقيقت کي پيش نظر رکڻ گهرجي ته اهڙين صورتن ۾ معيشت کا بلڪل نئين شيءِ پيدا نه ٿي ڪري بلڪ اها طريقو مقرر ڪري ، جنهن سان موجود فڪر جي مواد کي بدلايو وڃي ٿو ۽ ان کي مزيد ترقي ڏني وڃي ٿي.

خياليات جو تسلسل ضروري آهي ۽ اهو تاريخي ارتقا جي لاءِ زبردست اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن تسلسل نه هجي ها ته انسان کي هر پيري حقيقت جي انعڪاس ۽ پنهنجن سيني تصورات ۽ چوٽين جي ترتيب جي لاءِ بنياد کان شروع ڪرڻو پوي ها ۽ نون طبقن جا نظريہ دان اڳين نسلن جي سوچ ۽ فڪر جي طويل تجربي (اڪيلي سر رهڻ جي حالت) جي ڪوششن مان مستفيد ڪو نه ٿي سگهن ها ۽ انهن نسلن جي پورهئي جا ڦل ائين غائب ٿي وڃن ها جو انهن جو نالو نشان به باقي نه رهي ها. ان کان علاوه خياليات پنهنجا سماجي فرض (ذميواريون) انجام نه ڏيئي سگهن ها ۽ سماجي ارتقا جي راهہ ۾ ديوار چين مائل ٿي وڃي ها.

مختلف خياليات جي ايرڻ ۽ انهن جي بدلجڻ کان علاوه تاريخ ۾ سائنسي ادراڪ ۾ به تيزيءَ سان ترقي ٿئي ٿي. ادراڪ جو اهو فروغ نه صرف

تُز سائنسن جي نشو و نما جي ذريعي بلڪ ڪنهن حد تائين خياليات جي ميدان ۾ بہ ٿئي ٿو.

ادراڪ جي ترقيءَ جو بنياد انسان جي پيدا واري ۾ سماجي تاريخي سرگرميءَ جون ضرورتون آهن. ان بنياد تي مُعَيَنُ تاريخي دورن ۾ سماج جي لاءِ جيڪو تاريخي علم حاصل ڪيو ويجي ٿو ان کي هو رد نہ ٿو ڪري انهن قانونن کي جن کي نيوٽن يا ميندي لئين دريافت ڪيو هو يا قدر جو نظريہ محنت کي جنهن جا سمٿ ۾ رڪارڊ باني آهن، ٻيهر دريافت ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. جڏهن سائنس ترقي پذير عمل جون ضرورتون پوريون ڪندي آهي تہ اها دستياب علم کي ترڪ ڪري نہ، بلڪ ان تي پنهنجو پاڻ کي مبني ڪري، ان کي فروغ ڏيئي پيش قدمي ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو سائنسي ادراڪ ۾ تسلسل جو ضابطو انساني علم جي ترقي ڪرڻ جي لاءِ لازمي شرط آهي ۽ اضافي صداقت کان مطلق صداقت ڏانهن ان جي حرڪت جي لاءِ ضروري آهي.

لهٰذا خياليات جي تسلسل کي سائنسي ادراڪ جي تسلسل کان مختلف سمجهڻ گهرجي. تسلسل بنهي ميدانن ۾ هوندو آهي ليڪن سائنسي ادراڪ جي ميدان ۾ ان جو مطلب آهي اڳ ۾ حاصل ڪيل سموري خارجي علم کي محفوظ رکڻ ۽ استعمال ڪرڻ خياليات جي ميدان ۾ تسلسل جي معنيٰ اها آهي تہ فڪر جي مواد کي محفوظ رکيو ويجي ۽ ان مان صرف اهو استعمال ڪيو ويجي جيڪو مخصوص طبقي جي مفادن جي لاءِ موزون هجي ۽ جنهن جو مافيها عهد جا حالات مُعَيَنُ ڪندو هجي.

سماجي نفسيات ۽ خياليات Idocology

خياليات جي پيٽ ۾ جنهن کي نظريہ دان تخليق ڪندا ۽ پروان چاڙهيندا آهن سماجي نفسيات عوام الناس جو شعور آهي. اهو انهن خيالات ۽ راين تي مشتمل هجي ٿو جيڪي روزمره جي زندگي ۽ عوام الناس جي سرگرمي جي دوران تشڪيل ٿين ٿا ۽ ان جي زندگي، سرگرمي مفاد ضرورتن جي عڪاسي ڪن ٿا. سماجي نفسيات عوام الناس جي شعور ۾ هستيءَ جو ترت انعڪاس، ان جي روزمره جي محدود عملي سرگرميءَ جو

فهم آهي.

جيئن ته انسانن جو مختلف طبقن سان تعلق هجي ٿو تنهن ڪري هنن جا دماغ آهن مختلف حالتن جي عڪاسي ڪندا رهندا آهن جن ۾ اهي رهن ٿا تنهن ڪري مختلف قسم جون عملي ضرورتون ۽ مفاد پيدا ٿين ٿا. طبقاتي سماج ۾ سماجي نفسيات مختلف طبقن جي نفسيات وانگر ظاهر ٿئي ٿي. مثلاً پيٽي بورجوا نفسيات، جنهن جو مطلب ننڍي صاحب ملڪيت جي سماجي مسئلن کان مخصوص بي تعلق، پنهنجي ذاتي آسائشن تي ضرورت کان وڌيڪ ڌيان، پنهنجي ملڪيت سان وابستگي، پنهنجي بخي ننڍڙي دنيا ۾ مگن رهڻ وغيره آهي. انهن سيني جو سرچشمو پيٽي بورجوازيءَ جي زندگيءَ جا حالات آهن. جيستائين پرولتاريه جو تعلق آهي ته سرمائيدار تي ان جو دارومدار ۽ ان جي روزمره جو اجتماعي ڪم قدرتي طور بهتر زندگيءَ جي جدوجهد ۾ بين پرولتاريه (فردن) سان متحد ٿيڻ جي ضرورت جو شعور پيدا ڪري ٿو.

پر ٻئي طبقي وانگر پرولتاريه جو معمولي شعور خودبخود پنهنجي هستي جي نظرياتي سمجهه تائين بلند ٿي سگهي ٿو. ان جي لاءِ سائنسي مطالعي جي ضرورت آهي جنهن ۾ مفهوم فڪر جي ان مادي تي تنقيدي عمل آهي جيڪو اڳ ۾ تاريخ جي دوران جمع ٿي چڪو آهي. لينن جو قول آهي ته: خودرو طبقي جي تحريڪ ٽريڊ يونين شعور کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه ٿي پيدا ڪري سگهي پرولتاريه جي بنيادي مفادن جي سائنسي اظهار جو سرچشمو ان جي سماجي نفسيات يا مزدور طبقي جي تحريڪ ۾ پاڻ هُرِ تڙپي اضافي سان نه ٿو ايري بلڪ اها سائنس جي ارتقا جو نتيجو آهي، جنهن کي پرولتاريه جي انقلابي پارٽي مزدور تحريڪ ۾ داخل ڪري ٿي.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سماجي نفسيات ايترو بلند نٿي سگهي جو طبقي جي بنيادي مفادن يا حقيقت جي اهم پهلوئن ۽ ان جي قانونن کي فهم ۾ آڻي سگهي. پر ان جي خيالات سان باهمي عمل ٿئي ٿو ۽ اهو ان کي مُعَيَنُ جذباتي رنگ ۽ توانائي عطا ڪري ٿو.

خيالات جي برعڪس جيڪو خيالات جو هڪ نظام آهي ۽ جيڪو ان معنيٰ ۾ مربوط هجي ٿو، سماجي نفسيات روحاني عناصر جي

مُعَيَنُ مجموعي ۾ مشتمل هجي ٿو خيالات جذبات، ضرورتون مزاج، خوش فهميون، رسم ۽ رواج، تصورات وغيره ان جي گوناگون ترڪيبي جزن جو خاص مطالعو بنيادي اهميت رکي ٿو جيڪڏهن عوام الناس جي تحريڪن جي نفسيات کي پيش نظر نه رکيو ويو ته تاريخ کي عوام الناس جي تاريخ وانگر سمجهڻ نا ممڪن آهي، 1907ع ۾ لينن هنن لفظن ۾ انقلابي احساسن جي اهميت تي زور ڏنو هو ته "روس ۾ سرمائيداري جي ارتقا جي رفتار بين الاقوامي طور تي سست هجڻ جي باوجود سماج جي طبقاتي ساخت مطابق پارٽي گروهن جي ايتري واضح تقسيم جي توجيهه هڪ دور جي طوفاني انقلابي مزاج مان ئي ڪري سگهجي ٿي جڏهن پارٽيون وڏي تيزيءَ سان عمل ۾ اچن ٿيون ۽ طبقاتي شعور جمود يا نام نهاد پر امن ترقيءَ جي دور جي پيٽ نسبتاً ڪافي تيزي سان وڏي ٿو ۽ مُعَيَنُ شڪل اختيار ڪري ٿو"

سماجي نفسيات انسانن جي دماغ ۾ حقيقت جي ترت انعڪاس جي حيثيت سان (يعني جنهن ۾ نظرياتي فڪر جو دخل نه هجي) عوام الناس جي شعور وانگر هڪ خاص جدا سائنس جو موضوع آهي. سماجي نفسيات جي سائنس سماجي گروهن حصن ۽ انفرادي اجتماعن جي شعور جي مافيها ۽ ان جو اظهار ڪرڻ وارين طرح طرح جي شڪلين جو مطالعو ڪري ٿي ته جيئن ان جي زندگيءَ جي حالتن جو ترت انعڪاس ۽ سماجي نفسيات عناصر تقليد، اشارو، همدردي، نفرت، عوامي جنون، پيروي وغيره دريافت ڪيا وڃن جيڪي عوام الناس جي شعور ۾ واقع هجن ٿا ۽ جن جو تعلق انسانن جي وچ ۾ ميل جول سان آهي.

توڙي جو سماجي، نفسيات عوام الناس، طبقن ۽ گروهن جي روحاني ساخت جي خصوصيت بيان ڪري ٿي پر حقيقت ۾ اهو زنده ماڻهن جي شعور وانگر رهي ٿو جن ٿي سماجي هستيون مشتمل هجن ٿيون. سماجي نفسيات جو عوام الناس کان علاوه ٻيو ڪو الڳ ذريعو ڪونهي هوندو پر خيالات جو ذريعو نظريه دان يا پارٽيون هجن ٿيون.

وڏيڪ اهو ته، خيالات جي بر عڪس جنهن کي هميشه ڪتابن، مضمونن تقريرن ۽ پروگرامن ۾ خارجي حقيقت وانگر ظاهر ڪيو ويو ٿو، سماجي نفسيات اهڙي شيءِ وانگر آهي جيڪو خالص "اندروني" هجي،

ماڻهن جي روحاني ڪيفيت جهڙي ظاهر ٿئي ٿي. بوجوا نفسياتي ماهر ان سطحي تاثر "ظاهري شِڪل" کي سماجي نفسيات جو تجزيو ڪرڻ وقت ابتدائي ۽ بنيادي نقطو قرار ڏين ٿا. پر حقيقت اها آهي ته ٿورو بہ گهري مطالعي مان اهو واضع ٿي ويجي ٿو ماڻهن جي شعور جي خاص مافيها جو سرچشمو سماج ۽ فرد جيئن جيئن سماجي تجويز، سماج جو علم، قائدا ۽ ضرورتون قبول ڪري ٿو ان جو شعور بہ تيئن تيئن پختو ٿئي ٿو. هر فرد جڏهن زندگيءَ جي ميدان ۾ داخل ٿئي ٿو تہ هو نہ صرف مادي عمل بلڪ سماجي شڪليون بہ (زبان، فني شبيهون، اخلاق جا تصور وغيره) قبول ڪري ٿو جن ۾ انسانيت پنهنجي اردگرد جي دنيا جي عڪس جو اندراج ڪري ٿي. دراصل انهن سماجي شڪلين کان ٻاهر انساني شعور ٿي نہ ٿو سگهي ۽ شعور جي سماجي شڪلين کي قبول ڪرڻ جو سوال صرف فرد سان واسطو رکي ٿو. خود ان جي شعور جو مافيها، جو تعين، ترغيبون، محرڪ ۽ مقصد جيڪي ان جي پٺ جتي هجن ٿا، قدرن جي باري ۾ هڪ مُعَيَنُ پيماني تي ان جي سموري زندگيءَ جي سمت جو تعين جنهن کي ان جي سمت جو تعين بہ چئي سگهجي ٿو. اهي سڀ تيار شده حالت ۾ سماج کان ملن ٿا. تنهن ڪري ئي ميزان (مجموعو) نہ سمجهڻ گهرجي. شِڪل ۽ جوهر ٻنهي لحاظن کان سماجي نفسيات سماجي پيداوار آهي. اهو عوام الناس جي دماغن ۾ خارجي ذات جو پنهنجي حقيقي هستيءَ جو زندگيءَ جي گڏيل حالتن جو پرتوو آهي.

اشتراڪي سماج ۾ عوام الناس، طبقن ۽ گروهن جي نفسيات تضاد رکڻ وارين تشڪيلن جي سماجي نفسيات جي پيٽ ۾ بلڪل مختلف بنياد تي هيئن اختيار ڪري ٿو. اول، اتي اشتراڪي حالات زندگي هوندا آهن جيڪي ملڪ جي سيني شهرين ۾ گڏيل هوندا آهن. ٻيو تہ اتي تعليم ۽ ترتيب جو اشتراڪي نظام هجي ٿو جيڪو پنهنجو اثر وجهندو رهندو آهي. ٽيون تہ اتي سائنسي مارڪسي، لينني نظريي جو اثر هجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اشتراڪيت ۾ انساني انفراديت پنهنجي ڀرپور رنگارنگيءَ ۾ پنهنجي تخليق روزمره جي فني راند روند جي ۽ بين فنن ۽ رحجانن جي لحاظ کان مختلف هوندي آهي ۽ ان سان گڏ سڄي سوويت

عوام جي سماجي نفسيات جا خاص مافيها مشترڪ هجن ٿا. اشتراڪيت اهڙي انسان کي جنم ڏنو آهي، جيڪو هڪ نئين سماجي ڪردار ۾ نون خصوصيتن جو مالڪ آهي. اشتراڪي سماج جو هي انسان اجتماعيت جو علمبردار آهي، پورهئي سان پيار ڪري ٿو. انسان دوست ۽ بين القواميت پسند آهي ۽ ان کي پنهنجي اشتراڪي وطن سان بي پناهه پيار آهي.

سماجي شعور جون شڪليون

انهن سيني سماجن ۾ جيڪي قبائلي نظام جي خاتمي ڪانپوءِ تاريخ ۾ هڪ ٻئي پٺيان آيا تن ۾ سماجي شعور هيٺين شڪلين ۾ ظاهر ٿيو. سياسي نظريو قانوني تصورات، اخلاق، مذهب، سائنس، جمالياتي تصورات ۽ فن، فلسفو.

انڊلڻ جي ستن رنگن وانگر انهن شڪلين مان هر سماج جي روحاني زندگيءَ جو حسين روپ نٿو. پاڻ ۾ جڙيل هڪ سالم جي شڪل ۾ شعور جون سموريون شڪليون سماج جي گوناگون ضرورتن کي پورو ڪن ٿيون انهن مان هر هڪ جون پنهنجون پنهنجو خصوصيتون پنهنجو پنهنجو رنگ هجي ٿو ڇو ته اهي سيني انسانن جي مخصوص تعلقات ۽ سرگرمين جي خدمت ڪن ٿيون. شعور جون شڪليون سماجي شعور جي ترڪيبي عناصر وانگر اضافي طور تي پنهنجو آزاد وجود رکن ٿيون. انهن جي جوهر ۽ تاريخي ارتقا ممتاز خصوصيتن جو مطالعو خاص علم ڪن ٿا. مثال طور قانوني تصورات ۽ قانون جو مطالعو قانون جي تاريخ ۽ نظريو ڪري ٿو. فنون ۽ ان جا قسم _مصوري، موسيقي وغيره) جو مطالعو فني علم جي نظام سان ئي ڪيو ويجي ٿو. سائنس جو سائنس جي علمن سان ۽ فلسفي جو فلسفي جي تاريخ جي ذريعي تاريخي مادیت ان علم جي جاءِ نه ٿي ونڊي ڇو ته ان جي مطالعي جو دائرو ۽ شعور جي مطالعي جون پنهنجي مخصوص زاويي سان عليحده شڪليون آهن. تاريخي مادیت بحيثيت هڪ فلسفيانه عمراني علم جي، شعور جي شڪلين جي سماجي مظهرن جي نظام جي اندر ان جي مقام جي نقطئ نظر سان، ان جي خصوصيت ۽ سماجي ذميواري جي ۽ زندگي ۽ سماج جي ارتقا ۾ ان جي ڪردار جي

تحقيق ڪري ٿي.

اسان سماجي شعور جي تُز شڪلين تي بحث سياسي خيالات (Ideology) سان شروع ڪنداسين، ان ڪري جوان جو معيشت سان گهرو ۽ سئون سڌو تعلق آهي، ۽ ان ڪري به ته اهو سماجي شعور جي انهن بين شڪلين تي پنهنجو اثر سيڪ کان وڌيڪ وجهي ٿو جن جو معيشت سان ربط اڪثر طبقن جي سياسي مفادن جي وسيلي سان ٿئي ٿو.

سياسي خياليات سماجي شعور جي هڪ اهڙي شِڪل آهن جيڪا طبقن جي درميان تعلقات، رياست سان مُعَيَنُ سماج جي ارتقا جي ڪنهن نه ڪنهن منزل تي ان جي سماجي سياسي تنظيم سان ۽ آخر ۾ بين سماجن ۽ رياستن سان گڏ طبقن جي تعلقات جي عڪاسي ڪري ٿي. سياسي خياليات جي حدن ۾ آهي طبقاتي مقصد، فرض، ۽ سياسي پروگرام مرتب ڪيا وڃن ٿا جن کي طبقا پنهنجي جدوجهد، سياسي ادارن ۽ تنظيمن جي سرگرميءَ جي ذريعي عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. سياسي خياليات طبقن ۽ رياستن جي اصلي پاليسي کي تشڪيل ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. سياست پنهنجي جوهر جي لحاظ کان مُعَيَنُ طبقي جي بنيادي معاشي مفادن جي مطابق ترتيب ڏجي ٿي. پر اها انهن کي خودبخود ظاهر نه ٿي ڪري. ان جو اظهار ان حد تائين ٿئي ٿو جنهن حد تائين معاشي مفاد شعور ۾ اچن ٿا. يعني جنهن حد تائين اهي مطابق سندس نظريه دانن ۽ سياستدانن جي سياسي شعور جي ذريعي گذرن ٿا. اهوئي سبب آهي جو هڪ واحد معاشي بنياد نسبتاً مختلف قسم جا سياسي مقصد خيالات ۽ عمل پيدا ڪري سگهي ٿو. ان سلسلي نه صرف خالص معاشي اسباب اهميت جا حامل هجن ٿا بلڪ فرداً فرداً قوم جي ارتقا جون قومي خصوصيتون، ان جي ثقافت جا امتياز ۽ سياسي پارٽين ۽ رياست جي اڳواڻن جو ڪردار، علم ۽ قابليت به پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي. تاريخي تجربو بخوبي ٻڌائي ٿو ته روس ۾ عظيم آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب جي ڪامراني ۾ ان حقيقت جو به وڏ هٿ آهي ته ترقي پسند قوتن جو رهبر غير معمولي سياسي قابليت رکڻ وارو عظيم لينن هو ۽ روسي بورجوازي کي ايترو تجربو نه هو، مثال طور انگريز بورجوازي وانگر، ته هو مزدور طبقي کي

چالاڪيءَ سان سياسي دوکو ڏيئي سگهي ٿو سياسي ناهه ڪري سگهي.

طبقا ۽ انهن جون پارٽيون پنهنجي طبقاتي جدوجهد بنيادي شڪل، سياسي جدوجهد ۾ سياسي آئيڊيولاجي کان رهبري حاصل ڪن ٿيون ۽ اها جدوجهد رياستي ڪاروهنوا ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ، سماجي اصلاحات جي واسطي يا رياستي اقتدار جي نوعيت ۾ تبديليءَ خاطر ڪئي وڃي ٿي. اهوئي سبب آهي جو خيالیات جي ميدان ۾ طبقن جي جدوجهد جي عڪاسي سڀ کان پهرين ان جي سياسي تصورات ۾ ٽڪراءُ جي ذريعي ٿئي ٿي.

جڏهن پراٽي تشڪيل جي اندر ترقي يافته پيداواري قوتن پراٽن تعلقات پيداوار جي درميان تضاد پيدا ٿئي ٿو تہ نوان سياسي خيالات ايرن ٿا جيڪي سياسي جدوجهد جا مقصد مرتب ڪن ٿا ۽ انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جا طريقا ۽ ذريعا ٻڌائين ٿا. دراصل اهي خيالیات سماجي ارتقا جي ارتقاجي اشد ضرورتن جو انعڪاس ڪن ٿا. اهي خيالات عوام کي هڪ اهڙي سياسي فوج وانگر متحد ڪري ڇڏين ٿا جيڪا پراٽي نظام جي عمارت کي ڍاهي ڇڏڻ جي صلاحيت رکي ٿي. تنهن ڪري ترقي پسند سياسي خيالات معيشت جي ترقي ۾ ۽ ان جي مطابق سماجي زندگيءَ جي بين پهلوئن جي ترقي ۾ منظم ڪرڻ، حرڪت ۾ آڻڻ ۽ تبديلي پيدا ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا.

اڄ جي جديد دنيا ۾ بورجوا ۽ اشتراکي سياسي خيالیات ۾ سخت ويڙهاند ٿي رهي آهي، سامراجي بورجوازي جي سياسي خيالیات عوام دشمن ۽ رجعت پرست آهي. ان جو مقصد سامراج قائم اجاريدار سرمائي جي جارحانہ ارادن تي پردو وجهڻ آهي. اشتراکي رياستن، انقلابي پرولتاريہ (مزدورن) ۽ قومي تحريڪ آزادي جي خلاف جدوجهد ان جي منشا آهي. سامراجين جو خاص نظرياتي سياسي هٿيار ڪميونزم دشمني آهي. ان جي جهنڊي هيٺ (رجعت پرستي جي سمورن سياهه قوتن کي گڏ ڪرڻ گهرن ٿا تہ جيئن سماجي ترقيءَ جي راهه بند ٿي وڃي. اهڙين حالتن ۾ ترقي پسند قوتن جو مضبوط اتحاد، جهڙوڪ ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي بين الاقوامي اجلاس (جون 1969ع) جي فيصلي ۾ زور ڏنو ويو آهي، سامراج جي

خلاف امن، جمهوريت ۽ اشتراکيت جي جدوجهد لازمي شرط آهي.

سياسي خياليات جيئن ته رياست، سياسي پارٽين، طبقن ۽ عوام جي سرگرميءَ ۾ مجسم صورت اختيار ڪري ٿي. ان ڪري اها معيشت ۽ سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي وڏو اثر وجهي ٿي. اڄ جڏهن جو سرمائيدار اجاريداريون جديد پيداوار جون سموريون صلاحيتون انسانيت جي پلائي لاءِ استعمال ڪرڻ کان ماٺهن کي روڪي رهيون آهن ته اها ڳالهه ايتري به وڌيڪ واضح ٿي وڃي ٿي ته سرمائيدارانه تعلقات خاص ڪري سياسي بالائي ڍانچي جي ڪري ئي قائم آهن. بورجوازي جي هٿن ۾ فوج، حڪومت ۽ پروپئگنڊا جا ذريعا آهن. هو پنهنجو تسلط قائم رکڻ جي لاءِ تشدد ذريعي استعصال ڪري ٿو ۽ هڪ شديد معاشي ضرورت پوري ٿيڻ ۾ رندڪ ڪون وجهي رهيو آهي.

نتيجي طور اسين اهو چئي سگهون ٿا ته سياسي خياليات سماج ۾ معاشي ترقي تي نه صرف سنئون سڌو بلڪ بالواسطه به اثر وجهي ٿي ۽ اهو سماجي شعور جي ٻين شڪلين قانوني تصورات اخلاق، مذهب، سائنس وغيره وسيلي ڪيو وڃي ٿو. سياست ۽ سياسي خياليات هڪ مُعَيَنُ طبقي جي خدمت جي لاءِ شعور جي سيني شِڪلين، مثال طور سائنس يا فن کي سياست يا سياسي خياليات کان آزاد تصور ڪرڻ صحيح ناهي. دراصل ان جو مقصد شعور جي شِڪلين جو لک پتين ۽ حڪمران طبقي جي پاليسي جي ماتحت هجڻ تي پردو وجهڻ آهي. پر اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته خياليات ۽ سياست شعور جي ٻين شڪلين تي صرف اثرانداز ئي نه ٿا ٿين، بلڪ ان مان خود به اثر قبول ڪن ٿا. مثال طور فلسفو اخلاقيات ۽ سائنس وغيره سياسي تصورات جي مختلف نظامن کي ترتيب ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي پر بيشڪ سياسي خياليات جو سڀ کان گهرو تعلق قانوني تصورن سان آهي.

قانوني تصورات اهڙن خيالن جو مجموعو آهن جن جون جڙون تاريخ ۾ پيوست هجن ٿيون. اهي طبقن جي وجود ۾ اچڻ سان گڏوگڏ پيدا ٿين ٿا ۽ سماجي معاشي نظام بدلائڻ لاءِ وجود ۾ اچڻ سان گڏوگڏ پيدا ٿين ٿا ۽ سماجي معاشي نظام بدلائڻ لاءِ خود بدلجي وڃن ٿا. انهن ۾ اهڙا خيالات

نظريا ۽ عقيدا شامل هجن ٿا جن جي مطابق عام طور تي سماج اهو قبول ڪري ٿو ته انسانن، رياستن ۽ قومن جي درميان تعلقات ۾ ڇا قانوني آهي ۽ ڇا غير قانوني، ڇا منصفانه آهي، ڇا ضروري ۽ لازمي آهي. ان ۾ قانون جي نظام جو جائزو به شامل آهي جيڪو هڪ مُعَيَنُ سماج ۾ ڪار فرما هجي ٿو.

قانون جي برعڪس جيڪو اهڙن قانوني قائدن (وضع قانون ۽ عدالتي ضابطا) جو نظام هجي ٿو جن کي رياست مرتب ۽ نافذ ڪري ٿي. قانوني تصورات انسانن جي اهڙن خيالياتي راين جو مجموعو هوندا آهن جن جي مطابق اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي ته ڇا قانوني آهي ۽ ڇا غير قانوني. تضاد رکڻ واري سماج ۾ نه ته قانون جا به نظام ٿي سگهن ٿا ۽ نه گڏيل قانوني تصورات حڪمران استحصال ڪرڻ واري طبقي جا قانوني تصورات قانون جي اهڙي نظام ۾ مجسم صورت اختيار ڪن ٿا جيڪي مُعَيَنُ تاريخي عهد جي لاءِ مخصوص هوندا آهن. پر مظلوم طبقن جا قانوني تصورات موجود قانون جي نظام جو انهن طبقن جي نقطئ نظر کان جائزي جو اظهار ڪن ٿا ۽ اهي استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي قانون ۽ قانوني تصورات جي بلڪل برعڪس هجن ٿا.

حڪمران طبقن جا قانوني تصورات نه صرف موجوده نظامِ قانون ۾ ظهور پذير ٿين ٿا بلڪ ان جي خدمت به ڪن ٿا، ان کي حق بجانب به چون ٿا، ان جو نظرياتي جواز پيش ڪن ٿا ۽ واحد جائز قانون قرار ڏيئي ان سان سڄي معاشري جو مٿو ڪوڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. حڪمران طبقو چاهي ٿو ته قانونن تي عمل ڪيو وڃي جيڪي سندس مرضيءَ جو اظهار ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن تي عمل در آمد جي لاءِ هو نه صرف رياست جو اقتدار استعمال ڪري ٿو بلڪ سماج جي قانوني تصورات جو سهارو به ونڊي ٿو. هنن جي قانوني خياليات انهن قانونن جي تعريف جا پُل بڏي ٿي جيڪي سماج ۾ رائج هوندا آهن ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت جو نظرياتي جواز پيش ڪري ٿي. ان جي لاءِ اها مختلف قسم جا دليل پيش ڪري ٿي. فلسفيانه اخلاقي، تاريخي، مذهبي وغيره.

سرمائيدار سماج ۾ پرولتاريه (مزدورن) جا قانوني تصورات جي ييت ۾ ايرن ٿا. جيڪڏهن بورجوازي جا قانوني تصورات قانون جي نظرن ۾

سيني شهرين جي رسمي مساوار جو اعلان ڪن ٿا (ان نالي ماتر مساوار سان هر قسم جي مستثنيات کي حق بجانب قرار ڏيئي) ته پرولتاري (مزدور) قانوني تصورات مزدورن ۽ سرمائيدارن جي درميان هقيقي علم مساوات جو پانڌو ڦاڙن ٿا جنهن جي ڪري انهن جي معاشي حالت آهي. اهي اهو ڏيکارين ٿا ته بورجوا جمهوريت محدود ۽ فريب آهي. اهي سرمائيداريءَ نظام کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد کي قانوني طور تي جائز ثابت ڪن ٿا.

اشتراکيت ۾ مزدور طبقي جا قانوني تصورات مزيد پروان چڙهن ٿا ۽ بحيثيت مجموعي سڄي سماج جا قانوني تصورات بنجي ويڻ ٿا. اشتراکي قانوني تصورات اشتراکي قانون ۾ مجسم صورت اختيار ڪن ٿا ۽ شهرين کي اشتراکي قانونيت جي روح مطابق تعليم ڏيڻ ۾ ڪم اچن ٿا. اشتراکيت ۾ قانوني تصورات جو ڪردار وڌي ويڃي ٿو ڇو ته قوانين جي تعميل جو انحصار ايترو گهڻو رياست جي جبري قوت ۾ نه ٿو هجي جيترو سموري عوام جو اشتراکي قانوني تصورات تي جيکي اشتراکي رياست جي قانون کي پنهنجي ئي مرضي جو اظهار سمجهن ٿا.

هڪ مُعَيَنُ تشڪيل جي سماجي مظهرن جي نظام جي اندر قانوني تصورات جو مقام ۽ ڪردار ان سماج ۾ موجود قانون جو نظام ۽ قانون ۽ ضابطو سنئون سڌو مُعَيَنُ ڪن ٿا. استحصال ڪرڻ وارن طبقن جا قانوني تصورات موجود ملڪيت جي تعلقات ۽ پوري سماجي نظام جي مداخلت ڪن ٿا. پر مظلوم طبقن جي قانوني تصورات مان موجود سماجي ۽ سياسي نظام جون ديوارون ڏڌڻ لڳن ٿيون. تعلقات پيداوار جي ذريعي قانوني تصورات پيداوار جي ترقي تي بہ اثرانداز ٿين ٿا. جڏهن قانوني تصورات فرسوده تعلقات پيداوار جي حفاظت ڪن ٿا ته پيداواري قوتن جي نشو و نما سست ٿي ويڃي ٿي. پر جڏهن اهي دقيانوسي تعلقات پيدوار جي خلاف محاذ آرا ٿين ٿا ۽ اهڙا تعلقات قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا جيکي پيداواري قوتن جي مطابق هجن ته ان مان پيداوار جي ترقي وڌي ويڃي ٿي.

توڙي جو قانوني تصورات شعور جي هڪ اهڙي شِڪل آهن جيکا سياسي خيالات کان مختلف هوندي آهي پر ان جو مافيها سياسي هجي ٿو، سبب اهو آهي ته اهي طبقن جي وچ ۾ تعلقات جي مُعَيَنُ زمري

جي بنياد تي، سياسي بنياد تي وجود ۾ اچن ٿا. ان سان گڏئي قانوني تصورات جيڪي رياست جي قانونن ۾ شامل هجن ٿا، رياستي پاليسيءَ وانگر ڪم ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته پاليسيءَ جو اظهار نه صرف قانوني قاعدن جي ترتيب بلڪ ان جي استعمال سان به ٿئي ٿو. ان مان به سياسي ۽ قانوني تصورات جي درميان تعلقات جي خوصيت معلوم ٿئي ٿي.

سيني سماجي تصورات ۽ نظرين وانگر قانوني تصورات کي به تاريخ جي روشنيءَ ۾ ان جي اصلي حرڪت ۾ ڏسڻ گهرجي. جڏهن ڪنهن طبقي جو زوال اچي ويندو آهي ته ان جي قانوني تصورن جي قوت به زائل ٿي ويندي آهي ۽ نئين طبقي جي فتح کانپوءِ نوان قانوني تصور قائم ٿي وڃن ٿا. پر مسئلو اتي ختم ڪونه ٿو ٿي وڃي. قانوني تصور قائم ٿي وڃن ٿا. پر مسئلو اتي ختم ڪونه ٿو ٿي وڃي. قانوني خيالن، نظرين ۽ عقيدن کي انهن جي ارتقا ۾ ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته توڙي جو اهي هر خاص صورت ۾ پنهنجي دور ۽ معاشي نظام جي مُعَيَنُ طبقن جي نقطئه نظر جي عڪاسي ڪن ٿا پر پوءِ به انهن ۾ حقيقي سماجي تعلقات ۽ انهن جي تاريخي ارتقا جا عناصر مختلف پيماني تي باقي رهن ٿا. تنهن ڪري قانوني تصورات علم جي هڪ مُعَيَنُ تسلسل جي ضمانت ڏين ٿا. هتي اسين اهو به اضافو ڪري ڇڏيو ته مختلف قسمن جا قانوني تعلقات جي شناخت قانوني زمرن ۽ عدالتي ضابطن جي اصولن جي ترتيب بذات خود ادراڪي قدر جي حامل آهي.

قانوني تصورن جو فروغ جنهن جو اظهار ۽ تجسيم عدالتي ضابطي جي ترقي يافته شڪلين ۾ ملي ٿي، بيشڪ وڏي حد تائين انسانن جي درميان انهن حقيقي تعلقات جي علم جي استعمال سان مربوط هجي ٿو جيڪي قانوني ضابطگيءَ جي تحت رهن ٿا. اهو علم قانوني خيالن ۽ قانوني عمل جي ارتقا جي دوران جمع ٿئي ٿو. ايتري قدر جو اشتراڪي قانوني تصور به جيڪي تاريخ ۾ جاتل سڃاتل سيني طبقن جي قانوني تصورن کان ڪيفيتي اعتبار کان مختلف هجن ٿا ۽ جن جو بنياد سائنسي مجمع خيال آهي پراڻي قانوني تصورات کي مڪمل طور تي مسترد نه ٿا ڪن. اهي پوئين تاريخ جي بهترين حاصلات مان فائدو وٺن ٿا. اشتراڪي

قانوني تصورا عدل جي جمهوري تصورن جا عناصر ۽ پرولتاريہ جي جدوجهد جي تجربي مان پنهنجو پاڻ کي مالامال ڪن ٿا.

لينن پنهنجي تصنيف "رياست ۽ انقلاب" ۾ لکيو آهي تہ: اشتراکي رياست ۾ بوجوازي جي بغير بورجوا قانون جا عناصر باقي رهندا، ان معنيٰ ۾ تہ غير مساوي ماڻهن تي مساوي پيماني جو اطلاق ڪيو ويندو. ان جو مطلب هي آهي تہ اشتراکيت ۾ جيئن تہ واهپي جي شين جي گهٽائي نہ ٿي هجي تنهن ڪري ان جي ورچ جي سلسلي ۾ خرچ جو پيمانو محنت جي شرح جي مطابق هجي ٿو. اشتراکيت ۾ ماڻهن کي مساوي ڪم جي لاءِ هڪ جهڙي اجرت ملي ٿي. ليڪن بظاهر مساوي هوندي بہ حقيقت ۾ انهن جي درميان عدم مساوات ٿي سگهي ٿي. مثال طور ڪنواري ۽ وڏي خاندان واري مڙس ۾ تنهن ڪري اشتراکيت ۾ پيداواري ذريعن جي تعلق سان اجتماعي ملڪيت سڀني ماڻهن جي لاءِ مساوي رتبي جو بنياد فراهم ڪري ٿي ۽ ڪو بہ شخص ٻئي جي محنت جو استحصال ڪري زنده نہ ٿو رهي پر اشتراکيت ورچ جي ميدان ۾ مساوات عطا نہ ٿي ڪري ۽ نہ وري ڪري سگهي ٿي تنهن ڪري نالي ماتر مساوات جا عناصر باقي رهن ٿا.

پرولتاري انقلاب سان انقلاب جو استحصالي نظام ختي وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ نئون اشتراکي ضابطو والاري ٿو. انقلابي قانون وغيرهہ. تنهن ڪري هتي ان ڳالهہ تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ عبوري دور ۾ اشتراکيت جي عهد ۾ قانوني تصورن جو ڪردار گهٽجندو ڪونهي بلڪ ڪيفيتي لحاظ کان مختلف ٿي وڃي ٿو.

لينن زور ڏنو آهي تہ: مزدور کي جيڪو رياست جي ذريعي سماج جي رهنمائي ڪري ٿو قانون جي ضرورت آهي ڇو تہ "مرضي جيڪڏهن اها رياست جي مرضي آهي تہ ان جو اظهار رياست جي قائم ٿيل قانون ۾ ٿيڻ گهرجي نہ تہ لفظ "مرضي" ڪوڪلو هوندو.

اشتراکي قانون پرولتاري قانون جي تصورن جي مجسم صورت آهي جيڪا پرولتاري پارٽي جي قيادت ۾ انقلاب جي دوران ۽ پوءِ بہ اشتراکيت جي خاطر عوام جي جدوجهد ۾ نشو و نما ماڻي ٿو. سوويت يونين جو آئين فقري 126 هيٺ پارٽي جو رهنمائي وارو ڪردار قانوني طور

تي تسليم ڪري ٿو.

اشتراڪي قانوني تصور اشتراڪي ضابطي جي روشني ۾ ماڻهن جي عمل جو جائزو وٺن ٿا. سوويت قانونن جي توانائي جو راز ان ۾ آهي ته انهن کي عوام جي حمايت حاصل آهي. اهوئي سبب آهي جو سيني شهرين کي عدل اشتراڪي تصورن جي روح ۾ پروان چاڙهڻ اشتراڪي سماج کي مستحڪم رکڻ ۾ ان کي ترقي ونڊائڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي.

پر تاريخ جو تجربو ۽ خاص ڪري سوويت يونين ۾ نئين سماج جي تعمير جو تجربو ٻڌائي ٿو. ته انساني تعلقات کي ضبط ۾ آڻڻ جي لاءِ قانوني تصور ۽ قانون جو استعمال چاهي ڪيترو به اهم هجي پر صرف ڪافي ناهي هوندو. آخر انسان جي لاءِ اها هڪ باهرين شيءِ آهي جنهن کي سماج ۽ رياست ان تي عائد ڪندي آهي. اهوئي سبب آهي جو سڄي انساني تاريخ ۾ اخلاق جيڪو سماجي شعور جي هڪ خاص شڪل آهي، انساني تعلقات کي ضبط ۾ رکڻ واري عنصر وانگر ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ اڄ جڏهن سماج ڪميونزم ڏانهن پيش قدمي ڪري رهيو آهي ته ان جي اهميت اڃا به گهٽ وڌي وئي آهي.

اخلاق سماجي شعور جي هڪ مُعَيَنُ شڪل آهي جيڪو انساني لاڳاپن جي عڪاسي انهن درجن ۾ ڪري ٿو. نيڪي ۽ بدي، انصاف ۽ ناانصافي، ايمانداري ۽ بي ايماني وغيره سماج يا طبقو انسان جي اڇيان روزمره جي زندگيءَ ۾ جيڪي مطالبا پيش ڪري ٿو اخلاق انهن کي روين جي اخلاقي نصب العين، اصولن، قائدن جي صورت ۾ اُستوار ڪري ٿو. اهي خارجي مطالبا اخلاقي شعور ۾ ٻين ماڻهن، خاندان خود پنهنجي ۽ ٻين طبقن پنهنجي ملڪ ۽ رياست جي تعلق سان اخلاقي فرضن وانگر عڪاسي ڪن ٿا. انهن اخلاقي فرضن جي نمايان خوصيت اها آهي ته اها براهه راست اهڙي شيءِ نظر نه ٿا اچن جن کي باهر کان عائد ڪيو ويو هجي بلڪ اهڙي شيءِ معلوم ٿين ٿا جن جو سرچشمو خود فرد يا اندروني عقيدا آهن پر ان جو اهو مطلب نه سمجهڻ گهرجي ته اخلاقي شعور يا احساس هجي ٿو. اخلاقي اصول تعليم سان ۽ مُعَيَنُ سماج ۾ موجود روايتن، رسمن ۽ عادتن جي جذب ڪرڻ سان انسان جا "اندروني عقيدا" بنجن ٿا.

ضمير نالو آهي اخلاقي شعور ۾ فرد جي عقيدن جي مطابق عمل ڪرڻ جي اندروني ترغيب جو.

تنهن ڪري سماج جو اخلاقي شعور فرد جي اعمال جو سماجي جائزو هجي ٿو يعني انهن جي سماجي اهميت جو جائزو جيئن ته فرد ان کي قبول ڪري ٿو تنهن ڪري ان جي افعال جو اندروني جائزو هجي ٿو جنهن جي تقاضا هو خود پنهنجو پاڻ کان ڪري ٿو. لهٰذا ضمير انسان جي سماجي فطرت جو نالو آهي.

انساني سرگرمي ۾ اخلاقي عنصر هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. بيشڪ انساني سرگرمي کي موجود سماجي حالتون مُعَيَنُ ڪن ٿا پر جيئن ته انسان باشعور هستي آهي تنهن ڪري هو مُعَيَنُ حالتن ۾ پنهنجي مرضيءَ جي مطابق عمل ڪرڻ جي لاءِ آزاد آهي. ان سلسلي ۾ طرز عمل اختيار ڪرڻ ۾ داخلي عنصر يعني انسان جي انفراديت جو وڏو هٿ هجي ٿو. انسان جي مرضي ۾ پسند نسبتاً آزاد هوندا آهن ۽ پنهنجي حالتن جي حدن ۾ هو هڪ عمل ڪري نيڪي جي لاءِ يا بَدي جي واسطي ان سوال تي لينن لکيو آهي ته: "جبريت جو تصور جنهن جي دعوا آهي ته انساني اعمال لازمي آهن ۽ جيڪو آزاد مرضيءَ جي ڪِل جهڙي انساني ندگي رد ڪري ٿو جنهن صورت ۾ انسان جو عقل يا ضمير يا پنهنجي اعمال جي جائزي کان انڪارنه ٿو ڪري ان جي بلڪل برعڪس صرف چيز جو خيال هر چيز کي جنهن کي اوهان چاهيو آزاد مرضيءَ سان منسوب ڪرڻ جي بجاءِ باضابطه صحيح اندازو ممڪن بنائي ٿو."

فرد جي لاءِ مخصوص اخلاقي معيار ڪري سماج يا طبقو عوام جي ذريعي ان جي حمايت ڪرائي ٿو. قانون جي پيٺ ۾ اخلاق جي هڪ امتيازي خصوصيت هيءَ آهي ته ان جا اصول ۽ قائدا عام طور تي تحريري نه هوندا آهن ۽ ماڻهن جي اخلاقي جي نگراني جي لاءِ ڪي مخصوص ادارا قائم ڪونه ٿا ڪيا وڃن. جيڪي ماڻهو اخلاقي اصولن کي ٽوڙين ٿا عوام جي راءِ انهن جي مذمت ڪري ٿي. ان مذمت جي شدت جو انحصار صرف اخلاقي جائزي جي اهميت تي ئي ڪونهي بلڪ ان حقيقت تي به هجي ٿو ته عملي طور تي گڏٿي مُعَيَنُ اقدام ڪيو وڃي ٿو. هڪ فرد جيڪو قبائلي

اخلاق جي بريءَ طرح خلاف ورزي ڪري ٿو قبيلي مان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. جڏهن ڪو اميرزادو مروج ضابطہ اخلاق کي ٽڪرائيندو هو تہ امير نہ صرف ان جي ملامت ڪندا هئا پر ان کي پنهنجي ذات برادريءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيندا هئا.

تنهن ڪري معاشرو اخلاق پيدا ڪري ٿو ۽ ان جو بچاء بہ ڪري ٿو. هي سائنسي قول اخلاق جي متعلق تاريخي مادیت جي رويي ۽ اخلاق جي باري ۾ مذهبي ۽ تصوريت پرست نظرين جي درميان فرق کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. مذهب ان تي اصرار ڪري ٿو تہ اخلاق جو سرچشمو تقديس آهي ۽ اها خالق جي مرضيءَ جي عڪاسي آهي. ان ڪري انسان جو فرض آهي تہ اهو خدائي سزا جي خوف کان اخلاق جي اصولن تي عمل ڪري. ڪليسا انسانن کي اها تلقين ڪري ٿي تہ مذهب، خوف خدا کانسواءِ اخلاق ٿي ئي نہ ٿو سگهي ۽ جيڪي ماڻهو مذهب جي مخالفت ڪن ٿا اهي اخلاق جي بنياد ۽ منبع کي تباهہ ڪري ڇڏين ٿا.

تصوريت پرست اخلاقيات جو سرچشمو شعور آهي چاهي انساني هجي يا فوق الانسان هي بنيادي طور تي اخلاق جي مذهبي جواز کي فلسفيانہ صورت ۾ پيش ڪري ٿي. مثال طور: ڪانٽ جو خيال هو تہ اخلاق تصورن کي ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ جڻ ان جي ابتدا مادي زندگي مان ٿي هجي هن جي راءِ ۾ هڪ غير ادراڪي ماورائي دنيا انساني عقل تي اخلاق عائد ڪيو جنهن جو وجود انسان اعتقاد جي ذريعي قبول ڪري ٿو. ڪانٽ مطابق انسان ان وقت اخلاق تي ڪاربند هجي ٿو جڏهن ان جي مرضيءَ کي اهڙو ابدي، غير متغير ۽ عالمگير قانون مُعَيَنُ ٿو ڪري جيڪو مافوق تجربي ڪائنات جي ضرورتن جو.

مارڪس ڪان تمام گهڻو اڳي اخلاق جي گرجائي جواز جي خلاف جدوجهد شروع ٿي وئي هئي. اپيڪورس، لڪرتيس، اسپوزا هول باخ، فائرباخ چرني شيفسڪي ۽ ڪيترن ٻين مادیت پسندن اهو دليل پيش ڪيو تہ اخلاق جو سرچشمو خالق جو خوف يا مافوق تجربي ڪائنات ڪونهي بلڪ خود انسان ان جي مادي فطرت آهي. انهن جو چوڻ هو تہ ملحدن جو سماج معتقدين سماج کان وڌيڪ بااخلاق ٿي سگهي ٿو. توڙي

جو انهن فلسفين هن ميدان ۾ رهڻو ڪجهه ڪيو ليڪن اهي اخلاق جي سماجي جڙن جو پتو نه لڳائي سگهيا ۽ نه وري اخلاقيات کي تصوريت پرستيءَ کان نجات ڏياري سگهيا.

مارڪسزم اهو ثابت ڪيو ته اخلاقيات نه ئي سماج تي باهران عائد ڪيو ويو آهي ۽ نه انسان جي ماورا ۽ تاريخي فطرت جي پيداوار آهي. مارڪسزم اهو مسلم ڪرائي چڪو آهي ته سماج، سماجي مفاد اخلاق جا منبع آهن جيئن ته سماج جي ڄاڻچي ۽ ان جي مفادن کي معاشي نظام مُعَيَنُ ڪري ٿو ان ڪري بنيادي طور تي اخلاق جي ماخذ جي ثابت قدم مادیت پسند تصور مان هڪ ٻيو اهم نتيجو حاصل ٿئي ٿو: سماج جي ارتقا سان گڏوگڏ ان جي معاشي ڄاڻچي ۾ تبديليون ٿين ٿيون. اخلاق تاريخي مظهر به آهي ۽ تُز به اخلاق مجرد، ناقابل تغير ابدي ۽ ماوراءِ تاريخ ڪونهي هر طبقاتي سماج ۾ اخلاق جو ڪردار طبقاتي هوندو آهي ۽ حڪمران طبقي جو اخلاق غالب پر جڏهن سماج ترقي ڪري ٿو ته انساني رويي جا بنيادي اصول مرتب ٿين تا ۽ انهن کي مختلف قومن ۽ طبقن جي اخلاقي ضابطن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو اصول ڪنهن هڪ مُعَيَنُ طبقي جي مخصوص مفادن يا حالتن جو اظهار نه ٿو ڪري بلڪ مختلف انساني اجتماعن جي اخلاق جي عام پهلوئن جي عڪاسي ڪن تا. انهن پهلوئن جي تشريح انهن عام خصوصيتن سان ڪئي وڃي ٿي جيڪي انساني هيئيت اجتماعي کي حيوانن جي ڏاڍ کان ممتاز ڪن تا. اها انساني تعلقات جي ثقافتي خصوصيتن جي جڙ قلم بندي آهي جن کي لينن سماجي زندگيءَ جو بنيادي شرط چيو آهي. ليڪن عالمگير انساني اخلاق جي انهن عناصرن کي تاريخ کان الڳ نه سمجهڻ گهرجي ڇو ته اهي تاريخ ارتقا جي پيداوار آهن.

اخلاقي شعور سماجي پيداوار آهي ۽ ان ئي بنياد تي مجموعي طور تي اخلاق جو مطالعو هڪ مخصوص سماجي مظهر وانگر ڪري سگهجي ٿو. توڙي جو حقيقت ۾ ان جو وجود مُعَيَنُ اخلاق وانگر تُز تاريخي اصلاحات ۾ هجي ٿو.

مارڪسزم ۽ لينن ازم جي مجڙ وارا اهو تسليم نه ٿا ڪن ته اخلاقي قائدا ۽ اصول دائمي ۽ ناقابل تغير آهن. پر اهي بي انتها يعني

اخلاقي اضافيت کي به قبول نه ٿا ڪن جيڪا داخليت ۽ انساني رويي کي پنهنجي مرضيءَ جي تعليم ڏئي ٿي ۽ اخلاقي ۽ بداخلاقي ۾ ڪا تميز نه ٿي ڪري. اخلاقي اضافيت دراصل ۾ اخلاقي تخمني جي اضافي نوعيت مان فائدو وٺي اخلاقي اصول جي تغير کي مطلق بڻائي ڇڏي ٿي ۽ ان ئي بنياد تي انساني عملن جي خارجي معيار کان انڪار ڪري ٿي.

مارڪسي اخلاق اصولن جو تغير ان روشني ۾ ڏسي ٿو ته اهو بدلجندڙ تاريخي حالتن تي منحصر هجڻ جي شهادت آهي. اهوئي سبب آهي جو مارڪسزم مختلف دورن ۾ مختلف طبقن جي ماڻهن جي رويي جي اخلاق ۽ اخلاقي جانچ ڏانهن تز تاريخي نقطئه نظر جو مطالبو ڪري ٿو.

سماجي شعور جي هڪ اهڙي شڪل جي حيثيت سان جيڪو معاشي تعلقات جو اظهار ڪري ٿو. اخلاق نظرئي وانگر ڏيڪ ڏئي ٿو. يعني ان بالائي ڍانچي جو هڪ عنصر جنهن کي بنياد پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪو ان جي خدمت ڪري ٿو. گڏ ئي اخلاقي شعور سماجي تعلقات جي ادراڪ جي هڪ شڪل به آهي. اخلاق انساني تعلقات جي تجربي جو خلاصو بيان ڪري ٿو ۽ ان کي ڪُلي بڻائي ٿو ۽ جيڪو انساني رويي جي مقرر ڪيل اصولن ۽ معيارن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اخلاق ۾ خارجي طور تي صحيح ادراڪي عنصر شامل هجي ٿو. اخلاقي جو اهوئي خارجي طور تي صحيح مافيها آهي جنهن جا عوام الناس، تاريخ جا خالق هجن ٿا ۽ اهوئي اخلاق جي تاريخي ارتقا جي دوران وهم ۾ آندو وڃي ٿو ۽ محفوظ رکيو وڃي ٿو. وڌيڪ اهو ته اخلاق جو ادراڪي پهلو تز تاريخي حالتن ۾ مقرر ڪيل انساني سماج جي زندگيءَ جي تُز تجربي کي گڏ ڪرڻ ۽ قلم بند ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ان تجربي جي اهميت عارضي هجي ٿي. ليڪن ان جي باوجود اهو موجود سماجي لاڳاپن جي ادراڪ جو هڪ عنصر هجي ٿو.

ارتقا ۽ انسان جي موجوده سطح تي وڌي پئماني تي حقيقي انساني اخلاق قبول ڪيو پيو وڃي. اهو اخلاق جنهن جو مستقبل آهي، ڪميونسٽ اخلاق آهي جيڪو آزاد انسان جي اجتماعي حيثيت جي آزاد انسانن جي درميان رشتا ضبط ۾ آڻي ٿو.

توڙي جو حقيقت جو انڪاس جي شڪلين جي حيثيت سان

سياسي قانوني ۽ اخلاقي شعور جو مُعَيَنُ علم ضرور فراهم ڪن ٿا پر اسين ڏسون ٿا تہ اهي سماج کي علم ڏيڻ جي لاءِ بلڪل ظهور ۾ ڪونہ ٿا اچن. انهن جي سماجي ذميواري مختلف هجي ٿي، اهي انساني رشتن کي ضبط ۾ آڻين ٿا. سائنس سماجي شعور جي هڪ خاص شڪل جي حيثيت سان سماجي ارتقا جي دوران علم گڏ ڪرڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪري ٿي.

سائنس حقيقت جي باقاعدي ادراڪ جي هڪ شڪل آهي جيڪا سماجي تاريخي عمل جي بنياد تي ظهور ۾ اچي ٿي ۽ ترقي ڪري ٿي ۽ جيڪو تصورن ۽ قانونن جي مجرد صورتن ۾ خارجي دنيا جي قانونن ۽ بنيادي پهلوئن جي عڪاسي ڪري ٿي ليڪن سائنس بس علم تي ڪونهي جنهن کي تجربي جي ذريعي حاصل ۽ ثابت ڪيو وڃي ٿو. اها سرگرمي بہ هجي ٿي جنهن جو مقصد نئين علم جو حصول هجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ان جي حدن ۾ تجربا، علم حاصل ڪرڻ جا مختلف ذريعا مثلاً باريڪ هٿيار اوزار وغيره ۽ سائنسي علم جي متعلق سرگرمي يعني سائنسي تجربا شامل هجن ٿا. اسان کي هميشہ سائنس ۾ مطالعي هيٺ مظهر جي مغز جي باري ۾ خاڪا ۽ مفروضا ملن ٿا، اهو سائنس ۾ هڪ قسم جو اهڙو اُبرندڙ تَهہ آهي جيڪو مسلسل تازي تازي حاصلات ۽ انڪشاف فراهم ڪندو رهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سائنس هڪ گهٽي پيچيده سماجي مظهر آهي. اڄ هي سماجي زندگيءَ جو پورو حلقو ۽ ان سرگرمي جي هڪ خاص شڪل آهي جنهن ۾ ماڻهن جو وڏو تعداد مصروف آهي. جڏهن اسين سائنس تي سماجي شعور جي هڪ شڪل وانگر بحث ڪريون ٿا تہ صرف هڪ پهلو وٺون ٿا جيڪو سيني کان اهم آهي: يعني سائنس سماجي انسان جي شعور ۾ حقيقت جي پرتوي جي هڪ اهڙي شڪل آهي، حقيقت جي باقائدي ادراڪ جي هڪ شڪل.

دنيا ۽ خود انسان سائنسي ادراڪ جو عالمگير موضوع آهي تنهن ڪري دنيا جو تُنوع تز سائنسن جي گوناگونيءَ جي وضاحت ڪري ٿو. انهن شاخن جي جن ۾ سائنس ورهايل آهي پر اهي اصلي بنياد جنهن تي اهي پيدا ٿين ۽ پروان چڙهن ٿا بذات خود دنيا نہ بلڪ انسان جي هٿان ان جي تبديلي جو عمل آهي. سائنسون جيڪي عمل جي بنياد تي پيدا ٿين ٿيون

انهن جو مقصد انهن جي خدمت ڪرڻ، انهن کي بهتر بنائڻ ۽ ترقي ڏيڻ آهي. سچي سائنس جو هميشہ عمل سان تعلق هجي ٿو ليڪن ان ڪڙي کي ڪا معمولي چيز نہ سمجهڻ گهرجي هتي نُڪتو اهو آهي تہ سائنس پيداوار جي لاڳاپي کان اضافي طور تي آزاد آهي ۽ ان جي ارتقا جي خود پنهنجي اندروني منطق هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو جيتوڻيڪ گهڻين عظيم ترين سائنسي دريافتن (ايٽمي طبيعيات جي دريافتن وانگر) جي لاءِ پيداوار جي ارتقا جي زمين هموار ڪئي ليڪن حقيقت ۾ اهي پيداوار جي اصلي ضرورتن کان آزاد ٿي ڪيون ويون. وري پوءِ انسانن انهن کوجنائن کي عمل ۾ آڻڻ جا امڪان ڪيڏيا. علم ۾ هر نئين پيش قدمي نوان مسئلا کڙا ڪري ٿي ۽ سائنس جو ڪم انهن کي حل ڪرڻ آهي. ان جو مطلب هي ب آهي تہ سائنس باضابطہ تسلسل قائم رکي تہ جيئن انسان جيڪو خارجي علم حاصل ڪري ٿو سو سماج جي ملڪيت بڻجي وڃي، اهڙو علم جنهن کي سماج ردنہ ڪري بلڪ سائنسي ادراڪ جي وڌيڪ واڌ ويجهہ جي لاءِ پنهنجي عمل ۾ ان کي ڪم ۾ آڻي.

پيداوار جي ٽيڪنڪ کي ترقي ڏيڻ ۾ انسانيت جيڪا زبردست پيشقدمي ڪئي آهي ۽ سماجي تبديليءَ جي ميدان ۾ انهن قومن جي پيشقدمي ب جن اشتراڪيت جو رستو اختيار ڪيو آهي سائنس جي نشو و نما کان الڳ نہ ٿي ڪري سگهجي جيڪا اسان جي دور جي عظيم ترين سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي عهد ۾ سماجي پيداوار جي هڪ زبردست قوت بڻجي وئي آهي. جديد سائنس سماجي ترقيءَ ۾ زبردست ۽ وڏيل ڪردار ادا ڪري ٿي. اڄ ڏينهون ڏينهن ماڻهن جو تعداد مخصوص سائنسي مسئلن سان دلچسپي وٺي رهيو آهي. طبعي سائنسن کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ هاڻي اهڙا ننڍا ننڍا تجربيگاهہ ڪافي ناهن جيڪي هڙاڻو ناهيل شين سان ليس هجن. انهن جي لاءِ وسيع صنعتي بنياد، وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن ۽ ڪروڙين روپيرن جي ضرورت آهي. سائنس پنهنجي پوري توانائي سان زندگي جي هر شعبي ۾ داخل ٿي رهي آهي، ترقيءَ جي رفتار تيز ڪري رهي آهي ۽ انسانيت جي مادي ۽ روحاني نشو و نما جي لاءِ نون ۽ بينظير امڪانن جا شاهراهہ کولي رهي آهي.

چوويهين ڪانگريس ۾ تقرير ڪندي ليونڊ برزنيف چيو ته:
"امڪان اهي آهن ته سائنس ۽ ان جي ڪوجنائن پيداواري قوتن جي ترقي ۾ جيڪو انقلاب برپا ڪيو آهي سو ڏينهون ڏنيهن اهم ۽ گهرو ٿيندو پيو وڃي، رفيقو جيڪا ذميواري اسان جي آڏو آهي سا تاريخي اهميت جي حامل آهي: سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب حاصلات کي اشتراکي معاشي نظام کي برترين سان ترڪيبي اعتبار کان هم آهنگ ڪرڻ، سائنس کي پيداوار سان هم آهنگ ڪرڻ جي اسان جي پنهنجي اڻ ڇج طور تي اشتراکي صورتون معلوم ڪرڻ."

پر دنيا ۾ رحمت پرستيءَ جون اهڙيون تاريڪ قوتون به موجود آهن جيڪي جديد سائنس جي عظيم حاصلات کان عوام جي مفاد جي خلاف، انسان جي تخليق ڪيل مادي قدرن کي تباهه ڪرڻ ۽ خود انسانن کي صفحه هستي تان ميسارڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرن ٿيون سائنسي حاصلات جي استعمال جو مسئلو اهڙو مسئلو آهي جنهن سماج ۽ انسانيت جي مستقبل جي لاءِ وڏي اهميت اختيار ڪري ورتي آهي. اشتراکيت جي خاطر جدوجهد سائنس جي لاءِ به جدوجهد آهي. اها جدوجهد آهي انساني با ڪمال ذهنن جي عظيم حاصلات کي شِر جو ذريعو بڻجڻ کان روڪڻ جي، انسانن جي مفاد ۾ انهن کي استعمال ڪرڻ جي، ترقي ۽ انسانيت جي خوشحاليءَ جي مقصد جي.

اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته بورجوازي جيئن ته پيداوار جو نگران هجي ٿو تنهن ڪري ان کي سائنس جي ضرورت آهي. هو طبعي ۽ ٽيڪنيڪي سائنس جي ترقيءَ جون حالتون پيدا ڪري ٿوپر سائنس کي پنهنجو اجارو بنائي ڇڏي ٿو ۽ ان کي منافعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ هٿيار طور استعمال ڪري ٿو. سرمائيدار ملڪن ۾ سائنس کي جنگي ضرورتن تحت آڻڻ ۽ ان جو انسانن ۽ مادي قدرن جي تباهي جا طاقتور ذريعا پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪم ۾ آڻڻ سائنس جو بيجا استعمال آهي. ان جي ذميداري سرمائيداري تي عائد ٿئي ٿي. سائنس پنهنجي فطرت جي لحاظ کان ئي هڪ تخليقي قوت آهي.

سائنس جي ترقيءَ جون سماجي حالتون اشتراکي ملڪن ۾

بنيادي طور تي مختلف آهن، اشتراکيت سائنس کي ماڻهن جي خدمت جي لاءِ ڪتب آڻي ٿي ۽ اها ان کي سماجي ترقي عام تعليم جي وڏي پيماني تي نشو و نما ۽ ماڻهن جو سماجي معيار بلند ڪرڻ ۾ استعمال ڪري ٿي. معيشت جي منصوبہ بندي ۽ باهمي رابطي سائنسي ماريتي نظريہ حيات جو غلبو. اهي سيئي عناصر اشتراکي نظام ۾ سائنس جي تيز رفتار ترقي جي لاءِ موزون حالتون پيدا ڪن ٿا. اشتراکيت ۾ طبعي ۽ سماجي سائنسون ٻئي عوام جي خدمت ڪن ٿيون ۽ فطرت کي بدلائڻ، سماج جي زندگي ۽ ارتقا جي رهبري ڪرڻ ۽ خود انسان جي گهڙ رخي واڌ ويجهہ ، ان جون جسماني ۽ روحاني صلاحيتون وڌائڻ جي لاءِ بي مثال پيماني تي استعمال ڪيون وڃن ٿيون.

لينن لکيو آهي تہ: "پراڻي زماني ۾ غير معمولي ذهين انسان، انساني ذهن جيڪو پيدا ڪندو هو ان مان ٽيڪنالوجي ۽ ثقافت جا فائدا صرف چند ماڻهن کي حاصل ٿيندا هئا ۽ ٻيا تعليم ۽ ترقيءَ جهڙين اهم ترين ضرورتن کان محروم رهندا هئا. هينئر سائنس جي سيني معجزن ۽ ثقافت جي سموري حاصلات جو مالڪ پوري قوم آهي ۽ انساني ذهن ۽ غير معمولي ذهين انسان هاڻي ڪڏهن بہ ظلم ۽ استحصال جي لاءِ استعمال نہ ڪيا ويندا."

خارجي سائنسي علم جي مقابلي ۾ عقيدو تاريخي ارتقا جي دوران حقيقت جي خيالي ۽ بگڙيل عڪس وانگر ظهور ۾ آيو ۽ سائنس جي عظيم پيش قدميءَ جي باوجود اهو ايڏا بہ بدستور موجود آهي.

مذهب جو جوهر سمجهڻ جي لاءِ اهو واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ اهو ڇو ايريو سماج جي زندگي ۽ ارتقا ۾ اهو ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو.

عقيدو "رباني وحي" جو پاسبان ڪونهي ۽ نہ ڪنهن مخصوص مافوق الفطرت دنيا جو عڪس آهي. شعور جي ٻين صورتن وانگر مذهب سماجي انسان جي شعور ۾ حقيقت جو اولڙو آهي ۽ اها دنيا جي پيداوار آهي نہ آسمان جي. عقيدو ڪنهن بہ معنيٰ ۾ انسان لاءِ طبعي ڪونهي. انسان ۾ ڪڏهن جبلي عقيدن شعور يا عقائدي جذبو ڪونہ ڏنو ويو. ڪي

گذريل قديم تاريخ جي هڪ فرانسيسي عالم گابريل دي مورنيلي ثابت ڪيو هو تہ قديم هجري دور جون ابتدائي منزلون مذهبي عناصر کان بلڪل آزاد هيون. ان کان پوءِ سڄي دنيا جي عالمن اهڙيون ڪيئي تازيون حقيقتون جمع ڪيون آهن جيڪي ان حقيقت جي تائيد ڪن ٿيون.

عقيدو ان وقت ظهور ۾ آيو جڏهن توڙي جو انسان پنهنجي محنت جي ذريعي فطرت کان جدا ٿي ويو هو پر ايجا بہ مجموعي طور تي ان جو لڳ پڳ پورو دارومدار فطرت جي عنصري قوتن تي هو.

عقيدو پيداواري قوتن جي ارتقا جي هيٺين منزل تي اپريو آهي. ان جي ابتدا ڪنهن بہ منزل تي نہ ٿي ٿي سگهي ان ۾ انتهائي هيٺيون منزلون بہ شامل آهن. هتي اهم نقطو هي آهي تہ هر مُعَيَنُ دور ۾ ۾ پيداوار جي ارتقا جي سطح نہ صرف اهو ٻڌائي ٿي تہ انسان فطرت تي ڪيتري حد تائين غالب آهي بلڪ ان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ان جو فطرت تي انحصار ڪيترو آهي. مارڪس ان سلسلي ۾ لکيو تہ: ٽيڪنالوجي فطرت سان گڏ انسان جي عمل جو ۽ طريقہ پيداوار جو عمل ظاهر ڪري ٿو جنهن سان هو پنهنجي زندگي برقرار رکي ٿو. اهڙيءَ طرح ان جي سماج تعلقات جي تشڪيل جو طريقو ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ذهني تصورات جو اظهار ٿئي ٿو. مذهب جي هر تاريخ اها بہ جيڪا هن مادي دنيا کي پيش نظر نہ ٿي رکي غير تنقيدي آهي." تنهن ڪري آرگينسي سالرتري جي عهد ۾ پيداوار جي سطح جيڪڏهن هڪ طرف اها نشاندهي ڪري ٿي تہ انسان حيواني حالت مان بلند ٿي ويو هو تہ ٻئي طرف اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ ان جو دارومدار ايجا بہ زياده تر بيروني فطرت جي عنصري قوتن تي هو جن سان هو منهن ڏيئي رهيو هو.

مذهب انهن ٻاهرين قوتن جي انسانن جي دماغ ۾ خيالي عڪس کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي جيڪي ان جي روزمرهہ جي زندگيءَ جي پنهنجي قابو ۾ رکندا آهن. اهڙو عڪس جنهن ۾ زميني قوتون مافوق الفطرت قوتن جي شڪل اختيار ڪري وٺن ٿيون.

ابتدا ۾ انسان "غير زميني" قوتن کي فطرت کان الڳ نہ ڪندو هو. هو قدرتي مظهرن کي خاص ڪري انهن کي جيڪي ان جي زندگيءَ ۾ اهميت رکندا هئا مفت عطا ڪندو هو. پر اسرار ليڪن عنصري قوتون جن

کي انسان سمجهي نه سگهندو هوءِ جن جي اڳيان هو بيوس هو سي هن جي تخيل ۾ نيڪيءِ بديءَ جا روح ديوتا، ملائڪ وغيره بنجي ايندا هئا.

تضاد رکڻ وارين تشڪيلن ۾ فطرت جي عنصري قوتن تي انسان جو دارومدار خاص طور تي زراعت ۾ وڏيءَ حد تائين باقي رهي ٿو. ليڪن هاڻي عقيدي جو خاص سرچشمو انسان تي سماجي ارتقا جي عنصري قوتن جو غلبو آهي.

مذهب انسان جي رويي ۽ سرگرميءَ کي سماج، اجتماع، خاندان وغيره جي اندر باضابطه بڻائي ٿو. ۽ ان جي وسيلي فرمان، ممانعتون احڪام، ضابطا وغيره هجن ٿا، جيڪي ديوتا جي طرفان پهچن ٿا. تنهن ڪري انهن کي مقدس سمجهيو ويندو آهي.

انساني سرگرميءَ جي مذهبي ضابطي جي هن نظام کي استحصال ڪرڻ وارا طبقا پنهنجو تسلط جمائي رکڻ جي لاءِ استعمال ڪن ٿا.

لهٰذا عقيدو اهڙين سماجي حالتن جي پيداوار آهي جڏهن انسانن تي غير فطري يا سماجي قوتون مسلط ٿين ٿيون جيڪي ان جي شعور ۾ غير زميني ۽ ماڻهن جو عقيدو هجي ٿو ۽ اهي ان جي پوڄا ڪن ٿا. ايمان انهن قوتن سان "مقدس" رابطو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ان جو سرچشمو سماجي نظام ۾ انساني سرگرمي کي "مقدس صورتن" جي ذريعي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي.

صرف ڪميونسٽ تشڪيل ۾، جتي انسان سماجي ارتقا جي عنصري قوتن جي تسلط کان نجات حاصل ڪري ونڊ ٿا اهڙيون حالتون نه هوندیون آهن جيڪي مذهبي تصور پيدا ڪري سگهن.

سوويت ڪميونسٽ پارٽي مذهبي خيالياتڏانهن نه غير جانبدارانه رويو اختيار ڪري ٿي ۽ نه ان کان لا تعلق رهي سگهي ٿي چو ته اها پنهنجي نظرئي جي لحاظ کان لامذهبي آهي.

ماضيءَ ۾ عظيم ماديت پسندن مذهب جي خلاف پنهنجي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪيئي مجاهدانه ۽ عظيم الشان تخليقات ڪيون. ليڪن جيئن ته انهن جو تاريخ جو نقطئه نظر تصوريت پرستانه هو تنهن ڪري اهي مذهب جي سماجي جڙ تائين پهچي سگهيا ۽ نه ان تي عبور

حاصل ڪرڻ جا رستا ڏيکاري سگھيا.

جدلياتي مادیت جنهن قديم مادیت جون خاميون مٽائي ڇڏيو آهن عقيدي جي خلاف پنهنجي جدوجهد سائنسي بنيادن تي ڪري ٿي. جيئن ته عقيدي جون جڙون سماجي آهن ۽ جيئن ته اهڙيون مادي حالتون جن ۾ ماڻهو رهن ٿا ۽ جيڪي سماجي طور تي انهن کي خوار ۽ ذليل ڪن ٿا، سي عقيدي کي پيدا ڪندا ۽ قائم رکندا آهن ان لاءِ عقيدي تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين ضروري آهي ه اهي اسباب ختم ڪيا وڃن جيڪي ان کي جنم ڏين ٿا، يعني سرمائيداريءَ کي ختم ڪيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو مارڪس ازم جي مجرڻ وارا عقيدي ڏانهن رويي جي سوال کي سرمائيداري جي خلاف طبقاتي جدوجهد جي عمل جي تعلق سان ڏين ٿا. مارڪسي، لينني پارٽيون اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي جدوجهد ۾ سڀني پورهيت انهن نظريہ حيات ۽ مذهبي عقيدن کان بالاتر ٿي متحد ڪرڻ گهرن ٿيون. اهي مطالبو ڪن ٿيون ته ڪليسا کي رياست کان اڳ ڪيو وڃي. اهي مذهبي بنياد تي ماڻهن کا اهنج رسائڻ ۽ مذهب جي بنياد تي شهرن جي درجہ بندي ڪرڻ جي خلاف آهن. ان تي اختلاف جي مقابلي ۾ ته آسمان ۾ ديوي ديوتا آهن يا نہ اهي هو ڪره ارض تي خوشي جي جدوجهد ۾ پورهيت جو اتحاد زياده اهم آهي. امن جي تحفظ جي لاءِ جيڪي عام جمهوري تحريڪون هلندڙ آهن تن ۾ مذهبي ۽ سياسي عقيدن جو لحاظ ڪرڻ جي بغير عوام الناس حصو وٺي رهيا آهن انهن مذهبي ماڻهو ايتري تائين جو ڪي روشن خيال مذهبي رهنما بہ شامل آهن.

فن جو جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي سماجي زندگيءَ جي هڪ خاص حلقي سان تعلق آهي. اهو آهي حقيقت کي جمالياتي ۽ عملي طور تي جذب ڪرڻ جو حلقو پر هي اهڙو حلقو ڪونهي جيڪو صرف ٻين حلقن سان گڏ گڏ موجود آهي. حقيقت جي متعلق انسان جو جمالياتي رويو هر قسم جي انساني سرگرمي تي ۽ انساني لاڳاپن جي گوناگوني تي چائنجي وڃي ٿو. ان حلقي کي اسين صرف تجربي جي ذريعي ئي الڳ ڪري سگھون ٿا. انسان صرف سائنس جي قانون جي مطابق ئي تخليق نہ ٿو ڪري بلڪ تخليق ۾ "حسن جا قانون" ان جو هٿ بہ هجي ٿو. انسان جي

محنت جي اوزارن کي وڻيا گهريلو شين کي يا انساني تعلقات کي سينڀ ۾ جمالياتي عنصر پنهنجو جلوو ڏيکاري ٿو. هتي اها ڳالهه ذهن نشين ڪئي وڃي ته تخليق ۾ جمالياتي عنصر خاص ڪونهي بلڪ ٻين عناصرن مان هڪ هجي ٿو. مثال جي طور تي لباس کي خوبصورت سينو گهرجي پر ان کان اهم هي آهي ته اهو موسم جي مطابق هجي ۽ پائڻ ۾ آرام ڏهي، هتي جمالياتي ضرورت افاديت جي تابع ٿي وڃي ٿي.

جيتوڻيڪ جماليات جو حلقو انتهائي وسيع آهي ليڪن صرف فنون لطيف، ادب، موسيقي مصوري وغيره ۾ جمالياتي عنصر آزاد هجي ٿو ۽ ان جي حيثيت ماتحت واري هوندي آهي.

فنون جو مقصد سماجي شعور جي هڪ شڪل ۽ خاص قسم جي انساني سرگرمي جي حيثيت سان، حقيقت سان انسان جو جمالياتي رويو قائم ڪرڻ ۽ سماج جي جمالياتي عملن کي ترقي وٺرائڻ ۽ انهن کي درج ڪرڻ آهي. شعور کي ان صورت ۾ مخصوص ڪردار ان ڪري آهي جو اهو حقيقت جو اولڙو ۽ ان جو نقل فني شبيهن ۾ ڪندي آهي. حقيقت مان اسان جي مراد هر اها شيءَ آهي جيڪا انسان جي اِردگرد هجي ٿي، هر اها شيءِ جنهن سان انسان پنهنجي زندگيءَ ۽ سرگرميءَ ۾ منهن مقابل ٿئي ٿو: فطرت، سماج، انسان جا خيالات کي احساسات ۽ جذبات جي اندروني دنيا.

فن نهايت ئي پيچيده ۽ گهڻ رخ مظهر آهي. ان جو تجربو ڪرڻ جي لاءِ اسين هڪ آسان دليل سان ابتدا ڪريون ٿا. هر شخص جيڪو ڪتاب پڙهي ٿو يا فلم، ڊرامو تصوير ڏسي ٿو ته انهن کي (ان وقت به جڏهن هو انهن کان واقف نه ٿيو) ٽن ڪسوٽين تي پرکي ٿو: پهريون ڇا کي پڙهڻ" ٻڌڻ يا ڏسڻ سان دلچسپي آهي. ٻيو آيا ڪتاب، ڊرامو يا تصوير سچي معلوم هجي ٿي. ٽيون تخليق ڪهڙي قسم جا افڪار، جذبات ۽ خيالات بيدار ڪيا. جيڪڏهن اسين انهن ترت رحجانن کي سمجهي وٺون ته اسين چئي سگهون ٿا. ته اسين فن جي هر تخليق جو اندازو جمالياتي قدر صداقت ۽ نظرياتي مافيها جي نقطئه نظر سان لڳايون ٿا. اها بلڪل قدرتي ڳالهه آهي جو ته فنون پنهنجي جوهر جي لحاظ کان يعني خارجي طور تي هيٺين ٽن عنصرن جو مجموعو آهن: جمالياتي ادراڪي ۽ نظرياتي.

بيشڪ انهن ٽن عنصرن مان ڪنهن هڪ ڪي نفس مضمون ڪان الڳ ڪري نہ سگهجي ٿو. ان ڪي مطلب بنائي سگهجي ٿو ۽ ثابت ڪرڻ جي لاءِ دليل طور پيش ڪري سگهجي ٿو. مثلاً اهو ته فن ادراڪ جو ٻيو نالو آهي ۽ هي فن سائنس کان مختلف ان ڪري آهي جو ان جي ادراڪ جو ٻيو نالو آهي ۽ هي فن سائنس کان مختلف ان ڪري آهي جو ان جي ادراڪ جي مخصوص جمالياتي تصوري شڪل هوندي آهي، يا فن صرف نظريو هجي ٿو جيڪو سياسي يا اخلاقي خيالات کان ان معنيٰ ۾ مختلف آهي ته اهو انهن خيالات جو فني طور تي تشڪيلي اظهار آهي . اهو ٻه چئي سگهجي ٿو ته فن جماليات جو هڪ اهڙو ميدان آهي جتي صرف "فن براءِ فن" جو راج هجي ٿو. انهن مان ڪو ٻه نقطئہ نظر صحيح ڪونهي ڇو ته هر هڪ هڪ طريقو آهي. هر نقطئہ نظر فن جي مُعَيَنُ پهلوءَ جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو ان ۾ فطري طور تي موجود هجي ٿو فن جو جوهر ۽ ان جون ممتاز خصوصيتون ان وقت صاف ظاهر ٿيندڙيون آهن جڏهن انهن ٽن پهلوئن کي ان جي وحدت ۾ ڏٺو وڃي ٿو:

هاڻي اسين فن جي خاص خاص پهلوئن تي مٿاڇري نظرو وجهون ٿا. حقيقت جي اولڙي جي حيثيت سان فن ان جي ادراڪ جي هڪ شِڪل آهي. ليڪن اها ادراڪ جي هڪ مخصوص شڪل آهي جيڪو هيٺين سببن جي بنياد تي سائنس کان مختلف هجي ٿو.

پهرين، سائنسي حقيقت کي انفرادي ۽ تَز مان تجريد ڪري جنهن سان اهو حقيقت ۾ جڙيل آهي عمومي بنيادي پهلو جي عڪاسي ڪري ٿي. جيستائين فن جو تعلق آهي ته اهو عمومي جي بلڪل اهڙيءَ طرح عڪاسي ڪري ٿو جيئن جو اها زندگيءَ ۾ موجود هجي ٿي، يعني انفرادي ۽ تز سان گڏ پنهنجي حقيقي تعلق ۾ بين لفظن ۾ سائنس قانونن جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ ان مثالي جي. اهوئي سبب آهي جو سائنس ۾ جيڪڏهن هڪڙو قانون دريافت ڪيو وڃي ته پوءِ ان جي ٻيهر دريافت ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ ٿي هجي. پر ان جي مقابلي ۾ مثالي جا هڪ يا ٻي معاشري نوعيت جا زندگيءَ ۾ ڪيئي اظهار هجن ٿا. تنهن ڪري فن ۾ بار بار ان جي عڪاسي ڪري سگهجي ٿي.

بي، سائنس ادراڪ خارجي شيءِ جو اولڙو هجي ٿي جيڪو انسان ۾ ان جي شعور ۾ مرضيءَ سان آزاد ۾ بذات خود موجود آهي ليڪن فن صرف بذات خود حقيقت جي عڪاسي نه ٿو ڪري بلڪ ان ڏانهن انساني رويي کي منعڪس ڪري ٿو اهو به صحيح آهي ته انساني رويي کي مُعَيَنُ ڪرڻ واريون خود حقيقت جون فطري خارجي صفتون هونديون آهن. ايستائين جو جڏهن فن فطرت (بي جان شيون قدرتي منظر وغيره) انعڪاس ڪري ٿو تڏهن به مصوري جي توجهه جو مرڪز هميشه انسان ئي هجي ٿو. ليوي تان جا "سونهري سرءُ جي موسم" وان گوگ جا "آرلس ۾ انگورجا باغ" جهڙيون تصويرون چائڪوفسڪي جا "موسم" جهڙي موسيقي جي فني شاهڪارن کي وٺو. اهي سڀ جا سڀ انهن احساسن، تاثرات ۾ جذبات سان لبيريز آهن جن کي فطرت جا اهي مظهر انسان جي دل ۾ ايارين ٿا. فطرت جي بي جان نقل کي فنپاري وانگر ڪڏهن به نه ٿو سارا هي سگهجي گوئٽي هڪ دفعي چيو هو ته جڏهن هن ڪتي جي تصوير ڏني جيڪا وڏي تفصيل سان ناهي وئي هئي ته هن جو تاثر اهو هو ته هي به ٻين ڪُتن وانگر هڪ ڪتو آهي، فن جي تخليق ڪانهي. انسان فطرت ۾ ٻين انسانن سان گڏ پنهنجي تعلق سان، ۾ انساني احساسن، خيالن جذبات جي دنيا جي رشتي سان به هميشه فن جو مرڪزي نقطو رهيو آهي.

ٽين، سائنس جي پيٽ ۾ صرف فن حقيقت جي جمالياتي صنعتن جو علم فراهم ڪري ٿو. ساموندي جاگرافيءَ جا ماهر ڪيميادان، حياتيات جا ماهر ۾ ٻين شعبن جا سائنسدان سمنڊ کي طبعي ترڪيبي جزن، ڪيميائي خصوصيتن، حياتياتي ساخت وغيره جي نقطئ نظر وغيره سان وڏي جامع طور تي بيان ڪري سگهن ٿا ليڪن سمنڊ جي حسن جي عڪاسي صرف فن جوئي حصو آهي.

تنهن ڪري فن جو انعڪاس ڪرڻ جو هڪ خاص موضوع هجي ٿو ۾ انعڪاس جي هڪ خاص شڪل ان جي خصوصيت بيان ڪري ٿي. فن حقيقت جي عڪاسي فني شبيهن مان ڪري ٿو.

فن فرد جي شبيهه وسيلي سان حقيقت جي بنيادي ۾ مثالي پهلوئن جو هڪ اظهار آهي. يا ٻين لفظن ۾ هئين چئي سگهجي ٿو ته فن انفرادي

مظهر جي شڪل ۾ يعني تز جي شڪل ۾ حقيقت جي مثالي ۽ بنيادي پهلوئن کليو عام قائدو آهي پر ان مان اهو نتيجو نہ ڪڍڻ گهرجي تہ فن ۾ تخليق جو عمل تيار شده تمثيلون تلاش ڪرڻ ۽ انهن کي ڪٺ پتلي وانگر فن جي تخليق ۾ ويهاري ڇڏڻ تي مشتمل هجي ٿو. ان جي برعڪس هي هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو حقيقت ۾ اها ڳالهه اجاگر ڪري ٿو جيڪو سڀ کان وڌيڪ ڪَلي ۽ بنيادي هجي ٿو ۽ انسانن ۾ مثالي خيالات جذبات ۽ احساسات اياري سگهي ٿو. پر شبيهن جي شڪل ۾ انعڪاس کي فن پارو نہ ٿو چئجي پر ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ انهن مان هر ڪو فن جي تخليق ڪري ٿو. فن حقيقت جي عڪاسي سادن شبيهن ۾ نہ، بلڪ فني شبيهن ۾ ڪري ٿو. يعني اهو حقيقت جو جمالياتي انعڪاس هجي ٿو. ان جي قطع نظر تہ فن ۾ نيڪي پيش ڪئي پئي وڃي يا بدي. اوٿيلو يا ياگو خود انعڪاس کي جمالياتي هجڻ گهرجي لهٰذا فن ۾ شبيهہ هميشہ خود جمالياتي هجي ٿي. اها حقيقت جي جمالياتي تصور جو اظهار ڪري ٿي ۽ جمالياتي احساسن کي جاڳائي ٿي. ڪابہ شيءِ جيڪا جماليات کان وانجهيل آهي فني شبيهہ ۾ نہ ٿي پلٽي سگهجي تنهن ڪري ايٽم ۾ اليڪٽرون جي حرڪت غذا جو جزو بدن هجڻ غرض تہ عام طور تي ڪوبہ اهڙو مظهر جيڪو انساني احساسات کي متاثر نہ ٿو ڪري اهو جمالياتي احساس نہ ٿو پيدا ڪري سگهي.

توڙي جو فن ۽ خياليات کي هڪ نہ سمجهڻ گهرجي پر فن کي تصور کان جدا بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. فن جو خياليات سان بن طرح سان واسطو آهي: پهرين، مُعَيَنُ سماجي نظام جي هڪ عنصر جي حيثيت سان اهو لازمي طور تي مُعَيَنُ طبقن جي سياسي، قانوني اخلاقي، جمالياتي، فلسفيانہ ۽ بين خياليات جي وسيلي وانگر عمل ڪري ٿو جيڪو مُعَيَنُ سماج جي لاءِ موزون هجي ٿو. ٻيو هو پنهنجي فطرت جي لحاظ کان خياليات آهن. آخر فن صرف حقيقت جي ئي عڪاسي نہ ٿو ڪري بلڪ اهو ان جو جائزو بہ ونڊي ٿو ۽ ان جي متعلق مُعَيَنُ رويو ڏيکاري ٿو. هن فنڪار جي جمالياتي شبيهن جي منطق هميشہ ڪنهن ڳالهہ جي اِدعا ڪري ٿي يا انڪار يعني ڪنهن نہ ڪنهن طرح ۽ اڪثر غيرارادي طور تي اها مُعَيَنُ

سماجي مطمع نظر جي حمايت ڪري ٿي. سمورو فن خيالياتي آهي چاهي فنڪار ان کان آگاهه هجي يا نه هجي توڙي ان کي هو تسليم ڪري يا نه ڪري. اهوئي سبب آهي جو اهي مصور ۽ مصنف به جيڪي "غير خيالياتي" هجڻ جي دعوا ڪن ٿا حقيقت مخصوص خيالات جا حامي هجن ٿا. تاريخي تجربو بخوبي ٻڌائي ٿو ته موجوده حالتن ۾ "خيالياتي" فني تخليقون بورجوا خيال پکيڙڻ جي حقيقت ۾ فن جي خيالياتي فطرت ٿي ان جي مخصوص تاريخي تشڪيل ۽ ان ۾ شامل طبقن جي درميان رشتو قائم ڪري ٿي ۽ غلاميءَ جي نظام ۽ جاگيرداري سماج جي فن جي درميان فرق کي ڪميونسٽ فن ۽ سرمائيدارانه فن ۾ فرق کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ فن جو طبقاتي ڪردار ۽ ان جو ماتحت ڪردار ڏيکاري ٿي. صرف ڪميونسٽ تشڪيل ۾ فن جي واڌ ويجهه طبقاتي تضاد کان آزاد ٿي وڃي ٿي ۽ فن سماج جي سڀني ارڪان جي روحاني نشو و نما جي مفاد جي خدمت ڪري ٿو.

پر فن جي بنيادي امتيازي خصوصيت هيءَ آهي ته ان جي ادراڪي ۽ خيالياتي عناصر جو بنياد جمالياتي آهي. فن حقيقي مظهرن جي عڪاسي ۽ انهن جي تورتڪ ان جي جمالياتي صفتن جي مطابق جمالياتي تصورن جي ذريعي ۽ جمالياتي نصب العين کي نظر ۾ رکي ڪري ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته فن ڪار زندگيءَ جي مظهرن جي پيش ڪش ۽ تورتڪ ائين ڪن ٿا ته اهي حسين آهن يا بدشڪل المناڪ آهن يا ڪِل جهڙا بلند آهن يا پست تنهن ڪري فن پاروا هڙا جمالياتي احساس بيدار ڪري سگهي ٿو، جن ۾ مخصوص جذبات جي شڪل ۾ حقيقت جو جائزو ورتو ويو هجي. جمالياتي جذبو تزشين ۽ مظهرن کي، انساني سرگرمي ۽ فني تخليق کي فهم ۾ آڻڻ جو هڪ اهڙو طريقو آهي جيڪو انسان جي تعريف، خوشي، غم، غضب، محبت، نفرت، شادماني، شفقت يارنج جي اظهار ۾ مدد ڏئي ٿو. جمالياتي احساس. فطرت پنهنجي سرگرميءَ جي اپت ۽ خود انسان کان سرور حاصل ڪرڻ جي حِس پيدا ڪري ٿو. پر جمالياتي حِس کي اپلٽڻ جي لاءِ سڀ کان زياده دخل فن جو آهي. اهو فن جوئي ڪرشمو آهي جو ان مبهم احساس کي واضح ڪري ٿو. ان کي پرپور اُسلوب عطا ڪري ٿو جنهن کي هر شخص شين، مظهرن، روزمره جي حالتن يا انساني عمل جو مشاهدو

ڪرڻ وقت محسوس ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو اسان اڪثر اهڙي قسم جي ڳالهين سان سان منهن مقابل ٿيندا آهيون. هڪ اهڙي حالت مان جيڪو ڪنهن ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي تنهن کي پڙهي اسين ان ئي حالت کي خود پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ متاثر ٿياسين. ان جو سبب اهو آهي ته فن اسان جي حِسيت کي قالب ۾ پلٽي ڇڏيو ۽ ان ۾ جذباتي اثرن جي وڏي قوت هجي ٿي. مارڪس لکيو آهي: "فن جي تخليق اهڙا ماڻهو پيدا ڪري ٿي جيڪي فن جي قدرداني ڪري سگهندا آهن."

اهڙيءَ طرح تاريخ جي دوران ۾ سماجي تاريخي عمل ۾ سائنس ۽ فن جي ترقيءَ جي بنياد تي انسان نه صرف پنهنجي ماحول جو علم گڏ ڪيو نه صرف پنهنجي ذهن جا اُفق وسيع ڪيا بلڪ پنهنجي حواس ۾ جذباتي ساخت جي به نشو و نما ڪئي ۽ کين مالا مال ڪيو. آخر الذڪر انسان کي ان لائق بڻائي ٿو ته هو حقيقت جي جمالياتي خصوصيتن جي ڏينهون ڏينهن گهري بصيرت حاصل ڪري سگهي. انسان جي جذباتي ساخت جي واڌ ويجهه جي ثقافتي فروغ جو هڪ اڻ ڇڄ حصو آهي.

استحصال واري نظام ۾ پورهيتن جي لاءِ گهٽي ياڳي فني قدر پهچ کان ٻاهر هوندا آهن ۽ ڏڻئي جديد سامراجي ملڪن ۾ اجاريدار ڇاڪي واڪي پروپئگنڊ اجي زبردست ذريعن سان عوام لڪناڪ جو ذوق بگاڙيندا آهن. صرف اشتراڪيت ۾ ماڻهن کي فن جي تخليقت کان واقفيت حاصل ٿئي ٿي ۽ اهو انهن جي جسالياتي احساسن کي پروان چڙهائڻ ۾ وڏي مدد ڏيندا آهن. ڪلارا زينت ڪن سان گفتگو ۾ لينن اشتراڪي فن جي افزائش کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو هو ته: "فن ماڻهن جي ملڪيت آهي. ان جاجڙ پورهيت عوام ۾ پيوست هجڻ گهرجن ان کي انهن عوام الناس جي لاءِ قابل فهم هجڻ گهرجي ۽ ائين هجڻ گهرجي جو اهي انهن سان پيار ڪن. ان کي انهن عوام جي احساسات خيالات ۽ مرضيءَ کي متحد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي بلنديءَ تي پهچائڻ گهرجي؟

عوام جي اندر فنڪار کي بيدار ڪرڻ ۽ ان جي نشو نما ڪرڻ. اها ضرورت عوام ۾ جمالياتي ذوق وڌائڻ جي سلسلي ۾ فن جي ڪردار جو صحيح اظهار ڪري ٿي.

جمالياتي ذوق، ادراڪي ۽ خيالياتي عناصر جي هڪ وحدت جي حيثيت سان فن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ جو هڪ اهڙو مخصوص ۽ زبردست وسيلو آهي جيڪو انسان تي بيحد اثر ڪري ٿو چوتہ اهو قابل فهم، ٿُز ۽ نظر ايندڙ آهي. فن خياليات، اخلاقي ۽ جمالياتي تعليم جو هڪ ذريعو آهي. چوتہ ان جو هر خياليات آهي تنهن ڪري اهو طبقاتي جدوجهد ۾ هڪ اهم هٿيار آهي. پنهنجي خياليات مافيها جي مطابق فن ۽ ٿو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ واقعي ڪري ٻہ ٿو: ترقي پسند ۽ رجعت پرست فن جيڪو شعوري طور تي عوام ۽ ترقيءَ جي خدمت ڪري ٿو سماجي تبديليءَ جي لاءِ وڏي اهميت اختيار ڪري وڻي ٿو. پنهنجي هم عصرن جي دل ۽ دماغ تي اثر وجهندي اهو فرسوده سرمائيداري نظام کي ختم ڪرڻ ۽ ڪميونسٽ سماج جي قائم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ سرگرمي سان حصو وٺي ٿو.

شعور جي شڪلين ۾ فسلفي جو مقام جدا آهي. هڪ طرف عوام الناس ان کي انتهائي گهٽ ڄاڻن ٿا ۽ اها انهن جي پهچ کان ٻاهر آهي. تنهن ڪري اهو تاثر ايري ٿو تہ تاريخ جي ارتقا تي ان جو اثر نہ هجڻ جي برابر آهي ليڪن ٻئي طرف جيئن تہ انسان پنهنجي سرگرمي سماجي شعور جي مختلف اظهارن مان رهبري حاصل ڪن ٿا جيئن تہ سماجي شعور جون سيئي شڪليون ڪنهن نہ ڪنهن طرح کان دنيا جي عام نظرياتي تصور سان جڙيل هوندیون آهن، جنهن جو سرچشمو فلسفو ئي آهي، تہ ان مان ثابت ٿئي ٿو فلسفو تاريخ جي ارتقا تي انتهائي بنيادي اثر وجهي ٿو. لهاذا جيڪڏهن فلسفو بظاهر شعور جو هڪ اهڙو اظهار معلوم ٿئي ٿو جنهن جو تعلق صرف چند پيشہ ور ماڻهن سان آهي پر دراصل اهي تصورات جو هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو وسيع سماجي اهميت وار ۽ دلچسپ آهي.

فلسفي جون امتيازي خصوصيتون ان حقيقت تي مبني آهن تہ اهو هڪ ئي وقت ادراڪ جي هڪ شڪل آهي جنهن جي سائنسن جي عام نظام ۾ هڪ مخصوص جڳهہ آهي، ۽ مختلف طبقن جي مفادن جو نظرياتي اظهار ان جي خياليات آهي جيڪا هر سماج جي خياليات شِڪلين جي نظام جي اندر بہ پنهنجو مقام رکي ٿي.

ادراڪ جي هڪ شڪل جي حيثيت سان فسلسفو نظرياتي طور

تي ترتيب شده تصورات جو هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو مربوط متصل سالم وانگر دنيا جي ۽ انسان جي ادراڪ جي طريقن ۽ ذريعن ۽ خصوصيتن کي بيان ڪري ٿو تز سائنسن جي مقابلي ۾ فسلسفو دنيا کان ان جي انتهائي عام پهلوئن ۽ قانونن جي بنياد تي بحث ڪري ٿو جيڪي ان جون مختلف تز (مخصوص) ڪيفيتن جي درميان ربط پيدا ڪن ٿا. اهو صحيح آهي تہ سماج جي ارتقا جي ابتدائي منزلن ۾ جڏهن سائنس پوريءَ طرح وڌي ويجهي ڪانہ هئي تہ فلسفي ۾ تز سائنسي علم بہ شامل هو ۽ اهو انهن معاملن سان بہ بحث ڪندو هو جيڪي بعد ۾ مخصوص سائنسن جا موضوع بڻيا. اهوئي سبب آهي جو اڄ جي مقابلي ۾ ماضيءَ ۾ فلسفي جو موضوع تمام گهڻو وسيع هو. فلسفو اڳي غير تفرق شده تز سائنسن جو مجموعو هو. هي ابتدائي ادراڪ جي امتيازي خصوصيت ان جو ۽ تاريخي طور تي محدود هجڻ جو اظهار آهي. پر انهي سيني جي باوجود ادراڪ جي هڪ مخصوص شڪل جي حيثيت فلسفي سان ڪيل ابتدا جو تعلق دنيا جي ڪن عام تصورن جي نظرياتي ترتيب ۽ دنيا جي انسان جي ادراڪ سان آهن.

دراصل اها اهڙن عام تصورات ۽ خيالات جي ضرورت هئي جيڪي دنيا ۽ ان جي ادراڪ جي عمل جون مربوط خوصيتون بيان ڪري سگهن جنهن فسلفي کي جنم ڏنو. هتي اهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ تاريخي عمل جي دوران انسانن کي انفرادي شين ۾ مظهرن ۽ انهن جي خوصيتن کي جيڪي ان لاءِ مخصوص آهن ۽ جن مان انهن جي درميان امتياز ڪري سگهجي ٿو علم حاصل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اهو علم بہ حاصل ڪرڻ جي ضرورت پئي تہ شين جي درميان رابطا ۽ انهن جو باهمي تعلق چا آهي ۽ هڪ ڪيفيت مان بي ڪيفيت ۾ ان جو عبور ڪيئن ٿو ٿئي. اهوئي اهو بنياد آهي جيڪو انسان جي اردگرد شين جي گوناگوني جي دنيا جي وحدت جي، واحد کان ڪثير تائين عبور جي رستي جي نظرياتي فهم جي ضرورت پيدا ڪري ٿي. نظرياتي سوچ جي هڪ امتيازي خصوصيت هيءَ آهي تہ اها براهہ راست ظاهري شڪل کان اڳتي وڃي شين جي جوهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ جوهر جي پنهنجي تصورات ۾ عڪاسي

ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هڪ دفعي قديم يوناني هيري قليط چيو هو: "ڪائنات جو هي نظام جيڪو سيني شين جي لاءِ هڪجهڙو آهي، جنهن کي نہ ديوتائن ناهيو ۽ نہ انسانن اهو هميشہ کان هو ۽ رهندو ۽ هڪ جيئري جاڳندي باهہ وانگر جيڪا مقرر ضابطي مطابق ٻري ٿي ۽ مقرر ضابطي تحت اجهامي وڃي ٿي". اها دنيا جي تعريف ڪرڻ جي سادي سودي پر صحيح ڪوشش هئي. ان خيال جي مدد سان اردگرد جي خارجي شين ۾ بظاهر رنگارنگيءَ جي ان جي فطري ۽ بنيادي وحدت معلوم ڪري سگهجي ٿي.

جيئن تہ ائين اڳ ۾ چئي چڪا آهيون تہ فلسفو حقيقت جي ادراڪ جي صرف هڪ شڪل ئي ڪانهي ٻين سائنس جي مقابلي ۾ صرف فلسفو هر نظريہ علم جو هي بنيادي سوال اٺاري ٿو ۽ ان کي حل ٻہ ڪري ٿو اهو سوال تہ دنيا جي وحدت ڇا هي؟ دنيا ۾ اول، خاص ۽ بنيادي ڇا آهي، يعني دنيا جي تنوع جو "بنيادي سرچشمو" ڇا آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻين سمورن سائنسن ۾ صرف فلسفو اهڙي واحد سائنس آهي جيڪا دنيا جو عام نظرياتي تصور هڪ مُعَيَنُ نظريہ ڪائنات تلاش ڪري ٿي. پر انسان جو نظريہ ڪائنات نہ صرف دنيا جون خصوصيتون بيان ڪري ٿو بلڪ ان ڏانهن انسان جي رويي جي خاصيت ٻہ ٻڌائي ۽ ان جو اظهار سماج ۾ انسانن جي حيثيت تي ۽ انهن مفادن تي هجي ٿو. جيڪي حيثيت سان پيدا ٿين تا. پنهنجي ابتدا ۽ ارتقا جي لحاظ کان فلسفي کي هميشہ انسانن جي مادي مفادن مُعَيَنُ ڪيو آهي جن جو سرچشمو مخصوص سماجي تعلقات جي نظام جي اندر انهن ماڻهن جي حيثيت هوندي آهي.

سماج جو طبقن ۾ ورهائجڻ ۽ طبقاتي جدوجهد شروع ٿيڻ سان باهمي مقابلو ڪرڻ وارن ۽ مختلف گروهن جي مفادن جا نظرياتي جواز فراهم ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي. ليڪن ان لهاڻ تقاضا ڪئي تہ پهرين، هڪ مُعَيَنُ طبقي جي مخصوص مفاد کي عالم گير مفاد وانگر ظاهر ڪيو وڃي. ٻيو ان طبقي جي آرزوئن ۽ نصب العين کي دنيا جي عام تصور ۽ ان جي دماغ مان ائين اخذ ڪيو وڃي جو اهي طبقاتي مفاد جي اهڙي ضرورت وانگر نمائندگي ڪن جڏ شيئن جي فطرت سان ئي پيدا ٿي آهي تہ هاڻي آساني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ صرف فلسفو اهو قرض پورو ڪري

سگھيو آھي ڇو تہ فلسفو ئي پنھنجي تجريدي نظرياتي شڪل ۾ دنيا جي ھڪ اھڙي عام فھم کي ترتيب ڏئي ٿو جيڪو مُعَيَنُ طبقي جي رتبي ۽ مفادن جي مطابق ھوندو آھي. صرف فلسفوئي ان طبقي جي عام خيالياتي خواھش ۽ سماجي سياسي رويي جو جواز پيش ڪري ٿو. ائين فلسفو باھمي مقابلو ڪرڻ وارن طبقن جي خياليات بنجي وڃي ٿو. لھاڏا سماجي شعور جي ھڪ شڪل جي حيثيت سان فلسفي جي امتيازي خصوصيت ان جي ادراڪي ۽ خياليات وحدت مان پيدا ٿئي ٿي.

ھتي اھا ڳالھ ذھين نشين ڪرڻ گھرجي تہ خود گلسيو فن جا ذھن ان تي صاف نہ رھيا آھن تہ سندن نظرياتي خيالن جو مقابلو ڪرڻ وارن طبقن جي اصلي مفادن سان ڪھڙو تعلق آھي. ۽ ان کان بہ وڌيڪ اھو تہ انھن مان گھڻن کي خلوص سان اھو يقين ھو تہ ھنن جا نظريا ابدي فلسفيانہ مسئلن جو حل آھن، مثلاً ذھن ۽مادي جو تعلق دنيا جو ادراڪ حرڪت جو جوھر انسان جي فطرت وغيرہ انھن جو خيال ھو تہ سندن نظريا تلاش حق جو نتيجو آھن تنھن ڪري جڏھن اسين چئون ٿا تہ فلاٽو فيلسوف ھڪ مُعَيَنُ طبقي جو نظريہ دان آھي تہ ان مان انسان جو اھو مطلب ھرگز ڪونھي ھوندو تہ شعوري طور تي ھو ان طبقي جو نقيب آھي يا ان طبقي سان سندس تعلق پيدائشي يا سماجي رتبي جي بنياد تي آھي. جيڪا شيءِ ان کي ان طبقي جو نظريہ دان بڻائي اُھا اِھا حقيقت آھي تہ ان جون نظرياتي مشقون جيڪي نتيجا بر آمد ڪن ٿيون سي اُھي ئي ھوندا آھن جن تي لاڳاپيل طبقو عملاً پھچي ٿو.

ترقي پسند ۽ رجعت پرست طبقن جي درميان جدوجھد تضاد رکندڙ تشڪيلن جي ارتقا جي محرڪ قوت آھي. طبقن جي رتبي ۽ مفادن جو فرق ان جي نظريہ ڪائنات ۾ مادیت ۽ تصوريت جي درميان ڪشمڪش ۾ منعڪس ٿئي ٿو. مادیت ۽ تصوريت فلسفي جون بہ بنيادي ڪيمپون ۽ بہ بنيادي پارٽيون آھن جن جو فلسفي جي خاص مسئلي ڏانھن رويو ھڪ ٻئي کان مختلف ھوندو آھي: يعني روح ۽ مادي جو ۽ فڪر سان ھستيءَ جو تعلق ڪھڙو آھي ۽ فلسفي جي لاءِ اھو بنيادي اھميت جو حامل آھي ڇو تہ ان جو جواب ئي انسان جو ڪائنات جو تصور مُعَيَنُ ڪري ٿو:

دنيا مادي آهي يا تصوري ان سوال جو جواب اهڙو نظرياتي بنيادي فراهم ڪري ٿو جنهن تي سمورن ٻين فلسفيانہ جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن دنيا مادي آهي تہ پوءِ ادراڪ جي ذميواري مادي دنيا جي خصوصيتن رابطن ۽ قانونن جو مطالعو ڪرڻ آهي جيئن اهي خارجي طور تي موجود آهن. پر جيڪڏهن اها تصوري آهي تہ ادراڪ جي ذميواري اها آهي تہ پنهنجو پاڻ کي بس دنيا جي روحاني ايزدي جوهر جي مطالعي تائين محدود رکي.

ڪائنات جو مادي نظريو ڪائنات جو ائين تصور ڪري ٿو جيئن اها آهي غير متعلقہ اضافن جي بغير پر تصوريت ڪائنات جو بنيادي طور غلط تصور پيش ڪري ٿي. ڪائنات جو منع شده نظريو. ماديت ۽ تصوريت جي وچ ۾ جدوجهد، مختلف فلسفيانہ ڪتبن نظرين ۽ تصورن جي درميان تصادم سماجي طبقن جي جدوجهد جوئي پر تو آهي.

گوناگون فلسفيانہ نظامن جو تجزيو ڪرڻ وقت، جيڪي تاريخ ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان آيا آهن، اهو ضروري آهي تہ نہ صرف هڪ مقرر ملڪ يا هڪ مقرر دور ۾ طبقاتي تعلقات جي نوعيت کي پيش نظر رکيو وڃي بلڪ اهو بہ انتهائي اهم آهي تہ هنن ڳالهين کي بہ قابل توجهہ سمجهيو وڃي سائنسن جي سطع خاص ڪري طبقي سائنس جي فلسفيانہ تصورات يا فڪر جي مواد جو دستياب ذخيرو ۽ مُعَيَنُ معاشري جو روحاني ماحول ثقافت جي سطع، نفسياتي رجحان، شعور جي هڪ يا ٻي صورت جيڪو پنهنجو اثر وجهي ٿي ان جو ڪردار وغيره.

مارڪس ازم جو ظهور فلسفي جي تاريخي ارتقا ۾ هڪ اهم موڙ جي حيثيت رکي ٿو. مارڪس ۽ اينگلس هڪ اهڙو فلسفو ترتيب ڏنو جيڪو نہ صرف فطرت بلڪ سماج کي بہ ثابت قدمي سان مادیت جي نقطئ نظر کي سمجهي ٿو. مارڪسي فلسفي کان اڳ جي تاريخ، جيڪڏهن صحيح چيو وڃي تہ ڪائنات جي سائنسي نظرئي کان اڳ جي تاريخ آهي، پر ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ ان جو مطالعو صرف علمي دلچسپي جي لاءِ ڪيو وڃي، ان جي برعڪس، اهو مطالعو نہ صرف اڄ نظرياتي جدوجهد ڪرڻ جي لاءِ انتهائي اهم آهي بلڪ سائنسي مارڪسي ،لينني فلسفي کي

پروان چاڙهڻ جي لاءِ آهي. لينن زور ڏنو ته ڪو به انسان انسانيت جي تخليق ڪيل خيالات جي دولت جذب ڪرڻ کان سواءِ ڪميونسٽ نه ٿو ٿي سگهي. ان ۾ فلسفيانه فڪر جي تاريخ به شامل آهي.

مارڪسي فلسفو پرولتاريه جو نظريه ڪائنات آهي. اهو ان سماجي بنياد تي نشو و نما پائي ٿو ۽ پرولتاريه جي طبقاتي جدوجهد جي خدمت ڪري ٿو. مارڪسي فلسفو انهن سمورن اصولن کي ترڪ ڪري ٿو جيڪي استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي نظريه ڪائنات جا بنياد آهن. اهو حقيقت کي غور ۽ فڪر جو موضوع نه ٿو سمجهي بلڪ اهڙي خارجي شيءِ سمجهي ٿو جنهن کي انقلابي تبديليءَ جو موضوع بنائڻ جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ مارڪس چيو آهي ته: فيلسفوف مختلف طبقن سان صرف دنيا جي وضاحت ڪندا رهيا جڏهن ته انهن جو ڪم ان کي بدلائڻ آهي."

مارڪس ازم جي ظهور ۾ اچڻ سان حقيقت جي باري ۾ فلسفي جو رويو بدلجي ويو آهي. فلسفو انقلابي ۽ سرگرم ٿي ويو آهي ۽ دنيا جي عملي تبديليءَ جو هڪ جذبو قديم فلسفي جي مقابلي ۾ جيڪو ڪڏهن به عوام تائين نه پهتو ۽ ننڍن ننڍن مڪتب خيال جي حدن ۾ بند رهيو مارڪسي فلسفي شعوري طور تي پنهنجو پاڻ کي عوام الناس جي جدوجهد سان وابسطه ڪري ڇڏيو.

صرف هڪ اهڙوئي فلسفو جيڪو فطرت ۽ سماج جي خارجي قانونن جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو عوام جي ۽ سماج کي بدلائڻ جي ان جي جدوجهد جي لاپائتي طور تي خدمت ڪري سگهي ٿو مارڪسي فلسفي ۾ سائنسي ۽ انقلابي نقطئه نظر ۽ اڻ ڇڄ ۽ مستحڪم طور تي يَڪجا آهن پرولتاريه جو فلسفو سائنسي آئيڊيالوجي آهي، يعني اها آئيڊيالوجي به آهي ۽ سائنس به، پهريون پيرو ان خيالياتي ۽ ادراڪي عنصرن جي وچ ۾ تضاد کي خارج ڪري ڇڏيو جيڪا لڳ ڀڳ سموري قديم فلسفي جي خصوصيت هئي.

مارڪس ازم جي ظهور ۾ اچڻ سان سائنسن جي متعلق فلسفي جي رويي ۾ به تبديلي ٿي آهي. ماضيءَ جي فلسفي جي پيٽ ۾ مارڪسي فلسفو ڪنهن به معنيٰ ۾ سائنسن جي سائنس ڪانهي جيڪا تز سائنسن تي

پنهنجا نتيجا عائد ڪري ٿي. اها بين سائنس جي صفن ۾ شامل ٿي وئي آهي ۽ صرف موضوع جي لحاظ کان ان کان مختلف آهي. خارج ۽ داخل جي تعلق جو ۽ مادي دنيا ۽ خود فڪري ارتقا جي انتهائي عمومي قانون جو مطالعو ڪري مارڪسي_لينني فلسفو ٻين سائنسن کي ثبات، جي صحيح تصور ۽ سائنسي ادراڪ جي لاءِ نظريو ۽ طريقو عطا ڪري ٿو.

ماضيءَ ۾ فلسفو مادیت ۽ تصوريت جي وچ ۾ جدوجهد جي دوران وڌيو ۽ ويجهيو ۽ اهو هڪ ٻئي جي پٽيان مختلف فلسفيانہ نظامن مان گذريو. تاريخي حالتن جي بدلڻ سان گڏوگڏ فلسفي جي پراڻي نظامن ميدان زندگيءَ کي خيرباد چيو ۽ نوان نظام انهن جي جاءِ تي آيا. مارڪس ازم جي ظهور ۾ اچڻ سان خود فلسفي جي ارتقا ۾ تبديلي اچي وئي، ڇو تہ مارڪسي فلسفو سائنس آهي تنهن ڪري اهو بہ سائنس جيان ارتقا ڪري ٿو يعني ان جا بنيادي اصول مادیت ۽ جدليت، تبديل نہ ٿا ٿين. ليڪن تاريخي حالتن ۾ تبديليءَ سان گڏ گڏ ۽ نون سائنسي دريافتن جي روشني ۾ مارڪسي فلسفو پروان چڙهي ٿو ۽ نون اقوال ۽ نتيجن سان مالا مال ٿئي ٿو. هاڻي مارڪسي فلسفي جي جاءِ تي نئون فلسفيانہ نظام تخليق ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي ڇو تہ هاڻي صرف جنهن جي ضرورت باقي آهي سا خودڪار ڪنهن فلسفي کي فروغ ڏيڻ آهي. اجاريداري سرمائيداري کان اڳ کان وٺي سامراج ۽ پرولتاري انقلاب تائين عبور جي ۽ نون سائنسي دريافتن جي پيش نظر طبقاتي جدوجهد جي نون تجربن جو ۽ علم ترقيءَ جو نچوڙ پيش ڪرڻ جي ضرورت درپيش هئي. لينن ان ڏميوارن کي پورو ڪيو ۽ مارڪس ازم جي سطح کي بلند ڪيو. اهو مارڪسي نظريي ۾ عام طور تي مارڪسي فلسفي جو خاص طور تي تخليقي ارتقا جو هڪ سنو مثال مارڪسي فلسفي جي ارتقا ۾ اها نئين منزل لينني منزل چئي وڃي ٿي.

مارڪسي-لينني فلسفو وڌي ويجهي ٿو. هر قسم جي تصوريت ۽ ما بعد طبقاتي بي ڊولي مادیت پسند نظرين جي خلاف جدوجهد جي دوران، مارڪس ازم تہ آهي لينن ازم کان انحرافين جي خلاف ڪشمڪش ۾، ڪٽر عقيدي پرستي ۽ ترميمر پرستي جي خلاف لڙائي ۾.

هاڻي جڏهن دنيا ۾ بن مخالف سماجي نظامن ۾ ورهائجي وئي آهي تہ

مارڪس ازم—لينن ازم کي مخالف ڪيمپ سرمائيدار ڪيمپ جي خياليات جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ سامراجي بورجوازيءَ جو رجعت پرست فلسفو به شامل آهي. مارڪسي—لينني فلسفي جي ڏميواري عوام کي بورجوا نظريه حيات جي سمورن شڪلين ۾ اظهارن جي اثر کان چوتڪارو ڏيارڻ آهي.

سماجي ۽ انفرادي شعور

سماجي شعور جو وجود انفرادي شعور سان گڏ ان جي تعلق کان ٻاهر ڪونهي هوندو ڇو ته سماج ۾ انسان کان علاوه ٻي ڪا باشعور هستي آهي ئي ڪانه.

انفرادي شعور فرد جي روحاني دنيا آهي. سماجي شعور جو انفرادي شعور سان اٽ ڇڄ تعلق آهي پر آخرالذڪر سماجي شعور جي محض هڪ اڪائي ڪانهي. انفرادي شعور هڪ اهڙو واحد شعور آهي جنهن ۾ مخصوص طريقي سان مُعَيَنُ عهد جي شعور جون اهي امتيازي خصوصيتون جيڪي گڏيل هجن ٿيون، خاص امتيازي خصوصيتون جو جو تعلق فرد جي سماجي ماخذ سان هجي ٿو ۽ انفرادي امتيازي خصوصيتون، جيڪي تعليم فطري صلاحيات فرد جي حالات زندگيءَ مان جڙن ٿيون، سمايل هونديون آهن.

اهوئي سبب آهي جو مُعَيَنُ عهد، طبقا، قوم يا سماجي گروهه جي شعور ۾ موجود خصوصيتن جو اشتراڪ انهن حدن جي اندر جن کي اهو اشتراڪ مُعَيَنُ ڪري ٿو. انفرادي شعور ۾ رنگارنگي کي خارج نه ٿو ڪري. هڪ انفرادي ۽ سماجي شعور جي درميان جيڪو تضاد هجي ٿو تنهن کي به خارج نه ٿو ڪري. اهي عام واقعا آهن ته جڏهن ڪو فرد پرولتاريه جي صفن ۾ شامل ٿي ويجي ٿو. توڙي جو ان جي پيدائش ۽ سماجي رتبي جو بورجوازي سان تعلق هجي ته ان جو خيالياتي نقطئ نظر قبول ڪري ٿو ۽ پنهنجي طبقي جو مخالف بنجي ويجي ٿو. هر شخص سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ جي موقعي پرست رهنمائن ۽ پس وَ پيش ڪرڻ وارن ڪميونسٽن جي باري ۾ چاٽي ٿو جن مزدور طبقي جي مفادن سان غداري ڪئي جن جو اهي اولاد

هئا. اها حقيقت آهي تہ ڪو ٻيو نہ بلڪ هڪ مخصوص فرد ٻئي طبقي سان ان ۾ شامل ٿي ويا، ان جو سبب انفرادي خصوصيتون آهن، جيتوٽيڪ خود ان واقعي جون جڙون سماجي آهن.

انفرادي شعور ۽ سماجي شعور جو وجود جدلياتي وحدت ۾ آهي. انفرادي شعور جي تشڪيل فرد جي زندگيءَ جي حالتن جي زبردست اثر، ٻين انسانن ۽ آس پاس جي سماجي ماحول سان گڏ باهمي عمل سان وجود ۾ اچي ٿو جنهن ۾ سماجي شعور بہ شامل آهي، هتي انهن بن پهلوئن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جيڪي انفرادي شعور پلٽڻ ۾ سماجي شعور جي اهميت جي خصوصيت بيان ڪن ٿا.

پهريون، سماجي شعور سان تعلق فرد کي تصور جي شڪل ۾ حقيقت جو عڪس قبول ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. اهو ان ۾ تصور پيدا ڪرڻ جي صلاحيت جو موجد ٿئي ٿو. مارڪس جي لفظ ۾ "تصور ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي تہ اهو مادي دنيا جو انساني ذهن ۾ عڪس ۽ فڪر جي شڪلين ۾ عبارت آهي" ان خيال کي صحيح طور تي سمجهڻ جي لاءِ اهو پيش نظر رکڻ جي ضرورت آهي تہ "انساني ذهن" جو وجود صرف سماج ۾ هجي ٿو. جيڪڏهن ان کي سماج ۽ سماجي شعور تان هٽائي ڇڏيو وڃي تہ اهو "انساني طريقي" سان مادي کي تصور ۾ تبديل نہ ٿو ڪري سگهي. تصور (شعور) جو وجود صرف تڏهن هجي ٿو جڏهن ان کي هي ٽيئي ٽنيا سهارو ڏين ٿا. خارجي شيءِ، انساني ذهن، ۽ سماجي شعور جيڪو پنهنجي اندر سماجي طور تي پيدا ڪيل انعڪاس جون شڪليون جن جي انسانيت جي گذريل ارتقا جي دوران ترتيب ڏني وئي آهي، سي گڏ ڪري ٿو.

سرگرمي جي دوران شعور سان گڏ باهمي عمل انسان ۾ حقيقت کي سمجهڻ جي صلاحيت جو موجب بڻجي ٿو. هر فرد تڏهن صاحب فڪر بڻجي ٿو جڏهن هو زبان تصور ۽ منطق تي عبور حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ اهي شيون سماجي تاريخي عمل جي ارتقا جي پيداوار آهن.

ٻيو، سماجي شعور مان انسان ضروري علم، ثقافت، نظريو وغيره حاصل ڪري ٿو. سماجي شعور هڪ اهڙي روحاني ماحول جي تشڪيل ڪري ٿو جنهن ۾ انسانن جي روزمره جي زندگي گذري ٿي ۽ ان جي عملي

سرگرمي هجي ٿي. ان ۾ ئي اهي ننڍا وڏا مسئلا به منعڪس ٿين ٿا جڏهن اهي انفرادي اجتماعن، طبقن، قومن ۽ مجموعي طور تي سماج ۾ پيدا ٿين ٿا. ان ئي ماحول ۾ انسان ساهه کڻي، ان ۾ رهي ٿو، ان کي هو جذب ڪري ٿو سماج يا ننڍي سماجي ماحول ۾ جيڪي رويات ۽ اخلاقي اصول رائج ٿين ٿا تن کي هو قبول ڪري ٿو ۽ مختلف رويا، خيالات، عادتون ۽ ذوق به، ۽ اهي سڀ ان جي طرز عمل ۽ رويي تي اثر وجهن ٿا.

ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته مخصوص امتيازي خصوصيتن کي ڇڏي ڪري فرد جو شعور بنيادي طور تي سماجي شعور آهي ڇو ته هر فرد پنهنجي دور جي زندگيءَ جي سماجي رهڻي ڪهڻيءَ جي حالتن جي پيداوار هجي ٿو.

انفرادي شعور ۽ سماجي شعور جي درميان ڪيئي ڪڙيون هجن ٿيون، مثلاً عمر، طرز زندگي، فرد جي سرگرميءَ جي نوعيت، ان جي نوعيت، ان جون ضرورتون مفاد، عام ارتقا جي سطح، سماج جي حالت وغيره اهوئي سبب آهي جو انسان سماجي شعور جي اثر کي منتخب ڪري جذب ڪري ٿو ۽ اهوئي انسان جي انفراديت جو اظهار آهي.

گڏ ئي خود سماجي شعور جي نشو و نما انسانن مان ٿئي ٿي ۽ اهي ئي ان کي مالا مال ڪن ٿا، ۽ اهو انفرادي شعور جي ذريعي ڪيو ويو ته پوءِ انفرادي شعور سماجي شعور تي ان جي تز اظهار ۾ انهن ماڻهن جي خصوصيتن جي ڇاپ هجي ٿي جيڪي ان جي تشڪيل ۾ حصو وٺن ٿا. جيستائين انهن شڪلين ۽ طريقن جو تعلق آهي جن جي ذريعي ماڻهو سماجي شعور جي ترقي ۾ حصو وٺن ٿا، اها ساخت جيڪا ڪين ان ترقيءَ جي لاءِ متحرڪ ڪري ٿي ۽ ماڻهن جو اهو تعداد به جيڪو سرگرميءَ سان سماجي شغور کي وڌائڻ ۾ شريڪ ٿئي ٿو تن سيني جو انحصار تاريخي حالتن ۽ شعور جي ترڪيبي عنصر تي هجي ٿو جيڪي ان ترقيءَ ۾ شرڪت ڪن ٿا (سائنس، فن، خياليات، معمولي شعور وغيره) ليڪن هر صورت ۾ گڏيل فڪر جي مواد کي، تصورات جي نظام ۽ فڪر جي صورتن کي جيڪي گڏيل ارتقا جي دوران ترتيب ٿي ويا هئا، تنقيدي طور تي جذب ڪرڻ انفرادي شعور جي ذريعي سماجي شعور کي ترقي ڏيڻ جو

ضروري شرط آهي.

تنهن ڪري انفرادي شعور ۽ حقيقت جو اولڙو سماجي شعور جي توسط سان ٿئي ٿو پوءِ ته انفرادي شعور سماجي شعور جي بنياد تي تشڪيل ٿئي ٿو. ٻئي طرف سماجي شعور ۽ حقيقت جي عڪاسي (۽ حقيقت تي ان جو اثر) انفرادي شعور جي ذريعي ٿئي ٿو. اها آهي انهن جي باهمي عمل جي جدليات.

معاشري ۾ شعور جون سماجي منصبي ذميواريون

جڏهن اهو چيو وڃي ٿو ته ڪنهن به تاريخي عهد جو سماجي شعور مادي طور تي مُعَيَنُ ٿئي ٿو ته اهو تسليم ڪيو ويندو آهي ته سماجي شعور مادي پيداوار ۽ انسانن جي پوري سماجي سرگرميءَ جو هڪ ضروري پهلو آهي. ان مان سماجي شعور جا فرض ۽ سماجي ڪردار کي سائنسي طور تي بيان ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

تاريخي ماديت تصوريت جو بلڪل ضد آهي جنهن جي مطابق خيالات سماجي ارتقا ۾ فيصلہ ڪن حصو وٺن ٿا. اها بي ڍنگي ماديت جي به خلاف آهي جيڪا خيالن جي سرگرم عمل خيالات کان انڪار ڪري ٿي. هي سادو قول ان سوال تي صحيح رويي جو اظهار ڪري جيڪي تاريخ جي عمل تي اثر وجهڻ، ان کي ٺوس اظهار عطا ڪرڻ، سماجي ارتقا جي رفتار وڌائڻ گهٽائڻ جي قابل آهن.

جيئن ته اسين چئي چڪا آهيون ته خياليات جو ڪردار انهن سماجي مسئلن جي حل ۾ اظهار هجي ٿو جيڪي سماج ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ ان جو دارو مدار ان تي آهي ته خياليات ڪهڙي طبقي جي مفادن جي نمائندگي ڪري رهي آهي ۽ سماجي ارتقا جي تز ضرورتن ۽ عوام الناس جي مفادن جي عڪاسي ڪيتري صحت ۽ گهرائي سان ڪري ٿي.

جيڪڏهن خياليات کي معاشري زندگي تي اثرانداز ٿيڻو آهي ته ان کي هڪ مادي قوت بنجڻ گهرجي. حڪمران ۽ استحصال ڪرڻ واري طبقي جي خياليات انهن ادران جو ويس ڍڪي ٿي جن کي حڪمران طبقو قائم ڪري ٿو ۽ جيڪي ان جي مفادن جي حفاظت ڪندا آهن. رياست،

تعليم ۽ ڪليسا جي مدد سان حڪمران طبقن جي خيالياتي سڃي معاشري تي چانئجي ويڃي ٿي. بالائي ڍانچي جي ادارن جي عمل جي ذريعي اها خيالیات هڪ مادي قوت وانگر مختلف سماجي عملن جي راحت تي اثر وجهندي آهي ۽ سماج ۾ ٻيا مختلف منصبي فرض انجام ڏئي ٿي.

ترقي پسند خيالیات جي سرگرمي نون سماجي تعلقات جي قيام ۽ فروغ جي خاطر جدوجهد جي ذريعي ظاهر ٿئي ٿي، جڏهن نون خيالیات جي خلاف نه صرف پراڻا خيالیات بلڪ پراڻي سماج جي ادارن جي مادي قوت به محاذ آرا ٿي وڃي ٿي. نوان ترقي پسند خيالات بذات خود پراڻو نظام ختم نه ٿا ڪري سگهن، پر ان نظام خيالات جي ڍانچي مان انسان کي اڳتي وڌي وڃي سگهن ٿا. پنهنجا سماجي فرض سرانجام ڏيڻ ۽ نئين نظام جي وجود ۾ اچڻ ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ ترقي پسند خيالات کي مادي قوت ۾ تبديل ڪرڻ ضروري آهي ۽ اهي ان وقت يقيني مادي قوت بنجي وڃن ٿا جڏهن اهي عوام جي دل ۽ دماغ تي چانئجي وڃن ٿا ۽ انهن کي ان جدوجهد جي لاءِ متحد ۽ منظم ڪن ٿا جيڪو سماجي ارتقا جي تاريخي لحاظ کان ضروري فرضن خاطر ڪئي وڃي ٿي.

ان جدوجهد جي دوران ترقي پسند سماجي طبقا به نئين حاصلات هٿ اچڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ خاطر نوان قائم ادارا قائم ڪن ٿا.

ٿوس سائنسن، خاص ڪري طبيعي سائنسن جو هڪ مخصوص فرض هجي ٿو. خياليات جي برعڪس طبيعي سائنسون براهه راست پيداوار جي ترقيءَ جي خدمت ڪن ٿيون. جيئن نه طبيعي سائنسون فطرت جي قانونن جو اظهار آهن تنهن ڪري انسانن جي ان ڀالهه ۾ مدد ڪن ٿيون ته اهي قانونن کي وڌ کان وڌ جامع طور تي استعمال ڪري سماجي محنت جي پيداواري قوت ۾ اضافو ڪن. طبيعي سائنسن ڪمالات جو ٿوس جامو عوام جي تنظيمن جي صورت ۾ نه بلڪ اوزارن، پيداواري ذريعن ۽ مُعَيَنُ ٽيڪنالوجيڪل عملن جي صورت ۾ پائين ٿا. پر جيئن ته محنت جي اوزارن کي بهتر بنائڻ جي لاءِ براهه راست پيدا ڪرڻ وارن کي علم ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه جي ضرورت هجي ٿي تنهن ڪري عوام الناس کي طبعي سائنسن جي تعليم ڏين گهرجي نه ته پورهيتن جي ثقافتي ۽ ٽيڪنيڪي

سطح کي بلند ڪرڻ ناممڪن آهن.

جيئن ته طبيعي سائنسون آس پاس جي دنيا جو نظرياتي علم فراهم ڪن ٿيون تنهن ڪري اهي سائنسي نظريہ ڪائنات جي تشڪيل ۾ بنياد جو ڪم ڏين ٿيون، باطنيت، وهم پرستي ۽ فريب ڪاڻ شعور جي خلاف هڪ زبردست قوت آهن ۽ نظرياتي جدوجهد سان شريڪ بنجي وڃن ٿيون. وڌيڪ اهو ته، طبيعي سائنسن جي تحقيقات کي مُعَيَنُ نظرياتي شڪلين ۾ سجهيو وڃي ٿو تنهن ڪري طبيعي سائنسون بہ خيالیات جدوجهد جو اَڪاڙو بنجي وڃن ٿيون.

طبيعي سائنسون سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پنهنجو اثر وجهن ٿيون جن ۾ خيالیات بہ شامل آهي. ليڪن اهو عمل هڪ طرف پيداواري قوتن جي ذريعي سان ٿئي ٿو ته ٻئي طرف فلسفي جي وسيلي سان.

تنهن ڪري سماجي شعور جو تعلق سماجي زندگيءَ جي هر حلقي ۾ انسانن جي سرگرميءَ سان آهي. اهو پيداواري قوتن جي تخليق ۽ استعمال ۾، سماجي لاڳاپن جي انقلابي تبديليءَ ۾ ۽ عام طور تي سماجي زندگيءَ جي اندر تضادن کي حل ڪرڻ ۽ سرگرم ڪردار ادا ڪري ٿو.

خيالیات جي ڪردار جي متعلق جيڪي بنيادي تصور آهن تن جو اِطلاق اشتراڪي خيالیات جي سماجي منصبي فرضن تي بہ ٿئي ٿو، صرف هڪ بنيادي فرق کي ڇڏي ڪري. اشتراڪي خيالیات سمورن گذريل دورن جي خيالیات کان نہ صرف مافيها جي لحاظ کان مختلف آهي بلڪ ڪردار جي اعتبار کان بہ اهو ارتقا ۾ ادا ڪري ٿي. ان جو ڪردار تاريخي اعتبار کان بہ جيڪا اها زندگي ۽ سماج جي منصبي فرضن جي نوعيت کان مُعَيَنُ ٿئي ٿو جن کي پورو ڪرڻ ۾ هو مدد ڏئي ٿو.

اسين اها ڳالهہ ذهن ۾ رکون ته ڪميونسٽ تشڪيل جو ظهور ۽ ارتقا قانونن جي سائنسي علم، محرڪ قوتن ۽ سماجي فروغ جي رجحانن جي بغير، نئين سماج جي تعمير ۾ وسيع عوام الناس جي شرڪت کان سواءِ نا ممڪن آهي.

اشتراڪيت هڪ زنده ۽ تخليقي مظهر آهي تنهن ڪري اهو خود عوام جو معاملو آهي. ۽ صرف سائنسي خيالیات ئي عوام کي متحد ڪرڻ،

ان جي مرضيءَ کي گڏيل مقصد جي حصول جي راهه تي لڳائڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي. استحصال ڪرڻ وارن طبقن جو خاتمو، اهڙيون حالتون پيدا ڪري ٿو جن ۾ گڏيل خياليات جي تحت سماج جو سياسي اتحاد ۽ استحڪام ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري ٿو.

اشتراڪي خياليات نئين سماج جي پورهيت عوام کي پنهنجي مفادن جي مطابق نه صرف سائنسي شعور ٿي بخشي بلڪ انهن تضادن کي حل ڪرڻ ۾ به مدد ڏئي ٿي جيڪي سماج ۾ اڻندا رهن ٿا. اشتراڪي خياليات ماڻهن جي مادي ۽ روحاني معيارن کي بلند ڪرڻ، يعني ڪميونزم تعمير ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اشتراڪي خياليات پورهيت عوام ۾ اهو اعتماد پيدا ڪري ٿي ته اهي پنهنجو عظيم مقصد ڪميونزم حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. اشتراڪي خياليات انهن ۾ اهڙيون بلند روحاني ۽ اخلاقي صفتون پيدا ڪري ٿي جيڪي انسانن جي درميان نون رشتن جي شايان شان آهن. اشتراڪي خياليات ئي تاريخي رجائيت جو سرچشمو آهي جيڪا سوويت ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ موجزن آهي تنهن تي بورجوا ليڊر حيرت کائن ٿا ۽ ان کي سمجهي نه ٿا سگهن.

اشتراڪي خياليات کي هڪ نئون سماجي منصبي فرض سپرد ڪري ٿي. نئين سماج جي تعمير جي لاءِ پورهيت عوام الناس کي تعظيم ڏيڻ، منظم ڪرڻ، ۽ کين عمل جي لاءِ اپارڻ آهي.

ڪميونزم حاصل ڪرڻ جي لاءِ مستقبل جي انسان کي پروان چڙهائڻ ضروري آهي. اشتراڪي خياليات جي سوچ سمجهه عوام جي ذهن ۾ سائنسي نظريه ڪائنات کي تشڪيل ڏئي ٿي، ان جي ذهني اُفق کي وسيع ڪري ٿي، انهن کي اهو فهم عطا ڪري ٿي ته انهن جا ذاتي ۽ سماجي مفاد بلڪل هڪجهڙا آهن، ۽ هر فرد کي ڪميونزم جي خاطر گڏيل جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان با مقصد طور تي شريڪ ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

اشتراڪي خياليات کي انقلابي عوامي تحريڪ سان جوڙڻ جي ذميواري مارڪسي- لينني ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽيون انجام ڏين ٿيون جيڪي پرولتاريه جو ترقي يافته، منظم ۽ باشعور دستور آهن. مارڪسي- لينني آئيڊيولاجي اشتراڪي سماج جي ارتقا تي پنهنجو اثر سڀ کان وڌي

ڪري انهن پارٽين جي پاليسيءَ جي ذريعي وجهي ٿي. پارٽي جي پاليسي مُعَيَنُ تاريخي حالتن ۾ نظرياتي اصولن کي عمل جي نئوس پروگرام ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. جيڪڏهن خيالیات جو رشتو سياست ۽ عوامي اقدام سان نه جوڙيو ويجي تہ اها بس نيڪ تمنا ئي هوندي.

مارڪس ازم—لينن ازم انقلابي ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي پاليسي جو نظرياتي بنياد آهي. جيئن تہ اشتراڪيت ۾ پارٽي پاليسي مجموئي طور تي سماج جي ترقي تي با مقصد اثر جي وسيلي وانگر ڪم اچي ٿي، تنهن ڪري مارڪسي- لينني آئيڊيولاجي جنهن تي اها پاليسي مبني هوندي آهي سماجي زندگي جي معاشي سياسي ۽ روحاني شعبن ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي.

مارڪس ازم-لينن ازم پرولتاريہ جي آئيڊيولوجي ان جي مفاد جو نظرياتي اظهار ۽ ان جي تاريخي فرضن جو ضابطو آهي. اهوئي سبب آهي جو خود مزدور طبقو ۽ ان جي پارٽي مارڪس ازم جي اصولن کي بگاڙڻ، ان جو من پسند مطلب سمجهائڻ ۽ نظرياتي مونجهارا ڦهلائڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن ٿا چو تہ اهڙين ڳالهين سان مزدور طبقي جي جدوجهد کي انتهائي نقصان پهچي ٿو. تنهن ڪري مزدور طبقو ۽ پارٽي مارڪس ازم ۾ ڪثرت وجود يعني مارڪس ازم جي مختلف نمونن جي وجود جي شدت سان مخالف ڪن ٿا. سائنس صرف هڪ آهي، بس ان جي استعمال جون صورتون نئوس حالتن ۾ بدلجنديون رهن ٿيون. جيڪڏهن انقلابي پرولتاري پارٽي مارڪسي- لينيي نظريي جي پاڪيزگيءَ جي انتهائي استقلال سان مدافعت نہ ٿي ڪري، جيڪڏهن اها ڪٽر عقيدي پرستي ۽ ترميم پرستيءَ جي خلاف سخت جدوجهد نہ ٿي ڪري تہ اها پنهنجي فرض کان غافل رهي ٿي. ان سان پارٽي اهو بہ چوي ٿي تہ سماجي عمل جون ضرورتون ۽ سائنس جي فراهم ڪيل نئين معلومات جي بنياد تي خود ان نظرئي کي مسلسل تخليقي طور تي فروغ ڏيڻ کان سواءِ انقلابي نظرئي جي پاڪيزگي جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ ناممڪن آهي. سائنسي نظرئي جي پاڪيزگي جو مطلب ڪٽر عقيدي جي پاڪيزگي ڪانهي. تبديلي سان ڪٽر عقيدو ختم ٿئي ٿو پر سائنس ترقيءَ جي حالت ۾ ئي زندهہ رهي ٿي.

اشتراکي سماج مارکسي- لينني نظرئي جو ڪم صرف سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پارٽي پاليسي جي سائنسي تصديق ڪرڻ ئي ڪانهي بلڪ عوام جي سطح کي به ايترو بلند ڪرڻ آهي جو اهي پارٽي پاليسي سمجهي سگهن، ۽ انهن کي ان لاءِ تيار ڪرڻو آهي ته اهي پاليسي کي عملي جامو پهرائڻ ۾ سگهاري تخليقي اڳيرائي ڪن.

بيشڪ اشتراکيت ۾ زندگيءَ جون حالتون عوام ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ نون اشتراکي روين جا عنصر نئين ڪميونسٽ اخلاق جا عنصر اجاگر ڪن ٿا. ليڪن اشتراکيت ۾ به معمولي ۽ سائنسي نظرياتي شعور ۾ فرق باقي رهي ٿو محض زندگيءَ جي حالتن مان عوام جي براهه راست پنهنجي هستي ۽ ان جي ارتقا جي ضابطن جي سائنسي سوچ سمجهه پيدا ڪرڻ ٿي ٿئي. ڪميونسٽ شعور دنيا جي ادراڪ جي پوري تاريخ جو ڪل مجموعو ۽ بلند ترين نتيجو آهي، اهو سائنس مان پيدا ٿئي ٿو ۽ سائنس وانگر نشو و نما حاصل ڪري ٿو. لينن جو قول آهي ته:انسان تڏهن ڪميونسٽ ٿي سگهي ٿو جڏهن هو خيالات جي سڄي دولت جي علم سان پنهنجي ذهن کي مالا مال ڪري جنهن کي انسانيت تخليق ڪيو آهي، تنهن ڪري اشتراکيت جي دور ۾ پارٽي جي لاءِ عوام ۾ وسيع پئماني تي سائنسي اشتراکي شعور داخل ڪرڻ جي ذميواري اهم رهي ٿي. اشتراکيت جي فتح ۽ استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي خاتمي ڪانپوءِ اشتراکي آئيڊيالوجي مڪمل آئيڊيولاجي بڻجي وڃي ٿي ۽ ان کي وسيع پئماني تي عوام ۾ ڦهلائڻ جا انتهائي مفيد حالات پيدا ٿي وڃن ٿا. ان منزل ۾ سڀ کان پهرين اهو ممڪن هجي ٿو ته سڀني پورهيت ماڻهن جي شعور کي ان جي هر اول ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽي جي شعور جي سطح بلند ڪرڻ جو عملي فرض ڪيو وڃي يعني هر فرد کي سائنسي شعور فراهم ڪيو وڃي. هتي جيڪا ڳالهه اهميت رکي ٿي اها هي آهي ته پروپئگنڈا ٽيڪ طرح منظم ڪئي وڃي. عوام جي عملي، تبديلي ڪرڻ واري سرگرمي جي نقطئه نظر کان ڪارڪنن کي تعليم تربيت ڏني وڃي. اهو سائنسي نظرئي کي عوام جي عملي تجربي سان جوڙڻ کان پوءِ ئي ٿي سگهي ٿو.

سوويت رياست جي ارتقا جو تجربو ٻڌائي ٿو ته عوام ۾ نظرياتي

ڪم ۾ ان جي مفيد نتيجن جو انحصار ڪئي عنصرن تي ٿئي ٿو. جن مان چند اهم هي آهن.

1) پارٽي جي صحيح پاليسي جيڪا عوام جي بنيادي مفادن ۾ اهم ترين ضرورتن جو اظهار ڪندي هجي.
2) بورجوا نظرئي ترميم پرستي، ڪٽر عقيدي پرستي ۽ انسان جي ذهن ۾ ماضيءَ جي باقيات جي خلاف سخت جدوجهد
3) نظرئي ۽ عمل ۾ قول ۽ فعل ۾ يڪجهتي ماڻهن کي اهو موقعو ڏيڻ ته اهي خود پنهنجي عملي تجربي مان اهو سکن ته پارٽي جو نظريو ۽ پاليسي صحيح آهن. ماڻهن کي عملي ڪم جا مثال ڏيئي تعليم ڏيڻ.
4) ٺوس لفظن ۾ پروپئگنڊا، جنهن جو زندگي ۾ پارٽي جي پيش ڪيل ذميوارين سان گهرو لاڳاپو هجي انهن ذميوارين کي اجتماعي طور تي حل ڪرڻ ڪٽر عقيدي پرستي کي ختم ڪرڻ
5) موثر ۽ اصولي تنقيد ۽ خود تنقيد جيڪا معلوم شده خامين کي دور ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪئي وڃي.
6) عوام الناس جي ثقافتي معيار کي بلند ڪرڻ.
7) پروپئگنڊا ڪرڻ وارن جو نظرياتي سائنسي معيار بلند ڪري عام نظرياتي پروپئگنڊا جو معيار مسلسل بلند ڪندو رهڻ.
8) نظر ايندڙ قابل فهم پروپئگنڊا ۽ پرچار فرسوده فقرن کي ترڪ ڪرڻ ۽ نظرياتي اثر جي سمورن دستياب ذريعن کي استعمال ڪرڻ.

سوويت يونين جو تجربو ٻڌائي ٿو ته عوام ۾ اشتراڪي شعور پيدا ڪرڻ جو اڃ ڇڃ تعلق ان معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ ٻين مسئلن جي حل ڪرڻ سان آهي جيڪي اشتراڪيت جي نشو و نما جي دوران پيدا ٿين ٿا ۽ ان جدوجهد مان به جيڪا خامين دور ڪرڻ جي لاءِ ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري اشتراڪي شعور جي ترتيب کي صرف پروپئگنڊا ۽ تعليم تائين محدود نه ٿو ڪري سگهجي.

تنهن ڪري اشتراڪي سماج جي قانونن جي ادراڪ ۽ ان جي باشعور اطلاق مان ايري ٿو ۽ فروغ پائي ٿو. اهو سائنسي بنياد تي قائم آهي. هتي خيالپات سماج جون ضرورتون صرف انهن دورن ۾ ئي پوريون ٿي ڪري

جڏهن انقلابي عمل جي ذريعي پراڻي سماجي حالتن کي ختم ڪيو وڃي ٿو بلڪ هر شعبي ۾ نئين زندگيءَ جون نيون شڪليون تخليق ڪرڻ جي روزمره جي ڪمن ۾ به استعمال ٿئي ٿي.

باب نائون
سماج ۾ شخصيت

اسان جي دور ۾ فرد جي مسئلي انتهائي اهميت اختيار ڪري ورتي آهي. هي هڪ اهڙو مسئلو آهي جنهن سان هر هڪ جو واسطو آهي ۽ دلچسپي ب.

عالمي تاريخ هاڻي اهڙي دور ۾ داخل ٿي وئي آهي جتي هر سوچ ويچار ڪرڻ واري انسان کي پنهنجي ذاتي مقدر ۽ زماني جي انهن بنيادي سماجي مسئلن جي حل ڪرڻ جي درميان تعلق جو شديد احساس ٿي ويو آهي، جن تي انسانيت جو مستقبل منحصر آهي. فرد سماج، پنهنجي عوام جي ۽ مجموعي طور تي انسانيت جي مستقبل جي ذميداري ڏينهون ڏينهن پنهنجي سر تي کڻڻ لڳو آهي. سرمائيداري ۽ اشتراڪيت، پرولتاريه ۽ بوجوازي، ترقي پسند ۽ رجعت پرست قوتن جي درميان جدوجهد ٿي رهي آهي تنهن انساني مسئلن جي اهميت وڌائي ڇڏي آهي.

فرد جي مسئلي تي مارڪسزم ۽ مختلف قسم جي بورجوا فلسفيانه ۽ عمرانياتي رحجانن جي درميان سخت نظرياتي جدوجهد ٿي رهي آهي. انسان جي مسئلي ڏانهن مارڪسي نقطئه نظر کي بورجوا نظريه دان مسخ ڪري رهيا آهن ۽ دعوا ڪن ٿا ته مارڪس ازم انسان کي ثانوي سمجهي ٿو. اهي الزام هڻن ٿا ته مارڪس ازم - لينن ازم فرد کي نظرانداز ڪري ٿو. اشتراڪيت فرد کي چيپاٽي ٿي ۽ ان کي اجتماعيت جي ڪَن ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿي. جڏهن اشتراڪيت شديد طبقاتي جدوجهد جي دوران ايري رهي هئي ۽ جڏهن پنهنجي ارتقا جي ابتدائي سالن ۾ انتهائي مشڪلاتن تي عبور حاصل ڪري اها قائم ٿي رهي هئي، جڏهن سرمائيدار دنيا جي ڪري ڇڏيو هو ته انهن خارجي حالتن قدرتي طور تي فرد جي مسئلي کي منظر عام تي آڻڻ کان روڪيو. سوويت ماڻهن غربت مٽائڻ اشتراڪيت جو

بنياد وجهڻ ۾ سماج ۾ فرد جي گهڻ طرف ترقيءَ جي تياري جي خاطر تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. ان عارضي حالت کي مارکس ازم جا دشمن مطلق بڻائن ٿا ۾ ان کي بنياد قرار ڏيئي دعوا ڪن ٿا تہ مارکس- ازم لينن ازم فرد کي رياستي ميڻن جو بس "ڪل پرزو" ئي سمجهي ٿو پر اها دعوا مارکس ازم لينن ازم جو مغز ۾ جوهر ظاهر نہ ٿو ڪري چوتہ انسان ۾ ان جي گهڻ طرفي نشو و نما ان جو بلند ۾ برتر مقصد آهي. هاڻي جڏهن اشتراکي نظام پختو ٿي ويو آهي ۾ سوويت عوام جي لاءِ ڪميونزم جي تنقيد عملي ذميواري بنجي وئي آهي تہ فطرتي ڳالهہ آهي تہ فرد جو مسئلو سماجي ارتقا ۾ سائنسي ۾ فلسفيانہ مطالعي جي نقطئہ نظر کان وڌيڪ اهميت اختيار ڪري رهيو آهي.

سماج ۾ فرد جي درميان تعلق جو مطالعو ان وقت تائين نا ممڪن آهي جيستائين جو چند نظرياتي ۾ منهاجي مسئلن کي مرتب ۾ حل نہ ڪيو وڃي. تاريخي مادیت جيڪا هڪ فلسفيانہ عمرانياتي سائنس آهي انهن مسئلن کي ترتيب ڏئي ٿي ۾ انهن کي خاص تجزئي جو موضوع بنائي ٿي. انهن مان اهم ترين هي آهي. سماج فرد جي نشو و نما، ان جي سرگرمي، ان جي صلاحيت جي اظهار ۾ استعمال جي لاءِ ڪهڙيون سماجي حالتون، مادي ۾ روحاني موقعا فراهم ڪري ٿو؟ سماجي حالتن سان انسان ڪيئن ربط رکي ٿو. انهن جي انفراديت ڪيئن تشڪيل پائي ٿي؟ هڪ مُعَيَنُ سماجي نظام جي اندر سماج ۾ فرد جي مفادن کي هم آهنگ ڪيئن ڪيو ويندو آهي، انهن لاڳاپن کي مُعَيَنُ ڪرڻ وارا اصول ڪهڙا آهن جيڪي مختلف سماجي نظامن جي بنياد مان پيدا ٿين ٿا؟ اهو تاريخي عمل ڇا هي جنهن ۾ فرد تشڪيل پائي ۾ ترقي ڪري ٿو. تاريخ ۾ فرد جو ڪردار ڇا آهي؟

شخصيت جي نشو نما

انسان جون خصوصيتون بيان ڪرڻ جي لاءِ روزمره جي زندگيءَ ۾ سائنس ۾ فلسفي ۾ ڪيئي اصطلاح استعمال ڪيا وڃن ٿا. انسان، فرد، شخصيت، انفراديت وغيرهہ. انهن ۾ فرق ڪهڙو آهي؟

انسان، هڪ انتهائي عام تصور آهي جيڪو هڪ حياتياتي قسم،

نوع انسان جون خصوصيتون بيان ڪري ٿو. ان جو مطلب اهو آهي ته ذي روح هستين جي ان نوع جي سماجي فطرت هوندي آهي ۽ هر هڪ جي جنهن جو تعلق ان نوع سان آهي، انسان جي نالي سان سڏيو وڃڻ جو حق آهي.

فرد واحد انساني هستي آهي. هر ماڻهو جنس، عمر يا تاريخي عهد جي لحاظ جي بغير هڪ فرد آهي. فرد انساني نسل جي اڪائي آهي ۽ ماڻهو جي خالص ڪَيفيتي معنيٰ ۾، بغير ڪيفيتي امتيازن جي، تعريف ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو ويڃي ٿو. ان جو اهو مطلب به آهي ته انفرادي خصوصيت جي حيثيت سان انسان جيترو گهڻ ترقي يافته هجي ٿو اوتروئي شخصيت نه بلڪ فرد نظر اچي ٿو.

شخصيت، به واحد انساني هستي آهي پر هر انسان شخصيت نه هوندو آهي. تنهن ڪري نئون جاول ۽ ماڻهو ته آهي پر ان کي شخصيت نه ٿو چئي سگهجي فرد شخصيت ان حد تائين ٻڌجي ٿو جنهن حد تائين هو ثقافت جي سلجهاين کي جذب ڪري ٿو. سرگرمي جو باشعور خالق بنجي ويڃي ٿو ۽ پنهنجي افعال جو ذميدار هجي ٿو. شخصيت جي تشڪيل ماڻهو جي انفرادي ۽ سماجي ارتقا جي عمل جي دوران ٿئي ٿي.

پر اها انفرادي ارتقا، يعني هڪ مخصوص انفراديت جي تشڪيل هڪ ئي وقت اهڙو عمل هجي ٿو جنهن ۾ انسان پنهنجو نوع انساني جو جوهر حاصل ڪري ٿو. پر نوع انسان جي جوهر کي محض نسل انسانيءَ جي رڪنيت نه سمجهڻ گهرجي. مارڪس لکيو آهي ته: انسان پنهنجي جوهر جي لحاظ کان سمورن سماجي تعلقات جي ميزان ڪُل آهي. هي انتهائي اهم اصول آهي جيڪو انسان ڏانهن نقطئه نظر جي تعلق مارڪسزم کي ٻين سمورن فلسفن کان ممتاز بڻائي ٿو. مارڪس ازم انسان جي جوهر کي ۽ تنهنڪري فرد جي متعلق به پنهنجي تصور کي ٺوس سماج جي روشنيءَ ۾ پيش ڪري ٿو جيڪو انسان جي تشڪيل ڪري ٿو.

جڏهن اسين ڪنهن هڪ يا ٻئي سماج جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي مُعَيَنُ سماج ۾ ان جي امتياز خصوصيتن ۽ انسان جي جوهر جو پتو پوي ٿو. پر انسان جو جوهر سالم انسان ڪونهي هوندو. جڏهن اسين معاشري جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسين ان وقت تائين ماڻهو کي ان جي

انفرادي صورتن جي ۽ سماج سان ان جي رشتن جي عظيم رنگينين سان گڏ نہ ٿا ڇاڻون انسان ۽ سماج کي هڪ نہ ٿو چئي سگهجي. انسان معاشري ۾ تحليل بہ نہ ٿو ٿي وڃي بلڪ ان جي برعڪس اهڙي شيءِ وانگر قائم رهي ٿو جيڪا سماج کان ممتاز هوندي آهي ڇو تہ هر هڪ انسان بينظير انفراديت ۽ مُعَيَنُ شخصيت هجي ٿو.

تنهن ڪري شخصيت هڪ ئي وقت عام انساني اصول جو وسيلو (هر شخصيت انسان آهي) مخصوص جو وسيلو هجي ٿو ڇو تہ هر ماڻهو جو تعلق مُعَيَنُ دور تز معاشري قوم ۽ طبقي سان هجي ٿو ۽ هر ماڻهو بي مثال سيرتي خصوصيتن جو بہ مالڪ هجي ٿو جيڪي صرف ان شخصيت جو حصو هوندا آهن.

لهٰذا شخصيت جي تشڪيل هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو انهن ٽن پهلوئن تي مشتمل هجي ٿو. شخصيت جون عام انساني خصوصيتون (محسوس ڪرڻ سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ جي صلاحيت) ۽ ماڻهوءَ جون انفرادي امتيازي خصوصيتون بہ هڪ اهڙي مُعَيَنُ سماج ۾ تشڪيل پائين ٿيون جن جون پنهنجون مخصوص امتيازي خصوصيتون هونديون آهن.

شخصيت انفرادي ارتقا سان بحث ڪرڻ وقت پهرين ڳالهہ جيڪا ڌيان ۾ رکڻ گهرجي اها ماڻهوءَ جو فطري حياتياتي آغاز آهي. هر انسان جي حياتي هڪ مُعَيَنُ حياتياتي دور مان ٿي گذري ٿي. هو پيدا ٿئي ٿو. بالغ ٿئي ٿو ۽ ڀڃاپي جي منزل تي پهچي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. حياتياتي ارتقا جي ڪري ئي ٻارن کي هڪ عرصي تائين والدين جو محتاج رهڻو پوي ٿو. انسانن جون حياتياتي ضرورتون هونديون آهن غذا، پاڻي، ننڊ، آرام، جنسي خواهش وغيره. هر انسان جي خصوصيت جو تعلق ان جي فطري استعداد ۾ مخصوص مزاج سان هجي ٿو. هر سماج ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان جنس، عمر، مثل جي لحاظ کان مختلف هوندا آهن. انهن سڀني جو بنياد حياتياتي آهي.

چناڇہ انسان فطرت جي اولاد آهي. ان جي سماجي ارتقا جي سطح ڪٿي ڪجهہ بہ هجي فطرت سان ان جا رشتا ڪڏهن نہ ٽٽن. هر شخصيت جي انفرادي نشو و نما تي هيءَ ڳالهہ پنهنجو اثر وجهي ٿي. ماڻهوءَ جي

سماجي ارتقا جا بنياد ۽ لازمي شرط هميشہ حياتياتي رهيا آهن. جيڪي سماجي حالتن جي زير اثر بدلجي وڃن ٿا ۽ انهن جا مُعَيَنُ سماجي نتيجا بہ نڪرن ٿا. مثال طور نجي ملڪيت جي تحت جنسن ۾ فرق جو نتيجو عورت جي مرديتي سماجي معاشي محتاجي آهي. رنگ وغيره جا ظاهري نسلي فرق جيڪي جاگرافيائي ماحول جي ڪري پيدا ٿين ٿا تضاد رکڻ واري سماج ۾ ان جا زبردست سماجي نتيجا بر آمد ٿين ٿا. نسلي امتياز علم مساوات، جدوجهد انهن مان نسل پرست خيالات انسان دشمن نسل پرست نظريا پيدا ٿين ٿا جيڪي نسلي فرق کي مطلق بنائي ڇڏين ٿا ۽ نسلن جي درميان ڪشمڪش کي عالمي تاريخ جو مرڪز قرار ڏين ٿا. ان جي سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ جي قابليت جو تعلق آهي تہ نسلي امتياز بلڪل بي معنيٰ آهن.

عمر ۾ فرق کي بہ سماجي اهميت حاصل هجي ٿي. سرمائيدار ملڪن نوجوانن جا مسئلا، نسلن جي درميان خليج شدت اختيار ڪري ورتي آهي. نوجوان ماڻهو يا انهن جو هڪ حصو سرمائيدار سماج جي خامين کان چڱيءَ طرح واقف آهي ۽ ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. ان جو اظهار احتجاج جي مختلف شڪلين ۾ ٿئي ٿو هيءَ حقيقت فرد هڪ مُعَيَنُ مقام تي ۽ مُعَيَنُ زماني ۾ پيدا ٿئي ٿو. ان جي مُعَيَنُ سماجي، قومي ماحول جي درميان هڪ رشتو قائم ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهو رشتو ڪنهن حد تائين ان جي انفرادي ارتقا جي نوعيت، ان جي مستقبل کي پهرين کان مقرر ڪري ڇڏي ٿو. واقعي سماجي ماحول انسان کي هڪ شخصيت ۾ ڍالي ٿو. خالص خيالياتي هستي جي نقطۂ نظر کان بہ انسان جو وجود سماج کان، هڪ مُعَيَنُ مادي ۽ ثقافتي ماحول کان ٻاهر نہ ٿو ٿي سگهي.

پهرين ٻالهہ جيڪا ڏيان ۾ رکڻ گهرجي اها آهي تہ پنهنجي زندگيءَ جي تقريباً ٽئين حصي تائين انسان ٻين انسانن جو براهہ راست محتاج رهي ٿو ڇو تہ ان جي سار سنيال، ڪارائڻ پيارڻ، ضروريات زندگي فراهم ڪرڻ جي بغير هو زنده رهي نہ ٿو سگهي. پنهنجي باقي سڄي زندگي هو زندگيءَ جون ضرورتون ٻين مانهن سان سرگرميءَ جي ذي وٺ ڪري حاصل ڪري ٿو. ان کان علاوه اهي سيئي شيون جن جي ان کي پنهنجون خالص حياتياتي حاجتون پورو ڪرڻ جي ضرورت هجي ٿي. (انهن

ضرورتن جو تہ ذکر ئي ڇا جيڪي ان معاشي ارتقا جي دوران پيدا ٿين ٿيون) پڻ کي پورو ڪرڻ جي طريقن ۽ ذريعن سميت، اهو سڀ سماج ئي پيدا ڪري ٿو. وري انسان جو ٻين ماڻهن تي روحاني انحصار به هجي ٿو ڇو تہ انهن کان ئي هو پنهنجي ٻولي، علم، حقن ۽ فرضن جا تصور رونين ۽ ورتاءَ جا قائدا ۽ معيار حاصل ڪري ٿو انسان معاشري کان صرف پنهنجو وجود ئي قائم رکڻ نہ بلڪ عمل ڪرڻ به سکي ٿو.

شخصيت جي تعليم ۽ نشو و نما کي ڪو اهڙو عمل نہ سمجهڻ گهرجي جيڪو انسان جي زندگيءَ جي هڪ خاص دور تائين محدود رهندو هجي. جيڪڏهن سچ پچو تہ انسان سڄي زندگي بدلجي ٿو ۽ بهتر ٿي سگهي ٿو. هڪ عام چوٽي آهي تہ سؤ سال زنده رهڻ ڪانپوءِ به انسان کي سِکڻو پوي ٿو. پر ان عمل ۾ ڪيفيت جي لحاظ کان مخصوص منزلون هڪ ٻئي کان ممتاز ڪري سگهجن ٿيون. نفسيات جا ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ عمر جي هر دور ۾ انسان جي ذهني حالت مساوي طور تي مائل ٿيڻ جي صلاحيت نہ ٿي رکي ننڍپڻ ۽ نوجواني ۾ بيروني اثرات ۽ تحريڪات جي رد عمل ۽ ان ۾ تبديليءَ جي مزاحمت جي جيڪا ساخت تشڪيل ٿئي ٿي ان کي انسان قائم رکي ٿو. عادتون جڏهن هڪ دفعو نهي وڃن ٿيون تہ انسان جي ذهني ساخت تي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏين ٿيون. ان مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ انفرادي ۽ سماجي ارتقا جي دوران انسان جي تبديلي ۽ حالتن جي مطابقت پذيري هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو تقريباً ان جي سڄي زندگيءَ ۾ جاري رهي ٿو. ان کي ٻن بنيادي مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مطابقت پذيريءَ جي منزل جيڪا ننڍپڻ کان جواني تائين هجي ٿي ۽ بالغ فرد جي اهم سرگرميءَ جي منزل جنهن کي سماج ۾ انسان جي "آزاد" سرگرميءَ جو مرحلو به چئي سگهو ٿا. انسان ان وقت بالغ ٿئي ٿو جڏهن هو سماج ۾ هڪ معيوب سماجي ڪردار ادا ڪرڻ لڳي ٿو ۽ اهو ان جي ذات جي جائزي ۽ ٻين جي جائزي ۾ تبديليءَ جو بنياد آهي.

تہ پوءِ ڪهڙي شيءِ شخصيت جي امتيازي خصوصيتن کي ۽ هر انسان جي بي نظير انفراديت کي مُعَيَنُ ڪري ٿي! اسين روزانہ جي تجربي مان ڄاڻون ٿا تہ وڏا وڏا سماجي گروهہ قومون وغيره جيتوڻيڪ واحد سالم

آهن پر گوناگون انسان شخصيتن تي مشتمل هجن ٿا جن مخصوص سماج جون عام حالتون، تعلقات ۽ قانون انفرادي شخصيت ۽ ان جي سرگرمي جي درميان وچ واريون ڪڙيون هجن ٿيون جن جي صورت ننڍو ماحول، ننڍا گروهه ۽ انفرادي هستي هجن ٿا. فرد هميشه مُعَيَنُ ماحول جي حالتن ۽ خاندان، اسڪول، پيداواري ٽيم وغيره جهڙن اجتماع ۽ تشڪيل ٿئي ٿو رهي ٿو ۽ عمل ڪري ٿو. هن انفرادي هستي جو دارومدار براهه راست هن جي قريبي ماحول يعني ننڍن گروپن جي امتيازي خصوصيتن تي هجي ٿو جيڪي بين انسانن سان گڏ ان جي براهه راست رابطن جو حلقو آهن. شخصيت ان جي انفرادي هستي جي قريبي مادي حالتن، ننڍن گروهن جي قدرن روايات ۽ قائدن جي نظامن مان تشڪيل ٿئي ٿي. ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته هڪ ئي ننڍي ماحول مان نه مختلف انفراديتون تشڪيل ٿين ٿيون. انسان پنهنجي آس پاس جي ماحول جو مجهول طريقي سان اثر قبول نه ٿو ڪري، ماحول ڏانهن هن جو رويو سرگرم هجي ٿو وڌن ۽ ننڍن ۾ ننڍن ماحولن جي اثر کي منتخب ڪرڻ جي نوعيت جو انحصار ڪيترن ئي وجوهات تي ٿئي ٿو. انهن مان هڪ اهو آهي ته هر انسان جي قدرتي قابليت ۽ سرگرمي ڪافي ڪردار ادا ڪري ٿي.

ان سان گڏئي انسان ۽ ان جو قريبي ماحول سماجي تعلقات جي وسيع تر نظام ۾ متصل ٿي وجن ٿا. طبقاتي، بين الطبقاتي، قومي، بين الاقوامي وغيره. ان وجهه جي ڪري انفراديت جي تشڪيل ڪري ٿو فيصلہ ڪن اهميت مخصوص سماج جي زندگيءَ ۾ انهن عام حالتن کي ڏيڻ گهرجي جيڪي فرد تي براهه راست ننڍڙي ماحول جي مخصوص ڪيفيت جي ذريعي ٻنهي طرح اثر انداز ٿين ٿا. سماجي پختگي جي هڪ مُعَيَنُ منزل تي پهچي ڪري فرد انهن مسئلن ڏانهن سرگرم رويو اختيار ڪرڻ لڳي ٿو جن کي طبقاتي قومي ۽ بين الاقوامي مفاد پيدا ڪن ٿا، يعني اهڙن مسئلن ڏانهن جيڪي ننڍن گروهن جي فوري مفادن جي دائري کان ٻاهر هجن ٿا.

خود انسان جي سرگرميءَ جي بناء تي هميشه اردگرد جون حالتون ۽ ان جو ماحول ان تي اثرانداز ٿين ٿيون. شخصيت جي تشڪيل جي ابتدائي

مرحلن ۾ اها سرگرمي راند جي صورت اختيار ڪري ٿي راند جي ئي ذريعي ٻار سڀ کان پهرين دنيا ۽ شين جي گُڻن جو علم حاصل ڪري ٿو. پنهنجي انفراديت کي مائل ڪري ٿو ۽ ان جو اظهار ڪري ٿو. بعد ۾ تعليم، ڪم ۽ مختلف قسم جون مادي ۽ روحاني سرگرميون ان عمل ۾ شامل ٿي وڃن ٿيون جن جي ذريعي انسان دنيا سان گڏ باهمي عمل ڪري ٿو. انسان جو جوهر سرگرم رهي ٿو. اهو ماحول جي مجهول پيداوار ڪونهي ۽ ماحول کان اضافي طور تي آزاد آهي. اها اضافي آزادي شخصيت جي رويي جي ڏانچي جي تشڪيل جي لاءِ لازمي شرط آهي. جڏهن انسان پنهنجي فيصلي جي بنياد تي عمل ڪري ٿو تہ هو خود خالق جي حيثيت سان ايري ٿو. هو اهڙي هستي ڪونہ ٿو رهي جنهن جو رويو ان جي ماحول پهريائين کان ئي مُعَيَنُ ڪيو هجي ۽ جيڪو بلڪل ماحول جو پابند هجي. اهوئي سبب آهي جو انسان جنهن حد تائين پنهنجي رويي ۾ آزاد هجي ٿو ان حد تائين اهو هن جي شخصيت جي ارتقا جي نشاني بنجي وڃي ٿو.

شخصيت جي تاريخي واڌ ويجهه

جيئن اسين مٿي بيان ڪري چڪا آهيون تہ انسان محنت جي عمل جي دوران ۽ ان جي بنيادتي فطرت مان ايريو آهي. ۽ قديم معاشري ۾ هو پنهنجي برادري (ابتدائي ڏڙ، خاندان، قبيلي) سان ايترو گهٽو جڙيل هو جو ڪيس پنهنجو پاڻ کان هڪ آزاد شخصيت وانگر واقف ٿيڻ اڃا باقي هو. جيئن مارڪس لکيو آهي تہ: انسان کي فطرت جي ٻنڌڻن جا نيل اڃا ڪاٿي آزاد ٿيڻو هو. هو پنهنجي ذاتي هستي کان صرف هڪ مُعَيَنُ برادري جي ميمبر وانگر آگاهہ هو. اهو انسان ۽ اجتماع جي ابتدائي وحدت جو نتيجو هو. پيداواري قوتن جي غير ترقي يافتہ حالت ۽ فطرت تي انسانن جي انحصار جو جنهن سان انفرادي طور تي پيدا ڪرڻ وارن جي حيثيت سان نہ بلڪ هڪ مُعَيَنُ اجتماع وانگر ڏيئي رهيا هئا.

اجتماعي قبيلي ۾ فرد سماجي هو ۽ پنهنجي خاندان يا قبيلي جي زندگي جي سرگرمي ۽ قائدن جي صورتن سان ئي ان جو واسطو رهي ٿو ۽ هي اهڙو عمل ڪونهي جنهن ۾ شخصيت تشڪيل ٿيندي هجي.

تاريخي اعتبار کان انسان شخصيت جو روپ ڏاڑ ان وقت شروع ڪيو جڏهن قديم پنچائتي اجتماع منتشر ٿي ويو ۽ طبقاتي معاشرو ايري آيو. جڏهن انسانن جي سرگرميءَ جي نتيجن جو ڏينهون ڏينهن انحصار ان جي انفراديت ۽ انفرادي فيصلن تي ٿيڻ لڳو. انهن حالتن ۾ فرد جو شخصيت ۾ ترقي ڪرڻ ضروري ٿي ويو جنهن کي بيروني ماحول جنم ڏنو ۽ انهن جو سرچشمو سماجي ارتقا جون خارجي ضرورتون هيون.

سماج ۽ شخصيت جي درميان لاڳاپن جي مسئلي ڏانهن هر سماجي تشڪيل جو پنهنجو نقطئه نظر ۽ پنهنجو حل هجي ٿو. ان تي مختلف ملڪن ۾ پنهنجن پنهنجن امتيازي ۽ خصوصيتن ۽ روايات جي ڇاپ هوندي آهي.

- شخصيت جي نشو و نما ۽ سماج سان ان جي تعلق جون خصوصيتون بيان ڪرڻ وقت ٿي نڪتا ڏيان ۾ رکڻ جي ضرورت آهي.
- خارجي حالتون جن کي سماج شخصيت جي واڌ ويجهه لاءِ پيش ڪري ٿو.
- اها سطح جنهن تائين شخصيت جي پنهنجي خود آگاهي ۽ سرگرمي ترقي ڪيل آهي
- اها حد جنهن تائين سماج ماڻهو کي هڪ شخصيت تسليم ڪري ٿو

نجي ملڪيت ۽ سماج جي طبقن ۾ تقسيم جي بنياد تي شخصيت جي تشڪيل طبقاتي شخصيت جي حيثيت سان ٿئي ٿي جنهن جو سماج سان بالواسطه باهمي رشتو هجي ٿو. طبقي حڪمران جماعت بندي يا فرقي جي نمائندي جي حيثيت سان تنهن ڪري ابتدا کان ئي حاڪم ۽ محڪوم طبقن ۾ شخصيت جي تشڪيل ڪانپوءِ حالات ۽ اسباب الڳ الڳ ٿين ٿا. غلامي جي نظام واري يونان ۾ ممتاز هستيون غلامن، براهه راست پيدا ڪرڻ وارن جي برابر پروان چڙهيون جن جو درجو گهريلو جانورن ۽ شين جي برابر هو. جاگيردارن جي شجاعت پهلوبه پهلو هاري هئا جن کي "سماجي ڏاڑ" ۾ تبديل ڪيو ويو هو. ظلم، استحصال ۽ غلامي عوام کي دماغي ۽ تخليقي سرگرميءَ کان الڳ ڪري ڇڏي ٿي ۽ شخصيتن وانگر انهن جي واڌ ويجهه جي رفتار کي سست بڻائي ٿي.

ان کان علاوہ شخصیت جي تشکیل ٿیڻ ۾ انسان جو پاڻ سڃاڻڻ جي ترقي ۾ شامل هجي ٿي. اهو صحیح آهي ته مخصوصیت کي گهٽائي ان کي پان سڃاڻڻ جو درجو ڏیڻ درست کونهي جیئن تصوریت پرست کن ٿا. پر فرد جو پاڻ سڃاڻڻ جي سطح ۽ سماج ڏانهن پنهنجي ذمیداري جو شعور شخیصت جي حیثیت سان ان جي واڌ ویجهه جو پیمانو آهي. ان جو مطلب رڳو شعور کونهي بلڪ شین جي اصلي حالت آهي. مجموعي طور تي فرد جي پاڻ سڃاڻڻ جو شعور جنهن حق تائین بلند ٿئي ٿو تنهن جو دارومدار تاریخي حالتن تي هوندو آهي. مثال طور جماعت بندین جي نظام جي رستي واري سماج ۾ ماڻهو هڪ شخصیت وانگر نه بلڪ کنهن مُعَیَنُ جماعت بندي جي نمائندي جي حیثیت سان پنهنجو حق جتائي ٿو. جاگیرداري نظام ۾ هڪ رئیس جنهن ڳالهه جو سپ کان وڌیڪ قدر کندو هو اها هيءَ هئي. ته ان جو شرفا جي جماعت بنديءَ سان تعلق آهي سرمائیدار جي لاءِ شخصیت کي سندس ملکیت کان الڳ نه ٿو کري سگهجي سرمائیداريءَ ۾ ماڻهو هڪ آزاد شخصیت وانگر صرف جائداد جي مالڪ جي حیثیت سان ئي ظاهر ٿئي ٿو ۽ ان جو جاهه ۽ رتبو ان جي آمدني جي مطابق هجي ٿو اهوئي سبب آهي جو اهي ماڻهو جن جي دماغ ۾ اهڙو نظریو پریل هوندو بلڪل خلوص سان اهو یقین کري وٺن ٿا ته اشتراکیت جیئن ته نجي ملکیت ختم کري ڇڏي ٿي تنهن کري سیني ماڻهن کي هڪ ئي هیئین سطح تائین وٺي آڻي ٿي ۽ ائین شخصیت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏي ٿي.

آخر ۾ سماج ۽ شخصیت جي رشتي جو تجربو کرڻ وقت هي سوال ٿو پیدا ٿئي ته سماج شخصیت ۽ ان جي حقن کي نالي ماڻر تسلیم کري ٿو یا حقیقت ۾ هي مسئلو مختلف تاریخي دورن ۾ مختلف تز صورتون اختیار کري ٿو، لیکن همیشه ان جو لاڳاپو مخصوص سماج جي حقیقي معاشي تنظیم سماجي نظام ۽ خیالیات سان هجي ٿو. هتي اسین یاد ڏیارڻ گهرون ٿا ته غلام ۽ غلام هاري شخصیت جي حق کان محروم هئا. بورجوا سماج، جتي قانون جي نظر ۾ مساوات جو اصول نافذ آهي، شخصیتن جي حقن کي تسلیم کرڻ ڏانهن کافي پیش قدمي

ڪئي آهي. پر سرمائيداريءَ ۾ انسان جو سماجي ۽ جائدادي رتبو انسان جي تخميني جو فيصلو ڪري ٿو.

صدين کان استحصال ڪندڙ طبقن جا ميمبر پورهيت عوام الناس کي بي لطف بي ڏنگو ڏڻ چوندا آيا آهن جن ۾ انفراديتن جي لاءِ ڪا جڳهه ڪانهي اهو غرور پسند تصور استحصال ڪرڻ وارن جي نقطئه نظر کان عوام جي مظلومي ۽ ماتحتيءَ جي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ جيڪي ماڻهو دولت يا اعليٰ خاندان يا نسل جو هجڻ جي بلندين تي براجمان آهن کين جي رتبي کي حق بجانب ثابت ڪري ٿو. تنهن ڪري انسان دوست ۽ جمهوري خيالات جيڪي شخيصيت کي وڏي قدر وقيمت سان ڏسن ٿا سي سماج فڪر جي عظيم دين آهن توڙي جو بذات خود انهن خيالات کي تضاد رکڻ واري سماج ۾ عملي جامو نه ٿو پهرائي سگهجي.

سرمائيداريءَ ۾ ترقي يافته پيداواري ٽرانسپورٽ جا ذريعا انسانن جي درميان ميل ميلاپ جا زبردست امڪان انهن جي رسمي مساوات، انهن سيني ڳالهين مان هڪ طرف ته اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته شخصيت جي واڌ ويجهه جي لاءِ بيحد موزون حالتون ملن ٿيون ۽ انسان کي پنهنجي روحاني صلاحيات کي وڌ ۾ وڌ ڪم ۾ آڻڻ گهرجي ڇو ته سماج ۾ جيڪا تنازع البقا مسلسل جاري آهي تنهن سان نبرڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي. پر حقيقت ۾ سرمائيداري انسان کي اپاهج بنائي ڇڏي ٿي ان جي شخصيت کي بگاڙي ۽ روح کي پامال ڪري ڇڏي ٿي.

سرمائيداريءَ ۾ محنت جي ورڇ جون سموريون صورتون وڏي ترقي يافته حالت ۾ هجن ٿيون. پر مسخ شده صورت ۾ صنعتي ادارن جي اندر، پيداوار جي مختلف شاخن جي درميان خاص ٽيڪنيڪي تقسيم، شهرن ۽ ڳوٺن جي درميان محنت جي تقسيم ۽ ذهني ۽ جسماني محنت ۾ تقسيم محنت جي اهڙي تقسيم مان انسان سرگرميءَ جي مخصوص شعبي ۾ هڪ مُعَيَنُ پيٽي سان سلهاڙجي وڃي ٿو. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته ان جي شخصيت جي هڪ طرفي واڌ ويجهه ٿئي ٿي. انسان جيئن ته مشين جو ماتحت بنجي ”جزوي مزدور“ ٿي وڃي ٿو تنهن ڪري سندس شخصيت هڪ طرفو هجي ٿي ۽ هو پنهنجي صلاحيات ۽ امڪاني قوتن کي پروان نه ٿو

چاڙهي سگهي ٻئي طرف سرمائيدار جي شخصيت سرمائي جو نمائندو هجي ٿي. اهڙي شخصيت جي لاءِ اهم ترين ڳالهه سرمائي جو حصول، ان جو تحفظ ۽ فروغ آهي. ان مان سرمائيدار جو ذهني افق ۽ آرزو مخصوص حلقي ۾ محدود ٿي وڃن ٿا.

اهو صحيح آهي ته انسان جي زندگي صرف پيداوار جي حلقي تائين محدود ڪانهي سماج ۾ ڪيس ٻيا مختلف قسم جا سماجي منصبي فرض به انجام ڏيڻا هوندا آهن. هو شهري هجي ٿو، خاندان جو فرد، مختلف تنظيمن جو ميمبر وغيره تعلقات جي ڪيئي نظامن ۽ شموليت سان ۽ هر نظام ۾ مخصوص منصبي ڪم انجام ڏيڻ سان انسان ان جي آگاهي پنهنجي خاص ڪردار جي ذريعي حاصل ڪري ٿو جيڪو هر نوس حالت ۾ ادا ڪرڻو پوي ٿو. ان جي شخصيت مربوط انفراديت وانگر ڪانهي بلڪ مختلف سماجي ڪردارن جو مجموعو نظر اچي ٿي اهو هن جي شخصيت جو گهڙ رخي اظهار ناهي هوندو بلڪ مختلف سماجي ادارن جي انهن مطالبن سان مطابقت جي ٿي جيڪي ٻاهران ان تي عائد ڪيا وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو انسان جي سرگرمي خود ان جي خودروعمل ۽ ان جي مفادن جي اظهار وانگر نه بلڪ منصبي فرض کي پورو ڪرڻ ۽ ادا ڪيو ويندڙ ڪردار نظر اچي ٿو. نتيجي ۾ انسان محسوس ڪرڻ لڳو آهي ته هو بس خرچ ڪندڙ جي حلقي ۾ آزاد آهي. ان ئي ميدان ۾ هو پنهنجي خودي ڏيکاري سگهي ٿو. آزادانه چونڊ ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي سرگرمي ۾ مصروف ٿي سگهي ٿو جنهن سان هن جون دلچسپيون وابسطه آهن. ان ڪري ئي ماڻهو پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي تنگ گوشي ۾ بند ٿي ويندا آهن پر اتي به پنهنجي اظهار جي لاءِ کين حقيقي آزادي نه ٿي ملي.

جڏهن مارڪس نوجوان هو تڏهن هن لکيو هو ته: سرمائيداري انسان کي شين جو غلام بڻائي ڇڏي ٿي. جديد بورجوا سماج شيءِ جي هٿان انسان جي غلاميءَ جون مختلف صورتون آهن. بورجوا سماج ماڻهن ۾ نندي واپاري صارف واري ذهنيت پيدا ڪري ٿو. شين جو حصول منزل مقصد بنجي وڃي ٿو. تنهن ڪري شيون صرف استعمال جو ذريعو انسان جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو ذريعو نه بلڪ انسان جي رتبي جي نشاني وانگر

بہ نظر اچن ٿيون، يعني عزت جو عنصر بہ بڻجي ويڻ ٿيون. ماڻهن کي انهن شين سان ماپيو وڃي ٿو جن جا اهي مالڪ هوندا آهن، ان ڪري انهن کي خرچ ڪرڻ جي مُعَيَنُ معيارن کي برقرار رکڻو پوي ٿو. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ انسان ان تي يقين ڪرڻ لڳي ٿو تہ روزمره جي زندگي ۾ هو آزاد آهي. حقيقت ۾ ان جون ترجيحون ان جي خرچ ڪرڻ جي نوعيت خيالات ۾ رايا زبردست سرمائيدارانہ اشتهاري مشينري ۽ اخبارون، رسالا، ريڊيو، ٽيليفوزن جهڙن پروپئگنڈا جي ذريعي مائل ٿين ٿيون. سرمائيدار اجاريدارين انهن ذريعن کي صاف "پيدا ڪرڻ" جي لاءِ استعمال ڪن ٿيون ۽ ننڍين واپارين کي واند ڪائي جي وقت ۾ مصروف رکڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ راندیڪا ڏيئي ڇڏين ٿا. ان مان هنن جو ذهن ڪِريل عام ثقافت سان پرجي وڃي ٿو. ڪيس سوچڻ جي عادت وڃهڻ جو موقعو نہ ٿو ملي، ذهن مڏو (ڪُند) ٿي وڃي ٿو ۽ روح پائمال ٿي وڃي ٿو ۽ انسان اهڙي شيءِ ۾ بدلجي وڃي ٿو جنهن کي رائيٽ ملز "خوش وخرم مشيني انسان جو نالو ڏنو آهي اهڙي طرح شخصيت جي پروان چڙهڻ جون حقيقي ضرورتون ۽ سرمائيدار سماج جي پوري طريقہ زندگيءَ جي درميان تضاد پيدا ٿئي ٿو جنهن کي اجنبيت بہ چون ٿا. مارڪس پنهنجي ابتدائي تصنيفن ۾ ئي (اجنبيت جو تجزيو ڪندي ٻڌايو تہ سرمائيدار، اهو انسان جيڪو بنيادي پيداواري ذريعن جو مالڪ هجي ٿو، مزدورن يعني براهہ راست پيداوار ڪرڻ وارن جي محنت سان تخليق ڪيل پيداوار هڙپ ڪري ٿو ۽ ان کي پورهيت ماڻهن جو استحصال ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ پيدا ڪرڻ واري جي محنت جي پيداوار کي ان کان اوپرو ڪيو وڃي ٿو ۽ اها اهڙي قوت ۾ تبديل ڪئي وڃي جيڪو ان تي پنهنجو غلبو قائم ڪري ونڊي ٿو. ان اجنبيت جو سرچشمو محنت جي تقسيم ۽ ذريعہ پيداوار ۾ نجي ملڪيت آهي تنهن ڪري اجنبيت صرف ان ئي وقت، ختم ٿي سگهي ٿي جڏهن نجي ۽ محنت جي سماجي تقسيم کي ختم ڪيو وڃي.

اجنبيت جي عمل مان غلط ڪاري جي دنيا پيدا ٿئي ٿي. سرمائيداري ۾ شخصيت ان ئي دنيا جو رهاڪو هوندو. ان ۾ ڪوشش ڪونهي تہ محنت انسان جي سرگرميءَ جي بنيادي صورت آهي. محنت ۽

ان جي نتيجن ۾ ان جون صلاحيتون علم، تجربو، ان جي روحاني ۽ مادي توانائي ۽ ان جون لکل صلاحيتون مجسم آهن. پر جڏهن پيدا ڪرڻ واري کان ان جي محنت جي پيداوار اوپري ڪئي وڃي ٿي تڏهن محنت جي اها معنيٰ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ اهو اهڙو شعبو باقي نه ٿو رهي جنهن جي ذريعي انسان جون تخليقي صلاحيتون ۽ سندس شخصيت ظاهر ڪيون وڃن. محنت پيدا ڪرڻ واري جي پيٽ پرڻ جو ذريعو بنجي وڃي ٿو انسان کان جدا ٿي ان جي محنت جي پيدا ڪيل ۽ متعلقہ سماجي تعلقات آزاد فعال قوت بنجي وڃن ٿا ۽ انسان جيڪو سرگرميءَ جو اصلي محرڪ آهي ان جي زير اثر موضوع ٿي وڃي ٿو ۽ سماجي قوتن جي خودرو عمل جي تابع ٿي وڃي ٿو.

سرمائيداريءَ ۾ اجنبيت صرف زندگيءَ جي معاشي حلقي ۾ نہ بلڪ سياسي ۽ روحاني حلقن ۾ بہ عمل ڪري ٿي سياسي اقتدار سماج کان الڳ ٽلڳ ٿي ويندو آهي ۽ پورهيت عوام تي تسط قائم ڪرڻ جي لاءِ نسباً آزاد قوت بنجي وڃي ٿو. سياسي اجنبيت ان وقت اڃا بہ واضع ٿي وڃي جڏهن استحصال ڪرڻ واري رياست جي فوجي ۽ دفتري مشينري کي فروغ ڏنو وڃي ٿو.

ان کان علاوه ذهني محنت کي جسماني محنت کان جدا ڪرڻ جو نتيجو عوام جي روحاني ثقافت جي ميدان ۾ تخليقي سرگرميءَ کان اجنبيت جي صورت ۾ نڪري ٿو.

تنهن ڪري سرمائيداري ۾ شخصيت ۽ سماج هڪ بئي کان بيگانا هوندا آهن شخصيت بيگانہ سماجي ادارن، قوتن ۽ تعلقات جي دنيا، بيگانگيءَ جي دنيا ۾ رهي ٿي.

محنت جي ميدان ۾ بيگانگي. پيداوار جي پيداوار ڪرڻ واري کان بيگانگي جو نتيجو انسان جو انسان کان لا تعلقي جي صورت ۾ نڪري ٿو. نجي ملڪيت انسانن کي ورهائي ڇڏي ٿي. ان ڪري هر شخص صرف پاڻ سان غرض رکندو آهي ۽ اها ڳالهہ انفراديت پرستيءَ جي ذهنيت پيدا ڪري ٿي جڏهن شخصيت سماج ۽ بين انسانن کان بيگانو ٿي وڃي ٿي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي تنها، گم سم ۽ متروڪ محسوس ڪري ٿو

جيئن وجوديت پرست چون ٿا. ان بنياد تي دانشورن، اديبن، فنڪارن ۽ سائنسدانن جي هڪ حلقي ۾ سرمائيداريءَ جي خلاف انسان دوست تنقيد ايري ٿي جيڪي بيگانگيءَ (اجنبيت) جي حالت کان چڱيءَ ريت واقف هوندا آهن پر کين کو حقيقي حل نظر نه ٿو اچي. تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن انهن جي احتجاج جي جهلڪ جديد فن جي مختلف مسخ شدهه صورتن ۾ ملي ٿي. پر هر قسم جي اجنبيت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ حقيقي حل موجود آهي. مارڪس ازم ان کي سائنسي طور تي هئين بيان ٿو ڪري ذريعه پيداوار ۾ نجي ملڪيت جو خاتمو ۽ اشتراڪيت ۽ ڪميونزم جي تعمير.

بيشڪ سيني ماڻهن کي اجنبيت جو احساس نه هوندو آهي. ڪيترائي ماڻهو ان جي مطابق پنهنجو پاڻ کي نفسياتي طور تي (مائل ڪري) ڇڏيندا آ هن ۽ اهڙا لڪير جا فقير ۽ ضابطه پرست بنجي ويندا آهن جو قائم ٿيل ڍانچي جي اندر "سرگرم" هوندا آهن.

سرمائيدار نظام جي قصيده خواني ڪندي بوجوا نظريه دان دعوائون ڪن ٿا ته اهو فرد ۽ سماج جي وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪري ٿو چو ته ان نظام ۾ فرد ۽ سماج جي وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪري ٿو چو ته ان نظام ۾ فرد جي آزادي ۽ سماج جي مفادن ۾ نام نهاد صحيح توازن هجي ٿو.

جيئن اسين اڳ ۾ چئي چڪا آهيون، بيشڪ بورجوا جمهوريت جي حاصلات کان انڪار ڪرڻ غلطي ٿيندي پر نالي جي آزادي جنهن ۾ سماج جي سيني ارڪان جي واڌ ويجهه جي لاءِ مادي حالتن جي ضمانت نه هجي ته ظاهر آهي ته اها نه ته سماجي عدم مساوات کي ختم ڪري سگهي ٿي ۽ نه فرد سماج جي درميان تضاد کي بورجوا سماج ۾ فرد جي آزادي بورجوا شخصيت جي آزادي آهي ليڪن پرولتاريه ۽ مظلوم عوام اهڙي آزاديءَ جو استعمال تمام گهٽ ڪري سگهن ٿا. ان جو ثبوت هڙتالون رياست هاءِ متحده آمريڪا ۾ شهري حقن جي لاءِ ڪارن ماڻهن جي جدوجهد ۽ شاگردن جي اقدام وغيره مان ملي ٿو.

بورجوا نظريه دان انفراديت پرستيءَ جي اصول جي بنياد تي ذاتي ۽ سماجي عنصرن جي درميان ايڪتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي

چون ٿا تہ نجي ڪاروبار جو رانہ هي آهي تہ هر ماڻهو جي فطري جبلتن ڪي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان کي پنهنجي لاءِ منافعو حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو ۽ انسان پنهنجي خدمت ڪرڻ سان گڏوگڏ سماج جي بہ خدمت ڪري ٿو.

انفراديت پرست شخصيت جي ذهنيت اخلاق بورجوا سماج جي حالتن ۾ تشڪيل ٿين ٿا جنهن جي خاص تشڪيل ذاتي ڪاميابي ۽ خوشحالي آهي. ڪاميابي جو پيمانو پئسو آهي ۽ دولت جي نشاني جائداد ۽ شيون ڪاميابي جي ڊوڙ ۾ فرد پنهنجي پاڙيسريءَ کي يا تہ پنهنجو حريف سمجهي ٿو يا وري ان جي ڪلهي تي بندوق رکي هلائي ٿو. ان جي ڪري تعلقات جو بنياد احساسن کان عاري حساب عنان ۽ ڏيتي ليتي ٿي وڃي ٿي. ان سلسلي ۾ آمريڪي ماهر عمرانيات ميرٽن لکي ٿو تہ: "اهو چوڻ تہ آمريڪي (بورجوا ايڊيٽر) ثقافت ۾ مالي ڪاميابي گهري پيوست آهي، ان جو مطلب اهو آهي تہ آمريڪين تي هر سمت کان اهڙن خيالات جي بمباري ٿيندي رهي ٿي جيڪو ان حق جي يا اڪثر فرض جي تصديق ڪن ٿا تہ مقصد پيش نظر رهي توڙي جو مسلسل ناڪامين جو منهن ڏسڻو پيو هجي." بورجوا پروپئگنڊا ان کي پنهنجو مقولو بنائي ٿو ۽ هن موضوع جا بي شمار اشتهار پيش ڪري ٿو تہ "اوهان بہ لک پتي بنجي سگهو ٿا."

سامراج ڏانهن عبور خاص ڪري رياستي اجاريدار سرمائيداري جي ارتقا بورجوا انفراديت پرستيءَ کي بري طرح بحران ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو. هڪ طرف ماڻهن کي ايجا بہ "ذاتي ڪاميابي جو خيال قبول ڪرڻ جي لاءِ فريب ڏنو تہ ٻئي طرف انسان پنهنجو پاڻ کي محنت جي سرمائيدارانہ ضابطي جي سخت ڏانچي ۾ جڪڙيل ڏسي ٿو. هو مشينن جو هڪ بي ڊولو پرزو ۽ سرمائيدار اجاريدارارين جي نوڪر شاهي ۽ بورجوا رياستي مشينري جي ساز باز جو نشانو بنجي وڃي ٿو. هڪ وڏي ڪارپوريشن ۾ ڪم ڪرڻ واري معمولي ڪلارڪ جي لاءِ "ذاتي ڪاميابي" جا ڪهڙا موقعا ٿي سگهن ٿا؟ اشتهارن جي ذريعي ان جي دماغ ۾ بورجوا طرز زندگيءَ جي "قدرن جو نظام" پريو وڃي ٿو اهو پهريون پيرو حقيقت سان ٽڪرائجي ڏڙام سان ڌهي اچي پٽ تي پوندو آهي. ان مان نا

اميدي، خالي پڻي جو احساس وجود جي مفلسي ۾ قنوطيت وغيره پيدا ٿين ٿا انهن مان هڪ اهڙي ذهني ڪيفيت بنجي ويندي آهي جنهن جو نتيجو خليل اعصاب ۾ خلل سخت شراب نوشي نشي بازي، ڏوهه، خود ڪشي ۽ بين انفرادي سماجي بيمارين جي صورت ۾ نڪري ٿو. رياست هاءِ متحده آمريڪا ۾ ڏوهارين (خاص ڪري نوجوانن) جي عمرانياتي مطالعي مان پتو پوي ٿو اڪثر ڏوهن کي ترغيب ڏيڻ واري شيءِ "ذاتي ڪاميابي" جون نشانيون حاصل ڪرڻ جون عميق خواهشون هوندیون آهن. انفراديت پرستيءَ جي ذهنيت اهڙيءَ طرح ڏوهن جو سرچشمو بنجي وڃي ٿي.

انفراديت پرستيءَ جي خيالات ۽ ذهنيت جو جديد سرمائيداريءَ جي رياستي اجاريدار تنظيم جي پيدا ڪيل ضرورتن سان ٽڪراءُ ٿئي ٿو، جن جو ڪم فرد کي ڪارپوريشن فرم، ڪاروباري ادارن جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ تي آماده ڪرڻ آهي. ان جي لاءِ انفراديت پرستيءَ جي روايتي "قدرن" جا ظاهري طور تي بورجوا "اجتماعيت" جي ضرورتن سان تعلق جي باري ۾ مختلف قسم جا وهمي فلسفا گهڙيا ويندا آهن. اجاريدارين جا نظريه دان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته مزدور ۽ مالڪ جا مقصد هڪجهڙا ۽ مفاد گڏيل آهن.

تنهن ڪري سرمائيداريءَ انفراديت پرستيءَ جي اصول جو فرد جي آزادي جي اظهار وانگر ۽ فرد ۽ سماج جي درميان تعلق جو مسئلو حل ڪرڻ جي بنياد جي حيثيت سان اعلان ڪيو. سرمائيداري بورجوا انفرادي قسم جي شخصيت پيدا ڪئي. جو انفراديت پرستي اڄ جنهن بحران ۾ مبتلا آهي تنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سرمائيداري فرد ۽ سماج جي درميان تضاد ختم ڪرڻ جي اهل ڪانهي ۽ انفراديت پرستي جي بنياد تي ذاتي ۽ سماجي عنصرن کي هم آهنگ نه ٿو ڪري سگهجي. وڌيڪ اهو ته جديد سرمائيداري شخصيت کي انتشار ۽ انسان کي خود اجنبيت ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي. ان جي باري ۾ امريڪي ماهر عمرانيات ڊيوڊريس لکي ٿو ته: "رخ تي هلايو ويندڙ انسان آهستي آهستي پنهنجن مفروضه ڪمن ۽ مٽ پيڙ جو تسلسل بنجي وڃي ٿو ۽ ان کي شڪ ڪرڻ لڳي ٿو ته هو ڪير آهي ۽ ڪاڏي وڃي رهيو آهي."

صرف سرمائيداريءَ جي خلاف پرولتاريہ جي انقلابي جدوجهد ۾ شرڪت فرد کي بورجوا حدن کان ٻاهر ڪڍي ٿي ۽ روحاني طور تي هڪ اهڙي جدوجهد سان جوڙي ٿي ڇو ته ان جو تعلق سڀني انسان دوست نصب العين ۽ قدرن جي حصول جي ڪوشش سان هجي ٿو.

سرمائيداريءَ جي مقابلي ۾ اشتراڪيت سڀني اجتماعيت کي پروان چاڙهي ٿي، ان جي بنيادتي سماج ۽ فرد جي درميان تعلق جو مسئلو حل ڪري ٿي.

اشتراڪي اجتماعيت کا اهڙي شيءِ ڪانهي جنهن کي سماج تي زبردستي لاڳو ڪيو ويجي ٿو ڇو ته ان جو سرچشمو سماج جي ارتقا جي موجود منزل ۾ خودان جون ضرورتون هجن ٿيون. پيداواري قوتون جيڪي نوعيت جي لحاظ کان سماجي هجن ٿيون. انسانن کي گڏيل پيداواري سرگرمي ۽سماجي زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ به سرگرمي جي لاءِ جمع ڪن ٿيون. ايستائين جو هاٿي سائنس ۾ به ماڻهن کي وڏن وڏن گروهن ۾ گڏ ڪرڻ جي ضرورت هجي ٿي. اجتماعيت جو اشتراڪي اصول ان ئي سماجي ضرورت جو اظهار آهي ۽ اهو اشتراڪي تعلقات پيداوار ۾ اشتراڪي سماج جي سموري طرز زندگي، اخلاق نظرئي ۽ انسانن جي ذهنيت ۾ ڪار فرما هجي ٿو.

اشتراڪي اجتماعيت جو سماجي معاشي بنياد اشتراڪيت ذاتي ۽ سماجي مفادن جي خارجي وحدت آهي جنهن جو سرچشمو ذريعہ پيداوار ۾ گڏيل ملڪيت اشتراڪي تعلقات پيداوار رفيقانہ تعاون ۽ محنت جي ڪَميت ۾ ڪيفيت جي لحاظ کان ورهاست جا اشتراڪي اصول آهن.

ورهاست جي ان طريقي جي تحت ذاتي ۽ سماجي مفادن ۾ هم آهنگي ان لاءِ ٿي ويجي ٿي جو هر شخص جيڪو سماج جي لاءِ وڌيڪ ڪم ڪري ٿو تنهن کي پنهنجي ذاتي استعمال جي لاءِ زياده مادي شيون ملن ٿيون. ان سان ماڻهن کي پنهنجي ڪم جي نتيجن جي تعلق سان مادي ترغيب حاصل ٿئي ٿي. هي انهن کي پنهنجو هنر بهتر ڪرڻ طرف مائل ڪري ٿي ۽ هر هڪ جي پلائي مجموعي طور تي براهہ راست سماج جي پلائي منحصر ٿي ويجي ٿي. پيداوار ۾ اضافي سان گڏوگڏ تقسيم ٿيڻ وارين

شين جي ڪميت ۾ بہ اضافو ٿئي ٿو اهوئي سبب آهي جو تقسيم جو اشتراڪي اصول ماڻهن جي لاءِ نہ صرف ان جي محنت جي نتيجن جي لاءِ بلڪ مجموعي طور تي معاشي پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ بہ ترغيب جو باعث بنجي ٿو. اشتراڪيت ۾ ذاتي مادي ترغيب جو اصول استعمال ڪرڻ جي ضرورت هجي ٿي ڇو تہ هاڻي بہ محنت روزي ڪمائڻ جو ذريعو هجي ٿي ۽ سماج ايجا انسان جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي قابل ناهي هوندو. تاريخي تجربو ٻڌائي ٿو تہ محنت جي مطابق تقسيم جي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ سان ماڻهو مادي ترغيب کان محروم ٿي وڃن ٿا ۽ اهو انفرادي ۽ سماجي پهلوئن جي درميان تضاد پيدا ڪري ٿو. ان مان ظاهر آهي تہ اشتراڪي پيداوار جي ترقي تي نقصان رسائيندڙ اثر پوي ٿو. سوويت يونين ۽ ٻين استرالي ملڪن ۾ معاشي اصلاحات جي هڪ اهم ترين ذميواري پورهيتن جي لاءِ ذاتي مادي ترغيبون وڌائڻ آهي ۽ اهڙيون معاشي تدبيرون اختيار ڪرڻ آهي جيڪي پيداوار ۽ تقسيم ۾ فرد، اجتماع ۽ سماج جي مفادن ۾ هم آهنگي پيدا ڪن.

پر اشتراڪيت ۾ فرد سماج جي درميان هم آهنگيءَ جو مطلب اهو ڪونهي تہ انهن جي درميان ڪي بہ تضاد پيدا ڪونہ ٿاٿين، اهي ضرور پيدا ٿين ٿا. انهن جو سرچشمو اهي خارجي حالتون آهن جن ۾ سماج جي ارتقا ٿئي ٿي ۽ ڪن ماڻهن جو معاشي روش ڏانهن احساس ذميداريءَ ۾ ڪمي بہ ان جو اظهار هئين ٿي سگهي ٿو تہ ڪن صورتن ۾ سماج فرد سان پنهنجي ذاتي مفادن کي قربان ڪرڻ جو ۽ صرف سماجي ضرورتن خاطر ڪم ڪرڻ جو مطالبو ڪري مثال طور پنج سال منصوبن جي زماني ۾ سوويت عوام وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ ڳرين صنعتن جي ترقي جي لاءِ وسيلا گڏ ڪرڻ خاطر ڇاڻي واڻي ڪيترين شين کان پنهنجو پاڻ کي محروم رکيو. اهي ڇاڻندا هئا تہ اهو سموري عوام جي بنيادي مفاد ۾ آهي. تنهن ڪري انهن پنهنجن ذاتي مفادن کي سماج جي مفادن جي تابع رکيو اهي جديد اشتراڪي صنعت جي تعمير ۾ مشڪلاتن تي عبور پائڻ جي لاءِ ضروري هئا.

فرد سماج جي وچ ۾ ان وقت بہ تضاد پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن فرد ائين عمل ڪري جو ان سان سماج کي تقصان پهچي يا اهو سماجي

ضرورتن کي نظرانداز ڪري. اهڙين صورتن ۾ معاشري کي حق آهي ته اهو فرد کي ضبط ۾ آڻي ڪيس عام ضابطن ۽ معيارن تي عمل ڪرڻ جي لا مجبور ڪري.

تنهن ڪري توڙي جو سماجي مفادن ذاتي مفادن تي هميشہ افضل هوندا آهن ليڪن آخرالذڪر ۾ جو اول الذڪر جي ماتحت هجڻ ان عمل جو رڳو هڪڙو رخ آهي جنهن جي ذريعي سماج ۽ فرد جي درميان تضاد حل ٿين ٿا. پر جڏهن انسان سماجي ضرورتن ۽ مفادن جي پيش نظر آزاديءَ سان ڪم ڪري ٿو تہ پوءِ تابع ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. سماجي ۽ ذاتي مفادن ۾ هم آهنگي اشتراڪيت جو هڪ اصول آهي.

مارڪس ۽ اينگلس سڀ کان پهرين ڪميونسٽ تشڪيل ۾ سماج ۽ فرد جي درميان تعلق جو نظرياتي سوال مرتب ڪيو هو. اهو هنن ٻن مقولن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

صرف اجتماع ۾ (بين سان گڏ) هر فرد کي سيني سمتن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکارڻ جا موقعا ملن ٿا. تنهن ڪري صرف اجتماع ۾ ذاتي آزادي ممڪن آهي.

پراڻي بورجوا سماج جي جاءِ تي جنهن ۾ طبقا ۽ طبقاتي تضاد هجن ٿا اسان وٽ اهڙي مجلس هوندي جتي هر هڪ جي آزاد ترقي سيني جي آزاد ترقيءَ جو شرط آهي."

انهن مقولن مان سماج ۽ فرد جي باهمي تعلق جي مسئلي ڏانهن مارڪس ازم جي بانين جي عميق جدلياتي رسائي جو اظهار ٿئي ٿو.

پهريون مقولو ٻڌائي ٿو تہ سماج جي نجات فرد جي نجات جو شرط آهي، سماج کان ٻاهر، سماج کان ڪٽجي فرد جي آزادي ناقابل تصور آهي ۽ فرد کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ آزاد معاشري کي جتي المقدور سڀ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.

فرد صرف ان وقت آزادي ٿي سگهي ٿو جڏهن سماج استحصال، مستقبل جي خوف سماجي ارتقا جي خود قوتن جي غلبي بک ۽ غربت کان آزاد هجي. هڪ دفعو سماج جڏهن آزادي حاصل ڪري ونئي ٿو ۽ فطرت سان پنهنجي تعلقات کي ۽ انسانن جي درميان تعلقات کي بہ جڏهن

پنهنجي نگراني هيٺ وٺي ٿو ته ان جي سڀني ارڪان جي ترقي ۽ عوام جي مادي ۽ ثقافتي معيارن جي بلندي سماج جي ترقيءَ جو هڪ شرط ۽ علامت بنجي وڃي ٿو. اشتراڪي سماج فرد جي آزادي (تقرير، تحرير، ضمير جي آزادي، جي لاءِ قانوني ضمانتون به فراهم ڪري ٿو، بنيادي نڪتو فرد جي آزادي جي لاءِ رسمي لفظن ۾ رڳو قانوني ضمانت ڏيڻ ناهي بلڪ فرد جي گهڻ رخي واڌ ويجهه جي لاءِ واقعي مادي، سماجي ۽ سياسي حالتن جو پيدا ڪرڻ ۽ ان جي صلاحيات جي اظهار جي لاءِ موقعا فراهم ڪرڻ آهي.

ٻيو مقولو جيڪو مارڪس ۽ اينگلس پيش ڪيو آهي اهو خيال ٿو ظاهر ڪري ته ڪميونسٽ تشڪيل ائين نه ٿو ڪري سگهي ته هڪ فرد کي نقصان پهچائي ٻيو فرد ترقي ڪري. سماج جي هر رڪن جي آزادانه ترقي مجموعي طور تي سڄي سماج جي وجود ۽ ترقي جو شرط آهي.

بيشڪ، انهن اصولن جي عمل پذيري بذات خود هڪ تاريخي عمل آهي ڇو ته جنهن حد تائين انهن کي عملي جامو پارائي سگهجي ٿو ان جو انحصار اشتراڪيت جي مادي ۽ روحاني پختگي تي آهي. اشتراڪيت ۽ ڪميونزم اهڙا سماجي نظام آهن جن جو مقصد انساني شخصيت جي گهڻ رخي ترقي ۽ آسودگي آهي. پنهنجي وسيع معنيٰ ۾ "فرد جي آزادي" بذات خود ان وقت تائين رڳو بورجوا نراجي فقرو رهندو جيستائين ان جو تعلق هر قسم جي ظلم کان انسان جي نجات واري جدوجهد سان، يعني ڪميونزم جي جدوجهد سان قائم نه ٿو ڪيو وڃي. اسان جي دور ۾ ان ئي عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد فرد جي ترقي ۽ ان سڀني صلاحيتن جي اظهار جي لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿي.

ڪميونسٽ تشڪيل جو بنياد "هر شخص ان جي صلاحيت جي مطابق" وڏي ترقي پسند اهميت وارو آهي. پهريون پيرو سماج پنهنجي جهنڊي تي سماج جي سڀني فردن جي نشو و نما ۽ ان جي صلاحيتن جي استعمال سان گهري دلچسپي کي چٽن لفظن ۾ لکي ٿو. ڇو ته سماجي محنت جي پيداواري قوت جو انحصار هر فرد جي صلاحيتن کي پروان چاڙهڻ ۽ ان کي پوريءَ طرح استعمال ۾ آڻڻ ۾ آهي. ان مان انسان کي بهتر بنائڻ ۾ انتهائي زبردست سماجي ترغيب ملي ٿي. ان تي عمل جو دارومدار

سماج ۾ فرد بنهي تي آهي. جو ته جيڪڏهن هڪ پيرو ترقيءَ جون خارجي حالتون پيدا ٿي وڃن ته پوءِ ان جي استعمال جو انحصار انسان، ان جي سرگرمي ۾ شعور تي هوندو. اشتراڪي سماج جي معاشي ۽ سماجي سياسي ترقي، عوام جي مادي ۽ ثقافتي معيارن جي بلنديءَ ان جي ڏينهون ڏينهن خودآگاهي سان انفرادي ۽ سماجي ترقيءَ جي هم آهنگي پرپور ٿي وڃي ٿي.

تنهن ڪري اشتراڪيت جيڪو ڪجهه پيش ڪري ٿي اها نه ته فرد جي روڪٽام آهي، نه ان ڏانهن غفلت آهي ۽ نه فرد جي تسخير، بلڪ ذاتي ۽ سماجي عنصرن ۾ هم آهنگي آهي.

اشتراڪيت جي نمايان خاصيت سماج جي انسان بابت ڳڻتي آهي. سرمائيداري ائين نه ٿي ڪري سگهي جو ته ان ۾ هر شخص کي صرف پنهنجو فڪر هوندو آهي. اشتراڪيت ۾ انسان ڏانهن سماج جو فڪر ماڻهن جي دلين ۾ سماج جي پلائي خاطر ڪم ڪرڻ جو جذبو اپاري ٿو. پورهيت عوام جي ڏينهون ڏينهن سادي پلائي ۽ ثقافتي معيارن جي بلندي ڪم جا گهٽ وقت بهتر رهائشي حالت، ٻارن جي ادارن جو وڌندڙ نظام وغيره اشتراڪيت اهو سڀ فرد کي عطا ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح جي نشوونما جي لاءِ انتهائي مناسب حالتون پيدا ٿين ٿيون.

اشتراڪيت فرد کي اڪيلو نه ٿي ڪري، بنهي جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪرڻ ته پري رهيو اشتراڪي اجتماع جي پرپور زندگي جو مطلب انسانن ۾ انفرادي ۽ ذاتي صلاحيتن کي وڌائڻ آهي. چاهي فئڪٽري يا ڪارخاني جو اجتماع هجي، پنچائتي فارم، رياستي فارم جو اجتماعي يا آفيس، اداري جو اجتماع اهو فرد تي ڪڏهن به ڪئي پابنديون عائد نه ٿو ڪري بلڪ پنهنجي ميمبرن جو پنهنجو هنر وڌائڻ ۽ پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. جيڪي ماڻهو اشتراڪيت کي بورجوا عينڪ سان ڏسڻ جا عادي آهن اهي ڪڏهن به اهو سمجهي نه سگهندا ته اشتراڪي سماج جو سياسي، اخلاقي ۽ نظرياتي اتحاد فرد جي آزاد ترقي جي لاءِ انتهائي موزون آهي. تنهن ڪري اهي اشتراڪيت جي باري ۾ اهڙي قسم جون ٻاڌيون ڳالهيون پکيڙين ٿا ته سوشلزم ۾ سيئي ماڻهو هڪجهڙو

سوچين ٿا، هڪ جهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ انهن جا لباس ۽ هڪ جهڙا هوندا آهن.

ان جو جواب هيئن ڏيئي سگهجي ٿو ته سيئي طبيعيات جا ماهر نيوٽن جي ميڪانڪس جي قائدن يا آئنسٽائين جي نسبت واري قائدي کي تسليم ڪن ٿا. پر انهن مان ڪير به اهو نتيجو ته ڪونه ڪيندو ته ان جي ڪري طبعيات جا سيئي ماهر پنهنجي انفراديت کان محروم ٿي ويا. جيئن ته اشتراڪيت سماجي امن ۽ ڪميونزم جي تعميرتي متفق آهي تنهن ڪري اسان تي تنقيد ڪندڙ چون ٿا ته ان مان فرد ڪيا ويا آهن. حقيقت اها آهي ته اشتراڪي سماج تي بورجوا انفراديت پرستيءَ جو جيڪو پئمانو چنبڙايو ويجي ٿو اهو انتهائي برابري آهي ڇو ته اشتراڪي معاشرو هن اصولن تي مبني آهي. مارڪسي اشتراڪيت خصيص جو اهو مطلب هرگز پيش نه ٿي ڪري ته انفرادي فرق ختم ڪيا وڃن. "هر شخص کان ان جي صلاحيت جي مطابق" هڪ اهڙو اصول آهي جنهن ۾ صلاحيتن جي اڻ برابري ۽ ماڻهن ۾ امتياز جو پهلو شامل آهي. ٻرپور سماجي برابري انهن فرقن کي متائڻ جي بجاءِ در حقيقت انفراديت جي گهڻ طرفي نشو و نما ۽ شخصيت جي واڌ ويجهه جي لاءِ موزون حالتون فراهم ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو انفراديت پرستي ۽ فرد جي آزاديءَ کي هڪ سمجهڻ ايترو ئي غلط آهي جيترو واڌو پيداوار ۽ واڌو قدر کي هڪ سمجهڻ غلط آهي. انفراديت پرستي فرد ۽ سماج جي تضاد جي تحت پيدا ٿي ۽ اهو ان ئي تضاد جو اولڙو آهي. ان جي مقابلي ۾ اجتماعيت ان تضاد کي ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ فرد ۽ معاشري وچ ۾ "هم آهنگي قائم ڪري ٿي.

تاريخ ۾ پهريون پيرو ڪميونزم سماج جي سمورن ميمبرن جي ٻرپور ۽ هڪجهڙي نشو و نما جا نه صرف امڪان فراهم ڪيا بلڪ ان کي عملي جامو به پارايو. ڪميونزم جو مادي ۽ فني بنياد ان لاءِ تمام ضروري حالتون پيدا ڪندو، جڏهن ڪم جا وقت گهٽجي ويندا ۽ هر هڪ جي لاءِ واندڪائي وقت وڌي ويندا، ڪم وڌيڪ آسان ٿي ويندو، غيرهنرمند محنت جي ضرورت ختم ٿي ويندي ۽ سماج ۾ استعمال جي شين جي گهٽائي هوندي. انهن حالتن ۾ هر شخصيت جي نشو و نما ۽ انسان جي

تخليقي جوهر جو پرپور اظهار سماجي آسودگي جو معيار بنجي ويندو. ڪميونزم سماجي زندگيءَ جي نظام کي تباهه نه ٿو ڪري. اهو صرف سماجي تنظيم جي بيگانگي (اجنبيت) کي ختم ڪري ٿو. ڪميونزم کي، جيڪا آزاد پورهيت عوام جي تنظيم آهي، هم آهنگ نشو و نما پاتل شخصيتن جي ضرورت آهي ۽ انهن کي اها پروان به چاڙهي ٿو. اهڙي ئي صورت ۾ سماج جي سرگرمي ان جي ميمبر جي آزاد ۽ خود مختيار عمل جي نتيجي وانگر ظاهر ٿي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ڪميونسٽ سماج هر فرد جي صلاحيتن جي واڌاري ۽ اظهار جي لاءِ پوري آزادي فراهم ڪري ٿو. (ان سان) گڏ ئي هر فرد انفرادي نشو و نما جي آزادي حاصل ڪري ان کان واقف ٿئي ٿو ته ان آزاديءَ جو انحصار سماج جي صورتحال تي آهي جو ته فطرت جي بنيادي قوتن جي عمل کان آزاديءَ جي ضمانت سماج جون طاقتور پيداواري قوتون ڏين ٿيون. سماجي قوتن جي غلبي جو بچاءُ ڪميونسٽ پيداواري ناتا ڪن ٿا ۽ فرد جي آزاديءَ جو تحفظ سماج جي پلائيءَ جي خاطر هر شخص جي ڪم سان ٿئي ٿو. جڏهن ته مختلف قسمن جي جوڙيل طبقن کان اڳ وارو سماج انفراديت ۽ اجتماعيت واري ڳانڍاپي جو انڪاري رهيو آهي. ڪميونزم پراڻي ترقيءَ جي بنياد کي سيني ماڻهن/ فردن جي اعليٰ قسم جي گڏيل اتحاد کي جنم ڏنو، جيڪا اصل ۾ نفيءَ جي نفي آهي. اهو آهي سماج ۽ فرد جي تعلق جي مسئلي جو صحيح ۽ انسان دوست حل.

عوام ۽ شخصيت تاريخ ۾ ان جو ڪردار

هن مهل تائين اسان شخصيت ۽ سماج تي ان جي انحصار ۽ سماج ۾ شخصيت جي نشو و نما تي بحث ڪيو آهي. اسان ڏٺو ته شخصيت سماج جي پيداوار آهي. پر فرد ۽ سماج جي تعلق جو هڪ ٻيو پهلو به آهي. فرد سماج جي ارتقا تي ڪيئن ٿو اثرانداز ٿئي، ان جو تاريخي ڪردار ڪهڙو آهي؟

ان سوال جو سائنسي جواب شخصيت ۽ عوام جي تعلق جو تجزيو ڪرڻ کانسواءِ نه ٿو ڏيئي سگهجي. انسان جي گڏيل عمل ۽ طبقن جي

جدوجهد جي پيداوار وانگر سماجي جو تجزيو ڪرڻ وقت اسين ان حقيقت ڏانهن ڏيان ڇڪرائي ڇڪا آهيون تاريخي عمل جي لازمي خصوصيتن ۾ ضابطي جي علم مان هي نتيجو نڪري ٿو ته الڳ الڳ ماڻهن جا افعال عوام جي افعالن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ۾ فردن جا عمل عوام جي اعمال ۾. شخصيت بنيادي طور تي تاريخي عمل ۾ عوام جي هڪ ذري جي حيثيت سان حصو وٺي ٿي. هر انسان جي سرگرمي ڪنهن نه ڪنهن طبقي، سماج يا قوم جي تحريڪ يا سرگرميءَ ۾ شامل هجي ٿي. اهوئي سبب آهي جو مارڪسي-لينني نظريو تاريخ ۾ عوام جي ڪردار جي مسئلي سان بحث شروع ڪري ٿو.

"عوام" جو تصور جيڪو تاريخ جي تخليقي قوتن جي خصوصيتن کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو. هڪ اهڙو مقولو آهي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ تز ۾ تاريخي آهي. جڏهن سماج بدلجي ٿو ته طبقا ۾ گروهن تي عوام مشتمل هجي، اهي ب بدلجي ويندا آهن. مثال طور جاگيرداراڻي سماج ۾ عوام هارين دستڪارن اسرندڙ پرولتاريه ۾ بورجوازيءَ تي مشتمل هو. سرمائيداراڻي سماج ۾ عوام مزدور طبقي، هارين، شهري پيٽي بورجوازي، ملازمن ۾ دانشورن تي مشتمل هجي. تضاد رکڻ واري طبقاتي سماج ۾ عوام سڄي قوم جي نمائندگي نه ٿو ڪري ڇو ته عوام جي مٿان رجعت پرست سماجي گروهه ۾ طبقات هجن ٿا جيڪي عوام جو استحصال ڪن ٿا. انهن گروهن خلاف عوام وڙهي جن جي وڏي اڪثريب هجي ٿي. تنهن ڪري فرانس ۾ 1789ع جي انقلاب کان پهرين عوام بن بااختيار رجعت پرست حڪمران جماعت بندين رئيس ۾ ڪليسا خلاف وڙهه ڪري ٽين جماعت بندي جو ڪردار ادا ڪيو. سرمائيداريءَ ۾ عوام بورجوازي خلاف وڙهه ڪري ٿو. خاص ڪري انهن جي چونڊيل اجاريدار بورجوازي خلاف. بينڪيتن ۾ اسرندڙ ملڪن ۾ قومي بورجوازيءَ کي ڪن صورتن ۾ عوام جو هڪ حصو تصور ڪيو ويجي ٿو.

اشتراڪي سماج ۾ عوام سماج جي سيني طبقن ۾ سماجي گروهن تي مشتمل هوندو آهي ڇو ته عوام جي مٿان استحصال وارا نه هوندا آهن ۾ اخلاقي سياسي اتحاد سماج کي مستحڪم بڻائي ٿو.

تنهن ڪري هن سماج ۾ عوام سڀ کان پهرين پورهيت عوام هجن ٿا جيڪي مادي قدر پيدا ڪن ٿا ۽ اهي طبقا ۽ سماجي گروهه پنهنجي خارجي رتبي جي ڪري مخصوص ملڪ ۽ مخصوص دور ۾ ترقي تاريخي ذميواريون انجام ڏيئي سگهن ٿا.

استحصال ڪندڙ طبقن جا نظريادان تاريخ ۾ عوام جو صحيح ڪردار ظاهر ڪرڻ سان پنهنجي لاءِ ڪو فائدو حاصل نه ٿا ڪري سگهن. تاريخ کي پنهنجي تصور پرست خيالن جي روشني ۾ ڏسڻ جي ڪري اهي سدائين چوندا آيا آهن ته سرگرمي جيڪا سماج جي حرڪت کي مقرر ڪري ٿي اها رڳو خيالن ۽ سياست ۾ هجي ٿي. ان طريقي موجب تاريخ جا سچا اڏيندڙ اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجي مرضي يا مقدر جي مقرر ڪيل بلند طاقتن جي ذريعي ان جي راهه جو رخ طئي ڪن ٿا، جيڪي نون خيالات جي تخليق ڪن ٿا يا جيڪي سياسي فيصلا ڪن ٿا. نظريه دان، عالم قانون دان، بادشاهه، سپهه سالار ۽ مختلف تحريڪن جا رهنما. اهڙو تصور عوام الناس جي ڪردار کي گهٽ ڪري ٿو. ان جي خلاف حقارت وارو ايتري قدر جو ظاهر ظهور دشمني وارو رويو اختيار ڪري ٿو.

ان جي ٻيٽ ۾ مارڪس ازم فرد کي عوام سان نه ٽوڙيڙهائي. لينن لکيو آهي ته: "سچي تاريخ جي تحليق انهن ماڻهن جا قدم ڪن ٿا جيڪي بيشڪ سرگرم هستيون هجن ٿيون". (1) پر جيڪڏهن انهن جي سرگرمين کي متحد ڪيو وڃي ته اها سرگرمي هڪ نئين ڪيفيت اختيار ڪري وٺي ٿي. اها تاريخي عمل جي فيصلائتي قوت بڻجي وڃي ٿي. ان خيال جا سرچشما تاريخ جي مادیت پسند تصور جا بنيادي اصول آهن.

واقعي جيڪڏهن سماجي ارتقا لاءِ پيداواري طريقو طئي ڪرڻ واري قوت آهي ته پورهيت عوام، جيڪو مادي قدرن جي تخليق ڪري ٿو، پيداوار جي فيصلہ ڪن قوت جي حيثيت سان تاريخ ۾ به فيصلائتو ڪردار ادا ڪري. تاريخ الڳ الڳ ماڻهن جي ڪانهي بلڪ عوام جي ڪوشش سان جڙي ٿي. مارڪس ازم ڪان پهرين عمرانيات، مادي پيداوار جو انساني سرگرميءَ جي فيصلائتي شعبي جي حيثيت سان تجزين جي برابر ڪيو ۽

1. لينن "عوام جا دوست ڪير آهن ۽ سوشل ڊيموڪريسي خلاف اهي ڪيئن وڙهن ٿا؟"

سماجي ارتقا لاءِ ان جي اهميت بڏائڻ ۾ اهو ناڪام رهي ته جيڪي ماڻهو مادي قدر پيدا ڪن ٿا ۽ پيداوار کي فروغ ڏين ٿا اهي تاريخ جا سچا خالق آهن. مارڪس ازم کان پهرين عمرانيات اهو به سمجهڻ کان قاصر رهي ته تاريخ بادشاهن جي معاملن ۾، صدرن، وزيرن جي معاملن ۾ يا پارليامينٽن جي ايوانن ۾ ڪانه لکبي هئي. اها تخليق ٿئي ٿي ڪاٽين ۽ ان جي ڪرن ۾، ڪارخانن ۽ تعمير گاهن ۾ يعني مادي پيداوار جي ميدانن ۾ لکبي، پر عوام جو تاريخ جي ڏاراتي اثر مادي قدر پيدا ڪرڻ تائين محدود نه ٿو هجي. سمورين سماجي تبديلين ۾ به عام ماڻهو آخر ۾ فيصلو ڪندڙ قوت هجن ٿا. رعيت بغير بادشاهه يا سپاهه بنا سالار جي ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي؟ اهي تڏهن ئي اهميت حاصل ڪري سگهن ٿا جڏهن انهن وٽ ضروري قوت هجي. سياست ۾ اها قوت عوام کان حاصل ڪئي ويجي ٿي. توڙي جو ماضيءَ ۾ استحصال ڪرڻ وارن طبقن عوام کي سياست کان پري رکڻ جي پرپور کوشش ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ڪامياب به ٿيا، پر تاريخ جي هر موڙ تي عوام ئي فيصلائتي قوت رهيو. سيني عظيم انقلابن کي عوام سبب ئي انجام ڏنو ويو. عوام الناس چا ٿو چاهي، ڪنهن جي پويان هلي ٿو ۽ ڪاڏي ويجي رهيا آهن. سياسي ميدان ۾ ڪامياب جي لاءِ اها بنيادي ڳالهه آهي. پر عوامي تحريڪن کي عارضي يا عبوري حالتون نه بلڪ عميق ۽ طويل مدتي مادي سبب مقرر ڪن ٿا.

ان ڪري سماجي سياسي ميدان ۾ عوام فيصلائتي قوت آهي جيڪو انساني سرگرميءَ جو بيو بنيادي ميدان آهي. اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ان ميدان ۾ "عوام" جي تصور جو جهڙيءَ طرح اطلاق ڪيو ويجي ٿو ان جي معنيٰ ڪجهه مختلف آهي. هتي عوام انهن سمورين قوتن ۽ سماجي گروهن تي مشتمل آهي جيڪي تڪڙا سياسي فرض انجام ڏين ٿا. عوام ۽ عوام جي زندگي جو فن جي نشو و نما تي گونا گون اثر پوي ٿو. عوامي فن، جيڪو فن جو هڪ حصو آهي پيشيور فنڪارن جي تخليقن جي لاءِ شبيهن ۽ اصل موضوع جي سرچشمي وانگر استعمال ڪيو ويجي ٿو. ان جو هميشه عوام سان ۽ عوام جي خيالن ۽ تمنائن سان رشتو رهي ٿو. جيڪڏهن فن عوام جي زندگيءَ کان جدا آهي ته اهو ڪوڪلو ۽ بيڪار

رهندو. سماجي زندگيءَ جو ڪو بہ پهلو ونو اوهان کي عوام هر هنڌ سڏي يا اڻ سڏي طرح فيصلائتو ڪردار ادا ڪندي نظر ايندو، پر تاريخ جي هر دور ۾ عام ماڻهوءَ جي سرگرمي هڪجهڙي ناهي هوندي. مارڪس ان جو هي جواز پيش ڪيو آهي "تاريخي عمل پختگي مطابق عوام جو تعداد، جن جو هي عمل آهي، وڌندو رهندو"(2) 1 اهو خيال تاريخ ۾ عوام جي وڌندڙ ڪردار جو اظهار ڪري ٿو.

حقيقت اها آهي تہ سيني تضاد رکندڙ تشڪيلن ۾ پورهيت عوام ظلم ۽ استحصال جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيو آهي. اشتراڪيت انهن زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏي ٿي، اهڙيون حالتون پيدا ڪري ٿي ۽ امڪانن جون اهڙيون راهون کولي ٿي جو عوام جي تخليقي سرگرمي مسلسل وڌندي رهي ٿي. هاڻي عملي ڏميواري هيءَ هجي ٿي تہ انهن امڪانن کي پوريءَ طرح استعمال ڪيو وڃي. تاريخي ارتقا جي رفتار ائين ئي تيز ٿئي ٿي.

سماج جي نئين اشتراڪي تعمير، تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ گهري سماجي تعمير آهي. ان ڪري وڏي پئماني تي پورهيت ماڻهن جي شرڪت کانسواءِ وڏيڪ ان جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. "عوام جو تعداد" جيڪو اهو انقلاب برپا ڪري ٿو ۽ جنهن تي هن جي مقدر جي بازي لڳل هجي ٿي، آبادي جي غالب اڪثريت تي مشتمل هجي ٿو. لينن بلڪل نيڪ چيو هو تہ: "اهو سمجهڻ اهم آهي تہ اشتراڪيت جي باري ۾ بورجوازيءَ جو هي عام تصور تہ اها بي جان، بي لوچ، پٿر وانگر مضبوط آهي ڪيترو نہ باطل آهي ڇو تہ حقيقت ۾ صرف اشتراڪيت سان ئي هڪ اهڙي تيز رفتار، سچي، صحيح معنائن ۾ عوام جي اڳتي قدم وڌائڻ واري تحريڪ جي ابتدا هوندي جيڪا پيلڪ ۽ نجي زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ پهرين اڪثريت کي ۽ پوءِ سموري آباديءَ کي پنهنجي آغوش ۾ ونڊي ڇڏيندي." (3)

ڪيترائي بورجوا نظريہ دان ڏيکاءَ لاءِ "عوام" جو لفظ استعمال ڪن ٿا "عوام جي پلائي" جون بہ ڳالهيون ڪن ٿا. پر هر ڪنهن کي معلوم آهي تہ "سرمائيداري" ۾ "عوامي" جوڙي ڇڏڻ سان سرمائيداريءَ جي اصليت ڪانہ

2. مارڪس اينگلس "مقدس خاندا".
3. لينن "رياست ۽ انقلاب".

ٿي بدلجي، بلڪ اهو اصطلاح ان غرض سان گهڙيو ويندو آهي ته استحصال جي اصليت تي پردو وڌو وڃي.

مارڪس ازم-لينن ازم جڏهن تاريخ ۾ عام ماڻهن جي فيصلائتي ڪردار کي تسليم ڪري ٿو ته اهو رڳو هڪ اعلان نه بلڪ زندگيءَ جي فلسفي جو هڪ اصول ۽ عملي قدمن لاءِ هڪ رهبر هجي ٿو.

لهٰذا تاريخ ۾ عام ماڻهن جي ڪردار جي وضاحت جو تعلق تاريخي عمل جي جوهر جي تجزئي سان آهي. ليڪن ان عمل جي ڪنهن تز شڪل سان بحث ڪرڻ وقت اسان کي هڪ ٻئي مسئلي کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي ٿو. اهو آهي هڪ مخصوص ملڪ ۽ مخصوص دور ۾ تاريخ جي تز راهه جي تشريح ڪرڻ، ان جي تفصيلي جوڙجڪ جو ۽ زنده انساني شخصيتن جي سرگرميءَ جي خصوصيتن جو تجزيو ڪرڻ اصل ۾ سماجي ڪان انفرادي ۾ تبديلي جو مسئلو آهي.

سماجي سائنس ۽ ادراڪ ۾ سماجي ڪان انفرادي تبديلي جو مطلب پهرين انفرادي سرگرميءَ جي سماجي معنيٰ جي وضاحت آهي ۽ ٻيو ته معاشرتي عمل ۾ مخصوص شخصيت جي يا امداد يا دين جو يقين ۽ تخمينو ڪرڻ آهي. ان دين جي اهميت مختلف ٿي سگهي ٿي

تاريخ ۾ خاصيت جي ڪردار جو انحصار خود ان جي مخصوص سماج اندر لقمفات جي نظام ۽ ان جي سماجي ساخت ۾ شخصيت جي مقام تي هجي ٿو جيڪو ان جي اثر جي توانائيءَ جي ضمانت ڏئي ٿو ۽ مخصوص سماج کي درپيش مسئلن تي به. ڪنهن طرح به فرد انسانيت جي تاريخي ارتقا ۾ حصو ونندو آهي. پر انهن ماڻهن جي ڪردار جي وضاحت ڪرڻ خاص ڪري اهم ۽ دلچسپ آهي جيڪي واقعن جي راهه تي معقول اثر وجهن ٿا. اهو آهي ممتاز شخصيتن جو ڪردار.

مخصوص دؤر ۾ طبقن جي جدوجهد ۾، عوامي تحريڪن ۾، رياستن جي ٽڪراءَ ۽ اهڙي قسم جي ٻين تاريخي عملن ۾ هميشه اهڙن ماڻهن جي ضرورت هجي ٿي جيڪي طبقن جون ذميواريون پوريون ڪن، انهن جي جدوجهد جا رهنما بڻجن تحريڪن جي قيادت ڪن، ميدان جنگ ۾ فوجن جا سالار بڻجن. ۽ اهڙا ماڻهو هميشه موجود رهن ٿا. انهن جا نمايان

گڻ کين عام ماڻهن کان متاهون ڪن ٿا ۽ انهن کي اهڙي مقام تي پهچائي ڇڏين ٿا جتي هو اهڙا فرض انجام ڏين ٿا، اهڙا فيصلا ڪن ٿا جن جو عوام تي اثر پوي ٿو. هر عهد ۾ هر طبقو پنهنجي مثالي پيڪر ۽ صورت مطابق ماڻهن جي تشڪيل ڪري ٿو. نمايان شخصيتون پنهنجي عهد ۽ طبقي جي مڪ خصوصيتن جو انتهائي واضع ۽ صاف اولڙو هجن ٿيون، ۽ ٻين جي ٻيٽ ۾ پنهنجي وقت جي ضرورتن جو بهترين اظهار ڪن ٿيون. اهو صحيح آهي ته هروقت ۽ هر هنڌ نمايان ماڻهو، طبقن، پارٽين، رياستن ۽ فوج جي رهنمائي نه ٿا ڪن. تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي مثال ملن ٿا جڏهن تخت تي انتهائي نالائق ماڻهو بهترين ۽ معمولي صلاحيتن جي ماڻهن فوج ۽ سياسي پارٽين جي قيادت ڪئي. اهڙا ماڻهو فقط حالتن جي ڪري سياسي مشهوري ماڻين ٿا، پر عام طور تي واقعن جو سيلاب کين ڪڪ ڪانڊ وانگر لوڙهي وڃي ٿو. واقعي نمايان قائد واقعن جي رفتار تي پنهنجي شخصيت ۽ ڪردار جي ڇاپ ڇڏي وڃن ٿا.

ممتاز شخصيت جي ڪردار جو سنڌو سنئون دارومدار عوام جي سرگرمي تي هجي ٿو. عوام جيترو گهٽو سرگرم هوندو تحريڪ جي رهنمائن جي گُٽن جو ايتروئي وڌيڪ سنجيدگيءَ سان مطالبو ڪيو وڃي ٿو. مزدور طبقي جي جدوجهد جيئن ته هر قسم جو استحصال ختم ڪرڻ جو عظيم فرض انجام ڏئي ٿي ۽ تخليقي تاريخي قدمن ۾ وڏي پيماني تي پورهيت عوام کي شامل ڪري ٿي، تنهن ڪري اها تاريخ ۾ عظيم ترين تحريڪ آهي. ان ڪري ان جي قيادت جون ذميواريون وڏي وڃن ٿيون ۽ رهنمائي جي ذاتي صفتن جي اهميت ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو.

مختلف ملڪن ۾ پرولتاريه جي سڃي جدوجهد ۽ ان جون حقيقي ڪاميابيون ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي سرگرمين سان وابسته آهن. پرولتاريه جي انقلابي پارٽي پنهنجي طبقي جو هراول رهنما دستو آهي جيڪا ان جي بنيادي مفادن جو باشعور طريقي سان اظهار ڪري ٿي ۽ مزدور طبقي جي انتهائي چَوڪَس ۽ انقلابي ميمبرن کي، پارٽيءَ جي حامي ٻين طبقن جي ميمبرن کي پنهنجي اندر جذب ڪري ٿي. اشتراڪي سماج ۾ ڪميونسٽ پارٽي سيني ماڻهن جو هر اول دستو هوندي آهي. ان سان

اشتراڪي سماج ڪي ترقي ڏيڻ ۾ مزدور طبقي جي رهنمائي واري سنڌس ڪردار جي تصديق ٿئي ٿي. نئين سماج ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سماجي فرض جيئن لينن بيان ڪيو آهي تہ: سائنسي اشتراڪيت ڪي مزدور طبقي جي تحريڪ سان جوڙڻ، پرولتاريہ جي طبقاتي جدوجهد ڪي منظم ڪرڻ ۾ ان جي رهنمائي ڪرڻ، اشتراڪيت ۾ ڪميونزم ڪي ڦهلائڻ آهي. ان منصبي فرض ۾ ڪاميابيءَ جو دارومدار عام ماڻهن سان ان جي رابطن، عوام جي نظر ۾ ان جي قدر ۾ منزلت، مارڪسي-لينني نقطهٔ نظر تي ان جي ثابت قدمي، مخصوص حالتن ۾ ان سائنس ڪي لاڳو ڪرڻ ۾ مهارت، بين الاقوامي راهہ تي هلڻ ۾ استقامت تي هجي ٿو. بنيادي طور تي پارٽيءَ جون سرگرميون ان وقت ڪامياب ٿين ٿيون جڏهن ان جي مارڪسي- لينني قيادت جي سطح بلند هوندي آهي. ان مان پارٽي رهنمائن جي تشڪيل، انهن جي واڌ ويجهہ ۾ انهن ڪي اڳتي وڌائڻ جي زبردست اهايت واضح ٿئي ٿي.

شخصيت صرف سياسي ميدان ۾ ئي عظيم ڪردار ادا نہ ٿي ڪري بلڪ ثقافت جي سيني شعبن، سائنس جي ترقي، ٽيڪنيڪي ۾ روحاني تخليقي ڪم ۾ بہ ان جو وڏو هٿ هجي ٿو. محقق يا فنڪار جي عظيم ذهانت هڪ نايابجوهر هجي ٿو. عظيم سائنسدان، فنڪار ۾ موجد گذريل ارتقا کان مدد وٺي، ان کان پهرين جيڪو ڪجهہ ڪيو ويو آهي تنهن جو قاعدو ناهي سائنس، ٽيڪنڪ ۾ فن جي ميدانن ۾ رنت نيون راهون کولين ٿا. انهن جون تخليقي ڪوششون انهن امڪانن جو مرڪوز اظهار ۾ پرپور استعمال ۾ جن کي هر انساني عهد ثقافت جي وڏيڪ نشو و نما لاءِ پيش ڪري ٿو. بعد ۾ اچڻ وارن جي لاءِ راهون کڻڻ سولو ڪم ناهي هوندو. ان لاءِ قابليت، ۾ صلاحيت سان گڏوگڏ ڪم ڪرڻ جي بي پناهہ صلاحيت جو مالڪ هجڻ بہ ضروري آهي جيڪي انسان جي روح جي عظمت ۾ ان جي جوهر جي توانائيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

مارڪس ازم—لينن ازم شخصيتن کي غير معمولي طور تي آسمان تي چاڙهڻ يعني شخصيت پرستيءَ جي نندا ڪري ٿو چوتہ ان جو مطلب عوام جي سرگرميءَ کان انڪار يا اهميت کي گهٽائڻ آهي. ان سان

گڏئي اها قيادت جي اهميت کان نراجي انکار جي بہ خلاف آهي. مارکسزم—لينن ازم اهڙا صول مرتب کيا آهن جو عوام، پارٽي ۽ رهنمائن وچ ۾ صحيح لاڳاپا قائم رهن ٿا.

"چونڊيل" ماڻهن جي باري ۾ مختلف تصورن جي باري ۾ جن جا خيال ۽ فيصلا جڙ تاريخ جي تخليق ڪن ٿا ۽ شخصيت جي ڪردار کي غيرمعمولي طور تي آسمان تي چاڙهڻ جي باري ۾ مارکس ۽ اينگلس پنهنجو رويو مرتب ڪيو. ۽ اهو هنن هيگل جي نوجوان حامين سان پنهنجي مناظرن ۾ ظاهر ڪيو جيڪي تخليقي "تنقيدي طور تي سوچڻ واري اقليت جو بي جان متيءَ جي ڍير" سان مقابلو ڪندا هئا. هنن مارکس اشٽرنر تي تنقيد ۾ بہ ان مسئلي تي پنهنجو نقطئ نظر پيش ڪيو جيڪو مايوسي پکيڙيندڙ ۽ وڏائي چڙهائي شخصيت جو ڪردار بيان ڪندو هو. لينن بہ ان خيال کي نرود نيڪن خلاف جدوجهد دوران فروغ ڏنو جيڪي پنهنجي "سورمن" ۽ "مجهه" جي نظرئي مطابق چوندا هئا تہ "سورمن" ڪانسواءِ عام ماڻهو کا اهميت نہ ٿا رکن، جيئن عدد ڪانسواءِ ٻڙيءَ جي ڪا حقيقت ڪانهي. تاريخ ۾ عوام ۽ شخصيت جي ڪردار جي باري ۾ هيگل جي نوجوان حامين، نراجين ۽ نرود نيڪن جي خيالن جو تاريخ جي سائنسي مادي تصور سان پري جو بہ واسطو ڪونهي، اهي شخصيت ۽ عوام جي حقيقي لاڳاپي کي بلڪل درهم برهم ڪري ڇڏين ٿا. ان جو سبب اهو ڪونهي تہ اهي شخصيتن يا گروهن سان اهڙو فيصلائتو ڪردار منسوب ڪن ٿا جيڪو اهي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ادا نہ ٿا ڪن.

اهوئي سبب آهي جو مارکسزم—لينن ازم شخصيت پرستيءَ کي نظرياتي طور تي داخليت پسند ۽ تصور پرست خيال قرار ڏئي ٿو. اخلاقي لحاظ کان ان جي مزمت ڪري ٿو ۽ سياسي پهلو کان ان کي ثابت قدميءَ سان مسترد ڪري ٿو. اهو ان ڪري جو شخصيت پرستي عام ماڻهن، پارٽي ۽ قيادت جي وچ ۾ صحيح تعلق جي خلاف آهي ۽ اشتراڪيت جي مفادن کي نقصان پهچائي ٿي.

باب ڏهون

سماجي ترقي

هن مهل تائين اسان سماج بابت مارڪسي نظرئي جي بنيادي ڳالهين تي بحث ڪيو آهي، جيڪي تز تاريخي عمل جو سائنسي مطالعو ڪرڻ جا ابتدائي اصول آهن، هاڻي اسان لاءِ هڪ ٻئي تصور جو تجزيو ڪرڻ باقي رهجي ويو آهي، مجموعي طور تي سماجي زندگيءَ جي ان کان اڳتي ٿيندڙ ارتقا ۾ هڪ مربوط توڙي اندروني طور تي ٽڪرن ۾ ورهايل عمل وانگر خصوصيتون بيان ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اهو آهي سماجي ترقيءَ جو تصور.

عام طور تي ترقي جدليات جو اهو تصور آهي جيڪو ارتقا کي محض تبديلي يا هڪ حلقي ۾ گردشي حرڪت جو عمل نه بلڪ اڳتي وڌندڙ حرڪت، هڪ اهڙي حرڪت، وانگر پيش ڪري ٿو جيڪو هيٺين حالت کان مٿاهين بلند حالت تائين وڃي ٿو.

ان تصور کي انساني تاريخ تي لاڳو ڪرڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟ سماجي زندگيءَ ۾ ترقي ڇا آهي؟ ۽ رجعت پرستي ڇاهي؟ جڏهن سماجي نظام جي شڪلين ۾ تبديلي جو مطلب هيٺين حالت کان بلند حالت ۾ پيش قدمي هجي تہ ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڇا کي خارجي معيار آهي؟ هاڻي پڙهندڙن کي انهن سوالن جي جوابن جي باري ۾ ٿورو گهڻو اندازو ٿي ويڙ گهرجي جيڪي تاريخ جي مادي نقطئ نظر جي روشنيءَ ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا. هتي اسان انهن جوابن جي وڌيڪ وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

سماجي ترقيءَ جو تصور پهريون پيرو ارڙهين صديءَ جي روشن خيالن مفڪرن پيش ڪيو هو جن ۾ زين ڪوندورسي (Jean Condorcet) ۽ جوهان هرڊر (Johann Herder) بہ شامل آهن. انهن جو خيال هو تہ ترقي جو بنياد انساني عقل، سائنس ۽ علم وغيره جو فروغ آهي. هنن کي يقين هو تہ

انسانیت جو مستقبل روشن آهي. ليڪن هو سماجي ترقي جي جوهر ۽ سرچشمي جي سائنسي تعريف نه ڪري سگهيا.

19 هين صدي ۾ هيگل انساني تاريخ جو جدلياتي تصور پيش ڪيو جنهن مطابق تاريخ "آزادي جي شعور" جي ارتقا آهي. پر هيگل جي فلسفياڻي تاريخي نظام جي تانَ ان فرسوده خيال تي ٽڪي ٿي ته پروشيائي بادشاهت انساني تاريخ جي معراج آهي. ان کان علاوه هيگل جو هي عقيدو به هو ته هر عهد ۾ ڪابه هڪ قوم تاريخي ترقيءَ جو وسيلو بڻجي ٿي ۽ ٻيون قومون جڙ ته تاريخ کان ٻاهر رهن ٿيون. هيگل جي ان تصور مان جرمن پرستي جي بوءِ اچي ٿي ڇو ته ان جديد دور ۾ جرمن قوم کي ترقي جو وسيلو قرار ڏنو ويو.

هربرٽ اسپينسر ۽ آگسٽي ڪومٽ، جيڪي بورجوا عمرانيات جا باني آهن، اهي به سماجي ترقيءَ کي مڃين ٿا. پر هيگل جي مقابلي ۾ انهن جو تصور جدلياتي نه پر ارڻگو سلسليوار (تدريج پسند) هو. انهن جي سماجي خيالن کي بورجوا معتدل ترقي پسند چئي سگهجي ٿو. توڙي جو اٽويهين صديءَ ۾ تاريخي ترقيءَ جي امڪانن جي باري ۾ ڪن مفڪرن جا خيال مايوس ڪن هئا پر مجموعي طور تي اهو هڪ اهڙو دورهو جڏهن بورجوا سماجي فڪر تي تاريخ جو ارتقائي تصور چانيل هو. ان جي ابتڙ ويهين صدي ۾، جيڪو سرمائيداري نظام جي پستي جو دور آهي، اڪثر بورجوا فيلسوفن ۽ عمرانيات جي ماهرن جو ترقيءَ جي تصور جي باري ۾ ناڪاري رويو آهي.

انهن جا دليل ڪهڙا آهن؟ ترقيءَ جي تصور تي انهن جي تنقيد جي هڪ اهم ترين دعويٰ هيءَ آهي ته عالمي تاريخي عمل کي ڪنديل وحدت نه ٿو چئي سگهجي. ان جي جاءِ تي هو اهڙيون ڪيئي محدود مقامي ثقافتون يا تهذيبون پيش ڪن ٿا جن سان هر هڪ پنهنجي پنهنجي ارتقا جي حلقي مان گذري ٿي. ان خيال جي مشهور علمبردارن ۾ اوسيوالڊ اسپينگلر (Oswald Spengler) ۽ آرنولڊ ٽوئن بي (Arnold Toin Bee) آهن جن جا تصور ان تي ٻڌل آهن ته تاريخ ۾ ڪيئي ثقافتون ۽ تهذيبون ايريون ۽ نابود ٿي ويون. انهن کي " ڪ خطي ترقي" جي يورپ کي مرڪز وار ڏيڻ

واري تصور ۾ خاميون نظر اچن ٿيون جيڪي بورجوا فيلسوفن ۾ مقبول آهن پر اهي تاريخ جي ڪيترن ئي رنگينين کي قطعي بنائي ڇڏين ٿا ۽ ان نتيجي تي پهچن ٿا ته ثقافتن ۾ ڪو گڏيل تعلق يا تسلسل ڪونهي ۽ انهن جا الڳ الڳ محدود وجود آهن. جيڪڏهن تاريخ ۾ واحد ڏارا ڪانهي ته پوءِ انسانيت جي ترقيءَ ۾ وحدت تلاش ڪرڻ جي ڪهڙي تڪ آهي؟ تاريخ جي ان قسم جي تصور کي، ظاهر آهي، سائنسي نه ٿو چئي سگهجي يا اهڙو جيڪو حقيقت جي عڪاسي ڪندو هجي. اهو صحيح آهي ته هر قوم جي پنهنجي تاريخ هوندي آهي ۽ ان جو به قطعي ڪو سبب ڪونهي ته هڪ قوم بي قوم جي تاريخ ڏهرائي پنهنجي ممتاز خصوصيتن ۾ اضافو ڪري پر جيئن ته اسين ڪانتي خيالن تي تنقيد ڪندي چئي چڪا آهيون ته تاريخ ۾ عام ممتاز خصوصيتن، جن جو ورجاءُ ٿيندو رهي ٿو نظرانداز ڪري صرف انفرادي امتيازي خصوصيتن جي تعريف پيداواري قوتن ۽ پيداواري تعلقات جي تجزئي جي ذريعي ڪري سگهجي ٿي. ان "عام عنصر" ۽ ان جي تبديلين جي تجزئي سان انساني معاشري جي ارتقا جي عام راهه کي واضع ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. (1) تاريخ ۾ وحدت سان بن سطحن تي بحث ڪري سگهجي ٿو. پهرين هر خاص تشڪيل اندر سمورن سماجي مظهرن ۾ وحدت هجي ٿي، اهڙي وحدت جيڪا هڪ خاص پيداواري طريقي جي بنياد تي مظهرن جي درميان ڳانڍاپي جي وجود مان پيدا ٿئي ٿي، ٻين ملڪن، قومن، ثقافتن، رياستن جي ڪثرت ۾ وحدت، اهو تصور ته عالمي تاريخ ۾ وحدت ۽ ترقي پذير ارتقا موجود آهي ان کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي مختلف قومن جي تاريخي راهن ۾ گوناگوني هجي ٿي، بلڪ هڪ نقطئ نظر سان ان گوناگونيءَ ۾ ترتيب پيدا ڪرڻ ۽ هر قوم جي تاريخي ترقيءَ جي عام راهه سان جوڙڻ ۾ مدد ڏئي ٿو پر تاريخي ارتقا ترقي پذير راهه کي مجموعي طور تي ترقيءَ جي راهه سان ڳنڍيندي ٿا، پر مذهبي ۽ صوفيانه رنگ ۾. تاريخ جي راهه کي مجموعي طور تي سمجهڻ

1. انصاف کان ڪم وٺندي هتي اسين اهو اضافو ڪري ڇڏيون ته توڙن بي کي آجو قرار ڏيڻ گهرجي ڇو ته هو مختلف تهذيبن جي حلقي وار ارتقا جي خيال کي ترقي جي خيال سان ڳنڍي ٿو پر مذهبي ۽ صوفيانه رنگ ۾.

صرف ان وقت ممڪن آهي جڏهن سڄي عالمي تاريخ، ان جي اندروني رابطن ۽ تسلسل کي نظر ۾ رکيو وڃي. اهو صرف مختلف ثقافتن ۽ تهذيبن جي خصوصيتن کي آڏو رکي حاصل نه ٿو ڪري سگهجي جو ته يورپ ايشيا يا آفريڪا "تاريخي نه ملڪ جاگرافيائي تصور" (Academician Conrad) آهن جهڙوڪ اڪارميشن ڪونرف (N.I Conrad, West and east, Moscow, 1966, P-473 inlissian). پنهنجي ڪتاب "مغرب ۽ مشرق" ۾ ٻڌا طور تي چيو آهي.

سماجي ترقيءَ واري خيال تي ٻين طرفن کان به حملا ڪيا ويندا آهن. مغربي تجربي عمرانيات جي ارتقا پنهنجي ڪن منزلن ۾ اهڙو رجحان پيدا ڪيو آهي جو وسيع سماجي شعبن کي ان ڀاني نظرانداز ڪري ٿو ته اهي تجربي جي لحاظ کان تصديق جي قابل ناهن. ان جو مطلب اهڙن تصورن کان بچڻو آهي جيڪو وسيع نظرياتي حصن جو اظهار ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح "ثقافتي علم الانسان به تاريخي طريقي تي حملا ڪري ٿو ۽ ان جو به عمرانيات تي اثر پوي ٿو. هن صدي جي ٽئين ڏهاڪي ۾ هڪ آمريڪي ماهر عمرانيات وليم اوگ برن (William Ogburn) دعوىٰ ڪئي هئي ته ارتقا جو تصور سماج تي لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي. ان کان پوءِ عمرانيات جي ٻين بورجوا ماهرن به سماج تي "ارتقا" "تدريج" ۽ "ترقي" جي اطلاق کي، خيرباد چوڻ جو مطالبو ڪيو. اهو دليل پيش ڪري ته تاريخ ۾ ارتقا جي گڏيل راهه، ترقي پذير ارتقائي رجحان کي معلوم ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

1956ع ۾ عمرانيات جي ٽين عالمي ڪانگريس ٿي هئي ان ۾ عمرانيات جي وڏن ماهرن اهو تجويز ڪيو ته 19هين صديءَ جي سائنس جي پيٽ ۾ جيڪا ترقيءَ جي خيال تي مبني هئي ۽ جنهن خيال جو اظهار "ارتقا" مان ٿئي ٿو جديد عمرانيات ۾ ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو اصطلاح استعمال ڪرڻ گهرجي مثلاً زندگيءَ جي مظهرن جون "سماجي تبديليون."

بورجوا شعور جي ارتقا بورجوا سماج جي آغاز ۾ ترقيءَ جي خيال کي قبول ڪرڻ کان وٺي سامراجي دور ۾ ان کان انڪار تائين ظاهر آهي جيڪو ڏيکاري ٿو ته سرمائيدار تشڪيل جي پڄ ڌاهه جون واضح نشانيون

(عالمي جنگيون، حل نہ ٿيڻ جوڳا تضاد) بور جوا شعور کي انسانيت جي مستقبل جي باري ۾، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي علم بابت قنوطيت (2) پسند بڻائي ڇڏيو آهي.

هڪ عام احساس، جيڪو آمريڪا ۾ ٻين اولهه جي ملڪن ۾ پکڙيل آهي، سو اهو آهي ته "اسان کي خبر ڪانهي ته اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون پر اسين ضرور راهه تي آهيون." عمرانيات جا ڪي بورجوا نظرياتي بنياد تي ترقيءَ جي خيال تي منفي روين بابت پنهنجا دليل پيش ڪن ٿا. اهي چون ٿا ته هڪ اهڙو تصور، جنهن جو مطلب مختلف سماجي حالتن جو مقابلو ڪرڻ ۾ بلند نوس، پست، تر ۾ ان جي درجه بندي ڪرڻ هجي هي هڪ اهڙو نقطئه نظر آهي جنهن جو دارومدار پنهنجي قدرن جي نظام تي هجڻ گهرجي ۽ ان لاءِ اها داخلي ڳالهه آهي. اُهي اِهو نتيجو ڪڍن ٿا ته ترقيءَ جو خيال سائنس کي قدرن جو هڪ اهڙو پيمانو فراهم ڪري ٿو جنهن جو سائنس سان ڪو تعلق نہ ٿو ٿي سگهي. آمريڪا جي عمرانيات جي ماهرن جي هڪ گروهه جو خيال آهي ته "پهرين عالمي جنگ (ان کان پوءِ جي واقعن جو ته ذڪر ئي ڇا) خوشفهميون ختم ڪري ڇڏيون تنهن ڪري عمرانيات جا ماهر ترقيءَ جي ضرورت کان انڪار ڪرڻ لڳا. ان اصطلاح معياري معنيٰ ته اختيار ڪري ورتي پر سائنسي رتبو وڃائي ڇڏيو. جيڪڏهن ترقيءَ جو مطلب هڪ پسنديده سمت ۾ ارتقا آهي ته پوءِ اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته ڪي ماڻهو جنهن کي پسنديده سمجهندا آهن اهو ئي ٻين جي نزديڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. سائنسي بنياد تي ترقيءَ جي تشريح ڪرڻ جون ڪيئي ڪوششون ضرور ڪيون ويون پر بعد ۾ عمرانيات ان تصور کان پنهنجو دامن ڇڏائي ورتو." ان مان حالت جي افراتفري جو اندازو ٿي سگهي ٿو. اهو درست آهي ته داخلي (من پسند) پيماني تي ارتقا جي مختلف منزلن کي ماپڻ سماجي سائنس کي زيب نہ ٿو ڏئي. ليڪن پهرين، بورجوا عمرانيات کي اهو ثابت ڪرڻ گهرجي ته سائنس ۾ سماجي ترقيءَ جو ڪو خارجي پيمانو ڪونهي، ٻيو ترقيءَ جي خارجي پيماني کي ميزان - قدر جي رسائي جي لاءِ بنياد قرار ڏيڻ بلڪل

2. قنوطيت= نااميدي، مايوسي، نراسائي (سنڌيڪار)

قابل فهم آهي جيڪا عامل جي مفادن ۾ ضرورتن ۾ مختلف سماجي نظامن يا حالتن جي درميان لاڳاپن جو اظهار ڪري ٿي. جيڪڏهن قدر جا پيمانا سائنس تي ٻڌل نه هوندا تہ پوءِ انهن جو رجحان داخليت ڏانهن هوندو. سماجي سائنس جي پوري تاريخ ان کي چڱيءَ طرح واضح ڪري ٿي. ليڪن سائنسي پهلوءَ تي ٻڌل اخلاق ۾ بين شين جي قدر جو اندازو بلڪل قابل قبول ٿي سگهي ٿو. مثال طور سائنسي جائزي جي بنياد تي اسين چئي سگهون ٿا تہ فاشزم سامراجي رجعت پرستي ۾ سماجي رجعت پرستيءَ جي پيداوار آهي ۾ ان سائنسي طبقاتي جائزي جي مدد سان ان بابت اخلاقي ۾ بيا اندازا لڳائي سگهون ٿا، ۾ ائين ڪرڻ ۾ گهرجي.

ڇا سماجي ترقي جو واقعي ڪو ٻاهريون پيمانو آهي؟

جيئن تہ پيداوار سماجي ارتقا جو بنياد آهي تہ پوءِ ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ اتي ئي اسان کي ارتقا جو ٻاهريون معيار ۾ اهو پيمانو تلاش ڪرڻ گهرجي جيڪو انهن امتيازن جي خارجي اندازن جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي جيڪي تاريخي عمل دوران پيدا ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح ڪنهن به سماج جي ارتقا جي منزل مقرر ڪري سگهجي ٿي.

جيئن تہ پيداوار جي ارتقا جو معيار پيداواري قوتن ترقيءَ جي سطح مان طئي ٿئي ٿو تنهن ڪري تاريخ جي پوري مادي تصور مان اهو لازمي نتيجو نڪري ٿو تہ سماجي ترقي جي انتهائي خارجي پيماني جي جستجو پيداواري قوتن جي ارتقا ۾ ڪئي ويجي.

انسانيت جي سماجي ترقيءَ جي منزلن ۾ پيش قدمي جي لاءِ پيداواري قوتن جي نشو و نما مرڪزي حيثيت رکي ٿي ڇو تہ اهي ان سطح کي ظاهر ڪن ٿيون جنهن تائين انسان جو فطرت جي قوتن تي غلبو حاصل ٿيو آهي يعني ان سطح کي جنهن تائين اهو انهن کي پنهنجي خدمت لاءِ ڪتب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. پيداواري قوتون انسانيت جي سماجي ارتقا جي لاءِ امڪان به فراهم ڪن ٿيون.

اهو ٻاهريون پيمانو سڀ کان پهرين ان لاءِ آهي تہ ان سان مقابلو ڪري سماجي ارتقا جي منزلن ۾ سماجي معاشي ڍانچي جي جاءِ کي مقرر ڪري ۾ ان جو ڪاٽو لڳائي سگهجي ٿو.

نيون سماجي صورتون ان ڪري بلند تر هجن ٿيون جو اهي پيداواري قوتن جي پوڻين نشونما تي پاڙين ٿيون ۽ پيداواري قوتن کي وڌيڪ ترقي ڏين ٿيون ۽ ان جي بلند تر سطح تي قائم ٿين ٿيون، معاشي لاڳاپن جو اهو نظام وڌيڪ ترقي پسند هوندو آهي جيڪو ترقي يافته پيداواري قوتن جي فائدي ۾ هجي ٿو. جيڪو پيداواري قوتن کي نشو و نما جا موقعا ڏئي ٿو ۽ ان جي ترقي جي لاءِ ترغيبون پيدا ڪري ٿو.

پر وڌيڪ پيداواري لاڳاپن جي هر صورت پيداواري قوتن جي نشو وَ نما جي مفادن ۽ ضرورتن جي خدمت هڪ محدود مدت تائين ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو تاريخي لحاظ کان اها عارضي هجي ٿي. ان معنيٰ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته سماجي ترقيءَ جو جوهر هڪ سماج جي جاءِ جنهن جو معاشي ڍانچو وڌيڪ بلند ۽ وڌيڪ پختو هجي ٿو ۽ جنهن جي تشڪيل زياده ترقي يافته پيداواري قوتن جي بنياد تي ٿئي ٿي.

مارڪس لکيو آهي ته ايشيائي، قديم جاگيرداراٽن ۽ سرمائيداراٽن طريقن جي پيداوار کي معاشي سماجي تشڪيل جي ترقي پسند دورن جي حيثيت سان مقرر ڪري سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ پنهنجن اڳين Predecessor جي پيٽ ۾ بلند تر ۽ پختو هجي ٿو ڇو ته هو وڌيڪ ترقي يافته پيداواري قوتن مطابق آهي ۽ ان جي وڌيڪ ترقي جا امڪان فراهم ڪري ٿو. (ايشيائي پيداواري طريقي تي جديد سائنسي نقطئ نظر کان چوٿين باب ۾ بحث ڪيو ويو آهي).

سماج جي وڌيڪ واڌ ويجهه سرمائيداري تشڪيل کان ڪميونزم تائين سفر آهي جنهن جي پهرين منزل اشتراڪيت آهي.

اشتراڪي نظام ايڏا پنهنجي ارتقا جي ابتدائي منزل ۾ آهي، اسان جي زماني ۾ اجتماعي اشتراڪي ملڪيت پيداواري قوتن جي وڌيڪ نشو و نما جي لاءِ وسيع شاهراهن کولي ڏئي ٿي ڇو ته اها پيداوار جي ترقيءَ کي نجي ملڪيت جي مالڪن جي خود غرض مفادن، منافعي لاءِ سرمائيدار اجاريدارين جي ڊوڙ ۽ بدران سڄي سماج جي مفاد، پورهيت ماڻهن جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي تابع رکي ٿي، توڙي جو هاڻي به اشتراڪيت مختلف سببن کان معاشي ميدانن ۾ چند ترقي يافته سرمائيدار ملڪن کان

پنتي آهي. پر ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته پرپور ڪميونسٽ سماج پيداواري قوتن جي سطح ايتري بلند ڪري ڇڏيندو جيڪا سرمائيداريءَ جي وس جي ڳالهه ڪانهي.

پيداواري قوتن جي سطح جي ڪٽ محنت جي لاياڻتي هجڻ سان ڪئي وڃي ٿي. آڪٽوبر انقلاب کانپوءِ لينن لکيو هو ته: نئين سماجي نظام ۾ اها خاص ڳالهه، جيڪا پراڻي نظام تي ان کي فاتح بنائي سگهي ٿي، سا سماجي محنت جي لاياڻتي هجڻ جي بلند تر سطح آهي. اهوئي سبب آهي جو اشتراڪي ملڪ معاشي ترقيءَ جي شرح وڌائڻ تي ايترو گهٽو ڏيان ڏين ٿا. اهو نه صرف انهن جي معاشي ۽ دفاعي قوت کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ بلڪ سرمائيداري تي اشتراڪيت جي برترين جي بنيادي مسئلي جي حل لاءِ به ضروري آهي.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته اشتراڪيت جي پيٽ ۾ سرمائيداري پيداوار وڌائڻ جي لاءِ جن امڪانن جون شاهراهون کولي ٿي، اهي گهٽ ڪونهن. ان جي ثبوت ۾ اهي ڪن سرمائيدار ملڪن جي معاشي ڪاميابين ۽ سرمائيداراڻي معيشت ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي حاصلات جو استعمال پيش ڪن ٿا. پر انهن انفرادي ۽ مخصوص ڪاميابين مان سرمائيداريءَ جي عام اندازي ۾ ڪا تبديلي نه ٿي ٿي سگهي جنهن جو سر چشمو سرمائيداريءَ جا معاشي ۽ سماجي قانون آهن جيڪي عالمي پيماني تي طويل تاريخي مدت کان عمل ڪري رهيا آهن. پيداواري قوتن ۽ پيداواري بنيادي تضاد سرمائيداري جي ترقيءَ تي تاريخي لحاظ کان ڪري ڇڏي ٿو. خود بورجوازي ان تضاد کي معيشت جي رياستي اجاريدارانه صورتون اختيار ڪري حل ڪرڻ چاهي ٿو. ليڪن ان سان سرمائيداريءَ جي نوعيت نه ٿي بدلجي ۽ بورجوا نظريه دانن جي دعوائن جي باوجود ان کي ڪن به معنائن ۾ نئين سماج ۾ "تبديل" نه ٿو ڪري سگهجي.

معيشت تي معاشري جي سماجي ڍانچي، ان جي مختلف سماجي ادارن ۽ مٿاهين ڍانچي جي پوري حلقي جو انحصار هجي ٿو. ان لاءِ سماجي ڍانچن جو به خارجي طور تي اندازو لڳائي سگهجي ٿو جيئن ته پيداواري لاڳاپن جو دارومدار پيداواري قوتن تي هجي ٿو تنهن ڪري پيداواري

تعلقات مختلف ملڪن ۾ قومن جي ارتقا جا عام پهلو واضح ڪري سگهن ٿا ۽ سڄي سماجي ڍانچي جي اهم عنصرن جي باهرين ڪاٽي جو بنياد ٻڌجي سگهن ٿا.

ترقيءَ جي ان پيماني جي اندازي خلاف اهو اعتراض ڪيو ويجي ٿو ته ان ۾ انسان، ان جا مفاد ۽ ان جي نشو نما لاءِ ڪا گنجائش ڪانهي. پر اهو اعتراض وزني ڪونهي ڇو ته انسان هڪ سماجي هستي آهي. ان جي فطرت ان جو "جوهر" اهڙي شي ڪونهي جيڪا تبديلي کان پاڪ يا دائمي هجي. قديم ابتدائي علم الانسان جو نقطئه نظر هو ته اهو هڪ سماجي نظام جي ترقي پسنديءَ ان حد سان طئي ڪري ٿو جنهن حد تائين اها انسان جي نه بدلجندڙ "فطرت" مطابق هوندي هئي. ان جي مقابلي ۾ سماجي سائنس انسان جي مفادن ۽ ضرورتن کي تاريخ جي پيداوار تصور ڪري ٿي. پيداوار جي ترقي به. اهائي ڳالهه سماجي ترقيءَ کي سماجي انسان جي نشو و نما وانگر ڏسڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. انسان يا ان جي ارتقا جي سطح سماجي ترقيءَ جي پيماني جي تاريخي مادي تعريف جي ڪا ضمني شيءِ جي حيثيت سان نظر نه ٿي اچي بلڪ ان پيماني جي هڪ ضروري ترڪيبي حصي وانگر منظر عام تي اچي ٿي. هتي اسان کي هڪ ٻئي عنصر تي بحث ڪرڻو پوندو.

پيداواري قوتن جي نشو و نما جيتوڻيڪ مجموعي طور تي سماجي ترقي جو بهترين پيمانو هجي ٿي پر اها هميشه انفرادي سماجي مظهرن جي ارتقا جي خارجي پيماني وانگر ڪم نه ٿي ڪري جن جون پنهنجون خصوصيتون هونديون آهن، جيڪي نسبتاً آزاد آهن ۽ جن جي ارتقا جي سطح جو ڪاٽو ڪرڻ لاءِ مخصوص پيمانا استعمال ڪيا وڃن ٿا. انهن جو اطلاق خاص طور تي سماجي شعور جي مختلف صورتن تي ٿئي ٿو. اخلاق، فن ۽ فسلفي جو پيداوار سان لاڳاپو وچ وارين ڪڙين جي پيچيده سلسلن جي ذريعي هجي ٿو. ان جي ارتقا جون پنهنجون ڌار خصوصيتون هجن ٿيون. ان ڪري انهن مان هر هڪ صورت جي ترقيءَ جا پنهنجا مخصوص پيمانا هجن ٿا. تاريخي مادييت سماجي ترقيءَ جو جيڪو تصور ۽ پيمانو مرتب ڪيو آهي تنهن جي نظرياتي ۽ منهاجي اهميت آهي. يعني اهي تاريخي مواد ۽ سماجي ترقيءَ جي دوران پيدا ٿيندڙ اصلي امتيازن جو

مطالعو ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪن ٿا. پر اهي اسان کي اهو نه ٿا ٻڌائين ته تاريخي عمل ٻوس طور تي ڪيئن هجي ٿو، مختلف حالتن ۾ تاريخي ارتقا دوران ڪهڙا حقيقي امتياز جڙن ٿا. اهوئي سبب آهي جو انهن قولن ۾ ترقيءَ جي عام "فارمولن" کي هڪ نه سمجهڻ گهرجي جن جي تجويز هربرٽ اسپينسر يا ميخائلو فسڪي جهڙا بورجوا عمرانيات جا ماهر ڏين ٿا. اهي ماڻهو حقيقي تاريخ تي ارتقا جا مخصوص "فائدا" ۽ خاڪا ٽاڪين ٿا ته جيئن تاريخ انهن مطابق حرڪت ڪري. مارڪس ازم جي مڃڻ وارن ترقيءَ جي ان مسئلي ڏانهن اهڙي نقطه نظر تي همیشه تنقيد ڪئي آهي. ڇو ته اها مجرد ۽ تاريخ کان مٿاهين آهي. ترقيءَ جو سائنسي نقطئه نظر مطالبو ٿو ڪري ته اصلي تاريخ تي تاريخ کان مٿاهان کي به خاڪا عائد نه ڪيا وڃن بلڪ ڪيفيتي اعتبار کان مختلف سماجن، سماجي معاشي تشڪيلن تي حڪومت ڪندڙ اصلي سببن ۽ قانونن جو، انهن جي قيام، ارتقا ۽ هڪ تشڪيل کان بي تشڪيل ۾ تبديلي سان تعلق رکندڙ قانونن جو مطالعو ڪيو وڃي.

تاريخي ترقيءَ جو سماجي تشڪيلن جي ارتقا ۽ تبديلين جي سلسلي وانگر تصور نه صرف عالمي تاريخ کي مربوط ثابت ڪري ٿو بلڪ تاريخي ترقيءَ جي رنگارنگي تجزئي جو بنياد به فراهم ڪري ٿو.

هر سماجي تشڪيل جي ارتقا جي خصوصيتن کي، جنهن جا پنهنجا مخصوص قانونن هجن ٿا، تاريخي ارتقا جي خاص گهاڙيتي، ان جي متحرڪ قوتن جي امتياز، ارتقا جي شرح ۽ اهي تاريخي حدون بيان ڪن ٿيون جن ۾ ارتقا رڳو سماجي وجود يا ابتي رخ ۾ حرڪت وانگر نه بلڪ ترقي ۽ پيش قدمي ڪندڙ تحريڪ جهڙي نظر اچي. هر سماجي تشڪيل ارتقا جي لاءِ مقرر امڪان فراهم ڪري ٿي. جڏهن اهي امڪان ختم ٿي ويندا آهن ته پوءِ سماجي تشڪيل لازمي طور تي ارتقا جي ڪيفيتي اعتبار کان نئين سطح ڏانهن يا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سماجي منزل ڏانهن حرڪت ڪرڻ لڳي ٿي.

جيئن ته هر سماجي تشڪيل جا قانونن مخصوص هجن ٿا ۽ جيئن ته تاريخ جي عام قانونن جو اظهار مختلف حالتن ۾ خاص طريقي

سان ٿئي ٿو تنهن ڪري اهي تاريخي عمل جي رخ کي "عام" طور تي نه بلڪ مخصوص نوس سماج، مخصوص تشڪيل ۾، مخصوص سماجي ڪيفيت ۾ تبديلي وانگر مقرر ڪن ٿا. پر ان جو اهو مطلب ڪونهي ته تاريخي ارتقا جي ايندڙ پوري راهه پهريائين کان طئي. ٿي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سماجي اڳڪٿي جون پنهنجون تاريخي بندشون هجن ٿيون. پر سائنسي اعتبار کان تاريخ ۾ سماجي ڏانچن ۾ سببن جي اڳڪٿي ممڪن آهي پرشرط اهو آهي ته ان جا لازمي شرط ۾ جَڙ(3) حقيقت ۾ موجود هجن. سماجي قانونن جي عمل ۾ ڪا قسمت جي لکيل لازميت ڪانهي هوندي تنهن ڪري بذات خود تاريخي عمل جي رخ ۾ به ائين نه ٿو ٿئي. ان جا تاريخي عمل ۾ حصو وٺن وارا سماجي قوتن جي گوناگوني ۾ پيچيدگي جا سبب داخلي عنصر جو اثر، تاريخي اتفاق وغيره آهن.

تاريخي ترقي خود سماج جي ارتقا آهي جنهن کي سماجي قانون مقرر ڪن ٿا ۾ جيڪا انساني سرگرمي جي مدد سان واقع ٿئي ٿي. تاريخي ترقيءَ جو اهو نقطئ نظر اشارو ڪري ٿو ته بذات خود ترقي جي سمت جو دارومدار انسانن جي مرضي، خواهش يا تضاد تي نه پر خارجي قانونن جي ڪارڪردگيءَ تي هجي ٿو ۾ باشعور سماجي مقصد جن کي انسان پنهنجي لاءِ مقرر ڪن ٿا (سڀ کان پهرين اهي مقصد جيڪي عام ماڻهن ۾ طبقن لاءِ سماجي لحاظ کان اهم هجن ٿا) صرف ان وقت ڪامياب سان گڏ حقيقت جو روپ اختيار ڪن ٿا، جڏهن اهي تاريخي ارتقا جي خارجي رجحانان مطابق هجن ٿا.

اهو تصور ته قدرت تاريخ لاءِ ڪا منزل مقرر ڪري ڇڏي آهي ۾ تاريخ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي، يا تاريخي ترقي ڏانهن تنهائي پسندي، شڪي، ٻئي مادیت جي نقطئ نظر کان بي بنياد آهن. سماجي باضابتگيون گهرن تاريخي رجحانن وانگر ڪارفرما هجن ٿيون ۾ ان عام رخ کي مُعَيَنُ ڪن ٿيون جنهن ڏانهن مخصوص سماجي حالتن اندر تبديليون ٿيندیون آهن. پر اصل تاريخ ۾، انهن حدن جي اندر، جن کي مخصوص تشڪيل جون مادي حالتون مقرر ڪن ٿيون، هميشه امڪانن

3. جڙ: مذڪر (ع. جنين= پيٽ وارو ڪچو ٻار، اولاد (سنڌيڪار)

شعاعي تصويرون هجن ٿيون جن کي حقيقت جو روپ ونڻائڻ جو دارومدار عوام جون جي سرگرمي ۾ انسانن جي تاريخي عمل تي هجي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته انسانن آڏو تخليقي عمل لاءِ تمام گهٽا امکان هجن ٿا مثال طور اسان جي دور ۾ سماجي حالتن ۾ تبديلي جو ڪم عام ترقي پسند رجحان اشتراکيت ۽ ڪميونزم ڏانهن پيش قدمي جي صورت ۾ طئي ٿئي ٿو پر ان عمل جي نئوس صورت، اهي نڪتا آهن جن جي بنياد تي ترقي ڪرڻ جا تمام گهٽا امکان ٿي سگهن ٿا يا ان جي به ابتڙ اهي نڪتا جن جي بنياد تي جمود ۽ رجعت پرستي اپري سگهي ٿي، ان جو انحصار نه صرف قانونن تي عمل تي بلڪ ڪيترن عنصرن جي گڏيل عمل تي به آهي. اهي مخصوص پاڻ ۾ گڏيل هجن ٿا ۽ هڪ مخصوص دور ۾ مخصوص ملڪ اندر تز حالتن جي تشڪيل ڪن ٿا. ان جو انحصار عوام، پارٽين ۽ شخصيتن جي سرگرمي ۽ سماجي گروهن جي مقابلي تي به آهي.

ان کان علاوه موجوده دور ۾ اهو فيصلو ڪرڻ لاءِ ته ڪهڙو تز سماجي عمل ترقي پسند آهي، ان کي تاريخي ارتقا جي بنيادي راهه، سرمائيداري کان اشتراکيت ڏانهن سفر جي تعلق سان به ڏسڻ گهرجي.

سماجي ترقي جي مارڪسي نظرئي جي لاءِ ترقيءَ جي نوعيت بنيادي اهميت رکي ٿي. توڙي جو هر تشڪيل پنهنجي لحاظ کان ترقي پسند هجي ٿي مثلاً جاگيرداري يا سرمائيداري ليڪن ڪيتريون ئي سماجي تشڪيلون، جن جون خصوصيتون هڪجهڙيون هجن، تاريخي ترقيءَ جي هڪ جهڙي رخ رکندڙ هڪ جهڙو ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري ترقيءَ جو متضاد ڪردار انهن سمورن تشڪيلن ۾ هجي ٿو جيڪي حاڪم ۽ محڪوم طبقن ۾ ورهايل هوندیون آهن.

مارڪس ۽ اينگلس پنهنجي تحريرن ۾ متضاد ترقيءَ جو ڏاڍو گهرو تجزيو ڪيو آهي. هنن ٻڌايو آهي ته پيداوار جي ارتقا جي خاص دورن ۾ ترقي جون متضاد صورتون تاريخي لحاظ کان اٽٽر هيون. مارڪس لکيو "جيڪڏهن تضاد ڪونهي ته ترقي به ڪانهي. ان قانون تي تهذيب اسان جي زماني تائين عمل ڪندي رهي آهي" (4) مارڪس چيو ته انهن حالتن ۾

4. هڪ جاگرافيائي جونالو

جڏهن سماج جي ترقي، سائنس ۽ ثقافت ۾ فروغ ۽ سماجي دولت ۾ اضافو پورهيت جي ٻَل تي، ظلم، استحصال ۽ تذليل جي ذريعي ٿئي ٿو تہ ترقي ان بيرحم ديوتا جيان آهي جيڪو پنهنجي شڪار جي کوپڙي ۾ شراب پيئي ٿو. تاريخ ئي ثابت ڪري ٿي تہ قديم ڪميون جي انتشار جي دور ۾ غلاميءَ ثقافت کي ترقي ڏني ۽ ان جو سماج جي مستقبل واري، ارتقا تي زبردست اثر پيو ۽ جڏهن غلامي تباهہ ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ اهو معاشرو بہ ختم ٿيو ۽ ان جي جاءِ جاگيرداريءَ والاري تہ ان جو مطلب بہ ترقي هو ڇو تہ ان سان پيداوار وڌائڻ جا وسيع موقعا پيدا ٿي.

جاگيرداراٹي سماج جو وجود براه راست پيدا واري(5) غلام هاري جي وحشياٹي استحصال تي قائم رهيو ۽ ان ذاتي غلاميءَ جون خونخوار صورتون اختيار ڪيون. معاشي ظلم سان گڏ سياسي ۽ روحاني جبرجاري رهيو. سياسي ۽ روحاني ميدان ۾ جاگيرداريءَ جي خاصيت اها هوندي آهي تہ ان ۾ سرگرمي هڪجهڙائي اختيار ڪرڻ بدران جمود ۽ هر قسم جي تبديليءَ جي مزاحمت غالب رهي ٿي. هر شيءِ سخت يڪسانيت جي پابند هجي ٿي. پيداوار جا هڪ جهڙا ضابطا، هڪ بادشاهہ، هڪ عقيدو ۽ مذهبي شبيهن جو هڪ مجموعو. ان نظام ۾ انسان جو مقام بہ ان سان طئي ٿئي ٿو تہ ڪهڙي جماعت ذات يا خاندان ۾ پيدا ٿيو آهي. جاگيرداراٹي ترقي تنزلي ۾ نهي جي اڳيان رڪاوٽ ڪڙي ڪري ڇڏي ٿي. غلاميءَ جي دور ۾ اڪثر سڃي جون سڃيون قومون ۽ يڪتا ثقافتون دنيا جي هستيءَ تان مٽجي ويون پر جاگيرداري دور ۾ طبقاتي سماج مضبوطي سان قائم رهيو. ڪن ملڪن ۾ اهڙيءَ ئي حالت جو رحجان جمود ڏانهن ٿي. اهڙي ئي صورت ۾ حڪمرانن کي خيال آيو تہ ٽلهيون ٽلهيون ديوارون ڪڙيون ڪري پنهنجي پنهنجي ملڪن کي باقي دنيا کان الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏين، اهوئي سبب آهي جو ديوار چين جاگيرداراٹي عليحدگي ۽ سماجي جمود جو نشان باقي رهي.

مغربي ملڪن ۾ جنس جي متاستا ۽ دولن جي لاڳاپن جاگيرداريءَ جي منجمد معاشي صورتن ۾ هڪ متحرڪ عنصر داخل ڪري ڇڏيو، انهن

5. راست_ٹيڪ، سچ، صحيح، درست، سڌو (سنڌيڪار)

معاشي سببن نيون سماجي قوتون ۾ نيون سماجي تحريڪون پيدا ڪيون ۽ سائنس فلسفي ۾ فن جي ڪي ترقي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهي ئي اهي قوتون هيون جيڪي جاگيرداري نظام جي سماجي ۽ روحاني حدن کي چيري اڇتي نڪري ويون.

ڪجهه عرصي تائين جاگيرداري مذهب ۽ رياست جي مدد سان انهن قوتن کي دٻائڻ ۽ چيپاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن اهي قائم ٿيل ڍانچي جي حدن ۾ رهن . پر آخرڪار جاگيرداري ان جي مقابلي ۾ بيوس ثابت ٿي. تنهن ڪري جاگيرداريءَ جي جاءِ هڪ نئين تشڪيل، سرمائيداري، ورتي. سرمائيداري توڙي جو استحصال کي فروغ ڏنو ۽ تيز ڪيو پر اها ڪيئي لحاظ کان جاگيرداري جي ابتڙ هئي. خاص ڳالهه اها هئي ته مشيني پيداوار جي انقلابي ٽيڪنڪ کي بنياد بڻائي سرمائيداري نظام ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي ترقي جي لاءِ جديد صنعتي پيداوار کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ نئين ٽيڪنيڪي بنياد تي قومي معيشت جي نئين سر تعمير لاءِ وسيع شاهراهون کولي ڇڏيون.

سرمائيدار کي اهڙي مزدور جي ضرورت هئي جيڪو معاشي ترغيب جي بنياد تي پنهنجي محنت ڪري، سرمائيدار مزدور کان محنت جا ذريعا ۽ پيداوار پنهي کي جدا ڪري ڇڏيو ته جيئن هو پنهنجي محنت وڪرو ڪرڻ تي مجبور ٿئي. مزدور جي لاءِ محنت صرف روزي حاصل ڪرڻ جو ذريعو ٿي وئي ۽ سرمائيدار کي پيداوار صرف منافعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهربل هئي. انهن حالتن ۾ پيداوار انسان جي ترقي جو ذريعو نه پر انسان پيداوار جي ترقيءَ جو وسيلو بڻجي ويو.

تنهن ڪري سڄي طبقاتي تضاد رکندڙ تشڪيلن ۾ پورهيت انسان هميشه بندڻن ۾ ٻڌل رهيو. يا ته سڌو سنئون جهڙوڪ ٻئي جو غلام، نيم غلام هاري، وهم، تعصب ۽ انڌن عقيدن جو غلام يا اڄ سنڌي طرح سرمائيداري ۾، سرمائي جو غلام، شين جو پرزو، مادي شين جو غلام سڄي گذريل تاريخ ۾ ملڪن ۽ عوام جي رشتن ۾ مرحليوار واڌ ٿي حالانڪ اهو عمل غيرهموار هو ڇو ته ڪن عهدن ۾ مقرر رشتا ٽٽي ويندا هئا. ان سلسلي ۾ سرمائيداري فيصلائتي پيش قدمي ڪئي. ان ماڻهن جي هڪ ٻئي سان

پراڻي عليحدگي کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ انهن سڀني کي سرمائيدار ارتقا جي ڏارا ۾ گهلي نئين آباد ڪاري نئين سرزمين تي جبري قبضو، پورهئي جي ورڇ ۽ تجارت، عالمي منڊي جو قيام ۽ گوناگون معاشي تعلقات، زميني، سامونڊي ۽ فضائي اڇ وڇ جي ذريعي جي ترقي، ڇپائي، ريڊيو ۽ ٽيلي وزن جو فروغ انهن سڀني معاشي، سياسي ۽ ٽيڪنيڪي ذريعن ڏرتيءَ جي گولي تي مختلف قومن ۽ علائقن وچ ۾ طرح طرح جا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏني ۽ انهن ڳالهين پنهنجي جاءِ تي ثقافت، سائنس ۽ روحاني دولت جي شعبي ۾ بااثر وڏائڻ ۾ هٿ ونڊايو پر اهو عمل بہ فطري طور تي متضاد رهيو ڇو تہ ان جي شان شوڪت ۾ هڪ قوم جي هٿان ٻي قوم جو استحصال ۽ ان تي ظلم ۽ رياستن وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪراءَ بہ آيا. مظلوم ماڻهن جو استحصال ترقي يافتہ ملڪن جي بورجوازيءَ جي تونگري جو هڪ خاص ذريعو رهيو آهي.

ڪن ملڪن کي ڏٽڙيل رکڻ ۾ سرمائيدارن جي لاءِ فائدو هو. اتان اهي سستو مال ۽ محنت جي قوت حاصل ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ اوهان کي مختلف قومن ۾ سرمائيداريءَ کان اڳ جون تشڪيلون، قديم پنچائتي نظام کان وٺي جاگيرداريءَ تائين جي جديد بگڙيل ٻئي صورتون نظر اچي سگهن ٿيون.

سماجي ترقيءَ جي متضاد فطرت سماجي ارتقا جي انتهائي غيرهموار ۽ ڏکئي ڪردار مان بہ ظاهر ٿئي ٿي. تاريخ مان ثابت ٿئي ٿو تہ ترقي ڪڏهن بہ سڌي رخ ۾ نہ پر منجهيل طريقي سان ٿئي ٿي جنهن ۾ پسپائي، تڪرار ۽ جمود بہ شامل هجن ٿا. ائين بہ ٿيو آهي تہ انسانيت جيڪڏهن هڪ ميدان ۾ عروج حاصل ڪيو تہ ٻئي ۾ زوال سان بہ منهن مقابل ٿيڻو پيو. سماجي ايار ۽ انقلاب جي دور جي جاءِ تي رجعت پرستي جو زمانو آيو. نين حالتن نوان مسئلا بلڪ نوان خطرا کڙا ڪيا. هڪ يا ٻئي شعبي ۾ ترقيءَ رجعت پرست رجحان ۽ خواهشون پيدا ڪيون. ڪڏهن ڪڏهن سماجي ارتقا ۾ مشڪلاتن ۽ تضادن ماڻهن ۾ مايوسي جو احساس پيدا ڪيو ۽ بهتر مستقبل حاصل ڪرڻ جي امڪان تان ان جو يقين کڻائي ڇڏيو. ان جي پيٽ ۾ نئين اپرندڙ طبقي جو عالمي تصور مارڪس ازم—

لينن‌رم تاريخي اميد واري حالت ۾ ان اعتماد جو اظهار ڪري ٿو تہ مستقبل پورهيت عوام جو آهي. پر اها خوش اميدي سماجي ترقي جي مشڪلاتن ۾ تضادن کي ڪنهن بہ لحاظ کان نظرانداز نہ ٿي ڪري. ان سادي ۾ غيرذميوار رويي سان ان جو ڪو تعلق ڪونهي تہ "ڪاميابي اسان جا قدم چمندي."

اهو ڪارل مارڪس ئي هو جنهن ثابت ڪيو تہ سرمائيداري تاريخ جي آخري تڪراري سماجي تشڪيل آهي. بعد جي تاريخي ارتقا ان جي تصديق ڪئي.

اڄ سرمائيداري سنجيده معاشي، سماجي ۽ اخلاقي بحران مان گذري رهي آهي. سرمائيداراڻي نظام جو قائم رهڻ اسان جي دور ۾ سماجي ترقيءَ جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، اها ترقي جيڪا انساني تاريخ ۾ تبديلي جو عظيم نقطو هوندي.

انسانيت صرف ڪميونزم جي راهہ تي پنهنجي پيش قدمي جاري رکي سگهي ٿي.

سرمائيداريءَ کان ڪميونزم تائين عبور بہ هڪ ئي وقت نئين قسم جي سماجي ترقي جو ظهور آهي ۽ ترقيءَ جي متضاد صورتن کان غيرمتضاد صورتن تائين عبور بہ ڪميونسٽ تشڪيل ۾ ترقيءَ جون ممتاز خصوصيتون پيداواري ذريعن جي سماجي ملڪيت جي قيام ۽ استحصال جي خاتمي جي ذريعي سماجي تضادن کان ڇوٽڪارو، سماجي ارتقا جي قانونن تي عبور ۽ سماجي لاڳاپن کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ ان جو باشعور ۽ متوازن استعمال، معاشي انتظام جي مرڪزي جمهوري نظام ۽ اشتراڪي جمهوريت گهڙ پاسائين نشو نما ذريعي باشعور تاريخي عمل ۾ ڏينهون ڏينهن پورهيت عوام جي شرڪت، پيداوار تي انسان جي مفادن ۽ ضرورتن جي حڪمراني مادي ۽ روحاني قدرن ۽ سماجي لاڳاپن جي پوري نظام جو انسان جي گهڙ پاسائين ۽ هم آهنگ واڌ ويجهہ لاءِ تصرف ۽ شعور جي پر فريب صورتن کان نجات آهن.

انتهائي بلند خودڪار پيداوار جي مادي ۽ ٽيڪنيڪي بنياد تي وڌندي ويجهندي ڪميونسٽ سماجي لاڳاپن تي ٻڌل ڪميونسٽ تشڪيل جي ارتقا سان گڏوگڏ اهو بہ ممڪن ٿيندو تہ مارڪس جي بقول "هر فرد جي

آزاد نشو نما سيني جي آزاد نشونما جو شرط بڌجي وڃي." جڏهن سماج جي هڪ حصي جي نشو نما ٻئي حصي کي محروم نه ڪري ان وقت انسان بذات خود مقصد بڌجي ويندو ۽ ان جي نشوونما جي سطح عام سماجي ترقيءَ جي سطح جو پيمانو هوندي.

ڪميونسٽ تشڪيل تائين عبور انڊي ضرورت ڪان حقيقي آزاديءَ تائين هڪ ڇال آهي جتان انسانيت کان پهرين واري تاريخ جو خاتمو ۽ ان جي اصلي تاريخ جي ابتدا ٿئي ٿي.

هي نئين قسم جي ترقي اچانڪ ڪانهي پر آهستي آهستي ايندي پر هتي اهم نڪتو هي آهي ته اشتراڪي انقلاب برپا ٿيڻ ڪانپوءِ انسان اهي سماجي ذميواريون پورو ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿا جن کي حل ڪرڻ کان تضاد رکندڙ سماج قاصر آهي، يعني سماج جي آزاديءَ جو قيام انهن معنائن ۾ ته انسان پنهنجن سماجي لاڳاپن تي جعفراني ڪرڻ لڳي ٿو. تجربو ڏيکاري ٿو ته اها هڪ انتهائي مشڪل ذميواري آهي ۽ ان جي پوري تڪميل جي لاءِ ضروري آهي ته پهرين پيداواري قوتن، سائنس، ثقافت ۽ اشتراڪي شعور تمام گهڻو بلند هجي ٻيو ته مناسب سماجي ۽ معاشي ميڪينزم قائم ٿين.

اشتراڪي سماج ۾ انسان تاريخي عمل جي پاڻ پيدا ٿيل ڪردار تي فتح ماڻي ونڻ ٿا. اهڙي طرح سماجي ارتقا واري قانون کي سمجهڻ ۽ ان جو سمجهه پريو استعمال ضرورت بڌجي وڃي ٿو. تاريخ ۾ ماڻهن جي سماجي تاريخي سرگرمي اڳي ڪڏهن به خارجي سماجي ضابطن جي علم تي ايتري دارومدار رکندڙ ڪانه هئي. حقيقت اها آهي ته اشتراڪيت جي تعمير ۽ ڪميونزم ڏانهن سماج جي پيش قومي سائنسي، مارڪسي، لينني نظرئي ۽ ڪميونسٽ مزدور پارٽين جي سائنسي طريقي سان ترتيب ڏنل پروگرامن جي بنياد تي ٿئي ٿي جن ۾ نظرياتي اصول عوامي قدمن جي ٺوس منصوبي وانگر واضح طور تي بيان ڪيا وڃن ٿا. ڪميونسٽ تشڪيل ۾ سماجي ارتقا جي خارجي قانونن جي هڪ بيگاني قوت جي حيثيت سان انسان تي تسط ختم ٿي وڃي ٿو ۽ اهي انسان جي ڪنٽرول ۾ اچي وڃن ٿا.

اشتراڪيت ۾ سماج جي ارتقا باشعور ڪردار اختيار ڪري ونڊي

ٿي، ان معنيٰ ۾ نہ ته انسان پنهنجي مرضيءَ پتاندڙ تاريخ جي راهہ ڪري سگهن ٿا بلڪ انهن معنائن ۾ ته انسان تاريخ جي انهن قانونن مطابق عمل ڪري سگهن ٿا جن کي انهن سمجهي ورتو آهي. اهوئي سبب آهي جو اشتراڪيت ۾ ذميواري اها آهي ته سماج جي هر فرد جو شعور وڌايو ويجي ان جي ارتقا جي قانون جي سوچ سمجهہ جي سطح تائين بلند ڪيو ويجي. جيئن جيئن اشتراڪيت پروان چڙهي ٿي. عوام ڏينهون ڏينهن باشعور طور تي تاريخ جي تخليق ۾ حصو وٺي ٿو ان سان سماجي ارتقا جي رفتار تيز ڪرڻ ۾ زبردست مدد ملي ٿي.

هن مهل تائين جيڪو ڪجهہ چيو ويو آهي ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ نہ گهرجي ته اشتراڪيت ۾ بي قابو ارتقا جا ڪي بہ عنصر هوندائي نہ آهن ۽ انسان پنهنجي عمل جي نتيجن بابت پوريءَ طرح اڳڪٿي ڪري سگهن ٿا. حقيقت اها آهي ته ادراڪ جو عمل لا محدود آهي ۽ مخصوص حالتن ۾ خارجي ضابطي جي سمورن ضرورتن کي نظر رکڻ عملاً ناممڪن آهي تنهن ڪري ان جو سدائين امڪان رهي سگهي ٿو ته مختلف ضابطگيون پاڻ ئي ظاهر ٿين. ان کان علاوه سماج لاءِ صرف علم ئي ڪافي ناهي هوندو جنهن سان پاڻ پيدا ٿيندڙ عنصرن کي ضابطي ۾ آڻي سگهجي. ائين ڪرڻ لاءِ مادي وسيلن جي ضرورت هجي ٿي. مجموعي طور تي اشتراڪيت جيئن جيئن ترقي ڪري ٿي هر سماج، ماڻهن جي عمل ذريعي نتيجن جي ڏينهون ڏينهن صحيح اڳڪٿي ڪري سگهي ٿو ۽ انسانن جي باهمي ۽ فطرت سان گڏيل تعلقات تي باشعور طريقي سان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. ڪميونزم جي تعمير هڪ باشعور عمل آهي. اهو ڪروڙين انسانن جي باشعور سرگرمين جو نتيجو آهي. اهو بنيادي طور تي ڪميونسٽ سماجي تشڪيل جي قيام ۽ ارتقا جي هڪ نمايان خصوصيت آهي جيڪا پيداوار ۽ پوري سماجي زندگيءَ جي تنظيم جي بلندترين ۽ انتهائي معقول صورت آهي.

لهاذا سرمائيداريءَ کان اشتراڪيت تائين سفر سان گڏ سڃاڳيءَ جي منصوبہ بندي تنظيم ۽ مجموعي طور تي سماجي پئماني تي انسانن جي عمل جي سماجي نتيجن جي اڳڪٿي جي امڪانن ۾ اضافي جي مسلسلي

۾ باشعور سرگرميءَ جو ميدان تمام وڏو ٿي ويو ٿو. انسان جي عملي سرگرمي هڪ نئين بلند منزل ۾ داخل ٿي ويو ٿي. جيڪڏهن ماضيءَ ۾ انسان جي سرگرمي فطرتي شين ۾ بامقصد تبديليءَ سماجي زندگيءَ جي پاڻ مرادو بدلجندڙ مادي حالتن سان باشعور مطابقت ڪرڻ تائين محدود ٿي ته انقلاب ذريعي پراڻي نظام ۽ فرسوده کي باشعور طريقي سان ختم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اشتراکي انقلاب ڪامران ٿئي ٿو ته ماڻهو نون سماجي لاڳاپن جي تعمير ۽ پنهنجي باشعور سرگرمي ۾ شامل ڪري ونڻ ٿا.

ڪميونسٽ تشڪيل جي ارتقا دوران اشتراکيت جي منزل ۾ انسان معاشي ۽ سماجي سرگرمين جي تنظيم ۽ انتظام جي اهڙين مخصوص صورتن جي تخليق ۽ ان جي وسيع پيماني تي استعمال کان ٿا جيئن سڃي سماج جي پيماني تي اڳڪٿي ۽ منصوبہ بندي، دوستاڻو مقابلو، سائنسي رهبري، نظم ضبط وغيره. جيئن ته اشتراکي معاشرو سرمائيداري جي ڪُکَ مان جنم ونڊي ٿو تنهن ڪري ان کي ڪيترائي پراڻا معاشي ۽ سماجي مڪنزم ورثي ۾ ملن ٿا ليڪن اشتراکي نظام کين نئون مفهوم عطا ڪري ٿو ۽ پنهنجي نشو نما لاءِ استعمال ڪري ٿو. اشتراکي معاشرو جنسن جي پيداوار، قدر جي قانونن ۽ ذاتي مادي ترغيبن کي اشتراکي معيشت لاءِ ضروري عنصر وانگر استعمال ڪري ٿو. اها حقيقت آهي ته اشتراکيت ۾ انسان ذاتي مادي ترغيب ذريعي اشتراکي پيداوار ۾ حصو ونڊي ٿو جيڪو تاريخي ارتقا جي پراڻي طرز جي يادگار آهي، توڙي جو اشتراکيت ۾ ان جون نيون سماجي معنائون هجن ٿيون. مستقبل ۾ قدر جو قانون ۽ ان سان واسطو رکندڙ مظهر ختم ٿيندا ويندا ۽ معاشي ارتقا صرف ڪميونسٽ تشڪيل جي مخصوص قانون تحت ٿي ويندي.

اشتراکيت ۾ معاشري باضابطگين تي قابو ۽ سماج جي نظم ڀَنق ۾ هارت رياست ۽ قانون جي نظام جي مدد سان حاصل ڪئي ويو ٿي جيڪي اهڙين سماجي تنظيمن تي مشتمل هوندا آهن جن کي طبقا تي سماج پيدا ڪري ٿو. پر اشتراکي رياست پورهيت عوام جي رياست آهي، اهڙي نئين قسم جي رياست جيڪا اشتراکي انقلاب دوران رياستي مشنري جي کنڊرن مان ايري ٿي.

پنهنجي ارتقا دوران اشتراڪي معاشرو تاريخي ترقي جي پراڻي مربوط سرشتي جي عنصرن نئين طريقي سان استعمال ڪري ٿو ۽ مستقبل ۾ ان جي آهستي آهستي متبدل جا لازمي شرط تيار ڪري ٿو. انهن مربوط سرشتي جي حدن اندر ۽ مربوط سرشتي جي مدد سان، جنهن کي اشتراڪي معاشرو ماضي کان ورثي ۾ ونڊي ٿو، نئون مربوط سرشتو جوڙي ٿو جيڪو ڪميونسٽ تشڪيل لاءِ مخصوص هجي ٿو. تنهن ڪري اشتراڪي رياست جي ڏانچي اندر ۽ ان جي مدد سان ڪميونسٽ سماج جا نوان عنصر ظاهر ٿين ٿا.

تاريخي ارتقا جي مربوط سرشتي جو استعمال جيڪي تاريخي ترقي جي تضاد رکڻ واري منزل ۾ ئي پيدا ٿيا، تن جي حدن اندر تاريخي ارتقا جي بنياد طور نئين مربوط سرشتي جي مرحليوار تخليق جيڪي ڪميونسٽ تشڪيل جي خصوصيت هجن ٿا ۽ ماضيءَ کان ورثي ۾ ملیل عنصرن جو هوريان هوريان فنا ٿيڻ اهي سڀ ڪميونسٽ ترقيءَ جي اشتراڪي منزل جون ممتاز خصوصيتون آهن. اهو عمل متضاد هجي ٿو پر تضاد تڪراري نه هوندا آهن. اهي ڪميونزم جي بلند تريب منزل تائين رسائي ۾ ڪميونزم جي مادي ۽ ٽيڪنيڪي بنياد تي تعمير، ڪميونسٽ سماجي تعلقات ۽ اشتراڪي جمهوريت جي ترقي، نظم و نسق، ۽ تنظيم صورتن جي بهتري جي ذريعي حل ڪيا ويندا آهن.

ان سماجي ذميواريءَ جي تڪميل جو ڪميونسٽ ترقيءَ جي هڪ بئي بنيادي مسئلي سان گهرو تعلق آهي. معيشت، سائنس ۽ ثقافت جي سموري حاصلات جو استعمال خود انسان جي هم آهنگ نشو و نما جي لاءِ فرد جي آزاديءَ جي فروغ جي لاءِ انهن حالتن ۾ خود انسان، هر پورهيو ڪندڙ شخص، سماج جو هر رڪن نشوَ نما جي جنهن سطح تي پهچي ٿو اهو نئين سماج ۾ سماجي ترقيءَ جي سطح جو اظهار ۽ ماپو بني وڃي ٿو. هي بلند برنز ۽ انسان دوست ذميواري آهي ۽ ان جي تڪميل ڪميونسٽ ترقيءَ جو شاندار مقصد آهي. ڪميونزم هڪ اهري معقول سماجي تنظيم آهي جيڪا انتهائي اعليٰ ترقي يافته ٽيڪنيڪي بنياد تي پروسو ڪري ٿي، فطرت جي قوتن جي مزيد فتح يابي جي لاءِ، پنهنجن سماجي تعلقات

تي انسان جو ڪنٽرول وڌائڻ جي خاطر سڄي سماجي نظام ۾ سموري مادي ۽ روحاني ثقافت کي شخصيت جي هم آهنگ نشو و نما جي زير مقصد انسانن کي اخوت جي رشتن سان متحد ڪري ٿي. ڪميونزم جو مقصد تاريخ جي رازن جي کوجنا ڪرڻ آهي. ڪميونزم سماجي ترقيءَ جو اجتماع آهي ۽ ان سان گڏ اها عالمي سطح جو اظهار آهي. ڪميونزم اڪيلي سِرئي ذات کي المياتي حالتن جي حل جو دڳ ۽ رستو ڏسي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ديريا سوير سموريون قومون يقينا ڪميونزم ڏانهن قدم وڌائيندیون.

ان ۾ ذرو به شڪ ڪونهي ته ڪميونسٽ تشڪيل عالمي ٿيندي ۽ سموريون قومون آخرڪار هڪ گڏيل سطح تائين پهچي ويندیون جڏهن انسانيت جي گڏيل تاريخ لکي ويندي. اهو آهي سماج جي ارتقا جي امڪانن جي سوال بابت مارڪسزم جو رويو ۽ جواب.

اڄ جڏهن دنيا ۾ مختلف سماجي نظامن ۾ ورهايل آهي تڏهن ظاهر آهي ته مستقبل جي سوال تي هر نظام ۾ انسانيت جي ترقيءَ جي امڪانن تي سخت نظرياتي جدوجهد ٿي رهي آهي. بورجوا نظريه دان سماجي ترقيءَ جي سوال کي، توڙي ان جو رويو ڪهڙو به هجي، ٽاري نه ٿا سگهن جنهن سماجي نظام جي مفادن جي اهي وڪالت ڪن ٿا ان جي تقاضا آهي ته اهي ان جي مستقبل جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه ٻڌائين. ۽ اهو سائنسي ڪميونزم جي خيالن جو اهڙن قولن سان هر ممڪن طريقي سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو جنهن جي سائنسي سند ڏيئي سگهي ۽ جيڪي سائنس سان مشابهت رکندا هجن. اهوئي سبب آهي جو بورجوا تحريرن ۾ اسان کي نه صرف ترقيءَ جي خلاف "دليل" ملن ٿا، نه صرف ٽرمو نيوڪليائي جنگ جي خطري ۽ ان جي هولناڪ نتيجن جي پيش نظر مايوسي جو احساس نظر اچي ٿو بلڪ مستقبل جي اڳڪٿيءَ جي ڪوشش به ڏيکاءُ ڏئي ٿي. جيتوڻيڪ اهو ايندڙ چند ڏهاڪن جي باري ۾ ئي ڇو نه هجي ۽ اهو سڀ سماجي ارتقا جي رحجان جي "نظرياتي" تجزئي جي نالي تي ڪيو ويندي ٿو. انهن سماجي تقاضائن جو نتيجو اهو ٿيو ته هڪ نئون تصور ۽ ان جون مختلف صورتون پيدا ٿيون. اهو آهي "صنعتي سماج".

ان تصور جا باني پنهنجي ابتدائي نُڪتي وانگر اهو مارڪسي قول اڌارو ته وڌي وڃن ٿا پيداواري قوتن جي ترقي سماجي ارتقا جو بنياد آهي پر ان جو مفهوم مسخ ڪري چڏين ٿا. اُهي اِهو ته چون ٿا ته پيداوار جي سطح اهڙو بنياد آهي جيڪو متخلف سماجن جو پاڻ ۾ مقابلو ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿو پر پيداواري قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن جي وچ ۾ پابند قانوني رابطي کان انڪار ڪن ٿا ۽ براهه راست تيڪنيڪي ترقي سان سماجي ڍانچو اخذ ڪن ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سيني ملڪن جي جماعت بندي انهن جي پيداوار جي سطح مطابق ڪئي وڃي ٿي. جن ملڪن ۾ جديد صنعت ڪانهي تن کي "روايتي سماج" چيو وڃي ٿو ۽ جتي ترقي يافته صنعت آهي تنهن کي "صنعتي سماج" جو نالو ڏنو وڃي ٿو ۽ انهن لاءِ مخصوص عبوري صورتون مقرر ڪيون وڃن ٿيون. تنهن ڪري "صنعتي سماج" جي تصور ذريعي سرمائيدار ۽ اشتراڪي سماجن کي هڪ ئي قطار ۾ بيهاريو وڃي ٿو ۽ انهن کي "صنعتي سماج" جا رڳو مختلف نمونا قرار ڏنو وڃي ٿو.

"صنعتي سماج" جو تصور، جنهن کي ري. مونڊارون "اسان جي دور جو بنيادي تصور" قرار ڏئي ٿو، حقيقت ۾ اسان جي دور جي ان بنيادي حقيقت کي ڏڪڻو ڪرڻ آهي ته اسان جي دور جو مافيها سرمائيداري کان اشتراڪيت ۾ عبور آهي. مارڪس ازم جي مقابلي ۾ بورجوا نظريه دان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته اشتراڪيت سرمائيداري جي جاءِ تي نه ٿي اچي ۽ سرمائيداريءَ ۾ وڌيڪ ترقيءَ جا امڪان آهن. آخر اهي ڪهڙا امڪان آهي؟

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته دنيا اهڙي "واحد صنعتي سماج" ڏانهن وڌي رهي آهي جتي سرمائيداري ۽ اشتراڪيت وچ ۾ فرق بلڪل مٽجي ويندا ۽ انهن جي اهميت ثانوي ٿي ويندي. ان خيال جا علمبردار گهٽائي ماڻهو آهن. انهن ۾ ساڃي ڏر جا سوشل ڊيموڪريسي جا نظريه دان به شامل آهي. ڪيترن ئي بورجوا عمرانيات جي ماهرن (جن ۾ پي. ٽي م سوروئين قابل ذڪر آهي) "سنگم" جو نظريو پيش ڪيو آهي، هنن جي خيال مطاق سرمائيداري ۽ اشتراڪيت هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيا آهن


۽ جڙ اها ويجهڙائي اڄ ئي ٿي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ گذريل سمورن نتيجن جو "سماجي ثقافتي ميلاپ" ٿي ويندو. بين بورجوا ماهرن عمرانيات جي راءِ آهي ته صنعتي سماج وڌيڪ ارتقا جي ڪري ڪميونزم هر امڪان کان محروم ٿي ويندو آهي. ان جي وڪالت ڪرڻ وارن ۾ ڪٽر ڪميونسٽ دشمن والٽ روسو به شامل آهي جيڪو "معاشي ترقيءَ جون منزلون "روايتي" ذريعن جو خالق آهي ان جون "منزلون" سماجي ارتقا جا مختلف ڏاڪا آهن جن جي ابتدا "روايتي" سماج مان ٿئي ٿي ۽ خاتمو "بلند عوامي صارف" سماج تي ٿئي ٿو. هن جي خيال ۾ آمريڪا ان منزل تي پهچي چڪو آهي. سوويت يونين ڪميونزم جي ڪري ان منزل تي نه پهتي آهي ۽ "بلند عوامي صارف سماج" ڏانهن شعر سان گڏ ڪميونزم لازمي طور تي "ڪُومائجي" ويندو. انهن بي معنيٰ دعوائن کي روسو "غير ڪميونسٽ منشور" جي نالي سان ظاهر ڪري رهيو آهي. اهو خيال ڪو نئون نه آهي. ان خيال کي مارڪسزم ڪافي وقت اڳ ۾ غلط ثابت ڪري چڪو آهي ته ڪميونزم جو مطلب پيداوار جي ترقي ۾ ڪريل سطح، غربت ناداري آهي.

حقيقت اها آهي ته ڪميونزم لامحدود پورهيت عوام لاءِ مادي پلائي ۽ ترقي جا امڪان فراهم ڪري ٿو. پر اهو ان ترقيءَ کي ئي مقصد قرار نه ٿو ڏئي بلڪ ان کي مادي قدرن جي ڳٽتي ۽ پريشاني کان انسان جي نجات جي ۽ ان جي مفادن کي تخليقي سرگرمي جي ميدان ۾ تبديل ڪرڻ جو شرط ۽ وسيلو تصور ڪري ٿو.


سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي تيز رفتار ترقي، تنظيم، نظم ضبط، اليڪٽرونڪ ڪمپيوٽر (پيداوار جي خود ڪاري جي سلسلي ۾ پيداوار جي جزن ۾ زبردست ترقي مان ڪن بورجوا نظريه دانن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته "صنعتي سماج" جي منزل خود تاريخي اعتبار کان محدود آهي ۽ ايندڙ پي منزل "صنعتي سماج کانپوءِ" واري هوندي. اهو اصطلاح گهڙڻ وارو دي نيل بيل آهي. اصطلاح جو مطلب اها منزل آهي جتي 2000ع ۾ آمريڪا ۽ سڄي دنيا جا آگرين تي ڳٽڙ جيترا سيڪ کان وڌيڪ شاهوڪار ملڪ پهچندا. ان جي راءِ ۾ باقي ملڪ يا "صنعتي" سماج جي منزل ۾ هوندا يا "صنعتي سماج کان اڳ" واري معاشري جي منزل ۾.


بيشڪ "صنعتي سماج" جو تصور بلڪل ب بي بنياد ڪونهي اهو صحيح آهي ته سرمائيداري ۾ اشتراڪيت پڻهي ۾ جديد صنعت ڪي ڳڏيل رجحان ۾ سبب پيدا ڪري ٿي، مثلاً ڳوٺن جو شهرن ۾ تبديل ٿيڻ، روزمره جي زندگي ۾ انقلاب وغيره. ۾ اهو ب صحيح آهي ته سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ سان غربت ڪي مٽائڻ ۾ سماجي مسئلن ڪي سلجهائڻ لاءِ وسيع امڪان ملن ٿا. پر انهن مان ڪو ب دليل ان بنيادي حقيقت جي تردید نه ٿو ڪري سگهي ته اهي ب نظام، سرمائيداري ۾ اشتراڪيت، هڪ ٻئي جو ضد آهن. ان ڪي ئي بورجوا نظريه دان مختلف تصورن ذريعي لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن جو مقصد صاف آهي ته هو اهو غلط ثابت ڪرڻ چاهين ٿا ته ڪو سرمائيداريءَ جي جاءِ تي اشتراڪيت جو ڪامياب ٽيڪ لازمي آهي ۾ صرف اشتراڪيت ئي جديد سماجي ترقيءَ جي سيني بنيادي مسئلن جو حل پيش ڪري ٿي.

هر قوم پنهنجي مختلف تاريخي ارتقا جي سطح ثقافتي ۾ تاريخي روايتن جي مطابق پنهنجي بينظير طريقي سان اشتراڪيت ۾ ڪميونزم ڏانهن وک کڻي رهي آهي. اهو رستو اٽانگو ب آهي ۾ ڪامرانين ۾ شڪستن سان پريل ب اها سخت جدوجهد جي راهه آهي. تخليقي مارڪس ازم-لينن ازم جي ڏمياري ان ئي گهڙ پاسائين سببن جو نيڪ اندازو لڳائڻ ۾ هر مخصوص موقعي تي صحيح پاليسي ڪي ترتيب ڏيڻ آهي.






















پيڪاڪ بُڪ هائوس

404 رفيق سينٽر، ويجھو زينب مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي.

فون نمبر: 021-35680607, 35682020 موبائل 0341-2570527

ISBN # 978-969-9543-47-0

Rs. 600

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.